ترقي پسند فڪر جو مطالعو

مصنف: قربان علي بگٽي
مرتب: ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري

سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ
۴۰۰-بي- لطيف آباد نمبر ۴- حيدرآباد

سوره سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان سوره ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

كتاب جو نالو: ———— ترقي پسند فڪر جو تنقيدي مطالعو

مضامين: ———— قربان علي بگٽي

مرتب: ———— ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري

ڪمپوزنگ: ———— اسلامڪ ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر

٥٠ ۴-بي- لطيف آباد ۴ حيدرآباد

ڪمپوزر: ———— اشتياق احمد- امتياز احمد

هديو: ————١٢٥ رپيا

سن اشاعت: ———— آگسٽ- ٢٠٠٠ع

ملڻ جو هنڌ: ————

فهرست مضامين

نمبر	عنوان	صفحو
١	ڪتاب "جيئن ڏٺو آهہ مون" : مصنف جي ايم سيد	١٥
٢	ڪتاب سنڌ جا سورما ـ مصنف جي ايم سيد	٨٥
٣	سائين جي ايم سيد جي ڪتاب جي مهاڳ تي ناقدانہ نظر	١٦٦
٤	ڪتاب جو نالو: شاه سچل، سامي مصنف: محمد ابراهيم جويو	١٩١
٥	رسول بخش پليجو جو ڪتاب "مائوزي تونگ" هڪ تجزيو هڪ مطالعو	٢٦١
٦	رسالہ مهراڻ جو "گرامي نمبر"	٢٩١
٧	ڪتاب شعبدات فارسي ۽ مسٽر سراج الحق ميمڻ	٣١٣
٨	شاه لطيف جي شاعري : از ڊاڪٽر تنوير عباسي	٣٣٨

مهاڳ

زير نظر ڪتاب سنڌ جي ممتاز دانشور قربان علي بگٽي مرحوم جي انهن تنقيدي مضمونن تي ٻڌل آهي، جيڪي اڄ کان ٢٦ - ٢٧ سال اڳ ماهانه رهبر ڊائجسٽ ۽ ماهانه سنڌي ڊائجسٽ حيدرآباد ۾ شايع ٿيندا پئي رهيا. هي ڪتاب سنڌي ٻولي ۾ تنقيدي ادب ۾ هڪ اهڙو قيمتي اضافو آهي، جيڪو پڙهندڙن کي حق، سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ بهترين ڪسوٽي فراهم ڪري ٿو ۽ پنهنجي ٻولي ۾ نظرين ۽ فلسفن کي پرکڻ، سمجهڻ، غلط نظرين ۽ دعوائن کي رد ڪري، صحيح نظريي تائين پهچڻ جون راهون متعين ڪري ٿو. ڪتاب جي مطالعي سان پڙهندڙن کي جتي تنقيدي ادب بابت بيش بها معلومات حاصل ٿئي ٿي ۽ موجوده دور جي ممتاز ڏاهن ۽ مفڪرن جي فڪر جي تنقيدي مطالعي جو موقعو ملي ٿو ۽ انهن جي فڪر کي علمي ۽ تحقيقي طور سمجهڻ جون واٽون نڪرن ٿيون، اتي ڪتاب مان فڪر، فلسفي، نظرين، تاريخ، تهذيب ۽ مذهب بابت پڻ قيمتي معلومات حاصل ٿئي ٿي. اهڙي معلومات جنهن سان قارئين جا ذهن روشن ٿيو وڃن ٿا.

سنڌي ادب ۾ گذريل ستن سالن کان وٺي علم ادب، جديديت نئين تحقيق ۽ سائنسي حقيقتن جي نالي تي ڪن ڏاهن جي پاران جيڪو فڪر پيش ٿي رهيو آهي، جنهن اسان جي خالي ذهن، نسلن کي ڪافي متاثر ڪيو آهي، انهيءَ فڪر جي حقيقت کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ ”ترقي پسند فڪر جو تنقيدي مطالعو“ اهڙو ڪتاب آهي، جيڪو علم، تحقيق، استدلال ۽ تنقيد جو بهترين نمونو آهي. جيئن ته ڪتاب جو ليکڪ پاڪيزه نظريي ۽ پاڪيزه تهذيب جو علمبردار آهي، ان ڪري سندس تنقدي مطالعي ۾ تنقيد برائي تنقيد جو جذبو شامل ناهي. بلڪ سندس تنقيدي مطالعي ۾ حقيقتن کي پيش ڪري، متعلقه ڏاهن جي غلطين ۽ غلط فهمين کي نروار ڪري، ڪين وڏيڪ غور فڪر جي دعوت ڏني وئي آهي.

اسان جي نقاد جي تحرير ۾ جيڪو جذبو ڪارفرما آهي، سو اهو آهي ته غلط نظرين کي غلط دليلن ۽ تلاش تحقيق جي مجهول اصولن ۽

صحيح تاريخي حوالن ۽ مستند ڪتابن جي حوالن کان سواءِ پيش ڪرڻ جون ڪارشون (جيڪي سنڌ جي مٿين ڏاهن جي طرفان ٿينديون رهيون آهن) انهن ڪوشش کي ڀنڀور ڏنو وڃي ۽ پڙهندڙن ۽ خود واسطيدار ڏاهن کي اها دعوت ڏني وڃي ته علم ۽ ادب جو مرڪزي ۽ حقيقي نڪتو ۽ پيغام ڇا آهي، فڪر ۽ فلسفي جي، انسان کان تقاضا ڇا آهي ۽ ڪائنات ۾ انسان جو مقام ۽ حيثيت ڇا آهي. انهن موضوع تي غيرجذباتي طور تي سوچڻ ۽ سمجهڻ جا موقعا فراهم ڪيا وڃن. جيئن ته اسان جي مٿين ممتاز ڏاهن غلط فڪر جي رهنمائي ۾ رهي، غلط سلط مطالعي ۽ حوالن ۽ دليلن ذريعي سنڌ جي نئين نسل کان غيرجذباتي طور تي سوچڻ ۽ سمجهڻ جا موقعا گهڻي ڀاڱي کسي ڇڏيا هيا. ان ڪري زيرنظر ڪتاب ۾ تنقيدي مطالعي ذريعي مٿين ڏاهن جي علمي ۽ عقلي غلطين، استدلال جي ڪمزورين ۽ تاريخي واقعن کي غلط نموني سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ۽ غلط دعوائن کي واشگاف ڪري، واضح ڪيو ويو آهي ته اسان جا مٿيان ڏاها حق جي نالي تي باطل ۽ ڪوڙ کي فروغ ڏئي رهيا آهن. اهڙي طرح اهي نئين نسل کي اهڙي وات تي وٺي وڃي رهيا آهن، جيڪا علم، ادب، تلاش ۽ سائنٽيفڪ حقيقتن جي نالي تي، حق، سچ ۽ صداقت کان منهن موڙڻ جي وات آهي.

اسان وٽ جديديت جي نالي تي فردن کي پنهنجي پاڪيزه تهذيب ۽ ان جي روح کان پري ڪرڻ جون جيڪي ڪارشون مٿين ڏاهن جي پاران شروع ڪيون ويون هيون، اهي دراصل مغرب ۾ مذهب جي ناڪامي، ڪائنات جي مادي توجيه ۽ تشريح جي وڌندڙ نظرين، رياست جي نظام جي سيڪيولرزم ۽ عقليت جي آڌار تي هلائڻ جي فيصلن، مذهب کي نظام زندگي، جي حيثيت سان رد ڪرڻ جي ڪارشن کان متاثر ٿيڻ جي نتيجي ۾ ٿيون هيون. پر مغرب ۾ مذهب کي مسترد ڪري، خالص عقليت جي آڌار تي نظام زندگي، کي هلائڻ جو جيڪو فيصلو ٿيو هو، اهو مسخ شده مذهب جي غيرفطري تعليمات ۽ پادرين جي عقل سليم جي خلاف فتوائن ۽ فطرت ۽ فطري حقيقتن سان ٽڪرائيندڙ فڪر جي ردعمل ۾ ٿيو هو. جڏهن ته مشرق ۾ اسلام جي

فطرت سان ٺهڪندڙ صاف شفاف ۽ مڪمل تعليمات ۽ مولويءَ جي انقلابي ڪردار ۽ مذهب اسلام. جي پاران عقل سليم جو آخري حدتائين ساٿ ڏيڻ جي روش جي ڪري، اهڙي قسم جي ردعمل جو ڪوبہ جواز موجود ڪين هيو، نہ وري هتي اهڙي قسم جون حالتون ڪنهن بہ حدتائين موجود هيون، ان جي باوجود اسان جي مٿين ڏاهن جي پاران دين اسلام جي صداقتن کي مسترد ڪري، خالق ڪائنات ۽ سندس ڏنل تعليمات کان انڪار جي روش اختيار ڪرڻ ۽ توحيد، رسالت، اسلامي شريعت، اسلامي تعليمات ۽ اسلام جي نمائنده شخصيتن ۽ اسلامي تهذيب جي خلاف ڪات ڪهاڙا ڪڻڻ ۽ نئين نسل کي مختلف طريقن ۽ بهانن سان پنهنجي پاڪيزه تهذيب کان باغي بڻائڻ جون ڪاوشون ۽ ڪين نيشنلزم، ترقي پسند ۽ غلط نظرين جو پوڄاري بڻائڻ جون ڪوششون ڇو آهن ۽ انهن جو مقصد ڇا آهي؟ ان ڏس ۾ جيڪڏهن اهو چئجي تہ غلط نہ ٿيندو تہ اهي ڪاوشون دراصل فطرت ۽ فطرت جي وحدت واري خوبصورت نظام سان ٽڪرائيندڙ آهن. انهن ڪوششن جو حق، حقيقت ۽ صداقت سان ڪو تعلق ناهي، بلڪ اهي جبلت ۾ موجود بهيمانہ تقاضائن جو نتيجو آهن. جيئن تہ حق صداقت ۽ باطل جو وجود هميشہ رهيو آهي ۽ انهن جو مقابلو بہ شروع کان جاري آهي، ان ڪري بنا وڏاءَ جي اهو چئي سگهجي ٿو تہ اسان وٽ مٿين ڏاهن جي پاران علم ۽ ادب جي نالي تي حق ۽ صداقت سان ٽڪرائڻ جون اهي ڪاوشون ازل کان شروع ٿيل انهي، تاريخي ڇڪتاڻ جو نتيجو آهن. قربان علي بگٽي صاحب زيرنظر ڪتاب ۾ انهن ڪوششن جو علمي، تحقيقي ۽ استدلالي رد پيش ڪري، حق ۽ صداقت کي نروار ڪرڻ جي اهم ڪوشش ڪئي آهي.

اسان جي مٿين ڏاهن جي فڪر جو سمورو تعلق اسلام، اسلامي شعائر، اسلامي تهذيب، اسلامي تاريخ کي رد ڪرڻ سان آهن. مٿين ڏاهن جو مذهب کي ماڻهن جي اتحاد ۽ ايڪي جي راهہ ۾ رڪاوٽ قرار ڏيڻ، راجا ڏاهر کي سنڌ جو هيرو ثابت ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ، موهن جي دڙي جي تقدس کي ثابت ڪرڻ لاءِ ان کي سنڌ جو بيت المقدس چوڻ، عربن تي اهو الزام مڙهڻ تہ هنن ڪتاب دشمنيءَ جو

مظاهرو ڪري، مفتوح علائقن جون لائبريريون ساڙايون، سنڌ جي فتح لاءِ عربن جي هوس راڻيءَ کي ذميوار ٺهرائڻ، خدا جي تصور کي ابتدائي دور جي ماڻهن جي مرعوبيت جو سبب قرار ڏيڻ، غرض ته مٿين ڏاهن جون اهي ۽ انهيءَ قسم جون سيئي دعوائون ۽ ڪوششون ان ڪري آهن، ته ماڻهن جي اسلام، اسلامي تهذيب ۽ اسلامي تاريخ تي اعتماد کي ختم ڪيو وڃي ۽ سنڌي نوجوان کي جديديت ۽ علم ادب جي نالي تي دين و مذهب، پاڪيزه اسلامي تهذيب ۽ ان جي بنيادي صداقتن کان پري ڪيو وڃي. جيئنته مغرب ۾ مذهب کان جان ڇڏائڻ جي نتيجي ۾ وڌندڙ روحاني بي چيني، اخلاقي خرابين ۽ بي پناهه نفسياتي، وجداني، اعصابي ۽ ذهني دٻاءُ، ڇڪتاڻ ۽ دنيا کان بيزاري واري روش ۽ سوويت يونين جي زوال کان پوءِ سنڌ ۾ به ترقي پسند حلقي جو سحر ٽٽو آهي ۽ انهيءَ فڪر سان وابسته فرد مذهب جي تلاش ۾ پيرن فقيرن ۽ درگاهن جا چڪر ڪاٽي رهيا آهن ۽ ترقي پسند نوجوان نئين سري سان مذهب جو مطالعو ڪري رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ ٢٥ سال اڳ شائع ٿيندڙ هن مضمونن جي اشاعت جو مقصد صرف اهو آهي ته پڙهندڙن کي اها ڄاڻ پيدا ٿئي ته فطرت ۽ فطرت جي اصل پيغام کي مسترد ڪندڙ ڏاها عقل جي فريب ۾ ڪيترو اڳتي وڌي وڃن ٿا ۽ اهي حق ۽ صداقت جي پيغام کي رد ڪرڻ لاءِ اڪيون ٻوٽي ڪهڙي نموني سان غلط حوالن ۽ جڙتو دليلن سان بحث ڪن ٿا.

زير نظر مضمونن کي نئين سر جوڙي ڪتابي صورت ۾ پڌري ڪرڻ مان اسان جو مقصد ترقي پسند ڏاهن ۽ انهن سان لاڳاپيل فردن سان بحث ڪرڻ يا ڪين ضد ۽ ڪاوڙ جي نفسيات کي پڪو ڪرڻ هرگز ناهي. اسان جي پيش نظر علم و ادب ۽ استدلال جي حوالي سان تنقيدي ادب جي روشنيءَ ۾ حق ۽ صداقت جي پيغام کي نروار ڪرڻ آهي ۽ غلط فڪر جي حامل ڏاهن ۽ انهن سان واسطو رکندڙ فردن کي خود پنهنجي فڪر تي نئين سري سان غور و فڪر جي دعوت ڏيڻ آهي. اسان جو نقطهٔ نگاهه اهو آهي ته فطرت، فطري صداقتن، فطري پيغام ۽ الهامي تعليمات کي رد ڪرڻ کان پوءِ نفس جي شيطان کان متاثر بلڪ

نفس جي خواهشن جي ور چڙهندڙ عقل جي آڌار تي زندگي جو نقشو مرتب ڪرڻ سان نہ تہ اجتماعي زندگيءَ جو نظام صحيح طريقي سان جڙي سگهي ٿو ۽ اسان جا سماجي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلا بهتر طور سان حل ٿي سگهن ٿا. نہ وري فرد داخلي بي چينيءَ جي هميشہ واري عذاب کان نجات حاصل ڪري سگهن ٿا. ان جو زنده مثال موجوده ماده پرست دنيا جي صورتحال آهي. ترقي يافتہ قومن وحي ۽ رسالت جو انڪار ڪري، عقل جي آڌار تي نظريا گهڙيا، انهن نظرين مطابق قومي نظام هلائڻ جي ڪوشش ڪئي، ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ خانداني نظام تباه ٿي ويو. پاڪيزه انساني رشتن جو وقار ختم ٿي ويو. خودغرضي ۽ مفادپرستي ۾ انسان ايترو اڳتي وڌي ويو، جو دولت، ناڻو ۽ پيسو ئي نصب العين بنجي ويو. روحاني، باطني، نفسياتي ۽ ذهني سڪون موڪلائي ويو، انسان جو معاشي مسئلو ايترو مشڪل ٿي ويو جو اربين انسانن لاءِ ٻن وقتن جي روٽي دشوار ٿي وئي. اها سموري صورتحال عقل کي خدا جي جاءِ ڏيڻي، عقل جي ذريعي ئي انساني نظام هلائڻ جي ڪري پيدا ٿي آهي. جديد سنڌ جا ماده پرست ۽ ترقي پسند ڏاها بہ مغرب جي ماده پرست ڏاهن جي ڪڍ لڳي، اسان جي مسلم سماج کي بہ انهيءَ واٽ تي وٺي وڃڻ لاءِ ڪوشان رهيا آهن، پر الله جي فضل سان سندن ڪوششون ناڪام ٿيون آهن.

"ترقي پسند فڪر جو تنقيدي مطالعو" ڪتاب جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ جي ايم سيد صاحب، محمد ابراهيم جويو صاحب، رسول بخش پليجو صاحب ۽ سراج الحق ميمڻ صاحب وغيره پنهنجي فڪر ۽ تحرير جو بنياد جن واقعن، دليلن، حوالن ۽ نڪتن تي رکيو آهي، سندن اهي دليل ۽ حوالا ڪيترا جڏا، ڪمزور ۽ ناقص آهن، اهڙن ڪمزور دليلن ۽ نڪتن جي آڌار تي قوم کي پنهنجي حقيقي تهذيبي سلسلي کان محروم رکڻ ۽ پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، ان کي وڌ ۾ وڌ لفظن ۾ ناداني ئي چئي سگهجي ٿو. بکٽي صاحب مٿين ڏاهن جي تحرير ۽ فڪر تي ڀرپور علمي تنقيد ڪري، انهن جي اصليت کي پڌرو ڪيو آهي، جنهن مان پڙهندڙ محسوس ڪندو تہ علم ادب ۽ نظريي جي نالي تي جيڪو فڪر مٿين ڏاهن جي پاران ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

آهي، اهو دراصل فڪر، فلسفو ۽ نظريو ناهي، بلڪ چند خيال آهن ۽ ڪجهه ذاتي سڌون آهن، اهي خيال ۽ سڌون اهي آهن ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي قيمتي تهذيب تان هٿ ڪڻي، جديديت ۽ نئين تحقيق جي نالي تي ماده پرست خيالن کي اپنائي يا هندي تهذيب جي رنگ ۾ رنگجي، پنهنجي انفرادي اسلامي تشخص کي وڃائي ويهي. انهن خيالن ۽ سڌن کي علم ۽ ادب ۽ جديد تحقيق جي رنگ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، بگٽي صاحب پنهنجي مؤثر دليلن ۽ مضبوط ۽ ناقابل ترديد حوالن ذريعي ذاتي خيالن ۽ خواهش تي ٻڌل انهيءَ فڪري عمارت ۽ ان جي نقشي کي پرزا پرزا ڪيو آهي، جنهن لاءِ هو اهل سنڌ پاران تحسين جو مستحق آهي.

"ترقي پسند فڪر جو تنقيدي مطالعو" ڪتاب ۾ شامل مضمونن جي باري ۾ اهو بيان ڪرڻ ضروري آهي ته هي مضمون جنهن دؤر ۾ لکيا ويا هيا، اهو سخت نظرياتي ڇڪتاڻ جو دور هو، ترقي پسند ڏاها ڪن داخلي يا خارجي طاقتن جي پٺ ڀرائي تي اسلام، پاڪيزه اسلامي تهذيب، اسلامي شعائر، پاڪستان ۽ ملت اسلاميه جي نظريي تي اهڙي بي باڪيءَ سان حملا ڪري رهيا هيا جو درد مند دلين لاءِ انهن کي برداشت ڪرڻ مشڪل هو. ان ڪري زير نظر مضمونن ۾ مصنف جي تنقيد ۾ ڪٿي ڪٿي احساس جي شدت غالب آهي، ان جو بنيادي سبب جيئن عرض ڪيو ويو، ان وقت جون خاص حالتون هيون. جيتوڻيڪ اسان ڪوشش ڪئي آهي ته وقتي حالتن جي اثرهيٺ استعمال ٿيل لفظن ۾ مناسب ڦيرڦار ڪئي وڃي، پر ان جي باوجود ڪن جاين تي مصنف جو سخت انداز بيان قائم رکيو ويو آهي.

زير نظر ڪتاب ۾ جن شخصيتن جي فڪر ۽ ڪتابن تي تنقيد ڪئي وئي آهي، انهن ۾ جي ايم سيد جو ڪتاب "جيئن ڏٺو آهه مون" "سنڌ جا سورما" پاڪستان ماضي حال مستقبل ڪتاب جي مهاڳ تي تنقيد شامل آهي، ان کان سواءِ محمد ابراهيم جويو صاحب جي ڪتاب "شاهه سچل، سامي" رسول بخش پليجو جي ڪتاب مازري ٽونگ، رسالي مهراڻ جي گرامي نمبر، ڊاڪٽر تنوير عباسي جي ڪتاب، مسٽر سراج الحق جي ٻولي تي لکيل ڪتاب تي تنقيد شامل آهي.

"ترقي پسند فڪر جو تنقيدي مطالعو" ڪتاب ۾ ٻگهي صاحب جي، پير حسام الدين راشدي صاحب ۽ شيخ اياز جي فڪر تي ڪيل تنقيدن کي شامل نہ ڪيو ويو آهي. ان جو بنيادي سبب اهو آهي تہ پير حسام الدين راشدي صاحب ممتاز محقق جي حيثيت سان جيڪا تحقيق ڪئي آهي، اها مجموعي طور تي اسلام ۽ ملت اسلاميہ جي نقطہ نگاهہ سان مفيد ۽ ڪارائتي آهي. محمد ابراهيم جويو صاحب جهڙن ترقي پسند دوستن جي صحبت ۾ اچي هن عربن تي لائبريرين سائنس جو جيڪو الزام مڙهيو آهي، سنڌس اها غلطي معاني جوڳي آهي. جيستائين شيخ اياز تي ڪيل تنقيد جو تعلق آهي تہ شيخ اياز صاحب تہ ماشاء الله پنهنجي پرائي فڪر تان ہاڻ ئي هٿ کڻي اسلامي فڪر جي وات تي گامزن ٿي چڪو هو. ان ڪري شيخ صاحب تي ڪيل تنقيد جي ٻڻ ضرورت باقي نہ رهي آهي.

"ترقي پسند فڪر جو تنقيدي مطالعو" ڪتاب ۾ شامل مضمونن جي اشاعت لاءِ اسان جو دوست محترم جناب عبدالرحمان چنڙني صاحب ڪافي وقت کان وٺي متفڪر ۽ منتظر هو. چنڙني صاحب اهي مضمون اشاعت لاءِ اسان کي موڪليا. جنهن لاءِ اسين موصوف جا ٿورائتا آهيون. جيئن تہ ٻگهي صاحب جا گهڻا مضمون ڊاڪٽر عبدالجبار عابد صاحب جي رسالي رهبر ڊائجسٽ ۾ شائع ٿيا هيا بلڪ عابد صاحب جي گهڻي زور ڀرڻ تي ٻگهي صاحب تنقيدي مضمونن جو اهو سلسلو شروع ڪيو هو ان ڪري ڪتاب جي ترتيب لاءِ عابد صاحب جو نالو ئي وڌيڪ بهتر هو. محترم عابد صاحب پروفن تي ٻڻ گهري نظر وڌي آهي. جنهن لاءِ اسين سنڌس ٿورائتا آهيون.

محمد موسيٰ ڀٽو

٢٠ جون، ٢٠٠٠ع

مرتب پاران

ادب ۾ جيستائين تنقيدي جائزو شامل ناهي ٿيستائين ان جي صحيح پرک ٿي نه ٿي سگهي. سنڌ ۾ ۽ سنڌي ادب ۾ ادبي، سياسي، سماجي ۽ تاريخي طور تي ويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ ڪتابن توڙي مضمونن ۽ ڪهاڻين جي چند چاڻ وڏي پئماني تي ٿيندي هئي. جيتوڻيڪ اخباري صنعت ان دور ۾ ايتري ترقي نه ڪئي هئي، تنهن هوندي به اديبن، شاعرن، ليکڪن ۽ دانشورن انهيءَ عمل ۾ ڪوتاهي ڪانه ڪئي. ان دور جو ادبي ۽ صحافتي سرمايو اڄ به شاهد آهي. البته اها تنقيد ۽ جائزو ڪڏهن ڪڏهن نه ادبي حدون اورانگهي ذاتي ۽ شخصي حدن ۾ داخل ٿي ويندو هو.

آزادي کان ٿورو اڳ ۽ پوءِ انهيءَ عمل ۾ ڪافي گهٽتائي اچي وئي. پر جيئن ته ١٩٣٥ع کان شروع ٿيل عالمي ترقي پسند تحريڪ جي ڪري سنڌ ۾ به سنڌي ادب انهي فڪري تحريڪ کان لاتعلق رهي نه سگهيو. پهرين ته هتان جا هندو اديب خاص طور تي ان کان متاثر ٿيا ۽ پوءِ انهن جي دوستي يا انهن جي تدريسي عمل کان متاثر ٿي مسلمان اديبن ۽ ليکڪن پڻ اثر قبول ڪيو. بلڪه نوان جي جستجو ۾ هر مذهب، اخلاق ۽ آداب جون حدون به پار ڪري ويا. ويتر جو انهيءَ تحريڪ کي سوشلزم، ڪميونزم ۽ نيشنلزم جي تحريڪن جي فڪري توڙي عملي حمايت حاصل هئي، نتيجي ۾ هتان جو آزاد خيال ليکڪ اچا به وڌيڪ آزادي محسوس ڪرڻ لڳو ۽ پاڻ کي ادبي طور تي ڪڏهن به ڪنهن به انداز ۾ پابند محسوس نه ڪيو. هنن اديبن شعوري طور تي علمي، ادبي توڙي تاريخي مواد اجهڙي نه انداز ۾ پيش ڪرڻ شروع ڪيو جو آخرڪار بين علائقن، ملڪن توڙي ٻولين جي پيٽ ۾ سنڌ ۾ ۽ سنڌي ادب ۾ وڏو ٽڪراءُ پيدا ٿي پيو ۽ معاملو عدالتن تائين پهتو. ڪيترائي معروف اديب ۽ دانشور توڙي صحافي روزاني جي روايتي معمول کان هٽي ڪري عدالتي ڪٺهڙن ۾ بيان ڏيندي

نظر آيا. انهيءَ جهيڙي جي نتيجي ۾ ادبي تنقيدون ۽ جائزا وڏي پئماني تي رڪجي ويا ۽ ادبي ترقيءَ ۾ اشاعتي طور تي پرک خال خال نظر ٿي آئي. البت روزانہ مهراڻ سيد سردار علي شاهہ جي ادارت ۾ اهو فرض ڪي قدر ادا ڪندي رهي.

١٩٧٠ع جو ڏهاڪو سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت جو حامل آهي. هن دور ۾ ترقي پسندن ۾ ڪميونسٽ، سوشلسٽ ۽ نيشنلسٽ عنصر وڌيڪ فعال هو. انهن جي طرفان ڪيترائي اهڙا ڪتاب منظر عام تي آيا جن سنڌ جي روايتي، تاريخي ۽ ڪلاسيڪل ادب توڙي فڪر کي نقصان رسايو.

هن ئي دور ۾ ماهوار رسالو رهبر ڊائجسٽ پنهنجي اوج تي هو جيڪو صاف سٿري تفريحي ۽ ادبي مواد کان ڪافي مشهور هو. هن رسالي ڪيترن ئي معروف اديبن ۽ شاعرن کي ڇپڻ سان گڏ لاتعداد نون ليکڪن ۽ شاعرن جي پڻ حوصلہ افزائي ڪئي، جيڪي اڳتي هلي سنڌي ادب ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ڪرڻ لڳا.

جناب قربان علي بگٽي انهن مان هڪ هو جنهن اٽندي ئي تنقيدي جائزي جي ميدان کي چونڊيو. سندس تنقيدي ڊگها سلسلا سندس داد صلاحيتن، بي انتها مطالعي ۽ حافظي جا آئينہ دار هئا.

سندس تنقيدي شروعات ڪتاب: "مائوزي تونگ" مصنف: رسول بخش پليجو صاحب کان ١٩٧٢ع جي آخر ۾ ٿي ۽ جيئن جيئن قسطون ايندڙيون ويون، ادبي ميدان ۾ هلچل ۽ گفتگو جون اهي مرڪز رهيون. ٻئي نمبر تي ڪتاب: "جيئن ڏٺو آهہ مون". ڪتاب: "سنڌ جا سورما" ۽ هڪ مضمون "ڪتاب جو مهاڳ" سيني جو مصنف: جناب جي ايم سيد صاحب، تي طويل ۽ جاندار قسطون منظر عام تي ايون تہ پوري سنڌ ۾ چوڀول چوٽ تي رهيو. پنهنجا پرايا، دوست مخالف مطلب تہ اهو ڪهڙو ليکڪ اديب، دانشور يا شاعر هو جنهن اهي قسطون نہ پڙهيون هجن. حقيقت هي آهي تہ سنڌي ادب ۾ انهن تنقيدن اهڙي تہ جان وڌي،جو رهبر ڊائجيسٽ کي نہ پڙهڻ وارا بہ ان کي پڙهڻ ۽ بگٽي صاحب جي بي انتها معلومات کي داد ڏيندا رهيا. پوءِ تہ اهو سلسلو ڊاڪٽر تنوير عباسي جي ڪتاب: "شاهہ لطيف جي شاعري" پير علي محمد شاهہ راشدي جي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" پير حسام الدين راشدي، محمد

ابراهيم جويو، غلام محمد گرامي، سراج الحق ميمڻ يا شيخ اياز مرحوم جي شاعريءَ تي هن نقاد عالمي ۽ علمي ڪتابن جي معلوماتي سمنڊ ڪي ڪوزي مان ڪڍي ائين پيش ڪيو جو انهن مصنفن وٽان هڪ لفظ به جواب ۾ نه مليو ۽ نه ٻئي ڪنهن هنڌ رد ۾ ڪجهه شايع ٿيو. البته سائين جي ايم سيد صاحب پنهنجي ڪتابن جو مڪمل سيٽ تحفو ڪري ڪيس موڪليو. ويجهڙائي ۾ نياز سنائي صاحب، جيڪو سيد صاحب ڪي گهڻو ويجهو هوندو هو، تنهن مون کي ٻڌايو ته اهو سيٽ پهچائڻ وارو هو پاڻ هو. ٻئي طرف سنڌي اردو ۽ انگريزيءَ جي برک ليکڪ ۽ صحافي، دانشور تورڙي اديب پير علي محمد شاهه راشدي، جنهن وٽان ته مون کي هر وقت مٿس ڪيل تنقيد جو جواب اچڻ حتي الامڪان نظر آيو پئي، پر ٿيو ائين جو پير صاحب وٽان بگٽي صاحب کي سائس ملڻ جو نياپو مليو ۽ هو ٻروچ ماڻهو، باوجود دوستن جي منع ڪرڻ جي ته مٿان ڪيس ڪو نقصان پهچايو وڃي، پير صاحب وٽ ملڻ لاءِ هليو ويو، جنهن ڏسندي ئي چيس ته، "تنهنجي پيءُ ڏاڏي جي عمر جو آهيان،اسان کان ڪجهه تارو ڪر."

حقيقت اها .هئي ته بگٽي صاحب جي تنقيدن جو ڪو جواب نه هو. بقول نياز همايوني صاحب جي، جنهن انهيءَ دور ۾ ئي چيو هو ته،"بگٽي صاحب جي گرفت تمام سخت آهي"۽ تازو جامي چانڊيو جي طرفان اهي رمارڪس ته، "ڊاڪٽر تنوير عباسي تي ڪيل تنقيد بلڪل درست آهي." هي آهي اهو پس منظر جنهن هيٺ بگٽي صاحب جي مضمونن کي يڪجا ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻي رهيا آهيون.

انهي مختصر تمهيد ڪانپوءِ آئون ٿورائتو آهيان حافظ محمد موسيٰ ڀٽو صاحب ۽ سنڌس اشاعتي اداري جو، جن منهنجي ويهه سال اڳ جي ڪيل پورهئي، يعني بگٽي صاحب کان مواد وٺي ڇاپڻ ۽ سنڌس نازڪ طبيعت جا انگل آرا ڪٽڻ، ڪي ڪي قسطون هڪ ئي پرچي ۾ ٧٠۔ ٧٠ پيجن جون شايع ڪرڻ ۽ اڄ انهي قيمتي مواد کي ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرڻ ۾ مون سان سهڪار ڪيو آهي ۽ اميد اٿم ته بگٽي صاحب جون باقي رهيل تنقيدون ۽ تاريخي مضمون به ڪو ادارو شايع ڪرڻ لاءِ مون سان ضرور سهڪار ڪندو. اهي مضمون ۽ تنقيدون به تمام وڏي اهميت جون حامل آهن اگر ائين ٿيڻ

ممڪن ٿي سگهي ته انهيءَ صورت ۾ هيءَ ڪتاب ٻگٽي صاحب جي علم ۽ ڄاڪوڙ جو پهريون جلد سمجهڻ گهرجي.

ٻگٽي صاحب جي سوانحي خاڪي ڪاڻ هتي ڪري هتي صرف ايترو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان ته پاڻ اڃا اڌوڙٽ عمر جوڻي هو جو دل جو عارضو ٿي پيس. هن ڪراچيءَ مان باءِ پاس ڪرائي. چند مهينن تائين تندرست رهڻ بعد ١٩٨٠ع جي ڍاڪي ۾ اوچتو ئي وفات ڪري ويو. انا لله وانا اليه راجعون. الله مٿس رحمت ڪري. پاڻ سچ جو شيدائي هو ۽ جيڪي ڪجهه لکيائين اهو حق ۽ سچ هو. آهي ۽ رهندو. هن وٽ ڪوبه وٽ سٽ يا منطق ڪرڻ هو. هو نرم ۽ حساس دل جو مالڪ هو. ڪيترن ئي موقعن تي ڪنهن ڏک وچان اکين ۾ پاڻي اچي ويندو هو. سندس تنقيدي مضمونن ۾ جتي ڪٿي اهڙا ڏک وارا جملا لکيل ملن ته انهن تي يقين ٿيڻ کپي ته اهي ائين ئي اجايا نه لکيا ويا آهن.

ٻگٽي صاحب جي حياتي جي مڪمل تصوير هڪ طويل مضمون ۾ پيش ڪئي اٿم. جيڪو الڳ ڪنهن رسالي ۾ شايع ٿيندو ۽ سنڌي مشاهير جي مجموعي ۾ پڻ شامل رهندو.

هي جا اهم ڳالهه آهي ساهي ته هن ڪتاب جي ذريعي ڪنهن به اديب، دانشور ۽ شاعر جي توهين يا گهٽتائي ڪرڻ مقصود نه آهي بلڪه ادب ۾ تنقيد جي اهميت کي واضح ڪرڻو آهي ۽ خوشيءَ جي ڳالهه هي آهي ته جنهن دور ۾ هي تنقيدون رهبر ڊائجسٽ جون زينت بڻيون، ان وقت مذڪوره ڪتابن جا سڀ ليکڪ ۽ مصنف حيات هئا. هن وقت اهي تنقيدي مضمون رهبر جي ٦. ٧ سالن جي مختلف پرچن مان چونڊي هن ڪتاب ۾ پيش ڪري رهيا آهيون، انهيءَ اميد سان ته اڄ جو نوجوان اديب ۽ شاعر، جن صرف اهي تنقيدون ٻڌيون آهن ۽ پڙهڻ جو شوق به رکن ٿا. انهن جي اها خواهش پوري ٿئي ۽ سنڌيءَ جي تنقيدي ادب ۾ هي ڪتاب پنهنجي اهم جڳهه والاري.

خادم العلم
عابد لغاري

ڪتاب "جيئن ڏٺو آهه مون"

مصنف: جي ـ ايم ـ سيد

سائين جي ايم سيد صاحب جي متنين ڪتاب تي سرسري تبصرو ڪندي مون رهبر ڊائجسٽ جولاءِ ١٩٧٣ ع واري پرچي ۾ لکيو هو، حال ۾ ان جو اردو ترجمو پڻ شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ شاهه صاحب پنهنجي آبائي مذهب تي ٻاراڻي تنقيد ڪئي آهي. مون ٻاراڻو لفظ ان ڪري استعمال ڪيو جو ڪتاب جي مطالعي ڪرڻ بعد مون محسوس ڪيو ته اسلام سان گڏ مذهب عالم تي سندن مطالعو نهايت ئي ناقص آهي. ائين پيو معلوم ٿئي ته مذهب جي خلاف جيڪي علمي ڪتاب لکيا ويا آهن اهي اعليٰ حضرت شايد پڙهيا ئي نه آهن. تنهن ڪري هن ڪتاب جو شمار لڊورگ فيوئر باخ جي ڪتاب " جوهر عيسائيت" (The essence of Christianty) يا برٽرانڊ رسل جي ڪتاب " مان ڇو عيسائي نه آهيان" (Why I am not Christian) سان هرگز ڪري نٿو سگهجي. بهرحال ڇا به هجي سندن مخالفن هن ڪتاب مان چڱو فائدو ورتو. خاص طور ڊسمبر ١٩٧٠ ع جي اليڪشن ۾ پبلڪ جلسن ۾ هن ڪتاب جا حوالا ڏنا ويا. نتيجو اهو نڪتو جو پيپلز پارٽي جو اميدوار ملڪ سڪندر خان پنهنجي پارٽيءَ جي عام مقبوليت ڪري هزارين ووٽن تان کٽيو پر حيرت آهي جو حضرت پير صاحب پاڳاري جن جي اميد وار سيد صالح شاهه ائينگ واري به شاهه صاحب کي ڇهن هزار ووٽن تي شڪست ڏني." (رهبر ڊائجسٽ جولاءِ ١٩٧٣ع)

شاهه صاحب جي ڪتاب تي سرسري تبصره پڙهڻ بعد رهبر جي پڙهندڙن مون کان تقاضا ڪئي ته هن گمراهه ڪن ڪتاب تي مفصل علمي تنقيد ڪئي وڃي. مون اهڙي فرمائش جي تڪميل کان جائي پڇهي نتايو ۽ جواب ۾ گذارش ڪئي ته " جيئن ڏٺو آهه مون" ڪو علمي ڪتاب نه آهي جنهن تي تبصري ڪرڻ لاءِ پنهنجو وقت ڪپائجي، ڇو جو دنيا ۾ علمي ڪتاب ئي سنجيده توجهه جا مستحق هوندا آهن. ان جي باوجود محب وطن ۽ اسلام جا فدائي مون کان بار بار مطالبو ڪندا رهيا ته تبصره شايع ڪرڻ ۾ دير نه ڪئي وڃي. اسلامي حلقن منهنجي متعلق جو حسن ظن قائم ڪيو

آهي آءُ ان لاءِ سندن شڪر گذار آهيان ۽ دعا ٿو گهران تہ شال الله تعالي پنهنجي دين جي خدمت لاءِ مون کي توفيق ڏئي. ولله درما قال شاعر العرب:

"يظن الناس بي خير - واني اشرالناس ان لم يعف عني"

ڪتاب جي بنيادي خامي:

شاهہ صاحب جي تصنيف جو بنيادي نقص هي آهي تہ ان ۾ (Bibliography) يعني ڪتابن جي لسٽ ڇاتايل نہ آهي. ان ڪري پتو نہ پوي تہ پنهنجي مسلڪ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ تاريخ، فلسفي، سائنس، مذهبيات ۽ تصوف ۽ علم الانسان جي ڪهڙن ڪتابن تي سائين جي ايم سيد صاحب ڀروسو ڪيو آهي. ڪتاب جي نالن جي عدم موجودگيءَ ۾ اسين هيءَ راءِ قائم ڪرڻ ۾ حق بجانب آهيون تہ سن جي سائين رڳو ڏڪا هنيا آهن ۽ ڪن ٽوٽڪن ۽ ڏند ڪٿائن کي اسلام سمجهي تنقيد ڪني اٿس. شاهہ سائين جو هي ڪتاب مون نهايت ئي غور ۽ شوق سان پڙهيو. منهنجي ايماندارانہ راءِ آهي تہ " جيئن ڏئو آهہ مون" ڪنهن ڪتب خانہ يا لائبريري اندر نہ لکيو ويو، بلڪ درياهہ بادشاهہ جي ڪپر تي پنهنجي روايتي محفل جمائي، ماني ساڳيءَ جا ربدئي ۾ ڪلام ٻڌي مجازي عشق ۾ مستغرق ٿي، شاهہ سائين پنهنجو هي ڪتاب لکيو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ اسلام جي خلاف مغربي عالمن بہ زهريلا ڪتاب لکيا آهن پر ان ايتري ايمانداري ڏيکاري آهي جو ڪتابن جي اختتام تي (Bibliography) ڏني اٿئون. مثلاً پروفيسر ايچ - اي - آر گب (Gibb) اسلام جي خلاف محمدنزم (Mohammedanism) نالي ١٩٤٩ع ۾ هڪ ڪتاب لکيو آهي جو مينٽر بوڪ (Mentor Book) وارن ڪل ١٤٥ صفحن ۾ شايع ڪرايو آهي. ڪتابن جي فهرست ١٤٧ صفحي تي ڏنل آهي جن جو تعداد ٧٠ (ستر) تائين پهچي ٿو. ان حساب سان گويا هر ٻن صفحن تي هڪ ڪتاب جو حوالو اچي وڃي ٿو. ساڳيءَ طرح پروفيسر ڪانٽويل سمٿ (Smith) ١٩٥٧ع ۾ " اسلام جديد دور ۾" (Islam in Modern History) نالي پنهنجو ڪتاب شايع ڪرايو آهي. ڪتاب ڪل ٣٠٨ صفحن تي ساڳي مينٽر اداره طرفان منظر عام تي آيو. ڪتاب جي هر صفحہ هيٺان حوالا ڏنا ويا آهن ۽ منهنجي حيرت جي حد نہ رهي جڏهن مون ڏٺو تہ مصنف نہ فقط عربيءَ جي وڏن ڪتابن مان اقتباس پيش ڪيا آهن پر اردو ڪتابن جا حوالا پڻ ڏنا آهن. تحقيق ان جو نالو آهي. ان جي

برعکس سائين جي ـ ايم ـ سيد جي ڪتاب ۾ ڪنهن بہ علمي ڪتاب جو ڪو حوالو معہ صفحہ جي ڪونہ آهي. البتہ سچي ڪتاب ۾ چئن پنجن مصنفن جاڪتاب ۽ نالا لکيا اٿس. مثلاً جان فريزر جو ڪتاب " جادو ۽ سائنس" (Golden Bough) آزاد جو پمفليٽ " حيات سرمد" مشرقي جو ڪتاب " تذڪره" ۽ عبدالغني جو ڪتاب "مذاهب عالم" وڏيڪ غضب هي ڪيو اٿس جو مذڪوره ڪتابن مان حوالو معہ صفحہ جي بہ نقل ڪرڻ کان قاصر رهيو. وڏيڪ لطف جي ڳالهہ هي آهي تہ فريزر جي ڪتاب کي سائنس جو ڪتاب شمار ڪري ان موضوع تي پين حقيقي ڪتابن جي مطالعي جي بہ زحمت نہ ڪئي اٿس. ياد رکڻ کپي تہ فريزر جو ڪتاب سائنس جي موضوع تي هرگز لکيل نہ آهي. ان سلسلي ۾ پيا نهايت ئي بهترين سائنس جا ڪتاب لکيا ويا آهن جن جو مطالعو ئي شاهہ سائين نہ ڪيو آهي. مثلاً پروفيسر جيمس جينز جو ڪتاب (Mysterious Universe) ، والٽر سليوان جو ڪتاب (Limitations of Science)، پروفيسر وائٽ هيڊ جو ڪتاب (Science and the Modern World) برٽراند رسل جو ڪتاب (Religion and Science) ۽ فريڊ هائل جو ڪتاب Fron-tiers of Astronomey) جا نالا قابل ذڪر آهن. شاهہ صاحب اسان جي مذهب اسلام تي جلهون ڪيون آهن تہ ان جا بعض ڏنل احڪام سائنس جي خلاف آهن. آءُ اڳتي هلي مٿين مسلمہ سائنس جي ڪتابن مان حوالا ڏيندس تہ اسلام جا اصول، سائنس جي مجيل حقيقتن جي خلاف نہ آهن. ها البتہ جي سائنسي ٿيئرون مجيل حقيقتن (Verified Facts) جي حد تي نہ پهتيون، انهن جي بنياد تي اسلام جهڙي آفاقي مذهب کي ڪوڙو سمجهڻ وڏي جسارت آهي. سائين جي ـ ايم ـ سيد صاحب جي ڪتاب مان سائنس جي اهڙن اڻ مڃيل ٿيئرن جو بہ ڪو ذڪر ڪونہ ٿو ملي. ان ڪري مان احساس ذميواري ۽ سان انڪشاف ٿو ڪريان تہ "جيئن ڏٺو آهہ مون" ڪتاب لکڻ وقت شاهہ صاحب جي آڏو سائنس جو ڪو بہ ڪتاب موجود ڪونہ هو.مون کي اميد آهي تہ ماهرين سائنس،جن شاهہ صاحب جو هي ڪتاب پڙهيو هوندو، مون سان سؤ فيصد اتفاق ڪندا. چاهي اهي شاهہ سائين جا عقيدتمند ئي ڇو نہ هجن. انهن ابتدائي گذارشن ڪرڻ بعد مان اصل ڪتاب جي پيش لفظ بابت پنهنجو جائزو لکندس. پيش لفظ خود شاهہ سائين جو پنهنجو لکيل آهي.

جناب جي ـ ايم سيد صاحب لکي ٿو، " آءُ بنيادي طرح جذباتي هئڻ ڪري، گهڻي قدر مذهب جي اثر هيٺ رهيو آهيان" (صفحہ ١) شاهہ صاحب جو مٿيون جملو معنيٰ خيز ۽ خطرناڪ آهي.

هو في الحقيقت پنهنجن پڙهندڙن کي هي ڳالهہ ذهن نشين ڪرائڻ ٿو گهري تہ گهڻي قدر جذباتي انسان ٿي مذهب جي اثر هيٺ رهندا آهن. ٻين لفظن ۾ غير جذباتي شخص مذهب ۾ ڪا دلچسپي نہ وٺندا آهن ۽ اهڙا افراد مذهبي اثر کان محفوظ هوندا آهن. شاهہ صاحب جو هي ڪتاب پڙهي ڪيترائي نوجوان اهڙو يقين رکن ٿا. مان نهايت ٿي ادب سان گذارش ڪندس تہ شاهہ صاحب جو مٿيون خيال سطحي ۽ بي بنياد آهي. مصنف جو شمار ملڪ جي برک سياستدانن مان آهي. مان هتي ٻين ماڻهن ۽ شخصيتن کي نظر انداز ڪري سنڌس ئي گروهہ جي انسانن جا مثال پيش ڪري ثابت ڪندس تہ جذباتي انسان لا مذهب ۽ غير جذباتي انسان بہ مذهب پرست ٿي سگهن ٿا. مثال طور هن ننڍي ڪنڊ ۾ پنڊت جواهر لال نهرو هڪ عالم فاضل شخص هجڻ جي باوجود جذباتي طبيعت رکندو هو. سائين جي . ايم . سيد صاحب جي هڪ ٻي مقولي جي جواب ۾ مون هندستان جي عظيم سياستدان مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم جي ڪتاب (India Wins Freedom) مان ڪيترائي حوالا پيش ڪيا هئا. انهن مان نهرو جي جذباتي طبيعت عيان ٿي. هي سنڌس جذباتي طبيعت جو ڪرشمو هو، جو جولاءِ ١٩٤٦ع ۾ وزارتي مشن جي مجيل پلان خلاف بيان ڏني مولانا آزاد جي چوڻ مطابق، ملڪ کي تقسيم ڪرايائين. سائين جي . ايم . سيد صاحب کي خبر آهي تہ هي جذباتي نهرو پنهنجي ٻالڪپڻ جي زماني کان وٺي لامذهب رهيو. ان جي ثابتي سنڌس لکيل آتم ڪهاڻي ۾ ملي ٿي. ان ۾ لکي ٿو: "منهنجا شروع کان وٺي مذهب جي متعلق غير واضح تصورات هوندا هئا. مون کي ائين ڏسڻ ۾ ايندو هو تہ مذهب گويا عورتن جي معاملي سان واسطو رکي ٿو.

(Of religion I had very hazy notions. It seemed to be a woman,s affair.)_ P.8)

نهرو جي برعڪس مهاتما گانڌي غير جذباتي ۽ نماڻو شخص هو جنهن عدم تشدد جي تحريڪ سان پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. سنڌس ان غير جذباتي طبيعت جو ڪمال تہ ڏسو جو هن کي جنوري ١٩٤٨ع ۾ ڊاڪٽر گوڊسي پستول سان ماري وڌو. مرڻ وقت گانڌي وصيت ڪئي هئي تہ هن جي قاتل کي معاف ڪيو وڃي. اهوئي موهن داس گانڌي پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ لکي ٿو، "هندو ازم منهنجو مذهب آهي" (My religion is Hinduism) .

مون سائين جي . ايم . سيد صاحب جي ساڳئي مقالي جي جواب ۾ هندستان جي فلسفي ڊاڪٽر راڌا ڪرشن جي ڪتاب مان

حوالا ڏيندي لکيو هو تہ گانڌي کي خدا جي وجود ۾ ڪيڏو نہ يقين هو. (ملاحظہ ٿئي رهبر ماهہ آڪٽوبر ١٩٧٣ع) هاڻي ڪجهہ مغربي ملڪن جي سياستدانن تي بہ نظر وجهون. سائين جي. ايم سيد کان وڌيڪ ڀيو ڪير هن حقيقت کان آگاهہ آهي تہ نازي جرمني جو اڊالف هٽلر ۽ فسطائي اٽلي جو ڊڪٽيٽر بينٽو مسوليني بہ وڏا جذباتي سياستدان ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي جذباتي طبيعت جي ڪري سڄي دنيا جي مٿان جنگ جهڙي مصيبت مسلط ڪني. هي ٻئي سياستدان دهريا ۽ لامذهب هئا. ڊاڪٽر راڌا ڪرشن پنهنجي هڪ ڪتاب "مذهب ۽ معاشره" (Religion and Society) ۾ لکي ٿو: "٢٢ اگسٽ ١٩٣٩ ع تي نازي جرمني ۽ ڪميونسٽ روس جي وچ ۾ جنگ نہ ڪرڻ جي معاهدي تي دستخط ٿيڻ کان پوء روس ۾ مخالف خدا تحريڪ جي سيڪريٽري اعلان ڪيو تہ هن معاهدي کان پوء دهريت جي پروپئگنڊا ڪرڻ ۾ تيزي اچي ويندي، ڇو جو هٽلر ۽ سندس گورنمنٽ بہ عيسائي مذهب جا ايڏا دشمن آهن جيڏا اسان روسي آهيون." (P 51.)

هٽلر ۽ مسوليني جي مقابلي ۾ چرچل ۽ روزويلٽ غيرجذباتي سياستدان ٿي گذريا آهن جن کي پنهنجي عيسائي مذهب ۾ پورو يقين هو. چرچل جنگ جي زماني ۾ پارليامينٽ ۾ اهم تقريرون ڪيون آهن جن ۾ هن عيسائيت ۽ ان جي تهذيب کي بچائڻ لاء اپيلون ڪيون آهن. خود سائين جي. ايم. سيد جو مثال وٺي ڏسو. هو اجا تائين جذباتي فطرت ٿو رکي. پوء ڪهڙو سبب آهي جو پاڻ مذهب سان بغاوت ڪري لادينيت اختيار ڪيائين. بس ثابت ٿي ويو تہ شاہ سائين جو اهو چوڻ تہ بنيادي طرح جذباتي هئڻ ڪري، گهٽي قدر مذهب جي اثر هيٺ رهيو آهي، حقيقت سان مطابقت نٿو رکي. مون شاہ صاحب جي هن جملي جو تفصيلي جائزو محض ان ڪري پيش ڪيو جو ڪتاب پڙهڻ کان پوء ڪيترن ماڻهن کي چوندو ٻڌو ويو آهي تہ مذهب کي مڃڻ وارا جذباتي انسان ئي هوندا آهن.

شاہ صاحب اڳتي هلي لکي ٿو "ڪو وقت هو، جو نماز جو پابند هوس. رمضان جا روزا رکڻ، راتيون جاڳي تهجد پڙهڻ، چلا ڪڍڻ، وظيفا پڙهڻ، بزرگن جي مزارن جون زيارتون ڪرڻ، درويشن جي صحبت ۾ گذارڻ، پيران طريقت کا ذڪر وٺڻ، ختما ڏيارڻ، عرس، ٻارهيون ۽ اضحيون ڪرڻ، ماڻهن کي زوريء نماز پڙهائڻ، مسجدون ٺهرائڻ ۽ مذهبي وعظ ڪرڻ منهنجا خاص مشغلا هوندا هئا. مذهب اسلام جي عام روايتي عقيدن ۾ ويساهہ ويٺل هوم، جنهن ڪري شريعت اسلام مطابق زندگي مختلف مذهن جي ماڻهہ

سان بحث مباحثي ڪرڻ، جدا جدا مذهبي ڪتابن جي مطالعي ۽ غور و فڪر ڪرڻ جي ڪري آهستي آهستي ٿي، انهيءَ خوش اعتقادي جي آهني ديوارن ۾ شڪن جا شگاف پوڻ لڳا جن جو مفصل احوال پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني نالي ڪتاب ۾ درج ڪيو اٿم." (صفحه 1)

مٿين حوالي پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي ته شاهه سائين پهريائين مذهب جو پابند هو پر آهستي آهستي هن جي دل ۾ شڪن جا شگاف پوڻ لڳا ۽ هن سڪيولرزم جي وات اختيار ڪئي. هر شخص جو شاه صاحب جو مٿيون داستان پڙهندو، هن وهم ۾ مبتلا ٿيندو ته مذهبي زندگي گذارڻ ۾ ڪا ته خرابي آهي جنهن ڪري شاهه سائين ان راهه کان فراريت حاصل ڪئي. دنيا ۾ اڪثر ڏٺو ويو آهي ته ڪنهن نظريه ۽ فلسفي تي هلندڙ فطري طور اهڙن ڪتابن پڙهڻ جو شوق ۽ تمنا رکندا آهن ۽ ڪيترائي سطحه بين مذڪور ڪتابن کي سند جي حيثيت ڏيندا آهن. مثلاً اڄ کان ڪافي سال اڳ ڇهن سابق ڪميونسٽ دانشورن "ناڪام خدا" (God that _ failed) نالي هڪ ڪتاب ڪميونزم ۽ اسٽالن جي خلاف لکيو هو. امريڪي حڪومت مٿين ڪتاب جي ڦهلائڻ لاءِ خاص دلچسپي ورتي هئي ۽ ان جون لکين ڪاپيون شايع ڪرائي دنيا جي ڪند ڪڙڇ ۾ پهچايو جيئن گهر وارن جي شاهدي پڙهي، ماڻهو ڪميونزم جي ديو جي حقيقت کان باخبر ٿين.

ساڳيءَ طرح امريڪا جي سابق ڪميونسٽ اديب هاورڊ فاسٽ (Howard Fast) جي لکيل ڪتاب "عريان خدا" (Naked God) جي وڏ ۾ وڏ پروپئگنڊا ڪئي وئي هئي. مصنف هي ڪتاب ١٩٥٧ع ۾ اسٽالن جي خلاف خروشچوف جي ڪيل تقرير بعد ڪميونسٽ پارٽي تان استعيفا ڏيڻ پوءِ لکيو هو. اهڙن ڪتان پڙهڻ وقت خبرداري کان ڪم وٺڻ کپي ۽ مطالع وقت هي ڳالهه خاص ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته جنهن نظريه سان مصنف بغاوت ڪئي، ان جو ڪيس صحيح علم ۽ عمل به هو يا نه ۽ جيڪڏهن قاري ان نتيجي تي پهتو ته مصنف نظريه کان اڻ ڄاڻائي ڪري باغي ٿيو ته پوءِ سمجهڻ گهرجي ته نظريه ۾ ڪو نقص نه آهي پر باغي جي ڄاڻ ۽ سمجهه ۾ ڪوتاهي آهي. هاورڊ فاسٽ کي به اهو جواب ڏنو ويو ته هن ڪميونزم کي سمجهڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي هئي.

هاڻي مٿين معيار کي ملحوظ ڪندي اچو ته قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ سائين جي - ايم - سيد جي مذهبي نظرين جي ڇنڊڇاڻ ڪريون. شاه صاحب چوي ٿو ته بزرگن جي مزارن (قبرن) جي زيارت

ڪرڻ جو حڪم قرآن مجيد ۾ ڪونہ ٿو ملي. البت حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ نبي صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو:

"نهيتكم عن زيارة القبور فزوروها."

يعني مان توهان کي قبرن جي زيارت ڪرڻ کان منع ڪيو هو، پر هاڻي توهان پڻ انهن جي زيارت ڪريو" هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ نبي صلي الله عليه وسلم پهريائين مزارن جي زيارت ڪرڻ کان ڇو جهليو ۽ بعد ۾ ڇو اجازت ڏنائون. ان مصلحت جي وضاحت ڪندي حضرت شاهہ ولي الله صاحب محدث دهلوي پنهنجي انقلابي ڪتاب " حجة الله البالغہ" ۾ لکي ٿو:

" اقول كان نهي عنها لانها تفتح باب العبادة لها. فلما استقرت الاصول الاسلاميه واطمانت نفوسهم عليٰ تحريم العبادة لغير الله اذن فيها وعلل التجويز بان فائدة عظيمة وهي انها تذكرالموت وانها سبب صالح للاعتبار بتقلب الدنيا" (حجة الله البالغه جلد ٢ صفحہ ١٢٩).

يعني " مان ڇوان ٿو تہ رسول ڪريم انهن کي ان ڪري ممانعت ڪئي هئي جو ائين ڪرڻ سان قبر پرستيءَ جي دروازي کلڻ جو انديشو هو. بس جڏهن اسلامي اصول پڪا ٿي ويا ۽ غير الله جي عبادت جي حرمت ماڻهن جي دلين ۾ ويهجي ويئي تہ پاڻ سڳورن مزار جي زيارت ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي ۽ اهڙو سبب بيان ڪندي فرمايائون تہ هن جو وڏو فائدو هي آهي تہ قبرن جي زيارت ڪرڻ سان موت جي ياد گيري اچي ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ دنيا جي انقلاب تي عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي سبب آهي."

شاهہ ولي الله صاحب جي مٿئين عبارت پڙهڻ سان ظاهر ٿئي ٿو تہ شروع ۾ نبي صلي الله عليہ وسلم قبرن جي زيارت ڪرڻ کان روڪيو هو جڏهن مسلمانن ۾ توحيد جو عقيدو راسخ ٿيو ۽ غير الله جي عبادت جي حرمت ذهن نشين ٿين تہ پوءِ ڪين مزارن جي زيارت جي اجازت ملي. اڄ ڪلهہ جي مسلمانن ۾ جهل ۽ دين کان عدم واقفيت ڪري نڪي توحيد جو پختو عقيدو ويٺل آهي ۽ نہ ئي غير الله جي عبادت جي حرمت جي خبر اٿن. اهڙن ماڻهن جو مزارن ڏانهن وڃڻ خطري کان خالي نہ آهي. مون کي هڪ دفعي سنڌ جي هڪ وڏي بزرگ جي مزار تي وڃڻ جو شرف حاصل ٿيو. مون پاڻ اتي مشاهدو ڪيو تہ ماڻهو اهڙي نموني سان مزار جو طواف پيا ڪن ۽ حاجت روائي لاءِ صاحب قبر کي پيا پڪارين جو جڻڪ انهن جي دلين ۾ غير الله جي عبادت جي حرمت ويٺل ئي ڪانہ هئي.

شاهہ ولي الله صاحب چوي ٿو تہ " قبر جي زيارت مان ماڻهن کي موت جي يادگيري اچي ٿي. سائين جي - ايم سيد صاحب ۽

اڄڪلهہ جي مسلمانن جي ذهن ۾ اهڙو تصور موجود ني نہ اهي. ماڻهو مزار ڪي ڇميون ڏيني باس باسين، پنهنجي مشڪل ڪشائي لاء دعائون گهرندا آهن ۽ سائين جي - ايم - سيد صاحب بہ ان ڪان مستثنيٰ نہ آهي. پر شاهہ ولي الله صاحب پنهنجي ساڳني ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ، قبر جي زيارت ڪرڻ وقت مسلمانن ڪي هي دعا پڙهڻ گهرجي.

"ومن دعاء لزائر اهل القبور السلامُ عليكم يا اهل الديار من المؤمنين والمسلمين وانا انشاء الله بكم لاحقون نسئل الله لنا ولكم العافيه" . (صفح ١٢٩)

نبي صلي الله عليه وسلم پنهنجي قبر مبارڪ متعلق حڪم ڏنو آهي تہ " لاتجعلوا زيارة قبري عيدا" يعني منهنجي قبر جي زيارت ڪي عيد نہ بڻايو" . شاهہ ولي الله صاحب " حجة الله البالغة ۾ هن حديث شريف جي مفهوم متعلق لکي ٿو:

"اقول هذا اشارة اليٰ سد مدخل التحريف كما فعل اليهود والنصاريٰ بقبور انبيائهم جعلوا عيدا وموسما بمنزلة الحج"

يعني مان چوان ٿو تہ ان ۾ تحريف جي رستني بند ڪرڻ ڏانهن اشارو آهي، جهڙيءَ طرح يهودين ۽ نصارن پنهنجي نبين جي قبرن سان ڪيو ۽ انهن جي زيارت ڪي حج وانگي عيد ۽ موسم مقرر ڪيو هو. (جلد ٢ صفحہ ٢٤٤)

مون مٿي مزارن جي زيارت بابت شرعي نقطہ نگاهہ امام شاهہ ولي الله صاحب (عليه الرحمة) جي ڪتاب مان پيش ڪيو آهي. سائين جي ايم سيد شاهہ صاحب مرحوم جي علم و فضل جو قائل آهي جو ان جو هڪ قول بہ پنهنجي زير تبصره ڪتاب ۾ نقل ڪيو اٿس. هاڻي هر شخص اندازو لڳائي سگهي ٿو تہ زيارت القبور جي مسئلي جي اسلام ۾ ڪيڏي اهميت آهي، جنهن ڪي سائين جي - ايم - سيد ڪنهن زماني ۾ پنهنجي اسلامي شريعت مطابق گذارڻ لاء راهہ نجات سمجهندو هو. قارئين غور ڪري انصاف ڪن تہ اسلام جي متعلق شاهہ سائين جو تصور ڪيڏو نہ ناقص هو.

شاهہ صاحب وڏيڪ لکيو آهي تہ هو عرس ۽ يارهيون بہ ڪندو هو. جواب ۾ عرض تہ اسلام ۾ ان جي ڪا گنجائش نہ آهي. هي سڀ نيون ڳالهيون آهن جي مسلمانن ۾ مروج ٿيون آهن. صحابہ ڪرام کان وڌيڪ نبي صلي الله عليه وسلم جا عاشق ڪير ٿي سگهن ٿا. علامه حافظ ابن حجر ۽ ٻين محدثن اسوه صحابه تي ڪتاب لکيا آهن، انهن جي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪنهن بہ صحابي عرس ڪونہ ڪيو.

يارهين سيد عبالقادر رحمة الله عليه جي ولادت ڪري ڪي مسلمان ڪندا آهن. سيد عبدالقادر پاڻ هجرت کان اٽڪل ڇهه سو سال پوءِ ڄائو هو. سچي عمر امر بالمعروف ڪندو رهيو ۽ بدعتن کان روڪيندو هو. پاڻ حنبلي مسلڪ جو هو ۽ فقه ۾ حضرت امام احمد بن حنبل جو پيرو هو ۽ نه امام ابوحنيفه جو. جيڪڏهن سيد عبدالقادر جي يارهين ڏام ڏوم سان ملهائجي ٿي ته ڇونه سندس فقهي مرشد امام احمد بن حنبل جي نالي تي به اهڙو ڏينهن ملهائجي. افسوس جو دين ۾ بدعتن شامل ڪرائڻ لاءِ مسلمانن ڪي ڪو خوف خدا ڪونه ٿو ٿئي.

هندستان جي مشهور عالم دين مولانا سعيد احمد اڪبرآبادي پنهنجي مشهور ڪتاب " صديق اڪبر" ۾ خليفه اول سيدنا ابوبڪر صديق رضه جو هڪ واقعو نقل ڪيو آهي. ان جي پڙهڻ مان اندازو لڳائجي ٿو ته صديق اڪبر دين ۾ بدعت داخل ٿيڻ تي ڪيڏي نه تشويش ڏيکاريندو هو ۽ فورًا اصلاح لاءِ قدم کڻندو هو. مولانا لکي ٿو:

" هڪ مذهب جي لاءِ وڏ ۾ وڏ فتنا بدعتون آهن. حضرت ابوبڪر ڪي ان جو وڏو خيال رهندو هو ۽ جڏهن هن جي علم ۾ بدعت ايندي هئي ته هڪدم ان تي تنبيهه ڪندو هو. هڪڙي ڀيري حج جي موقعي تي پاڻ ڪي معلوم ٿيس ته قبيله احمس جي هڪ عورت جنهن جو نالو زينب هو، حج ڪري پنهي ۾ ڪنهن سان ڳالهائي نه پئي حج جي دوران. حضرت ابوبڪر فورًا هن وٽ ويو ۽ کيس ٻڌايائين ته حج جي موقعي تي گفتگو نه ڪرڻ ۽ خاموش رهڻ جاهليت جو طريقو آهي." (ڏسو ڪتاب "صديق اڪبر "شايع شده ندوة المصنفين دهلي صفحه ٢٩١)

حيرت ٿي وٺي جو سائين جي . ايم . سيد جهڙو هڪ روشن خيال سياستدان جاهليت جي ان رسومات ڪي مذهب سمجهي ان تي عمل ڪري پنهنجي لاءِ راهه نجات سمجهندو هو. معلوم ٿو ٿئي ته ڪنهن اڻ پڙهيل ملي سان سندس واسطو پيو هو. مان هتي سندس خدمت ۾ لطيف جو شعر پڙهندس جو پاڻ اڪثر ورجائيندا آهن ته:

"ڪنيس ڪوبڃن جو تن طبيب نه گڏيا،

ڏيني ڏنب ڏڏن پاٿان ڏيل ڏنهيون ڪيو"

سائين جي . ايم . سيد صاحب لکيو آهي ته هو چلا ڪڍندو هو. جواب ۾ عرض ته هن قسم جي عبادت مسنون طريقو نه آهي. اسلام چله ڪشي ۾ اهڙي مراقبي (Mediation) جي خلاف آهي جو ڊاڪٽر ٽنگور پنهنجي قوهه جوانيءِ ۾ هماليه جبل جي غارن اندر

ڪندو هو. هن قسم جون رياضتون انهن مذهبن جا ماڻهو ڪندا آهن، جن وٽ دنيا جو تصور رڳو قيد خاني جي مثال آهي ۽ ان مان فراريت حاصل ڪري راهبانه زندگي اختيار ڪندا آهن. اسان جي پياري پيغمبر جو قول آهي ته " لا رهبانيت في الاسلام" اسلام ۾ رهبانيت جي ڪا جڳهه ڪانه آهي. پاڻ فرمايائون: " الدنيا خلقت لكم وانتم خلقتم الاخرة" دنيا اوهان لاءِ پيدا ٿي ۽ اوهان آخرت لاءِ. هڪ صحابي جو ڪثرت عبادت جي ڪري مشهور هو، کي نصيحت ڪيائون " ان لجسدک حق ولعينک عليک حق" تنهنجي بدن ۽ اک جو به تو تي حق آهي دنيوي ڪم به ڪيو ۽ خدا جي يادگيري کان به غافل نه رهو. رات جو عبادت گذار ٿيو ۽ ڏينهن جو شهسوار. (هم بالليل رهبان والنهار فرسان) هي آهي سادن لفظن ۾ اسلام جو طريقو.

سائين جي. ايم. سيد صاحب ماڻهن کي روزي ۽ نماز پڙهائڻ لاءِ لکيو آهي. ان سلسلي ۾ عرض ته نماز اسلام جو بنيادي رڪن آهي. قرآن مجيد ۾ حڪم ٿيل آهي ته:

" واقيموا الصلواة ولاتكونوا من المشركين"

"الصلوة عماد الدين فمن اقامها فقد اقام الدين ومن تركها فقد هدم الدين"

يعني نماز دين جو ٿنڀو آهي. جنهن ان کي قائم ڪيو تنهن دين کي قائم ڪيو. جنهن نماز ڇڏي تنهن ڄڻ ته دين کي ڊاهي ڦٽو ڪيو. پاڻ فرمايائون ته:

"وقال عليه الصلواة والسلام جعلت قرة عيني في الصلواة"

يعني منهنجي اکين جو ٺار نماز ۾ آهي. مٿي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ نماز جي اهميت واضح ٿي ٿي. پر سائين جي. ايم. سيد کي انفرادي طرح ڪو حق ڪونه هو جو ماڻهن کي زوري زبردستيءَ نماز پڙهائي. معلوم ٿو ٿئي ته شاهه صاحب کي اسلامي احڪام جي پوري طرح ڄاڻ نه هئي. مون هي ڳالهه خاص نوٽ ڪئي ته پاڻ کي شريعت جي پابند ثابت ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب جن ديني احڪامن جو ذڪر ڪيو آهي. ان ۾ حج ۽ زڪواة متعلق ڪجهه نه لکيو اٿس. حج ڪرڻ ۽ زڪواة جي ادائگي شاهه صاحب جهڙي صاحب استطاعت بزرگ تي فرض هئا. حيرت آهي ته هو خمس ۽ پيران طريقت کان ذڪر وٺڻ لاءِ ته لکي ٿو پر حج ۽ زڪواة متعلق خاموش آهي. قرآن مجيد ۾ حڪم ٿيل آهي ته: " ومن الناس حج البيت من استطاع اليه سبيلا" سگهه رکڻ وارن لاءِ حج فرض آهي. هن عبادت لاءِ امام ابو حنيفه جي راءِ آهي ته حج افضل العبادة آهي.

ساڳيءَ طرح زڪواة جي ادائگي جو حڪم قرآن ۾ آهي. نبي صلي الله عليه وسلم زڪواة جي متعلق فرمايو ته " توخذ من اغنياءکم وترد الي فقراءکم" اوهان مان (زڪواة) شاهوڪارن کان وٺي غريبن ۽ مسڪينن ۾ تقسيم ڪجي. وڌيڪ فرماياڻون ته، " لاصلواة لمن لا زڪواة لہ" ان شخص جي ڪا نماز نہ آهي جيڪو زڪواة نٿو ڏئي. افسوس جو انهن فرضي عبادتن کي مذهبي زندگي گذارڻ واري زماني ۾ تہ شاهہ سائين نظرانداز ڪري ڇڏيو باقي ٻين فروعي ڪمن جي پابندي ڪرڻ لڳو. انهن مان بہ اڪثر حصہ جنن مون مٿي عرض ڪيو اسلام جي اصولن جي منافي آهن.

سائين جي . ايم . سيد صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ مذهبي وعظ ڪرڻ بہ سندس شغل هو. عرض تہ اوهان ان ڳالهہ جي وضاحت نہ ڪئي تہ ان وقت اوهان ڏاڙهي بہ رکرائي هئي يانہ. اوهان کان وڌيڪ سنڌ جي مسلمانن کي ٻيو ڪير سمجهي سگهي ٿو. اوهان جو واهپو ٻهراڙي جي مسلمانن سان هو ۽ ان وقت هو بغير ڏاڙهي جي وعظ ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي نہ هوندا هئا. اهڙي وعظ جي متعلق هو چوندا هئا تہ:

" چون بہ خلوة مي روند، آن کار ديگر مي کنند" .

شاهہ صاحب پنهنجي مذهبي عقيدن بيان ڪرڻ کان پوءِ لکي ٿو تہ " پر ڪجهہ وقت کان پوءِ مختلف مذهبن جي ماڻهن سان بحث مباحثي ڪرڻ، جدا جدا مذهبي ڪتابن جي مطالعي ۽ غور ۽ فڪر ڪرڻ بعد آهستي آهستي ٿي، انهيءَ خوش اعتقادي جي آهني ديوارن ۾ شڪن جا شگاف پوڻ لڳا. جن جو تفصيلي احوال پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني ڪاتب ۾ درجو ڪيو اٿم" . (صفحہ ١)

مان ٿو چوان تہ اوهان جن امورکي شريعت سمجهي ۽ انهن تي انتهاپسندي سان عمل ڪيو، ان جو لازمي نتيجو نڪرندو تہ اوهان جي بقول خوش اعتقادن جي آهني ديوارن ۾ تہ مولانا ابوالڪلام آزاد احمد جي زندگيءَ ۾ بہ سندس لکڻ مطابق هڪ اهڙو دور آيو هو جو هر قسم جي پابندي کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ڪري پاڻ کي " آزاد" ڪوٺائڻ لڳو. پر ڪجهہ وقت کان پوءِ قرآن ۽ سنت جي براهہ راست مطالعي بعد دين جو صحيح فهم حاصل ٿيس جنهن ڪري هندستان جا مسلمان اڄ سوڌو هن کي " امام الهند" جي لقب سان ياد ڪندا آهن. علامہ اقبال مرحوم بہ ڪنهن زماني ۾ مسلمانن جي عام جاهليت وارن عقيدن کي ڏسي تشڪيڪ جو شڪار ٿيو هو، پر پوءِ عربي پڙهي پاڻ قرآن ۽ سنت جومطالعو ڪيائين تہ نتشي حاصل ٿيس. ان ڪري جرمني جي مشهور فلسفي شاعر نشي جي متعلق پنهنجي هڪ شعر ۾ چوي ٿو:

" اگر هوتا وه مجذوب فرنگي اس زمانے مين
تو اقبال اس کو سمجهاتا مقام کبريا کيا هے"

سائين جي . ايم . سيد صاحب جي نام نهاد مذهبي ڳالهين تي مٿي تفصيل سان قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ بحث ڪيو ويو. ان مان قارئين اندازو ڪيو هوندو ته جن عقيدن ۾ صاحب موصوف جو ويساهه ويٺل هو، انهن مان ڪيترائي اسلام جي خلاف آهن. جو شخص يارهين ۽ عرس وغيره ڪرڻ کي اسلام سمجهي ته اهڙي شخص جي عقيدن ۾ لوڏي اچڻ تي ڪنهن کي به اچرج نه ٿيڻ کپي.

"گر مسلماني همين است که سيد دارد
وائے گردر پس امروز بود فردائے"

في الحقيقت اڄڪلهه جي دور ۾ نئين نسل جي ذهين طبقي ۾ اسلام جي خلاف عام بيزاريءَ جو سبب به اهي خلاف اسلام عقيدا آهن. هنن ويچارن کي مذهب جي ڪابه واقفيت ڪانه هوندي آهي. رڳو ڏکي تي ڪم هوندو اٿن. افسوس جو سائين جي . ايم . سيد صاحب جو ڪتاب " پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" اڃا تائين شائع نه ٿيو آهي جو ان کي پڙهي سندس نظريات جي تبديلي متعلق مڪمل پروڙ حاصل ڪجي. پر مان عرض ڪندس ته " جيئن ڏنو آهه مون" ۾ به گهڻو ڪجهه لکيل آهي. خبر نه آهي ته پنهنجي ڪهاڻي وارو ڪتاب سنڌ ۾ شايع ڪرائيندو به الائي نه. مون سندس هڪ ٻئي ڪتاب "پاڪستان جو ماضي حال ۽ مستقبل" جي ڇپيل مهاڳ تي رهبر ڊائجسٽ ۾ تبصرو ڪيو هو جو چئن قسطن ۾ شايع ٿيو. مون کي تازو ڪن دوستن ٻڌايو ته " پاڪستان جو ماضي حال ۽ مستقبل" ڪتاب هندستان ۾ شايع ٿيو آهي. جيڪڏهن اها حقيقت آهي ته پوءِ شايد سندس ڪهاڻي وارو ڪتاب به اتان شايع ٿئي. هندن جي حرفت کي به داد ڏجي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سنڌ جي مسلمانن جو رت چوسيندا هئا. اسان جا ٽپڙ به انهن وٽ گروي رکيل هئا. مسلمانن کي ٻڪن ۾ پاڻي پيياريندا هئا. ڪوبه مسلمان سندن تعليم گاهن ۾ وڃڻ جي جرئت نه ڪندو هو. گورنمنٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻه ۾ پندرهن سو شاگردن مان ڪل ١٥ يا ٢٠ مسلمان پڙهندا هئا سي به ڪامورن جا ٻار. تقريبا سڄي سنڌ ۾ به ساڳي حالت هوندي هئي. وڪيل به هندو، واپاري به هندو، ڊاڪٽر به هندو ته پروفيسر به هندو ۽ آبادي جي لحاظ کان اڪثريت مسلمانن جي. سول ڪورٽن ۾ اهي ني واٽيا ٻنديون ڪٽي مسلمانن تي قرض اڳاڙڻ جون دعوائون ڪندا هئا. غريب سنڌي ابوجهه مسلمانن کان ڏوڪڙ وٺي پاڻ قبولي توڙي ناقبولي زمينون خريد ڪري سنئين فارم ۾ پنهنجو ڪاتو چاڙهائيندا

هئا. مسلمانن جي جائز سياسي مطالبي جي هرويرو خدا ڪارڻ مخالفت ڪندا هئا. سائين جي. ايم. سيد صاحب " سنڌ جي بمبئي کان آزادي" واري ڪتاب ۾ خود اعتراف ڪيو آهي ته هندن سنڌ جي بمبئي کان جدائي جي ڪيتري نه مخالفت ڪئي هئي ۽ علامہ اقبال سنڌ جي مسلمانن جي پرزور حمايت ڪئي. سنڌ ۾ هندو ڇوڪرا اڄڪلهہ سنڌي ڏريس پائين ٿا پر اسين پڇڻ ٿا گهرون تہ هندستان ۾ رهندڙ سنڌي ڇو نٿا پروچڪي ٽوپي يا اجرڪ پائين؟ مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ مولانا حسين احمد مدني ڪانگريس ۾ شامل ٿي وطن جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪئي هئي ۽ ڪيترا سال انگريز سامراج جي جيلن ۾ رهيا. احمد آباد ۽ بڙودا ريڊئي ۾ ڪڏهن بہ هنن جو ذڪر نہ ٿيندو آهي پر هندستان جا نشرياتي ادارا هينئر سنڌي ليڊرن کي اهميت ڏيئي سندن ڪتاب شايع ڪري اسان جون همدرديون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پر اسان کي سندن ظلم وسريل نہ آهن. اسين سمجهون ٿا تہ هاڻيءَ جا ڏيکارڻ جا ڏند هڪڙا ۽ کائڻ جا ٻيا. " ٻاهر منجهہ خليل اندر آزر آهئين"

شاهہ سائين اڳتي لکي ٿو تہ. " هتي هي ظاهر ڪرڻ ڪافي ٿيندو تہ سرسيد احمد خان جي مذهبي نظرين، ٻين مذهبن جي عقائد جي معلومات، تاريخ ۽ فلسفي جي مطالعي،ميٽيرلزم جي نظريہ جي واقفيت ۽ مجازي عشق جي مرحلن بعد منهنجي عقيدن ۽ معلومات ۾ گهڻو ڦيرو آيو آهي" (صفحہ٢)

شاهہ صاحب جي عقيدن ۽ معلومات ۾ ڪيئن ڦيرو آيو آهي، حوالہ مذڪوره ۾ ان جو تفصيل سان ذڪر ڪيو اٿس. مان هڪ هڪ جي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. شاهہ سائين لکي ٿو تہ سرسيد احمد خان جا مذهبي نظريا بہ هن تي اثر انداز ٿيا آهن. خبر نہ آهي سيد صاحب سرسيد احمد خان جي مذهبي نظرين کان چڱيءَ طرح واقف بہ آهي يا نہ! سرسيد احمد خان جا مذهبي نظريا سندس ٺي لکيل ڪتابن ۾ موجود آهن. مان انهن جي ڀيٽ شاهہ سائين جي مذهبي نظرين جي " جيئن ڏٺو آهہ مون" ۾ بيان ڪيا اٿس، ڪري ثابت ڪندس تہ ٻنهي جي خيالن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. سرسيد احمد خان پنهنجي رسالي "تهذيب الاخلاق" ۾ نهايت ئي صراحت سان پنهنجن عقيدن کي بيان ڪيو آهي. جناب محمد اسماعيل پاڻي پتي انهن کي گڏ ڪري " مقالات سرسيد" جي عنوان سان ڇپرايو آهي. مقالات سرسيد جو ١٣ جلد سموري جو سمورو سرسيد جي ذاتي عقائد تي مشتمل آهي. ان کان علاوه سرسيد جي سوانح نگار خواجہ الطاف حسين حالي بہ سندس عقائد جي متعلق

پنهنجي ڪتاب " حيات جاويد" ۾ لکيو آهي. انگريزي زبان ۾ سرسيد جي مذهبي فڪر متعلق جناب بشير احمد صاحب ڊار پنهنجي ڪتاب (The Religious thought of Sir Syed Ahmad Khan) ۾ روشني وڌي آهي. هاڻي مان هيٺ اسلام جي بنيادي عقيدن بابت جناب جي - ايم - سيد صاحب جي ڪتاب " جيئن ڏٺو آهہ مون" مان سندس رايا پيش ڪندس ۽ ساڳين عقيدن بنسبت مرحوم سرسيد احمد خان جا رايا بہ "مقالات سرسيد" مرتب: مولانا محمد اسماعيل پاڻي پتي مان نقل ڪري پنهي جو موازنہ پيش ڪندس ۽ پوءِ پڙهندڙن تي انصاف ڇڏيل آهي.

اسلام مڪمل دين آهي ۽ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو دين سچو نہ آهي

مٿيون عقيدہ اسان مسلمانن ۾ متفق عليہ آهي. ڇو جو ان لاءِ قرآن مجيد ۾ چيل آهي تہ: " اليوم اڪملت لڪم دينڪم" يعني اڄ مون (الله) اوهان لاءِ اوهان جي دين کي مڪمل ڪيو. ٻئي هنڌ قرآن ۾ آهي تہ " ان الدين عند الله الاسلام" تحقيق اسلام ئي خدا وٽ مقبول دين آهي. وڌيڪ تہ: " ومن يبتغ غير اسلام دينا فلن يقبل منہ" جيڪو اسلام کان سواءِ ٻئي ڪنهن دين جي طلب ڪندو تہ سندس اهڙي طلب قبول نہ ٿيندي. سائين جي - ايم - سيد صاحب قرآن مجيد جي مٿين آيتن کي ڪوڙو سمجهي پنهنجي ڪتاب ۾ هر هر ان عقيدي جو مذاق اڏائي ٿو ۽ ان کي حڪمران گروهہ جي اسلامي تشريح سڏي ٿو. لکي ٿو: " هن اسلام کي آخري، مڪمل ۽ عالمگير دين تسليم ڪيو ٿي، جنهن جي رائج ٿيڻ بعد اڳوڻا سڀ مذهب منسوخ ۽ خارج ٿي ويل سمجهيائون ٿي." (صفحہ ٩٥)

هاڻي اچو تہ هن بنيادي عقيدي بابت سرسيد احمد خان جي راءِ معلوم ڪريون. سرسيد احمد خان جي زماني ۾ مولانا الحاج سيد علي بخش خان "تائيد الاسلام" نالي هڪ ڪتاب لکي سرسيد جي عقائد تي حملا ڪيا هئا. ان جو مفصل جواب سرسيد صاحب ڏنو آهي. سرسيد لکي ٿو: " جناب سيد الحاج (مولوي علي بخش) ارقام فرماتے هين کہ مجموعہ اسلام ميرے نزديک خلاف مرضي الاهي هے .نعوذ باالله من هذہ الڪلمات ڪبرت ڪلمة تخرج من افواههم ان يقولون الا ڪذبا - ميرے نزديک ڪوئي مذهب سوائے مذهب اسلام کے مطابق مرضي الاهي کے نهين هے" (مقالات سرسيد صفحہ ٩ جلد ١٣)

هن عقيدي جي وڌيڪ وضاحت ڪندي، سرسيد لکي ٿو: " جناب سيد الحاج (يعني مولوي علي بخش) فرماتے هين ڪہ ميرے نزديڪ علاوه مذهب اسلام ڪے دوسرے مذاهب بهي سچے هوسڪتے هين. مين نهين جانتا ڪہ يہ مطلب سيد الحاج نے ڪهان سے استنباط فرمايا هے. ميرا تو يہ مذهب هے ڪہ مذهب اسلام هي سچا مذهب هے اور جو مذهب سچا هوگا وه اسلام هي هوگا" (ڪتاب مذڪوره صفحہ ٢١)

٢: بهشت، دوزخ ۽ قيامت متعلق عقيدا

هن سلسلي ۾ قرآن ۽ حديث ۾ واضح احڪام آهن تہ اهي ٽيئي شيون برحق آهن گذريل چوڏهن سو ورهين ۾ ڪنهن بہ ڪلمي گو مسلمان ان عقيدي کي باطل نہ ٺهرايو پر سائين جي - ايم - سيد صاحب ان کي ملا جي خود ساختہ تشريح سمجهي انڪار ڪري ٿو. لکي ٿو: " مثلا ملا واري تشريح موجب اسلام جا جيڪي مکيہ عقيدا ۽ دستور ليکجڻ ۾ اچن ٿا سي هيٺيان آهن.

خلقت انسان، حيات بعد الممات، عالم برزخ، روز قيامت، پل صراط، ميزان، بهشت ۽ دوزخ جا عقيدا" (صفحہ ٣)

بهشت،دوزخ ۽ قيامت کي نہ مڃڻ جو الزام سيد الحاج سرسيد تي بہ مڙهيو هو ۽ الزامن جي طويل فهرست مان هڪڙي هيءَ بہ هئي. " "يا بهشت و دوزخ اور قيامت آنے ڪا منڪر هوجانا" (صفحہ ۴) سرسيد جي طرفان لکيل عربي جملي جي معنيٰ ٽيندي تہ چونڊڻ ۽ اهڙي عقيدي رکڻ واري تي خدا جي لعنت پوي. مولوين سرسيد احمد خان تي ڪفر جون فتوائون ڏنيون هيون. مدرسہ دارالعلوم ديوبند جي باني حضرت مولانا محمد قاسم نانوتوي وٽ مذڪور فتويٰ دستخط لاءِ پهتي هئي. مولانا عليہ الرحمۃ سرسيد جي عقيدن معلوم ڪرڻ لاءِ ڪيس هڪ خط لکي هيٺيان سوال پڇيا، جي سرسيد جي جوابن سان گڏ نقل ڪجن ٿا.

(١) سوال: خدا ڪي نسبت آپ ڪا جو عقيده هو وه بهت مختصر طور پر چند لفظون مين لکهہ دين.

جواب: خدا تعاليٰ ازلي، ابدي، مالڪ اور صانع تمام ڪائنات هے.

(٢) سوال: حضرت نبي ڪريم محمد صلي الله عليہ وسلم ڪے متعلق آپ ڪيا عقيده رکهتے هين؟

جواب:۔ بعد از خدا بزرگ توئي قصہ مختصر.

سوال:۔ قيامت ڪي بابت آپ ڪے خيالات ڪيا هين؟

جواب:قيامت برحق هے - (مقالات سرسيد صفحہ ٥٢).

سرسيد احمد خان جي طرفان مٿيان جواب ملڻ بعد مولانا محمد قاسم نانوتوي عالمن کي چيو: " کيا تم ايسے شخص کے کفر پر مجھ سے دستخط کرانا چاھتے ھو جو پکا مسلمان ھے ؟ جاؤ مين قيامت تک اس فتوے پر دستخط نہ کرونگا" (صفحہ ٥٣)

ياد رهي تہ مولانا نانوتوي دارالعلوم ديوبند جو مؤسس ۽ تمام ديوبند علماء جو پيش امام آهي. هن جو لکيل کتاب " تحذير الناس" وڏي علمي حيثيت رکي ٿو. سائين جي - ايم سيد صاحب جي لکڻ مطابق تہ سرسيد جا مٿيان عقيدا بہ ملا جي تشريح آهي. شاهہ سائين اسلام جي باقي بنيادي اصولن: روزو، نماز، زکواة ۽ حج جو بہ منکر آهي ۽ ان کي ملا جو تشريح دين سمجهي ٿو. ۽ انهن کي عرب جي ايام جاهليت ۽ وحشيانہ دور جي مذهبن مان اخذ ڪيل عقيدا ۽ دستور سمجهي ٿو. (ڏسو سندس زير تبصره ڪتاب صفحہ ١٠٤) هاڻي اسلام جي انهن بنيادي رڪنن بابت سرسيد احمد خان جي راءِ بہ ملاحظہ ڪيو جي هن سيد الحاج جي جواب ۾ لکيا آهن. معترض مولوي روزي جي متعلق سرسيد تي الزام هنيو. مثلاً روزه تيس روز کا بالخصوص رمضان مين وه بھي گرمي کے موسم مين فرض نہ ٹھرے گا! سرسيد جواب ۾ لکي ٿو " لعنة الله عليٰ قائلہ وعليٰ معتقده (چوندڙ ۽ اهڙي عقيدي رکندڙ تي خدا جي لعنت) ميرا يہ قول اور عقيده نهين ھے جتنے کہ روزے فرض اور سنت هين وه بالکل نيچر کے مطابق هين. " (مقالات سرسيد صفح ٤٤).

نماز ۽ زکواة:

نماز جي متعلق مولوي صاحب سرسيد تي الزام هڻي ٿو تہ سرسيد نماز جي متعلق هي عقيده رکي ٿو. " صلواة سے مراد مطلق دعا پڑه ليني هوگي اور وه بھي واسطہ ادائے فرض کافي ھے باقي جو ترکيب صلواة پنج گانہ کي مقرر ھے وه اصول مخترعہ و فقہ محدثہ و احاديث موضوعہ و اجماع مردوده کا اتباع ھے اور اس کا نام کفر ھے. " سرسيد جواب ۾ لکي ٿو، " لعنة الله عليٰ قائلہ وعليٰ معتقده (يعني چوندڙ ۽ اهڙي اعتقاد رکڻ واري تي خدا جي لعنت) نہ ميرا يہ قول ھے نہ ميرا يہ اعتقاد ھے". (صفحہ ٤٥)

حج ۽ ڪعبة الله:

هن مسئلي متعلق مولوي صاحب جي اعتراض جي جواب ۾

سرسيد لکي ٿو. " حج خانه ڪعبه کو مين فرض سمجهتا . من استطاع اليه سبيلا" (صفحه ٤٥)

زڪواة:

زڪواة متعلق مولوي صاحب سرسيد تي الزام مڙهي ٿو " باقي زڪواة اس کي مقدار کے مقرر کرنے اور اس کے مسائل سے فتاوهائے فقيه کا معمور هونا وه هے ظلمت اور ضلالت کفر اور شرک هے" سرسيد جواب ۾ لکي ٿو " لعنة الله عليٰ قائله وعليٰ معتقده . نه ميرا يه قول هے نه ميرا يه اعتقاد" (صفحه ٤٥)

ست آسمان:

قرآن مجيد ۾ ستن آسمانن جو ذڪر آهي ۽ هر مومن مسلمان خدا جي ڪلام کي سچو سمجهي ان تي ايمان رکي ٿو. پر سائين جي . ايم . سيد ستن آسمانن جي وجود کي نه تسليم نٿو ڪري ۽ چوي ٿو ته موجوده سائنس ان کي غلط ثابت ڪيو آهي.انشاء الله ان مسئلي تي اڳتي هلي سائنس جي روشني ۾ بحث ڪندس. هتي موازنه سرسيد ۽ شاهه صاحب جي عقيدن جو آهي. شاهه سائين جي برعکس سرسيد ستن آسمانن جو قائل آهي. آسمانن جي متعلق سائين جي . ايم . سيد لکي ٿو: " آسمان جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو ته ست آهن. جي ڇتين وانگي هڪ ٻئي جي مٿان آهن تن جو موريگو وجود ني نه آهي. (صفحه ١٣٩)

مولوي سيد الحاج ستن آسمانن جي وجود بابت سرسيد احمد خان تي الزام هڻندي لکي ٿو " آيت "خلق سبع سماوات طباقا" سے مراد سات آسمان نهين هين بلکہ وه آيت علوم جديد. کے خلاف هے" سرسيد جواب ڏني ٿو. " يه اعتقاد جناب سيد الحاج کا هے ميرے اعتقاد مين تو علوم جديده بلکل اس آيت سے مطابق هين" (صفحه ٤٦ مقالات سرسيد).

مون مٿي شاهه صاحب ۽ سرسيد احمد خان جي مذهبي عقيدن جي وضاحت ٻنهي جي تحريرن مان ڪني آهي. ان کي پڙهي هر شعور وارو شخص هيءُ راهه رکندو ته سائين جي . ايم . سيد جي بيان ڪيل معيارن مطابق سرسيد احمد خان به ملو آهي. ان ڪري سندس اهو لکڻ ته سرسيد احمد خان جي مذهبي نظرين ٻه هن جي عقيدي ۽ معلومات ۾ گهڻو ڦيرو آندو. گستاخي معاف! محض گپوڙ آهي.

جيڪڏهن هو سرسيد جي مذهبي عقيدن جو مطالعو بہ ڪري ها تہ پنهنجي تائيد ۾ هن جو نالو هرگز پيش نہ ڪري ها. هن هڪڙي مثال مان اوهان اندازو لڳايو هوندو تہ ڪتاب ۾ اهڙا ڪيئي گهوڙا هوندا. انشاءَ الله مان انهن جي نشاندهي جي ڪوشش ڪندس.

شاهہ سائين لکيو آهي تہ پين مذهبن جي عقائد جي معلومات حاصل ڪرڻ بعد هن جي عقيدن ۾ گهڻو ڦيرو آيو آهي، جواب ۾ عرض ڪندس تہ ان لاءِ اوهان ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پڙهيا آهن؟ " جيئن ڏنو آهہ مون" جي مطالعي کان پوءِ مون محسوس ڪيو تہ اوهان جي هن شعبہ يعني اديان جي تقابلي مطالعي (Comparative Study of Religion) تي ڪا بصيرت نہ آرڪو. جيڪڏهن اوهان جو ان سلسلي ۾ ڪو مطالعو هجي ها تہ ان جي جهلڪ ضرور ڪتاب ۾ پسجي ها. هن فن بابت مغرب ۾ عمدا ڪتاب لکيا ويا آهن. مثلا جان مرفي (Murphy) " مذهبن جي اصليت ۽ سندن تاريخ" (The origins and History of Religions) تي هڪ ڪتاب ١٩٤٩ع ۾ لکيو آهي مذهبن جي تقابلي مطالعي بسنت ڪافي روشني وجهي ٿو. اسپيجلبرگ (Fredric Spiegelberg) جو ڪتاب " دنيا جا موجوده مذهب " (Living Religions of the World) جو ١٩٥٧ع ۾ برطانيہ مان شايع ٿيو، پڙهڻ وٽان آهي. ١٠٤٧ع ۾ پرسٽن يونيورسٽي پريس مان مسٽر هورگي (J _ Jurgi) " جديد دنيا جا وڏا مذهب" (The great Religions of the Modern World) نالي هڪ جامع ڪتاب شايع ڪرايو آهي. افسوس ۽ صد افسوس جو هن قسم جي قيمتي لٽريچر هوندي بہ شاهہ سائين ان جي پڙهڻ جي ڪا تڪليف گوارا نہ ڪئي ۽ رڳو ٽوٽڪا ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون لکي ويهي رهيو. بنيادي ڳالهہ تہ جو شخص پنهنجي مذهب کي سمجهي نہ سگهيو اهو پين جي مذهبن کي خاڪ سمجهندو!

شاهہ سائين اڳتي لکي ٿو. " تاريخ ۽ فلسفي جي مطالعي مٽيرلزم جي واقفيت ۽ مجازي عشق جي مرحلن بعد منهنجي عقيدن ۽ معلومات ۾ گهڻو ڦيرو آيو آهي" (صفحہ ٢)

شاهہ سائين جيڪڏهن تاريخ ۽ فلسفي جي مطالعي جي هام هڻي ٿو تہ ان کان ڪير ڪوبہ روڪي نٿو سگهي، البت اهل علم سندس ڪتاب پڙهي تاريخي ۽ فلسفيانہ مسائل جي تشنگي ضرور محسوس ڪندا. خبر نہ آهي تہ هن اوير توڙي اولهہ جي ڪهڙن تاريخ دانن کي پڙهيو آهي. پاڻ چاهين ها تہ علامہ ابن خلدون جي مقدمي ۽ پنڊت جواهر لال نهروءَ جي انگريزي ڪتاب " دنيا جي تاريخ جي جهلڪ" (The Glimses of World History) کي پڙهي پيا سگهن،

انهن ڪتابن ۾ به سندس موضوع متعلق گهڻو ڪجهه لکيل آهي. پنهنجي ڪتاب جو بنياد ئي تصوف تي بڌو اٿس. پر ڪيس هن علم جي تاريخ جو به ڪو پتو ڪونه آهي. پنهنجي ڪتاب ۾ رڳو ڏکي ڪان ڪم ورتائين. هونءَ ته هن علم بنسبت ڪيئي ڪتاب لکيا ويا آهن، پر علامه ابن خلدون پنهنجي مقدمي ۾ درياهه کي ڄڻڪ ڪوزي ۾ بند ڪيو آهي.

علامه موصوف مقدمه جو يارهون باب " الفصل الحادي عشر في علم التصوف" (يعني علم تصوف بابت) لکيو آهي جو اصل عربي نسخي جي صفحي ۴۶۷ کان شروع ٿي ۴۷۵ تائين ختم ٿئي ٿو. شاهه ولي الله صاحب جو ڪتاب " همعات" به علم تصوف ۾ خاص مقام جو مالڪ آهي. تنقيدي لٽريچر ۾ علم تصوف تي ڪافي ڪتاب ڇپيا آهن، جن مان حافظ ابن قيم جو ڪتاب " مدارج السالڪين" بينظير ۽ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. انشاء الله مان علم تصوف جي متعلق انهن ڪتابن جي مدد سان ڪافي روشني وجهندس. هتي فقط هي عرض ڪرڻو آهي ته شاهه سائين جو اهو لکڻ ته هن تاريخ جو مطالعو ڪيو آهي، حقيقت جي ابتڙ آهي. مغربي مؤرخن مان پروفيسر آرنالڊ ٽائن بي (Arnold Toynbee) وڏيءَ شهرت جو مالڪ آهي. هن " تاريخ جو مطالعو" (A Study of History) ڪيترن جلدن ۾ لکي پوري جڳ کان خراج عقيدت حاصل ڪيو آهي. پر خاص مذهب جي موضوع متعلق هن ۱۹۵۲ع کان وٺي ۱۹۵۳ع تائين ايڊنبرگ (Edinburgh) يونيورسٽي ۾ ليڪچر ڏنا هئا، جي بعد ۾ " هڪ مؤرخ جو مذهب متعلق گفت وشنيد" (An Historian,s approach to Religion) نالي ڪتابي شڪل ۾ ۱۹۵۶ع ۾ شايع ٿيا. ههڙي علمي ڪتاب مان به شاه صاحب استفاده نه ڪيو آهي ته پوءِ مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته تاريخ ۾ قبله سائين ڇا پڙهيو؟ بس! جيئن سرسيد احمد خان ۽ ٻين مذهبن جي موضوع متعلق مطالعي جي دارُ جو به ساڳيو حشر آهي! رهي ڳالهه فلسفي جي مطالعي جي ته ان لاءِ به منهنجي ساڳي گذارش آهي. ڪوبه ادنيٰ فلسفي جو طالب علم شاهه سائين جو هي ڪتاب پڙهي يڪدم مايوس ٿي ويندو. هن دعويٰ جي حيثيت به محض گهوڙي وانگي آهي. برٽرانڊ رسل جي لکڻ مطابق جديد فلسفي جي شروعات ڊڪارٽ (Descartes) ڪئي هئي. جنهن کي موجوده مغربي فلسفي جو باني ڪوٺيو ويندو آهي. جو خدا جي وجود جو وڏو قائل هو. هي صاحب فرانس ۾ ۱۵۹۶ع ۾ پيدا ٿيو هو ۽ ۵۴ ورهين جي عمر ۾ سنه ۱۶۵۰ع ۾ وفات ڪيائين. هن کان پوءِ اڄ تائين مغربي دنيا ۾ ڪيئي

فلاسفر پندا ٿيا جن هن موضوع تي اٿاه لٽريچر پيدا ڪيو. پروفيسر ولڊيورانٽ جو ڪتاب (The Story of Philosophy) ۾ مغرب جي ممتاز فلسفين جا ڪارناما ۽ تحقيقون پيش ٿيل آهن. يا برٽرانڊ رسل جي ڪتاب " فلسفہ جو خاڪو" (An Out Line of Philosophy) ۾ جديد مغربي فلسفي جي سمجهاڻ جي بهترين ڪوشش ڪئي وئي آهي. اوهان ڏسندا تہ جن فلسفيانہ مسائل جا بحث انهن ڪتابن ۾ ٿيل آهن، تن جو مورڳو ذڪر ئي شاهہ صاحب جي ڪتاب ۾ ٿيل نہ آهي.رڳو آئڊلزم ۽ ميٽيرلزم جي نالي سان فلسفي جي ڄاڻ ۽ مطالعہ جي دعويٰ ڪرڻ غلط آهي. فلسفي ۽ منطق جي بنيادن تي بہ مذهب جي خلاف ڪتاب لکيا ويا آهن.جيئن مون ابتدائي صفحن ۾ فيوئرباخ جي ڪتاب"جوهر عيسائيت" ۽ برٽرانڊ رسل جي ڪتاب " مان ڇو عيسائي نہ آهيان" جو ذڪر ڪيو آهي.

ثابت ٿيو تہ شاهہ سائين جي اها دعويٰ تہ فلسفي جي مطالعي ڪري هن جي خيالن ۾ ڦيرو آيو،غلط آهي. زير تبصره ڪتاب ۾ ڪي بہ فلسفيانہ بحث نہ ڪيا اٿس جنهن جي پڙهڻ سان اهو معلوم ٿي وڃي تہ واقعي شاهہ سائين فلسفہ جو شاگرد آهي.

شاهہ سائين جي عقيدن ۽ معلومات ۾ ڦيرو آيو ان جو آخري سبب مجازي عشق جي مرحلن کي ڄاڻائي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ پنهنجي هڪ ٣٥ سال اڳ لکيل مضمون جو حوالو ڏئي ٿو.

"جيئن ڏنو آهہ مون" ١٩٦٨ع ۾ ڇپرايائين. سندس مضمون "مجازي مرحلا" ٣٥ سال اڳ يعني ١٩٣٣ع ۾ لکيائين. اهو مضمون کهڙيءَ اخبار، رسالي يا ماهوار ۾ ڇپيو. ان متعلق ڪجهہ بہ لکيل نہ آهي. سندس انڪشاف مطابق مجازي عشق بعد ۾ نظريہ جي شڪل اختيار ڪئي. ان جي وضاحت ڪندي لکن ٿا. " ڪجهہ وقت ڪان پوءِ وري مجازي عشق بيءَ صورت ۾ منهن ڏيکاريو. اڳي فرد (جزوي صورت ۾) منهن ڏيکاري ڪشش ڪئي هئائين،هاڻي هڪ نظريہ جي شڪل ۾ ڪشش پيني ڪيائين. اڳي مارئي ڪيت جي درد فراق ۾ مبتلا هئي، هاڻي ڪيت جي عوض مارن جي ياد اچڻ لڳي هئس. مارئي جا مارو ٿر جا ڄاول سندس هم قوم هئا. منهنجا مارو سنڌ ديس جا رهاڪو سنڌي هئا. اها مجازي مرحلي جي ارتقا هئي. مجاز ساڳيو هو، پر ان جو تصور ۽ ڪشش جدا نموني جا هئا. محبت جو جوش ۽ اڪير ساڳيا هئا......نشا ۽ خمار ساڳيا هئا پر ساقي بدليل هئا" (ص ٢ - ٣)

فردي صورت ۾ مجازي عشق جو اعتراف شاهہ سائين جي عظمت جو دليل آهي. پنهنجي پرائيوٽ معاملن کي پبلڪ جي آڏو

ظاهر ڪرڻ وڏي جرئت آهي جو هرڪو ماڻهو ڪري نٿو سگهي. ان ڪري شاهه سائين جو شمار روسو، مهاتما گانڌي ۽ برٽراند رسل جهڙين شخصيتن سان ڪري سگهجي ٿو. ڇو جو انهن ٽنهي ماڻهن پنهنجن خانگي معاملن کي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪا هٻڪ محسوس نه ڪئي. فرانس جو انقلابي مفڪر روسو پنهنجي "اعترافات" (Confessions) ۾ هڪ بداخلاق پادريءَ جو ذڪر ڪري ٿو جنهن ننڍي ڄمار ۾ هن سان بدفعلي ڪئي هئي. مهاتما گانڌي پنهنجي آتم ڪهاڻي (My experiments with truth) ۾ لکي ٿو ته هڪ دفعي هو پنهنجي پيءُ ڪرمچند کي زور ڏيئي هيو هو جو هن ۾ جنسي خواهش پيدا ٿي ۽ هڪدم پنهنجي زال ڪستوراٻائي ڏانهن ويو. برٽراند رسل جي آتمڪهاڻي به نهايت ئي دلچسپ آهي لکي ٿو ته پنهنجي جنسي بک لاهڻ لاءِ هن پندرنهن سالن جي عمر ۾ مشت زني شروع ڪئي ۽ ويهن ورهين جي عمر ۾ هن بري فعل کي ڇڏي ڏنائين. شاهه سائين پاڻ کي صوفي منش درويش سڏي ٿو. مجازي عشق متعلق صوفين جو عقيدو هوندو آهي، ته "المجاز قنطرة الحقيقة" يعني مجازي عشق حقيقي عشق جي پل آهي جنهن ۾ سالڪ انوار و تجليات جامشاهداڪندو آهي. اهڙي حقيقي عشق متعلق مثنوي ۾ عارف رومي چوي ٿو:

شاد باش اي عشق خوش سوداني ما
اي طبيب جمله علتهاني ما
اي تو دعوت نخوت ناموس ما
اي تو افلاطون جالينوس ما"

صاف ظاهر آهي ته شاهه سائين جو مجازي عشق حقيقي عشق جي پل ثابت نه ٿيو. ان ڪري ڪيس صوفي منش درويش چورائڻ جو حق ڪونه ٿو پهچي. هو چوي ٿو ته سندس مجازي عشق جي مرحلن ۾ نظرياتي ارتقا آئي. اها تبديلي ڪيئن منجهس آئي، ان جو ذڪر مٿي نقل ڪيل اقتباس ۾ ڪيو اٿس يعني ڪجهه وقت کان پوءِ مجازي عشق وري پيءُ صورت ۾ اڇي منهن ڏيکاريو. اڳي فردي شڪل ۾ هاڻي نظرياتي شڪل ۾ ڪشش پئي ڪيائين. پنهنجي حقيقي عشق جو مثال مارئي جي فراق سان ڏيندي لکي ٿو " اڳي مارئي ڪيت جي درد فراق ۾ مبتلا هئي. هاڻي ڪيت جي عوض مارن جي ياد اچڻ لڳي هيس. مارئي جا مارو ٿر جا ڇاول سندس هم قوم هئا. منهنجا مارو سنڌ ديس جا رهاڪو سنڌي هئا" (صفحه ٢) مٿين سٽن لکڻ سان شاه سائين اسان سنڌين کي ٻڌائي ٿو ته هن جي مجازي عشق

جي ارتقا سنڌ ديس ۾ ان جي رهاڪن سان محبت ڪرڻ ۾ ٿي. حقيقت هي آهي تہ شاھ سائين تصوف جي ٻہ پاڙ پٽي ڪڍي آهي. ان ڪري منهنجي خيال ۾ سنڌ جا صوفي احتجاج ڪرڻ ۾ حق بجانب آهن. صوفين جو قول جيئن مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ "المجاز قنطرة الحقيقة" مجازي عشق حقيقي عشق جي پل آهي. شاھ سائين سرڳواسي ڊاڪٽر گربخشاڻي کي بہ مات ڏيئي ويو جنهن "مقدمہ لطيفي" ۾ المجاز قنطرة الحقيقة نسبت وڏو بحث ڪيو آهي.

مان حيران آهيان تہ شاھ سائين غلط بياني ڪان ڇو ٿو ڪم وٺي؟ مثلاً مٿيون مضمون "مجازي مرحلا" بقول سنڌس جي ٣٥ سال اڳ لکيائين. مون حساب لڳائي لکيو آهي تہ زير تبصره ڪتاب ١٩٦٨ ۾ ڇپرايائين. ان حساب سان سنڌس ٣٥ سال اڳ لکيل مضمون ١٩٣٣ع ڌاران ڇپيو آهي. گويا پنهنجي پڙهندڙن کي ٻڌائي ٿو تہ ١٩٣٣ع ۾ هن مجازي عشق نظرياتي شڪل اختيار ڪئي ۽ اها آهي سنڌ ۾ سنڌس رهواسين سان محبت ڪرڻ جي، جنهن کي هو پنهنجا مارو سڏي ٿو. دستاويزي ثبوت موجود آهي تہ شاھ سائين جي اها دعوي غلط آهي. ١٩٣٣ع کان بعد جون سنڌس اهڙيون تحريرون موجود آهن، جن جي پڙهڻ مان صاف ظاهر ٿو ٿئي تہ مجازي عشق جي چڪر ۾ ڪنهن ليليٰ لاءِ مجنون هو يا ڪنهن سسئي لاءِ پنهون. بس ان کان وڏيڪ سنڌس عشق جي نظرياتي ارتقا جي ڪا ثابتي ڪانہ ٿي ملي. مان هت سنڌس تحرير نقل ڪري ڪيس نهايت ئي احترام ۽ ادب سان گذارش ڪندس تہ مهرباني ڪري "جيئن ڏٺو آھ مون" جي ٻئي ايڊيشن ۾ ترميم ڪري عشق جي ارتقا واري عبارت حذف ڪري ڇڏي. ورنہ اهو تضاد ماڻهو هميشہ محسوس ڪندا. مارچ ١٩٧٠ع ۾ سائين جي. ايم. سيد "خط ۽ مضمون" نالي هڪ ڪتاب شايع ڪرايو آهي جنهن ۾ ١٩٢٧ع کان ١٩٥٨ع تائين جناب پير علي محمد راشديءَ جا شاھ صاحب ڏانهن لکيل خط شايع ٿيا آهن. ڪتاب جي صفحہ ٢٨ تي پير صاحب جو خط مورخہ ٩ سيپٽمبر ١٩٣٧ع جو نقل ٿيل آهي. هي نهايت ئي هڪ دلچسپ خط آهي جنهن ۾ پير صاحب ڪيس محبت بابت نصيحتون ڪيون آهن. ناظرين ڪرام کي گذارش آهي تہ خط جو اڀياس ڪن ۽ ساڳئي وقت صفحہ ٣٢ تي سائين جي. ايم. سيد جو خط بہ پڙهڻ وٽان آهي. هي خط جي. ايم. سيد صاحب ١٩٣٧-٩-١٦ تي پير صاحب جي خط جي جواب ۾ لکيو آهي. قارئين جي لچسپي خاطر شاھ سائين جي خط جا چند ٽڪرا نقل ڪجن ٿا.

٣٧-١٩-٩-١٦ ع برادرم عزيز خط پهتو. ڀيرين پنهنجي

محبت واري معاملي نسبت اوهان جي صلاحن جي جواب ۾ ڪجهه لکان ٿو. منهنجي محبت جوتجزيو محدود ۽ تنگ دائري اندر واقع ٿيو. آءٌ ستن سالن جي عمر ۾ پرڻيو هوس. منهنجي اوائلي زندگي قديم ماڻهن جي اثر ۾ محبت ڪري نهايت پرهيزگار پڻي رهي آهي. جنهن نقطي نگاهه کان ڪنهن به نامحرم عورت ڏانهن نهارڻ، ان سان ملڻ ۽ صحبت رکڻ گناهه ليکيو ويندو آهي. انهن اثرن اڪثر منهنجي فطري جذبات کي محدود رکي اسرڻ نه پئي ڏنو آهي تنهن ڪري هن نينهن لڳڻ بعد آءٌ منڌل پئي رهيو آهيان. دوست جي ڪشش بيشڪ هئي، ليڪن ان ڪشش جو مقصد ۽ مراد معلوم نه هو. هڪ اڻ معلوم آواز اڻ ڏٺي پنڌ ڏي ڪاهيو پئي ويو".

خط جي پڇاڙيءَ ۾ لکي ٿو، "پئي طرف جسماني ڪشش جو دائرو به محدود ۽ عارضي ڏسي "لااحب الافلين" جو نظارو اچيو اکين اڳيان بيهي. ازان سواءِ مذهب سوسائٽيءَ ۽ روايات جون پابنديون به پهاڙ بڻجو سامهون بيهي ٿي رهيون. باوجود انهن سڀني ڳالهين جي اها وچڙندڙ بيماري هئي ۽ هر ڪمزوريءَ جي وقت ۾ وريو عود ڪريو پئي ستايائين. وڌيڪ احوال سن ۾ روبرو ڪبا". (صفحه ٣٣)

شاهه صاحب جي سيپٽمبر ١٩٣٧ ع واري خط پڙهڻ سان صاف معلوم ٿو ٿئي ته مجازي عشق جي ميدان ۾ ڪنهن ليليٰ لاءِ مجنون بڻيو ۽ ان جو سبب هي آهي ته هن جي شادي ستن ورهين جي ڄمار ۾ ٿي هئي جڏهن هو سن بلوغت کي نه پهتو.

قبلا شاهه سائين! سيپٽمبر ١٩٣٧ع جي خط ۾ جزوي صورت ۾ مجازي عشق جو ذڪر اوهان ڪيو ٿا ته مان اها پڇڻ جي جسارت ڪندس ته ١٩٣٣ع ۾ اوهان پنهنجي مضمون "مجازي عشق جا مرحلا" ۾ سنڌ ۽ سنڌ واسين سان عشق جي دعويٰ ڪيئن ڪئي؟ اوهان اهو به نه ٻڌائي سگهيا ته مذڪوره مضمون ڪهڙي رسالي ۾ ڇپيو هو؟ اڄ اسان کي اوهان ٻڌايو ٿا ته اوهان جو مجازي عشق به نظرياتي هو. هن قسم جي غلط بياني کان ڪم وٺڻ توهان جهڙي هڪ صوفي جي شان وٽان نه آهي. جيڪڏهن اسان پارو گنهگار اهڙو ڪوڙ ڳالهائي ته اوهان هڪدم طعنو ڏيندو ته ملا جي شريعت ۾ عمل ڪرڻ وارا رڳو ڪوڙ بڪندا آهن. هاڻي ٻڌايو ته اوهان جهڙي صوفي منش درويش لاءِ اسين ڪهڙي راءِ رکون؟ جيڪڏهن اوهان جي نظرياتي عشق وارو بيان تسليم ڪجي جنهن ۾ ڇاڻايو اٿوته اوهان جا مارو سنڌ ديس جا رهاڪو آهن ته پوءِ اوهان مذهب کان ڇو باغي ٿيا آهيو؟ جو مٿي لکي آيا آهيو ته مجازي عشق جي مرحلن بعد منهنجي عقيدن ۽ معلومات ۾ گهڻو ڦيرو آيو آهي. پنهنجي وطن ۽ ديس وارن

سان محبت ڪرڻ هڪ فطري جذبو آهي ۽ اسلام ان جي مخالفت نٿو ڪري.

رسول الله صلي الله عليه وسلم کي جڏهن ڪفار مڪه تنگ ڪيو ته پاڻ مدينه منوره ڏانهن هجرت ڪيائون. ان جي معنيٰ اها نه آهي ته ڪين پنهنجي آبائي شهر مڪه سان فطري محبت نه هئي جا هر انسان ۾ هوندي آهي. مڪه معظمه کي ڇڏڻ وقت حضور جن فرمايو هو ته، "اي مڪه! تون مون کي دنيا مان سڀ کان زياده عزيز آهين. پر ڇا ڪريان جو تو مڪه جا رهاڪو مون کي هت رهڻ نٿا ڏين".

مشهور صحابي حضرت بلال رضه به مهاجر ٿي مدينه منور ۾ آيو هو. جڏهن مدينه شريف ۾ هڪ دفعي بيمار ٿيو ته مڪه جي هر هڪ شيءِ کي ياد ڪندو هو ۽ اتان جي وادين اذخر ۽ جليل ۾ رات گذارڻ لاءِ تمنا ڪري هيٺيون شعر پڙهندو هو.

الا ليت شعري هل ابيتن ليلة
بفخ و حولي اذخرو جليل
وهل اردن يوما مياه مجنة
وهل تبدو الي شامة وطفيل

معلوم ٿو ٿئي ته هن سلسلي ۾ سائين جي ـ ايم سيد کي اسلامي اصولن جي خبر نه هئي. سندس فڪر مان متاثر ٿي ڪي نوجوان پنهنجي دين سان بغاوت ڪري وطنيت ۽ قوميت ۾ پناهه وٺن ٿا. ان ڪري لازمي آهي ته هن مسئلي نسبت وڌيڪ روشني وجهجي. اسلام به ڪميونزم وانگي جارحانه قوم پرستي جي خلاف آهي. پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته پنهنجي قوم سان محبت ڪرڻ عصبيت آهي. حديث ۾ ٿو اچي ته هڪ صحابي رسول ڪريم صلعم کان پڇيو ته عصبيت ڪهڙي شيءِ آهي! ڇا ڪنهن ماڻهوءَ جو پنهنجي قوم سان محبت ڪرڻ عصبيت آهي؟ رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو ته عصبيت هي آهي جو ماڻهو ظلم ۾ پنهنجي قوم سان ساٿ ڏئي. (ابن ماجه) بيهقي جي روايت آهي ته جي اهل عرب فوجي يا ملڪي خدمتن جي سلسلي ۾ عراق ۽ ايران ۾مقرر ٿيل هئا. انهن کي حضرت عمر ۽ حضرت علي رضه بار بار هي تاڪيدڪندا هئا ته پنهنجي زبان ۽ لهجي جي حفاظت ڪندا ڪريو ۽ عجمي ٻولين نه ڳالهايو. حضرت عمر رضه کي پنهنجي قومي پوشاڪ ۽ ڊريس پائڻ جو بيحد شوق هوندو هو. پاڻ آذربائيجان جي گورنر عتبه بن فرقن کي لکيائون ته خبردار باشند گان آذربائيجان جي پوشاڪ نه پهرجانءِ" قاضي ابو يوسف "ڪتاب الخراج" ۾به اهڙا واقعا نقل ڪيا آهن جن جي پڙهڻ مان صاف معلوم ٿيندو ته اسلام قوميت ۽

سائين جي - ايم - سيد جي الفاظ ۾ سنڌ ديس جي مارن سان محبت ڪرڻ ۾ رڪاوٽ نہ ٿو وجهي. جارحانہ قوم پرستي جو تاريخي تجربو نازي جرمني ۽ فسطائي اٽلي ۾ ٿيو آهي. هٽلر جي آتم ڪهاڻي (Mein Kampf) جو مطالعو ڪري ڏسو جو هن ١٩٢٤ع ۾ جيل جي اندر لکيو. ان ۾ آريا نسل جي فضيلت ۽ غير آرياڻي قوم لاءِ لعنتون بيان ڪيل آهن. پروفيسر آئن اسٽين جهڙو عظيم سائنسدان ان ظلم جو شڪار ٿيو ۽ ڪيس جرمني مان ملڪ نيڪالي ملي. سائين جي ايم سيد کي خبر هوندي تہ آئن اسٽين ڪو رواجي انسان نہ هو. هن جهڙو فاضل جديد تاريخ ۾ پيدا نہ ٿيو. ساڳي حالت يورپنم جي موجد پروفيسر " اوهان" سان ٿي جو پنهنجي ملڪ جرمني مان ان ڪري جلاوطن ٿيو جو آرياڻي نسل سان تعلق نہ هئس. هي جارحانہ قوم پرستيءَ جو نتيجو هو- جنهن ڪري فسطائي اٽليءَ جو بينٽ مسولني چوندو هو تہ " مرد لاءِ جنگ ائين ضروري آهي جيئن عورت لاءِ حمل" . افسوس جو هتي گنجائش نہ آهي جو مان جارحانہ قوم پرستيءَ جا نقصان پڌايان. شاهہ سائين جهڙي هڪ بزرگ سياستدان ڪان وڌيڪ ڪير ڄاڻي سگهي ٿو تہ ٻني عالمي جنگيون قوم پرستيءَ جي ڪري لڙيون ويون. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جيڪو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو، ان ڪان سڀ ڪو واقف آهي. حال ۾ روس جي آنجهاني وزير اعظم خروشچوف جي آتم ڪهاڻي بنام (Khuruscheuve Remmbers) ۾شايع ٿي جنهن ۾ انڪشاف ڪيائين تہ هن جارحانہ قوم پرستيءَ جي جنگ ۾ روس جا ٻہ ڪروڙ ماڻهو مري ويا. گذريل جنگ ڪان پوءِ مارڪسزم جو واڌارو بہ رڳو ان ڪري ٿيو جو ماڻهو قوم پرستيءَ مان تنگ ٿي ويا هئا ۽ سمجهيائون ٿي تہ هن بلا جي ڪري جنگ جهڙي مصيبت ۾ گرفتار ٿياسون. مارڪسزم بين الاقوامي برادري جي علمبردار هجڻ ڪري ڪافي جاذبيت رکي پيو. قوم پرستيءَ جي پهرين لڙائيءَ ڪان پوءِ روس ۾ مارڪسي رياست ايري ۽ ٻي لڙائيءَ ڪان پوءِ چين جهڙي پٺتي پيل ملڪ ۾ مارڪسي رياست قائم ٿي. پر باهمي اخوت جو سبق جيڪو اسلام ڏنو اهو مارڪسزم ۾ موجود نہ آهي. قوم پرستيءَ جي هن لعنت ختم ڪرڻ لاءِ برٽراند رسل سڄيءَ دنيا ۾ هڪ حڪومت (World Govern-ment) قائم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي ۽ ان جو تفصيلي ذڪر پنهنجي ڪتاب (New Hopes for a changing World) ۾ ڪري ٿو. هي ڪتاب جنگ جي خاتمي ڪان پوءِ ڇهن سالن اندر يعني ١٩٥١ع ۾ لکيائين. پروفيسر ٽائن بي مسلمانن کي مشورو ٿو ڏئي تہ اوهان جو مذهب هن جارحانہ قوم پرستيءَ جي خلاف آهي. ان

ڪري مسلمانن مان اها هرگز توقع نہ آهي جو هو اسان جي تنگ نظر جارحانہ قوم پرستيءَ کي اختيار ڪن. دنياڪي هميشہ هڪ عالمگير ڀائيچاري جي ضرورت رهي آهي. پر هن خطرناڪ ائٽامڪ دور ۾ ان جي افاديت ۽ ضرورت کي وڌيڪ شدت سان محسوس ڪيو ٿو وڃي." .

(World and the west _ P _ 35)

اسين سائين جي . ايم . سيد کي يقين ٿا ڏياريون تہ اسان کي بہ سنڌ ۽ سنڌس مارن سان ايترو پيار آهي جيترو اوهان دعويٰ ڪريو ٿا. بلڪ هڪ لحاظ کان اوهان کان بہ وڌيڪ، ڇو جو اسين ان کي باب الاسلام ٿا سمجهون. اسان جو دين ان ڪان منع نٿو ڪري جيئن مون مٿي ان جو تفصيل سان ذڪر ڪيو. پر اوهان ۽ اوهان جي گروهہ کان هڪ سوال پڇڻ ٿو چاهيان،ڇا سنڌ ۽ ان جي مارن سان محبت جي دعويٰ ڪرڻ جي اها معنيٰ ٿيندي تہ هڪ هزار سال اڳ سنڌ جي فاتح غازي محمد بن قاسم کي غاصب ڪوٺيو وڃي ۽ راجا ڏاهر کي قومي هيرو؟ معاف ڪجو! اوهان جي سنڌ سان اهڙيءَ محبت جي دعويٰ خير خواهي نہ آهي.مان ٿو چوان تہ ابن قاسم کان اڳ بہ سنڌ تي ڪاهون ٿيون. مثلا يونان جي سڪندر بادشاهہ لاءِ ڪن تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ اهو سنڌ تي ڪاهہ ڪري آيو هو، پوءِ اوهان اهڙن فاتحن کي ڇو نٿا غاصب ڪوٺيو؟ عربن جي ڪاهہ ڪري اوهان جو ٽولو عربي علوم وغيره کان بيزاري ڏيکاري ٿو تہ پوءِ ڪين ڪهڙو حق ٿو پهچي جو هو يوناني علوم جي ماهرن: ارسطو، افلاطون، فيثاغورث، بطليموس، پلٽومي ۽ هومر جو مطالعو ڪن؟ اوهان عربن ۽ محمد بن قاسم جي خلاف هاءِ گهوڙا ٿا ڪريو، پر انگريز فاتح چارلس نيپئر جنهن اوهان جي بقول عهدنامہ ٽوڙي سنڌ کي فتح ڪيو، ان جي خلاف ڇڪ بہ نہ ٿا ڪجيو؟ ڇا محمد بن قاسم جو اهڙو عهدنامہ ڏاهر سان ڪيل هو جنهن جي هن خلاف ورزي ڪئي هجي؟ عربن جون لکيل تاريخون سنڌ نسبت اوهان وٽ مشڪوڪ آهن، ڇاڪاڻ تہ اها فاتحن جي لکيل آهي تہ پوءِ مان پڇڻ ٿو گهران تہ ڪرنل لئمبرڪ هڪ فاتح قوم جو فرد نہ هئو؟ ان جي لکيل تاريخ ڇو اکين تي؟ ۱۹۴۲ع جي مارشل لا ۾ هي صاحب سانگهڙ ۾ ائڊمنسٽريٽر هو. سنڌس ظلمن جو داستان اوهان خانبهادر محمد حيات جوڻيجہ کان پڇي سگهوٿا جو اڃا تائين بفضل خدا زنده آهي. اوهان پنهنجي هڪ ڪتاب " سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي" ۾ خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي ڪتاب (Sufferings of sindh) جو حوالو ڏنو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي بمبئي کان جدائي متعلق مواد

ڇپيل آهي. هي ڪتابچو مون اصل انگريزيءَ ۾ بہ پڙهيو. ان ۾ سچو تاريخي مواد " مولانا سيد سليمان ندوي جي ڪتاب " تعلقات هند و عرب" مان ورتل آهي جا تحقيق پڻ عرب مؤرخن جي ڪتابن مان ڪيل آهي. ڪهڙي صاحب جو هي پمفليٽ ايڏو تہ اثرائتو ثابت ٿيو جو آخرڪار برطانوي وزير اعظم سر رامسي (Sir Ramsy) منڪڊونلڊ سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪيو. ٻڌايو تہ سيد سليمان جو اسان سنڌين تي احسان آهي يا نہ؟ پوءِ ڇو ان جو ذڪر اوهان جي رسالن ۾ نٿو ڪيو وڃي ۽ پيرومل کي فقط اهميت ٿي ڏجي؟ اوهان کان وڌيڪ ڪير ڄاڻي سگهي ٿو تہ موجوده ويهين صديءَ جي سياست (Peaceful co_ existence) پر امن بقاء باهمي، ڏانهن گامزن آهي جنهن ۾ قومون پنهنجي ماضيءَ جون عداوتون ۽ تلخيون وساري پائيچاري جي فضا کي قائم ڪن ٿيون.

مگر اوهان جي ٽولي جو حال هي آهي تہ هڪ هزار سال اڳ عربن جي ڪاهہ کي سامراجي سازش ٿو قرار ڏئي. هندستان جو مثال وٺي ڏسو، انگريز سامراج هتي ڏيڍ سو سال تائين حڪومت ڪئي، اڻويهين صديءَ جي منڍ ۾ ست سمنڊ پار گوري راڄ خلاف هندستان جو عوام مسٽر گانڌي جي قيادت هيٺ اٿي کڙو ٿيو، انگريزن هن جرم جي پاداش ۾ لکين ماڻهن کي گرفتار ڪيو ۽ انهن جي پٺين تي ڏنڊا وسايا، ڪانگريس جا ڪيترائي ڪارڪن جيل ۾ مري ويا، ماڻهن جو ڄاڻي ٻجهي قتل عام ڪيو ويو. جليانوالا باغ جو ڪوس خاص مشهور آهي.گانڌي، آزاد ۽ نهرو ڪيترا ڀيرا جيل ۾ ويا. ١٩٣٥ع ۾ نهرو جيل جي ڪوٺڙين ۾ بند هو تہ سندس زال ڪملا ٻاني بيمار ٿي پئي. هن کي سوئزرلينڊ جي هڪ اسپتال ۾ داخلا ملي. نهرو کي رهاڪيو ويو فورًا سئزر لينڊ پهتو ۽ اتي ڪملا جو دم پرواز ٿيو. اوهان نهرو جو ڪتاب (Discovery of India) پڙهيو هوندو جنهن ۾ هو ڪملا جو ذڪر ڪهڙي نہ درد ڀري لهجي ۾ ڪري ٿو. ساڳيءَ طرح مولانا آزاد جي زال فاطمہ بيگم .اپريل ١٩٤٣ع ۾ وفات ڪري وئي. مولانا ان وقت احمد نگر جيل ۾ بند هو ۽ بيگم جي وفات جي خبر جيل ۾ مليس. ڇا اها معمولي قرباني آهي!

اهڙا ڪيئي مثال آهن جنجي پڙهڻ سان لڳّ بہ ڪاندارجي ٿا وڃن تہ انگريزن پنهنجي سامراجيت قائم ڪرڻ لاءِ غلامن تي ڪيترا نہ ظلم ڪيا هئا. پر جيئن ئي ١٩٤٧ع ۾ هندستان آزاد ٿيو تہ اتان جي عوام سڀ تلخيون وساري ڇڏيون. انگريزن سان ناتا جوڙيائون. هندستان نہ فقط ڪامنويلٿ جو ميمبر بڻيو پر ان جو آزادي ملڻ کان

پوءِ پهريون گورنر جنرل هڪ انگريز لارڊ مائونٽ بيٽن کي مقرر ڪيو ويو. پر دنيا ۾ شايد اوهان جو ئي ٽولو آهي جو هڪ هزار سال اڳ محمد بن قاسم جي سنڌ تي ڪاهه ۾ عربن جي حڪومت جي خلاف ۲۴ ڪلاڪ هاءِ گهوڙا ڪري ٿو ۽ ان ۾ اوهان سنڌ جي مارن جي خدمت ٿا سمجهو! ذرا افغانستان ۽ هندستان جي تاريخ تي به نظر وجهو. غزني جي بادشاهه سلطان محمود غزنوي هندستان تي ۱۷ ڪاهون ڪيون. پيري پيري سان سوپارو ٿي هندن جي مندرن جا بت ڀڃي واپس وينندو هو. محمود هندن جي سومنات کي به ٽوڙيو. ڇا اها معمولي ڳالهه هئي؟

ان کان پوءِ غوري بادشاهه هندستان جي راجائن سان جنگ ڪئي ۽ آخرڪار سترهين صدي ۾ افغانستان مان احمد شاهه ابدالي، شاهه ولي الله صاحب جي دعوت تي ڪاهي آيو. جنهن کي پاڻيپت جي ٽين جنگ ڪري چوندا آهن. جيڪڏهن هندستان جا ليڊر ۽ عوام اوهان جي ذهنيت جا هجن ها ته ڪڏهن افغانن سان نه ٺهن ها. پر اسين ڏسون ٿا ته هندستان جو وڏو ۾ وڏو دوست افغانستان آهي.

پر اوهان جي حالت رحم جوڳي آهي جو اوهان هڪ هزار سال اڳ عرب ڪاهه کي بخشڻ لاءِ تيار نه آهيو. بنگلا ديش جو مثال وٺو. شيخ مجيب چوندو رهيو ته بنگالين جو قتل عام ڪيو ويو ۽ ان جو تعداد هو ٽيهه لک پيو ٻڌائي. پر جيئن ئي وزير اعظم ٿيو ته هن سان دوستي جو ناتو ڳنڍيو ته مجيب سڀ تلخيون وساريون. تازو هندستان جي صحافي ڪلديپ نير هن کان انٽرويو ورتو. جنهن ۾ شيخ صاحب چيو ته منهنجي پاڪستان سان دوستي آهي ۽ مون ماضي کي وساري ڇڏيو ۽ هت سنڌ ۾ اوهان جو ٽولو آهي جو اڃا تائين هڪ هزار سال اڳ سنڌ جي مٿان عربن جي ڪاهه تي گاربون ڪڍي ٿو. ڇا ان ۾ سنڌ ۽ ان جي مارن جي خدمت آهي؟

چين جو مثال وٺي ڏسو. انگريزن هن غريب ملڪ کي ڦريو ۽ لٽيو ۽ چئن سالن تائين ۱۸۳۹ع کان ۱۸۴۲ع تائين چينين سان جنگ جوٽي، جنهن کي تاريخ ۾ "آفيم جي جنگ" ڪري چوندا آهن. چيني بادشاهه آفيم جي درآمد تي بندش وڌي. انگريزن جي مارڪيٽ تي اثر پيو هو، جنهن ڪري لڙائي لڳي. آخرڪار چئن سالن کانپوءِ صلح ٿيو. جنهن کي نانڪنگ (Nanking) جو معاهدو چون ٿا. هي هڪ ظالمانه معاهدو هو جنهن مطابق چين جو "هانگ ڪانگ" ٻيٽ انگريزن کي مليو جو اڃا تائين انهن جي قبضي هيٺ آهي. (۱) پر اوهان ڏسندا ته ۱۹۴۹ع جي ڪميونسٽ انقلاب کان پوءِ

تازو هان ڪانگ چين کي واپس ملي چڪو آهي (مرتب)

جيئن ني ١٩٥٠ع ۾ برطانيہ چين کي سرڪاري طرح تسليم ڪيو تہ مائوزي تونگ ماضيءَ جي تلخين کي پلاٽي ڇڏيو ۽ انگريزن سان دوستيءَ جو ناتو ڳنڍيو. ٻي مهاڀاريءَ لڙائي جي فاتح انگريز جنرل فيلڊ مارشل منٽگمري کي مائو چين گهمڻ جي دعوت ڏني هني جا هن قبول ڪني هني ۽ هو چين جو سفر ڪري واپس پهتو. جپانين چينين تي وڏا ظلم ڪيا هئا. ١٩٣١ع ۾ جپان چيني علائقي منچوريا تي ڪاهہ ڪني هني ۽ اتي طرحين طرحين جا ظلم ڪيائون. جپان جو حاڪم جنرل ٽوجو (Tojo) شخصي طرح چينين جي خلاف هو. پر تازو جيئن ني جپان جو وزير اعظم تناتا (Tanata) چين ويو تہ مائو سڀ تلخيون وساريون ۽ اوهان جو ٽولو آهي جو هڪ هزار سال اڳ عرب ڪاهہ تي اجا تائين ماتم ڪري رهيو آهي.

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ امريڪا جپان تي انٽم بم اگسٽ ١٩٤٥ع ۾ ڪيرايو هو جنهن ۾ هيروشيما ۽ ناگاساڪي جپان جا ٻہ شهر تباہ ٿي ويا هئا. هڪڙي ني ڏماڪي سان لک ماڻهو سڙي خاڪ ٿي ويا. هيروشيما جي هن ڏماڪي مان هڪ عورت جنهن جو نالو مسز هور آهي صحيح سلامت بچي نڪتي جا اجا تائين جيئري آهي. هن پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو آهي تہ ڏماڪي وقت اسان ائين محسوس ڪيو تہ ڄڻڪ هڪ هزار سج هڪڙي ني وقت آسمان مان ٽٽي اسان جي مٿان پيا. ايتري مقدار ۾ گرمي پيدا ٿي هني. هن انٽمي اثرات جي ڪري جپان ۾ اڄ سوڙو نوجوان ٻار مفلوج هوندا آهن. ايترين ڪاروائين ڪانپوءِ بہ جپانين سڀ تلخيون وساري ڇڏيون. اڄ امريڪا جپان جو وڏي ۾ وڏو دوست ملڪ آهي. هن سان امريڪا جا معاهدا آهن ۽ امريڪي اخبارن جا ايشيائي ايڊيشن جپان ۾ شايع ٿيندا آهن ۽ هتي سنڌ ۾ اوهان آهيو جو هڪ هزار سال اڳ عربن جي سنڌ تي ڪاهہ کي نشانو بڻايو ٿا.

قبلا سائين! معاف ڪجو، ان نموني سنڌ جي ڪابہ خدمت نہ ٿيندي. رڳو فڪري انتشار پيدا ٿيندو، ڇو جو اوهانجو موقف تاريخ ۽ عقل جي خلاف آهي. مستقبل جا نسل اسان تي ٺٺولي ڪندا. جڏهن هو ڏسندا تہ ٻيون قومون ماضيءَ کي وساري پنهنجن مخالفن سان دوستي جو ناتو ٿيون ڳنڍين ۽ اسين سنڌي ني آهيون جن کي وڏا هڪ هزار سال اڳ پراڻي ڪاهہ جا داستان ٻڌائي نفرت جو ٻج پوکي ويا.

مان ڪيترا مثال لکي لکان. تاريخ جا ورق شاهدي ڏين ٿا، تہ ان ڪري شاهہ سائينءَ جي خدمت ۾ گذارش آهي تہ اڄو تہ ٻين قومن جي روش مان سبق وٺون. نفرت ۽ ڪيني کي ختم ڪري اسين سڀ گڏجي سنڌ جي خدمت ڪريون، " جيئن ڏنو آهہ مون" جهڙي

ڪتاب لکڻ سان اها خدمت نہ ٿي سگهندي.

پنهنجي ڪتاب جي پيش لفظ ۾ جن سببن ڪري شاهہ سائين جي معلومات ۽ عقيدن ۾ڦيرو آيو. مون هرهڪ تي تفصيلي بحث ڪيو. جو ناظرين پڙهيو آهي. سرسيد احمد خان جي مذهبي نظرين، ٻين مذهبن جي عقائد جي معلومات، تاريخ ۽ فلسفي جي مطالعي ۽ مجازي عشق جي مرحلن کي بنيادي سبب ڄاڻايا اٿس. مون حوالن ڏيڻ سان ثابت ڪيو تہ مصنف غلط بياني ۽ کان ڪم ورتو. ڪيس نہ سرسيد جي مذهبي نظرين جي پروڙ آهي ۽ نہ ٻين مذهبن جو تقابلي مطالعو. ساڳيو حال سندس تاريخ ۽ فلسفي جي مطالعي جو آهي. هن جو مجازي عشق شخصي آهي ۽ مون سندس هي دعوي غلط ثابت ڪئي تہ سندس مجازي عشق بعد ۾ نظرياتي شڪل اختيار ڪئي ۽ اهو آهي سنڌ ديس جي مارن سان پيار. شاهہ صاحب اجا بس نٿو ڪري پر اڳتي هلي آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس منعقده ١٩٤٣ع ۾ پنهنجي هڪ پڙهيل تقرير جو حوالو ڏني ٿو. مان هن تقرير جو جائزو پيش ڪريان ٿو. لکي ٿو.

" دوستو فطرت هن زمين جو ماضي نهايت ئي شاندار ڪيو هو ۽ مون کي اميد آهي تہ ان جو مستقبل اهڙوني روشن رهندو. ڪيترن ئي ڳالهين ڪري هن زمين جي تاريخ نهايت ئي بي نظير رهي آهي. اها قديم تهذيبن جو آشيانو هئي. جنهن جي ثابتي موئن جي دڙي جي آثار قديمہ مان ملي ٿي." (صفحہ ٣ - ٤)

سائين جي . ايم . سيد صاحب پنهنجي هن تقرير جو ذڪر هرهر ڪري ٿو. مثلاً سندس شهر سن ۾ ١٨ ۽ ١٩ نومبر ١٩٦٦ع ۾ بزم صوفياء سنڌ جي ڇهين اجلاس ۾ پنهنجي افتتاحي خطبي ۾ پڻ ١٩٤٣ع واري اجلاس جي تقرير کي ورجائي ٿو جو سندس الفاظ ۾ قائد اعظم جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو هو. (ملاحظہ ٿئي بزم صوفياء سنڌ جي ڇهين ڪانفرنس جي ڪاروائي صفحہ ١٢ پبلشر مسٽر رسول بخش پليجو ائڊووڪيٽ)

١٩٤٣ع واري خطبي جو حوالو پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب " ساهڙ جا سينگار" ۾ شاهہ سائين ڏنو آهي. هي ڪتاب علامہ آء آء قاضي جي خطن تي مشتمل آهي جي شاه صاحب ڏانهن وقت بوقت لکيائين. هن ڪتاب ۾ پهريون دفعو انڪشاف ڪيو ٿو وڃي تہ مسلم ليگ جي اجلاس منعقده ١٩٤٣ع ۾ شاهہ سائين جي تقرير علامہ آء آء قاضي مرحوم سابق وائس چانسلر سنڌ يونيورسٽي جي لکيل آهي. هن ڪتاب جي فصل پنجين ۾ "علامہ قاضي صاحب جو پيغام، مقام ۽ اسان جون وٽس جوابداريون جي عنوان سان، جناب جي ايم سيد

صاحب لکي ٿو،

"سنڌ جي خصوصيت: ان جي ثبوت ۾ سندس منهنجي لاءِ لکيل خطبهِ صدارت: استقباليه ڪميٽي آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس منعقده ڪراچي ۱۹۴۳ع مان چند حوالا پيش ڪندس" (صفحه ۱۹۶۵ع ساهڙ جا سينگار) ان کان پوءِ شاهه سائين تقرير جا اهي ٽڪرا پيش ڪيا آهن جي "جيئن ڏٺو آهه مون" ۾ نقل ٿيل آهن. سوال ٿو پيدا ٿئي ته سن ۾ نومبر ۱۹۶۶ع ۾ ڪيل تقرير توڙي "جيئن ڏٺو آهه مون". ۾ علامه قاضي جو حوالو ڇونه ڏنو ويو؟ ائين نه آهي ته بزم ۾ تقرير ڪرڻ وقت يا "جيئن ڏٺو آهه مون" لکڻ وقت قاضي صاحب حيات هو ۽ ان وٽان ترديد ٿيڻ جو امڪان هو. ڊسمبر ۱۹۴۳ع ۾ شاه سائين اهڙي تقرير ڪئي آهي يا نه. ان لاءِ مون وٽ ڪا پڪي ثابتي سواءِ شاهه سائين جي انڪشاف جي ڪانه آهي. ان وقت آءٌ پنجن سالن جو ٻار هوس. البته سنڌ ۾ مسلم ليگ جا ڪيترا ئي ليڊر اڃا تائين جيئرا آهن. جي ان جي تصديق يا ترديد ڪري سگهن ٿا. مثلاً قاضي محمد اڪبر. سائين مير محمد شاهه آمري وارو. خانبهادر محمد ايوب کهڙو ۽ پيا صاحب. پر هڪ سياسي، تاريخي اسٽوڊنٽ جي حيثيت ۾ مون کي هن جي ڊسمبر ۱۹۴۳ع واريءَ تقرير ۾ تضاد ڏسڻ ۾ آيو. ڇو جو ان تقرير کان ۹ مهينا اڳ يعني ۳ مارچ ۱۹۴۳ع تي بقول سندس جي، هن سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي قرارداد پاس ڪرائي هئي. هن قرارداد جو متن مارچ ۱۹۷۰ع ۾ روزاني "ڊان" اخبار ڪراچيءَ ۾ خان عبدالقيوم خان جي الزامن جي جواب ۾ ڇپرايائين. مان حيران آهيان ته مسلم ليگ ۾ رهي هن قوم پرستانه خيالات جو اظهار ڪيئن ڪيو؟ مسلم ليگ ته مذهب ۽ سياست سان گڏ ئي هڪ قومي نظريه جي مخالف هئي. جيڪڏهن ڪا سندس اهڙي تقرير ڪيل آهي ته پوءِ چئبو ته شاه سائين مسلم ليگ کي سمجهڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي. هن کان اڳ يعني ۱۹۳۹ع ۾ جيڪو شخص مسجد منزل گاه واري جهيڙي ۾ ملوث هجي، ان کان مسلم ليگ جي پليٽ فارم تي ۱۹۴۳ع ۾ صوفيانه ۽ قوم پرستانه خيالات جو اظهار ڪم از ڪم مون لاءِ حيرت انگيز آهي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته قوم پرستانه خيالات منجهس ڪڏهن پيدا ٿيا؟ انجو جواب آهي ته ۱۹۴۵ع کان پوءِ مسلم ليگ سان اليڪشن جي ٽڪيٽن جي تقسيم تي. تفصيل هي آهي ته شاه سائين ٿرپارڪر جي سيٽ غلام حيدرشاه کي ڏيڻ جي حمايت ۾ هو، جڏهن ته مسلم ليگ ان سيٽ لاءِ ٽڪيٽ مرحوم خانبهادر غلام محمد وساڻ کي ڏيڻ جو اعلان ڪيو. شاه سائين ان جي خلاف

مرڪزي پارليامينٽري بورڊ ۾ اپيل ڪئي. نواب زاده لياقت علي خان جي صدارت هيٺ بورڊ سندس اپيل رد ڪئي ۽ ٽڪيٽ خانبهادر وساڻ ڪي ڏني وئي. شاهه سائين سخت جذباتي ۽ ڪاوڙيل آهي، ان تي ناراض ٿي مسلم ليگ تان استعفيٰ ڏنائين. هن واقعي جا ڪيئي شاهد آهن. تازو لاهور جي هڪ رسالي کي انٽرويو ڏيندي، سنڌ جي سابق وزيراعليٰ پير الاهي بخش به ان جي تصديق ڪئي هئي. نه فقط پيرالاهي بخش شهادت ڏني آهي، پر سائين جي ايم سيد جي پراڻي دوست پير علي محمد شاهه راشدي صاحب پڻ ان جي تائيد ٿو ڪري. پير صاحب جا خط ۽ مضمون شاهه سائين پاڻ ڇپرايا آهن. پير صاحب جو هڪ مضمون شاهه سائين جي شخصيت متعلق قرباني اخبار ۾ ٢٨ آگسٽ ١٩٤٣ع ۾ ڇپيو هو. جيڪو ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو. مسلم ليگ سان جي ايم سيد جي اختلافن تي روشني وجهندي راشدي صاحب لکي ٿو، "سيد جو سڀ کان پوئين تجربو مسلم ليگ جماعت سان تعلق رکي ٿو. ڪيس مسلم ليگ ۾ وڏيون اميدون هيون.هن سمجهيو ٿي ته ان جماعت ذريعي عوام جو زور وڌندو ۽ سنڌ جي مسلمانن جي سياست سرمائيدارن ۽ پراڻن مجرمن جي چنبي مان آزاد ٿيندي. مگر گذريل اسيمبلي جي چونڊن جي موقعي تي لياقت علي خان وارن جنهن طريقي سان ٽڪيٽن جي تقسيم ڪئي، تنهن سندس اميدن کي ختم ڪري ڇڏيو." (صفحه ١٦٣ ڪتاب خط ۽ مضمون از جي ايم سيد) پير صاحب اڳتي انڪشاف ٿو ڪري ته شاهه سائين لاءِ ٻه طريقا هئا. يا ته ليگ ۾ رهي يا ان کي ڇڏي ڏي. پر سيد پوئين طريقو اختيار ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح ليگ سان ناتا ٽوڙي ان کان علحدگي اختيار ڪيائين. پير صاحب جي عبارت کي پڙهي هر ماڻهو اها راءِ رکندو ته شاهه سائين کي مسلم ليگ ۽ ان جي منشور سان ڪو نظرياتي اختلاف ڪونه هو. البته ڊسمبر ١٩٤٥ع واري اسيمبلي ٽڪيٽن جي تقسيم تي هن جو ليگ هاءِ ڪمان سان اختلاف ٿيو. اها سيٽ خانبهادر وساڻ مرحوم واري هئي. شاهه سائين اسان ننڍن کي پنهنجي اولاد مثل پيار ڪندو آهي ان ڪري سائنس حجت جي وات اختيار ڪري به چار سوال پڇڻ جي گستاخي ڪريان ٿو.

قبلا سائين! اسيمبلي جي سيٽ ڪا اهميت واري ڳالهه ته نه آهي، جنهن تان اوهان ليگ کان خفا ٿي ويا. هاءِ ڪمان جو فيصلو نه مڃڻ ان سان بغاوت ڪرڻ جي معنيٰ آها ٿيندي ته اوهان ڪنهن به ڊسپلين جا پابند نه آهيو. ڇوجو مستقل مزاج رکڻ وارا شخص ئي تنظيم جا پابند هوندا آهن. اهوئي واحد سبب آهي جو اوهان

پنهنجي سياسي زندگيءَ ۾ ڪافي پارٽيون بدلايون اهن. مون کي هي پڙهي حيراني ٿي آهي ته اوهان هن ملڪ جي سڀني پارٽين جي ميمبري قبول ڪئي. ايوب خان جي پوئين دور ۾ اوهان سياست کان ڪناره ڪشي جو اعلان ڪيو، ۽ يحيٰ خان جي دور حڪومت ۾ وري پيهر سياست ۾ پير پاتو ۽ اليڪشن ۾ بهرو وٺي پنهنجي ڊپازٽ به غالبًا ضبط ڪرائي. مون کي اوهان جي ريڊيو ۽ ٽي وي ۾ ڪيل اردو ۾ تقرير جا دلچسپ فقرا اڃا تائين ياد آهن.

ممڪن آهي ته ڪو شخص اها راءِ رکي ته سڀني پارٽين ۾ شاه صاحب جي شموليت لاءِ مون هڪ الزام لڳايو. ان جي جواب ڏيڻ لاءِ مان سائين جي ايم سيد جي هڪ تحرير جو حوالو پيش ڪريان ٿو. بزم صوفياءِ سنڌ جو حوالو مون مٿي ڏنو آهي. بزم جي آئيني ڪميٽي اڳيان شاه سائين پنهنجي افتتاحي تقرير ڪندي چوي ٿو. "آءُ اڃا ١٥ سالن جو مس هوس، ته ١٩١٩ع کان مون ملڪ جي سياست ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. ان وقت کان وٺي مون خلافت ڪميٽيءَ، ڪانگريس، خاڪسار، اتحاد پارٽي، مسلم ليگ، پيپلس پارٽي، ائنٽي ون يونسٽ فرنٽ، ۽ نيشنل عوامي پارٽي ۾ ڪم ڪرڻ جي موقعن ملڻ سبب گهڻو ڪجهه تجربو حاصل ڪيو آهي. پوئين نظر بندي تائين لاڳيتا چاليهه سال ملڪي سياست ۾ بهرو وٺندو رهيو آهيان. گذريل تجربي، ملڪي حالتن جي تقاضا ۽ قومي شيرازي جي ڪمزورين، مون کي سياست کان ڪناره ڪش ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي." (بزم صوفياءِ سنڌ ڪارگذاري خطبا ۽ آئين جون ١٩٦٦ تا ڊسمبر ١٩٦٦، آئيني ڪميٽي اڳيان تقرير صفحه ١١، ١٢)

ناظرين غور ڪيو هوندو ته پاڻ سڀني پارٽين جو مزو چکي ڏٺائين. شاه سائين، ٿي بي اصوليءَ جو الزام ته لڳائي نٿو سگهجي، پر مستقبل جو مورخ نهايت ئي بي رحم نقاد هوندو آهي. پير صاحب جي خطن پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي ته شاه سائين جاڪميونسٽ پارٽي جي ڊاڪٽر اشرف سان به تعلقات هئا. ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه ڪميونزم جا اثرات به قبول ڪيا هجنس ۽ شايد انهيءَ جذبي سان هو ١٩٥١ع ۾ روس جي سفر تي ويو.

جيئن سياست ۾ هڪ فڪر جو نه رهيو، مذهبي زندگيءَ ۾ به سندس ساڳيو حال رهيو "جيئن ڏٺو آهه مون" جو پيش لفظ ان لاءِ شاهد آهي. حقيقت هي آهي ته جذباتي، انتها پسند، منتقم مزاج ۽ مستقل مزاج نه رکڻ وارا شخص ئي اهڙي فطرت جا هوندا آهن. اهڙا ماڻهو ڪڏهن به تاريخ ساز نه هوندا آهن. سندن عام فڪري تبديليءَ جو سبب به سطحي مطالعو آهي. ان ڪري مان سمجهان ٿو ته شاه

سائين جي عمر جيڪڏهن بقا ڪيو تہ اغلب آهي جو هو "جيئن ڏٺو آهہ مون" جي ترديد ۾ ڪو پاڻ ڪتاب لکي ۽ پيا اهڙا نظريا پيش ڪري جي شايد خلائي دنيا جي مخلوق لاءِ هجن، جيئن تصوف جو هڪ من گهڙت نظريو ارضي باشندن لاءِ پيش ڪيو اٿس. شاهہ سائين کي "الست بربڪم" جي فرمان ۾ ايمان نہ آهي، ورنہ اٿين بہ شايد لکي ها تہ سنڌ ديس جي مارن سان پيار جو وچن هن عالم ارواح ۾ ڪيو هو.

شاهہ صاحب زير تبصره ڪتاب جي پيش لفظ ۾ سنڌ لاءِ وڏيڪ لکي ٿو:

"ٻڌ ڌرم جيتوڻيڪ وچ هندستان ۾ پيدا ٿيو، ليڪن اهو هن زمين تي وڌيو ويجهيو. اسلام جڏهن هن زمين تي پير پاتو، تہ ٻڌ ڌرم اڃا مروج هو. هتان جي رهاڪن مهاتما گوتم جو نفيءَ وارو سبق اڃا نہ وساريو هو. اسلام صرف اڳئين تعليم ۾ اثبات جو اضافو ڪيو." (صفحہ ۴)

شاه سائين جي ناقص معلومات جو هي حال آهي جو مٿي لکي ٿو تہ ٻڌ ڌرم "وچ هندستان" ۾ پيدا ٿيو هو. هن قسم جون غلطيون ڪيترن ئي هنڌن تي "جيئن ڏٺو آهہ مون" منجهہ ڪيون اٿس. ان مان چڱيءَ طرح پتو پوي ٿو تہ تاريخ ۽ پين مذهبن متعلق سندس معلومات ڪيتري نہ ڪمزور آهي جنهن ڏانهن مون اڳ ۾ گهٽو ڪجهہ لکيو آهي. شاهہ سائين کي خبر هئڻ کپي تہ ٻڌڌرم "وچ" يعني سينٽرل هندستان ۾ نہ پر "اتر" هندستان ۾ پيدا ٿيو جنهن لاءِ ڪيترين ئي تاريخي ثابتيون ملن ٿيون. مان ڪيترن ڪتابن جا حوالا ڏيان پر هتي فقط ٻن اقتباسن تي اڪتفا ڪجي ٿي. انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا جا محقق (Budha and Buddhism) جي عنوان سان لکن ٿا تہ، ٻڌ مذهب پهريائين اتر هندستان جي صوبي بهار مان شروع ٿيو جو علاقہ، بنگال جي الهندي طرف ڏانهن واقعہ آهي.

Buddhism is the Religion of the followers of Goutam Buddha, which formerly covered a large area In India, and is still widely spread in Ceylon, Burma, Siam, Combodia, China and Japan. It arose in the 6th century B.C as an offshoot of the prevailing Hindu Religion of North India, in what is now approximately Bihar West of Bengal) (Encyclopedia Biritanica volume 4)

انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا مان ورتل حوالو مٿي نقل ڪيو ويو جنهن مان شاهہ صاحب جي هن راءِ جي ترديد ٿئي ٿي تہ ٻڌ ڌرم وچ

هندستان ۾ پيدا ٿيو. وزير اعظم جواهر لال نهرو جو شمار چوٽيءَ جي مورخن مان آهي. ١٩٤٥ع ۾ احمد نگر جيل ۾ پنڊت جي (The Discovery of India) نالي هڪ وڏو ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ لکي ٿو تہ ٻڌ ڌرم پهريائين اتر هندستان جي هڪ ٽڪري مگاڌا ۾ جنم ورتو جتي برهمڻزم ڪمزور هئي.

"It is interesting to note that Buddhism first took root in Magadha, that part of northern India where Brahminism was weak." (Page 165 London 1960 Edition.)

اهڙين معمولي حقيقتن متعلق شاهہ سائين جي غلطين مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سندس شاهڪار تصنيف جي علمي حيثيت ڇا آهي. شاهہ سائين ٻڌ ڌرم لاءِ وڌيڪ لکي ٿو تہ: هي مذهب جيتوڻيڪ هندستان ۾ پيدا ٿيو " ليڪن هن زمين (يعني سنڌ) تي وڌيو ۽ ويجهيو".

هن لفظن لکڻ سان بہ اندازو لڳائجي ٿو تہ قبلي کي ٻڌ مذهب جي تاريخ جي ڪا خبر نہ آهي. ان کان انڪار نہ آهي تہ سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم مروج هو پر مون کي شاهہ سائين جي انهن لفظن سان اختلاف آهي تہ اهو سنڌ ۾ وڌيو ۽ ويجهيو. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ اولهہ پاڪستان ۾ ٻڌ ڌرم پشاور جي ويجهو ٽيڪسلا ۾ وڌيو، جو جو اتي هڪ قسم جي ٻڌ يونيورسٽي هئي. هن لاءِ خان عبدالولي خان تہ چئي سگهي ٿو تہ ٻڌ ڌرم سرحد ۾ وڌيو ۽ ويجهيو، جا ڳالهہ تاريخ مان ثابت آهي پر شاهہ سائين جي موقف صحيح هجڻ لاءِ ڪا تاريخي روايت موجود نہ آهي. جواهر لال نهرو (The Discovery of India) ۾ ٽيڪسيلا جي ماضيءَ جي عظمت بيان ڪندي لکي ٿو تہ اها جڳهہ ڪنهن زماني ۾ سائنس، طب ۽ ٻين علوم فنون لاءِ مشهور هئي. ان ڪري هندستان جي ٻين حصن مان ماڻهو اچي ٽيڪسلا ۾ تعليم پرائيندا هئا. ٽيڪسلا مان گريجوئيٽ ٿيڻ هڪ وڏي اعزاز جي ڳالهہ سمجهبي هئي. ٻڌا جي متعلق ذڪر ڪيو ٿو وڃي تہ جڏهن هو بيمار ٿيندو هو تہ ٽيڪسلا مان ڊاڪٽر گهرائيندو هو.

نهرو لکي ٿو تہ " ٻڌن کان اڳ ۾ بہ ٽيڪسلا هڪ يونيورسٽي هئي جت برهمڻي تعليم ڏني ويندي هئي. ٻڌن جي دور ۾ بہ سندس ساڳي حيثيت برقرار رهي ۽ اها ٻڌن جي علم و فضل جو مرڪز بڻي. ٽيڪسلا ۾ هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ۽ سرحد کان هن پار بہ ٻڌ ڌرم جا شاگرد فيض وٺندا هئا. (صفحہ ١٠٧)

"Taxla was thus a pre _ Buddhist university and a seat of Brahminical Learning. During the Buddhist period it became

also a centre of Buddhist scholarship and attracted Buddhist students from all over India and across the border." (Discovery of India P _ 107)

جواهر لال نهرو جي ڪتاب مان مٿي ورتل حوالي جي پڙهڻ مان صاف معلوم ٿو ٿئي ته ٻڌ ڌرم سرحد جي شهر ٽيڪسلا ۾ وڌيو ۽ ويجهيو، ڇوجو ٻڌن جي يونيورسٽي اتي موجود هئي جتي هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هن مذهب جا مڃيندڙ ڪهي اچي علم پرائيندا هئا. ان ڪري شاهه سائين جو اهو لکڻ ته سنڌ ۾ ٻڌ مذهب وڌيو ويجهيو تاريخ مان اڻ ڄاڻائي تي مبني آهي. شاهه سائين ۽ سنڌس فڪر ڪي مڃيندڙن ڪي التماس آهي ته هو هروڀرو هر ڳالهه ڪي سنڌ ڏانهن منسوب نه ڪن، جنهن لاءِ تاريخي سند نه هجي. روسين ڪي به اها عادت هوندي آهي ته هو هر شيءِ کي روس ڏانهن منسوب ڪندا آهن ۽ اهڙين ڪوڙين دعوائن جو دانشورن هميشه نوٽيس ورتو آهي. برٽرانڊ رسل روسين جي اهڙين دعوائن جو ذڪر ڪيو آهي يعني روسي چون ٿا ته ڪوپرنيڪس روس جو باشندو هو، ڪشش ثقل جو قاعدو نيوٽن نه لڌو پر روسي بادشاهه ايوان جي هڪ حامي، ۽ ڊارون پنهنجا خيالات روسين کان ورتا جي هن مخفي رکيا. رسل روس جي مٿين دعوائن تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته "ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اهڙي قسم جي گفتگو ڪرڻ لغو ۽ نامعقول آهي".

"Modern Russia has perhaps carried this process farther than it has ever been carried before. We Learn that Copernicus was also a Russian, that it was not Vascoda Gama, but a Russian who discovered the cape route to India, that the Law of gravitation was not dicovered by Newton, but by a supporter of Evan the Terrible, and that Darwins ideas came from Russian sources which he carefully concealed. This sort of things is ofcourse absurd." (New hopes for a changing world by Bertrand Russel. 68, 1960 Edition)

شاهه سائين لکي ٿو، "اسلام جڏهن زمين تي پير پاتو ته ٻڌ ڌرم اڃا مروج هو. هتي جي رهاڪن مهاتما گوتم جو نفيءَ وارو سبق اڃا نه وساريو هو. اسلام فقط اڳنين تعليم ۾ اثبات جو اضافو ڪيو. (صفحو ۴)

اسين شاهه صاحب کان ادب سان پڇون ٿا ته گوتم جي نفيءَ واري سبق مان اوهان جي مراد ڇا آهي؟ اوهان ان جي کهڙي تشريح ٿا ڪريو. ساڳيءَ طرح اسلام سنڌ ۾ کهڙيءَ طرح اڳنين تعليم ۾

اثبات جو اضافو ڪيو. ڇا اسلام ۽ ٻڌ مذهب ڪي اوهين هڪڙي ئي سطح تي ڏسو ٿا. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته اوهان ٻڌ مذهب ۽ اسلام جي تعليمات کان بي خبر آهيو. ان ڪري مٿيان جملا تحرير ڪيا اٿو. تنهن ڪري مان مجبور آهيان ته ڪجهه ٻڌايان ۽ ان جي تعليم تي روشني وجهي اوهان جي تضاد بياني کي واضح ڪريان.

مهاتما گوتم ٻڌ جا مجيندڙ جيتوڻيڪ جنوبي مشرقي ايشيائي، ملڪن ۾ ڪافي تعداد ۾ رهن ٿا ۽ ٻڌ ڌرم جو شمار به دنيا جي وڏن مذهبن مان آهي.پر حيرت جي ڳالهه آهي ته هن مذهب جي باني جي زندگيءَ جي احوال متعلق ڪو تاريخي رڪارڊ ڪونه ٿو ملي. ڪيترن ئي محققن ٻڌا جي زندگي متعلق تفتيش ڪئي، پر ڪين سواءِ ڏند ڪٿائن جي ٻيو ڪو احوال ملي نه سگهيو ۽ ڪين سخت مايوسي ٿي.

پروفيسر ولسن پارن ته اهائي راءِ ڏني آهي ته شايد ٻڌا جهڙو شخص به دنيا ۾ پيدا ڪونه ٿيو آهي. سندس حياتيءَ جو احوال ٻڌا جي پيدائش کان پنج سو سال بعد ۾ مرتب ٿيو. هن سوانح نگار جو نالو اسوا گهائوشا (Asvaghosha) ٻڌايو وڃي ٿو. مهاتما گوتم سخيا (Sakhya) هو. جوانيءَ کي مس پهتو ته گهر کان نڪري حقيقت جي ڳولا ۾ رولو ٿيو. هن جي مائٽن ڪيس ڪافي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته پنهنجي حياتي خراب نه ڪر ۽ عيش آرام سان گذار، پر مهاتما ٻنهه پڙ ڪڍي بيٺو. هن جي پيدائش جو سال ٥٦٣ سال قبل مسيح آهي. فريڊرڪ اسپانجلبرگ (Spiegelberg) جنهن ١٩٥٧ع ۾ (Living Religions of the World) نالي هڪ مبسوط ڪتاب لکيو آهي، ٻڌا جي حياتيءَ جو مٿيون احوال ذڪر ڪري بعد ۾ لکي ٿو، " ان کان سواءِ ٻي ڪا به شاهدي پاڻ وٽ موجود ڪين آهي".

(This testimoney is all we have) (P _ 226)

آخرڪار ڪافي، رياضتن،مراقبن ۽ مشقتن کان پوءِ ٻڌا چئن سچائين جو اعلان ڪيو، جنهن کي دک، درد ۽ تڪليف جون صداقتون ڪوٺي ٿو، يعني (The noble truth of suffering) ان جي تشريح ڪري ٿو ته حياتي، موت، ڪراڙپ، بيماري فقط تڪليف ۽ سهڻ جو نالو آهي، اهي سچائيون هي ڏجن ٿيون.

(1) The noble truth of suffering.

(2) The noble truth of the origin of suffering.

(3) The noble truth of the ceassation of suffering.

(4) The eight fold noble path that is · ight views, ight intent, right speech, right conduct, right Lively hood, right endeavor, right mindfulness, right mediation. (P _ 241)

ٻڌا جون مٿيون چار سچائيون پنهنجي وقت جي طبي ماحول مطابق هيون. سندس زماني ۾ هندستاني طب جو سسٽم هن ريت هو تہ ڊاڪٽر پهرين فرصت ۾ ان جستجو ۾ رهندو تہ مرض حقيقي آهي يا جڙتو ۽ ڪابہ تڪليف مريض کي آهي يا نہ. ڊاڪٽر کي جڏهن خاطري ٿيندي هئي تہ مرض جو وجود آهي تہ پوءِ هو تشخيص ڪي لڳي ويندو هو تہ چو ٿي مريض کي تڪليف ٿئي ۽ بيماري جي پيدا ٿيڻ جا سبب ڪهڙا آهن؟ مريض لاعلاج ڏسڻ ۾ ايندو هو تہ ڊاڪٽر ڪيس جواب ڏيندا هئا ۽ ٻڌا ان طبي طريقي کي سامهون رکندي (The noble truth of suffering) جو نظريو پيش ڪيو ۽ ماڻهن کي بيمارين کان بچائڻ لاءِ مٿين انن ڳالهين جوحڪم ڏنو جيڪي پنرا نمبر ۴ ۾ بيان ڪيا ويا آهن. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ٻڌ مذهب طبي وجوهات ڪري وجود ۾ آيو آهي. ٻڌا جي چئن سچائين، جن کي (Philosophies) ڪوٺجي ٿو، جي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻڌا ڪنهن خلق، خدا يا(Deity) جي وجود جي اثبات لاءِ بحث ڪونہ ٿو ڪري.

اهوئي سبب آهي تہ ٻڌ مذهب جي بابت محققين اهو سوال اٿاريو تہ هي مذهب آهي بہ يا نہ. فلسفو آهي يا اخلاقيات جو فقط ڪوڊ. مون ٻڌ مذهب تي چڱو لٽريچر پڙهيو آهي. مون هي ڏٺو تہ ٻڌا ڪنهن خالق جي وجود جو قائل ئي نہ آهي. پنڊت جواهر لال نهرو پنهنجي ڪتاب (The Discovery of India) ۾ ٻڌا جي نصيحتن ۽ صداقتن تي تبصرو ڪندي لکي ٿو تہ " ٻڌا انهن سيني شين جي تبليغ خداءِ آخرت جي انڪار جي بنياد تي ڪئي."

(All this he preached without any religious sanction, or any reference to God or on other world." P _ 117)

مشهور مسلم تاريخدان جسٽس امير علي پنهنجي ڪتاب " روح اسلام" (The Spirit of Islam) ۾ بہ اها ساڳي راءِ ڏني آهي تہ ٻڌا ڪنهن بہ خالق جي وجود ۾ يقين نٿو ڪري. جسٽس امير علي لکي ٿو " گوتم ٻڌ ۽ مهابير خود غرض پيشوائن جي خلاف بغاوت ڪئي جا هندن جي دل مان اڀرندڙ هڪ آواز هو. ٻئي مذهبي پيشوا ان ڳالهہ کان منڪر آهن تہ هن ڪائنات جو ڪو خالق بہ آهي، يا ان تي اهڙو عقل ڪل حڪمران آهي جو ان جي نظام کي هلائي." (صفحو ۱۴)

مون مهاتما گوتم ۽ ان جي تعليمات جو سرسري جائزو ان ڪري ورتو جو شاهہ سائين لکيو آهي تہ سنڌ جي رهاڪن مهاتما ٻڌ جي نفيءِ وارو سبق نہ وساريو هو. اسلام فقط اڳئين تعليم ۾ اثبات جو اضافو ڪيو.

" قبلا سائين! مون ثابت ڪيو تہ گوتم ٻڌ تہ ڪنهن خالق جو قائل بہ نہ آهي. ڇا اسلام ان تعليم ۾ اثبات جو اضافو ڪيو؟ ناظرين انصاف ڪن تہ ٻين مذهبن جي عقائد جي معلومات شاهہ سائين ڪي ڪيتري آهي جنهن جي دعويٰ اڳ ۾ ڪني اٿس. اهڙو ماڻهو پنهنجي مذهب خلاف ڪو ڪتاب لکي تہ ان جي ڪهڙي وقعت آهي!

سرزمين سنڌ جي متعلق شاهہ سائين وڏيڪ لکي ٿو، "ويدانت ۽ وحدانيت جا فلسفا ۽ متا هتي ئي هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيا. هڪ طرف وحدانيت هندو يوڳيءَ تي اثر وجهي، بت پرستيءَ کي گهٽايو، تہ ٻئي طرف مسلم درويشن سنياس مان سبق ورتا ۽ راڳ کي تصوف جو جزو بنايو. هندو مسلم عقيدا باهمي سمجهوتي ۽ رواداريءَ سان هڪ ٻئي جي نزديڪ اچڻ لڳا. گرونانڪ جي تعليم انهيءَ ميل جول جي نچوڙ جو مکيہ مثال ۽ نتيجو آهي." (ص ۴)

بہ مختلف تهذيبون باهمي ميلاپ ڪري هڪ ٻئي تي اثرانداز ضرور ٿينديون آهن ۽ اهو لازمي امر آهي. شاهہ سائين مٿي ڪو نئون انڪشاف نہ ڪيو آهي، جو توجهہ جي لائق هجي. پروفيسر ولڊ يورانت پنهنجي تاريخي ڪتاب (The Story of Civilization) ۾ ان مسئلي بابت ڪافي روشني وڌي آهي. پر مان گذارش ڪندس تہ وحدانيت ۽ ويدانت جا مسئلا، جيڪڏهن فرض ڪجي تہ هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيا، تہ اهو فقط سنڌ ۾ ڇو؟ ڇا هندستان ۾ انهن عقيدن جو اثر نمايان نہ آهي؟ جواهر لال نهرو بہ اهڙن اثرن تي بحث ڪري ٿو ۽ لکي ٿو تہ اسلام جي توحيد جي عقيدي هندو ازم تي اثر وڌو ۽ ساڳيءَ طرح هندن جي غير مبهم صوفيانہ ڪيفيت هند جي مسلم ذهن کي متاثر ڪيو.

"(The fierce monotheism of Islam influenced Hinduism, and the Vague Pantheistic attitude of the Hindu had its effect on the Indian Moslem." The Discovery of India P _ 240 London 1960 Ed)

ڇا اسلام ۽ هندوازم جا پوئلڳ سنڌ کان سواءِ هندستان ۾ موجود ڪونہ هئا جو مذڪوره اثرن کي فقط سنڌ تائين محدود ڪجي. جيئن مٿي شاهہ سائين اهڙي ڪوشش ڪئي آهي؟ ٻڌ ڌرم جي متعلق بہ لکي آيو آهي تہ اهو سنڌ ۾ وڌيو ويجهيو. مون تاريخي تجزيو پيش ڪري سندس راءِ غلط ثابت ڪئي. سنڌ ۾ اسلام جي وحدانيت وارو نظريو، هندو مذهب جي ويدانت وارو فلسفو هڪ ٻئي تي ڪيترو اثرانداز ٿيا آهن، ان جي صداقت معلوم ڪرڻ لاءِ سائين جي ايم سيد کي علامہ ابن خلدون جي نظريہ کي ڪڏهن بہ نہ وسارڻ

ڪيپي تہ مغلوب ماڻهو صاحب اقتدار طاقت جي طور طريق، لباس و پوشاڪ،مذهب و عقيده، عادتون ۽ خصلتون ۽ ٻين حالتن ۾ نهايت ئي ذوق و شوق سان پيروي ۽ اتباع ڪندا آهن.

" في ان المغلوب مولع ابداً بالاقتداء بالغالب في شعاره وزيه نحلته وسائر احواله وعوائده." (مقدمه العلامة ابن خلدون مصر ص ۱۴۷)

مٿين باب ۾ ابن خلدون وڏو فڪر انگيز بحث ڪري ثابت ڪيو آهي تہ مغلوب قومون غالب قومن جي هر وضع، تمدن، مذهب ۽ چال چلت جي پيروي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن.ماضي ۾ اسان مسلمانن هندن تي هڪ هزار سالن تائين حڪومت ڪئي آهي ۽ علامہ صاحب جي نظريہ مطابق هندن اسان مان گهڻو ڪجهہ نقل ڪيو. پر شاهہ سائين ٻنهي قومن ڪي هڪڙي ئي سطح تي پرکي ٿو جيئن سندس ڪتاب مان مٿي نقل ڪيل حوالي مان ظاهر آهي.

سائين جي ـ ايم ـ سيد صاحب جي ڪتابن پڙهڻ بعد مون صاف محسوس ڪيو هو تہ ويدانت جي فلسفہ جو سخت مداح آهي. ان ڪري ضروري آهي تہ ڪجهہ ويدانت جي تشريح ڪجي، جيئن پڙهندڙن کي زير تبصره ڪتاب سمجهڻ ۾ دقت نہ ٿئي.

حقيقت هي آهي تہ پاڪستان   نهن ڪان اڳ هندو مصنفن ويدانت کي اسلامي تصوف سان ملائي، تصوف جو حليو ئي بگاڙي ڇڏيو. لطيف جي رسالي جي شارح ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جو هڪڙو مثال ئي ڪافي آهي. سائين جي ـ ايم ـ سيد صاحب بہ هندن جي نقش قدم تي هلي ويدانت ۽ تصوف کي هڪ حقيقت ٿو قرار ڏئي. افسوس جو شاهہ سائين فقط ويدانت جو نالو وٺي ٿو پر ڪٿي بہ ان جي تشريح نہ ڪئي اٿس. هندن جي رگ ويد جي آخري باب ۾ رشي هن نموني ڳائي ٿو، " اها هستي بي دم آهي، جا ساهہ پنهنجي فطرت مان کڻي ٿي، ان کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ شيءِ جو ڪو وجود ڪونہ هو." رگ ويد مان مٿيون جملو گرفت صاحب (Griffith) پنهنجي ڪتاب (The Hymns of the Rigveda) ۾ هينئن نموني انگريزي ۾ نقل ڪري ٿو:

"(That one thing, breathless, breathed by its own nature: a part from it was nothing what so ever."_ Volume 2 . P_ 129)

مسٽر فريڊرڪ ويدانت جي فلسفہ جو سرچشمو رگ ويد جي مٿين جملن کي قرار ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو تہ اها ري نالي واري هستي، نالي واري طاقت کان وڌيڪ يقيني ۽ برحق آهي.

"(When we have arrived at this philosophy of the unnamea-

ble, which is surer and truer than all the nameable things, we are already in the midst of what has come to be called Vedanta philosophy, from veda plus Ants, the end of the vedas, the out come or quintessence of Vedic wisdom. _(Living Religions of World . _ P _ 116)

ويدانت جو فلسفو حقيقت ۾ هندن جي ويدن ۽ اپنشيدن مان ورتل آهي جنهن هن قسم جي وحدة الوجود جي تبليغ ڪئي ته برهما يعني بالاتر هستي ئي واحد حقيقت آهي. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ويدن ۽ اپنشيدن ۾ هڪ بالاتر هستي جا پاڻ بيدم آهي، جي ذڪر سان توحيد جي جهلڪ معلوم ٿئي ٿي،پر اڳتي هلي مان ثابت ڪندس ته هي فلسفه شرڪ سان ملي ويو ۽ شرڪ اهو ڪبيره گناهه آهي جنهن لاءِ قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته خدا شرڪ کان سواءِ سڀ گناهه بخشي ٿو".

هندو مذهب جي موجوده ويدانت جي فلسفي جو باني گروشنڪر آچاريه آهي. هن جي صحيح ڄم ۽ موت جي تاريخ جو ڪو پتو ڪونه آهي. فقط ايتري معلومات هندن وٽ آهي ته هو ايڪٽيهه سال جيئرو رهيو ۽ هماليه جي پهاڙن ۾ دم پرواز ٿي ويس. هندستان جي سابق صدر ڊاڪٽر راڌا ڪرشن جي تحقيق آهي ته گروشنڪر آچاريه ٧٨٨ع ۾ ڄائو ۽ ٨٢٠ع ۾ مري ويو. اشروڌ ۽ سوامي پرياو ننڌا جو خيال آهي ته شنڪر ٦٨٦ ع ڌاري ڄائو هو. شنڪر جي حياتيءَ جو مختصر احوال ۽ سندس تعليمات "بنسبت سِيتا نٿا دتا" (Sitha Natha Dutta) جي ڪتاب (Sankaracharya: His life and teachings) مان ملي ٿو جيڪو ڪلڪتي مان شايع ٿيو آهي.بهتر آهي ته ويدانت جي فلسفي بنسبت جواهر لال نهرو جي تشريح به ذهن نشين ڪجي، هو لکي ٿو:

"(On the foundation of the early. Vedanta, Shakara (or shankar acharya) built a system which is called the Advaita vedanta or non _ dualist vedanta. It is this philosophy which represents the dominat philosophic out look of Hinduism to day. It is based on pure monism, the only ultimate reality in the metaphysical sense being the Atman, the absolute soul that is the subject all else is objective." __(The Discovery of India P _ 181)

قارئين ڪرام جي خدمت ۾ مون ويدانت جي مختصر تشريح پيش ڪئي. هي ايڏو ته وڏو موضوع آهي جو ان لاءِ گهڻو ڪجهه لکي

سکهجي ٿو. افسوس جو هتي ان لاءِ ايتري گنجائش نہ آهي. ويدانت جي متي جي سمجهاڻي ڊاڪٽر راڌاڪرشن پنهنجي ڪتاب (Indian philosophy) ۾ تفصيل سان ڏني آهي ۽ ڊينسن (Denssen) جو ڪتاب (The System of the Vedanta) خاص ان موضوع تي لکيل آهي.

مون ابتدائي صفحن ۾ عرض ڪيو تہ ويدن ۽ اپنشيدن ۾ ويدانت جي تشريح گرو شنڪر آچاريہ جي لفظن ۾ بظاهر ناقابل اعتراض نموني ۾ ڏنل آهي پر عملاً هندن وٽ هي سسٽم شرڪ جي نموني مروج آهي. مثلاً ويدانت جي باني شنڪر بابت هندن جو عقيدو آهي تہ هو خدا جو مجسم (Incarnation) ٿي ڌرتي تي آيو. مشهور برطانوي مورخ پروفيسر وليم رشبروڪ" هندستان جا عظيم انسان" (Greatmen of India) نالي هڪ مبسوط ڪتاب ايڊٽ ڪيو آهي. ان جي ص ۴۵۳ تي گروشنڪر آچاريہ جو ذڪر شروع ٿئي ٿو. مصنف سندس جمڻ جي وقت هندستان جي بحراني ڪيفيت بيان ڪندي لکي ٿو. " حالتون نهايت ئي خراب ٿي ويون هيون. جتي ڪٿي بديءَ جو ظهور هو. عين ان وقت ڪائنات جي قادر مطلق هستي گرو شنڪر آچاريہ جي شڪل وٺي زمين جي باشندن جي اصلاح لاءِ آيو ۽ فساد ختم ڪري ماڻهن کي اخوت ۽ ڀائيچاري جي تعليم ڏنائين" .

"(When every thing seemed to have gone in to the melting pot and there was utter chaos all round, that it pleased Bhagwan Shri Sankar (the Almighty Lord of the universe) to think the time ripe for his own incarnation on earth, fulfilling the prophecies contained in the sacred scriptures, reharmonising the three paths, restoring the long lost balance (between Works, Faith and Wisdom) and there by bringing back Peace on Earth and Good Will amongst Men . P _ 458)

ياد رهي تہ مٿيان الفاظ هندو ڌرم جي هڪ وڏي اسڪالر هز هولينيس جڳت گروشري شنڪر آچاريہ آف پوري (Puri) جا آهن ۽ پروفيسر رشبروڪ پنهنجي ڪتاب ۾ نقل ڪيا آهن. ڇا الله تعاليٰ نعوذ بالله انسان جي شڪل وٺي ماڻهن جي اصلاح لاءِ ڌرتيءَ تي آيو؟ " سبحانه عالم الغيب والشهادة فتعاليٰ عما يشرڪون" ڇا مسلمان ويدانت جي اهڙي نظريہ کي مڃيندا، جنهن ۾ رڳو شرڪ جي تعليم ڏنل آهي؟ جيڪڏهن ويدانت جو باني شنڪر آچاريہ اڄ کان اٽڪل ٻارهن سو سال اڳ ڀڳوان ٿي آيو تہ پوءِ موت جو شڪار ڪيئن

ٿيو، جو اڄ تائين هندو اسڪالر پتو نہ لڳائي سگهيا آهن تہ سندس مرڻ جي جاءِ ڪٿي آهي؟ الله تعاليٰ " حي لايموت" آهي هن جي نہ ابتدا آهي نہ انتها. " ليس ڪمثلہ شيءُ" الله هڪ آهي، بي نياز آهي، نہ اولاد اٿس، نہ پاڻ ڪنهن جو اولاد آهي ۽ ڪوبہ هن جي برابري جي دعويٰ نٿو ڪري سگهي.

ويدانت جي ساري فلاسافي شرڪ تي ٻڌل آهي، جنهن لاءِ قرآن پاڪ ۾ چيل آهي تہ " ان الشرڪ لظلم عظيم" تحقيق شرڪ وڏو ظلم آهي، مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم پنهنجي مشهور تفسير ترجمان القرآن ۾ ويدانت جي فلسفي تي هڪ بصيرت افروز بحث ڪيو آهي ۽ ناقابل ترديد دليلن سان ثابت ڪيو آهي تہ ڪينن نہ ان ۾ شرڪ ڪي ملايو ويو. سائين جي . ايم . سيد صاحب مولانا ابوالڪلام آزاد جي علم ۽ فضل جو وڏو مداح آهي. مون کي اميد آهي تہ ان کي "ملا" جي راءِ سمجهي ان جي ترديد نہ ڪندو. مولانا مرحوم ويدانت متعلق پنهنجي تفسير ۾ بحث ڪندي لکي ٿو، " اڳتي هلي ويدانت جي فلسفي وڏيون وسعتون ۽ گهرائيون پيدا ڪيون. ليڪن خواص جي توحيدي تصور ۽ عوام جي شرڪ واري تصور جي وچ ۾ جيڪو مفاهمت وارو لاڙو پيدا ٿيو، اهو متزلزل ٿي نہ سگهيو، پر ان کان وڌيڪ مضبوط ۽ ڪشاده ٿيو. هيءَ ڳالهہ عام طور تي مڃي وئي تہ سالڪ جڏهن عرفان حقيقت جون منزلون طي ڪري ٿو تہ ماسوئٰ جون تمام هستيون گم ٿي وڃن ٿيون، جن ۾ ديوتائن جون هستيون پڻ شامل آهن.گويا ديوتائن جون هستيون مظاهر وجود جون ابتدائي تعينات ٿيون. پر ان سان گڏ هي بنياد بہ برابر قائم ڪيو ويو تہ جيستائين هن مقام عرفان تائين رسائي حاصل نہ ٿئي،ديوتائن جي پوڄڻ بغير ڪا واهہ نہ آهي ۽ انهن جي پوڄڻ لاءِ جو نظام قائم ڪيو ويو، تنهن کي هٿ نہ لائجي. اهڙيءَ طرح گويا هڪ طرح جو توحيدي اشراڪي تصور (Monotheistic polytheism) جو هڪ گڏيل مزاج پيدا ٿي ويو، جيڪو ساڳئي وقت فڪر و نظر جي توحيدي تقاضائن کي بہ پورو ڪرڻ چاهيائين ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ بت پرستيءَ جي عقيدن جي نظام کي سنڀالڻ پڻ چاهيائين.ويدانت جي ڪن مذهبن ۾ تہ هي گڏيل نوعيت بنيادي تصورن ۾ گهڙي وئي. مثلاً فيمبارڪ ۽ هن جو شاگرد سري نواس برهم سوتر جي شرح ڪندي اسان کي ٻڌائين.ٿا تہ جيتوڻيڪ برهما يا ڪرشن جهڙو ٻيو ڪوبہ ناهي،پر هن کان ظهور ۾ آيل ٻيون قوتون بہ آهن جو ان وانگي پنهنجو نمود رکن ٿيون ۽ ان سان گڏ ڪارفرمائي ۾ شريڪ آهن. اهڙيءَ طرح ڪرشن جي ڪابي طرف رادا آهي. هي بخشش و انعام جي هستي

جا تمام نتيجن ۽ ثمرات جي بخشڻهار اهي، اسان کي گهرجي تہ برهما سان گڏ راڌا کي بہ پوڄيون".

(تفسير ترجمان القرآن از ابوالکلام آزاد احمد جلد اول طبع ثاني مکتبہ سعديہ ناظم آباد کراچي)

ويدانت جي مشرکانہ فلسفي تي مولانا آزاد جي عالمانہ ۽ محققانہ تبصره کان پوءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ سندس حامين جي پاران ان کي اسلامي تصوف سان ملائڻ غلط آهي. حقيقت هي آهي تہ اهڙا شخص نہ ويدانت جي ڄاڻ رکن ٿا نہ اسلامي تصوف جي. سائين جي ـ ايم سيد صاحب ۽ سندن عقيدتمندن کي گهرجي تہ هو ويدانت جو ڳوڙهو مطالعو ڪن. تصوف تہ پري آهي، پر خود ويدانت جي مٽي سمجهڻ ۾ بہ ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪوتاهي ڪئي آهي. شنڪر آچاريہ جي قائم ڪيل ڌرمسالن مان،چار ڌرمسالہ اڄا تائين هندستان ۾ موجود آهن. هڪ ميسور جي شهر سرينگري ۾ ٻيو ايرندي ڪناري جي لاڳو پوري (Puri) ۾، ٽيون دوارڪا ۽ چوٿون وچ هماليہ جي بدري ناٿ ۾. جواهر لال نهرو جي تحقيق آهي تہ ويدانت جي فلسفي جي باني جو موت هماليہ جي برفاني علائقي ڪيدرناٿ (Kedarnath) ۾ ٿيو. ڪيترن ئي تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ هندستان ۾ ٻڌ ڌرم جي پاڙ هن ويدانتي شنڪر آچاريہ پٽي آهي. موجوده دور جا محقق هي ڏسي حيران ٿي ويا تہ هندستان جي رائج الوقت ٻڌ ڌرم ۽ هندو مذهب ۾ ڪو فرق باقي نہ رهيو آهي. آمريڪا ۾ ٻڌ مذهب جي هڪ وڏي اسڪالر انندا ڪو ماراسوامي هندو ازم ۽ ٻڌ ازم نالي هڪ ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ ٻنهي مذهبن جي ڀيٽ ڪري مصنف هن راءِ جو آهي تہ ٻڌ مذهب ۽ هندو مذهب جي جيتري وڌيڪ ڄاڻ رکجي تہ ٻنهي ۾ فرق گهٽ محسوس ٿو ٿئي.

(The more one knows about Hinduism and Buddhism, the less one is able to point out the differences.)

هيءَ ڳالهہ خاص ياد رکڻ جهڙي آهي تہ مغرب جي مشرڪ عيسائي قومن شنڪر آچاريہ جي شرڪ جي پيداوار ويدانت جي فلسفي ۾ خاص دلچسپي ورتي آهي ڇو جو ٻنهي جي وچ ۾ مماثلت آهي جيئن هندن جو عقيدو آهي تہ شنڪر خدا جو مجسم ٿي ڌرتيءَ تي آيو، تيئن عيسائين جو عقيدو بہ آهي تہ نعوذ بالله مريم خدا جي گهر واري آهي ۽ عيسيٰ ان جو پٽ. الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ هن مشرڪانہ عقيدي جي پرزور ترديد ڪئي آهي تہ " ماتخذ صاحبة ولا ولدا" يعني الله کي نہ زال آهي ۽ نہ پٽ. " عيسائي حضرت آدم کي اب البشر ٿا سمجهن، ڇو جو انجيل مقدس ۾ بہ ان کي پهريون

انسان شمار ڪيو ويو آهي. پوءِ هي ٻڌائي سگهندا تہ حضرت آدم کي الله سائين بغير پيءُ هجڻ جي ڪيئن پيدا ڪيو؟ حضرت عيسيٰ جي پيدائش بہ ساڳئي نموني ٿي. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو تہ " عيسيٰ جي پيدائش جو مثال خدا وٽ آدم جي پيدائش جي مثال وانگي آهي، جنهن جي تخليق مٽيءَ مان آهي ۽ پوءِ هن کي چيائين تہ ٿي ۽ پوءِ ٿي پيو.
(ان مثل عيسيٰ عند الله کمثل آدم خلقه من تراب ثم قال لہ کن فيکون)"

ساڳئيءَ طرح سان شنڪر آچاريہ بہ خدا جو مخلوق آهي هن مشرڪانہ عقيدي جي ڪري مغربي قومن ويدانت جي فلسفي ۾ خاص لچسپي ورتي ۽ انهن ملڪن ۾ ويدانتي سوسائٽيون ٿياسافيڪل سوسائٽين وانگر وجود ۾ آيون. آمريڪا ۾ اهڙا نو (٩) ويدانتي مندر آهن جتي شنڪر جي تعليم ڏني ويندي آهي. مغرب جا ڪيترائي اهل قلم مثلا هڪسلي (Huxley) جرالڊ هرڊ (Gerald Heard) ۽ اشرووڊ (Isherwood) جهڙا نامور ويدانتي تحريڪ ۾ سرگرم رهيا.

ڇا اسان مسلمان اهڙي نظريہ جي مڃڻ لاءِ تيار آهيون، جو مولانا آزاد جي تحقيق مطابق شرڪ سان ڀريل آهي، جنهن کي سنڌ جي هندو مصنفن چالاڪيءَ سان تصوف سان ملائي ڇڏيو؟ قرآن ۽ سنت جي موجودگيءَ ۾ اسان کي مشرڪانہ ويدانت جي فلسفي جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. اسان توحيد پرستن لاءِ اهو نظريو هاجيڪار آهي جنهن ۾ شرڪ جي بوءِ اچي.لطيف سائين جيڪو " والي واحد وحده رازق رب رحيم" جي تلقين ڪري ٿو، ان لاءِ اهو چوڻ تہ هو ويدانتي هو، سخت بي ادبي ۽ ظلم آهي. هن گروهہ جي ماڻهن تہ ائين بہ لکيو هو تہ لطيف فرائڊ جي جنسيات واري نظريہ کان متاثر آهي. اسان جي فاضل دوست پروفيسر عبدالڪريم لغاري (مرحوم) اهڙيءَ دعويٰ جو علمي نوٽيس ورتو هو ۽ علمي دليلن سان ان جي ترديد ڪيائين. هاڻي وري اياز جي متعلق انهن چوڻ شروع ڪيو تہ هو چوڏهين صدي جو لطيف آهي.

سائين جي . ايم سيد اڳتي لکي ٿو " هڪ طرف وحدانيت هندو يوڳيءَ تي اثر وجهي بت پرستيءَ کي گهٽايو تہ ٻئي طرف مسلم درويشن سنياس مان سبق ورتا ۽ راڳ کي تصوف جو جز بنايو." (ص:۴)

شاهہ سائين پنهنجي سڄي ڪتاب ۾ گول مول ڳالهيون لکي ويٺو ۽ انهن جي ثابتي لاءِ ڪو تاريخي رڪارڊ پيش نہ ٿو ڪري. مثلاً

سندس مٿيان جملا سنڌ کان ٻاهر جيڪڏهن ٻئي ڪنهن صوبي جو رهاڪو پنهنجي وطن لاءِ انين لکي ٿو تہ شاه سائين کي ان جي ترديد ڪرڻ لاءِ ڪهڙو مواد آهي؟ شاهہ صاحب پنهنجي مذڪوره عبارتن ۾ لفظن جي انتخاب ڪرڻ ۾ غلطي ڪئي آهي. ڪيس شايد پورو پتو نہ آهي تہ هندو لٽريچر ۾ يوگي (Yogi) ۽ سنياسي (Sannyasi) ڇا کي چوندا آهن، هيٺ انهن اصطلاحن جي سمجهاڻي ڏني وبندي ۽ پوءِ پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪندا تہ انهن اصطلاحن جي انتخاب ڪرڻ ۾ شاهہ سائين صحت کان ڪم ورتو آهي يا نہ؟ هندو مذهب تي ريسرچ ڪندڙ محققن يوگي (Yogi) ۽ سنياسي (Sannyasi) جي تشريح هن نموني ڪئي آهي.

(1) Yoga: (The discipline where by the disciple may gain enlightenment." there are two main schools, Hatha Yoga, which provides psycho_ physiological training along ascetic lines, and once that is mastered, Raja yoga or the developement of higher powers by contemplation and mediation.)

(2) Yogi! A disciple of yoga

(3) Sannyasi: "(One who has renounced all earthely ties to wanderin search of enlightenment.")

افسوس جو سائين جي . ايم سيد عمر ڀر هندو فلسفي کان متاثر رهيو پر ڪيس هن ڌرم جي اصطلاحن جي استعمال ڪرڻ (صحيح نموني) جي بہ خبر ڪانہ آهي. ثابت ٿيو تہ ٻنهي ڌرم سان گڏوگڏ هندو مذهب متعلق بہ سندن معلومات ناقص آهي. شاهہ سائين لکي ٿو تہ "مسلم درويشن هندو سنياس مان راڳ کي تصوف جو جز بڻايو. راڳ جي فن متعلق بہ شاهہ سائين جو مطالعو ناقص ڏسڻ ۾ ٿو اچي. شارع جيتوڻيڪ راڳ ٻڌڻ جي ممانعت ڪئي آهي ڇو جو ان مان عيش پرستي ٿي جنم وٺي،جا خدا فراموشي تي منتج ٿئي ٿي، پر هندن سان ميلاپ کان اڳ بہ عرب مسلمانن ۾ راڳ جي شروعات ٿي آهي. پر ان وقت جي صوفين ڪڏهن بہ ان کي تصوف جو جز نہ بڻايو. مون کي ذاتي طرح بہ خبر آهي تہ شاهہ سائين راڳ ٻڌڻ جو بيحد شوقين آهي ۽ ٻاني ڪنور ٻڳت جو ڪلام " آ ڪانگا ڪر ڳالهہ مون سان تن ماروئڙن جي" ريڊيو ۾ ٻڌي مٿس نيم وجد جي ڪيفيت طاري ٿيندي آهي. مان سندس بيان جي ترديد ۾ علامہ ابن خلدون جي مقدمي مان هڪ حوالو پيش ڪريان ٿو. علامہ صاحب پنهنجي تاريخ جي مقدمي ۾ راڳ جي فن تي سائنٽيفڪ بحث ڪري وضاحت سان لکيو آهي تہ ڪيئن نہ اوائلي عرب مسلمانن ۾ عجمين

جيئن ڳائڻ جو رواج پيو. علامہ صاحب لکي ٿو، "انهن (عربن) جي ساري لذت ۽ مسرت صرف قرآن ۽ شعر خواني ۾ لڪل هئي. شعر و شاعري عربن جي پراڻي عادت بڻي ۽ تلاوت قرآن انهن جو مذهبي شعار. ان کان پوءِ جڏهن خوشحالي، فارغ البالي، تکلف ۽ عيش پرستيءَ جو رنگ انهن تي چڙهيو ۽ غنيمت جي رستي مان عربن تي دولت جو وسڪارو ٿيو تہ هو عيش پرست،آرام طلب ۽ نفس پرستيءَ جا بندا بڻجي ويا. فارس ۽ روم جا گويا حجاز طرف مڙيا ۽ اوڏانهن رخ رکي عرب جا غلام بڻجي ويا. عود، تنبور ۽ مزا مير سان انهن ايراني ۽ رومي گوين ڳائڻ شروع ڪري ڏنو. عربن جڏهن انهن جا دلڪش ۽ وڻندڙ آواز ٻڌا تہ ڪين عربي شعر بہ ياد ڪرايا ۽ عجمي گوين ان کي سر ۽ ترنم سان پڙهيو. انهيءَ دور ۾ نشيط فارسي، طويس ۽ سائب جهڙن نامور گوين جي مدينہ طيبہ ۾ خاص مشهوري ٿي هئي. ان کان پوءِ معبد ۽ ابن سريج جهڙن نامي گرامي گوين انهن جي شاگردي اختيار ڪئي ۽ ان نموني سان فن موسيقي جي ترقي ٿي هئي. بني عباس جي عهد سلطنت ۾ تہ ابراهيم بن المهدي، ابراهيم الموصلي، اسحاق و حماد جهڙن فنڪارن تہ ان کي معراج ترقي تي پهچايو.غرض لهو لعب جو چڳوچرچو ٿيو. ناچ ۽ رنگ جا ساز و سامان تيار ٿي ويا ۽ ڳائڻ جي شعرن مان " ڪرج" نالي هڪ ناچ ايجاد ٿيو هو. موصل ۾ زرياب نالي هڪ غلام هو جو ڳائڻ سکيو ۽ ان ۾ اهڙي تہ مهارت پيدا ڪيائين جو پنهنجو مٽ نہ رکندو هو. ملڪ جي ٻين ماهر فنڪارن زرياب سان حسد ڪرڻ شروع ڪيو تہ ڪيس مغرب جي طرف اماڻيو ويو.گهمندي گهمندي هو امير اندلس حڪم بن هشام بن عبدالرحمان الداخل سان وڃي مليو. امير زرياب جي وڏ ۾ وڏ عزت ڪئي، ايتري قدر جو ان جي ملاقات لاءِ بادشاهہ پاڻ سواري تي نڪتو، زرياب کي انعام ڏيئي هن جي نالي جاگيرون الاٽ ڪرائي ڪيس پنهنجي نديمن ۾ شامل ڪرايائين. ان کان پوءِ هتي راڳ جو بنياد پيو جو نسل در نسل هلندو آيو." (مقدمہ ابن خلدون ص ۴۱۳)

مون مٿي ابن خلدون جي مقدمي مان حوالو نقل ڪيو، جنهن جي پڙهڻ سان صاف ظاهر آهي تہ مسلمانن ۾ راڳ ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي شروعات خود عربن ۾ دولت پرستيءَ جي ڪري شروع ٿي، ان ۾ هندن جي سنياسين جو ڪو هٿ نہ آهي. هڪ دفعي منهنجي ملاقات پنجاب جي هڪ وڏي گويہ سان ٿي، جيڪو اولهہ پاڪستان جي سيني ٻولين ۾ ڳائڻ جو وڏو تجربو رکندڙ آهي،مون پڇيو ٻڌايو تہ راڳ جو شوق ڪهڙي صوبي ۾ وڌيڪ آهي؟ مون کي ٻنا ڪنهن

سوچڻ جي جواب ڏنائين تہ سنڌ ۾. ڪاش سائين جي ـ ايم سيد بہ علامہ ابن خلدون وانگي تحقيق ڪري تہ ان جا سبب ڪـهڙا ٿي سگهن ٿا.

سنڌ بنسبت شاهہ سائين وڏيڪ لکي ٿو، " هندو مسلم عقيدا باهمي سمجهوتي ۽ رواداري سان هڪ ٻئي جي نزديڪ اچڻ لڳا، گرونانڪ جي تعليم انهيءَ ميل جول جي نچوڙ جو مکيہ مثال ۽ نتيجو آهي."

ڇا گرونانڪ بہ سنڌ جو آهي جو ان جو ذڪر سنڌ جي باب ۾ ڪيو ويو آهي؟ هندو مسلم عقيدن جي باهمي سمجهوتي متعلق بہ شاهہ سائين ڪي واضح مثال پيش ڪونہ ڪيا آهن. فقط عالم محسوسات جون ڳالهيون ڪري ٿو. اسان پنهنجي وڏن کان هندن جي متعلق جيڪي ڳالهيون ٻڌيون ۽ تاريخن ۾ پڙهيون، ان مان صاف ظاهر آهي تہ هندو مسلم عقيدو ڪڏهن بہ باهمي سمجهوتہ نہ ڪيو آهي. شاهہ سائين ائين ڪيو هجي تہ ٻي ڳالهہ آهي. ان جي برعڪس تاريخي دستاويز جي مطالعي ڪرڻ تي معلوم ٿئي ٿو تہ هندو قوم سخت تنگ ذهنيت آهي ۽ مسلمانن سان ڪڏهن بہ خوشگوار تعلقات قائم نہ ڪيائين. ان ڪري ٻنهي قومن جي عقيدن ۾ باهمي سمجهوتي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. مشهور عرب سياح البيروني ٿائين صدي عيسوي ۾ سلطان محمود سان گڏ هندستان ۾ آيو. هندستان متعلق احوال سندس عربي ۾ لکيل ڪتاب " ڪتاب الهند" مان ملي ٿو جنهن جو انگريزي ترجمو اي ـ سچائو (E _ Sachau) صاحب ڪيو آهي. البيروني لکي ٿو تہ هندو مسلمانن کان هر لحاظ کان علحده حيثيت رکن ٿا.

"(The hindues entirely differ from us (The Muslims) in every respect, many a subject appearing intricate and obscure which would be perfectely clear if there were more connections between us."_(Volume 1_ P _ 17)

البيروني هندو ذهنيت جي تنگ نظريي جا مثال پيش ڪندي لکي ٿو تہ هندن جو مذهبي ڪٽر پڻو انهن لاءِ آهي جيڪي ياتہ انهن جي مذهب سان تعلق نٿا رکن يا پرڏيهي آهن. هندو اهڙن کي ناپاڪ ٿا سڏين ۽ ساڻن سڀ ناتا توڙي ڇڏين ٿا. پوءِ چاهي اهي هڪ ٻئي سان شادين ۽ مٽي مائٽي جي ذريعي هجن يا هڪ ٻئي سان گڏ ويهڻ ، کائڻ، پيئڻ جا تعلقات هجن. هندن جو خيال آهي تہ ٻين مذهب وارن سان مٿين نموني جي تعلقات قائم ڪرڻ سان هو ناپاڪ ٿي ويندا. ڪوبہ ڏاريو سندن ٻاهہ ۽ پاڻيءَ کي ڇهي نٿو سگهي.

جيڪڏهن ڪنهن کان اهڙو عمل سرزد ٿيو ته هندو اهڙيءَ ماڻهوءَ جي استعمال کان گريز ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪو به ڌاريو ماڻهو هندن سان ملاقات ڪرڻ چاهي يا انهن جي مذهب قبول ڪرڻ تي رضامند ٿئي، تڏهن به اهڙي خواهش رکڻ وارن سان هندو ملڻ لاءِ تيار نه ٿيندا آهن. سندن اهڙيءَ روش ڪري اسان مسلمانن ۽ هندن جو باهمي ميلاپ اوکو آهي ۽ اهوئي مکيه سبب آهي جو اسان جي ۽ هنن جي وچ ۾ خليج حائل آهي."

(Kitabul Hind Translated by Sachau_ Volume 1.P 179)

البيروني جي داستان پڙهڻ سان عبرت ٿي اچي ته هندو ڪيڏو نه تنگ ۽ متعصب ذهنيت ٿو رکي. ان ڪري سائين جي . ايم سيد صاحب جو اهو لکڻ ته هندو مسلم عقيدا باهمي سمجهوتي ۽ رواداريءَ سان هڪ ٻئي جي نزديڪ اچڻ لڳا محض خوش فهمي آهي ۽ حقيقت کان بلڪل پري. پيو ته ڇڏيو، پر سنڌ ۾ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هندو ۽ مسلمان هڪ ٻئي جي دريس به نه پائيندا هئا. عقيدت جو معاملو ته اڃا جدا آهي. مسلمانن سان سندن سياسي رويه به معاندانه رهيو آهي. مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم پنهنجي ڪتاب (India Wins Freedom) ۾ هنن جي تنگ نظري کي بي نقاب ڪيو آهي. حال ۾ هندستان جي انگريز وائسراءِ لارڊ ويول (Wavell) جون يادگيريون ڇپيون آهن، جنهن ۾ وڏن هندو ليڊرن گانڌي ۽ نهرو جهڙن شخصن جي مسلم دشمني جي چڱي خبر پوي ٿي. اسان جي اکين اڳيان مثال آهي. ساده لوح بنگالين کي دلبو ڏيئي پنهنجي فوجي قوت جي ذريعي بنگله ديش بڻائي، ان کي عملاً ڪالوني ۾ تبديل ڪرايائون. هندستان وٽ بنگله ديش جي اها پوزيشن آهي، جيڪا چيڪوسلويڪيا جي روس وٽ آهي. چيڪوسلويڪيا جي حاڪم اليگزينڊر ڊيچيڪ روس جي اجازت کانسواءِ ڪي اصلاحات ڪيا هئا، ان تي روس ناراض ٿي آگسٽ ١٩٦٩ ع ۾ وارسا پئڪٽ جي ملڪن مان به لک فوج گڏ ڪري چيڪوسلويڪيا تي چڙهائي ڪئي ۽ ڊيچيڪ کي ٽڪيٽ وٺرائي.

چيڪوسلويڪيا به بنگله ديش وانگي هڪ آزاد ملڪ تسليم ٿيل آهي. پر عملاً اتي ڪريملن جو فرمان هلي ٿو. بلڪل ساڳي حالت بنگله ديش جي آهي. اتي به عملا ڀارت جو فرمان هلي ٿو. مولاناڀاشاني جنهن ڊسمبر ١٩٧٠ع جي اليڪشن کان پوءِ هڪدم آزاد بنگله ديش جو نعرو هنيو هو ۽ فوجي آپريشن دوران دهلي هليو ويو، سو پڻ هندن جي مداخلت کي ڏسي ميدان ۾ اچي ويو. مجيب جي ننڊ ڦٽائي ڇڏيائين ته تو اسان کي هندن جي دائمي غلامي ۾

ڦاسائي ڇڏيو. اڪين وارن لاءِ اهو عبرت جو مقام آهي. هندو ڪڏهن بہ مسلمانن جي خير خواهي نہ چاهيندا آهن. عقيدن جي ڳالهہ تہ پري رهي. ان ڪري سائين جي ـ ايم سيد ڪي مؤدبانہ گذارش آهي تہ قبلا سائين! هندو هڪ نهايت ئي چالاڪ قوم آهي ۽ انهن ڪي معصوم ڪري پيش نہ ڪيو ۽ سندن سچي تاريخ بيان ڪريو.

سنڌ جي مسلمان صوفين جي وڏيڪ تعريف ڪندي شاهہ سائين پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ، "مسلم صوفين هن ملڪ ۾ شاهہ عبداللطيف جي سرڪردگيءَ هيٺ مذهبن جي بنيادي وحدت جو پرچار ڪري مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ رواداري پيدا ڪئي، جنهن جو عملي ثبوت هتي جي هندو مسلم رهاڪن جي باهمي خوشگوار تعلقات مان ملي سگهندو. هندستان جي ٻين حصن وانگر ڇوت ڇات جو مرض سنڌ ۾ ڦهليو نہ ليندو." (ص ۴)

شاهہ سائين جي ڪتاب مان مٿئين عبارت پڙهي مون کي حيراني ٿي تہ هو لاڪيٽي لطيف کي " جيئن ڏٺو آهہ مون" ۾ ڪين صوفين جي ٽولي ۾ شمار ڪري ٿو. زير تبصره ڪتاب ۾ اڳتي هلي صوفيءَ جي تشريح ڪندي سائين لکي ٿو، " منهنجي نظر ۾ صوفي لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ هو ڪنهن خاص مذهبي عقيدي يا نظريہ جو پابند هجي. هو هر مذهب، فلسفي، سائنسي علم ۽ تجربي مان بنا تفاوت پنهنجي ۽ پرائي جي، فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو. صوفي لاڪوفي (Non _ alligned) آهي." (ص: ٨)

مٿي صوفي لاءِ جا تشريح ڪئي اٿس، ان مطابق تہ شاهہ لطيف لاءِ بہ اهو ضروري نہ آهي تہ ڪنهن خاص مذهبي نظريہ يا عقيدي جو پابند هجي. خدارا غلام مرتضي شاهہ سائين جي تحريرن ۾ ذرا تضاد ملاحظ ڪريو! پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب " پيغام لطيف" ۾ انڪشاف ٿو ڪري تہ شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻيا صوفي قادري سلسلہ سان واسطو رکندڙ هئا، جنهن جو باني شيخ عبدالقادر جيلاني رح آهي. هن طريقي وارن جو عقيدو شاهہ سائين جي الفاظ ۾ هي آهي تہ:

(١) برن ڪمن جي ڪرڻ کان توبهہ ڪري، اخلاق کي درست ڪرڻ لاءِ سچي دل سان مرشد جي هٿ تي بيعت ڪرڻ.

(٢) عملن جي درستگي سان گڏ تزڪيہ نفس لاءِ عبادت ڪرڻ ۽ وڏي آواز سان خدا جي نالي جو ذڪر ڪرڻ."

(پيغام لطيف از: جي ـ ايم ـ سيد ـ اسلاميہ پريس حيدرآباد ص:٥٢)

سائين جي ايم ـ سيد صاحب جي راءِ ۾ شاهہ ڪريم ۽ شاهہ

لطيف جو سلسلہ قادري طريقہ سان ملي ٿو. مان هتي ان جي باني ۽ سندس حياتيءَ بنسبت مختصر روشني وجهندس، جنهن جي پڙهڻ سان ثابت ٿيندو تہ قادري مسلک تي هلڻ وارا صوفي لطيف سميت مذهب اسلام جا سخت پابند هوندا آهن ۽ هر معاملي ۾ قرآن ۽ سنت کان رهنمائي وٺندا آهن. اهي نهايت ني خشوع ۽ خضوع سان عبادت کندا آهن ۽ وڏا توحيد پرست ۽ سچا عاشق رسول صلعم آهن.

قادري طريقہ جو باني شيخ عبدالقادر جنهن جي ڪنيت ابو محمد ۽ لقب محي الدين آهي، سو سنہ ۴۷۱ هجري ۾ طبرستان جي ڳوٺ جيلان ۾ ڄائو هو ۽ نوي ورهيہ جي ڄمار ۾ سنہ ٥٦١ هہ ۾ وفات ڪيائين. ننڍي هوندي قرآن شريف ياد ڪري ادب، فقهہ ۽ حديث جي باقاعده تعليم پرائي ورهين جا ورهيہ تدريس، فتويٰ نويسي ۽ واعظ ڪرڻ ۾ مشغول رهيا. سندس ٻہ لکيل ڪتاب " غنية الطالبين" ۽ " فتوح الغيب" خاص طرح سان مشهور آهن. فقهہ ۾ حنبلي مسلک جو هو. پاڻ باطني طريقہ جي تعليم شيخ حماد، قاضي ابوسعيد مبارک مخزومي ۽ شيخ ابويوسف يعقوب همدانيءَ کان ورتائون. پاڻ صاحب ڪشف و ڪرامت بہ هو. شيخ عبدالقادر وقت جي بادشاهہ جي پرواهہ ني نہ ڪندو هو. روايتون آهن تہ جڏهن وقت جو حاڪم سندس خدمت ۾ ايندو هو تہ پاڻ گهر وڃي پوءِ ساڻس ملاقات ڪندو هو، جيئن بادشاهہ جي اچڻ تي پاڻ هن جي تعظيم لاءِ نہ اٿي. پاڻ احڪام شريعت جو پابند ۽ سنت جو پيرو هو. وفات ڪرڻ کان ٿورو اڳ ۾ هن وٽ وقت جا وڏا مشائخ اچي جمع ٿيا هئا. سندس وڏي پٽ سيف الدين عبدالوهاب ڏٺو تہ بابا سائين دنيا مان لاڏاڻو ڪرڻ وارو آهي، ان ڪري پرسان ويهي شيخ عبدالقادر کي عرض ڪيائين تہ بابا مونکي ڪا نصيحت ڪريو، ان تي ارشاد ڪيائون تہ:

" عليک بتقوي الله وطاعته ولا تخف احدا ولاترج وکل الحوائج الي الله واطلبها منه ولا تثق باحد سوي الله خذ التوحيد التوحيد التوحيد اجماع الکل" .

يعني پنهنجي مٿان خدا جي خوف ۽ ان جي فرمانبرداريءَ کي ضروري ڄاڻ ۽ لازم رک. ان کانسواءِ ڪنهن جو ڊپ نہ ڪر ۽ ڪنهن ۾ ڪا اميد (سواءِ الله جي) نہ رک. سڀ حاجتون الله جي حوالي ڪر ۽ ان ذات کان گهر، خدا کان سواءِ ڪنهن تي بہ ڀروسو نہ رک، پنهنجي مٿان توحيد کي توحيد کي، توحيد کي، لازم رک جو ان تي سڀ جو اجماع آهي."

شيخ سعدي رحمة الله جو ڪتاب گلستان سائين جي . ايم سيد

جو ضرور پڙهيل هوندو. ان ۾ قادريہ طريقي جي هن باني ۽ شاهہ لطيف جي هن مرشد عبدالقادر جيلاني جي ذوق عبادت متعلق گلستان ۾ مولانا مصلح الدين سعدي حڪايت ٿو ڪري تہ :

" عبدالقادر جيلاني راديد رحمة الله عليه درحرم ڪعبہ روئے بر حصا بهاده بود و مي گفت اي خداوند ببخشائے و اگر مستوجب عقوبتم مرا بہ روز قيامت نابينا برانگيز تا در روئے شرمسار نباشم" (باب ٢ حڪايت ٣)

يعني ماٿهن عبدالقادر جيلاني ڪي هڪ دفعي حرم ڪعبہ ۾ ڏٺو.پاڻ پٿرن تي پنهنجو منهن مبارڪ رکي عرض پيو ڪري تہ رب سائين مون کي بخش. جيڪڏهن سزا جو حقدار آهيان تہ مون کي قيامت جي ڏينهن انڌو ڪري اٿارجان، جيئن تہ مان نيڪ بندن جي آڏو شرمسار نہ ٿيان."

علم تصوف ۾ شيخ صاحب جو مشهور ڪتاب " فتوح الغيب، آهي جو اصل عربي ۾ لکيل آهي. هن ڪتاب مان فقط هڪ حوالو قارئين جي آڏو پيش خدمت آهي. ان جي پڙهڻ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ لطيف جو هي مرشد (بقول جي. ايم سيد جي) شريعت ۽ ان جي اتباع کي ڪيڏي نہ اهميت ٿو ڏي لکي ٿو:

" ينبغي للمؤمن أن يشتغل بالفرائض فاذا فرغ منها اشتغل بالسنن ثم يشتغل بالنوافل .... (ص ٢٧٤)

يعني مومن کي گهرجي تہ پهرين فرضن ڏي توجهہ ڪري، ان جي پوري ڪرڻ کان پوء سنتن کي اختيار ڪري ۽ ان کان پوء نفلن ڏانهن لاڙو ڪري".

شيخ عبدالقادر جيلاني ۽ ان جي تعليمات تي مختصرا روشني ان ڪري وڌي وئي جو شاهہ سائين " پيغام لطيف" ڪتاب ۾ انڪشاف ڪيو آهي تہ شاهہ ڪريم ۽ شاهہ لطيف ٻئي قادري طريقي جا هئا. (ص ٥٢ تي) شاهہ سائين پاڻ اعتراف ڪيو آهي تہ اهي عبادت بہ ڪندا آهن ۽ ڏاڍيان خدا جو ذڪر بہ ڪندا آهن. معلوم ٿيو تہ لطيف مذهب اسلام شريعت جو پابند صوفي آهي. پر جيئن ڏٺو آهہ مون" ۾ صوفي جي تشريح ٿيل آهي تہ (حوالو مٿي نقل ڪيل) تہ لطيف بہ صوفين جي لسٽ مان خارج سمجهبو. اهڙي صورت ۾ شاهہ سائين کان ادب سان پڇي سگهجي ٿو تہ اوهان اهو ڪيئن ٿا لکو تہ مسلم صوفين شاهہ لطيف جي سرڪردگيءِ هيٺ مذهب جي بنيادي وحدت جو پرچار ڪيو؟ "جيئن ڏٺو آهہ مون" ۾ جا صوفي جي تشريح ڏنل آهي، ان مطابق تہ قادريہ طريقي جو پيرو لطيف صوفين جي لسٽ مان خارج آهي. " پيغام لطيف" جي ص

٥٢ تي شاهہ لطيف بابت جيڪي ڪجهہ لکيو ويو آهي، ان مطابق نہ هو فقط اسلام جو پائبند ۽ توحيد پرست آهي، هو هن دين کان سواءِ ٻئي ڪنهن مذهب ڏانهن توجهہ بہ نٿو ڪري. جيئن مون مٿي سنڌس مرشد عبدالقادر جيلاني رح جي تعليمات جو خاڪو پيش ڪيو آهي. سنڌس تحريرن ۾ هيءَ تضاد آهن.

شاهہ سائين جو وڏيڪ اهو لکڻ تہ سنڌ ۾ صوفين جي تعليم ڪري هندن ۽ مسلمانن جا باهمي خوشگوار تعلقات رهيا. هڪ جذباتي اظهار تہ آهي پر ان جو حقيقت سان ڪو تعلق نہ آهي. اسان مسلمانن کي تہ ان سلسلي ۾ پنهنجي پياري نبي صلي الله عليه وسلم جي طرفان سخت تاڪيد ٿيل آهي تہ غير مسلمن سان نهايت ئي حسن سلوڪ ۽ رواداري اختيار ڪريو. انهن جي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت ڪريو ۽ سنڌن بنيادي حقن کي سلب ڪرڻ سخت گناهہ آهي. سائين جي - ايم سيد ۽ سنڌس گروهہ کي چاهي مٺيان لڳي، پر هي تاريخي حقيقت آهي تہ مسلمانن پنهنجي غير مسلم اقليت سان نهايت ئي همدردانہ ۽ مشفقانہ رويو اختيار ڪيو ۽ دنيا جي تاريخ اهڙي مثال پيش ڪرڻ کان قاصر آهي. مسلمانن جي خداترسي، همدردي، اخلاق ۽ انسان دوستيءَ کي ڏسي غير مسلمن اسلام قبول ڪيو ۽ اهي هن دين جا سچا سپاهي بڻيا. اسلامي رياستن ۾ غير مسلمن جي حقن جي ايتري تہ حفاظت ٿيندي هئي جو ٿوريءَ بي انصافي تي اهي وقت جي حاڪم خلاف بہ قاضي جي ڪورٽ ۾ فرياد داخل ڪندا هئا. مسلم تاريخ اهڙن مثالن سان ڀريل آهي. خليفة المسلمين حضرت علي رضہ جي خلاف قاضي شريح جي عدالت ۾ هڪ غير مسلم يهودي فرياد داخل ڪيو تہ هو سنڌس زرهہ کڻي ويو آهي. قاضي صاحب حضرت علي کي ڪورٽ ۾ گهرايو ۽ يهودي جي فرياد جي سماعت شروع ٿي. ڪورٽ حضرت علي رضہ کي ٻڌايو تہ زره جي حق ملڪيت ثابت ڪرڻ لاءِ هو پنهنجا شاهد پيش ڪري. ان تي امير المومنين پنهنجي ٻن پٽن حضرت حسن رضہ ۽ حضرت حسين رضہ جا نالا پيش ڪيا. قاضي شريح رولنگ ڏني تہ حضرت حسن ۽ حضرت حسين جي تقويٰ ۽ سچائيءَ ۾ ڪنهن کي بہ ڪو شڪ شبهو ڪونہ آهي،پر اسلام ۾ سنڌن پنهنجي والد ماجد جي حق ۾ شاهدي ناقابل قبول آهي. ان ڪري زرهہ يهودي کي ڏياريائين.جا هن واقعي جهڙو ڪو ٻيو مثال دنيا ۾ ٿي سگهي ٿو! سائين جي - ايم سيد صاحب کي اسلام جو ڪو مطالعو نہ آهي. ان ڪري هو مختلف مذهبن جي پوئلڳن سان محبت ۽ رواداري پيدا ڪرڻ لاءِ مسلم صوفين جي تعليم تي زور ڏني ٿو. ڪيس خبر

هنن گهرجي تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم اسلامي رياست جي غير مسلم باشندن لاء حڪم ڪيو آهي تہ " دمائهم ڪدمائنا واموالهم ڪاموالنا واعراضهم ڪاعراضنا" . يعني انهن جو رت اسان مسلمانن جي رت وانگي اهي. سندن مال مسلمانن جي مال جيان آهي ۽ غير مسلمن جي عزت بہ مسلمانن جي عزت برابر آهي. اسلام ان جي هرگز هرگز اجازت نٿو ڏئي تہ غير مسلمن کي ناحق قتل ڪجي، انهن جي مالن ۽ ملڪيتن تي ڌاڙا هڻجن ۽ سندن عزت تي حملو ڪجي. جيڪڏهن ڪو بہ مسلمان اهڙو گناهہ ڪري ٿو تہ اهو ان جو ذاتي فعل آهي ۽ خدا ۽ اسلامي رياست جو هو مجرم آهي، جنهن جو هن کي حساب ڏيڻو پوندو. اسلام تي اهڙو الزام لڳائڻ سخت ناداني، جهالت ۽ تعصب آهي. اهو چئي سگهجي ٿو تہ دنيا ۾ اسلام کانسواء ڪنهن بہ ٻئي نظريہ ۾ اقليت جي حقن جي ايڏي ضمانت ڏنل نہ آهي.

مٿي غير مسلمن جي حقن بابت رسول الله ڪريم جن جي حديث نقل ڪئي وئي آهي ۽ حضور جن پنهنجي حياتيءَ ۾ ان تي ايڏو تہ سختيءَ سان عمل ڪري ڏيکاريو جو مخالف بہ داد ڏيڻ کان رهي نہ سگهيا. مثلا مشهور انگريز مؤرخ ايڊورڊ گبن صاحب رسول پاڪ جي تعريف ڪري ٿو ۽ لکي ٿو تہ حضور صلعم جن پنهنجي وقت جي عيسائي رعيت کي نہ فقط واپار ڪرڻ جون سهوليتون ڏنيون، پر ان سان گڏوگڏ ڪين جان جي سلامتي پڻ ڏني. ياد رهي تہ گبن ڪو رواجي تاريخدان نہ آهي.پر هن فن ۾ شايد ئي ڪو هن جي برابري ڪري سگهي. گبن صاحب سنہ ١٧٣٧ع ۾ ڄائو هو، ۽ ٥٧ ورهين جي ڄمار ۾ سنہ ١٧٩٤ع ۾ وفات ڪيائين. هن صاحب " رومي سلطنت جو زوال" (Decline and the Fall of the Roman Empire) جي بابت سان ڇهہ جلدن ۾ هڪ ڪتاب لکيو هو. سندس انگريزي زبان جي فصاحت جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. برطانيہ جي هڪ آنجهاني وزير اعظم چرچل هڪ دفعي چيو هو تہ، گبن جو مٿيون ڪتاب پڙهي هو سياستدان بڻيو. اهوئي گبن صاحب حضور صلعم جن جي متعلق لکي ٿو:

"(To his christain Subjects, Muhammad readily granted the Security of their persons the freedom of their trade, the property of their goods and the tolerance of their worship." P _ 269.70)

حضور صلعم جن جي انتقال کان پوء خلفاء راشدين جي دور ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا جن ۾ غير مسلمن جي دادرسي ٿي آهي.

مصر ۾ حضرت عمر رضہ جي گورنر عمرو بن العاص جي پٽ پنهنجي پيءُ جي عهدي جو ناجائز فائدو وٺي هڪ غير مسلم يهودي کي ستايو جو دانهن کڻي حضرت عمر وٽ آيو. حضرت عمر يهودي جو فرياد ٻڌي گورنر مصر جي خلاف سخت قدم کڻڻ جو حڪم ڪيو ۽ ڪيس هڪ خط ۾ لکيو تہ " مذکم استعبدتم الناس وقد ولدت امهاتهم احرار" (يعني پنهنجي مائرن جي پيٽ مان آزاد ڄاول انسانن کي اوهان ڪڏهن کان غلام بڻايو آهي؟)

هندن سان پيار ۽ محبت جي تلقين ڪندڙ سائين جي ـ ايم سيد صاحب کي دردمندانہ اپيل ٿي ڪجي تہ، آخر ان مقصد لاءِ هو صوفين جي تعليم تي زور ڇو ٿو ڏئي! ڇا حضرت عمر جا مٿيان تاريخي الفاظ اوهان کي مطمئن نٿا ڪن؟ حضرت فاروق اڪبر جي وصال کان اٽڪل هڪ هزار سال پوءِ فرانس جي انقلابي مفڪر روسو پنهنجي " عمراني معاهدي" (Social Contract Theory) ۾ تقريبًا ساڳيا الفاظ ٿو ڪم آڻي ۽ چوي ٿو تہ، " انسان جيتوڻيڪ آزاد ڄائو آهي، پر جتي ڪٿي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي" .

(Man is born free, butis every where in chains)

مسٽر ايم اين راءِ جيڪو مشهور ڪميونسٽ دانشور آهي اهو پنهنجي ڇٺي باب (The mission of Islam) جي عنوان سان عرب مسلمانن (Saracenes) جي ملٽري فتوحات تي تبصره ڪندي لکي ٿو تہ "عربن جيڪڏهن ڪا تخريب بہ ڪئي تہ اها براءِ تعمير هئي. انهن پراڻي نظام کي ڊاهي نئين نظام کي جوڙيو. انهن وقت جي قيصرن ۽ خسروئن جا نشان بہ محض ان ڪري مٽايا تہ انساني معلومات جي خزاني کي سانڍي مستقبل جي نسل جي ترقي ۽ فائدي لاءِ استعمال ڪجي.

"(Destruction was only a subsidiary part of its mission. It pulled down the played _ out old , to construct a necessary new. It demolished the holy eddifices of the Cesars and the Chosroes, only to rescue from their impending ruin the accumalated treasures of human knowledge, to preserve and multiply them for the benefit of the posterity." P _10)

مسٽر ايم ـ اين راءِ جي حق پرستيءَ کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.هاڻي مان پڇڻ ٿو گهران تہ اوهان جو اهو چوڻ تہ عربن سنڌ ۾ ڦر لٽ ڪئي، ڏاهر جي بيعزتي ڪئي فقط الزام نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ عربن ڏاهر جهڙي ظالم قيصر ۽ خسرو ٽائيپ حڪمران کي ختم ڪري هڪ نئين نظام جي تعمير ڪئي ۽

ڪنهن به غير مسلم کي ايذاء ڪونه پهچايو. مصنف عربن جي ڪاميابيءَ تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته عربن جي ڪاميابين مان هيءَ ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته انهن تاريخ جي خدمت ڪئي ۽ انسان ذات جي بقاءَ ترقي، فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ ڪم ڪيو.

"(The amazing achievements of Saracen arms only prove that they were wielded at the service of history for the progress of humanity" (P _ 11)

اڳتي هلي ڊاڪٽر صاحب چنگيز خان،تيمورلنگ ۽ ٻين ڦورو لٽيرن،زوري زنا ڪندڙن، سفاڪن ۽ انسان دشمن فاتحن جو ذڪر ڪري ٿو، عربن سان انهن جي ڀيٽ ڪندي هن خيال جو اظهار ڪري ٿو ته عرب، پنهنجي پاڪيزه اخلاق، پاڪ ارادي جي لحاظ کان مٿين آدم بيزارن کان قطعًا مختلف هئا. عرب خود مطلب بالهوس نه هئا ۽ انهن جي خدا ترسي هيچ ، لوڀ ۽ لالچ کان خالي هئي.

"(And even they (Saracenes) were distinguished from the barbarian ravishers of humanity like Alaric Attila, Genseric, Chengis or Tamerlane, by the nobility of character, purity of purpose and piety of spirit. their ambition was remarkably free from selfishness. Godliness, for them was not aveil for greediness." P _ 13. 14

ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ انڪشاف ٿو ڪري ته هي عرب فاتح جتي ڪٿي ويا ته لوڪل ماڻهن ظلم ۽ ڏاڍ ڪري انهن کي نجات ڏهندہ سمجهي، سندن پرجوش استقبال ڪيو.

"(Every where , the Saracen invaders were welcome as deliverers by peoples oppressed, tyrannised and tormented by Byzantine corruption, persian despotism, and christiansuperstition." P_ 14)

مسٽر ايم ـ اين راءِ اسان کي ٻڌائي ٿو ته عرب فاتح پنهنجي نبي اڪرم جي انقلابي تعليمات تي عمل ڪري ۽ وقت جي خليفي جي احڪام جو پابند ٿي، مفتوح آبادي جي ڪلي حمايت ۽ همدردي حاصل ڪئي.

"(Fanatically faithful to the revolutionary teachings of the prophet, and obediently acting according to the noble, wise and eminently practical injuctions of the khalif, the saracen invaders easily enlisted the sympathy and suppory of the peoples they conquered. No invader canestablish anabiding

domination overconquered peoples, except with their active support ortacit toleration. P _ 14. 15)

ڊاڪٽر صاحب مصر جو مثال ڏيندي لکي ٿو تہ ، "هن سرزمين کي صدين تائين يونانين ۽ رومين تباهہ، نيست ۽ نابود ڪيو هو، پر جڏهن عرب مسلمانن مصر تي قبضو ڪيو تہ انهن جي دور حڪومت ۾ مصر جي ترقي ۽ خوشحالي آئي.

(Egypt, robbed and spoiled for centuries by the Greeks and the Romans, prospered under the saracens." P _ 17)

سنڌ ۾ ورهين کان وٺي هن گمراهہ ٽولي عرب سڳورن خلاف ڪوڙي، فتنہ انگيز ۽ متعصبانہ پروپئگنڊا ڪئي آهي. عربن جو گناهہ فقط هي آهي تہ هنن هتي اسلام پکيڙيو، توحيد جي تبليغ ڪئي، شرڪ ۽ بت پرستيءَ جي پاڙ پٽي، رحمة اللعالمين حضرت محمد صلي الله عليه وسلم (فداه روحي و جسمي وابي وامي) جو نياپو پهچايو. قرآن مجيد سان سنڌ جي باشندن جو تعارف ڪرايو. ماڻهن جي مٿان ڪا زبردستي ڪانہ ٿي، انهن رضا خوشيءَ سان ايمان آندو ۽ مشرف باسلام ٿيا. هن ٽولي کي ان ڪري عربن کان چڙ آهي، سندن مرضي آهي تہ سنڌ ۾ اسلام جو خاتمو آڻي هتي ڌاهر جو دين قائم ڪجي. قرآن شريف جي عوض گيتا کي پڙهيو وڃي. مسجدن کي ڊاهي مندرن ۾ تبديل ڪجي، حج بيت الله جي زيارت ڪرڻ بدران بنارس ۽ ڪاشي جو سفر ڪجي. زمزم جي پاڻيءَ تي بندش وجهي گنگا نديءَ جي پاڻيءَ کي پاڪ سمجهن. الحمدلله سنڌ جا مسلمان هنن جي چالن کي سمجهي ويا آهن. ڪيترائي سنڌي نوجوان پنهنجي دين جي بچاءَ لاءِ ميدان ۾ آيل آهن. ٻهراڙيءَ جا مسلمان ايترا تہ غيرتمند آهن جو هنن جو نالو ٻڌي بيزاريءَ جو اظهار ٿا ڪن.

قل جاء الحق و زهق الباطل ان الباطل كان زهوقا

مون مٿي معتبر ذريعن سان ثابت ڪيو تہ عربن جي خلاف بي بنياد پروپئگنڊا ڪئي ٿي وڃي.ان ۾ رتي ڀر صداقت نہ آهي تہ ڪو عربن مفتوحن تي ظلم، زيادتي ۽ ڏاڍ ڪيو آهي جيئن سنڌ ۾ هڪ ٽولو انهن جي خلاف الزام لڳائي ٿو. ان جي برعڪس تاريخ ٻڌائي ٿي تہ عرب جڏهن پاڻ مفتوح ٿيا تہ فاتحين سندن مٿان اهڙا ظلم ڪيا، جنهن جي تصور سان لڱ ڪانڊارجي ٿا وڃن. انهن جي نسل ڪشي ڪئي وئي، سندن گوشت پٽي ڪاڏو ويو ۽ درندگيءَ جو مظاهرو ڪيو ويو.

مشهور مسلم تاريخدان جسٽس امير علي پنهنجي هڪ تصنيف ۾ صليبي لڙاين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ، " فاتح عيسائين عربن

جي مٿان طرحين طرحين جا ظلم ڪيا. امير علي ان جي تائيد ۾ هڪ مغربي مؤرخ ملز (Mills) جي حوالي سان لکي ٿو ته، " عربن کي ذبح ڪرڻ بعد فاتحين بدترين زيادتي جو مظاهرو ڪيو. اهي جڏهن شام جي شهرن مرعه النعمان تي قابض ٿيا ته اتي هڪ لک ماڻهن جو ڪوس ڪيائون. بازارن ۾ رت ريلا ڪري وهڻ لڳو ۽ عربن جي خلاف بربريت جو مظاهرو ڪيو ويو. باقي سموري بچيل مخلوق کي جنگي قيدي بڻايو ويو. جن مان وري طاقت ۽ سگهه رکندڙ جوانن کي غلامن جي مارڪيٽ ۾ رزرو ڪيو ويو ۽ پارڙن کي پل تي چاڙهيو ويو. آدم خوري عملاً ڪئي وئي ۽ انسانن جو گوشت ملز جي چوڻ مطابق عيسائي ڪئمپن ۾ وڪري لاءِ رکيو ويو."

(After butchering the Saracens, the invaders abadoned them selves to the worst excesses. From Antioch they proceeded to Marrat _ Noman, one of the the most populous and flourshing cities of Syria which they captured. Here they slaughtered one hundered thousand people. The streets ran with blood until ferocity was tried out. Bohemond them reviewed his prisoners, they who were vigorous or beautiful, Says mills, were reserved for the slave Market at Antioch, but the aged and infirm were immolated at the altra of cruelty. At Marraalso Cannibalism was rampant and it is even said that human flesh was, publicly exposed for sale in the christian camp.")

(Ashort History of the saracens, P _ 326 .327, London Macmillan and Co. 1961 Ed)

ڇا دنيا ان کان بيخبر آهي ته ١٢٦٨ع ۾ منگول حڪمران هلاڪو خان بغداد ۽ ان جي رهواسين سان ڇا ڪيو؟ انگريز مؤرخ گبن صاحب بغداد جي زوال جو نقشو جنهن نموني سان چٽيو آهي، ان کي پڙهي سنگدل ماڻهوءَ جي اکين مان به ڳوڙها ڪري پوندا. علامه ابن خلدون لکيو آهي ته بغداد جي آبادي ان وقت ويهه لک هئي. هلاڪو هن شهر جو محاصره پورا ڇهه هفتا ڪيو ۽ پورا سورهن لک عرب مسلمان قتل ڪرايائين. بغداد جي لئبريري کي نذرآتش ڪيو ويو.

اي عربن کي ظالم چوڻ وارا ذرا تاريخ پڙهي ڏسو ته فاتح عربن مفتوحن تي ظلم ڪيا يا مفتوح عربن تي ظلم ڪيا ويا! مون کي اميد آهي ته هن کان پوءِ سنڌ ۾ عربن جي خلاف پروپئگنڊا جو ڪو جواز ئي نه ٿو رهي.

سائين جي ـ ايم ـ سيد صاحب بزم صوفياء سنڌ جي هڪ اجلاس ۾ تقرير ڪندي انڪشاف ڪيو آهي ته سنڌ جي صوفين ۾ سندس دلچسپي ۱۹۲۵ع ۾ شروع ٿي. گويا سنڌ جي هن گروهه تي سندس ريسرچ گڏريل پنجاهه سالن کان جاري آهي. اهو وڏو عرصو آهي پر مان افسوس سان اظهار ٿو ڪريان ته علم تصوف ۽ بالخصوص سنڌ جي صوفين متعلق شاهه سائين جو ايترو به مطالعو نه آهي، جيترو انگريز مصنف رچرڊ برٽن ڪيو هو. برٽن ۱۸۴۳ع ۾انگريزن جي فتح کان پوءِ سنڌ ۾ رهيو. سنڌ متعلق ٽي چار ڪتاب لکيائين، انهن مان هڪڙي جو نالو (Sindh and the Races that inhabit in the valley of the Indus) آهي. هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو " سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" جي نالي جناب محمد حنيف صديقي صاحب ڪيو آهي، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. ڪتاب جي ائين باب (ص ۱۴) ۾ سنڌ ۾ تصوف ۽ صوفي شاعرن وغيرهم جو ذڪر تيل آهي، جو پڙهڻ وٽان آهي. جيتوڻيڪ برٽن صاحب جي راءِ سان ڪلي اتفاق ڪري نٿو سگهجي. ان جي باوجود هڪ ڌارئي ماڻهوءَ جي تحقيق قابل تعريف آهي. هن انگريز جو ڪمال ته ڏسو جو هو ابن الفارض جهڙي هڪ صوفي شاعر جو ذڪر به ڪري ٿو. مان وثوق سان چوان ٿو ته ڪيترن ئي صوفين ان جو نالو به نه ٻڌو هوندو. عربيءَ ۾ سندس شعرن جو مجموعو " ديوان ابن الفارض" جي نالي سان مصر مان ڇپيو هو. مون کي سندس هي شعر ڪڏهن نه وسرندو آهي، جنهن ۾ محبوب کي خطاب ڪندي چوي ٿو ته " سڄڻ منهنجو روح توتان قربان آهي پتو هجني يا نه هجني" شعر هن ريت آهي:

" قـلـبـي يـحـدثـنـي بـانـک مـلـتـفـي
روحـي فـداک عـرفـت ام لـم تـعـرف"

برٽن سنڌ ۾ تصوف جا ٻه فرقا ٻڌائي ٿو. هڪ جلالي صوفي ۽ ٻيا جمالي صوفي. جلالي ۽ جمالي صوفين جو بيان ڪتاب جي ص ۱۹۰ کان شروع ٿئي ٿو. سندس خيال ۾ سنڌ جا جلالي ۽ جمالي صوفي جي سيوهڻ ۾ گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا، سي شريعت جا پابند نه هوندا آهن. سندن پوشاڪ جي متعلق برٽن لکي ٿو ته " اهي تاج، الفي ۽ گودڙي پهريندا آهن. سندن ٻيا ٽپڙ تسبيح لٺ، ڪاري بيراڳڻ، ڏاڳا، ڳانو، گمبري يعني ڳاڙهي ڪپڙي جي ڳوٿري ۽ طنبي يعني ڪدوءَ جو پيالو ۽ سگ هوندا آهن. سگ جهنگلي ٻڪر جو هوندو آهي. جنهن مان هڪ ساز ٿاهي صبح ۽ سانجهيءَ ماڻهن جي درن تي خيرات لاءِ جلالي صوفي وڄائيندا آهن" (ڏسو ص ۱۹۱ ـ ۱۹۰)

اڄ بہ سنڌ ۾ جلالي صوفين جي اها پوشاڪ ۽ وضع قطع آهي، جنهن جو ذڪر برٽن صاحب ڪري ٿو. جلالي فقيرن جي پير مخدوم لعل شهباز جي ذڪر ڪرڻ بعد هي نامور انگريز ليکڪ، سنڌ جي هڪ ٻئي صوفي گروهہ جو ذڪر ڪري ٿو جنهن کي جمالي صوفي سڏي ٿو. سنڌ جي جلالي ۽ جمالي صوفين جي عقائد جي ڀيٽ ڪندي برٽن صاحب لکي ٿو:

"دنيا جي ٻين مشرقي ملڪن وانگر سنڌ ۾ بہ جمالي صوفي، زمان جي خيال کان، پنهنجي جلالي ڀائرن کان وڌيڪ آبرو دار ليکيا ويندا آهن. جلالي فقير کليو کلايو شرعي احڪام جي انحرافي ڪندا آهن. پر جمالي فقير شرعي حڪمن جو ادب ڪندا آهن. روزن نمازن کانسواءِ جمالي صوفين تي هيٺين ڳالهين جي پڻ هدايت ٿيل آهي: دائمي عبادت، ڪفارو ۽ ڪناره ڪشي. خاموشي، تاريڪ ۽ اونداهين جاين ۾ مراقبو. ڪاڏي،ننڊ ۽ نفساني عياشن کان پرهيز، مرشد جي محبت ۽ اطاعت، خودي ۽ دنوي لاڳاپن جو ترڪ ۽ جمالي فرقي جي ٻين قاعدن ۽ اصولن جي سخت پابندي. دنيادار ۽ معزز ماڻهن کي اختياري آهي تہ هو پنهنجي بدلي ٻئي کان ڪفارو ڪرائين يا ان جي عوض پئسا ڀرين، پر پنهنجي جماعتي برادريءَ ۾ ڪين مٿيون درجو فقط سخت پورهئي ۽ رياضت سان ملي سگهندو آهي. سنڌ ۾ جمالي صوفين جون چارمکيہ شاخون آهن: (١) قادري (٢) نقشبندي (٣) سهروردي ۽ (۴) چشتي. (ص ١٩۴ ـ ١٩٣)

سنڌ جي صوفين متعلق برٽن صاحب جي تحقيق جو نچوڙ اوهان مٿي پڙهي آيا ۽ هن خطہ جي جلالي ۽ جمالي صوفين جي عقائد کان بہ اوهان واقف ٿيا. اهوئي سبب آهي جو مون شاهہ سائين کان سوال ڪيو تہ اوهان لکو ٿا تہ مسلم صوفين هن ملڪ ۾ لطيف جي سرڪردگيءَ هيٺ مذهبن جي بنيادي وحدت جو پرچار ڪري مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ رواداري پيدا ڪئي، اهڙن مسلم صوفين مان اوهان جي مراد ڪهڙا سنڌ جا صوفي آهن؟ جلالي يا جمالي صوفي؟ جيڪڏهن جلالي صوفي مراد آهي تہ انهن جو احوال مٿي برٽن صاحب جي ڪتاب مان ڏنو آهي. ان مان صاف ظاهر آهي تہ هتي صوفي جي اڄ بہ سنڌ ۾ موجود آهن، الفي، گودڙي ڀاني بيراڳڻ ڪٺي خيرات وٺندا آهن. سندن گذر مڪانن ۾ هوندو آهي، جتي ڀنگ ۽ چرس پيئڻ جو رواج آهي ڪونڊي ۾ ڀنگ گهوٽي صافي مان ڇاڻي، ڪجهہ باداميون وجهي، اکيون اکين ۾ ملائي وڏي آواز سان ساقي چوندو آهي! اچي ! پيئندڙ ساقي جي اکين ۾ اکيون ملائي فرط محبت مان ورائي ڏيندو آهي تہ، ڀلي ڀلي ڪري اچي سر

سيد جو ٻچي هڪ ٻوڪ نہ ٻي ڀِني ٻچي، ظاهر آهي تہ اهڙا موالي صوفي شاهہ سائين جا مطلوب نہ آهن. شاهہ صاحب جي مراد جمالي صوفي آهن تہ برڻن جي تحقيق ۽ عملي مشاهدي موجب اهي شريعت جا پابند هوندا آهن، جڏهن تہ شاهہ سائين جيئن مٿي سندس ڪتاب جي حوالي سان ثابت ڪري ٿو تہ صوفي لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ ڪنهن مذهب ۽ شريعت جو پابند هجي. گويا جمالي صوفي بہ سندس لسٽ مان خارج آهن.

سائين کان سوال ڪبو تہ جڏهن سنڌ ۾ صوفين جا ٻئي فرقا، جمالي ۽ جلالي اوهان جي ڪم جا نہ آهن تہ پوءِ مسلم صوفين جو اهو ڪهڙو گروهہ آهي، جنهن مذهبن جي بنيادي وحدت جي پرچار ڪئي هجي؟ يا تہ سنڌ ۾ صوفين جي اهڙي گروهہ جو ظهور امام مهدي وانگي اڃا ٿيوڻي ڪين آهي جي پيدا ٿيو تہ اها فقط اوهان جي ذات بابرڪات آهي!

سائين جي. ايم. سيد اڳتي لکي ٿو، "مسلم صوفين هن ملڪ ۾ شاهہ عبداللطيف جي سرڪردگيءَ هيٺ مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ رواداري پيدا ڪئي، جنهن جو عملي ثبوت هتي جي هندو مسلم رهاڪن جي باهمي خوشگوار تعلقات مان ملي سگهندو. هندستان جي ٻين حصن وانگر چوٽ چاٽ جو مرض سنڌ ۾ ڳوليو بہ نہ لڀندو". (ص ۴).

ٻين مذهبن وارن سان مسلمانن جي محبت ۽ رواداري بابت مون اڳ ۾ ئي ڪافي روشني وڌي آهي. حيرت آهي تہ شاهہ سائين سنڌ جي هندو مسلم لاڳاپن لاءِ ۱۹۴۳ع ۾ مسلم ليگ جي اجلاس ۾ مٿيان الفاظ ڪيئن ڪتب آندا آهن تہ "ان جو عملي ثبوت سنڌ جي هندو مسلمان رهاڪن جي باهمي خوشگوار تعلقات مان ملي سگهندو." ڇا اها حقيقت نہ آهي تہ ۱۹۴۳ع کان فقط چار سال اڳ يعني ۱۹۳۹ع ۾ شاهہ سائين سکر جي مسجد منزل گاهہ وارو فساد ڪرائي هميشہ جي لاءِ هندن ۽ مسلمانن جي نفرت جو بنياد وڌو؟

تازو جناب جي. ايم. سيد جي پراڻي دوست پير علي محمد راشديءَ ڪامريڊ محمد امين کوسي جي ياد ۾ روزاني جنگ اخبار ۾ سلسليوار مضمون لکيا آهن. ان ۾ پير صاحب لکيو تہ، "مسجد منزل گاهہ جي فساد کان پوءِ سنڌ ۾ هندن ۽ مسلمانن جا باهمي تعلقات خراب ٿي ويا ۽ پوءِ سنڌن وچ ۾ صلح وري نہ ٿيو." پير صاحب جي راءِ حقيقت تي مبني آهي. مان هيءَ ڳالهہ رڪارڊ تي آڻڻ ٿو گهران تہ مسجد منزل گاهہ وارو فساد سائين جي. ايم. سيد ۽ ٻين سنڌي سياستدانن ديني جذبي تحت هرگز نہ ڪرايو هو. پر هنن مسلمانن

جي جائز مطالبي مان ناجائز سياسي مقصد حاصل ڪيو. حقيقت هي آهي تہ سائين جي. ايم. سيد پاڻ کان سواءِ سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن کي بہ موجود نہ سمجهندو آهي.ان وقت سنڌ ۾ شهيد الله بخش وزير اعليٰ هو جو ڪانگريس جو وڏو ليڊر، مخلص ساده مزاج ۽ اصول جو پڪو هو. سائين جي. ايم. سيد صاحب ۽ سندس ساٿين (جي آڪٽومبر ١٩٣٩ع ۾ سندس متحده محاذ ۾ شامل ٿي ويا هئا) الله بخش وزارت ٽوڙائڻ لاءِ هي فساد ڪرايو هو. سنڌ جي نوجوان نسل کي شاهہ سائين جي انهن ڪارنامن جي ڪا ڄاڻ ڪانہ آهي.مان سنڌن خدمت ۾ عرض ٿو ڪريان تہ خداراَ، سنڌ جي سياسي تاريخ جو مطالعو ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي راءِ قائم ڪريو. مون سنڌ سونهاريءَ جي سياسي تاريخ پڙهي آهي. سنڌ ۾ سيد، مير، پير ۽ وڏيرا سياستدان تہ گهڻا پيدا ٿيا پر مرحوم الله بخش سومري جهڙو سپوت سنڌ ۾ وري پيدا ڪونہ ٿيندو. " سوڍا هجن سؤ تہ بہ مٽ نہ پانيان ميڏري جي"

هندستان جو عظيم سياستدان مولانا ابوالڪلام آزاد پنهنجي ڪتاب (India wins Freedom) ۾ الله بخش شهيد جو نالو نهايت ئي فرط محبت سان وٺي ٿو.

سائين جي. ايم سيد ۽ سندس ساٿين ڪو مسجد منزل گاهہ واري باهہ ڀڙڪائي،هن جي خلاف مسلمانن ۾ نفرت پيدا ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ الله بخش جو ناحق قتل ٿيو. سندس مزاج سادگيءَ جو ڪمال تہ ڏسو جو شهادت واري ڏينهن وزير اعليٰ ٿي ڪري بہ ٽانگي تي سوار هو، جڏهن ڪيس گوليون هڻي ماريو ويو. (انا لله وانا اليہ راجعون)

قتل جي ڏوهہ ۾ سرڪار خانبهادر کهڙي ۽ سندس پاٽ محمد نواز کي گرفتار ڪيو هو. هي ڪيس هڪ غير مسلم جج ٻي ماسٽر وٽ سکر جيل ۾ هليو. جرح جي دوران کهڙي جي وڪيل قاضي فضل الله کي هڪ سرڪاري شاهد محمد خان ٻهڻ ٻڌايو تہ هو نصرت اسٽيشن تان ٿرڊ ڪلاس جي ٽڪيٽ وٺي فلاڻي تاريخ تي ريل گاڏي ۾ سوار ٿي ٻي اسٽيشن تي لٿو. قاضي صاحب نصرت اسٽيشن ماسٽر جو سمورو رڪارڊ ڪورٽ ۾ گهرايو هو ۽ چڪاس بعد معلوم ٿيو تہ ان تاريخ تي ڪابہ ٿرڊ ڪلاس جي ٽڪيٽ جاري ٿيل ڪانہ هئي. خانبهادر کهڙي کي بيڏوهي قرار ڏيئي ڪورٽ ڪيس آزاد ڪيو. حقيقت هيءَ آهي تہ ماضيءَ ۾سنڌي مسلمانن سان محبت جي دعويٰ ڪري سائين جي. ايم. سيد صاحب مسجدگ منزل گاهہ جهڙا فساد ڪرائي سنڌ ۾ هندن جي پاڙ پٽي آهي ۽ موجوده دور ۾ وري هندن

سان محبت جا ڏک ڀري سنڌي مسلمانن جي ڪڍ پيو آهي. " جيئن ڏنو آهه مون" جهڙو ڪتاب لکي مسلمانن جي مذهب جي سخت توهين ڪئي اٿس ۽ حجر اسود جهڙي مبارڪ پٿر، جنهن کي خود رسول خداصلي الله عليه وسلم چمي ڏني هئي، ان لاءِ لکيائين ته هي انساني آلت جو هڪ ٽڪر آهي.

" ڪبرت ڪلمة تخرج من افوائهم ان يقولون الا ڪذبا" شعائر الله جي جهڙي بي ادبي ته مرزا غلام احمد قادياني به نه ڪئي آهي. سنڌي مسلمانن جي ڀاڙ پڻ لاءِ ۽ هندن سان محبت جي دعويٰ ڪري شاهه سائين بنگال ديش وانگر هتي به هڪ علحده رياست ٺاهڻ گهري ٿو ۽ هميشه لاءِ اسان مسلمانن کي هندن جو غلام بنائڻ چاهي ٿو. بنگال ديش تي هندن قبضو ڪري اتان جي مسلمانن کي ڀناني ڇڏيو آهي.

شاهه سائين پنهنجي ڪتاب متعلق لکي ٿو، " مون کي معلوم آهي ته ڪثرت تعداد ماڻهن جو مذهبي شريعت جي معتقد هئڻ ڪري، شايد منهنجي راين کي ناپسنديءَ جي نگاهه سان ڏسي" وڏيڪ هيٺ لکي ٿو، " اميد اٿم ته منهنجا معترض قرآن شريف جي هن آيت شريف "لڪم دينڪم ولي دين" مطابق منهنجي راين کي برداشت ڪندا." (ص ٧).

مٿين حوالي مان صاف ظاهر آهي ته شاهه صاحب قرآن مجيد جي آيت" لڪم دينڪم ولي دين" يعني توهان جي لاءِ توهان جو دين ۽ مون لاءِ منهنجو دين، اهو مفهوم وٺي ٿو ته سندن راين کي برداشت ڪجي، پوءِ ڪٿي اهي مخالف اسلام ڇو نه هجن! جناب جي - ايم - سيد صاحب ان آيت مان غلط معنيٰ ڪڍي آهي. آيت جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته اوهان اسلام خلاف بيهوده ڳالهيون لکو جهڙوڪ، حجر اسود انساني شرمگاهه جو پٿر آهي ۽ پوءِ اعلان ڪريو ته اوهان جو دين اوهان لاءِ ۽ منهنجو دين مون لاءِ. سائين جي - ايم - سيد صاحب کان اهو سوال ڪري سگهجي ٿو ته ڪو شخص روس ۾ هڪڙو جملو لکي شايع ڪرائي ته . ڪئپٽلزم (سرمايه داري) جو نظام سوشلزم (اشتراڪيت) جي نظام کان بهتر آهي. ڇا اهڙي شخص کي روس جي نظرياتي رياست ۾ برداشت ڪيو ويندو؟ هرگز نه.جو ته ڪابه مهذب قوم جنهن کي پنهنجو نظريو ۽ پيغام آهي اها هرگز نه چاهيندي ته سندس نظريي تي تنقيد ڪئي وڃي.روس ۾ ڪيترائي اهڙا مثال آهن. ١٩٥٨ع ۾ روسي اديب بورس پاسٽر ناڪ جو مشهور ناول " ڊاڪٽر زواگو" شايع ٿيو هو ۽ ڪيس هن ناول جي لکڻ تي نوبل پرائيز ملڻ جو اعلان ٿيو. مصنف ناول ۾ سوشلزم جي نظام تي هلڪي تنقيد ڪئي هئي. نتيجو هي نڪتو جو ڪيس نه فقط

نوبل پرائيز وٺڻ کان منع ڪيو ويو، پر روس ۾ هن جي نقل و حرڪت تي پابندي وڌي وئي. دنيا جي اديبن ۽ پريس روسي وزير اعظم آنجهاني نڪيتا خروشچوف سان سخت احتجاج ڪيو هو، پر روسي حڪومت ان تي ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ پنهنجي هن موقف کي ورجايو ته اسين سوشلزم جي بنيادي نظريي خلاف ڪابه تنقيد برداشت نه ڪنداسون. خود روس جي آنجهاني وزير اعظم اسٽالن جي لاڏلي ڌيءُ سوتيلانا مخالف نظريات رکڻ ڪري روس ۾ نه رهي سگهي، جون ۱۹٦۷ع ۾ هيءُ روسي خاتون نئين دهليءِ پهتي ۽ پنهنجي هندستاني مڙس آنجهاني برجش سنگهه جي سمڌي تي حاضري ڏيڻي فورا امريڪي سفارتخاني ۾ سياسي پناهه وٺڻ جي درخواست ڪيائين. دهليءَ مان هوائي جهاز تي سوار ٿي سوئيزر لينڊ پهتي ۽ اتان امريڪا روانى ٿي وئي. هن به ڪتاب امريڪا ۾ لکيا هڪ (Only one year) ۽ ٻيو (Twenty Letters to a Friend) جي نالي سان مشهور آهي. انهن ڪتابن کي پڙهي ڏسو ۽ منهنجي نڪتي جي تصديق ٿيندي ته ڪابه قوم پنهنجي بنيادي نظريي تي نڪته چيني برداشت ئي نه ڪندي آهي. مان وڌيڪ پڇڻ ٿو چاهيان ته اڳئين مهيني روسي اديب سولزهينٽسرن کي ڇو جلا وطن ڪيو ويو؟ هن جا به ناول (Babyyar) ۽ (Cancer ward) ته اڳ ۾ شايع ٿي ويا هئا. سندس ٽيون ناول جنهن تي روسي گورنمنٽ کي سخت چڙ لڳي، اهو فرانس مان شايع ٿيو ۽ ان جو نالو آهي (The Gulag Archipelago)

سوشلزم هڪ انساني نظام آهي، ان تي تنقيد ڪرڻ به مهذب دنيا ۾ جرم تصور ڪيو وڃي ٿو ته پوءِ اسين مسلمان الاهي شريعت تي تنقيد نه پر حملا ڪيئن برداشت ڪنداسون؟ "۽ لڪم دينڪم ولي دين" جي آيت شريف جو سهارو وٺڻ سخت ناداني ٿيندي. سائين جي. ايم. سيد صاحب ان آيت جو غلط مفهوم وٺي لکي ٿو ته معترض حضرات سندس ڪتاب ۾ ڏنل راين کي برداشت ڪن. جناب شاهه صاحب جن جي عادت آهي ته هو پنهنجي تعبير ڪندو آهي. مون هڪ دفعي ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ کان سوال ڪيو ته ڪهڙو سبب آهي جو سيد صاحب علمي مسئلن بابت پنهنجي اهڙيءَ راءِ پيش ڪري ٿو جا هڪ رواجي پڙهيل شخص به هوند نه ڏئي. مون اهڙا ڪيئي مثال سندس تحريرن جا ڪامريڊ کي ٻڌايا. ڪامريڊ منهنجي راءِ جي وزن کي محسوس ڪيو ۽ چوڻ لڳو. ته شاهه صاحب ۾ وڏي ڪمزوري آهي جو هو پنهنجون تعبيرون ۽ معنيٰ ڪڍندو آهي. مثال ڏيندي سوڀو صاحب چوڻ لڳو مون هڪ دفعي هيگل جي جدلياتي ماديت متعلق هڪ ڪتاب شاهه صاحب کي پڙهڻ لاءِ ڏنو. ان جي

مطالع ڪرڻ کان پوءِ مون کي چوڻ لڳو ته سوڀيا! اسان جي صوفين به جدلياتي ماديت جو نظريه پيش ڪيو آهي. ڪامريڊ جي ان مثال تي مون کان ٺهڪ نڪري ويو ۽ پاڻ به کليو. اوهان اندازو ڪريو ته ڪجا هيگل جو نظريو ۽ ڪجا سنڌ جي صوفين جو متو! پنهنجي ڪتاب "جيئڻ ڏنو آهه مون" ۾ پنهنجي تعبير پيش ڪيائين ۽ ان جو علمي دنيا سان ڪو واسطوئي ڪونه آهي "لڪم دينڪم ولي دين" جي به هيگل جي جدلياتي ماديت وانگي پنهنجو تفسير بيان ڪيائين. "لڪم دينڪم ولي دين" جي قرآني آيت جي صحيح تشريح اها آهي جا صاحب تفهيم القرآن بيان ڪئي آهي يعني ته:

" منهنجو دين الڳ آهي ۽ توهان جو دين الڳ . مان اوهان جي معبودن جو پرستار نه آهيان ۽ نه وري توهان منهنجي معبود جا پرستار. مان اوهان جي معبودن جي بندگي نٿو ڪريان ۽ اوهان منهنجي معبود جي بندگيءَ لاءِ تيار نه آهيو. ان ڪري منهنجو ۽ اوهان جو رستو ڪڏهن به هڪ ٿي نه سگهندو. هي ڪافرن کي رواداريءَ جو پيغام نه آهي، پر هو جيستائين ڪافر آهن، انهن کان هميشه لاءِ بيزاري ۽ لاتعلقيءَ جو اعلان آهي ۽ هن مان مقصود هنن کي هن امر مان قطعي ۽ آخري طور مايوس ڪرڻو آهي ته الله جو رسول ۽ ان تي ايمان آڻڻ وارو ٿولو ڪڏهن به هنن سان مصالحت ۽ ٺاهه نه ڪندو. هن قسم جو اعلان ۽ اظهار بيزاري هن سورة کان بعد نازل ٿيڻ وارين سورتن ۾ هڪ ٻئي پٺيان ڪيل آهي".

ان کان پوءِ صاحب تفهيم القرآن قرآن شريف جي ٻين ڪيترين ئي آيتن جو حوالو ڏنو آهي. هيٺ لکي ٿو:

"قرآن مجيد جي انهن مڙني آيتن جي وضاحتن کان پوءِ هن شبهه ۾ ڪا گنجائش نه ٿي رهي ته "لڪم دينڪم ولي دين" جو مطلب هي نه آهي ته اوهان پنهنجي دين تي قائم رهو ۽ مون کي پنهنجي دين تي هلڻ ڏيو، پر هي ان جهڙي ڳالهه آهي جيئن سورة زمر ۾ چئي وئي ته " اي نبي انهن کي چئو ته مان ته پنهنجي دين کي الله لاءِ خالص ڪري ان جي بندگي ڪندس. اوهان ان کي ڇڏي جنهن ڪنهن جي بندگي ڪرڻ چاهيو، ڪندا رهو" . (تفهيم القرآن جلد ڇهون ص ٥٠٧ ۽ ٥٠٨)

سائين جي . ايم . سيد صاحب جي ڪتاب جي ديباچي ۾ اڃا ڪيتريون ڳالهيون رهجي ويون آهن جن تي تبصره نه ڪري سگهيس. دوستن جي به اها خواهش آهي ته اختصار کان ڪم ورتو وڃي ته بهتر. ان ڪري سندن راءِ جي احترام ۾ حال في الحال ٿيا سافي جي مسئلي تي طوالت سان ڪونه ٿو لکان. مون ڏٺو ته شاهه سائين

ٿياسافي جي فڪرن مان ڪافي متاثر آهي ۽ جيئن ڏنو ۾ هر هر ان فڪر جو مظاهرو ڪري ٿو. پنهنجي هڪ ڪتاب " جنب گذاريم جن سين" ۾ سنڌ جي ٻن ٿياسافسٽن هڪ پارسي جمشيد ميهتا نسروانجي ۽ ٻيو هندو مسٽر چيتمل پراسرام گلراجاڻي جو ذڪر نهايت ئي عقيدت منديءَ سان ڪري ٿو ۽ پاڻ کي انهن جو ذهني پوئلڳ لکي ٿو (ڏسو جنب گذاريم جن سين جلد پهريون ص ١٨٣ ۽ ٢٨٥)

مون ٿياسافي تي ٻه چگو لٽريچر پڙهيو آهي. جيڪڏهن فقط هن مسئلي تي لکجي ته ڪيترائي پنا ڪارا ٿين. ٿياسافي جو اشتقاق ٿياس سوفيا آهي. ٿياس جي معنيٰ خدا ۽ سوفيا جي معنيٰ حڪمت يا دانائي. يعني خدا جي دانائي (Wisdom of God) ٿياسافسٽ الاهي رمزن جي معلومات جا دعويدار هوندا آهن. پهريون شخص جنهن يورپ ۾ هن علم جو بنياد وڌو اهو جرمنيءَ جو صوفي جيڪب بوهيم هو. جيڪو ١٥٧٥ع ۾ ڄائو ۽ ١٦٢٤ع ۾ وفات ڪيائين. ان ڪان بعد ميتر جا صوفيانه خيالات به ٿياسافي تي مبني هئا. بوهيم جي مرڻ کان ٻه سال پوءِ جنهن يورپي شخص ٿياسافي کي زور وٺايو اهو جرمني جو فلسفي شلنگ هو. هن جو ڪتاب:

(Philosophical enquiries on the naturc of Human freedom)

١٨٠٩ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان ۾ بوهيم جي نظريات جي پرزور تبليغ ڪئي وئي.

باڊر جي تحريرن ۾ به ٿياسافي تي چگي معلومات ملي ٿي. پر سڀ کان وڌيڪ ٿياسافي جي بهترين شرح انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا ۾ ڄاڻايل آهي. هڪ اقتباس پيش خدمت آهي:

"(Theosophy is a term to denote those forms of Philosophic and religious thought which claim a special insight into the divine nature and its constitutive moments or processes. Sometimes this insight is claimed as a result of the operation of some higher faculty or some super natural revelation to the in dividual. In other instances the theosophical theory is not based upon any special illumination, but is simply put forward as the deepest speculative wisdom of its author." P _ 69.vol: 22 ,1960 Ed)

مٿئين مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا ۾ ١٨٧٥ع ۾ هڪ ٿياسافيڪل سوسائٽي وجود ۾ آئي ۽ ان جو بنياد هڪ روسي عورت مئڊم بلاوٽ سڪاءِ ڪرنل آلڪوٽ جي مدد سان وڌو هو. بلاوٽ سڪاءِ (Blavatsky) ١٨٣٠ع ۾ روس ۾ پيدا ٿي ۽ ١٨٩١ع ۾

وفات ڪيائن. هن مائي جي سترهن ورهين جي عمر ۾ شادي ٿي پر پوءِ مڙس کان طلاق ورتائين. هن ١٨٧٧ع ۾ هڪ ڪتاب (Isisunveiked) نالي شايع ڪرايو جنهن ۾ انسان ذات ۽ مذهبن جي ارتقا بابت ڪافي مواد ڇپيل آهي. هن ٻي ڪتاب ڪري سندس مشهوري ٿي. مئڊم بلاوٽسڪاءِ ۽ ڪرنل الڪوٽ وحي جا قائل نه هئا. ان ڪري الهامي مذهبن کي نظر انداز ڪري هنن ڏٺو ته هندو مذهب جي فلاسافي ٿياسافي جي اصولن مطابق آهي خاص طرح هندومذهب جي مرما واري نظريه کان هو بيحد متاثر ٿيا. ان ڪري هندستان جو ملڪ ٻنهي سندن دلچسپيءَ جو محور رهيو. هيءَ مائي ١٨٧٩ع ۾ الڪوٽ سان گڏ هندستان ۾ پهتي ۽ اتي ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو بنياد وڌائين. هن ٿياسافيڪل سوسائٽي جاڪيتراني متا بيان ڪيا ۽ انهن مان هڪ سائين جي ـ ايم ـ سيد جي الفاظ ۾ هي هو ته " قانون ارتقا موجب ،هر زماني ۽ دور ۾ نوان نياپا اچنا آهن، جن جي انتها جو پروپاند هڪ وقت پوڻ مشڪل آهي. ڪنهن به مذهب يا نظريه جي ڪمال جي دعويٰ دين فطرت جي بنيادي اصولن جي خلاف آهي. مون کي هر مذهب ۾ حق جو پرتتو ڏسڻ ۾ آيو آهي.(ص: ٨)

هيءَ روسي عورت ١٨٩١ع ۾ گذاري وئي. سندس مرڻ کان پوءِ ڪرنل الڪوٽ ١٩٠٧ ع تائين سوسائٽيءَ جو صدر رهيو. ان کان پوءِ انگريز عورت ڊاڪٽر اينې بيسينت ان جي صدر مقرر ٿي.هيءَ مائي ١٨٤٧ ع ۾ ڄائي ۽ ١٩٣٣ع ۾ هندستان ۾ انتقال ڪيائين.هن به پنهنجي مڙس کان ١٨٧٣ع ۾ طلاق ورتي.لنڊن ۾ براڊلي سان گڏ سياست ۾ به بهرو وٺڻ لڳي پر بعد ۾ بلاوٽسڪاءِ جي شخصيت مان متاثر ٿي ۽ ٿياسافي جي پرچار لاءِ هندستان پهتي، ڇو جو ٿياسافي جا متا هندو مذهب جي قريب آهن.هن هندو يونيورسٽي بنارس جو بنياد وڌو ۽ هند جي سياست ۾ نمايان رول ادا ڪيو. پاڻ هوم رول ليگ جو بنياد ١٩١٦ع ۾ وڌائين ۽ ١٩١٧ع ۾ ڪانگريس جي صدر رهي. بهترين مقرر ۽ نهايت ئي ذهين عورت هئي ۽ ١٨٩٣ ع ۾ پنهنجي دلچسپ آتم ڪهاڻي لکيائين. گيتا متعلق انگريزي ۾ ڪتاب Bhagavad _ Gita _ or the Lords Song) شايع ڪرايائين. سندس شهرت کي ان وقت سخت نقصان پهتو، جڏهن هڪ هندو نوجوان ڪرشنا مرتي (Krishanamurit) کي پنهنجي زير حفاظت رکي (Protege) ان کي مسيح جو خطاب ڏنائين. هن سان گڏ امريڪا ۽ يورپ جي دوري تي رواني ٿي ۽ هندستان ۾ واپسيءَ تي ڪرشنامرتي جي والد بيسينت تي پنهنجي پٽ کي زير حفاظت رکڻ لاءِ ڪورٽ ۾

دعويٰ داخل ڪني هئي.

موون مختصر طور قارئين ڪرام آڏو ٿياسافي ۽ ان جي علمبردارن جو ذڪر ڪيو آهي. ان مان اوهان سمجهي ويا ته ٿياسافي حقيقت ۾ هندو فلسفه آهي. اهوئي سبب آهي جو ٻنهي عورتن بلاوتسڪاء ۽ ايني بيسينٽ پنهنجي تحريڪ هندستان مان شروع ڪئي هئي. هي ٻئي عورتون هڪ هندو مصنف سوامي وويڪنندا جي تحريرن مان متاثر هيون. هي صاحب ١٨٦٢ع ۾ هندستان ۾ ڄائو ۽ ١٩٠٢ ع ۾ وفات ڪيائين. سوامي ١٨٩٥ع ۾ امريڪا جو سفر ڪيو. ٿياسافي وارا سوامي وويڪنندا جي هن اعتقاد مان سخت متاثر ٿيا جنهن ۾ هو چوي ٿو ته، " مان گذريل سڀني مذهبن کي مڃان ٿو ۽ انهن جي ڏسيل طريقي تي عبادت ڪرڻ لاءِ به تيار آهيان. مان مڙني مذهبن کي قبول ٿو ڪريان ۽ انهن لاءِ برداشت جو لفظ نه چوندس ڇاڪاڻ ته اهين چوڻ سخت توهين ۽ ڪفر جي مترادف آهي." ۽

(I accept all the religions that were in the past and worship with them all. Acceptance not even toleration which is an insult and a blasphemy." (Great Men of India, . P _ 509)

مسٽر فريڊرڪ اسپجلبرگ جنهن ١٩٥٧ع (Living Religions of the World) هڪ بي نظير علمي ڪتاب لکيو آهي سو به هن راءِ جو آهي ته ٿياسافي حقيقت ۾ هندو ازم آهي. (ڏسو ڪتاب مذڪورہ ص ٢٠٥).

موجوده ٿياسافي جو سچو ڍانچو هندو مذهب تان ورتل آهي ۽ هندو مذهب بقول ڀيرومل مهرچند جي ٽيٽيهه ڪروڙ خدائن ۽ ديوتائن جو مذهب آهي، ان ڪري توحيد پرست مسلمانن هن تحريڪ ۾ ڪا دلچسپي نه ورتي. هندستان ۾ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جا ميمبر گهڻو ڪري هندو ۽ پارسي هوندا هئا. جيئن مون مٿي عرض ڪيو ته سائين جي. ايم سيد پنهنجي ڪتاب: " جنب گذاريم جن سين " ۾ به سنڌ ۾ ٻن ٿياسافسٽن جو ذڪر ڪري ٿو، هڪ پارسي جمشيد ميهتا ۽ ٻيو جيٺرام پرسمل. مان مٿي لکي آيو آهيان ته ڇو مسلمانن ٿياسافي ۾ دلچسپي نه ورتي. باقي رهيو هي سوال ته پارسين ان ۾ ڇو حصو ورتو. ان جو جواب هي آهي ته هندن ۽ پارسين ۾ تاريخي رشتو آهي. هندو مؤرخ مهرچند پنهنجي ڪتاب: " قديم سنڌ" جي ص ١٣٥ تي هندن ۽ پارسين جو ويجهو ناتو جي عنوان سان تاريخي بحث ڪري آخر ۾ لکي ٿو. "هندن وانگر پارسي به ڍاڪي جو ڪرم ڪندا آهن ۽ چانورن جي اٽي جو پيڙو ٺاهي ڪانون کي ڏيندا آهن. هنن ۽ ٻين اهڙين ڳالهين مان ڪيترن ئي يورپي عالمن کي ائين

وسهڻ لاءِ سبب ٿيو آهي تہ هندو ۽ پارسي هڪ ٻئي جا سوٽ آهن ۽ ڌرم ڪرم بنهہ هڪڙوني هئن. اهي ساڳين ديوتائن کي ساڳين هنڌڪن نالن سان سڏيندا هئا. سا ڳالهہ هيئين حقيقتن مان وڌيڪ روشن رهندي." (ڏسو قديم سنڌ از: ڀيرومل سنڌي ادبي بورڊ ص ١٣٩).

مٿئين اقتباس مان ظاهر آهي تہ هندو ۽ پارسي هڪ ٻئي جا سوٽ آهن. ان ڪري سنڌ مان پارسي نسل جمشيد ميهتا نسروانجي ٿياسافي جو وڏو مبلغ هو. پر مان نهايت ئي ادب سان سائين ـ جي ـ ايم سيد کان پڇڻ جي گستاخي ٿو ڪريان تہ اوهان اهلبيت آهيو ۽ رسول ڪريم صلعم جو اولاد آهيو. اوهان جو پارسين وانگي هندن سان ڪهڙو تاريخي رشتو آهي جو سنڌن فلسفي ٿياسافي کي قبول ڪيو اٿو ۽ زير تبصره ڪتاب ۾ جابجا ان فڪر جومظاهره ٿا ڪريو؟ اوهان اهلبيت آهيو ۽ مريد بہ رکو ٿا. اوهان کي اهو هرگز زيب نٿو ڏي تہ اسلام جهڙي آفاقي مذهب کي ڇڏي پارسين وانگر هندو مذهب جي فلسفہ جي تبليغ ڪريو ۽ " جيئن ڏنو آهہ مون " جهڙا ڪتاب لکي سنڌ جي مسلمانن کي گمراهہ ڪيو. اوهان جمشيد ميهتا جي تعريف لکي اسان کي گمراهہ ڪري نٿا سگهو. مون ڀيرومل جي ڪتاب مان پارسين ۽ هندن جو تاريخي ناتو ثابت ڪيو آهي. اڄ بہ هندستان جي پارسي قوم گويا هندن ۾ ضم ٿيل آهي. وزير اعظم اندرا گانڌيءَ جو مڙس فيروز گانڌي (وفات سني ١٩٦٠ع) هڪ ڪروڙ پتي پارسي وڪيل هو. هندستان جو اڳوڻو ڪمانڊر انچيف ۽ بنگلہ ديش جو فاتح فيلڊ مارشل شام مانڪشا (Manikshaw) هڪ پارسي هو. اڄڪلهہ هندستان جي سوتنترا پارٽيءَ جو سربراهہ پيلو مودي بہ پارسي فرقي سان تعلق رکي ٿو. هي صاحب اسان جي وزير اعظم مسٽر ڀٽي جو خاص دوست آهي، جنهن تازو ڀٽي صاحب جي سوانح حيات تي انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب " زلفي منهنجو دوست" (Zulfi My Friend) نالي لکيو آهي.

ٿياسافي جي ان مختصر تاريخ پڙهڻ کان پوءِ هرڪو ماڻهو سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو تہ جيتوڻيڪ هن علم جوبنياد سورهين صديءَ منجهہ يورپ ۾ پيو پر تفصيل ۾ ان جا مٿا هندو مذهب سان ٺهڪي ڦهڪي پيا اچن. ان ڪري مئڊم بلاوٽسڪاءِ ۽ مسز اينِي بيسنت هندستان کي تبليغ جو مرڪز بڻايو. بيسنت تہ مهاتما گانڌيءَ جو پونلگ ٿي سياست ۾ بہ ڪم ڪيو. هن کي مسلمانن کان نفرت هوندي هئي ۽ خلافت تحريڪ ۾ حصہ وٺڻ ڪري مهاتما گانڌيءَ کان ناراض ٿي وئي هئي. اهوئي سبب آهي جو هندستان جي عظيم مسلم سياستدان مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم

پنهنجي ڪتاب (India Wins Freedom) ۾ مسز بيسينٽ جو نالو بہ ڪونہ ٿو وٺي، ان جي برعڪس جواهر لال نهرو پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ لکي ٿو تہ مسز بيسينٽ جي سفارش تي منهنجي پيءُ ايف ٽي. بروڪس نالي هڪ ٿياسافسٽ کي منهنجي تربيت لاءِ مقرر ڪيو، جنهن مون کي ڪافي متاثر ڪيو. نهرو آخر ۾ لکي ٿو تہ مون بروڪس جي موڪلائڻ کان پوءِ ٿياسافي ۾دلچسپي ڇڏي ڏني ۽ مون وٽ ٿياسافسٽن لاءِ ڪا عزت نہ رهي سواءِ مسز بيسينٽ جي، جنهن جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان. نهرو جا پنهنجا الفاظ پڙهو.

(Soon after F. T. Brooks left me I lost touch with theosophy. and in a remarkably short time (Partly because I went to school in England) theo sophy left my life completely. But I have no doubt that those years with F. T . Brooks left a deep impress upon me and I feel that I owe a debt to him and to theosophy. But Iam afraid that theosophists have since then gone down in my estimation. Instead of the chosen ones they seem to be very ordinary Folk, liking security better than risk, a soft job more than the martyrs lot. But, for Mrs. Besant. I always had the warmest admiration.) (Jawaharlal Nehru: An Autobiography_ London, _ P _ 16, 1955 Ed)

جهڙيءَ طرح اسان مسلمان پنهنجي اولاد کي ننڍي هوندي قرآن مجيد پڙهائڻ جو بندوبست ڪرائيندا آهيون، ساڳيءَ طرح هندستان جا هندو بہ پنهنجي ٻارن کي ٿياسافي جي تعليم ڏيندا هئا. جيئن مٿي اوهان جواهر لال جي بيان مان پڙهيو آهي.

اهاني ٿياسافي جي تعليم آهي جا ورهين کان سائين جي. ايم. سيد سنڌجي مسلمانن کي ڏئي ٿو ۽ آخري ڊوز "جيئن ڏٺو آهہ مون." جي شڪل ۾ ڏنو اٿس. اسان ان ڊوز کي پيئڻ لاءِ تيار نہ آهيون جو اُن ۾ زهر سمايل آهي جيڪو اسان کي نهوڙي نيندو.

ڪتاب سنڌ جا سورما

مصنف جي ايم سيد

سائين جي ايم سيد جي ڪتاب "جيئن ڏٺو آهه مون" تي راقم الحروف رهبر ڊائجسٽ ۾ تنقيد شروع ڪئي هئي ۽ هيل تائين ان جون پنج قسطون شايع ٿي چڪيون، انهيءَ وچ ۾ ڪن ٻروچ شاگردن، جن ۾ منهنجا عزيز به شامل هئا، مون سان ملاقات ڪئي. انهن ايلاز منٿون ڪيون ته شاهه صاحب تي تنقيد نه ڪجي ته بهتر ٿيندو، ڇاڪاڻ ته هو اسانجي قوم جو خيرخواهه ۽ سڄڻ آهي. مون جواب ۾ عرض ڪيو ته شاهه سائين جيڪڏهن ڪو اعليٰ مقصد رکي ٿو ته ڪيس سنڌ جي سيني طبقن کي بلا امتياز رنگ، مذهب ۽ فرقي کي اعتماد ۾ وٺڻ کپي. ان پاليسيءَ تي هلڻ سان ئي هو ڪامياب ٿيندو. سيد صاحب کي مهاتما گانڌيءَ جي زندگيءَ مان سبق پرائڻ گهرجي. مثلا ١٩٢٠ع ۾ مسلمانن ترڪيءَ جي خلافت بچائڻ لاءِ هندستان ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ مولانامحمد علي جوهر وغيرهم جي قيادت ۾ انگريزن خلاف هڪ وڏي تحريڪ هلائي هئي. گانڌي نه فقط پاڻ ان ۾ شرڪت ڪئي پر پوري ڪانگريس پارٽيءَ مسلمانن سان ٻانهن ٻيلي ٿي خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو هو. اندازو لڳايو ته ڪانگريس جهڙي سيڪولر پارٽيءَ جو ڪهڙو واسطو مسلمانن جي هڪ مذهبي مسئلي سان. جيتوڻيڪ سنت ئي خلافت تحريڪ هند ۾ ختم ٿي وئي هئي، ڇالاءِ جو مارچ ١٩٢٤ع ۾ خود ترڪي منجهه اتا ترڪ ۽ سندس سائين خلافت جي خاتمي جو اعلان ڪيو هو. پر گانڌي مصلحت کان ڪم وٺي مسلمانن جي دل کي موهي ڇڏيو هو. اهوئي سبب آهي جو مولانا آزاد ڪانگريس ۾ شامل ٿي ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ مرندي گهڙيءَ تائين (وفات فيبروري ١٩٥٨ع) ڪانگريسي ليڊر رهيو.

مولانا ابوالڪلام سان گڏ ڪيترائي عالم ڪانگريس جا همدرد بڻيا. جهڙوڪ: مفتي اعظم مولانا ڪفايت الله صاحب (وفات مارچ ١٩٥١). مولانا حسين احمد مدني (وفات ڊسمبر ١٩٥٧)، مولانا محمد سعيد صاحب سحبان الهند (وفات ١٩٥٩) وغيرهم. سنڌ جي نوجوان نسل ته شايد انهن جا نالا به نه ٻڌا هوندا پر سائين

جي ايم سيد کي خبر آهي ته مٿيان شخص ڪهڙي پائي جا انسان هئا. جيڪڏهن گانڌي سياست ۾ مصلحت کان ڪم نه وٺي ها ته شايد مٿين عظيم هستين جي همدردين کان محروم رهي ها.اوهان کي هي ٻڌي حيراني ٿيندي ته نه فقط سياست ۾ مصلحت کان ڪم وٺبو آهي پر دين ۾ به ان لاءِ گنجائش آهي. چنانچه ستين صدي هجريءَ جي مشهور عالم ۽ شريعت جي ڄاڻو علامه حافظ ابن قيم رحمة الله علية پنهنجي بي نظير ڪتاب "إعلام الموقعين" ۾ دين ۾ مصلحت جي عنوان سان هڪ بصيرت افروز باب لکيو آهي.

افسوس جو سائين جي ايم سيد صاحب وٽ ڪابه مصلحت نه آهي ۽ ان جوهر کان سراسر محروم رهيو آهي. سندس هن غير دانشمندانه رويي مان به نتيجا اخذ ڪجن ٿا. يا ته هو پنهنجي مقصد ۾ سچو نه آهي ۽ جي آهي ته ڪيس تاريخ جو مطالعو ڪونهي. تازو ڪراچيءَ ۾ سندس نئين سنڌ پريس مان ٻين ڪتابن کان علاوه زير تبصره ڪتابچو " سنڌ جا سورما" (ڇاپو ٻهريون) شايع ٿيو آهي. ان ۾ ڏاهر کي سنڌ جو پهريون شهيد شمار ڪري محمد بن قاسم جي حملي کي غاصبانه تصور ڪري ٿو. پنهنجي ٽولي کي ڏاهري سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو ۽ محمد بن قاسم جي طرفدار گروهه متعلق لکي ٿو: " اسان کي ڪو اعتراض نه آهي، سنڌ ۾ محمد بن قاسم گروهه جا طرفدار ڀلي پاڻ کي يزيدي سڏائين." (صفحه ١١)

قارئين کي گذارش آهي ته شاهه سائين جي مٿين جملي تي غور ڪن جنهن ۾ محمد بن قاسم جي طرفدار گروهه کي يزيدي شمار ڪري ٿو. ان جو صاف مطلب هي آهي ته محمد بن قاسم جا طرفدار يزيدي آهن ۽ بت پرست برهمڻ زاد ڏاهر جا طرفدار حسيني! ڇوجو جيئن ڏاهر جو ضد محمد بن قاسم آهي تيئن يزيد جو ضد به حسين رضه آهي. ٻن گروهن جي طرفدارن مان هڪڙن کي يزيدي ڪوٺجي ته ٻئي کي لازما حسيني سڏبو.

جي ايم سيد صاحب جي لکڻ مان صاف ظاهر آهي ته ڏاهر جا طرفدارئي حسيني آهن ۽ قرآن مجيد جي هي آية ته شهيدن کي مئل نه ڄاڻو، ان آية جو اطلاق ڪافر ڏاهر تي ڪري ٿو. ڏسو سندس ڪتاب (صفحو ٥٢). هي شهيد ـ ڪربلا حضرت امام عالي مقام حسين رضه جي سخت بي ادبي آهي، جو ڪيس ڏاهر جهڙي بت پرست جي ليول تي آندو وڃي. ڪوبه مسلمان ڇاهي شيعو هجي يا سني، حضرت امام حسين جي توهين برداشت نه ڪندو. حضرت حسين رضه سڀني مسلمانن جي عقيدت جو مرڪز آهي. هن جي شهادت تاريخ اسلام جو عظيم سانحو آهي. سندس مظلوميت جي

تاريخ پڙهي بي اختيار اکين مان ڳوڙها ڪريو پون. ڪجهه سال اڳ مولانا ابوالڪلام آزاد صاحب جو هڪ ڪتاب بعنوان " شهادت حسين" پڙهيو هوم. هڪ حضرت حسين جي شهادت جو موضوع ۽ بيو آزاد جو قلم. بس پوءِ ته پاڻ کي ضبط نه ڪري سگهيم. ڪيڏو نه ظلم آهي جو هڪ هندو برهمڻ چچ ۽ سندس زال مائي سونهن ديوي جي پٽ ڏاهر کي امير المؤمنين علي ابن ابي طالب شير خدا، فاتح خيبر و قاتل مرحب ۽ حضرت بتول فاطمه رضه جي جگر گوشه حضرت حسين جي سطح تي آڻجي. حضرت حسين سان سندس ناني (صلي الله علية وسلم) جو ڪيترو پيار هو، ان جو اندازو زيد بن ارقم جي اعلان مان ڪري سگهجي ٿو.

مؤرخ ابن خلدون لکيو آهي ته حضرت حسين جو سرمبارڪ ابن زياد جي درٻار ۾ پهچايو ويو. علامه ابن خلدون لکي ٿو، "ابن زياد جي هٿ ۾ بيد جي هڪڙي لڪڻ هئي جنهن سان بار بار حضرت حسين جي ڏندن مبارڪن تي ڏڪ پيو هڻي. اتي هڪ وڏي شخص زيد بن ارقم کي ضبط ٿي نه سگهيو ۽ رڙ ڪندي چيائين ته اي ابن زياد ان لڪڻ سان هنن ڏندن کي نه مار، قسم خدا جو ته مان ڪيترائي دفعا ڏٺو ته نبي ڪريم صلعم جن حضرت حسين جي هنن ڏندن ۽ چپن کي چمي ڏيندو هو. زيد بن ارقم جي انهن لفظن تي ابن زياد ڪاوڙجي ويو ۽ ورندي ڏني ته جيڪڏهن ٻڍو ۽ بي عقل نه هجين ها ته هاڻي جو هاڻي تنهنجي سسي کي ڌار ڪرڻ جو حڪم ڪيان ها." (تاريخ ابن خلدون جلد ۲ صفحه ۳۱)

حضرت حسين رضه سان رسول الله عليه وسلم جي پيار متعلق وڌيڪ معلومات بيروت جي هڪ وڏي اهل قلم عمر ابو النصر جي ڪتاب " الحسين" جي مطالعي مان ملي ٿي. غرض ڏاهر پرست گروهه کي حسيني سڏڻ سخت بي ادبي ۽ گستاخي آهي. ڀلا جناب جي ايم سيد صاحب حضرت حسين رضه جي توهين ڇونه ڪندو؟ آخرڪار حضرت حسين به عرب هو ۽ سندس نانو به عرب. سيد صاحب کي ڏاهر جي محبت ۾ عرب جي لفظ ڪان به چڙ آهي. قربان وڃجي حضور صه جن جي ناليٰ تان، ڪين خبر هئي ته آخري دور ۾ اهڙا به نالي وارا مسلمان هوندا جي عربن کي بدشد ڳالهائيندا ۽ لامحاله ان جو اطلاق مون تي،منهنجي آل ۽ صحابه تي به ٿيندو. چنانچه علامه ابن تيميه پنهنجي ڪتاب "منهاج السنة" ۾ رسول ڪريم صلعم جي هڪ حديث نقل ڪئي آهي ته " عربن جي عزت ڪريو، ڇاڪاڻ ته مان پڻ عرب آهيان" بس سندن هن ارشاد کي ياد ڪندي چوڻو پوندو ته " هڪ پنهونءَ ڪاڻ ٻانهي ذات ٻروچ جي" .

گهٽڻ کي هيءَ ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته سائين جي ايم سيد صاحب جي سياست هميشه فرقيوارانه ڇو رهي آهي؟ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن کي ويڙهائڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيائين. پنهنجي جوانيءَ واري سياسي زندگي ۾ الله بخش وزارت جي ڊاهڻ لاءِ ١٩٣٩ع ۾ منزل گاهه جي واقعي تي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ فرقيوارانه جذبات ڀڙڪايائين. پاڻ لکت ۾ تسليم ڪيو اٿس ۽ زباني طرح به اقرار ڪيو اٿس ته اسان هي فساد مذهبي آڙ وٺي محض الله بخش وزارت جي ڪيرائڻ لاءِ ڪرايو هو. سندس هي سياسي مقصد ته بعد ۾ پورو ٿيو، پر اندازو لڳايو ته ان فساد ۾ ڪيترو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو. سائين جي ايم سيد جو پراڻو ساٿي پير علي محمد شاهه راشدي فساد جي اسباب معلوم ڪرڻ واري ٽربيونل اڳيان مسلمانن پاران پيش ٿيو هو. پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ مٿئين فساد ۾ ٿيل نقصان جو تفصيل ٻڌائيندي لکي ٿو ته، "مسلم ليگ فيصلو ڪيو ستيا گرهه جو. ڪجهه ڏينهن جي هل چل بعد شروع ٿي ستيا گرهه. ستيا گرهن وڃي ورتو قبضو مسجد جو. هزار کن پيا جيل ۾. جيل کان آزاد ٿي وڃي ويٺا خود مسجد سکوريءَ ۾. الله بخش گورنمنٽ ڪيو ٻيو حڪم ته بيقاعدي ورتل قبضو ڇڏايو وڃي. زوريءَ اچي پوليس گهڙي مسجد ۾. کن مسلمانن کي لڳيون لٺيون، کن تي اٿي گئس، کن جا وهيا رت. پوءِ ته شروع ٿيا هندو مسلم فساد - ڪشت ۽ خون، ساڙ ٻار، اندوهه ۽ انڌوڪار! سوين ماڻهو ڳوٺ شهر ۽ پسگردائي اندر ويا قتلام ٿي. لکن ۽ ڪروڙن جون جائدادون ٿي ويون باهن وگهي پسم. هزارين مسلمانن کي چڪي وڌائون جيلن ۾." (صفحه ١٥٢ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپو ٻيو).

هي آهي سائين جي ايم سيد واري فرقيوارانه سياست جو ڪرشمو ۽ هينئر سنڌي باشندن ۾ قاسم ازم ۽ ڏاهر ازم جي بنياد تي فساد جو ٻج پوکيائين. سندس ڪتاب پڙهي گهر گهر مناظرا ٿيندا. ڪو چوندو ته قاسم ناحق تي هئو ۽ ان جا پرجهلاٿو يزيدي آهن. ڏاهر حق تي هو ۽ ان جا مڃيندڙ حسيني آهن. ڪي وري چوندا ته مرحبا ابن قاسم! تو سنڌ فتح ڪئي. اسان مسلمان ٿياسون ۽ حسين رضه جي ناني جي دين کان آگاهه ٿياسون، اڳي ٽيٽيهه ڪروڙ بتن کي سجدوٿي ڪيوسين ۽ هينئر هڪڙي الله جي آڏو نوڙئون ٿا. اڳي گيتا کي پڙهندا هئاسون ۽ هينئر اي ابن قاسم تنهنجي اچڻ کان پوءِ قرآن شريف کان متعارف ٿياسون جو حسين جي ناني تي لٿو هو. اي ابن قاسم، جي تون سنڌ ۾ نه اچين ها ته اسان اسلام، نبي ۽

سندس آل صحابهء ۽ صلحاءِ امت جي نالن کان بہ آشنا نہ هجون ها. مطلب تہ " برو هو پنيور جو آرياٽيءَ اجاريو" خدارا انصاف ڪريو تہ ان قسم جي گفتگو سنڌ اندر ٿيندي يا نہ؟ ۽ ان جو نتيجو ڇا نڪرندو؟ صاف ظاهر آهي مذهبي لڙائي. ٻڌايو تہ ان ۾ اسان سنڌين کي فائدو پوندو يا نقصان؟

حقيقت هي آهي تہ عرب سڳورن جي تعصب ۾ شاهہ سائين سنڌ اندر هڪ نئين ڏاهري فرقي ۽ گروهہ جو بنياد وڌو. ان جا نهايت ئي خطرناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا. خدا پناهہ ڏي! تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪنهن بہ مذهب يا ملڪ ۾ هڪ نئين فرقي جي پيدا ٿيڻ تي شديد رد عمل ظاهر ٿيندو آهي. مسلمانن جي تاريخ ۾ معتزلہ نالي هڪ نئين فرقي جو بنياد پيو هو. ان کي عباسي بادشاهن جي حمايت حاصل هئي. فطري طور ان جو رد عمل ظاهر ٿيو.

علامہ ابن خلدون هن نئين فرقي معتزلہ جي عقائد ۽ مسلمانن ۾ ان جي رد عمل جي ظهور تي پنهنجي مقدمہ ۾ لکي ٿو: " وري هي زهريلو خيال هنن (معتزلن) ڦهلايو تہ قرآن مخلوق آهي حالانڪ تمام اسلاف ان جي-خلاف آهي. هن بدعت تہ مسلمانن جي اندر وڏو ممڻ مچايو. ڪن خليفن بہ هنن جو پاسو ورتو ۽ عام مخلوق کي بہ پنهنجو طرفدار بنائڻ ٿي چاهيائون. نتيجي طور اڳين امامن هن خطرناڪ بدعت جو سينو تاڻي مقابلو ڪيو. وڏي خونريزي ٿي ۽ ڪيترن ئي مسلمانن جون جانيون قربانيون ٿي وڃون". (١)

اوهان مٿي علامہ ابن خلدون جي زباني پڙهيو تہ هڪ نئين گروهہ ۽ فرقي جي پيدا ٿيڻ تي ڪهڙا نہ خطرناڪ نتيجا نڪرن ٿا. ڇا جناب جي ايم سيد جو هي نئون ڏاهري فرقو ۽ گروهہ تاريخ جي فيصلي کان مستثنيٰ رهندو؟ يورپ جي تاريخ ۾ بہ هڪ نئين گروهہ ۽ فرقي پيدا ٿيڻ تي بي شمار خونريزي ۽ نقصان جي ثابت ملي ٿي. اهو آهي پروٽسٽنٽ فرقو، جنهن جو بنياد ١٥١٧ع ۾ جرمني جي هڪ شخص مارٽن ليوٿر (Martin Luther) وڌو هو. ليوٿر وٽنبرگ يونيورسٽيءَ ۾ فلسفي جو پروفيسر هو. اتي هن ٽيٽزل (Tetzel) نالي هڪ شخص کي پوپن جي طرفان پروانا وڪڻنديءَ ڏٺو. ٽيٽزل روم ۾ سينٽ پيٽر چرچ (Church) جي تعمير لاءِ پئسا پيو گڏ ڪري. ليوٿر هي حرڪت ڏسي (Indulgences) يعني پادرين جي هن خاص حقن خلاف اعتراض ڪيو ۽ ان نموني مسيحي دنيا ۾ معتزلہ وانگي هڪ نئين فرقي جو بنياد پيو. ان کي يورپ جي تاريخ ۾ اصلاحي

---

(١) مقدمہ ابن خلدون صفحہ ٤٤٤ شايع شده نور محمد تجارت ڪتب ڪراچي

(Reformation) واري تحريڪ بہ چوندا آهن. ليوٿر پاڻ بادشاهن ۽ وڏيرن جو ايجنٽ هو، جيئن سندس هڪ پمفليٽ مان ظاهر آهي جيڪو هن ١٥٢٥ع ۾ لکيو هو. ان سال هارين ۽ ڪڙمين ليوٿر جي تعليم کان متاثر ٿي بيگاري ۽ غلامي (Serfdom) جي ختم ڪرڻ لاء بغاوت ڪئي هئي. ليوٿر پنهنجي پمفليٽ ۾ هارين ۽ ڪڙمين خلاف قتل جي فتويٰ ڏني هئي. پر ان ۾ ڪوشڪ نہ آهي تہ هن جي نئين فرقي ۾ ڪي ماڻهو دلچسپي وٺڻ لڳا. يورپ جي ڪن بادشاهن هن نئين فرقي جي حمايت ڪئي تہ ڪن رومن ڪئٿالڪ چرچ جو ساٿ ڏنو. محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جيان گهر گهر بحث مباحثا ٿيڻ لڳا. نتيجي طور يورپ ۾ ١٦١٨ع) مذهبي لڙايون شروع ٿيون. يورپي تاريخدان هنن لڙاين کي ٽيهہ سالہ لڙائي (Thirty Years war) جي نالي سان موسوم ڪن ٿا، ڇاڪاڻ تہ پروٽسٽنٽ فرقي جي پيدا ٿيڻ بعد هي مذهبي لڙايون ١٦١٨ع ۾ شروع ٿيون ۽ ٽيهہ سال لڳاتار هلي ١٦٤٨ع ۾ وڃي ختم ٿيون. انهن ئي لڙاين ۾ ليوٿر جي حامي ۽ مشهور فرينچ مصلح جان ڪئلوِن (Calvin) جي حامين بہ چڱو حصو ورتو هو جنهن کي ڪئلوني چوندا هئا. جرمنيءَ ۾ هن لڙائيءَ جا نهايت ئي مهلڪ اثرات پيا.

هڪ انگريز مؤرخ ڊيوِيس(Davies) پنهنجي ڪتاب (An Outline History of the world) ۾ لکي ٿو تہ " جرمنيءَ جي هيءَ ٽيهہ سالہ لڙائي جيڪا ١٦١٨ع کان ١٦٤٨ ع تائين لڳي، ان ۾ شهنشاهہ فرڊيننڊ (Ferdinand 11) ڪئلون ۽ ليوٿر جي پوئلڳن جيءَ پاڙ پٽڻ لاء پڪو پهہ ڪيو هو. ٻئي طرف سويڊن ۾ ليوٿر جي مريد بادشاهہ اڊالفس (Adolphous) پروٽسٽنٽن جي مدد ڪئي هئي. نتيجي طور جرمني ٽن ٽڪرن ۾ ورهائجي وئي ۽ هڪ تي ڪئٿالڪن قبضو ڪيو، ٻئي تي ڪئلوِن جا پيرو مسلط ٿيا ۽ ٽئين تي ليوٿر جا متبع حاڪم ٿيا. معاهدي جي شرطن مطابق هر خود مختار شهزادي کي ڪهڙي بہ مذهب اختيار ڪرڻ جو حق مليو ۽ هن ٽيهہ سالہ مذهبي لڙائيءَ ۾ جرمنيءَ جي مڪمل تباهي آئي. تجارت بند ٿي وئي، آبادي جي انخلاء ٿي، تعليمي ادارا بند ٿي ويا. هر طرف اونده اندوڪار ٿي وئي، جا تاريخ عيسائيت جو هڪ ڪارو باب آهي.

انگلنڊ ۾ پڻ هن مذهبي جنگ جا خطرناڪ نتيجا نڪتا. اتي ١٦٤٢ع کان ١٦٤٩ع يعني ساندهہ ست سال تائين خانہ جنگي رهي. لاچار ماڻهو اتان لڏي وڃي امريڪا ويٺا. هي گهرو لڙائي ان وقت جي بادشاهہ کي ڦاسي ڏيڻ کان پوء ختم ٿي وئي." (١)

---

(١) هسٽري آف دي ورلڊ از: ڊيوز صفحہ ٤١١ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس لنڊن

هن ٽيهہ سالہ فرقيوارانہ لڙائي ۾ خود مارٽن ليوٿر جي پنهنجي ملڪ جرمنيءَ ۾ ڪيترو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو، ان جو اندازو انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا جي حوالي سان پيش خدمت آهي. ان جا مصنف مذهبي جنگيون (Tne Religious Wars) جي عنوان هيٺ لکن ٿا، "يورپ ۾ نائين صديءَ جي وڪنگ (Viking) حملن بعد اهڙي مڪمل تباهي، بربادي ۽ متشدد جرائم جو ارتڪاب سواءِ ٽيهہ سالہ لڙائي جي وري ڏسڻ ۾ ڪونہ آهي. ان عرصي دوران هميشہ جي غارت گري ۽ لٽ مار جي وارداتن ڪري سخت ڏڪر پوڻ سان گڏ وبائي بيماريون ڦهلجي وڃون هيون. مؤرخين ڪافي وقت کان ان راءِ جا هئا تہ هن منحوس جنگ ۾ جرمنيءَ جي ڪل آباديءَ جو ٧٥ سيڪڙو هلاڪ ٿيو. پر بعد جي اندازن مان ظاهر ٿيو آهي تہ جرمنيءَ ۾ ڪل ست لک ماڻهو موت جو شڪار ٿيا هئا، يعني ٣٣ سيڪڙو".

(No such orgis of wanton destruction and violent crime as those the thirty years of war had been seen in Europe since the viking raids of 9th century. The constant ravages bred famineand pestilence. His torians long held that three quarter of the German speaking people perished and laterestimates of a loss of one third put the death at 700.000. _ Encyclopedia Biritanica, Vol: 23. P _ 1973 ED)

مٿي اوهان مسلمانن ۽ عيسائين جي تاريخ ۾ هڪ نئين گروهہ ۽ مصنوعي فرقي پيدا ٿيڻ تي نقصانات جو تفصيل پڙهيو. انديشو آهي تہ سنڌ ۾ سائين جي ايم سيد صاحب جي هن برپا ڪيل نئين ڏاهري گروهہ خلاف بہ ان قسم جو رد عمل پيدا نہ ٿئي، ڇو جو تاريخ جي رخ کي ڪوئي بدلائي نٿو سگهي. ان لاءِ مشهور چوڻي آهي تہ تاريخ پنهنجو پاڻ کي دهرائيندي آهي." (History repeats it self) پروفيسر ٽائن بي (Toynbee) بہ تاريخ جو نظريو للڪار ۽ رد عمل (Challenge and response) ۾ پيش ڪري ٿو.

انهن گذارشن ڪرڻ بعد هاڻي مان شاهہ سائين جي ڪتابچي تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندس. هي ڪتاب تاريخ جي موضوع سان تعلق ٿو رکي. افسوس سان اظهار ڪرڻو ٿو پوي تہ شاهہ سائين جي تاريخي معلومات نهايت ئي ڪمزور ۽ نہ هجڻ جي برابر آهي. مان سندس ڪتابچي مان چند حوالا عرض ٿو رکان. قارئين پاڻ فيصلو ڪن تہ اهڙي بي خبر مصنف کي تاريخ متعلق بحث جو حق پهچي ٿو يا نہ. مثلاً لکي ٿو: " راجا ڏاهر جي ڏينهن ۾ انهيءَ گهراڻي جو حاڪم عبدالملڪ بن مروان عرب جو بادشاهہ هو" . (صفحو ۴) وري صفحہ

۷ ۾ عبدالملڪ جو ذڪر ڪري ٿو ته " عبدالملڪ جي دور ۾ انهيءَ پوئين گروهه جي مفاد خاطر حڪومت هلي رهي هئي." وري هيٺ عبدالملڪ بابت چوي ٿو ته " انهيءَ بادشاهه جي ڏينهن ۾ عربن جون جداجدا فوجون ٽن طرفن ملڪن جي فتح ڪرڻ لاءِ موڪليون ويون" . موسيٰ اشعري ۽ قتيبه بن مسلم جي ذڪر کان پوءِ لکي ٿو: "اوڀر طرف حجاج بن يوسف پنهنجي نياڻي محمد بن قاسم جي هٿ هيٺ فتح ڪرڻ لاءِ فوج موڪلي" . (صفحه ۸) مون شاهه سائين جي ڪتاب مان ٽي حوالا نقل ڪيا آهن. جنهن ۾ ٻڌائي ٿو ته خليفي عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ ۽ سندس ٽي بادشاهي وقت محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي. مان سمجهان ٿو ته سنڌي ڇوٿون درجو پاس ڪيل شخص يا ڪوبه پرائمري ماستر به سولائي سان ٻڌائي سگهندو ته محمد بن قاسم سنڌ، خليفه وليد بن عبدالملڪ مروان جي بادشاهيءَ ۾ فتح ڪئي هئي.

سوال هي آهي ته جڏهن شاهه سائين اهو به علم نٿو رکي ته سنڌ ڪهڙي خليفي جي وقت فتح ٿي ته پوءِ باقي تاريخي مسئلن بابت ڪيس راءِ زنيءَ ڪرڻ جو ڪهڙو حق ٿو پهچي؟ شاهه سائين جو اهو چوڻ ته سنڌ عبدالملڪ جي بادشاهيءَ ۾ فتح ٿي آهي بالڪل ائين آهي جيئن ڪو شخص چوي ٿو ته ڪربلا جو واقعو يزيد جي ڏينهن ۾ نه پر امير معاويه جي بادشاهيءَ ۾ ٿيو. تمام تاريخدان متفق آهن ته سنڌ خليفي وليد جي ڏينهن ۾ فتح ٿي هئي. ملاحظه ٿئي چچنامه سنڌي ص ١٢٦ (سنڌي ادبي بورڊ) تاريخ معصومي سنڌي صفحو ٥٦ (سنڌي ادبي بورڊ) جسٽس امير علي جو ڪتاب A Short History of Saracens (صفحه ١٠٤ـ ١٩٦١ ايڊيشن) ۽ تاريخ ابن خلدون (حصو ٻيو بنواميه صفحه ٢٦٢).

سائين جي ايم سيد صاحب مسلم تاريخ مان ڪيترو اڻ واقف آهي، ان جو وڌيڪ مثال سندس هن جملي مان ملي ٿو. لکي ٿو ته "خليفي عبدالملڪ بن مروان جي ڏينهن ۾ سنڌ کان علاوه ٻيون فتحون سندس الفاظ ۾: " هڪ فوج موسيٰ اشعري جي هٿ هيٺ مغرب طرف موڪلي وئي جنهن اسپين تائين فتحون ڪيون." (صفحه ۸)

جواب ۾ عرض آهي ته اسپين نه عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ فتح ٿيو ۽ نه ابو موسيٰ اشعري جي هٿ هيٺ فوج موڪلي وئي هئي. اسپين به سنڌ وانگي خليفه وليد بن عبدالملڪ جي خلافت ۾ فتح ٿي هئي. هن ملڪ جو فاتح عرب جرنيل ابوموسيٰ اشعري نه پر موسيٰ بن نصير هو. ابو موسيٰ اشعري حضرت عمر رضه جي زماني ۾ عراق جو گورنر هو. فرانس جي مشهور عالم پروفيسر ڊوزي صاحب سنه ١٨٦١ ۾ مسلم اسپين جي هڪ وڏي تاريخ لکي آهي

جو انگريزيءَ مان ترجمو ٿي اردو زبان ۾ آيو. اهو ترجمو جناب عنايت الله دهلوي ڪل ١٢٥٨ صفحن ۾ ڪيو. ڪتاب جي ٢٤٦ ۽ ٢٤٧ صفحن تي لکيل آهي ته هي فتح موسيٰ بن نصير خليفي وليد جي بادشاهت ۾ ڪئي.(وڌيڪ حوالو ڏسو تاريخ ابن خلدون حصه ٢ باب بنواميه صفحه ٢٦٢ نفيس اڪيڊمي) ساڳيءَ طرح قتيبه بن مسلم به سمرقند ۽ بخارا خليفي وليد جي ڏينهن ۾ فتح ڪيا هئا. ڏسو تاريخ ابن خلدون حصه پيو بنواميه صفحه ٢٣٩). انهن مثالن مان ني قارئين کي پتو پيو هوندو ته قبلي جي تاريخداني جو ڇا حشر آهي؟ سندس معلومات ماتم انگيز آهي. وري ذرا اڳتي سندن گوهر افشاني ملاحظه ڪريو. دودي سومره جي بهادريءَ جي قصي بيان ڪرڻ کان پوءِ لکي ٿو. " انهيءَ مان ني دودي جي جوانمردي، وطن دوستي ۽ همت هن قبيلي جو نالو روز روشن وانگر زنده جاويد بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن بابت چچنامه جي لکڻ موجب هن ١٣٣١ع کان ١٣٥٦ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي." (صفحه ١٧، ١٨).

مان پڇڻ جي جسارت ٿو ڪريان ته ڇا چچنامه ۾ دودي سومري جو ذڪر آهي؟ معلوم ٿو ٿئي ته شاهه سائڻ چچنامه پڙهيوئي نه آهي، چچنامه جيئن هن ڪتاب جي نالي مان ظاهر آهي فقط سنڌ تي عربن جي فتوحات تي مشتمل آهي. ان ۾ دودي سومري جو ڪو ذڪر ني ڪونه آهي، جيئن شاهه سائين اسان کي ٻڌائي ٿو. وري اڳتي سومرن ۽ سمن بابت نواب دولهه دريان خان جي قصي ۾ لکي ٿو. " جيئن ته سنڌ جي ٻنهي بهترين گهراڻن جي مستند تاريخ اڄا تائين لکي ڪانه وئي آهي، ان ڪري انهيءَ جي حڪومت جو مفصل احوال ميسر ٿي نه سگهيو آهي. پر چچنامه ۽ تاريخ تحفة الڪرام وغيره جي مختلف روايتن جي بنا تي ١٣٦٠ع کان پوءِ ان گهراڻي جي شروعات شمار ڪجي ٿي." (صفحه ٢٣).

سبحان الله! ذرا غور ڪري ڏسو ته شاهه سائين تاريخ جي فن مان ڪيترو نه واقف آهي! ڇا چچنامه سومرن ۽ سمن حاڪمن جي ذڪر تي مشتمل آهي؟ ياد رهي ته عربن جي فتوحات جو ذڪر چچنامه ۾ تفصيل سان ڏنل آهي. سندس ڪتابچه مان مٿي نقل ڪيل حوالن مان پتو پوي ٿو ته سيد صاحب چچنامه مورڳو پڙهيوئي ڪونهي. پوءِ هو ڪهڙي آڌار تي عربن خلاف الزامات مڙهي ٿو؟ منهنجي شاهه صاحب جي خدمت ۾ گذارش آهي ته بغير مطالع جي ڪنهن شخص يا نظريه خلاف لکڻ اوهان جهڙي صوفي بزرگ کي هرگز زيب نٿو ڏئي. نه اوهان چچنامه پڙهيو آهي ۽ نه عربن جي تاريخ پڙهي اٿو. اوهان کي اها به خبر نه آهي ته سنڌ ڪهڙي خليفي جي

وقت ۾ فتح ٿي آهي تہ پوءِ "سنڌ جا سورما" جي متعلق هيڏو وڏا ءِ چو؟

بهرحال هينئر جڏهن تہ سندس كتاب منظر عام تي آيو آهي، تہ اسان کي بہ حق ٿو پهچي تہ ان جو مثبت جواب ڏيون. مون پڌو آهي تہ شاهہ سائين وٽ وڏي لائبريري آهي. خبر نہ آهي تہ اهي كتاب محض زينت جي لاءِ آهن يا پڙهيا بہ اٿس! سندس پوئلڳ كيس سنڌ جو مفكر سڏين ٿا. ڇا مفكرين جي معلومات ايتري ناقص هوندي آهي؟

هاڻي مان سندس پهرين سورمي "راجا ڏاهر" بابت سندس لکڻيءَ جو جواب ڏيندس. شاهہ سائين سنڌ متعلق لکي ٿو، " ان جي تاريخ جي پوريءَ طرح کوجنا نہ ٿي سگهي آهي، پر نزديک سنڌي تسلط جو دور راءِ سهاسي ۽ چچ گهراڻي جي حکومت جو هو." (صفحہ ٣) هتي بہ شاهہ سائين جي اڻ ڄاڻائي ملاحظہ كريو جو هو چچ گهراڻي کي بہ سنڌي تسلط جو دور كوٺي ٿو. چچ گهراڻو جنهن کي برهمڻ گهراڻو بہ سڏجي ٿو، ان جو بنياد چچ بن سيلائج وڌو هو. چچ جي متعلق تاريخدانن جي تحقيق آهي تہ هو اصل ۾ كشميري برهمڻ هو. چچ جي اصليت متعلق ڊاكٽر بلوچ صاحب چچنامہ جي حاشيہ ۾ لکي ٿو، " چچ بن سيلائج بن بساس: چچ جي نسب متعلق فتحہ نامي ۾ هيءَ واحد فقرو آهي. هوڙي والا جي خيال ۾ چچ دراصل "جج" (Jaja) آهي كشمير جي راجا جياپيڊ جي ياءُرجو پڻ اهو نالو هو: (ڏسو هسٽري آف مڊيول انڊيا ٢+١٥ . ٢): "جج" نالو، متر ا جي نزديک مهابن جي هک سنہ ١١٥٠ ع واري كتبي ۾ پڻ موجود آهي. "جج" دراصل "پيات" جي پراكرت صورت آهي. چچ جي پيءُ جو نالو سيلائج اصل ۾ يقيني طور " شلادتيا" معلوم ٿئي ٿو. چچ جي ڏاڏي جو نالو فتحنامہ جي نسخن موجب "بسلس" آهي جو ممکن آهي تہ كتابن جي غلطيءَ سبب " بساس" مان ڦيرائي " بسلس" كري لکيو ويو هجي. جيكڏهن ائين آهي تہ پوءِ "بساس" هوڙي والا جي خيال ۾ شايد " رشواسک" هجي جو متر ا ۾ ٻڌ ڌرم جي كيترن ئي كتبن ۾ ملي ٿو. (١)

ڊاكٽر صاحب جي تحقيق مان ظاهر آهي تہ چچ اصل سنڌي نہ هو پر ٻاهر جو هو. مشهور انگريز ليک ليمبرک (Lambric) سنڌ جي تاريخ تي كافي تحقيق كئي آهي. هن صاحب سنڌ ۾ نوكري كئي آهي ۽ ١٩٤٢ ع جي حر تحريک ۾ سانگهڙ جو مارشل لا

---

(١) هوڙي ولاس ص ٨٩ ۽ ٨٦ (ڏسو فتح نامہ سنڌ عرف چچنامہ سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ صفحہ ٤١٤ ۽ ٤١٥)

اڊمنسٽريٽر مقرر ٿيو هو. لئمبرڪ صاحب ١٩٥٠ ع ۾ " نيپئر (Napier and Sind) نالي هڪ ڪتاب لکيو آهي. هيئنر سنڌ جي پراڻي تاريخ متعلق سنڌس ڪتاب جا ٢ جلد سنڌي ادبي بورڊ انگريزيءَ ۾ شايع ڪيا آهن. ان ڪان سواءِ (Terrerist) نالي هڪ ڪتاب بہ گذريل سال شايع ڪرايائين، جنهن ۾ سائين رکيہ حر جي دلچسپ ڊائري ملي ٿي. لئمبرڪ صاحب پنهنجي تاريخ جي ٻئي جلد ۾ "مسلمانن جي فتح کان اڳ واري سنڌ."

(Sind before Muslim Conquest) جلد ٢ جي باب ڏهين ۾ (Usurpation of Chach) يعني چچ جي غصب جي عنوان سان راجا چچ جي اصليت نسبت لکي ٿو. "ڪشمير جي تاريخ ۾ اسان کي هڪ ڏيهي غاصب "ججا" جو نالو ملي ٿو جنهن ٽن سالن تائين پنهنجي جياپڊا جي تخت تي قبضو ڪيو هو، پر ان سان گڏوگڏ هن سرگذشت ۾ پاڙيواري سنڌ جي بادشاهت متعلق چچ جي سرگرمين ۽ واقعات متعلق ڪو اشارو ڪونہ ٿو ملي. قوي قياس آهي تہ "ججا" اهو ساڳيو ئي چچ جو نالو آهي جو مسلمان مصنف (يعني صاحب چچنامہ) اسان کي پڌايو آهي."

(The Kashmir chronicle tells us of an indegenous usurper, jaja who for three years occupied the throne of his brother in Jaw Jayapida: but makes no allusion to events in the neib- houring kingdom of sinb. Jaja is in all probalitiy, the correct form of name which the muslim author has transmitted to us as chuch and which we may suppose appeared on his coin- age. P_ 155 History of sind _ V: 11)

ڊاڪٽر بلوچ ۽ لئمبرڪ صاحبان جي تحقيق مان صاف ظاهر آهي تہ چچ اصل ۾ ڪشمير جو برهمڻ هو، جنهن هوشياري ۽ حرفت سان پنهنجي آقا سنڌي راجا راءِ سهاسي جو نمڪ حرام ٿي، هن جي سيني عزيزن جو خاتمو آڻي سنڌ ۾ برهمڻ گهراڻي جو بنياد وڌو. هڪ قوم پرست جي حيثيت ۾ سائين جي ايم سيد صاحب کي هن غاصب ۽ ڏاڍي ماڻهو چچ جي مذمت ڪرڻ گهرجي. چچ جو تاريخ ۾ ڪردار پڙهي مون کي روس جو راسپوٽين ياد آيو. ٻنهي جي ڪارنامن ۾ ڪو جوهري فرق نہ آهي. چچ هڪ حرفتي راهب هو، راسپوٽين بہ ذهين راهب ڪلاس جو ماڻهو. چچ راجا سهاسي جو خود مختار حڪمران هو ۽ راءِ جي بدران هن جو فرمان هلندو هو. راسپوٽين جو بہ روسي . ار جي پاران فرمان هلندو هو. چچ جا راجا راءِ سهاسي جي زال راڻي سونهن ديوي سان ناجائز تعلقات هئا. راسپوٽين جا بہ

زار جي زال زرينه سان ناجائز تعلقات هئا. ٻني حريص ۽ حڪومت جا خواهشمند هئا. پر فرق هيءُ آهي جو راسپوٽين پنهنجن ارادن ۾ ناڪام ٿيو جو ١٩١٦ع ۾ ڪيس قتل ڪيو ويو. پر چچ پنهنجي مقصد کي پهتو ڇالاءِ جو راءِ سهاسي مري ويو. چچ موقعي جو فائدو وٺي راءِ جي سيني مٿن مائٽن کي ختم ڪري پاڻ تخت ڏٿي ٿيو. چچ درحقيقت غاصب هو. اهوئي سبب آهي جو لنمبرڪ صاحب پنهنجي ڪتاب جي ڏهين باب جو عنوان رکيو "چچ جوغصب" (Usurpation of Chuch) جڏهن چچ غاصب ثابت ٿيو ته سندس فرمانن ۽ حڪومت جو ڪو آئيني جواز ڪونه آهي تازو لفظ غصب ۽ غاصب (Usurper) جي قانوني ۽ آئيني تشريح لاءِ پاڪستان جي سپريم ڪورٽ هڪ تاريخي رولنگ ڏني آهي، ان فيصلي کي پاڻ هندايو ته غاصب چچ جي حڪومت جو آئيني جواز ڪهڙو آهي؟ ان ڪيس جو تفصيل هن طرح آهي ته ڊسمبر ١٩٧١ع ۾ پنجاب جي هڪ سياستدان ملڪ غلام جيلانيءَ کي مارشل لا ريگيوليشن نمبر ٧٨ هيٺ گرفتار ڪيو ويو. ملڪ صاحب جي ڌيءَ اسماءَ جيلاني ڪورٽ ۾ ان گرفتاريءَ کي چئلينج ڪرڻ لاءِ حبس بيجا جي درخواست وڌي. هن ڪيس جي پيروي پاڪستان جي مشهور وڪيل بئرسٽر ايم انور ڪئي هئي. انورصاحب چاهيو ته يحيٰ آئين ۽ قانون ذريعي اقتدار حاصل نه ڪيو. ٢٤ مارچ ٦٩ تي ايوب خان يحيٰ خان کي خط لکيو هو ته هو بحيثيت ڪمانڊر ان چيف ملڪ جي واڳ سنڀالي. انور صاحب ڪورٽ ۾ گذارش ڪئي ته ايوب خان جوهي خط غير آئيني ۽ غير قانوني آهي. ايوب خان دستور مطابق اسپيڪر کي چارج ڏني وڃي ها. ان ڪري يحيٰ خان جي طرفان آئين کي منسوخ ڪرڻ ۽ مارشل لا جو نفاذ غير آئيني آهي. يحيٰ خان غاصب آهي ۽ غاصب طرفان مارشل لا جو اعلان هڪ غير قانوني فعل آهي. لهذا مارشل لا ريگيوليشن نمبر ٧٨ جو هڪ غاصب جاري ڪيو، ماتحت ملڪ غلام جيلاني جي گرفتاري غير قانوني آهي. هن تاريخي اهميت واري ڪيس جي سماعت لاءِ سپريم ڪورٽ قانوني معاونت لاءِ مسٽر اي ڪي بروهي، سيد شريف الدين پيرزاده ۽ بئرسٽر مرحوم منظور قادر کي طلب ڪيو. هنن پنهنجي دليل بازي ڪئي. سرڪار جي پاران بئرسٽر يحيٰ بختيار پيش ٿيو. آخرڪار ويهين اپريل ١٩٧٢ ع تي سپريم ڪورٽ پنهنجو فيصلو ڏنو. ان ۾ يحيٰ خان کي غاصب ٺهرايو ويو. ١٩٦٩ع جي مارشل لا کي غير قانوني قرار ڏنو ويو ۽ ڪورٽ سڀڪوري يحيٰ خان جهڙي هڪ غاصب جي جاري ڪيل مارشل لا ريگيوليشن هيٺ ملڪ غلام جيلاني جي گرفتاري کي غير قانوني ٺهرايو. ٻني ڏينهن

تي يعني ٢١ اپريل ١٩٧٢ع تي وزير اعظم (ان وقت صدر) جناب ذوالفقار علي ڀٽي صاحب مارشل لا جي خاتمي جو اعلان ڪري عبوري آئين نافذ ڪيو. سپريم ڪورٽ هن رولنگ ۾ دوسو ڪيس (Dosso) کي غير قانوني قرار ڏئي بالواسطه طور ايوب خان کي به غاصب قرار ڏنو. آڪٽوبر ١٩٥٨ع جي مارشل لا بعد ڊسمبر ١٩٥٨ع ۾ چيف جسٽس محمد منير دوسو ڪيس ۾ فتوي ڏني هئي. هر ڪامياب فوجي انقلاب جنهن جي مزاحمت نه ٿي، اهڙي انقلاب کي بين الاقوامي طرح تسليم ڪيو ويو آهي. ڪورٽ اسماء جيلاني ڪيس ۾ جسٽس منير جي هن رولنگ کي غير قانوني قرار ڏئي گويا هميشه لاء غاصبن ۽ فوجي انقلابن جو آئيني دروازو بند ڪري ڇڏيو. ضمناً اهو به عرض آهي ته موجوده قومي اسيمبلي کي مختيار رانا جي ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ قانوني قرار ڏنو، ڇو جو اها آزادانه انتخاب ذريعي وجود ۾ آئي.

مٿين ڪيسن ۾ اوهان هڪ غاصب جي آئيني ۽ قانوني تشريح پڙهي. حيرت آهي جو هڪ غاصب ۽ راسپوٽين ٽائيپ ڇچ ۽ سندس برهمڻ گهراڻي کي سنڌي راڄ ٿو سڏي. ان ڪري ڏاهر کي ڀھريون سنڌي سورمو ڪوٺڻ تاريخ سان مذاق نه آهي ته ڀيو ڇا آهي؟ هن غاصب ڇچ جي حڪومت ڪرڻ جو سرشتو به نهايت ئي ظالمانه ۽ سفاڪانه هو. هندستان جو هڪ وڏو هندو مؤرخ ڊاڪٽر تاراچند پنهنجي انگريزي ڪتاب: "هندواسين جي مختصر تاريخ (A short history Of Indian people) ۾ ڇچ جي متعلق لکي ٿو." ڇچ هڪ وڏو تعصبي حڪمران هو، جنهن پنهنجي رعيت جي هڪ خاص حصي لاء سختي وارا قانون لاڳو ڪيا هئا. انهن کي هٿيار پنهوار رکڻ، ريشمي ڪپڙا پائڻ ۽ زين رکي گهوڙي سواري ڪرڻ تي پابندي وڌي هئي ۽ وڌيڪ حڪم ڏنائين ته هو پيرين ۽ مٿي اگهاڙي ڪتن کي گڏ وٺي هلن." (ڪتاب مذڪوره صفحه ١١٢).

هي آهي برهمڻ ڇچ جي حڪومت ڪرڻ جو طريقو جيڪو اوهان هن هندو فاضل تاريخدان جي حوالي سان پڙهيو. سنڌ جو هي برهمڻ گهراڻو غاصب ۽ غير سنڌي آهي ان ڪري سنڌ جا سورما ٿي نٿا سگهن. سائين جي ايم سيد صاحب کي تاريخ جو ڪو مطالعو نه آهي. جيڪڏهن ڏسجي ته سندس نقطي نگاه کان سنڌ جو ڀھريون سورمو راء ساهسي جو پٽ راجا سيهرس هو. ڇچنامه ۾ سندس قتل ٿيڻ جو واقعو هن طرح بيان ڪيل آهي:

" اوچتو الله جي تقدير سان ايران جي طرف کان نيمروز جي بادشاه جو لشڪر حملو ڪري، اچي ڪرمان ۾ پهتو. هيء خبر ٻڌي

راجا سيهرس بنان ڪنهن ڪٽڪي جي، ڏاڍي تڪبر سان اروڙ جي قلعي مان خاص لشڪر ساڻ وٺي سنڌن سامهون ٿيو، ۽ انهن سان جنگ ڪئي. جڏهن ٻنهي طرفن کان ناليرا مرد ۽ جنگي بهادر، خونخوار ترارن جو لقمو ٿي چڪا، تڏهن ايرانين جي لشڪر قادر حڪيم جي حڪم تي توڪل رکي حملو ڪيو. راجا سيهرس جو لشڪر ذليل شڪست کائي پٺي ڀڄي ويو، مگر سيهرس پنهنجي عزت ۽ نالي خاطر بيٺو رهيو ۽ ڪسي وڃڻ تائين جنگ ڪندو رهيو.“ (١)

مٿين تاريخي حوالي مان ثابتي ملي ٿي ته پهريون سنڌي سورمو راجا سيهرس هو، جنهن دليري سان ايراني نيروز بادشاهه جو مقابلو ڪيو. جيتوڻيڪ سندس لشڪر کي ذليل شڪست آئي هئي، پر پاڻ وڙهندو رهيو، جيستائين ڪ ڪسجي ويو. حيرت آهي جو اهڙن سنڌي ڪونڌرن کي نظر انداز ڪري. شاهه سائين غاصب ۽ ڌارين ماڻهو چچ جي اولاد جي مٿان سورمي جو نالو رکيو!

ان کان پوءِ سائين جي ايم سيد صاحب حضرت امام حسين جي شهادت جو واقعو بيان ٿو ڪري، بني اميه ۽ يزيد جي ڪردار متعلق لکي ٿو: منهنجي خيال ۾ هي غير ضروري بحث آهي. تاهم مان مختصر طور انهن مسئلن بابت بعد ۾ جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. اول سنڌ جي مٿان محمد بن قاسم جي حملي بابت سندس راين تي تبصره ڪرڻ گهران ٿو. جيئن سلسلو برقرار رهي. شاهه سائين پنهنجي ڪتاب ۾ ڏاهر جي متعلق لکي ٿو، ”ڪي ماڻهو راجا ڏاهر تي بهتان رکي سنڌن غازيءَ جي برن ڪارنامن لاءِ جواز پيدا ڪن ٿا. اچو ته انهن چند بهتانن جي جاچ ڪريون. انهن مان مکيه هيٺيان آهن:

(١) هن ڀيڻ سان شادي ڪئي. (صفحه١٢)

هن الزام جو جواب ڏيندي هي شاهه سائين لکي ٿو ته: ” هندو برهمڻ ڀيڻ ته ڇڏيو پر سوٽ سان شادي ڪرڻ به ناجائز ٿا ڄاڻن. تنهن ڪري ڀيڻ سان شادي ڪرڻ جو بهتان سراسر غلط معلوم ٿو ٿئي. ان لاءِ دليل اهو ڏنو وڃي ٿو ته هڪ نندي راجا کي سنگ نه ڏيڻي پاڻ وٽ ڀيڻ کي وهاري ڇڏيائين. اها ڳالهه هر ڪنهن کي معلوم آهي ته هندن ۾ ذات پات جا فرق هئا. ان ڪري جيڪڏهن هن ڪنهن ڪمذات يا گهٽ درجي جي ماڻهوءَ کي سگ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هجي ته ان لاءِ ائين چئجي ته هن ڀيڻ سان شادي ڪرڻ خاطر ائين ڪيو هو، سراسر بدديانتي ۽ ڪوڙ آهي.“ (صفحه ١٢، ١٣ سنڌ جا سورما)

---

(١) چچنامه عرف فتحنامه سنڌ صفحه ٢٣، سنڌي ترجمو ادبي بورڊ

شاهہ سائين چوي ٿو تہ ڪي ماڻهو راجا ڏاهر تي بهتان ٿا مڙهن تہ هن پيڻ سان شادي ڪئي هئي. جواب ۾ گذارش آهي تہ ڏاهر تي اسان پارن ماڻهن اهو الزام نہ لڳايو آهي تہ هن پيڻ سان شادي ڪئي، پر تاريخن ۾ اهو قصو درج ٿيل آهي. مثلاً چچنامہ، تاريخ معصومي ۽ تاريخ تحفة الڪرام. مون اهي سڀ تاريخون پڙهيون آهن. بطور تحديث نعمت جي چوان ٿو تہ مون تاريخ ڪي شوق سان پڙهيو آهي. مون نہ فقطْ سنڌ جي تاريخ پڙهي آهي،پر ان سان گڏ هند، مسلمانن ۽ سموري دنيا جي تاريخ جو مطالعو ڪيو. مون ابن خلدون، گبن، ٽائنبي، اي ايچ ڪار ۽ جواهر لال نهرو جهڙن مؤرخن کي بہ پڙهيو آهي. تاريخ جي ڪتابن سان ننڍي هوندي کان دلچسپي اٿم. ان ڪري يقين سان چوان ٿو تہ ڏاهر پنهنجي پيڻ سان شادي برابر ڪئي هئي، ان الزام جي جواب ۾ شاهہ سائين فقط ايترو لکيو آهي تہ هندو برهمڻ پيڻ تہ ڇڏيو پر سوٽ سان بہ شادي نہ ڪندا آهن. تنهنڪري شاديءَ جو بهتان سراسر غلط آهي. اهي ڪهڙا سبب هئا، جن جي ڪري ڏاهر پنهنجي پيڻ سان شادي ڪرڻ تي مجبور ٿيو؟ افسوس جو سائين جي ايم سيد صاحب مذڪور اسباب تي ڪا روشني نہ وڌي آهي. چالاءِ جو سنڌ جي ان تاريخي پيرڊ جا ڪتاب مثلاً چچنامہ، تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام جو مطالعو ئي ڪونہ ڪيو اٿس. آءٌ مٿي لکي آيو آهيان تہ چچنامہ قبلہ سائين جو پڙهيل ئي نہ آهي جو چوي ٿو تہ ان ۾ سومرن جو ذڪر آهي. چچنامہ ٻڌائي ٿو تہ ڏاهر عام رواجي حالت ۾ (Normal Course) ۾ پنهنجي پيڻ سان شادي ڪانہ ڪئي هئي، پر خاص حالتن جي ماتحت مجبور ٿيو. ان لاءِ سموري جوابداري وقت جي نجومين تي آهي، جن ڏاهر جي پيڻ جي قسمت متعلق عجيب پيشنگوئي ڪئي هئي. ورنہ هن کان اڳ ڏاهر جي پيڻ مائين جو سڱ راجا سوين راءِ ڀاٽيا گهريو هو ۽ هڪ مهيني اندر شادي ٿيڻ واري هئي، پر اوچتو ڪنهن نجوميءَ جي پيشنگوئي ڪري سڄو قصو ئي ڊانوانڊول ٿي پيو. بهتر آهي تہ هي دلچسپ داستان اصل چچنامہ مان نقل ڪري قارئين آڏو پيش ڪيو وڃي.

چچنامي ۾ ڏاهر ۽ سندس ڀاءُ ڏهر سينہ جي پيڻ مائين جي سڱ ڇڪائڻ بابت لکيل آهي تہ: (ٿوري وقت کان پوءِ) ڏهرسينہ کي خبر پئي تہ سندس پيڻ بالغ ٿي آهي، جنهن ڪري ڪيس ڳڻتيءَ ورتو تہ مائين وڏي ٿي آهي. هوڏانهن نجومين سندس (مائين جي) جنم ڏسي ٻڌايو تہ: سندس ستارو بختاور آهي. اجا انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ هو تہ رمل جي راجا سوين راءِ ڀاٽيا جا قاصد انهيءَ سڱ گهرڻ لاءِ اچي

پهتا. ڏهر سينـ اگرچه وڏو ياءُ هو. (پر تنهن هوندي بہ) پيڻ جو ڏاجو شاهاڻو تيار ڪري، ست سؤ گهوڙا ۽ پنج سؤ نڪر ماڻهو هن سان موڪلي. ڏاهر ڏانهن لکيائين تہ: مايين کي ياٽيا جي راجا جي حوالہ ڪر، ۽ راءِ سوين جو شرط هي آهي تہ سندس مهر ۽ ڏاج ۾ هڪ قلعو سندس حوالي ڪيو ويندو، جنهن جو مالڪ رهندو." (چچنامہ صفحہ ٧۴ - ٧٥)

ان بعد ذڪر ٿو اچي تہ ڪنهن نڪر راجا ڏاهر کي ڪنهن ڄاڻو ۽ تجربيڪار برهمڻ جي خبر ڪئي. راجا ڏاهر ياڻ ان نجوميءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. پنهنجي بخت ۽ سلطنت جي عمر متعلق پڇا ڳاڇا ڪري بالاخر پنهنجي ڀيڻ متعلق نجوميءَ کان دريافت ٿو ڪري تہ " اسان جي ڀيڻ مايين جو طالع ڪيئن آهي" نجوميءَ چيو تہ: "حساب جو زائچو ائين ٿو ڏيکاري تہ هيءَ اروڙ جي قلعي کان ٻاهر نہ ويندي ۽ سندس سڱ اهو راجا گهرندو. جنهن جي حڪم هيٺ هندستان جي بادشاهي هوندي ۽ هيءَ ڇوڪري انهيءَ جي نڪاح ۾ ايندي".

نجومي جڏهن ڪيس هيءَ حقيقت کولي ٻڌائي، تڏهن ڏاهر ويچار ۾ پئجي ويو تہ اهو ڪيئن ٿيندو. گهر موٽي اچي پنهنجي پيءُ جي وزير ٻڌيمن کي هيءَ حقيقت کولي ٻڌايائين." (ڏسو چچنامہ صفحو ٧٧)

اندازو ڪيو ڏاهر ياڻ اروڙ جي قلعي جو بادشاهہ هو، نجوميءَ جو اهو چوڻ تہ تنهنجي ڀيڻ اروڙ کان ٻاهر نہ ويندي ۽ هتان جي راڻي ٿيندي،ڏاهر کي ڳڻتي ۾ وجهي ڇڏيو. قدرتي ونئي ويس تہ نجوميءَ جي پيشنگوئيءَ مطابق منهنجو ڀيڻيوئو اروڙ جي قلعي جو والي ٿيندو. قطري طور ويچار ۾ پئجي ويو. پنهنجي وزير ٻڌيمن کي سموري ماجرا ٻڌايائين. چچنامي مطابق ٻڌيمن وزير چيو تہ: بادشاهيءَ جو ڪم نهايت ئي نازڪ آهي ۽ مختلف ملڪن، حدن، لشڪر ۽ نوڪرن چاڪرن، جي شهنشاهہ لاءِ پنهنجي ملڪ کان ناتا ٽوڙڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. مثال طور تہ پنج شيون پنهنجي جاءِ ڇڏي سهٽيون نہ رهنديون آهن:

(١) بادشاهيءَ کان بادشاهہ (٢) وزارت کان وزير (٣) عمل کان عالم (۴؟) وار ۽ ڏند (٥) عورت جو ارهہ (هي شيون) جڏهن پنهنجي جاءِ کان هٽي وينديون تہ سهٽيون نہ لڳنديون. بادشاهہ، بادشاهيءَ خاطر ياٽرن ۽ عزيزن جو ساهہ وٺندا آهن. نہ تہ بہ ملڪ کان تہ ٻاهہ ڪڏي ڇڏيندا آهن ۽ پنهنجي مقربن ۽ تعلقدارن جي پڻ ملڪ ۾ ڀائيواري يا مداخلت روا نہ رکندا آهن. بادشاهہ جڏهن

بادشاهيءَ کان گوشو ڪندو تہ پوءِ عام ماڻهن جي برابر آهي. (هاڻي) جڏهن نجوميءَ اهو حڪم ڪيو آهي، تڏهن پيڻ کي نڪاح ۾ آڻي، زال بڻائي،پاڻ سان گڏ تخت تي ويهارڻ گهرجي. اگرچہ سندس صحبت کان پاسو ڪندو رهندين، تاهم (مٿس) تنهنجي زال جو نالو هوندو ۽ تنهنجي بادشاهي تو وٽ رهندي." (صفحہ ٧٧ ـ ٧٨)

قارئين کي گذارش آهي تہ هو ٻڌيمن وزير جي ڏاهر کي ڪيل نصيحت کي بار بار پڙهن. صاف ظاهر آهي تہ ٻڌيمن هڪ داناءُ ۽ عقلمند ماڻهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. گويا هڪ وڏو سياستدان آهي ۽ ان معنيٰ ۾ سنڌ جو ميڪاولي آهي.

ٻڌيمن وزير جي مشوري بعد چچنامي ۾ اچي ٿو تہ "راجا ڏاهر انهن پنجہ سو نڪرن کي گهرايو جيڪي سندس خاص ماڻهو ۽ معتقد هئا ۽ چيو تہ هر حال ۾ منهنجو ڀروسو ۽ اعتماد توهان جي سمجهداري ۽ بهادريءَ تي آهي. (توهان جي) صلاح ۽ نصيحت (کان سواءِ) ڪو چارو نہ آهي ۽ ساري ملڪ ۾ منهنجو فرمان توهان جي ٽيڪ تي جاري آهي. هينئر نجومين هن طرح نتيجو ڪڍيو آهي تہ ماٺي مائين هن قلعي کان ٻئي پاسي نہ ويندي ۽ سندس مڙس اهو ٿيندو جنهن جي هٿ ۾ هن بادشاهيءَ جو اڪثر حصو رهندو. مون کان بادشاهي وڃڻ نہ گهرجي. انهيءَ تي ويچار ڪرڻ گهرجي. بادشاهيءَ کان تعلق ڇنڻ ڏکي ڳالهہ آهي. ٻڌيمن وزير جي هڪ صلاح آهي (پر) اها وڏي شرم جهڙي اڻ وڻندڙ ۽ برهمن جي خاندان لاءِ بدنامي آهي ۽ هيءَ خراب ڳالهہ وقت جي بادشاهن جي ڪن پوندي ۽ عام ماڻهن جي واتن تي ايندي، تڏهن هو اسان کي پنهنجي نيات مان ڪڍي ڇڏيندا، جنهن ڪري اسان جي طريقي ۾ خلل پوندو." (صفحہ ٧٨ ـ ٧٩)

مهرباني ڪري راجا ڏاهر جا مٿيان جملا وري وري پڙهو، صاف ظاهر آهي تہ هو ٻڌيمن وزير جي صلاح مطابق پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪرڻ متعلق ڪيترو نہ شرمائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ اوڙي پاڙي وارا بادشاهہ هن خبر ٻڌڻ تي پنهنجي نيات مان اسان کي ڪڍي ڇڏيندا ۽ اسان جي طريقي ۾ خلل پوندو. محض بادشاهيءَ جي بچاءَ خاطر ڏاهر پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪرڻ لاءِ ڪينن ٿو تيار ٿئي، ان جو دلچسپ احوال چچنامي ۾ ڏنل آهي. نڪرن کان صلاح پڇڻ بعد چچنامي ۾ ٻڌيمن وزير جي طلسم بابت لکيل آهي تہ: "ٻڌيمن وزير گهر وڃي هڪ گهٽو آڻي ان جي پشم ۾ واري ۽ اهر جڻي مٿانس پاڻي ڇٽڪائڻ شروع ڪيو، اٺ پهر گهر ۾ رکيائين. جيستائين سلو ڦٽو ۽ پوءِ ٻاهر هڪلي ڇڏيائينس. ننڍا، وڏا، شهري خواهہ واهڻي

ماڻهن جا انبوهه انهيءَ ڏانهن تعجب سان ڏسڻ لڳا، جيستائين جو هن ڳالهه کي ٽي ڏينهن گذريا، جنهن کان پوءِ اهو گهٽ ٽي ڏينهن شهر ۾ ڦرندو رهيو، پر ڪنهن به ان ڏانهن نٿي واجهايو ۽ اها ڳالهه وساري ڇڏيائون. وزير چيو ته اي بادشاهه جيڪا به چڱي يا بڇڙي ڳالهه ٿيندي آهي ته ٽي ڏينهن ماڻهن جي واتن ۾ رهندي آهي. تنهن کان پوءِ ڪوبه ان جي نيڪي يا بديءَ کي ياد نه ڪندو آهي. توهان ڪنهن به صورت ۾ تعلق ٽوڙڻ وارو نه آهيو ۽ پنهنجي دل ۾ فيصلو ڪيو اٿني. هيءَ جماعت تنهن جي حڪم کان ٻاهر وڃڻ واري نه آهي.

(تنهن ڪري اهو ڪم) ڪرڻ گهرجي پوءِ ڏاهر انهن پنج سؤ لشڪرين کان رايو پڇيو، جن جي قول تي هميشه اعتماد ڪندو هو، ۽ جن جي بهادري ۽ دليري تي اعتماد رکندو هو ۽ هو پڻ سندس حڪم جا گرويده رهندا هئا ۽ سندس سيني قولن ۽ فعلن سان متفق هوندا هئا. سيني اتفاق ڪيو ته راجا جو حڪم اسان جان تي جاري آهي ۽ انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته بادشاهن جي طراوت بادشاهيءَ سان آهي، جيڪڏهن بادشاهي هلي وڃي ته پوءِ پاءُ جي هٿ اچي يا ڏارني جي. (ڪوبه فرق نه آهي) جڏهن هن ڳالهه تي سڀ متفق ٿيا، تڏهن هو ويو ۽ پنهنجي ڀيڻ جي مٿان چادر وڌائين ۽ ڪيس منڊي ۽ ٻيا زيور پهرائي، پنهنجي ترار پاسي ۾ رکيائين. (تنهن کان پوءِ) ترار سميت ٻاهر نڪتا ۽ هن جي چادر جو پلؤ پنهنجي چادر سان ٻڌي ڪيس بادشاهيءَ جي تخت تي پنهنجي پاسي ۾ ڇٽ هيٺان وهاريائين ۽ هيءَ ڳالهه عام خاص ماڻهن جي وات ۾ پنهنجي مشهور ٿي." (چچنامه صفحه ٧٩ ـ ٨٠).

ان بعد چچنامي ۾اڳي ٿو ته هي برو فعل پنهنجي رضا خوشيءَ سان نه ڪيو، بلڪ ان لاءِ هو مجبور ٿيو. ڏاهر سينه، ڏاهر جي هن عذر کي مسترد ڪيو ۽ هن کان ڪاوڙجي ويو.

مون قارئين آڏو ڏاهر جي پنهنجي ڀيڻ سان شادي متعلق سڄي روءِ داد چچنامي مان نقل ڪئي آهي. ان کي پڙهي پوءِ سائين جي ايم سيد صاحب جي راءِ به ملاحظہ ڪريو، جيڪا سندس ڪتاب جي صفحه ١٢ مان مٿي ڏني وئي آهي. جناب جي ايم سيد جو فرض هو ته شادي متعلق چچنامي ۾ آيل ذڪر کي نقل ڪري پوءِ تاريخي بنيادن تي ان جو رد پيش ڪري ها. رڳو ائين لکڻ ته هندو برهمڻ ڀيڻ کي ڇڏيو پر سوٽ سان شادي نه ڪندا آهن. ڪا معنيٰ نٿو رکي. ايتري خبر ته چچنامي جي لکندڙ کي به هئي. جنهن به شخص جو چچنامو پڙهيل نه هوندو، اهو سائين جي ايم سيد جي عبارت پڙهي

عبرت ۾ پنجي سوال ڪندو تہ ڏاهر چتو تہ نہ ٿيو هو جو پنهنجي ڀيڻ سان پرڻيو. منهنجي ڏنل حوالن مان هرڪو ماڻهو سمجهي سگهندو تہ راڻي ماڀين جو سڱ ڏاهر جي پاءِ، رمل جي راجا پاڻيا ڪي ڏيڻو ڪيو، پر نجومين هڻي ڪم کي بگاڙي ڇڏيو. جو حساب ڪري ڏنائون تہ هيءَ راڻي اروڙ کان ٻاهر نہ وينديءَ سندس مڙس هندستان جو وڏو راجا هوندو.

پنهنجيءَ ڀيڻ سان شاديءَ ڪرڻ مان اهاراءِ هرگز نہ وٺڻ ڪپي تہ هن سان مباشرت بہ ڪيائين. پاڻ ٻڌيمن وزير جي صلاح تي هليو جنهن چچنامي لکڻ مطابق ڏاهر کي چيو: "گرچ سندس صحبت کان پاسو ڪندو رهندين، تاهم مٿس تنهنجي زال جو نالو هوندو ۽ تنهنجي بادشاهي تو وٽ رهندي" . (صفحہ ٨٧) تاريخ معصومي جو مصنف مير معصوم بن سيد صفائي پڻ هن راءِ جو آهي تہ ڏاهر پنهنجي ڀيڻ سان جماع نہ ڪيو.

تاريخي معصومي ۾ هن نڪاح متعلق لکيل آهي تہ: "پوءِ هڪ رات ٻُجهہ ڳوهہ ۾ برهمڻ گڏ ڪري، پنهنجي طريقي موجب پنهنجي چادر جو پلاند پنهنجي ڀيڻ جي چادر سان ٻڌي ٻاهہ جي چوڌاري ڦيرا ڏئي وجي تخت تي ويٺا ۽ ساري رات گڏ گهاريائون پر مباشرت کان پاسو ڪيائون." (١)

تاريخي معصومي ۾ پڻ ڏاهر جو ڀيڻ سان نڪاح جو ساڳيو سبب ڄاڻايل آهي، جيئن مٿي درج ڪيل آهي. تاريخ تحفة الڪرام جو مصنف مير علي شير قانع ٺٽوي پڻ ساڳي راءِ رکي ٿو تہ نجومين جي طالع ڪڍڻ تي پنهنجي بادشاهت بچائڻ خاطر ڀيڻ سان پرڻيو، پر زال مڙس جا فرائض بجا آڻڻ کان پاسو ڪيائين.

مير صاحب تحفة الڪرام ۾ ڏاهر جي ڀيڻ سان شادي متعلق لکي ٿو: " هڪ ڏينهن نجومين کان طالع بابت پڇا ڪيائين، نجومين چيس تہ تنهنجي ڀاءُ جي طالع ۾ ڪابہ نحوست ڪانہ آهي، البتہ تنهنجي ڀيڻ ڪنهن وڏي اهڙي ماڻهوءَ سان پرڻبي جو اروڙ ۽ ملڪ جو وارث ٿيندو. تنهن ڪري هن ملڪ جي ڪسجي وڃڻ جي ڀؤ کان حيلو ڪري ڀيڻ پنهنجي نڪاح ۾ آندي، پر مباشرت (هم بستري) کان پاسو ڪندو رهيو." (٢)

ثابت ٿيو تہ ڏاهر محض شاديءَ جي رسم ادا ڪني ۽ پنهنجي ڀيڻ سان همبستر ڪونہ ٿيو. جناب جي ايم سيد صاحب جي وڏي

---

(١) تاريخ معصومي صفحہ ٥٣، ٥٤. مترجم مرحوم و مغفور مخدوم امير احمد صاحب (سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ترجمو). (٢) تحفة الڪرام سنڌي ترجموءِ از مخدوم امير احمد سنڌي ادبي بورڊ صفحہ ١٦

Soorih Mirani

ڪمزوري هيءَ آهي تہ پاڻ هرگز مطالعو نہ ڪندو آهي رڳيون پٽل ڳالهيون لکي ڪتاب جو مصنف ٿيندو آهي. مان اڃا بحث کي اتي ختم نہ ڪندس پر وڌيڪ ڪجهہ لکندس. مٿين تاريخي حوالن مان پتو پوي ٿو تہ ڏاهر نجومين جي پڌائڻ تي (تنهنجي ڀيڻ آروڙ ڪان ٻاهر نہ وينديءَ هتان جي راڻي ٿيندي) ڀيڻ سان وبڏي محض پنهنجي بادشاهت بچائڻ لاءِ ڪئي.

ان ۾ بہ اعتراض ٿي سگهن ٿا. آيا نجومين جوحساب ايترو سچو هو جو ڏاهر ان تي ويساهہ ڪيو ۽ ڀيو تہ ڀيڻ سان شادي وارو مثال ٻني ڪنهن ملڪ جي تاريخ ۾ بہ ملي ٿو يا نہ؟ مذڪوره سوال جي جواب ۾ عرض ڪندس تہ مون دنيا جي تاريخ پڙهي آهي ۽ مطالع دوران معلوم ٿيم تہ اڳيان بادشاهہ پنهنجي سلطنت جي بقا ۽ قسمت متعلق ۽ مستقبل جي واقعات جي ظهور بابت علم نجوم، پامسٽري (هٿ شناسي) ۽ علم جفر جي ڄاڻن ڏانهن رجوع ڪندا هئا ۽ اهو رواج اڄ تائين هلندو ٿو اچي. يورپ جي اخبارن ۾ اڄ تائين نجومين جي فال جا نتيجا شايع ٿيندا آهن، پر مون وٽ ايترو وقت نہ آهي جو انهن علمن تي تفصيلي روشني وجهان.

يورپ جي هڪ وڏي محقق پروفيسر آر اسلر (R. Eisler) صاحب علم نجوم متعلق "علم نجوم جو شاهانو فن" (Royal art of Astrology) نالي هڪ ڪتاب ۱۹۴۷ ع ۾ شايع ڪرايو آهي. ان جو خلاصو هي آهي تہ علم نجوم اها سائنس آهي جنهن ذريعي ستارن، سج، چنڊ ۽ سيارن جو مشاهدو ڪري ڏرتيءَ تي مستقبل جي واقعات جي پيدائش متعلق پيشنگوئي ڪجي. هن علم جو بنياد عيسوي سنہ کان ٽي هزار سال اڳ پهريائين ميسوپوٽيما ۾ پيو هو ۽ اتان ساڳيءَ شڪل ۾ هي علم هندستان پهتو. بعد ۾ يونانين علم نجوم متعلق وڌيڪ کوجنا ڪئي ۽ گذريل ٻن هزار سالن کان هن علم جي ڌوم آهي. يوناني تاريخ ۾ سائنس جوهڪ عظيم ترين شخص هپرڪس (Hipparchus) علم نجوم ۾ وڏو يقين رکندو هو. رومين ۾ بہ هن علم جو غلغلو ٿيو ۽ هن فن ۾ سندن اصل استاد يوناني هئا. رومين ۾ علم نجومي جو پرچار "نگي ديس فگولس" (Nigidious Figulus) ڪئي، جيڪو پنهنجي وقت جو هڪ فاضل ترين شخص ٿي گذريو آهي. رومي شهنشاهہ قيصر آگسٽس جيڪو عيسوي سن کان ٽيهٽ سال اڳ ڄائو هو ۽ چوڏهين عيسوي سن ۾ وفات ڪيائين، سو پڻ نجومين ۽ سندن علم ۾ وڏو اعتقاد رکندو هو. آگسٽس جي دور جو مشهور رومي شاعر مارمس منيلاس بہ هن علم ۾ يقين رکندو هو.

آگسٽس کان علاوه ٻيا رومي بادشاهه جهڙوڪ ٽبرس ۽ نيرو به نجومين جو وڏو قدر ڪندا ۽ سندن درٻارن ۾ هن فن جا وڏا ڄاڻو موجود رهندا هئا. آهستي آهستي هي علم عيسائي مغرب ۾ به ڦهلجي ويو ۽ ان جو سهارو ٻي صدي عيسوي جي مشهور سائنسدان ٽولي تي آهي. هن صاحب پنهنجي مشهور ڪتاب "الماجيسٽ" ۾ پراڻي علم نجوم جي حاصلات کي قلمبند ڪيو ۽ الماجيسٽ جي ترجمي سان مغربي ملڪن ۾ به علم نجوم جو رواج پيو. الهندي ملڪن ۾ هن علم جو ايڏو ته شور ۽ چرچو ٿيو جو اٽلي جو مشهور شاعر دانتي (Dante) ۽ ٿامس انڪيناس (Acquinas) جهڙا نامور به نجومين جي ڪارنامن ۾ پڪو پروسو ڪرڻ لڳا. ان کان پوءِ چوڏهين صديءَ ۾ يورپ جي مشهور يونيورسٽين جهڙوڪ پئرس (Paris) پادوئا (Padua) بولوگنا (Bologna) ۽ فلورنس (Florence) ۾ علم نجوم کي بحيثيت سائنس جي پڙهايو ويندو هو ۽ انهن يونيورسٽين مان وڏا باڪمال نجومي پيدا ٿيا، جن پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاري ماڻهن جون دليون موهي وڌيون هيون. يورپ جي اصلاحي تحريڪ دوران به نجومين ۽ سندن علم جي مهارت تي ڪوبه اثر نه پيو. يورپ ۾ پندرهين صدي اندر وڏا وڏا سائنسدان پيدا ٿيا، جي موجوده سائنس جا باني سڏجن ٿا، سي پڻ علم نجوم ۾ يقين رکندا هئا.

اهڙن سائنسدانن مان ڊنمارڪ جو ٽائڪوبراهي (Tycho Brahe) ۽ جرمني جو ڪيپلر (Kepler) خاص طرح سان مشهور آهن. ان کان علاوه مسٽر ملنڪٽان (Melanchton) پيدائش ١٤٩٧ع وفات ١٥٦٠ع، جو جرمنيءَ ۾ مارٽن ليوٿر کان بعد اصلاحي تحريڪ جو وڏو باني هو، سو پڻ نجومين کي قدر جي نگاهه سان ڏسندو هو ۽ سندن فن جو داد ڏيندو هو.

يورپ کان علاوه چين ۾ به علم نجوم جو رواج پيو. چين ۾ هن فن متعلق منگ - شو Ming _ shu يعني " قسمت جو ڪتاب" (The book of fate) نالي هڪ ڪتاب ستين صديءَ جي آخر ۾ شايع ٿيو هو ۽ ان ڪتاب جو مصنف مشهور چيني نجومي لي - هسو (Lihsu) نالو هو، ان زماني ۾ چين جو مشهور فلسفي شاعر پلينايو(Planayu) (پيدائش ٧٦٨ - وفات ٨٢٤ ع) جو لي - هسو جو دوست به هو، سو ٻي مٿين ڪتاب جو وڏو مداح هو. چين جي سنگ (Sung) گهراڻي جي حڪومت ۾ (٩٦٠ع کان ١٢٧٤ع تائين) وڏا نالي وارا نجومي رهندا هئا، ان مان تزو پلنگ (Tzupling) جو نالو خاص طرح مشهور آهي.

هندستان ۾ علم نجوم براهه راست اصلي شڪل ميسوپوٽيما

مان پهتو ۽ هي ملڪ نجومين، طبيبن ۽ جادوگرن جي ڪري مشهور ٿيو. هند جي علم نجوم جا مکيہ مقصد هي هئا. ڊگهي حياتي، تندرستي ماليات، ڌنڌو ڌاڙي ۽ شادي؛ متعلق اڳڪٿي ڪرڻ.
(The Principal aim of Indian astrology is to make predictions about Longevity, health, finiances, professional advancement and marriage)

شادي؛ متعلق پيشنگوني ڪرڻ هندستاني علم نجومي جي مقصدن ۾ شامل آهي. اهوئي سبب آهي جو ڏاهر پنهنجي ڀيڻ جي شادي؛ متعلق نجومي؛ کان پڇيو هو. جنهن ٻڌايس تہ هي؛ مائي بختاور ٿيندي، اروڙ جي راڻي ٿيندي ۽ اتان ٻاهر نہ وينديِ.

مستقبل جي واقعات متعلق پامسٽري يعني هٿ شناسي جي علم ذريعي پڻ پيشنگوني ڪبي آهي. ماهرين جو چوڻ آهي تہ هي علم عيسوي سن کان ٽي هزار سال اڳ چين ۾ موجود هو. ۽ پڻ يونان جي قديم لٽريچر ۾ ان جو سراغ ملي ٿو.

رچرڊ برٽن صاحب پنهنجي ڪتاب (Races that inhabit sind) ۾ لکيو آهي تہ هٿ شناسي؛ جو علم هندن توڙي مسلمانن وٽ سنڌ ۾ عام آهي. اڻويهين صدي؛ ۾ مغرب اندر هن علم جو امام ڪيرو (Cheiro) ٿي گذريو آهي. هن جو ڪتاب " هٿ جي ٻولي" (The Language of hand) خاص طرح سان مشهور آهي. اسڪول ۾ پڙهائي جي دوران نپولن بونا پارٽ هڪ دڪاندار وٽ ڪنهن شي؛ جي خريد ڪرڻ لاءِ ويو هو. دڪاندار وڏو پامسٽ هو. غريب جي ٻار نپولن جو هٿ ڏسي ڪيس چوڻ لڳو تہ پٽڙا تون يورپ جو بادشاهہ ٿيندين، ان وقت مون کي ضرور ياد ڪجان؛ ۽ پوءِ ٿيو بہ ائين. رومي زار پنهنجي هٿ جي شڪل مسڃٽي ۾ ٺاهي ڪيرو ڏانهن موڪليو هو ۽ پنهنجي نالي کان بہ ڪيرو کي آگاهہ نہ ڪيائين. ڪيرو هٿ جي فوٽو؛ جو جائزو وٺي راءِ ڏني تہ هي صاحب، هٿ ۽ سندس فيملي وارا جلد هلاڪ ٿيندا . زار ڪيرو کي روبرو گهرائي پنهنجو هٿ ڏيکاريو. ڪيرو کيس چيو تہ هي ساڳيو هٿ آهي جنهن جي شڪل مسڃٽي ۾ ٺاهي مون ڏانهن موڪلي وئي. منهنجو ساڳيو جواب آهي تہ عنقريب تنهنجي رعيت تنهنجي خلاف بغاوت ڪندي ۽ توکي ۽ تنهنجي ڪٽنب وارن کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پوندا. بعد ۾ ڪيرو؛ جي پيشنگوني صحيح ثابت ٿي. موجوده دور ۾ امريڪي عورت جين ڊڪسن کي هن فن تي خاص مهارت آهي.

آئنده جي واقعات متعلق پيشنگوئي علم جعفر جي ذريعي بہ ڪجي ٿي! علامہ ابن خلدون پنهنجي مقدمي ۾ هن علم تي هڪ وڏو

علمي بحث ڪيو آهي ۽ ثابت ڪيو آهي تہ ڪاهن، نجومي يا ولي ۽ راهب مستقبل جي واقعات متعلق پيشنگوئي ڪندا آهن ۽ اهي صحيح ثابت ٿين ٿا. چنانچہ علامہ موصوف لکي ٿو تہ هر قوم ۾ ڪاهن، نجومي، يا ڪنهن وليء جا قول ۽ پيشنگويون ضرور محفوظ رهنديون آهن، جن جي ماتحت ماڻهو ملڪ ۽ بادشاهي جون اميدون ٻڌيون ويهي رهندا آهن. ۽ هن قسم جي پوريء ياداشت هنن وٽ رهي ٿي تہ ڪيتري قدر قتل ۽ غارت گري ملڪ ۾ ٿيندي. موجوده بادشاهت ڪيستائين هلندي ۽ موجوده خاندان مان ڪيترا بادشاهہ تخت تي جلوه افروز رهندا. ايستائين جو انهن جا نالا بہ معلوم (اڳواٽ) ٿين ٿا. اهڙين ڳالهين کي عام طرح حدثان يا ايندڙ حادثا ڪوٺجي ٿو. عرب ۾ ڪاهن ۽ معرفت وارا هوندا هئا ۽ ماڻهو اهڙين ڳالهين جي معلوم ڪرڻ لاء وٽن ويندا هئا ۽ ڪانئن پڇا ڳاڇا ڪندا هئا. ۽ پوء هي ڪاهن ۽ ڄاڻو ملڪ ۽ سلطنت جون حالتون ٻڌائيندا هئا. چنانچہ شق ۽ سيطح شهنشاه يمن ربيع بن نصر جي خواب جي تعبير ڪندي ڪيس خبردار ڪيو تہ حبشي تنهنجي ملڪ تي قبضو ڪندا ۽ يمن وري عرب اقتدار هيٺ ايندو. ۽ پوء واقعي ٿيو بہ ائين جو عرب يمن تي ڇانئجي ويا. ايران جي ڪسريٰ موبذان حڪيم جي خواب جي تعبير لاء عبدالمسيح کي سيطح ڏانهن موڪليو هو، جنهن خواب جو تعبير ڪندي صاف ٻڌايو تہ (ايران تي) جلد عرب جو اقتدار قائم ٿيندو. (ڏسو مقدمہ ابن خلدون صفحہ ٣٢٥)

بصره ۾ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کي ١٢ ورهين جي عمر ۾ ڏسي بحيريٰ عيسائي راهب پيشنگوئي ڪئي هئي تہ هي نبي ٿيندو. (١)

اڳتي هلي علامہ ابن خلدون ذوبان نالي هڪ وڏي نجومي ۽ حڪيم جو ذڪر ڪري ٿو ۽ چراس جي حوالي سان لکي ٿو، "زابلستان جي بادشاهہ عباسي خليفہ مامون الرشيد ڏانهن تحفن سان گڏ ذوبان نالي هڪ حڪيم کي بہ وٽس موڪليو هو. ذوبان مامون کي مشورو ڏنو تہ توهان پنهنجي ڀاء امين سان وڙهڻ لاء طاهر کي سپهہ سالار بڻاء. مامون جڏهن ذوبان جي مهارت کي عظمت جي نگاه سان ڏسڻ لڳو تہ حڪيم مذڪوره کان پنهنجي بادشاهت جي مدت بقا بہ دريافت ڪئي. ان تي ذوبان جواب ڏنس تہ تنهنجي بادشاهت تنهنجي اولاد جي خاندان مان نڪري تنهنجي ڀاء جي خاندان وٽ منتقل ٿيندي. ۽ پنجاه سالن کان پوء ديالمہ خلافت تي قبضو ڪندا. پوء

---

(١) هيڪل محمد حسين جو ڪتاب حياة محمدؐ صفحہ ١١٩

جڏهن ديالمہ جي حالت بہ تباهہ ٿيندي تہ شمال مشرق کان ترڪ اچي ملڪ تي قبضو ڪندا ۽ شام، فرات ۽ سيحون جي علاقي کي بہ پنهنجي تابع ڪندا ۽ روم کي بہ پنهنجي تخت هيٺ آڻيندا. ان تي مامون ذوبان کان پڇيو تہ ڀلا توکي انهن ڳالهين جي اڳواٽ خبر ڪيئن پئي؟ ذوبان جواب ڏنو تہ سندس سراغ حڪيمن جي ڪتابن ۽ خاص طرح سان چچ بن ڏاهرسين الهندي (سنڌي) موجلہ شطرنج سان مليو ٿو." ذوبان جي حيرت انگيز پيشنگوئي تي تبصرہ ڪندي علامہ ابن خلدون وڏيڪ لکي ٿو تہ، "منهنجو خيال آهي تہ جن ترڪن جي ظهور لاءِ ديالمن کان پوءِ ذوبان اشارو ڪيو اهي سلجوقي هئا، جن جي بادشاهت ستين صديءَ جي آغاز ۾ ختم ٿي." (١)

ذوبان وڏي ڪمال درجي جو نجومي هو. سندس پيشنگوئي جو هڪ هڪ اکر صحيح ثابت ٿيو. مامون جي پاءُ امين کي واقعي طاهر شڪست ڏني هئي. امين جي لاش تي سندس ماءُ بيبي زبيده خاتون آئي ۽ پنهنجي هڪ عربي شعر ۾ طاهر کي پاراتو ڏيئي چوي ٿي تہ:

اتي طاهر لاطهره الله طاهرا
"فما طاهر فيما اتيٰ بمطهر"

يعني ڪاڏنهون جو هي طاهر آيو، خدا ڪيس طاهر يعني پاڪ نہ ڪري. طاهر جو ڪجهہ ڪيو اهو ناپاڪ ۽ پليت ڪارنامو آهي. مامون کان پوءِ واقعي بادشاهت سندس پاءُ ڏانهن منتقل ٿي ۽ ديالمن ۽ ترڪن (سلجوقين) جي اقتدار متعلق بہ ذوبان جي پيشنگوئي صحيح ثابت ٿي. وڏيڪ حيرت آهي جو ذوبان پنهنجي فن جي مهارت لاءِ ڏاهر جي پاڻتي چچ بن ڏهرسين جو نالو وٺي ٿو. اهڙائي سنڌي نجومي هئا جن ڏاهر کي سندس پيءُ جي قسمت متعلق پيشنگوئي ڪئي هئي.

مون قارئين جي آڏو علم نجوم، پامسٽري ۽ جفر جي تاريخ محض ان ڪري بيان ڪئي تہ انهن علوم جي حقيقت آهي ۽ نجومي ڪنهن بہ معاملي بابت پيشنگوئي ڪري سگهن ٿا. اوهان اهو بہ پڙهي آيا تہ اڳيان بادشاهہ پنهنجن سلطنتن ۽ ٻين مسئلن بابت نجومين کان مشورہ وٺندا هئا، جيئن راجا ڏاهر ورتو هئو. گهانا جي سابق صدر انڪروما نجوميءَ جي مشوري تي هڪ مصري عورت سان شادي ڪئي هئي. ڪڏهن ڪڏهن نجومين پنهنجي غلط راين سان بادشاهن جا تختا بہ ڪدي ڇڏيا آهن ڇوجو غيب جو علم فقط الله تعاليٰ وٽ آهي. نپولين بوناپارٽ واٽرلو واري جنگ (جون ١٨١٥) نجوميءَ جي غلط راءِ جي ڪري هارائي. اسان جي پنهنجي وقت گهانا جي سابق

---

(١) مقدمہ ابن خلدون صفحہ ٢٣١ مترجم سعد حسن

صدر انڪروما کي پنهنجي نجوميءَ ٻاهرين ملڪ جي دوري ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. چنانچ ١٩٦٦ع ۾ انڪروما پيڪنگ جي هڪ سرڪاري ضيافت ۾ تقرير ڪري رهيو هو، جو سندس ملڪ ۾ ڪرنل ارنسي هن جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو هو. بهرحال حساب جي غلطي ٿيندي آهي.

مون علم نجوم جي تاريخ بيان ڪئي آهي. ڏاهر کي نجوميءَ ڦڦڙي وڌي، ان ڪري پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪيائين. اگرچ هن سان همبستر نہ ٿيو. ان ڪري چچنامہ جي هيءَ روايت بالڪل صحيح آهي. شاهہ سائين جو اهو چوڻ تہ هيءَ ڳالهہ غلط آهي سا حقيقت تي مبني نہ آهي. منهنجي ڪيس مودبانہ گذارش آهي تہ تاريخ کي ڏکن سان رد نہ ڪري. اها ڳالهہ تہ چچنامي جي لکندڙ کي بہ معلوم هئي تہ هندو پنهنجي ڀيڻ ۽ سوٽ سان شادي نہ ڪندا آهن، جيتوڻيڪ سوٽن سان شادي ڪرڻ جي بندش هندن جي ويدن ۾ ڪانہ آهي. پر هي خصوصي نوعيت جو قصو هو، ان ڪري چچنامي ان جي روايت ڪئي آهي. ڏاهر محض بادشاهت بچائڻ لاءِ ائين ڪيو ڇو جو دنيا جي سيني شين کان اقتدار وڌيڪ پيارو آهي.

اڄ کان ڪيترا سال اڳ مشهور انگريز دانشور برٽراندرسل (Bertrand Russel) پاور (Power) نالي هڪ نهايت ئي دلچسپ ڪتاب لکيو آهي. ان ۾ رسل اقتدار جو فلسفہ ۽ ان سان ماڻهن جي وابستگيءَ جونهايت ئي عمدي نموني سان ذڪر ڪيو آهي. رسل جي راءِ آهي تہ پاور وڏ ۾ وڏ انسان جي پياري شيءِ آهي. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان هرجائز ناجائز طريقا استعمال ڪندو آهي، تاريخ ۾ نيرو، چنگيز ۽ هلاڪو خان جهڙن ظالمن لکها انسانن جو خون محض پنهنجي اقتدار واسطي ڪيو آهي. اقتدار کي بچائڻ لاءِ ماڻهو هر اخلاقي ۽ سماجي پابندين کان آزاد ٿي سرٽوڙ ڪوشش ڪندو آهي. ڏاهر بہ پنهنجي اقتدار ۽ بادشاهت بچائڻ لاءِ پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪئي، اگرچ ان سان همبستر نہ ٿيو. بهتر آهي تہ اقتدار ۽ ان جي فلسفہ بابت برٽراندرسل جي هن ڪتاب (پاور) (Power) مان چند حوالا پيش ڪجن. لکي ٿو "جن ماڻهن کي ٿورو اقتدار ۽ عروج مليل هوندو آهي، ائين ڏسڻ ۾ ايندو تہ اجا ڪين ڪجهہ وڌيڪ نصيب ٿئي تہ پوءِ مطمئن رهن. پر اهڙي تمنا رکڻ انهن جي ڀل آهي. هن قسم جون خواهشون بي انتهائي آهن ۽ جن مان تسڪين ملي نٿي سگهي. فقط الله تعاليٰ جي بي انتهائي ۽ ڪبريائي ۾ اهي آرام ۾ سهارو پسي سگهن ٿا."

(To those who have but little of Power and glory. It may

seen that a littlę more would satisfy them, but in this they are mistaken: these are in-satiable and infinite, and only in the infinitude of God could they tind repose, . P _ 8 unwin Books)

"جيڪڏهن خدا بڻجڻ (نعوذ بالله) ممڪن هجي ها ته هرڪو ماڻهو خدا بڻجڻ پسند ڪري ها."

(Every man would like to be God, if it were possible. P_ 8)

" انسان جي لامحدود خواهشن مان وڏي ۾ وڏيون ٻه خواهشون آهن، هڪ اقتدار ۽ ٻي عظمت."

(Of the infinit desires of man, the chief are the desiresfor power and glory. P _ 8)

" هن ڪتاب ۾ منهنجو تعلق محض ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ سان آهي ته، جهڙيءَ طرح طبعيات جي علم ۾ بنيادي تصور سگهه يا توانائي جو آهي، ساڳي مفهوم ۾ سماجي سائنس اندر به بنيادي قياس اقتدار جو آهي."

(In the course of this book I shall be concerned to prove that the fundamental consept in social sciene is power in the same sense in which energy is the fundamental in Physis. P _ 9)

"مطلب ته برٽراند رسل جو هي ڪتاب بيحد دلچسپ ۽ سبق آموز آهي. ان کي پڙهي حيرت ٿي ٿئي ته اقتدار هٿ ڪرڻ لاءِ انسان ڪيڏا نه حيلا وسيلا، ڪريل ۽ ذليل حرڪتون ڪري ٿو. اقتدار جي هوس مان فقط خدا جا نيڪ بندا ڇٽل آهن. اهي جڏهن به صاحب اختيار بڻيا ته هنن پاڪ انسانن پنهنجي ننڍ ڦٽائي خلق خدا کي آرام پهچايو. باقي ٻيا ماڻهو ته هرجائز ۽ ناجائز طريقا استعمال ڪري اقتدار حاصل ڪندا آهن ۽ ان کي بچائڻ لاءِ هر ممڪن تدبيرون استعمال ڪندا آهن. راجا ڏاهر به انهن مان هڪ هو. ڪيس خبر هني ته نجوميءَ جو حساب ڪوڙو ٿي نه ٿو سگهي ۽ واقعي سندس ڀيڻ اروڙ جي راڻي ٿيندي، معنيٰ ته سندس مڙس اروڙ جو راجا هوندو ان حالت ۾ سندس اقتدار خطري ۾ پنجي ويو. ان سبب ڪري ٻڌيمن وزير ۽ ٻين نڪرن جي صلاح تي زهر جو پيالو پي پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪيائين جيتوڻيڪ هن سان همبستر نه ٿيو.

سائين جي ايم سيد صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ هيءَ وڏي ڪمزوري ڏيکاري آهي جو شاديءَ متعلق چچنامي جي تصريح کي مڪمل نظرانداز ڪري پنهنجي طرفان هڪ من گهڙت ٿيئري پيش ڪئي آهي پر مون مٿي ثابت ڪيو آهي ته چچنامه هن جو پڙهيل ني

نہ آهي جو سومرن جو حوالو ان ڪتاب مان ڏنو اٿس. ڏاهر نہ پيڻ سان شاديءَ ڪري ان سان همبستر نہ ٿيو ۽ ان طرح شرافت جو مظاهرو ڪيائين، پر شاھ سائين کي خبر نہ آهي تہ تاريخ ۾ اهڙا انسان بہ ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي مائرن سان شاديون ڪيون، مثلا يونان جي تاريخ ۾ ٿيبس (Thebes) جي بادشاھ اوڊيپس پنهنجي پيءُ لايس (Laius) کي قتل ڪري پنهنجي حقيقي ماءُ ايپي ڪاسٽ (Epicaste) سان شادي ڪئي هئي. لايس کي ڪنهن غيب دان ٻڌايو هو تہ تنهنجو پٽ توکي ماريندو ان ڪري ڪيس گهران نيڪالي ملي. پٽ آخر پيءُ کي ڪهي پنهنجي ماءُ سان پرڻيو. يونان جو مشهور شاعر هومر (Homer) هن دردناڪ قصي بيان ڪندي انڪشاف ٿو ڪري تہ باالاخر اوڊيپس جي ماءُ پٽ جي هن طرز عمل خلاف احتجاج ڪندي خود ڪشي ڪئي هئي. تاريخ اهڙن مثالن سان پري پئي آهي. ڪيترائي بي غيرت انسان پنهنجن ڀينرن، ڀائيجن، ڀڻين، ڏيٽرن ۾ ڪا شناس نہ ڪندا آهن. جناب جي ايم سيد صاحب ذرا نظر ڦيرائي ڏسي تہ ڇا ٿو وهي واپري، اسان جي پنهنجيءَ سنڌ ۾ بہ اهڙا واقعات رونما ٿين ٿا، جن جي ٻڌڻ سان لڳ ڪانڊارجي ٿا وڃن. هڪ اهڙو واقعو اخباري حوالہ سان نقل ڪجي ٿو. هيءَ اندوهناڪ خبر روزاني "عبرت" اخبار جي سانگهڙ واري نمائندي جي آهي جا اخبار جي ٢٩ نومبر ١٩٧٤ع واري اشاعت ۾ هن نموني شايع ٿي:

"سانگهڙ ٢٨ - (يوسفاڻي ن - ع) ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج سانگهڙ قاضي خدابخش اڄ هتي ڦجو نالي هڪ شخص کي ڌيءَ سان زنا ڪري قتل ڪرڻ تي ڦاسيءَ جي سزا ڏني. واقعي مطابق ڳوٺ باقر نظاماڻي تعلقہ شهداد پور جو جوابدار عبدالحفيظ عرف ڦجو سنڌس نوجوان ڌيءَ پروين سان زنا ڪندو هو، ۽ جنهن تي سنڌس ڌيءَ کي پيٽ ٿي پيو ۽ ان کي لڪائڻ لاءِ سنڌس پيءُ ڌيءَ جي شادي ڪري ڇڏي. پر پهرين رات ئي مڙس کي خبر پنجي وئي جيڪو ٻئي ڏينهن ڪيس مائٽن ۾ ڇڏي ويو. پر ان ڏينهن بہ ڇوڪريءَ جي پيءُ ڌيءَ کي ساڻس زنا لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هوءَ ان وقت راضي نہ ٿي جنهن تي ڪاوڙجي سنڌس پيءُ ڪيس قتل ڪري ڇڏيو." (عبرت ٢٩ نومبر ١٩٧٤ع).

مٿين وحشتناڪ خبر تي ڪابہ تبصره ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. اوهان پاڻ اندازو لڳايو تہ جڏهن هن قسم جا واقعا بہ ٿين ٿا تہ پوءِ اوهان کي اها ڳالھ ڇونہ ٿي سمجهڻ ۾ اچي تہ ڏاهر نجوميءَ جي خوف ڏيارڻ تي پنهنجيءَ ڀيڻ سان شادي ڪئي هئي، تانتہ هن جي

بادشاهت کي لوڏو نہ اچي. مون کي هڪ آنجهاني هندو آفيسر جي ذاتي خبر آهي تہ هو پنهنجي ننهن سان لڳل هو. وڏن ماڻهن ۾ بہ اهڙا کيترائي بي غيرت آهن. ڀاڻيجي يعني ڀيڻ جي ڌيءَ جي عصمت بہ ڀيڻ وانگي هر مذهب ۾ تسليم ٿيل آهي، پر ٿورن ماڻهن کي شايد خبر هجي تہ نازي جرمنيءَ جو هٽلر (Hitler) پنهنجيءَ ڀاڻيجيءَ سان لڳل هو. هٽلر جي مستند سوانح نگار الان بلاڪ (Alan Bullock) پنهنجي ڪتاب (Hitler: A study In tyranny) ۾ ٻڌائي ٿو تہ هٽلر پنهنجي ڀيڻ انجيلا (Angela) جي ڌيءَ گيلي راٿو بال (Gelli Rau-bal) سان عشق ڪيو هو. (ملاحظہ ٿئي ڪتاب مذڪوره صفحہ ٢٥).

مون ڏاهر جي پنهنجي ڀيڻ سان شاديءَ متعلق سچو واقعو چچنامہ مان مٿي نقل ڪيو. علم نجوم ۽ مستقبل بابت پيشنگوئي ڪرڻ جي ٻين علمن جهڙوڪ پامسٽري ۽ علم جفر تي روشني وڌي. ذوبان نجوميءَ جا حيرت انگيز ڪارنامہ محقق ابن خلدون جي حوالي سان ٻڌايا. برٽرانڊ رسل جي ڪتاب مان پڻ ٽڪرا پيش ڪيا. يونان جي بادشاهہ جي پنهنجي ماءُ سان شاديءَ جو قصو اوهان پڙهيو. ڏيٺرن سان ٻچڙي فعل ڪرڻ جا واقعا ۽ هٽلر جي پنهنجي ڀاڻيجيءَ سان عشق اهي سڀ ڳالهيون ان امر تي دلالت ٿيون ڪن تہ ڏاهر بہ ڀيڻ سان شادي ڪئي. سائين جي ايم سيد صاحب هن تاريخي قصي کي نہ ٿو مڃي تہ پوءِ سياڻي ائين بہ لکي سگهي ٿو تہ ڏاهر جهڙو شخص بہ تاريخ ۾ پيدا ڪونہ ٿيو.

"ان ڪــنــت لاتـــدري فـــتــلــڪ مــصــيــبــة
وان ڪـــنـــت تـــدري فـــالــمــصــيــبــة اعــظــم"

(نہ ٿو سمجهين اهائي مصيبت آهي، پر جي وري سمجهين ٿو تہ اها وڏي مصيبت آهي.)

ڏاهر جي خلاف ٻيو الزام تہ هن عرب جي ڪن ماڻهن کي قيد ڪيو هو. ان جي جواب ۾ شاهہ سائين زير تبصره ڪتاب ۾ لکي ٿو، "ٻي ڳالهہ جا هن جي برخلاف هلائي وڃي ٿي سا اها آهي تہ سيلون جي راجا ڪان عرب جي بادشاهہ ڏي ڪي سوکڙيون ۽ تحفا هن ڦرائي، ماڻهن کي قيد ڪرايو هو. ان ڪري عيوضي وٺڻ لاءِ هي حملو ڪيو ويو. ان ڳالهہ لاءِ بہ ڪو ثبوت نہ آهي تہ راجا ڏاهر اهو ڪم ڪرايو هو. انهن ڏينهن ۾ سامونڊي ڌاڪہ زني عام هوندي هئي. ڪن دريائي ڌاڪن ائين ڪيو هجي تہ ان ۾ شڪ نہ ٿي سگهي ٿو. راجا ڏاهر جهڙي وڏي حاڪم کي اهڙيءَ ڌاڪہ زنيءَ مان ڪهڙو فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو. اهو حملي لاءِ بهانو بنائڻ سراسر ڌوکو ۽ بهتان آهي." (صفحہ ١٤)

سائين جي ايم سيد صاحب غلط لکيو آهي ته ڏاهر تي الزام آهي ته هن پاڻ تحفا قرآني ماڻهن کي قيد ڪرايو هو. تاريخ چچنامه، يا علامه بلاذري جي فتوح البلدان ۾ ائين لکيل ڪونه آهي ته ڏاهر پاڻ سازش ڪري ڦر لٽ ڪرائي هئي. چچنامه جي روايت مطابق ته اهو ڪم چورن جي هڪ ٽولي نڪامره ڪيو هو. مؤرخ بلاذري انهن ڌاڪن کي ميد سڏي ٿو. شاهه سائين جو اهو چوڻ به غلط آهي ته ماڻهن کي قيد ڪرايو ويو هو. حقيقت هيءَ آهي ته مسلمان عورتون پڻ گرفتار ڪيون ويون هيون. مقام شڪر آهي جو سائين جي ايم سيد صاحب ايترو ته تسليم ڪري ٿو ته " انهن ڏينهن ۾ ساموندي ڌاڪرزني عام هوندي هئي. ڪن دريائي ڌاڪن ائين ڪيو هجي ته ان ۾ شڪ نه ٿي سگهي ٿو.

هاڻي مان سنڌ تي عربن جي ڪاهه جا سبب بيان ڪندس جي چچنامه ۽ ٻين تاريخن ۾ لکيل آهن ۽ بعد ۾ ان تي تفصيلي بحث ڪندي ثابت ڪندس ته عربن جي هيءَ ڪاهه جائز هئي ۽ ڏاهر کي پنهنجي مغروري ۽ هٺ ڌرمي جي سزا ملي.

چچنامه جي روايت آهي ته " چون ٿا ته سرانديپ (يعني سيلون) جي راجا جزيرة اليواقيت (ياقوتن جو ٻيٽ) مان حجاج لاءِ ٻيڙيءَ رستي تحفا ۽ سوکڙيون موڪليون، (انهن سان گڏ) عجيب موتي ۽ جواهر، حبشي ٻانها ۽ ٻانهيون، پڻ ٻيا لائق تحفا ۽ بيمثال ساندڻ لائق سوکڙيون به دارالخلافت ڏانهن روانيون ڪيائين. ڪي مسلمان زالون پڻ ڪعبي شريف جي زيارت ۽ دارالخلافت جي ڏسڻ لاءِ انهن سان گڏجي روانيون ٿيون. جڏهن ڪازورن ملڪ ۾ پهتا ته مخالف واءُ اٿيو ۽ جهازن کي تواني ڪري وڃي ديبل جي ڪناري تي ڪڍيائين. هڪ چورن جو ٽولو جنهن کي نڪامره چوندا هئا ۽ ديبل جا رهاڪو هئا سي اٺن ئي جهازن کي پڪڙي، انهن ۾ ٻيل سامان ڪٽي، مردن ۽ زالن کي گرفتار ڪري، سان ۽ جواهر سڀ ڍوني ڪٽي ويا. سرانديپ جي بادشاهه جي ماڻهن ۽ عورتن گهڻو ئي چيو ته هو هي مال وقت جي خليفي ڏانهن نيئي رهيا آهن. مگر انهن توجهه نه ڪيو ۽ سيني کي بند ڪري ڇپائون ته: جيڪڏهن توهان جو ڪو دادرسي ڪندڙ آهي ته پاڻ کي وري خريد ڪريو. (اتي هڪڙيءَ زال دانهن ڪري چيو ته) يا حجاج يا حجاج اغثني! او حجاج او حجاج منهنجي واهر ڪر منهنجي واهر ڪر! اها عورت بني عزيز قبيلي مان هئي. حجاج هيءَ ڳالهه ٻڌي چيو ته " لبيڪ لبيڪ".

وسط آسعدي ٻڌايو ته جڏهن ديبل فتح ٿيو، تڏهن انهيءَ زال کي ڏٺم، سنڌس چمڙي سفيد ۽ قد ڊگهو هو. ديبلي جا واپاري آيا ۽

جيڪي ماڻهو انهيءَ ٻيڙي مان ٻچي نڪتا هئا، تن اچي حجاج کي هن حال جي خبر ڏني ته مسلمان زالون ديبل ۾ قيد آهن ۽ يا حجاج يا حجاج اغثني اغثني چئي فرياد ڪري رهيون آهن. حجاج هيءَ ڳالهه ٻڌي لبيڪ لبيڪ (حاضر آهيان حاضر آهيان) پڻ روايت ۾ آهي ته حجاج کي جڏهن مسلمان عورتن جي خبر پهتي ته (هو چئي رهيون آهن) اي حجاج! اسان جي واهر ڪر (تڏهن چيائين) ته انهن عورتن گويا مونکي ننڊ مان بيدار ڪيو آهي ته ظالمن ۽ نالائقن کان اسان جي فرياد رسي ڪر جو قيد ۾ پيون آهيون." (ڏسو چچنامه سنڌي ترجمو صفحه ١٢٤ تا ١٢٦)

مون چچنامي مان اصل حوالو نقل ڪيو آهي. ان جي مطالعه مان پڙهندڙ حضرات سمجهي ويا هوندا ته هيءَ جنگ ڇو لڳي. تاريخ تحفة الڪرام جو مصنف مير علي شير قانع ٺٽوي به چچنامه جي مٿين روايت نقل ڪري ٿو. (ملاحظه ٿئي تحفة الڪرام سنڌي ترجمو صفحه ٢١) پر علامه بلاذري چچنامه جي ڪن جاين سان اختلاف ڪري ٿو. تحفة الڪرام جي ساڳئي صفحه تي هيٺ حاشيي ۾ مترجم مرحوم امير احمد صاحب لکي ٿو، " هيءَ بيان سموري فتحنامه (يعني چچنامه) جي موافق آهي، پر بلاذري ڪن جاين ۾ مخالف آهي، بلاذري جي بيان موجب، اهي عورتون انهن مسلمانن جون ڌيئرون هيون. جي تجارت جي خيال کان سرانديپ ٻيٽ ۾ آيا هئا ۽ اتي ئي وفات ڪيائون. سرانديپ جي بادشاهه، دوستي ڳنڍڻ خاطر، انهن عورتن کي حجاج ڏانهن روانو ڪيو. ٻيو ته بلاذري جي چوڻ موجب دانهن ڪندڙ عورت بني يربوع قبيلي مان هئي. ٽيون چورن جيڪي ٻيڙيون ڦريون هيون، ديبل جي ميد قوم جا هئا(بلاذري صفحه ٤٢٣")

صاحب چچنامه ۽ مؤرخ بلاذري جي روايتن جي ڀيٽا ڪندي معلوم ٿيندو ته ٻئي تاريخدان متفق آهن ته سيلون جي راجا تحفا تحائف خليفي ڏانهن موڪليا هئا. انهن ۾ عورتون به هيون. انهن کي ديبل بندر وٽ چورن ڦريو، چچنامه موجب اهي نڪامره چور هئا. بلاذري موجب اهي ميد هئا. بهرحال چورن جي لٽمار ۽ عورتن جي قيد ٿيڻ تي ٻئي متفق آهن. جنهن عورت اغثني يا حجاج چئي پڪاريو، چچنامه جي روايت موجب اها بني عزيز قبيلي جي هئي. پر بلاذري مطابق اها بني يربوع قبيلي مان هئي. هي معمولي اختلاف آهي. ان عورت جي فرياد ڪرڻ تي ٻئي همخيال آهن.ياد رهي ته صاحب فتوح البلدان احمد بن يحيٰ بن جابر بن داؤد الڪاتب البغدادي، جيڪو البلاذري جي لقب سان مشهور آهي سنه ٢٨٠

هجري يعني اڄ کان يارنهن سؤ پندرنهن سال اڳ وفات ڪئي هئي. عربن ۽ ڏاهر جي وچ ۾ جنگ لڳڻ جا هي اسباب ايڏا تہ مضبوط، روشن ۽ تاريخي آهن جو بعد ۾ غير مسلم ڏاهر جي هم مذهب هندو مؤرخن بہ اُن کي صحيح سمجهي تسليم ڪيو آهي. مثلا انڊيا جو هندو مؤرخ ڊاڪٽر تارا چند وڏيءَ شهرت جو مالڪ آهي. هن انگريزيءَ ۾ (Influence of Islam over indian culture) يعني تمدن هند تي اسلامي اثرات نالي هڪ فاضلانہ ۽ محققانہ ڪتاب لکيو آهي جنهن جو اردو ترجمو پروفيسر محمد مسعود احمد صاحب ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب اُن امر جي تصديق ڪري ٿو تہ عرب مسلمانن نون ساحلي شهرن جنوبي هند ۽ سلون جي گادي لنڪا ۾ آباديون بڻايون هيون ۽ عربن جي سنڌ تي ڪاهہ بنسبت بلاذريءَ جي روايت جي تصديق ڪندي لکي ٿو تہ ، محمد بن قاسم جي مهم جي فوري اسباب متعلق بلاذري جي بيان مان انهن ملڪن ۾ مسلمانن جي رهڻ جو پتو پوي ٿو. هو روايت ڪري ٿو تہ لنڪا جي بادشاهہ حجاج جي خدمت ۾ تحفي طور ڪي ڇوڪريون موڪليون. هي انهن عرب واپارين جا يتيم ٻچا هئا جيڪي سنڌس ملڪ ۾ مري ويا هئا، يعني ڪڇ جي قزاق قبائل جهازن تي حملو ڪري ڏنو ۽ ڇوڪرين کي پڪڙيو ويو! حجاج راجا ڏاهر کان انهن جي واپسي جو مطالبو ڪيو ليڪن هن اهڙي تعميل نہ ڪئي. ان تي حجاج محمد بن قاسم جي قيادت ۾ مهم موڪلي. هن مهم ۾ بحري ٻيڙو ساڻ هئن، جنهن سان ديبل تي حملي ڪرڻ وقت مدد ملي. (تمدن هند پر اسلامي اثرات از ڊاڪٽر تاراچند ترجمہ مسعود احمد طبع اول صفحہ ٥١ مجلس ترقيءَ اردو ادب).

ڊاڪٽر تاراچند کان علاوه ٻيو نامور هندو مؤرخ جنهن ڇچنامہ ۽ بلاذري جي راويت جي تصديق ڪئي آهي، اهو پروفيسر اشوري پرساد (Ishwari Parsad) آهي جنهن قرون وسطيٰ اڇي هندستاني عهد جي تاريخ لکي آهي (Medival History of India) هن ڪتاب جو پيش لفظ نامور برطانوي مؤرخ پروفيسر رشبروڪ جو لکيل آهي. اشوري صاحب عرب مسلمانن جي فتوحات جو ذڪر ڪندي لکي ٿو، " هڪ فوج افغانستان جي بادشاهہ خلاف ۽ ٻي فوج سنڌ جي ديبل بندر جي بحري ڌاڪن کي سزا ڏيڻ لاءِ موڪلي وئي هئي. سيلان جي راجا قيمتي سوکڙين پاکڙين سان اٺ جهاز پري خليفي ۽ حجاج ڏانهن موڪليا هئا. (ديبل بندر وٽ) انهن ساموندي ڌاڙيلن سيني جهازن جي ڦرلٽ ڪئي هئي. پر هي حجاج طرفان سزا ڏيڻ جي مهم ناڪام ٿي، جا خليفي حجاج جي خصوصي درخواست تي منظور

ڪني هئي. ان مهم جي عرب سپهه سالار (اشارو بديل ابن طهفة) کي شڪست ملي ۽ سنڌ واسين ان کي ماري ڇڏيو هو. هن موتمار ناڪامي تي حجاج سخت شرمساري ۽ ذلت محسوس ڪئي. حجاج سختگير ۽ زودحس طبيعت جو مالڪ هو، تنهن اهل سنڌ کان انتقام وٺڻ جو قسم کنيو ۽ هڪ نئين مهم جو ارادو ڪيائين، جيڪا اڳين کان وڌيڪ منظم ۽ مسلح هئي. ان جي چارج محمد بن قاسم کي ڏني ويئي، جنهن جي نشاندهي ڪندي نجومين ان کي بختاور قرار ڏنو."

(An army was also sent against the king of kabul and other to chastise the pirates of Debal in sindh. It was entrusted to Muhammad bin Qasim who was pointed out by the astrologers as the luckiest man to be charge of it. _ P...... Found Indian press Allahabad.)

مٿي ٻن نامورن هندو مؤرخن جي لکيل تاريخن مان حوالا ڏنا ويا آهن، جن سيلان جي راجا وارين سوکڙين جي قصي کي صحيح سمجهي، ديبل بندر وٽ بحري ڌاڪن جي لٽمار جي واقع کي نقل ڪيو آهي. هندو تاريخدانن کي به ان کان انڪار نه آهي پر افسوس جو اڄ ڪلهه سنڌ ۾ بعض نوان مؤرخ پيدا ٿيا آهن، جي ان حقيقت کي غلط سمجهي چون ٿا ته اها منطق جي خلاف آهي ۽ چچنامه تاريخ نه آهي محض ڏند ڪثائون آهن (ملاحظه ٿئي ماهوار برسات جو عوامي حڪومت سالگرهه نمبر صفحه ۹ پير حسام الدين راشدي جو انٽر ويو).

آءٌ فقط ايترو عرض ڪندس ته اوهان جو پنهنجو منطق ڪمزور آهي. اوهان علم منطق متعلق نه ارسطو جو ڪتاب پڙهيو آهي ۽ نه برٽراندرسل جو ڪتاب (Logic and knowledge) يعني منطق ۽ معلومات جو مطالعو ڪيو آهي. هن ابن خلدون گبز، ٽائنبي ۽ ٻين ڪيترن ئي تاريخدانن کي پڙهيو ئي ڪونهي. ان ڪري چچنامه جي روايت هن جي منطق ۾ نه ٿي اچي. مان ڪيس گذارش ٿو ڪريان ته هو جنگين جي تاريخ متعلق ڪنسي رٽ (Quincy wright) جو ڪتاب "جنگين جو مطالعو" (Study of wars) پڙهي ڏسي، پاڻهي کيس سمجهه ۾ ايندي ته عربن نه پنهنجي ماڻهن جي فرياد تي جنگ ڪئي جو ڪيترائي انسان عورتن سوڌا گرفتار ٿيا هئا ۽ احتجاج جي باوجود به ڏاهر ڪو نوٽيس نه ورتو. پر تاريخ ٻڌائي ٿي ته محض آفيم جهڙي موذي شيءِ جي وڪري تي بندش وجهڻ سان چار سال سانده جنگ لڳي آهي. ان جنگ جو نالو ئي آهي " چين جي آفيم واري

لڙائي." هن جنگ لڳڻ جو مختصر تفصيل هن ريت آهي ته سترهين صدي جي پڇاڙيءَ ۾ جاوا جي ٻيٽ مان آفيم چين ۾ پهتو. ماڻهو ان کي گهڻي تعداد ۾ استعمال ڪرڻ لڳا. چيني گورنمنٽ آفيم جي وڪري تي بندش وجهي ڇڏي. انگريز سرڪار چين جي حڪمرانن تي زور آندو ته آفيم جي وڪري تان بندش لاٿي وڃي. چين جي سرڪار انڪار ڪيو. نتيجي طور برطانيه ۽ چين جي وچ ۾ ١٨٣٩ع کان ١٨٤٢ ع تائين يعني مسلسل چار سال جنگ لڳي، جنهن کي آفيم جي لڙائي چوندا آهن.

اوهان اندازو ڪريو ته چئن سالن ۾ ڪيترو نه جاني ۽ مالي نقصان ٿيو هوندو! آخرڪار ١٨٤٢ ع ۾ جنگ کي ختم ڪرڻ لاءِ نانڪنگ جو معاهدو (Nanking agreement) ٿيو. ان مطابق چين کي هانگ ڪانگ جو ٻيٽ معاوضي طور انگريزن کي ڏيڻو پيو جو اڄان تائين هنن جي قبضي ۾ آهي. (١)

مون کي يقين آهي ته آفيم جي لڙائي جي پس منظر معلوم ڪرڻ بعد قبله پير صاحب جي منطق ۾ سولائي سان عربن جي ڳالهه ايندي. يعني هي ته جڏهن آفيم جي بندش تي چار سال لڙائي لڳي سگهي ٿي ۽ ان جو تاوان به چين کي ڏيڻو پيو ته پنهنجن ماڻهن يعني مردن توڙي عورتن کي واپس ڪرڻ لاءِ عربن جي ڏاهر سان جنگ سولائي سان منطق ۾ اچي ٿي. چچنامه جي هيءَ روايت صحيح آهي. ان کي هندو مؤرخن پڻ تسليم ڪيو آهي.

افسوس جو هتي ايتري گنجائش نه آهي ورنه ٻين ڪيترين جنگين جون وارداتون پيش ڪجن ها. جيئن مٿي عرض ڪيم ته ڪننسي رٽ تمام جنگين جو تفصيلي احوال قلمبند ڪيو آهي.

جي ايم سائين وڏيڪ لکي ٿو ته " ڪن دريائي ڌاڪن ائين ڪيو هجي ته ان ۾ شڪ نه ٿي سگهي ٿو: راجا ڏاهر جهڙي وڏي حاڪم کي اهڙي ڌاڪه زنيءَ مان ڪهڙو فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو؟" (صفحه ١٣)

شاه سائين جي مٿينءَ عبارت مان ظاهر آهي ته هو ڌاڪه زنيءَ کي تسليم ڪري ٿو. پاڻ هڪ سياستدان به آهي. کيس چڱيءَ طرح خبر آهي ته هڪڙي ملڪ جا شهري جيڪڏهن ٻي ڪنهن ملڪ ۾ قرجن، قيد ٿين، يا ڪسجن ته ان حالت ۾ وقت جي بادشاه سان احتجاج ڪبو آهي. فرض ڪيو اسان جي ملڪ جا ڪي شهري ايران ۾ زيارتين جي مقصد سان وڃن ٿا. ايران ۾ اهي ڌاڙيلن جي ور چڙهن ٿا، جي هنن جو مال لٽي ڪين پاڻ وٽ جهلين ٿا. ان حالت ۾

(١) هر هاڻي ١٩٩٨ع ۾ اهو واپس چين کي ملي چڪو آهي.

اسان جي حڪومت ڇا ڪندي؟ ظاهر آهي ته اها حڪومت ايران سان احتجاج ڪندي ۽ پنهنجي ماڻهن جي واپسيءَ لاءِ ڪوشش ڪندي. اسان جي حڪومت تساهل ڪرڻ جي حالت ۾ سخت بدنام ٿيندي بس اهوئي ڪم حجاج ڪيو. پنهنجن ماڻهن جي واپسيءَ لاءِ هن ڊپلوميٽڪ سطح تي هڪ قاصد ذريعي ڏاهر سان مذاڪرات جاري ڪيا. پر افسوس جو مغرور ۽ هٺ ڌرم برهمڻ راجا ڪو خاطر خواهه جواب نه ڏنو. بهتر آهي ته حجاج جي قاصد موڪلڻ واري قصي ڪي اصل چچنامه تان نقل ڪجي.

چچنامه ۾ لکيل آهي ته: " پوءِ حجاج، ڏاهر بن چچ ڏانهن هڪ قاصد موڪليو ۽ محمد بن هارون ڏانهن (پڻ) خط لکيائين ته هن قاصد سان ڪو اعتماد جوڳو ماڻهو ساڻ ڏيئي، ڏاهر بن چچ ڏانهن موڪل ته وڃي ڪيس چوي ته مسلمان عورتن ڪي ڇڏي ڏئي ۽ دارالخلافة جا تحفا واپس ڪري، پر زالن جي حالت به معلوم ڪري. هڪ خط ڏاهر ڏانهن پڻ لکيائين. جنهن تي پنهنجي دستخط ڪري قاصد ڪي ڏنائين. جنهن ۾ نهايت ئي تاڪيد سان دڙڪو تاب لکيائين. جڏهن هي خط ڏاهر بن چچ ڪي پهتو ۽ ميدن جو ديبل پڻ ڏاهر بن چچ جي بادشاهيءَ ۾ هو، تڏهن خط پڙهي ۽ جيڪي پيغام موڪليل هئا، سي ٻڌي جواب ڏنائين ته هي ماڻهو چور آهن ۽ انهن کان وڌيڪ طاقتور ڪو ڪونه آهي. اسان جي پڻ تابعداري ڪونه ڪندا آهن." (صفحه ١٢٦).

مٿين اقتباس مان صاف ظاهر آهي ته عربن پنهنجي ماڻهن ڪي آزاد ڪرائڻ لاءِ سفارتي سطح تي حيلا وسيلا هلايا ۽ هرويرو اگرائي ڪري ڪو تڪڙو قدم نه کنيو. پر افسوس جو ضدي ۽ مغرور برهمڻ حاڪم ان تي ڪن نه ڏنو. سندس جواب ته هي ماڻهو چور آهن ۽ اسان جي پڻ تابعداريَ ڪونه ڪندا آهن. ڏيکاري ٿو ته هن ماڻهن جي قيد ڪرائڻ ۾ دلچسپي ورتي. ڪوبه مهذب حاڪم اهڙو غير ذميوارانه بيان ڏئي نه سگهندو. ڏاهر جي ٺپ جواب ڏيڻ کان پوءِ چچنامه ۾ اچي ٿو ته، " هن خبر پهچڻ تي حجاج خليفي وليد بن عبدالملڪ جي خدمت ۾ اطلاع موڪلي ڪانئس سنڌ ۽ هند جي جهاد جي اجازت طلب ڪئي. خليفي حجاج ڪي موڪل نه ڏني." (صفحه ١٢٦، ١٢٧)

قارئين ڪرام ڪي معلوم ٿيو ته عربن سنڌ تي رضا خوشيءَ سان ڪونه ڪاهيو. پر ان لاءِ هو ڏاهر جي سخت روش ڪري مجبور ٿيا. حقيقت هي آهي ته ڏاهر جو عرب مسلمانن(SARACENS ڪي پنهنجي ڏوهه جي باوجود ڪتو جواب ڏيڻ، ائين آهي جيئن اڄ ڪلهه

جي دور ۾ اردن جهڙي رياست جو آمريڪا يا روس جهڙي طاقتور ملڪ سان اڳرائي ڪري مقابلو ڪرڻ. ڏاهر جي انڪار جي باوجود جيڪڏهن عرب ماٺ ڪري گهر ويهي رهن ها ته نه صرف اندروني طرح سندن مخالفت ٿئي ها، پر ٻين قومن اڏو به ذليل ٿين ها. ڪين طعنو ملي ها ته ڏاهر کان پنهنجا ماڻهو نه ڇڏايو. اها حجاج ۽ سندس خليفي جي سياسي ضرورت هئي. وڏيڪ ته عورتن بنسبت سرب ڏاڍا حساس هئا. جاهليت جي زماني ۾ عربن جو هي معمول هو ته جنگين ۾ هتن جون عورتون مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائينديون هيون. سندن مرد تلوار ڪٺي دشمن جي مقابلي لاءِ ايندا هئا ۽ عورتون سندن پوئين صف ۾ بيت چئي مردن کي جوش ڏياريندي ڏياريندي هيون ۽ چونديون هيون ته: ان گهڙي جو تصور ڪيو، جڏهن اسين عورتون دشمن جي ور چڙهون. ڪاميابيءَ جي صورت ۾ اسين وفاداري ۽ تعاون جو يقين ٿيون ڏياريون ۽ شڪست جي حالت ۾ عليحدگي ۽ نفرت جو اظهار. عرب پنهنجي عورتن جي رجز ٻڌڻ تي پٺ تي نه موٽندا هئا ۽ دشمن کي شڪست ڏيارڻ لاءِ رت جو آخري قطرو به وهائيندا هئا. اهڙي ئي موقعي تي عربن جي هڪ شاعر حسين بن حمام چوي ٿو:

"فلسنا علي الاعقاب تدمي كلومنا ولكن علىٰ اقدامنا نقطر الدما."

يعني زخمن جو رت اسان جي ڪڙين تي نٿو ڪري، پر اهو رت اسان جي قدمن تي ڪري ٿو. (ڇاڪاڻ ته نيزن ۽ ڀالن جا زخم ميدان جنگ ۾ اسان جي جسم تي لڳن ٿا ۽ نه پٺيءَ تي).

عمرو بن ڪلثوم هڪ مشهور عرب شاعر ٿي گذريو آهي. سبع معلقات ۾ ڪيترن ئي انهي جا شعر پڙهيا هوندا. عمرو پنهنجن مخالفن کي للڪاري ٿو:

" الا لا يجهلن احد علينا فنهجل فوق الجهل جاهلينا فانا نورد الرايات بضا ونصدرهن حمرا روينا." يعني "خبردار اسان سان ڪو به جهالت نه ڪري نه ته اسان جاهلن کان وڌيڪ جاهل آهيون. اسان ميدان جنگ ۾ سفيد ڀالن سان ويندا آهيون ۽ واپسي ۾ انهن کي (رت سان) ڳاڙهو ڪري موٽائيندا آهيون."

اهڙن ئي غيرت مند بهادر ۽ منتقم مزاج عربن جون مسلمان عورتون ڏاهر جي بادشاهي ۾ قيد ٿيون ۽ احتجاج جي باوجود موٽائڻ کان انڪار ڪيائين. ڏاهر جو مسلمان عرب عورتن کي قيد ڪرڻ به ائين آهي، جيئن ڪو ڀيل ڪولهي يا مينگواڙ، غيور بروچن سان اهڙي زيادتي ڪري. مجبور ٿي عربن سنڌ تي حملو ڪيو. پهريائين بديل جي قيادت ۾ فوج موڪلي وئي پر هو شهيد ٿي ويو. بوءِ نجومين

جي مشوري تي غازي محمد بن قاسم چڙهائي ڪئي، جنهن ڪي فتح نصيب ٿي. ڏاهر جنگ هاراني ۽ عرب ڪامياب ٿيا ۽ چچنامہ جي روايت موجب ديبل بندر وٽ قيد مسلمان قيدي بہ صحيح سلامت مليا.

عربن ڏاهر سان جنگ ان هڪڙي سبب ڪري ڪانہ ڪئي هئي، پر ٻيا اسباب پڻ هئا. جهڙوڪ ڏاهر جو علافين کي پناهہ ڏيڻ. علافيءَ جي متعلق شاهہ سائين پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو: " نہ رڳو ايترو پر هڪ مسلمان عرب محمد علافي نالي ساري قبيلي سان بني اميہ جي ظلم کان لڏي سنڌ ۾ اچي راجا ڏاهر جي پناهہ هيٺ رهيو؟ حقيقت هي آهي تہ علافي پاڻ ظالم هئا. جن چچنامي جي روايت موجب مڪران جي گورنر سعيد (بن اسلم ڪلابي) کي قتل ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ هن سنڌن هم وطن سفهوي بن لام کي ماريو هو. (ڏسو چچنامہ جي روايت صفحہ ١١٨)

علافين گورنر جهڙي هڪ اعليٰ منصب واري شخص کي قتل ڪري اچي ڏاهر وٽ پناهہ سنڌ ۾ ورتي هئي. ياد رهي تہ علافي عربن جي حملي کان اٽڪل اٺ سال اڳ سنڌ ۾ رهيو هو. عربن جي محمد علافيءَ کي ڏاهر جي هٿان پناهہ ملڻ سان صاف ظاهر آهي تہ سنڌ جي راجا ڏاهر ۽ عربن جا تعلقات گهڻو اڳ بگڙيل هئا. پناهہ هميشه دشمن ملڪ ۾ وٺبي آهي.پاڪستان جي هڪ ليڊر اجمل خٽڪ کي افغانستان ۾ پناهہ ملي، ڇاڪاڻ تہ افغانستان جا تعلقات ڪشيده هئا. سنڌ مان قاضي فيض محمد ڀڄو تہ بنگلہ ديش وارن کيس پناهہ ڏني، ڇو جو ٻنهي ملڪن جا تعلقات نيڪ نہ هئا. قادر بخش نظاماڻيءَ کي عراق وارن اکين تي رکيو، ڇوجو ايران جي ڪري عراق پاڪستان سان نہ ٻيو ٿهي. ڇا اهي ٽيئي ڄڻا پاڪستان جي ڪنهن دوست ملڪ مثلا چين يا ليبيا ۾ پناهہ وٺي سگهن پيا؟ ظاهر آهي تہ جواب نفي ۾ ٿيندو. ساڳيءَ طرح علافين جي ڏاهر وٽ پناهہ وٺڻ جي صاف معنيٰ آهي تہ ڏاهر عربن سان ڪونسيندو رهيو. ڏاهر جو علافين کي سنڌ ۾ پناهہ ڏيڻ بہ جنگ جو مکيہ سبب هو. ان جي تصديق مير علي شير قانع جهڙو هڪ عظيم مؤرخ بہ ڪري ٿو. (١)

سائين جي ايم سيد صاحب کي خبر آهي تہ ان وقت (Extradition) يعني مجرمن کي پنهنجي حڪومت جي حوالي ڪرڻ وارو قانون تہ نافذ ٿيل ڪونہ هئو جو ان مطابق علافي باغي قوم جا ماڻهو وليد بن عبدالملڪ پاڻ وٽ ڏاهر کان طلب ڪري ها.هن قانون جي تاريخ جو مطالعو ڪيو تہ پهريون ملڪ جنهن ڏوهارين کي

---

(١) ملاحظہ ٿئي تاريخ تحفة الڪرام سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ صفحہ ٢٧

پنهنجي حڪومت جي حوالي ڪرڻ وارو ائڪٽ پاس ڪيو اهو بيلجيم آهي، جنهن پهرين آڪٽومبر ١٨٣٣ع ۾ هي بل پاس ڪيو. ان کان پوءِ آمريڪا ١٨٤٨ع ۾ فرانس ١٩٢٧ع ۾ هالئينڊ ١٨٤٩ع، برطانيه ١٨٧٠ع، سوئزرلينڊ ١٨٧٢ع، فرانس ١٩٢٧ع ۽ جرمني ١٩٢٩ع ۾ (Extradition act) پاس ڪيو. ان قانون کي بين الاقوامي طور تسليم ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ڪوبه ملڪ ان قانون جي خلاف ورزي ڪري ڪنهن به مجرم کي ٻئي ملڪ جي حوالي نه ٿو ڪري ته ان حالت ۾ اسين ڏسون پيا ته گهڻ ۾ گهٽ سفارتي تعلقات ٽٽي پون ٿا. مثلاً ١٩٦٧ع ۾ ايران جي محڪمه سراغ رساني جي سابق چيف ڪرنل تيمور بختيار پنهنجي ملڪ مان ڀڄي لبنان جي شهر بيروت ۾ پناهه ورتي هئي. ايران سرڪار بيروت گورنمنٽ کان ڪرنل تيمور کي واپس ڪرڻ لاءِ گهر ڪئي. بيروت سرڪار اها درخواست مسترد ڪئي. ان تي لبنان سان ايران سفارتي تعلقات ٽوڙي ڇڏيا. امريڪا جي نيگرو ليڊر مارٽن ليوٿرڪنگ کي، جيمس ري قتل ڪري وڃي برطانيه ۾ پناهه گزين ٿيو. امريڪي سرڪار (Extradition) قانون مطابق پنهنجي ملڪ جي ڏوهي جيمس ري کي طلب ڪيو. برطانيه سرڪار هڪدم هن کي آمريڪي حڪومت جي حوالي ڪري ڇڏيو.

هاڻي مان پڇان ٿو ته ڏاهر کي ڪهڙو حق پيو پهچي جو هن عراق جي مجرمن يعني علافين کي پاڻ وٽ پناهه ڏني هئي؟ جا ڳالهه سائين جي. ايم سيد به مڃي ٿو. حقيقت هي آهي ته سنڌ جي راجائن ايراني حاڪمن سان گڏجي هميشه عربن جي خلاف سازشون پئي ڪيون. آن ڪري اوائلي عرب مسلمانن کي پيو ڪوبه چارو ڪونه هو سواءِ جنگ ڪرڻ جي. انهن جنگ جي باقاعدي تياري نه ڪئي ۽ ڳالهه کي ٽاريندا پئي آيا. تانجو ديبل بندر وٽ سنڌن عورتون قيد ٿيون، ان جو تفصيلي ذڪر مٿي ڏنو ويو آهي.

خليفي وليد جي وقت ۾ عربن جي ڪاهه ڪرڻ جو ٻيون سبب هي هو ته سنڌن پاڙيواري ملڪ مڪران ۾ سنڌ جي ڌاڙيلن ۽ لٽمار ڪرڻ وارن قيامت برپا ڪري ڇڏي هئي ۽ ڪوبه ڏينهن سک سانت سان ڪونه گذرندو هو. انهن بدمعاشن کي سزا ڏيڻ لاءِ عربن کي سواءِ باقاعده جنگ ڪرڻ جي ٻيو ڪوبه ڏڳ ڪونه هئو. چنانچه مشهور مؤرخ جسٽس امير علي ان ڳالهه جي تصديق ڪندي پنهنجي ڪتاب "عرب مسلمانن جي مختصر تاريخ" (A Short History of Saracens) ۾ لکي ٿو:

(About the same time, Muhammad the son of Kasim. Governor of Mekran, harassed by the predatory tribes who in-

habited the country between Sind and Baluchistan. Ledan expedition of Sind, Multan and part of the Punjab as far as the beas. P _104, Macmillan and Co. 1961 ED)

مون محمد بن قاسم جي فوري مهم بنسبت تفصيل سان روشني وڌي آهي. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته ڏوهه سمورو راجا ڏاهر جو هو ۽ عرب انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿيا هئا. سائين جي. ايم سيد ۽ سندس فکر وارا ماڻهو پڇن ٿا ته محمد بن قاسم جي حملي کان اڳ ۾ عربن ڪيترائي ڀيرا سنڌ تي چڙهائي ڇو ڪاهيو؟ ان سوال جي جواب ڏيڻ کان اڳ ڪين گذارش ڪندس ته تاريخ ۾ هر ڳالهه تفصيل سان لکيل نه هوندي آهي. اجا ڪيترين ئي حقيقتون پرده غيب ۾ آهن. اڄوڪو دور اخبارن ۽ رسالن جو آهي. سنڌ جون اخبارون، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جو احوال لکڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن، پر ان جي باوجود ڪيترائي اهم واقعا رپورٽنگ کان رهجي ويندا آهن. تاڻن ۾ به سڀ ڏوهه درج نه ٿيندا آهن. انڪري هر سوال جو جواب تاريخ مان ملي، بالڪل ممڪن ڪونه آهي. آهو ته هو اصولي بحث، محمد بن قاسم کان اڳ اوائلي عرب حملن جي اسباب تي مؤرخين تفصيل سان روشني وڌي آهي. ابن قاسم کان اڳ وارن حملن جي اسباب تي جناب اعجاز الحق قدوسي پنهنجي ڪتاب " تاريخ سنڌ" حصه اول ۾ روشني وڌي آهي. هي ڪتاب مرڪزي اردو بورڊ وارن لاهور مان شايع ڪرايو آهي، سال ١٩٧١ع کان جناب اعجاز الحق اسان سنڌين ۾ ڪافي معروف ۽ مشهور آهي. ١٩٥٢ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جي صوفين جي تاريخ لکائڻ لاءِ صاحب موصوف جون خدمتون حاصل ڪيون هيون. هن ڪافي محنت کان پوءِ "تذڪره صوفياءِ سنده" نالي هڪ ڪتاب شايع ڪرايو ۽ ان جو پيش لفظ خودپير حسام الدين راشدي صاحب لکيو آهي. هن مان صاف ظاهر آهي ته سائين جي ايم سيد صاحب جي گروهه کي قدوسي صاحب تي مڪمل ڀروسو آهي.

مسلمانن جا سنڌ تي حملا جي اسباب جي عنوان تي پير حسام الدين راشدي صاحب جو هي ممدوح لکي ٿو ته، " ايران سنڌ جي اها پاڙيسري حڪومت هئي، جنهن سان سنڌ سرڪار جو ڪڏهن صلح رهندو هو ۽ ڪڏهن آنهن پنهي حڪومتن جا تعلقات ڪشيده ٿيندا هئا. ڪڏهن ايراني سنڌو درياءَ وارا علائقه پنهنجي قبضي ۾ آڻيندا هئا ۽ ڪڏهن سنڌي مڪران تائين پهچي ويندا هئا. پر جنهن زماني ۾ (عرب) مسلمانن ۽ ايرانين جون لڙايون لڳي رهيون هيون ته ان وقت ايران ۽ سنڌ جي وچ ۾ صلح ٿيل هو. مگر هن صلح

کان ٿورا ڏينهن اڳ ايراني صوبي جي هڪ گورنر هرمز هڪ سامونڊي ٻيڙي جي ذريعي سنڌ جي ڪناري تي حملو ڪيو هو ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪري پاڻ سان وٺي ويو، جي سيئي جاٽ قوم سان تعلق رکندا هئا. جڏهن مسلمانن ۽ ايرانين جي وچ ۾ لڙائي شروع ٿي، ته ايرانين سنڌين سان ناهه ڪيو هو. هرمز (ايراني صوبي جو گورنر) انهن سيني گرفتار ٿيل جاٽن جي خاطر تواضع ڪئي ۽ ڪين ان ڳالهه تي راضي ڪيو ته هو فوج ۾ ڀرتي ٿي عرب مسلمانن جو مقابلو ڪن. هرمز نهايت ئي دلير ۽ جنگي سردار هو. هن جي بهادري ۽ سورهيائي جي واڪاڻ تمام عراق، عرب ۽ هندستان ۾ هئي. هو بري ۽ بحري لڙاين جو نهايت ئي وڏو تجربو رکندو هو. سنه ١٢ هجري واري جنگ ذات سلاسل ۾ هرمز عرب سپهه سالار حضرت خالد بن وليد جي مقابلي ۾ انهن ئي سنڌي جاٽن کي استعمال ڪيو هو. هي جاٽ ميدان جنگ ۾ ان نموني لڙندا هئا جو پنهنجي پيرن کي زنجيرن سان ٻڌندا هئا. جيئن جو انهن مان ڪوبه ميدان جنگ مان ڀڄي نه وڃي. چنانچه جنگ ذات سلاسل ۾ انهن جي هر سپاهيءَ کي پيرن ۾ زنجير ٻڌل هئا. ان ڪري هن جنگ جو نالو " جنگ ذات سلاسل" يعني زنجيرن واري لڙائي آهي. هن لڙائيءَ ۾ هرمز کي حضرت خالد بن وليد قتل ڪيو ۽ جاٽ زنجير ڀڃي ٽوڙي وٺي ڀڳا ۽ ڪيترائي ته مسلمانن جي قبضي هيٺ آيا ۽ اسلامي تعليمات کان متاثر ٿي انهن پنهنجي مرضيءَ سان اسلام قبوليو ۽ هڪ آزاد مسلمان جي حيثيت سان زندگي گذارڻ لڳا" .(ڏسو ڪتاب مذڪوره صفحه ٥٧، ٥٨).

ياد رهي ته هي جنگ ذات سلاسل جنهن ۾ سنڌي جاٽن ايرانين سان شامل ٿي مسلمانن سان لڙائي ڪئي، خليفه اول حضرت ابوبڪر صديق جي دورخلافت ۾ ٿي هئي. بعد ۾ حضرت فاروق اڪبر جي خلافت ۾ انهن ئي جاٽن جنگ قادسيه ۽ جنگ نهاوند ۾ ايرانين سان ملي عربن سان جنگ ڪئي هئي. ايرانين کي شڪست آئي هئي، جاٽن جي سردار حضرت ابوموسيٰ اشعري کي ڪي شرط وڌا هئا ۽ کيس گذارش ڪئي هئي ته جيڪڏهن اسان جا هي شرط قبول ڪريو ته اسين اوهانجو دين قبول ڪنداسين. حضرت ابوموسيٰ اشعري اهي شرط حضرت عمر رضه ڏانهن موڪليا جنهن سيني شرطن کي قبول ڪيو. هي ٻڌي سيئي جاٽ مسلمان ٿيا ۽ پنهنجن انهن ذات وارن سان رلي ملي ويا جي جنگ ذات سلاسل ۾ مسلمان ٿيا هئا.

بر صغيرهندوپاڪ جو هڪ وڏو محقق ۽ مؤرخ جناب اڪبر شاهه خان نجيب آبادي پنهنجي ڪتاب "آئينه حقيقت نما" ۾ انهن

جاٽن جي متعلق لکي ٿو تہ، " هي ماڻهو زط قوم جي نالي سان مشهور ٿيا. مسلمانن پنهنجي هنن نو مسلم ڀائرن جي وڏي عزت ڪئي ۽ انهن کي وڏا وڏا عهدا بہ ڏنائون. حضرت علي ڪرم الله وجہ جي عهد خلافت ۾ بصره جي خزاني جو محافظ دستو هن ئي (سنڌي قوم جاٽ) جي افراد تي مشتمل هو. انهن ماڻهن مان وڏي ۾ وڏا عالم ۽ صالح شخص بہ پيدا ٿيا. هن ئي زط قوم جو ذڪر تاريخن ۾ بار بار اچي ٿو. ايستائين جو خليفي معتصم بالله عباسي جي زماني تائين زط قوم جي ماڻهن کي عراق ۾ چڱي اهميت هئي. حضرت امام ابو حنيفہ رح جيڪو امام اعظم جي نالي سان عالم اسلام ۾ مشهور هو، ان جي لاءِ بہ چيو وڃي ٿو تہ هو (هن سنڌي قوم) زط سان تعلق رکندو هو. حضرت امام ابو حنيفه سنہ ٨٠ هجريءَ ۾پيدا ٿيو هو. جنهن وقت محمد بن قاسم سنڌ تي حملو ڪيو هو، ان وقت امام اعظم ١٢ يا ١٣ سالن جي عمرجو هو. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ هندستاني قومن ۾ اسلام محمد بن قاسم جي زماني کان بہ اڳ داخل ٿي چڪوهو." (١)

اوهان انهن سنڌي جاٽن جي تاريخ مٿي پڙهي آيا آهيو،جن ايرانين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي عربن سان جنگ جوٽي هئي جنهن کي جنگ ذات سلاسل بہ چون ٿا. ان جنگ ۾ شڪست کاڌ کان پوءِ ٻن سالن بعد حضرت فاروق اڪبر رضہ جي خلافت ۾ ايرانين ۽ عربن جي وچ ۾ گهمسان جي لڙائي ٿي جنهن کي قادسيه جي جنگ چون ٿا.هن لڙائيءَ ۾ بہ سنڌ جي راجا ايرانين جي مدد ڪئي هئي. ان جنگ جو تفصيل بيان ڪندي جناب اعجازالحق قدوسي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ، " جنگ ذات سلاسل کان ٻہ سال پوءِ ١۴ هجري (٦٣٥ع) ۾ قادسيه جي جنگ لڳي. هن لڙائيءَ ۾ ايران جي بادشاهہ پوين شڪستن مان تنگ اچي پوريءَ قوت سان مسلمانن جي مقابلي جي تياري ڪئي. ايران جي بادشاهہ يزد جرد خود بہ وڏي شانواري فوجي تياري ڪئي.نہ فقط ايترو پر هن پين ملڪن جي بادشاهن کان بہ مدد جي گهر ڪئي. هن سنڌ جي راجا ڏانهن هڪ سفير موڪليو تہ هو (سنڌ جو راجا) هن جنگ ۾ هن جي مدد ڪري. سنڌ جي راجا سنڌ مان هن جي مدد لاءِ هڪ فوج موڪلي ۽ ايران جي بادشاهہ کي سڀ کان وڏي مدد هي ڏنائين جو هن کان جيترو ٻڳو اوترا جنگي هاٿي مدد لاءِ موڪليائين. ايتري قدر جو پنهنجو اڇو هاٿي جيڪو خاص راجا جي سواريءَ لاءِ استعمال ٿيندو هو، سو ٻڻ ايران روانو ڪيائين. قادسيه جي لڙائي ٿي ڏينهن

---

(١) آئينہ حقيقت نما صفحه ٨٠، ٨١، نفيس اڪيڊمي ڪراچي. ٦٦ ايڊيشن

۽ ٿي راتيون جاري رهي. هن لڙائيءَ ۾ مسلمانن کي سڀ کان وڏيک نقصان سنڌ جي راجا جي هاٿين پهچايو هو. ٿنين ڏينهن سنڌ جي راجا جو اڇو هاٿي مارجي ويو ۽ مسلمانن هاٿين کي ڀڄائي ڪڍيو ۽ ايراني فوج جو سپہ سالار رستم مسلمانن جي هٿان مارجي ويو. اهڙيءَ طرح هن لڙائيءَ ۾ مسلمانن کي ايرانين تي فتح حاصل ٿي". (صفحه ٥٩)

مٿين حوالي کي غور سان پڙهندي معلوم ٿيندو ته عربن ۽ ايرانين جي لڙاين جي وقت سنڌ جو راجا، ڏاهر جو پيءُ چچ هو جنهن ايرانين کي خطرناڪ جنگي هاٿي ڏنا هئا. انهن هاٿين عرب مسلمانن کي بيحد پريشان ڪيو هو، ايتري قدر جو عرب جنرل حضرت ابوعبيده کي هڪ هاٿيءَ چيپاٽي ماريو هو، ان وقت هي ڪونڌر عرب جنرل هاٿيءَ سان وڙهندي شهيد ٿيو هو. هن جنگ ۾ سنڌ جي راجا جو اڇو هاٿي سڀني هاٿين کان گوءِ کٽي ويو. چچنامہ ۾ پڻ لکيل آهي ته سنڌ جي راجا جو سواريءَ وارو هاٿي اڇي رنگ جو هو. طبري پنهنجي تاريخ ۾ روايت ڪئي آهي ته عربن کي هاٿي پڪڙي عربستان ڏيهہ ۾ موڪليا. ريگستاني عربن لاءِ هاٿي هڪ عجوبو هو، ماڻهو ان جي شڪل ۽ هيبت کي ڏسي حيران ٿي ويندا هئا.

جناب اعجازالحق صاحب اڳتي لکي ٿو ته، " ان ڪانسواءِ مسلمانن سنڌ تي ان ڪري بہ حملو ڪيو هو ته ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق رضہ جي زماني ۾ مڪران تائين مسلمانن جو قبضو ٿي چڪو هو. جنهن وقت مسلمانن مڪران کي فتح ڪيو هو، ته ايرانين سان گڏجي سنڌين بہ مسلمانن جو مقابلو ڪيو هو. مسلمانن جڏهن ايران کي فتح ڪيو ته، اصولي طرح ايران جي ٻين صوبن تي قبضو ڪيو هو. مسلمانن لاءِ اهڙن صوبن جي واپسي ضروري هئي، چنانچہ مڪران جي سرحدي صوبي تي هڪ ايراني سردار قبضو ڪيو هو ته مسلمانن اهو صوبو هن کان واپس ورتو. چاڪاڻ ته سنڌين جنگ نهاوند، جنگ ذات سلاسل، قادسيه جي جنگ ۽ مڪران جي لڙاين ۾ ايرانين جا اتحادي بڻجي مسلمانن جو مقابلو ڪيو هو. انڪري مسلمانن کي سنڌ تي حملي ڪرڻ جو حق حاصل ٿي ويو هو." (صفحہ ٥٩)

عربن جي خلاف سنڌ جي راجائن ۽ ايران جي بادشاهہ جي باهمي تعاون متعلق ٻين تاريخدانن بہ لکيو آهي، پر مون انهن کي ڇاڏي واٽي نظر انداز ڪري پير حسام الدين شاهہ راشدي جي ممدوح دوست جناب اعجازالحق جي لکيل تاريخ مان حوالا پيش

ڪيا آهن. ان مان سائين جي ايم سيد صاحب، جي پنهنجي ڪتاب ۾ هن پڇيل سوال جو تشفي بخش جواب مليو ٿو تہ محمد بن قاسم جي حملي کان اڳ ۾ سنڌ تي چو عربن چوڏهن ڪاهون ڪيون هيون؟ سنڌ جي راجائن عربن جي ازلي دشمن ايرانين جي مدد ڪئي هئي ۽ هنن جي جنگي هاٿين تہ نمايان ڪردار ادا ڪيو هو. ان ڪري عربن سنڌ جي راجا ڪي شڪست ڏيڻ لاءِ حق بجانب هئا. جيئن اوهان مٿي پڙهي آيا آهيو، مان ايرانين ۽ عرب مسلمانن جي لڙاين جو ذڪر بہ آئنده صفحات ۾ ڪندس چو جو سائين جي ايم سيد صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڪوڙو الزام حضرت عمر رضہ تي هنيو تہ هن پر وارن ملڪن جهڙوڪ شام، عراق، ايران ۽ مصر کي ان ڪري فتح ڪيو جو اهي سڪيا ملڪ هئا. (صفحہ٦).

سنڌ جي اتحادي ملڪ ايران وارن عرب مسلمانن کي ايترو تہ ستايو هو ۽ ڪين تڪليفون ڏنائون جو متعصب انگريز مؤرخ سرو ليم ميور (Muir) جهڙي شخصيت بہ حضرت عمر جا هي چيل لفظ ايران لاءِ دهرايا آهن تہ (I wish between ourselves and Persia there were a mountaion of fire.)

يعني " ڪاش اسان جي ۽ ايران جي وچ ۾ ڪو باهہ جو جبل حائل هجي ها." هن هڪڙي ئي جملي مان آسانيءَ سان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ايرانين عربن کي ڪيترو تہ تنگ ڪيو هو. ايراني عربن کان ڪيتري نفرت ڪندا هئا، ان جو اندازو هڪ تاريخي واقعي مان لڳائي سگهجي ٿو. جناب رسول الله صلي الله عليه وسلم (فداه روحي و جسمي وابي وامي) پنهنجي وقت جي وڏن بادشاهن ڏانهن اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ تبليغي خط لکيا هئا. هڪ اهڙو خط ايران جي بادشاهہ خسرو پرويز ڏانهن ڇهين هجري ۾ لکيو هئائون. خسرو خط پڙهڻ بغير ان کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو ۽ خاطوءَ کي حڪم ڏنائين تہ منهنجي دربار مان نڪري وڃ. غصي ۽ ڪاوڙ ۾ ايران جو هي گستاخ بادشاهہ چوڻ لڳو، " محمد اسان ايرانين جي هڪ غلام عرب قوم مان ٿي ڪري ايتري جسارت ڪئي اٿس جو مون ڏانهن خط لکي موڪليائين." خسرو پنهنجي يمن جي گورنر بازان کي لکي موڪليو تہ تون محمد (صلي الله عليه وسلم) کي گرفتار ڪري ايران جي تخت گاهہ مدائن ۾ روانو ڪر. حضور جن کي جڏهن هي اطلاع مليو تہ فرمايائون " هلڪ ڪسريٰ ولا ڪسريٰ بعده" يعني ڪسريٰ هلاڪ ٿيو ۽ هاڻي ان کان پوءِ ڪوئي ڪسريٰ نہ ٿيندو." خدا جي قدرت ڏسو، ٿيو بہ ائين. خسرو پرويز کي سندس پٽ شيرويہ قتل ڪيو هو. هي معجزه ڏسي يمن جو گورنر بازان خود مسلمان ٿيو.

مون اهي مثال محض ان ڪري نقل ڪيا تہ قارئين جي ذهن ۾ ايرانين ۽ عربن جي شمنين جو پسمنظر سمائجي. هاڻي اوهان پاڻ انصاف ڪريو تہ سنڌ جي راجائن ايرانين جي ماڻهن ۽ مست هاٿين جي فوج سان مدد ڪري عربن جي دشمني پنهنجي سر تي ڪئني ياٺہ؟ پوءِ ڇو عرب ڪين سيڪت نہ ڏين. ان ۾ عربن جو ڪهڙو قصور آهي؟

سائين جي ايم سيد صاحب پاڻ بقول انگريز وائسراء لارڊ ويول جي، هڪ ذهين شخص آهي. هن کي خبر آهي تہ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ اتحادي فوجين اٽلي ۽ جاپان کي بہ سخت سيڪت ڏني هئي، ڇاڪاڻ تہ اٽلي جو حاڪم مسوليني ۽ جاپان جو جنرل ٽوجو، نازي جرمني جي هٽلر جا ائين ساٿي هئا، جيئن سنڌ جا راجا ايراني بادشاهن جا طرفدار هئا. پري ڇو ٿا وڃو، پنهنجي ملڪ پاڪستان جو مثال وٺي ڏسو. پاڪستان مغربي قومن سان گڏ سيٽو ۽ سينٽو جهڙن دفاعي معاهدن ۾ شريڪ ٿيو. هي معاهده ڪميونسٽ جارحيت جي روڪڻ لاءِ وجود ۾ آيا هئا. ڇا ان سبب ڪري ڪميونسٽ ملڪ روس مغرب جي دوست ملڪ پاڪستان کي سيڪت نہ ڏني آهي؟ روس ڪشمير جي مسئلي کي هر وقت ويٽو نہ پئي ڪيو آهي؟ نہ فقط ايترو پر فيبروري ١٩٥٥ ع ۾ خورشچوف ۽ مارشل بلگانن ڪشمير جي گادي سرينگر ۾ اعلان ڪيو تہ ڪشمير ڀارت جو حصو آهي ۽ پاڪستان جي ان تي دعويٰ فراڊ آهي! مئي ١٩٦٠ ۾ يوٽو جهاز جو پائلٽ فرئنسز پاور روس جي فضائي حدود ۾ جاسوسي ڪندي گرفتار ٿيو هو. ان تي خورشچوف ڌمڪي ڏني هئي تہ ٽين مهاڀاري لڙائي لڳڻ تي پهريون ايٽمبم پشاور تي ڪرندو ۽ ١٩٧١ جي جنگ ۾ چيني مندوب جي بقول پاڪستان کي روس ٽوڙايو هئو. هينئر مس مس وزير اعظم ڀٽي صاحب جي ذاتي ڪوشش ۽ ڊپلوميسي ڪري روس ٽورو پاڪستان ڏانهن ٺڏو ٿيو آهي. هوڏانهن آمريڪا پنهنجي حليف اسرائيل جي دفاع لاءِ عربن سان ڦٽائي ويٺو آهي ۽ صدر فورڊ اعلان ڪيو تہ اسين عربن جي تيل جي ذخيرن تي زوري قبضو ڪنداسون. موجوده ۽ اهڙن واقعات جي هوندي بہ جيڪڏهن عربن ايران جي مدد ڪرڻ تي سنڌ تي ڪاهون ڪيون تہ ان ۾ ڪهڙو عيب آهي؟ محمد بن قاسم جي فتح جي قيادت ۾ آخري مهم لاءِ جوابدار سنڌ جو راجا ڏاهر آهي جيئن مون ان جو مٿي تفصيل پيش ڪيو آهي.

پروفيسر ٿامس آرلينڊ (Thomes Arnold) پنهنجي ڪتاب اسلام جي تبليغ (Preaching of Islam) ۾ بالڪل صحيح لکيو

آهي تہ عربن جون سڀ لڙايون دفاعي هيون (Defensive wars) ان وقت پوري دنيا سندن مخالف هئي. پاڙيسري بازينٽن (Byzenten) شهنشاهيت، ايراني، سنڌي بادشاهن انهن تي چڙهائي ڪري ڪين نيست ۽ نابود ڪرڻ چاهيو پر عربن جي ڪاميابي جو راز پنهنجي خدا تي مڪمل ڀروسو ۽ پنهنجي رسول جي تعليمات جي پوري ڪرڻ ۾ آهي. پاڙي وارن بادشاهن عرب جي سرزمين ۾ اسلام جي بنياد تي هڪ نظرياتي رياست جي قيام تي وڏو شور مچايو. ڪين حيرت ۾ ٿي تہ هي اسان جا غلام ۽ اٺ چارينڌڙ رولو عرب، جي نہ متمدن هئا، نہ مهذب. اهي محمد صلعم جي تعليمات ڪري ڪيئن ايريا ۽ ڪهڙي نموني ۾ عربن ۾ ٻڌي ۽ وحدت پيدا ٿي. اسلام جي تہ آفاقي نظرياتي رياست هئي، پر موجوده دور ۾ ڏسي چڪا آهيون تہ روس جهڙي ملڪ ۾ ماديت جي بنياد تي هڪ نظرياتي ڪميونسٽ رياست ١٩١٧ ۾ قائم ٿي هئي، ان جي بہ مخالفت سرمايہ دار ملڪن ڪيتري نہ ڪئي هئي.

جنگ عظيم ڪان پوء سرمايہ دار ملڪن ۾ وڏو معاشي بحران آيو ۽ انهن جي ڇيلهہ ڇپي ٿي وئي هئي ورنہ هو ڪميونسٽ رياست جي وجود مٽائڻ لاء هو وڏي ۾ وڏي طاقت استعمال ڪن ها. ان جي باوجود اسان ڏٺو تہ برطانيہ جهڙي هڪ جمهوريت جي علمبردار ملڪ بہ انقلاب ڪان ستن سالن بعد روس کي تسليم ڪيو.

امريڪا سترهن سالن ڪان پوء ١٩٣٤ ع ۾ ان کي تسليم ڪيو. روسي انقلاب جو باني لينن هڪ مدبر سياستدان هو، جنهن مصلحت ڪان ڪم وٺي جرمني سان بريسٽ لٽواڪ معاهده (Brest _ Litvok) ڪري روس کي فوري خطري مان بچائي ورتو. خود لينن جي حياتيء ۾ فيني ڪاپلان (Fanny _ Kaplan) نالي هڪ مائي آگسٽ ١٩١٨ ۾ حملو ڪيو. لينن بيهوش ٿي ويو. سندس سوانح نگارن لکيو تہ پڇاڙيء تائين ان ڏک کي هو محسوس ڪندو رهيو. ماديت جي بنياد تي هڪ نظرياتي رياست جي قيام جي بہ وڏي مخالفت ٿي آهي پر اسلامي رياست جي مخالفت جو تہ ڪو حد حساب ڪونہ هو.

حيرت آهي جو ان جي باوجود سائين جي ايم سيد صاحب عربن کي ٻين سامراجي طاقتن سان مشابهت ٿو ڏئي. لکي ٿو تہ:

" اها ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ عرب حڪمرانن طرفان ٻين سامراجي طاقتن وانگر ملڪن فتح ڪرڻ جي هوس ڪري حملا ٿيا، جنهن ۾ ٻين سامراجي طاقتن وانگر هنن بہ ڪذا ڪم ڪيا. جيڪڏهن رومن، منگولن، انگريزن ۽ فرينچن جي سامراج کي اسان غلط ۽ ظالمانہ تسلط سڏيون تہ ڪهڙي طرح اڳيون ڪم عربن هٿان سرزد

ٿيندي ان کي جائز ڇاٿون. نہ فقط ايترو پر انکي اسلام جوڪارنامو شمار ڪريون. ڇا ان مان اسلام جي عزت وڌي ٿي يا بدنامي ٿني ٿي!" (صفحہ ١٣).

افسوس جو شاهہ سائين جوش ۽ تعصب کان ڪم وٺي عربن کي سامراجي طاقت ڪوٺيو آهي. انين ٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ قبلي کي نہ جديد سامراجيت جو مطالعو آهي، ۽ نہ عرب فتوحات جي صحيح خبر آهي. مون مٿي عربن جي جنگين جو احوال ڏنو آهي، ان مان صاف ظاهر آهي تہ عربن هوس جي ڪري جنگيون ڪونہ لڙيون هيون بلڪ پنهنجي ذاتي بچاءَ لاءِ انين ڪرڻ تي مجبور ٿيا. غير مسلم بہ اها ڳالهہ تسليم ڪن ٿا. سامراجي طاقتون پاڻ ظالم هيون جن مظلومن تي زوري قبضو ڪيو ۽ مفتوح قومن ڪڏهن بہ انهن جو دلي استقبال نہ ڪيو. پر هي عرب حڪمران جتي بہ ويا اتي ماڻهن هنن کي نجات دهنده سمجهي انهن جو پرجوش خير مقدم ڪيو ۽ ڪين جيءَ ۾ جايون ڏنيون. برصغير هند پاڪ ۾ جن ليڊرن سامراجيت خلاف طويل جدوجهد ڪئي هئي، انهن ۾ مسٽر ايم اين راءِ جو نالو خاص مشهور آهي. هي سامراج دشمن ليڊر عربن جي فتوحات جي بيحد تعريف ڪري ٿو. جيئن سيني کي معلوم آهي مسٽر راءِ هڪ هندو ليڊر هو، جنهن هندستان ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد وڌو هو. هن صاحب اڄ کان چاليهہ سال اڳ " اسلام جو تاريخي منصبي ڪم" (Historical Role of Islam) نالي هڪ ڪتاب لکيو آهي. جن عربن کي شاهہ سائين سامراجي ڦورو لٽيرا ٿو ڪوٺي، انهن ئي عربن کي هي هندو ڪميونسٽ خراج عقيدت پيش ٿو ڪري:

(It demolished the holy edifices of the Cesars and the Chosroes, only rescue From their impending ruin the accumulated treasuers of human knowledge, to preserve and multiply them for the benefit it of the posterity. P10, Lahore)

اڻ (مسلمان عرب طاقت) قيصر و خسروئن جون شاندار مقدس عمارتون محض ان ڪري مسمار ڪيون تہ جيئن انهن (گهراڻن) جي وبجهي ۽ فوري تباهي کان انساني معلومات جي ڪنو ٿيل خزاني کي بچايو وڃي ۽ ان جي قيمتي سرمايہ کي مستقبل جي نسل جي فائدي ۽ واڌاري لاءِ محفوظ ڪجي.

(The amazing achievements of Saracen arms only Prove that they were wielded at the service of history for the progress of humanity, P _11)

عرب مسلمانن جي فوجين جي حيرت انگيز ڪاميابين مان

فقط ان ڳالهہ جي ثابتي ملي ٿي تہ هنن تاريخ جي خدمت ۽ انسانيت جي ترقيءَ لاءِ حڪومتون ڪيون هيون."

(Every where the saracen invaders were welcome as deliverers by Peoples oppressed, tyrannised and tormented by Byzantine corruption, Persian despotism and Christian superstition.

Fanatically faithful to the revolutionary teachingsof the prophet and obediently acting according the noble, wise and eminently practical injuctions of the khalifa the saraçen invaders easily enlisted the sympathy and support port of the peoples they conquered, No invader can establish an abiding domination over coquered peoples, except with their active support or tacittoleration. P _ 14, 15)

جتي ڪٿي بارنطيني (سلطنت جي) خرابي ۽ بداخلاقي، ايراني آمريت ۽ عيسائي ڀرم جي چار ۾ گرفتار ٿيل مظلوم، مجبور ۽ عذاب ۾ پيل انسانن عرب مسلم فاتحين کي پنهنجو نجات دهنده سمجهي انهن جو پرجوش خير مقدم ۽ استقبال ڪيو هو. رسول ڪريم جي انقلابي تعليمات تي سرگرميءَ سان ايمان آڻي ۽ پنهنجي وقت جي سياڻي ۽ مدبر خليفي جي پرشوڪت، عملي احڪامات جي بجاآوري ڪري، عرب فاتحين مفتوحن جون دليون همدرديون سولائيءَ سان حاصل ڪيون هيون. ظاهر آهي تہ ڪوبہ فاتح مفتوحن تي انهن جي ڪلي مدد ۽ خاموش برداشت جي بغير پنهنجو دائمي تسلط قائم نٿو ڪري سگهي."

طوالت جي خوف ڪري وڌيڪ اقتباسات پيش نٿا ڪري سگهجي. عربن لاءِ مٿين راءِ هڪ اهڙو غير مسلم ٿوڏني، جنهن جي ڪميونزم جي نظريہ سان اسلام جو بنيادي اختلاف آهي. جيئن چوٽي آهي تہ سچ ترڻ هيٺ لڪي نٿو سگهي، تيئن عربن جي ڪارنامن کي بہ لڪائي نٿو سگهجي. مسٽر ايم اين راءِ جهڙو دانشور، عالم ۽ غير مسلم سامراج دشمن سياستدان بہ عربن کي مظلومن جو نجات دهنده تصور ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ هنن انسانيت جي ترقي ۽ تاريخ جي خدمت لاءِ حڪومتون ڪيون پر "هي" اسان جي سنڌ جو هڪ ساداتِ خاندان جو فرد، جيڪو عربن کي سامراجي طاقت سڏي ٿو. فياللعجب!

شاهہ سائين راجا ڏاهر جي صفائيءَ ۾ اڳتي لکي ٿو، "چوٽون بهتان راجا ڏاهر تي اهو لڳايو ويو آهي تہ هو عياش ۽ ظالم حاڪم

هو. خبر نہ آهي تہ انهن لفظن مان بهتان لڳائيندڙن جو مقصد ڪهڙو آهي؟ ڇا راجا ڏاهر جي ڀڻ نياڻين، جيڪي بادشاهہ لاءِ تحفو ڪري موڪليون ويون هيون، سان زنا ڪرڻ جي جرم ۾ سزا ڪائيندڙ ماڻهو راجا جي زال، ڇوڪرين جي ماءُ سان زوري شادي ڪندڙ، سنڌين جي عورتن کي ٻانهيون بنائي بنا نڪاح جي انهن سان صحبت ڪرڻ کي جائز ڄاڻندڙ، هزارها سنڌي عورتن ۽ مردن کي وڪرو ڪرڻ زياده گنهگار آهي يا وطن جي حفاظت لاءِ سر ڏيڻي سرهو ٿيڻ ڏوهاري آهي؟" (صفحہ ١٤).

عجب جي ڳالهہ آهي تہ چچنامہ جي ضعيف، ڪمزور ۽ افسانوي روايتن کي شاهہ سائين بغير دليل جي قبول ٿو ڪري ۽ ساڳئي ڪتاب جي معتبر روايتن کي هن اصول تي رد ڪري ٿو تہ هيءَ تاريخ فاتحن جي لکيل آهي. ٻين تاريخي ڪتابن وانگر چچنامي ۾ پڻ ڪجهہ افسانوي ڳالهيون لکيل آهن. اهي روايتون ٻين ثقہ تاريخن سان متصادم آهن. ان ڪري محققين چچنامہ جي اهڙن قصن کي ساقط الاعتبار سمجهي رد ڪري ڇڏيو. جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (متعه الله المسلمين بطول حياته) چچنامہ جي محققانہ ۽ عالمانہ شرح لکي آهي. ڊاڪٽر صاحب جن جي محنت ۽ مطالعہ کي ڏسي تسليم ڪرڻو ٿو پوي تہ تاريخ جي فن تي هن جي نگاهہ آهي. شاهہ صاحب جي هي نقل ڪيل عبارت محض افسانوي آهي. محمد بن قاسم ڏاهر جي زال لاڏيءَ سان شادي ڪانہ ڪئي هئي. ان سلسلي ۾ محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب تحقيق ڪري چچنامہ عرف فتحنامہ ۾ لکي ٿو، " فتحنامہ جي انهن متضاد حوالن مان ظاهر آهي تہ لاڏيءَ جي گرفتاري ۽ ان بعد محمد بن قاسم جي ساڻس شادي وارا جملي بيان ضعيف ۽ هڪ ٻئي جي مخالف آهن ۽ انهيءَ ڪري تاريخي اعتبار کان غير معتبر." (چچنامہ عرف فتحنامہ صفحہ ٥٠١)

عربي تاريخ "فتوح البلدان" جو مصنف احمد بن يحيىٰ البلاذري هڪ مشهور محقق ٿي گذريو آهي. هي صاحب اڄ کان ٻارهن سو ٽيانوي سال اڳ٢٠٣ هجري ۾ پيدا ٿيو ۽ ٢٧٩ هجري ۾ بغداد ۾ وفات ڪيائين. سندس لکيل تاريخ فتوح البلدان عرب مسلمانن جي جنگي فتحن متعلق انسائڪلوپيڊيائي معلومات مهيا ڪري ٿو. سنڌ جي فتح متعلق هن هڪ باب " فتوح السنڌ" لکيو آهي. پنهنجي تاريخ ۾ ڏاهر جي زال متعلق علامہ بلاذري لکي ٿو، " چون ٿا محمد بن قاسم راوڙ کي زبردستي فتح ڪيو. هتي راجا ڏاهر جي هڪ زال هئي. هن گرفتاريءَ جي ڀؤ کان پنهنجي مال متاع کي باهہ ڏني. ان ۾

پاڻ پنهنجي ساهيڙين ۽ پانهين سان گڏ سڙي خاڪ ٿي ويئي" (١) شاهہ سائين ڏاهر جي ڌيئرن متعلق بہ لکيو آهي تہ آهي بادشاهہ ڏانهن تحفي طور موڪليون ويون هيون. هي بہ هڪ من گهڙت افسانو آهي جنهن لاءِ ڪابہ ٻي تاريخي سند موجود نہ آهي. هن سلسلي ۾ محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي تحقيق آخري سمجهڻ گهرجي. لکن ٿا، " ڏاهر جون ڪي ڌيئرون گرفتار ٿيون ها تہ عرب مؤرخ ان اهم واقعي جو ضرور ذڪر ڪن ها. مگر ڪنهن بہ عربي تاريخ ۾ اهڙو ذڪر موجود ڪونهي. خود فتحنامہ جي صفحہ ٣٠٠ تي هنن حڪايتن جي شروعات هن طرح ڪئي ويئي آهي تہ، " برهمڻ آباد جي مکيہ ماڻهن کان ڏند ڪٿائن ۾ آئين ٿا (در اقاويل مي آرند) انهيءَ ڪري اهي حڪايتون ۽ بيان محض اتاويل ۽ ڏند ڪٿائون ئي سمجهڻ گهرجن". (صفحہ ٥٠٢)

چچنامہ جي هيءَ روايت بالکل جڙتو آهي تہ ڏاهر جي ڌيئن خليفي وٽ پهچي شڪايت ڪئي هئي تہ محمد بن قاسم انهن جي عصمت لٽي پوءِ خليفي ڏانهن روانو ڪيو، ان تي خليفي کي سخت غصو آيو ۽ سندس حڪم مطابق محمد بن قاسم کي هتان ئي کل ۾ ويڙهي صندوق ۾ بند ڪري ڪشيءَ وجي، خليفي وٽ هن جولاش پهچايو. بعد ۾ خليفي کي جڏهن هن جي ڌيئرن جي ڪوڙ ۽ مڪر جي خبر پئي تڏهن ڪين جيئرو ڀت ۾ لنباني ڇڏيائين. هي هڪ وڏو اهم واقعو آهي جنهن کي ڪي بہ مؤرخ ڪنهن بہ نموني نظر انداز نٿي ڪري سگهيا. هن واقعي جو تعلق محمد بن قاسم جي موت سان آهي. تمام معتبر تاريخن ۾ ابن قاسم جي موت جو ذڪر هيٺين نموني ٿيل آهي علامہ بلاذري فتوح البلدان ۾ لکي ٿو. " وليد بن عبدالملڪ جي وفات کان پوءِ سليمان بن عبدالملڪ تخت تي ويٺو. هن صالح بن عبدالرحمان کي عراق جو گورنر ۽ يزيد بن ابي ڪبشہ السڪسي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو هو. يزيد، محمد بن قاسم ۽ معاويہ بن مهلب کي قيد ڪري صالح ڏانهن موڪلي ڇڏيو. سنڌ وارن کي ابن قاسم جي وڇ جو ڏاڍو غم ٿيو. هن جي لاءِ رنا ۽ الڪيرج ۾ هن جو بوتو ٺاهي رکيائون. صالح، محمد بن قاسم کي واسطہ جي جيل ۾ رکيو. صالح جو ڀاءُ آدم خارجي هو. حجاج بن يوسف ان کي قتل ڪيو هو. ان ڪري گورنر صالح، محمد کي آل ابي عقيل جي حوالي ڪري ڇڏيو. انهن محمد بن قاسم کي وڏيون تڪليفون ڏنيون. ڪيس ايترو تہ ماريائون جو هن جو موت واقع ٿيو ۽ دم پرواز ٿي ويس." (فتوح البلدان صفحہ ٢٥ - ٦٢٤)

---

(١) فتوح البلدان اردو ترجمو از سيد ابو الخير مودودي ڇاپو ٻيو صفحہ ٦٢٢ نفيس اڪيڊمي

رئيس المؤرخين علامه ابن خلدون بہ محمد بن قاسم جي موت بابت علامہ بلاذري جي روايت جي تصديق ٿو ڪري. لکي ٿو تہ " ان زماني کان محمد بن قاسم سنڌ جو گورنر رهيو جيستائين جو سليمان بن عبدالملڪ حڪومت تي ويٺو ۽ هن محمد بن قاسم کي ڊسمس ڪري يزيد بن ابي ڪبشه کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. يزيد بن ابي ڪبشه محمد بن قاسم کي گرفتار ڪري عراق موڪليو. صالح بن عبدالرحمان ان کي واسط جي قيدخاني ۾ وڌو ۽ حجاج بن يوسف جي مائٽن سان گڏ تڪليفون ڏيڻ لڳا ڇاڪاڻ تہ حجاج صالح جي ڀاءُ آدم کي خوارزم جي تحرير سان قتل ڪيو هو." (١).

ان کان علاوه علامہ عزالدين ابن اثير الجوزي پڻ پنهنجي تاريخ ۾ محمد بن قاسم جي موت متعلق ساڳي روايت نقل ڪئي آهي.

حجاج پاڻ هڪ ظالم انسان هو ۽ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ وهي ٿي تہ سندس موت کان پوءِ هن جي عزيزن مٿن مائٽن کي تعذيب جو نشانو بڻايو ويو هوندو. تاريخ طبري ۾ مذڪور آهي تہ هڪ دفعي خليفو وليد بن عبدالملڪ سخت بيمار ٿيو تہ حجاج خدا کان روئي دعا گهرندو رهيو تہ الاهي مون کي پاڻ وٽ گهراءِ.ڪيس خبر هئي تہ سندس مخالف ان جو ڪهڙو حشر ڪندا. وليد جو ڀاءُ سليمان بہ مؤرخين جي بقول حجاج کان نفرت ڪندو هو ڇو جو حجاج هن جي ولي عهدي جي مخالفت ڪئي هئي. ان ڪري سليمان بن عبدالملڪ حجاج جي سيني عزيزن کا محمدبن قاسم سوڌو سياسي انتقام ورتو.

مون ثابت ڪري ڏيکاريو تہ شاهہ صاحب جي ڪتاب مان مٿي ڏنل حوالو تاريخ سان مطابقت نٿو رکي. سنڌي عورتن جي وڪڻ جو الزام بہ محض هڪ افسانو آهي. اسلام انسانن جي وڪري جي ڪابہ اجازت نہ ڏني آهي. شاهہ سائين جي پراڻي رِيت رهي آهي تہ پاڻ مذهب ۽ صلحاءِ امت تي غلط الزامڙهيندو آهي ۽ انهن جي ثابتي لاءِ ڪو تاريخي حوالو نہ ڏيندو آهي. منهنجي ڪيس اپيل آهي تہ پاڻ هڪ بزرگ سياستدان آهي ۽ شرفاءَ جي طبقي سان تعلق رکي ٿو. ڪيس گهرجي تہ تاريخي بحثن ۾ صحيح سنڌي ڪلچر جو نمونو پيش ڪري.

بني اميه جا مظالم

شاهہ سائين پنهنجي ڪتاب ۾ بني اميہ گهراڻي جي ظلمن بابت

تاريخ ابن خلدون حصہ پيو باب خلافة معاويه صفحہ ٢٥٧ نفيس اڪيڊمي

لکي ٿو تہ. " ان وقت عرب ۾ بني اميہ گھراڻي جي حڪومت هئي، جن جي هڪ حاڪم يزيد بن معاويہ، رسول مقبول صلعم جي ڏهٽي امام حسين عليه السلام کي شهيد ڪرائي ان جو لاش گھوڙن کان چٿرائي،سندس سر مبارڪ نيزي تي چاڙهي مهينن تائين ملڪن ۾ گھمرايو هو. امام حسين عليه جي فرزند ۽ خاندان جي عورتن کي قيد ڪرائي دمشق گھرايو هو: انهيءَ گھراڻي عبدالله بن زبير کي حرم ڪعبہ ۾ قتل ڪرايو هو، ازانسواءِ ڪيئي ظلم ڪيا هئا." (ص ۴)

سخت تعجب جو مقام آهي تہ مصنف محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جي جنگين جي سلسلي ۾ حضرت امام حسين رضہ ۽ يزيد فاسق جي لڙائيءَ جو ذڪر ڇو ٿو ڪري؟ جيئن مون لکيو آهي تہ شاهہ صاحب محمد بن قاسم جي طرفدارن کي يزيدي ڪوٺي ٿو ۽ ڏاهري گروهہ کي حسيني سڏي ٿو. چوڻ ٿو چاهي تہ جھڙيءَ طرح بني اميہ گھراڻي جي هڪ فرد يزيد حضرت امام حسين رضہ کي شهيد ڪرايو. ساڳيءَ طرح انهيءَ گھراڻي جي هڪ شخص ڏاهر کي بہ قتل ڪيو جو شاهہ سائين جي لکڻ موجب شهيد آهي. گويا ڏاهر جو قتل بہ امام حسين رضہ جي شهادت وانگي آهي. اندازو ڪريو تہ شاهہ صاحب جو هي منطق ڪيڏو نہ خطرناڪ ۽ افسوسناڪ آ ي.

باقي رهي حضرت امام حسين رضہ جي شهادت واري ڳالهہ تہ اهو ظالم يزيد جو انفرادي فعل هو ۽ ڪوبہ مسلمان ان جي تائيد نہ ڪندو. اهل بيت ڪرام جي مظلومانہ شهادت تي خود يزيد جو ضمير ڪيس ملامت ڪري رهيو هو. هندستان جي وڏي عالم دين ۽ سائين جي ايم سيد جو ممدوح ليڊر مولانا ابوالڪلام آزاد عليه الرحمة پنهنجي ڪتاب " انسانيت موت کے دروازہ پر" ۾ حضرت حسين رضہ جي قاتل ابن زياد متعلق يزيد جا چيل الفاظ نقل ڪري ٿو تہ. " خدا جي لعنت ابن زياد تي جنهن حسين رضہ کي لڙائي ڪرڻ تي مجبور ڪيو. حسين رضہ چيو هو تہ مون سان هو پنهنجو معاملہ طي ڪندو يا مسلمانن جي سرحد ۾ وڃي جهاد ۾ مصروف ٿيندو. مگر ابن زياد هن جي ڪا ڳالهہ نہ مڃي ۽ ڪيس قتل ڪيو ۽ حضرت حسين رضہ کي شهيد ڪري مون کي تمام مسلمانن ۾ مبغوض بڻايو. خدا جي لعنت ابن مرجانہ (ابن زياد) تي خدا جي لعنت ابن مرجانہ تي!(١)

بهرحال يزيد جي هيءَ زود پشيماني ڪيس ڪم نہ آئي جو مورخين لکن ٿا تہ هن ابن زياد تي ڪوبہ قدم نہ کنيو هو. اها حقيقت

---

(١) مولانا ابوالڪلام آزاد " انسانيت موت کے دروازے پر" ص ١٨٣ گوشہ ادب انار ڪلي لاهورايڊيشن١٩٥٢ ع

اهي ته حضرت حسين رضه جو لاش مبارڪ گهوڙن کان چٿرايو ويو ۽ هن جو سر مبارڪ ڪاٽيو ويو. پر شاهه صاحب جو اهو لکڻ ته ان کي مهين تائين ملڪن ۾ گهمرايو ويو هو. خلاف تاريخ آهي.

ابن زبير جي شهادت

عبدالله ابن زبير جي شهادت متعلق ڪو به انڪار نٿو ڪري سگهي. ان سلسلي ۾ مورخ ابن خلدون لکي ٿو ته، " حجاج عبدالله جي فوج جي ناڪه بندي ڪئي ۽ سندس ماڻهن کي امان ڏيڻ جو وعدو ڪيو. اٽڪل ڏهه هزار ماڻهو ابن زبير کان علحده ٿي حجاج سان وڃي مليا. انهن سان عبدالله ابن زبير جا ٻه پٽ حمزه ۽ حبيب به هئا. پر سندن ٽيون پٽ برابر لڙندو رهيو تان جو شهيد ٿيو." (١)

هن جنگ ۾ عبدالله ابن زبير پاڻ به شهيد ٿيو هو ۽ حجاج ان جو لاش سوريءَ تي لٽڪائي ڇڏيو هو. ابن خلدون ان بابت اسان کي وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته " عبدالله جو ڀاءُ عروه خليفي عبدالملڪ حجاج کي لاش لٽڪائڻ تي ملامت آميز خط لکيو. حجاج لاش سوريءَ تان هٽائي اسماءَ (ابن زبير جي ماءُ) جي حوالي ڪيو." هي آهي حضرت ابن زبير جي شهادت جو مختصر تذڪره. شاهه سائين حضرت امام حسين رضه سان گڏوگڏ ابن زبير جي شهادت جو واقعو به نقل ڪيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ٻئي شهيد آهن. پر فرق هي آهي ته حضرت حسين رضه يزيد جي بادشاهت ۾ شهيد ٿيو ۽ يزيد علانيه فاسق و فاجر هو پر ابن زبير کان مختلف ڪردار جو حڪمران هو. ان سلسلي ۾ ٻنهي شهيدن متعلق علامه ابن خلدون جي راءِ نقل ڪرڻ جي لائق آهي. جا اسان مسلمانن جي بهترين رهنمائي ڪري ٿي.

حضرت علامه رحمة الله عليه پنهنجي شهره آفاق تاريخ جي " مقدمه" ۾ حضرت حسين ۽ ابن زبير جي شهادت متعلق لکي ٿو:

" اهڙيءَ طرح ابن زبير ۽ عبدالملڪ جي جهيڙي ۾ به عبدالملڪ کي خطاڪار نٿو ڪوئي سگهجي. رهيو يزيد جو معاملو ته اتي يزيد جو فسق ان کي خطا جو نشانو بڻائي ٿو. وري عبدالملڪ ته سيني ماڻهن ۾ عدالت عظميٰ رکندو هو. ان جي عدالت جي ثابتيءَ لاءِ صرف ايترو ڪافي آهي جو امام مالڪ رحمة الله عليه سندس (عبدالملڪ) جي فعل سان حجت وٺي ٿو. وڌيڪ هيءَ ڳالهه ته حضرت ابن عباس ۽ حضرت ابن عمر رضه (جهڙن صحابين) ابن

---

(١) تاريخ ابن خلدون حصه ٻيو باب خلافة معاويه ص ٩٧

زبير جي بيعت ڇڏي عبدالملڪ جي بيعت ڪئي هئي. جيتوڻيڪ ابن زبير جي بيعت ڪرڻ وقت ٻئي بزرگ حجاز ۾ رهندا هئا. گهڻا صحابي ان خيال جي طرف جهڪيل هئا ته ابن زبير جي بيعت صحيح معنيٰ ۾ حق واري نه هئي، ڇاڪاڻ ته بيعت جي وقت حل و عقد (انتظام) وارا موجود هئا، ٻئي طرف وري ابن زبير ان جي خلاف راءِ رکندو هو. بهرحال ٻنهي پاسي مجتهد هئا، ان ڪري بظاهر حق جو احتمال ٻنهي ڏانهن آهي. حق متعين ڪرڻ مشڪل هو ۽ قتل ۽ هلاڪت جا بعد ۾ ٿيل واقعا قوانين فقهيه جي صورت ۾ ٿي هئي. مگر حضرت ابن زبير رضه هر حالت ۾ شهيد ۽ اجر و ثواب جو حقدار آهي، ڇاڪاڻ ته هن جو ارادو ۽ قصد نيڪ هو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين ابن زبير حق جوئي، حق طلبي ۽ حق جي حمايت ۾ لڳو رهيو. اهوئي نقطه خيال آهي جو اسان کي تمام سلف صالحين جي افعال متعلق قائم ڪرڻ گهرجي. اهي ٿي بزرگ امت جا برگزيده ۽ قيمتي شخص ۾ شمار ٿين ٿا. جيڪڏهن انهن کي اسان پنهنجي اعتراض جو نشانو بڻايون، ته پوءِ امت ۾ عدالت ڪنهن ڪان ملندي؟ هتي نبي صلي الله عليه وسلم جو فرمان عالي آهي ته:

" خير القرون قرني ثم الذين يلونهم مرتين اوثلاثا ثم يفشوالكذب." "يعني منهنجي زماني جا ماڻهو بهترين امت آهن ۽ ان کان پوءِ اهي ماڻهو. هوندا جي ان کان پوءِ ايندا (تابعين) ۽ پوءِ جي انهن کان به بعد ايندا (تبع تابعين) ۽ ان کان پوءِ ته ڪوڙ ئي ڪوڙ هوندو." ڏسو ته هن ڪلام ۾ رسول ڪريم عدالت کي زماني ۽ ان کان پوءِ بعد وارن ٻن قرنن سان مخصوص ڪيو. جڏهن اها حقيقت آهي ته هي نهايت ئي احتياط جو مقام آهي. دل ۽ زبان کي قابو ڪريو. ائين نه ٿئي جو انهن بزرگن جي افعال جي باري ۾ ڪنهن به بدظنيءَ جو خيال يا شڪ دل ۾ پيدا ڪيو. يا انهن جي شان جي خلاف ڪو لفظ به زبان تي اچيو. بلڪ جيترو ٿي سگهيو، انهن شخصيتن جي افعال جي توجيهه چڱي نموني ڪرڻ گهرجي ۽ اهي سڀني ماڻهن ۾ حسن ظن جا زياده حقدار آهن، ڇاڪاڻ ته انهن جو ڪجهه به اختلاف ڪيو، اهو دليل ۽ حجت سان ڪيو ۽ انهن جي باهمي خونريزي جهاد جي شڪل ۾ هئي ۽ محض حق جي خاطر ۽ حمايت ۾ ۽ هي به خوب ذهن نشين ڪريو ته انهن بزرگن جا اختلاف بعد جي ايندڙ امت لاءِ سراسر رحمت آهن جو جيڪو چاهي ان جي پيروي ڪري ۽ کيس پنهنجو امام ۽ هادي بڻائي. والله اعلم وهو عليٰ ڪل شيءِ قدير واليه الملجا والمصير." (١)

---

(١) مقدمه ابن خلدون ص ٢٤٢، مطبوعه نور محمد تجارت ڪتب خانه ڪراچي.

ابن خلدون جي مقدمه مان مٿيون ڏڪو حوالو قارئين پڙهيو آهي، ان مان حضرت حسين ۽ ابن زبير جي شهادت متعلق شاهہ صاحب جي زير تبصره ڪتاب ۾ اٿاريل سوالن جو مثبت جواب ملي ٿو ۽ ان سان گڏوگڏ سنڌ جي عام مسلمانن کي گذارش آهي ته سلف صالحين جي اختلافن متعلق اها راءِ قائم ڪرڻ گهرجي جا حضرت علامه ابن خلدون بيان ڪئي آهي. جي ايم سيد جي گروپ ۾ پير حسام الدين راشدي جهڙا مورخ پيدا ٿيا آهن، جي مسلمانن جي تاريخ مان ڪيڙا ڪڍين ٿا. پر ڪين هي ڏس ۾ نوڪر ڪانٽي پوندي. اسان جي سياسي تاريخ ابن خلدون جهڙن دانشورن ۽ تاريخدانن لکي آهي جنهن جي علم و فضل جو موجوده دور ۾ به چرچو آهي. پير حسام الدين تاريخ جي فن تي ناز ڪري ٿو، ڪيس معلوم هئڻ گهرجي ته ان جي فلسفي جو بنياد ابن خلدون وڌو هو، جنهن جي اڳو هو طفل مڪتب به نه سونهين. ابن خلدون جي فضيلت ۽ عظمت جي شاهدي سندس وفات کان اٽڪل ڇهه سو سال گذرڻ بعد اجوڪي دور جو به هڪ وڏو تاريخدان پروفيسر ٽائن بي (Toynbee) به ڏئي ٿو. هو پنهنجي ڪتاب " تاريخ جو مطالعو" (A Study of History) جي جلد ٽئين ۾ سنهين ٽائپ جا سورهن صفحات وقف ڪري ٿو. لکي ٿو ته " ابن خلدون پنهنجي عالمگير تاريخ جي مقدمي ۾ تاريخ جو اهڙو فلسفہ پيش ڪيو، جو بلاشبہ پنهنجي نوعيت جو عظيم ترين ڪارنامو آهي، جنهن جو ثاني ڪنهن به دور ۾ ڪنهن به ملڪ ۾ ٻيو ڪوبہ انسان پيش ڪري نه سگهيو آهي" .

"And yet in the Prolegomena (Muqadima) to his universal history, he has conceived and formulated a Philosophy of history which is undoubtedly the greatest work of its kind that has ever yet been created by any mind in any time or place. (Vol: 3. P.322,Oxford Press, 1951 Ed)

شاهہ صاحب حضرت حسين ۽ ابن زبير جي شهادت جي جوابداري سڄي بني اميہ گهراڻي تي وجهي ٿو. هيءَ ڳالهہ دين ۽ عقل جي خلاف آهي. الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو ته:

" هڪڙو بار ڍوئيندڙ ٻئي جو بار نه کڻندو." (ولا تزر وازرة وزر اخريٰ) بس هرڪو شخص پنهنجي عملن لاءِ ذاتي طرح جوابدار آهي. انهيءَ بني اميہ گهراڻي مان وليد ۽ عمر بن عبدالعزيز جهڙا بادشاهہ به پيدا ٿيا آهن، جن جي عدالت لاءِ تاريخ شاهد آهي. حقيقت هي آهي ته هر گهراڻي ۾ چڱا بادشاهہ به ٿيندا آهن ۽ بڇڙا حڪمران به. مشهور انگريز مورخ گبن رومي سلطنت جي زوال جي تاريخ لکي

آهي. هن گهراڻي جي بادشاهہ نيرو کي (Profligate and Cruel Nero) يعني بدڪار ظالم نيرو جي نالي سان لکيو اٿس ۽ وٽيلس (Vitellous) سلطان کي درندہ صفت جي نالي سان ياد ڪري ٿو. (ڏسو مذڪوره ڪتاب ص ٢) پر ساڳئي گهراڻي جي هڪ ٻئي بادشاهہ قسطنطنيہ کي بلند قدوقامت ۽ حسن سلوڪ وارو حڪمران قرار ڏئي ٿو.

(His stature was Lofty, his deportment was graceful. P_ 266,Pelican)

گهراڻن سان گڏ ساڳيو قاعدو قومن سان بہ لاڳو آهي يعني ڪنهن بہ قوم جا سڀ ماڻهو خراب بہ نہ هوندا آهن. مهاجرن ۽ پنجابين جو مثال وٺي ڏسو. سائين جي ايم سيد صاحب پنهنجن سيني ڪتابن ۾ " مهاجر پنجابي مستقبل مفاد" جو اصطلاح خاص ڪم آندو آهي. منهنجو هڪ ذهين دوست چوندو آهي تہ شاهہ صاحب جي مڙني لکيل ڪتابن کي گڏي هڪڙو وڏو ڪتاب ڇاهجي ۽ ان جو نالو رکجي " مهاجر پنجابي مستقل مفاد." مهاجرن لاءِ تہ اڪثر چوندو آهي تہ " سڀ ٽار مهاجر مار" پر مون کي هڪ دفعي حيراني ٿي تہ ان مهاجر قوم ۽ اردو ڳالهائيندڙ ٽولي مان هڪڙو شخص پروفيسر قاضي غلام مرتضيٰ نالي بہ آهي جو شاهہ سائين جو سنڌين کان بہ وڌيڪ همدرد ۽ معتقد ڏسڻ ۾ آيو. منهنجي هن سان ملاقات ١٩٧١ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٿي هئي. پنجابين مان بہ پراچہ صاحب ١٩٧٢ع ۾ حيدرآباد منجهہ جناب شاهہ صاحب جي تقرير ٻڌڻ دوران بم ڪرڻ سان مارجي ويو جنهن جي موت تي شاهہ صاحب گهري رنج ۽ غم جو اظهار ڪيو هو. ان ڏماڪي جي واقعي بنسبت شاهہ سائين جي هڪ عقيدتمند جناب نياز همايوني صاحب "توڙي ملنم سور" جي عنوان سان عبرت اخبار ۾ مضمون لکيا هئا.

هن بحث مان اهو ثابت ٿيو تہ گهراڻن توڙي قومن ۾ سڀ ماڻهو خراب نہ ٿيندا آهن، ان ڪري شاهہ سائين کي گذارش آهي تہ هو بني اميہ گهراڻي جو اصطلاح لکڻ وقت استعمال نہ ڪري جو " مٿين واقعات" جي آڌار تي اهو غلط ۽ حقيقت جي برخلاف آهي.

حجاج بن يوسف ثقفي ۽ ان جا ظلم

حجاج جي ظلمن متعلق شاهہ سائين لکي ٿو، " راجا ڏاهر جي ڏينهن ۾ اُنهيءَ گهراڻي جو حاڪم عبدالملڪ بن مروان عرب جو بادشاهہ هو. ان جو سپہ سالار ۽ گورنر حجاج بن يوسف الثقفي وڏو

ظالم، قاتل ۽ بي رحم هو، جنهن اهل بيت رسول تي اڪيچار ظلم ڪيا هئا ۽ بيشمار مسلمانن جو سندس هٿان خون وهيو هو. انهن ڳالهين کان تاريخدان بخوبي واقف آهن." (ص ۴)

حجاج جي ظلمن جو ٿورو تفصيل اڳتي ڪتاب جي صفحي ۷ تي ڏنل آهي.

جي ايم سيد جو گروهہ حجاج بن يوسف جا ظلم بيان ڪري ان مان هي دليل ڪڍي ٿو تہ حجاج ظالم هو، ان ڪري هن جي سنڌ مٿان ڪاهہ ناجائز آهي ۽ سندس سموريون ڪارروايون انصاف جي خلاف آهن. درحقيقت هن جو هي منطق غلط ۽ ڪمزور آهي. مان ان جو تجزيہ تہ بعد ۾ ڪندس، هتي ڪانئن هڪ سوال پڇندس. فرض ڪريو اسين مڃيون ٿا تہ حجاج ظالم هو، ان ڪري سندس ڪاهون ناجائز آهن، پر حضرت عمر رضہ متعلق اوهان ڪهڙي راءِ ٿا رکو؟ هو تہ عادل هو. دشمن بہ هن جي عدالت کي تسليم ڪيو آهي، ايتري قدر جو مهاتما گانڌي جهڙي دنيا جي هڪ وڏي سياستدان بہ ڪانگريسين کي تلقين ڪئي هئي تہ اسان کي شيخين جهڙي حڪومت قائم ڪرڻ کپي. پوءِ ڇو جناب جي ايم سيد صاحب اهڙي عادل حڪمران جي هٿان ايران جي فتح کي ناجائز ٿو ڪوٺي ۽ زير تبصره ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ، " نئين مذهب انهن ۾ اتحاد ۽ جذبہ جنگ اڳي پيدا ڪيو هو. ازانسواءِ ڀين سرسبز ملڪن جي ملڪيت ۽ پيدائش ڳذران لاءِ هٿ ڪرڻ جي خيال منجهن ٻاهرين ملڪن فتح ڪرڻ جي خواهش پيدا ڪئي. حضرت عمر رضہ جي ڏينهن ۾ پر وارا سڪيا ملڪ شام، عراق، مصر ۽ ايران فتح ٿي چڪا هئا". (ص ٦).

يعني شاهہ صاحب جي خيال ۾ عرب جا ماڻهو مسڪين هئا، ان ڪري حضرت عمر رضہ پر وارن سڪين ۽ شاهوڪار ملڪن تي قبضو ڪري اتان ڦر لٽ ڪري عرب جي ماڻهن کي خوشحال بنايو. ظاهر آهي تہ اهڙو قبضو ناجائز ۽ غاصبانہ آهي.هينئر قارئين پاڻ انصاف ڪن تہ عادل عمر رضہ جي جنگين ۽ ظالم حجاج جي فتحن کي بہ جناب جي ايم سيد هڪ نظر سان ڏسي ٿو يا نہ؟ حجاج واقعي ظالم هو، پر جي عادل هجي ها، تڏهن بہ هي ڏاهري گروپ ساڳيو دليل ورجائي ها، جو جناب جي ايم سيد حضرت عمر رضہ جي فتحن ۾ ڏيئي چڪو آهي.

حجاج جي ظلمن کان ڪنهن کي بہ انڪار نہ آهي. پر هي بہ عرب تاريخدانن جي ايمانداري آهي جن حجاج جهڙي سفاڪ کي بي نقاب ڪيو. جيڪڏهن عرب مورخين حجاج جي ظلمن جو داستان نہ لکن ها تہ جناب جي ايم سيد کي پتو بہ نہ لڳي ها تہ هو ڪهڙي

ڪئريڪٽر جو مالڪ هو. ان مان هي نڪتو ثابت ٿئي ٿو تہ عربن تاريخ جي علم ۾ گھڻو ڪري صحيح رپورٽنگ ڪئي آهي. عرب مورخ بنيادي طور مسلمان هئا ۽ خوف خدا رکندڙ هئا، ان ڪري هنن ڄاڻي واڻي غلط ۽ بي بنياد ڳالهين لکڻ کان پرهيز ڪئي. هو بہ انسان هئا ۽ انسان خطا جو گھر آهي. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڪمزور روايتون بہ نقل ڪري ويا. پر بعد ۾ ايندڙ عرب مورخن اڳين جي اصلاح ڪئي هئي ۽ ڪمزور روايتن تي تنقيد ڪئي. علامہ ابن خلدون جو مثال وٺي ڏسو. هن پنهنجي مقدمي ۾ برمڪين جي زوال، سورة ارم جو تفسير، فاطمين ۽ عبيدين جي نسب وغيرهم بابت اڳين مورخين جي روايت تي ڪيڏي نہ عالمانہ تنقيد ڪئي آهي ان ڪري عربن جي خلاف هي سطحي ۽ متعصبانہ خيال آهي تہ ڇاڪاڻ تہ هو فاتح هئا، ان ڪري پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق مفتوحن جون تاريخون لکيائون. هي بلڪل لغو ۽ بي بنياد ڳالهہ آهي ۽ سواءِ جي ايم سيد ۽ پير حسام الدين راشديءَ جي دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ مصنف عربن تي اهڙو ڪوڙو الزام نہ لڳايو.

مون گذارش ڪئي ڪئي تہ حجاج جي ظلمن کان ڪو بہ منڪر نہ آهي ۽ سندس ظالمانہ افعال متعلق عرب مورخن گھڻو ڪجھ لکيو آهي، پر مان اوهان کان پڇان ٿو تہ حجاج جي ظلمن جو سنڌ جي فتحن سان ڪهڙو تعلق؟ مون تاريخي دليلن سان ثابت ڪيو تہ اڳراٽي ڏاهر ڪئي هئي ۽ عربن پنهنجن قيدين ڇڏائڻ لاءِ ڪاروائي ڪئي هئي. حجاج کان علاوه ٻيو ڪو رحمدل گورنر بہ هجي ها، تڏهن بہ ساڳي ڪاروائي ڪري ها. مان وڌيڪ اوهان کان پڇان ٿو تہ جيڪڏهن حجاج کي ظالم سمجھي سندس ڪاروائي کي ناجائز ٺهرايو ٿا تہ اهو حقيقت جي خلاف آهي. ڇا ان وقت اقتدار اعليٰ حجاج جو هو يا خليفہ وليد جو هو؟ ظاهر آهي تہ اقتدار وليد جو هو. سائين جي ايم سيد صاحب هڪ جهونو سياستدان آهي ۽ مان ان سان سياسي اصطلاحن ۾ گفتگو ڪرڻ ٿو چاهيان. سوال ٿو اٿي تہ پوليٽيڪل سائنس ۾ " اقتدار اعليٰ" جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ غالبًا سڀ کان پهريون شخص جنهن علم سياست ۾ "اقتدار اعليٰ" متعلق بحث ڪيو آهي، اهو فرانس جو عظيم سياسي مفڪر ژابوڊين (Jean Bo-din) آهي. هي صاحب ١٥٣٠ع ۾ ڄائو هو ۽ ١٥٩٦ع ۾ وفات ڪيائين. پروفيسر آر ايڇ مري (Murray) صاحب پنهنجي ڪتاب "پوليٽيڪل سائنس جي تاريخ (The History of Political Science) ۾ بوڊين جي ڪتاب ريپبلڪ (Republica) مان حوالو وٺندي لکي ٿو تہ اقتدار اعليٰ جي تعريف ۾ هن فرينچ مفڪر لکيو

آهي ته، " بوڊين اقتدار اعليٰ مان مراد وٺي ٿو هڪ بلند پاور جو، جنهن جو شهرين ۽ رعايا جي مٿان اهڙو ڪنٽرول هجي جو قانون کان به بالاتر ٿئي."

(In his De Republica Bodin defines sovereignty as the supreme power over citizens and subjects, unrestrained by law. P _ 1 _ 1).

اقتدار اعليٰ متعلق بوڊين جي مٿئين تعريف پڙهي سوال ٿو پيدا ٿئي ته سنڌ فتح ڪرڻ جي وقت شهرين ۽ رعيت جي مٿان اهڙو ڪلي اختيار خليفي وليد جي هٿ ۾ هو يا حجاج بن يوسف جي هٿ ۾ ؟ ظاهر آهي ته خليفي وليد جي هٿ ۾. حجاج ته ان جو ماتحت گورنر هو ۽ وليد جي پاليسين تي عمل ڪرائڻ وارو سنڌ جي مٿان محمد بن قاسم جو حملو به خليفي وليد جي منظوريءَ سان ٿيو هو. جيڪڏهن خليفو اجازت نه ڏئي ها ته حجاج جي ڪهڙي مجال هئي جو پنهنجي طرفان اهڙو قدم کڻي ها؟ بس ثابت ٿيو ته اهو حملو خليفي وليد جي ڏينهن ۾ ٿيو ۽ علامه ابن خلدون جي راءِ موجب وليد بني اميه گهراڻي جو بهترين بادشاهه هو. سنڌ جي ڪاه به خليفي وليد ڏانهن منسوب ٿيل آهي. ان ڪري به اها ظالمانه ڪارواٺي هرگز نه آهي. انهيءَ نيڪ خصلت بادشاهه جي سيرت ۽ ڪردار متعلق مورخ طبري پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو ته، " اهل شام وليد کي پنهنجن سڀني خليفن مان بهترين خليفو سمجهندا هئا، وليد ڪيترين ئي مسجدون ٺهرايون هيون. جامع مسجددمشق، مسجد مدينه ۽ مينار ٺهرايائين. ڏاڍو سخي ۽ ڏيڻ وارو هو. جيڪي ماڻهو ڪوڙهه ۾ مبتلا هئا، انهن لاءِ روزانه الائونس مقرر ڪيائين ۽ انهن تي بندش وڌائين نه اوهان ماڻهن آڏو پنڻ لاءِ سوال نه ڪريو. ان نموني جيترا به انڌا منڊا ۽ ٽنڊا هئا، انهن سڀني جي خدمت لاءِ هڪ نوڪر سرڪاري خرچ تي مقرر ڪيائين ۽ ان نوڪر تي لازم ڪيو ويو هو ته اهڙن معذورن جي خدمت ۽ شيوا ڪري.وليد جي عهد حڪومت ۾ مسلمانن کي عظيم الشان فتحون ٿيون، مغرب ۾ موسيٰ اسپين کي فتح ڪيو، شمال مشرق ۾ قتيبه ڪاشغر کي ۽ محمد بن قاسم هندستان فتح ڪيو.وليد جو معمول هو ته اڪثر دڪاندارن ڏانهن بازار ۾ ويندو هو، ۽ ٿوري سبزي کڻي دڪاندار کان ان جي قيمت پڇندو هو. وڪڻندڙ بادشاهه جي ڊپ کان هڪ پنسو ان جي قيمت ٻڌائيندو هو. وليد چوندو هو ته ان جي قيمت ڪجهه وڌاءِ." (١)

---

(١)تاريخ طبري، جلد ٥ اموي حڪومت ٩٢ . ٤٩١، مترجم سيد محمدابراهيم ايم اي ڪراچي

علامہ طبري وليد جي متعلق وڌيڪ ائين بہ لکيو آهي تہ هو قرآن پڙهندڙن جي ڏاڍي عزت ڪندو هو ۽ انهن جا قرض پڪا لاهيندو هو.

وليد ابن خلدون جي نظر ۾

علامہ ابن خلدون وليد بادشاهہ جي متعلق لکي ٿو تہ " ١٥ جمادي الثاني ٩٦هجري ۾ وليد بن عبدالملڪ وفات ڪئي. سندس نماز جنازه عمر بن عبدالعزيز پڙهائي. هي بني اميہ جي بهترين خليفن مان هو. مدينہ منوره جي مسجد،بيت المقدس جي مسجد ۽ دمشق جي مسجد ٺهرايائين، وليد جي خلافت ۾ اندلس ڪاشنور، هند (سنڌ) وغيره فتح ٿيا هئا. نفيس مزاج، متواضع ۽ ضياع جي خوشبوء کي پسند ڪندو هو. قرآن شريف جي تلاوت ٽن ڏينهن ۾ ۽ رمضان ۾ ٻن ڏينهن اندر ختم ڪندو هو." (١)

قارئين مٿي ٻن نامور مورخن جي زباني خليفہ وليد جي سيرت ۽ ڪردارکي پڙهيو ۽ معلوم ٿيو تہ هو نيڪ خصلت، انسان دوست ۽ قرآن مجيد سان شغف رکڻ وارو حڪمران هو. اوهان اهو بہ پڙهي آيا تہ ٻئي تاريخدان، طبري ۽ ابن خلدون هند يعني سنڌ جي فتح خليفي وليد ڏانهن منسوب ڪن ٿا ڇو جو ان وقت اقتدار اعليٰ هن جو هو. هو ظالم نہ هو، پر انسان دوست هو. ان ڪري حجاج جي ظلمن کي بيان ڪرڻ سان سنڌ جي مٿان عربن جي حملي کي ڪڏهن بہ ناجائز نہ ڪوٺبو.ڇو جو ان وقت سربراهہ مملڪت (Head of State) وليد هو جيڪو بهترين ۽ عادل حڪمران هو.

جناب جي ايم سيد جي گروهہ کي تاريخ جو مطالعو ڪونہ آهي. ان ڪري هن قسم جا ٻاراٺا اعتراض ڪندا آهن تہ حجاج ظالم هو. ان ڪري سندس سڀ ڪاروايون ناجائز آهن. مون ان سوال جي جواب ڏيڻ لاء مٿي تفصيلي بحث ڪيو آهي تہ سنڌ وليد بادشاهہ جي ڏينهن ۾ فتح ٿي هئي جيڪو عادل ۽ انصاف پسند هو. پر شاهہ سائين کي شايد خبر نہ آهي تہ موجود ہ دور جي سياسي تاريخ ۾ اهڙا مثال بہ گذريا آهن جن ۾ ظالمن جي ڪاروائين کي بہ مهذب دنيا لکيل معاهدن جي شڪل ۾ تسليم ڪيو آهي.مثال طور نازي جرمني جو هٽلر هڪ وڏو ظالم حڪمران ٿي گذريو آهي. مني ١٩٦٠ع ۾ هٽلر جي هڪ آفيسر ايڪمن (Eichman) اسرائيلي سپريم ڪورٽ آڏو پنهنجي خلاف مقدمي جي دوران بيان ڏنو هو تہ

---

(١) تاريخ ابن خلدون حصہ ٢ خلافت معاويہ ص٢، ٢٦١ ڪراچي

هٽلر جي حڪومت ۾ ١٩٣٣ ع کان ١٩٤٥ع تائين فقط يهودي قوم جا چاليهہ لک انسان قتل ٿي ويا. حجاج تہ هڪ لک ماڻهو مارايا هئا. هھڙي ظالم هٽلر چيڪوسلوڪيا جي صوبي سڊيٽس تي پنهنجو حق ڄمايو ۽ آڪٽوبر ١٩٣٨ع جي ميونخ معاهدي موجب هٽلر جي هن ناجائز جارحيت کي مهذب دنيا تسليم ڪيو. هن بدنام معاهدي تي برطانيہ جي وزير اعظم چيمبرلين، فرانس جي وزير اعظم ڏلاڊير، مسوليني ۽ هٽلر دستخط ڪيا هئا. غريب ملڪ چيڪوسلوڪيا کي ٽڪر ڪري سڊيٽنلنڊ ظالم هٽلر جي حوالي ڪيو ويو ۽ اهڙو اطلاع ليگ آف نيشنس کي موڪليو ويو. هي هڪ واضح مثال آهي هڪ ظالم جي ناجائز ڪاروائين کي معاهدن ذريعي تسليم ڪرڻ جو.

روس جو آنجهاني وزير اعظم اسٽالن جو مثال وٺي ڏسو. هينئر دستاويزي طور ثابت ٿيو تہ هو هڪ ظالم ۽ جابر انسان هو، جنهن روس جي لکين ماڻهن کي موت جو شڪار بڻايو. سندس ظلمن جو داستان پڙهي حجاج بہ معصوم ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اسٽالن جي ظلمن کي سرڪاري طرح بہ تسليم ڪيو ويو. سائين جي ايم سيد کي ياد هوندو تہ فيبروري ١٩٥٦ع ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽي جي ڪانگريس جي ٢٣ اجلاس ۾ خروشچوف اسٽالن جي ظلمن کي بيان ڪيو هو. هينئر خروشچوف جي تقرير ڪتابي شڪل ۾ بہ ڇپيل آهي. خروشچوف جي هن تقرير کان پوءِ سنت ٿي اسٽالن جو لاش روس مان ڪڍرائي گم ڪرايو ويو، نہ فقط ايترو پر اسٽالن جي ظلمن جي شاهدي سندس لاڏلي ڌيءُ سوبتلانا پنهنجي ڪتاب (Twenty Letters to a Friend) ۾ ڏني ٿي. اسٽالن جي سياسي سوانح نگار ڊيوشر جي ڪتاب (Stalin : A Political Biography) جو نائون باب بعنوان (The Gods are A Thirst) پڙهي ڏسو. اسٽالن جي ظلمن کي ڏسي حجاج جو روح بہ شرمائيندو يا نہ؟ پر اوهان ڏسندا تہ هن ظالم اسٽالن جي دور حڪومت ۾ سوشلزم کي فروغ مليو. مان تہ سمجهانٿو تہ اسٽالن جو ڪتاب (Problems of Len-ninisiom) سوشلزم جي نظريہ تي هن جو وڏو احسان آهي. هھڙي ظالم درندہ صفت جي ڏينهن ۾ مشرقي يورپ جي ملڪن ۾ ڪميونزم نافذ ٿيو. بعد ۾ يورپ جي ملڪن هنگري ۽ چيڪوسلوڪيا ۾ ١٩٥٦ع ۽ ١٩٦٩ع ۾ روس جي خلاف ناڪامياب انقلاب آيا. پر اوهان کي اهو ڏسي حيراني ٿيندي تہ هنگري ۽ چيڪوسلوڪيا جي ليڊرن سنڌ جي قوم پرست حلقي وانگر دليل ڪونہ ڏنا. ڇاڪاڻ تہ اسٽالن ظالم هو ان ڪري سندس

مشرقي يورپ ۾ ڪميونسٽ جارحيت ناجائز ۽ غير اخلاقي آهي. تہ پوءِ ترقي پسند حجاج جي خلاف ڇو ٿا الزام لڳائين تہ هو ظالم هو. ان ڪري سنڌس ڪاروايون يا نظريات ڪي شخصيت جي معيار تي پرکڻ جهالت ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي.

حجاج بن يوسف جو گناهن متعلق اعتراف

مان مٿي لکي آيو آهيان تہ حجاج ظالم هو. پر هو ڪافر نہ هو. هندستان جي مشهور عالم ۽ سياستدان مولانا ابوالڪلام آزاد پنهنجي ڪتاب " انسانيت موت کے دروازه پر" حجاج جي مرڻ واري لمحات جو نهايت ئي سبق آموز لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي. ڏسو تہ مرڻ وقت هي ظالم ڪيڏو نہ پنهنجي گناهن تي پڇتائي ٿو ۽ خدا کان پنهنجي مغفرت طلب ڪري ٿو.

مولانا آزاد لکي ٿو ، " جڏهن حجاج کي پنهنجي زندگيءَ مان نااميدي ٿي تہ پنهنجي گهر وارن کي چيائين تہ مون کي وهاريو ۽ ماڻهن کي گڏ ڪريو. ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا تہ هن پنهنجي عادت موجب هڪ بليغ تقرير ڪئي. موت ۽ سختين جو ذڪر ڪيو. قبر ۽ ان جي تنهائي بيان ڪئي. دنيا ۽ ان جي بي ثباتي ياد ڪئي. آخرت ۽ ان جي خوفناڪ ڪيفيت جي تشريح ڪئي، پنهنجي گناهن ۽ ظلمن جو اعتراف ڪيو ۽ ان بعد هي شعر ان جي زبان تي جاري رهيا.

"ان ذنـــبـــي وزن الـــســـمـــاوات والارض
وظـــنـــي بـــخـــالـــقـــي ان يـــحـــابـــي"

يعني منهنجا گناهہ آسمان ۽ زمين جي برابر ڳورا آهن پر مونکي پنهنجي خالق ۾ اميد آهي تہ رعايت ڪندو. (ڏسو ڪتاب مذڪوره ص ١٩٨).

مولانا اڳتي لکي ٿو تہ حجاج مرڻ وقت خليفي وليد کي هڪ خط لکيو، ان ۾ ذڪر ڪيائين تہ، " اڄ تنهنجي غلام تي اها مصيبت نازل ٿي جا مصيبت ايوب صابر تي نازل ٿي هئي. مون کي اميد آهي نہ جبار ۽ قهار ان طرح پنهنجي بندي جا گناهہ بخشي ٿو ۽ گناهہ ڏوڻي ٿو چاهي. حجاج خط جي آخر ۾ هنن شعرن جي لکڻ جو حڪم ڏنو.

اذامالقيت الله عيني راضيا ـ فان شفاء النفس فيما هنالک
فحسبي بقاء الله من کل ميت ـ وحسبي حياة الله من کل هالک

يعني جيڪڏهن مون پنهنجي خدا کي راضي پاتو تہ بس پنهنجي

مراد پوري ٿي. سڀ مرندا. پر خدا باقي رهڻ وارو مون لاءِ ڪافي آهي. سڀ هلاڪ ٿي ويندا پر خدا جي زندگي مون لاءِ ڪافي آهي. (ص ١٩٩)

مولانا آزاد جي ڪتاب مان هي آخري اقتباس پيش خدمت آهي. مولانا لکي ٿو ته ابومنذر نالي هڪ شخص سڪرات جي وقت حجاج بن يوسف کي سندس ڪيل ظلمن تي ملامت ڪئي ۽ ڪيس ٻڌايو ته. " الله جو هزار شڪر جو هن تنهنجي موت سان امت کي راحت بخشي ۽ توکي اڄ مغلوب ڪري پنهنجي اميد پوري ڪئي. " راوي چوي ٿو ته حجاج هي ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ دير تائين خاموش رهيو. ان ڪان پوءِ ٿڌو ساهه کڻي اکين مان ڳوڙها ڪيرائي آسمان ڏانهن نظر ڊوڙائي چيو: الاهي مون کي بخش ڇاڪاڻ ته ماڻهو چون ٿا ته تون مون کي نه بخشيندين ۽ ان ڪان پوءِ هي شعر پڙهيائين:

"رب ان العباد قد ايئسوني
ورجائي لک الغداة عظيم"

يعني ته الاهي بندن مونکي نااميد ڪري ڇڏيو حالانڪ مان تو ۾ وڏي اميد رکان ٿو.

هي شعر چئي حجاج جون اکيون بند ٿي ويون ۽ روح پرواز ٿي ويس. (ص ٢٠١، ٢٠٢)

مولانا ابوالڪلام آزاد عليه الرحمة پنهنجي طرفان حجاج جي توبه تي تبصره ڪندي لکي ٿو ته. " ان ۾ شڪ نه آهي ته رحمت الاهي جي بي ڪنار وسعت ڏسي هن (حجاج) جو هي انداز طلب هڪ عجيب تاثر رکي ٿو ۽ هن باب ۾ هي بينظير مقوله آهي. اهوئي سبب آهي ته جڏهن حسن بصري رحمةالله عليه کي حجاج جو اهو قول ٻڌايو ويو ته حسن بصري پهريائين ته تعجب ۾ پئجي ويو، پوءِ چوڻ لڳو ته ڇا واقعي حجاج ائين چيو؟ جواب مليس ته واقعي هن ائين ئي چيو هو. حسن بصري ورائيو ته شايد. يعني هاڻي شايد بخش جي وڃي. (١)

ڪاش! سائين جي ايم سيد صاحب کي به مرڻ وقت حجاج بن يوسف جهڙي توبه ۽ استغفار نصيب ٿئي.

---

(١) انسانيت موت کے دروازہ پر ۔ از مولانا ابوا الکلام آزاد ص ٢٠٢ لاهور

رسول ڪريم جي رسالت جا مقصد

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت جي مقصد متعلق شاھ سائين لکي ٿو، " حضرت رسول ڪريم جي رسالت جا ٻہ مقصد ھئا. ھڪ ماڻھن جي ذھني تربيت،نفساني اصلاح ۽ اخلاقي دوستي. ٻيو امن امان رکڻ،ملڪي نظام ۽ ماڻھن جي گذراني جي مسئلن جو حل ڪرڻ ھو. (ص ٥)

شاھ صاحب جي ڪتاب مان مٿين عبارت پڙھي مان سوچ ۾ پئجي ويس تہ ڇا شاھ سائين ڄاڻي واڻي رسول ڪريم ﷺ جي رسالت جي مقصدن کي نظر انداز ڪري ٿو يا اڻ ڄاڻائي ڪري مٿين عبارت لکي اٿس. منھنجي لاءِ ھي فيصلو نھايت ئي منجھائيندڙ ۽ مشڪل ترين ھو. آخرڪار ان نتيجي تي پھتس تہ مصنف جي ڄاڻ رحم جوڳي آھي، ڇو جو پيون بہ ڪيترئيون ئي اھڙيون عبارتون زير تبصره ڪتاب توڙي ٻين ڪتابن ۾ لکيون اٿس، جن مان سولائي سان اندازو ڪري سگھجي ٿو تہ قبلہ جي معلومات نھايت ئي ناقص آھي. مثلاً سندس ھي تحريرون تہ:

(١) سنڌ عبدالملڪ بن مروان جي ڏينھن ۾ فتح ٿي.
(٢) اسپين ابو موسيٰ اشعري فتح ڪيو.
(٣) چچنامہ ۾ سومرن جو ذڪر آھي.
(۴) برھمڻ سنڌي گھراڻو آھي.
(٥) ٻڌ ڌرم وچ ھندستان ۾ پيدا ٿيو.
(٦) حجر اسود انساني آلت جو پٿر آھي.
(٧) مسلمانن وٽ حضرت آدم کان وٺي پيغمبر ڪريم تائين شجرو لکيل آھي وغيره.

تاريخ ۽ مذھب جي متعلق سندس ڄاڻ جو اھو حشر آھي. پنھنجي ڪتاب: " جيئن ڏٺو آھ مون" ۾ نظريہ ارتقا جي اھڙي ڪل جوڳي تشريح ڪئي اٿس جا پادري ولبر فورس (ڊارون جو مخالف) بہ نہ ڪئي ھئي.سندس مضحڪ خيز عبارت پڙھي مان حلقاچوان ٿو تہ ھن ڊارون جو ڪتاب:

(The Origin of Species by Means of Natural Selection, Or The Preservation of Favoured Races in the Struggle for Life.)

مورڳو ڏٺوئي ڪونہ آھي. وڏيڪ عجب جھڙي ڳالھہ تہ زاعنزم جي معنيٰ ڪئي اٿس يھوديت. سبحان الله!ان کان علاوه سندس بي شمار علمي غلطيون آھن. سندس اھڙين فاش غلطين کي نظر ۾ رکي

مان ان راءِ جو آهيان تہ هن صاحب ڇاڻي واڻي رسالت جا غلط مقصد ڪونہ لکيا آهن، پر سندس معلومات ٿي ايتري آهي. سندس مٿئين عبارت پڙهي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ نفساني اصلاح، اخلاقي درستي، ملڪي نظام ۽ ماڻهن جي گذراني جي مسئلي جي حل لاءِ گانڌي بہ پاڻ پتوڙيو هو. پوءِ ڇا هو نبي هو؟ جي ايم سيد صاحب تہ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ گانڌي کي نبين کان بہ مٿانهون درجو ڏنو هو. ڪراچي هاءِ ڪورٽ جي ٻن ججن مرحوم الاهي بخش خميساڻي ۽ جسٽس عبدالقادر شيخ هن تي قانوني گرفت بہ ڪئي هئي. برٽرينڊرسل بہ عمر تائين امن عالم ۽ انسان ذات کي سکيو بڻائڻ لاءِ وڙهندو رهيو. حالانڪ سيني کي خبر آهي تہ هو دهريو هو، قرآن مجيد ۽ احاديث نبوي ۾ رسالت جا مقصد ايڏا تہ چٽا بيان ڪيا ويا آهن جو ان جي دهرائڻ جي ڪا ضرورت بہ نہ آهي. هر مسلمان کي ان جي ڄاڻ آهي، هتي فقط بہ تاريخي واقعا نقل ڪجن ٿا، جن جي روشنيءَ ۾ رسول ڪريم جي نبوت ۽ ان جي مقصدن جي وضاحت ٿئي ٿي، اهي ٻئي واقعا حضور جن جي ٻن همعصر بادشاهن سان تعلق رکن ٿا. هڪ روم جي بادشاهہ هرقل سان ٻيو حبش جي بادشاهہ نجاشيءَ سان.

علامہ ابن خلدون رحمة الله عليه پنهنجي مقدمي ۾ نبيءَ جي سڃاڻپ ۽ ان جي مشن بابت وڏو عالمانہ بحث ڪيو آهي. لکي ٿو تہ. "صحيح روايت ۾ اچي ٿو تہ هرقل ڏانهن جڏهن نبي صلي الله عليه وسلم اسلام جي دعوت پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجو خط مبارڪ روانو ڪيو تہ ان تي هرقل پنهنجي شهر ۾ موجود قريشن کي گهرايو جن ۾ ابو سفيان بہ هو. هرقل جو سوال هي هو تہ، اهو رسول اوهانکي ڪهڙين ڳالهين جو حڪم ڏي ٿو، ابوسفيان جواب ڏنو تہ نماز، عبادت، پنهنجي مٽن مائٽن سان محبت جو برتاءُ ڪرڻ ۽ پاڪدامني جو، ان کان پوءِ هرقل ابوسفيان کان ٻيون ڳالهيون بہ پڇيون، جن جو ابوسفيان جواب ڏيندو رهيو. اهي سڀ ڳالهيون ٻڌي هرقل چيو تہ جيڪڏهن تنهنجون اهي سڀ ڳالهيون سچيون آهن تہ اهو شخص بلاشڪ نبي ۽ رسول آهي ۽ عنقريب منهنجي ملڪ ۽ سلطنت جو مالڪ ٿيندو. (مقدمہ ص ١٠٣)

ذرا غور ڪريو تہ هرقل بادشاهہ نبيءَ کي سندس مشن معلوم ڪرڻ سان ڪيئن سڃاتو ۽ هتي اسان وٽ چوڏهين صديءَ ۾ نبيءَ جي آل مان هڪ شخص جي ايم سيد صاحب آهي جو " جيئن ڏنو آهہ مون" جهڙن گمراهہ ۽ غير علمي ڪتابن ۾ لکي ٿو تہ نماز ۽ عبادت ڪرڻ سڀ بڪواس آهي. اها ملا جي شريعت آهي ۽ رسالت جا بہ مقصد هنا جي مٿي اوهان سندس ڪتاب ۾ پڙهيا آهن" .

نبي صلي الله عليه وسلم جي پيءُ ۽ سندس رسالت جي مقاصد متعلق حضرت جعفر ابن ابي طالب رضه جي بليغ ۽ حڪيمانه تقرير مان خبر پنجي سگهي ٿي. هيءَ تقرير حبش جي بادشاهه نجاشيءَ آڏو ڪئي هئائين. مڪي ۾ قريشن جي ظلم، تشدد ۽ بربريت کان تنگ ٿي حضور جن پنهنجي جان نثارن کي حبش ۾ پناهه وٺڻ لاءِ حڪم ڪيو هو. بعد ۾ اهل مڪه جي هڪ وفد عمرو بن العاص جي قيادت ۾ نجاشيءَ کان انهن پناه گير صحابه جي واپسيءَ لاءِ عرض ڪيو هو. ان وقت بادشاهه ۽ مهاجر مسلمانن جي اڳواڻ حضرت جعفر جي وچ ۾ جا گفتگو ٿي هئي، اها رسول ڪريم جي مصري سوانح نگار ڊاڪٽر محمد حسين هيڪل جي ڪتاب " حيات محمد" مان نقل ڪجي ٿي. ڊاڪٽر هيڪل مرحوم (پيدائش ١٨٨٣ ,وفات ١٩٥٧ع) لکي ٿو ته:

" بادشاهه مهاجرين کي گهرائي برسرعام هنن کان پڇيو ته اوهان ماڻهن جو ڪهڙو مذهب آهي؟ جيڪڏهن اوهان پنهنجو پهريون مذهب ڇڏي به ڏنو ته عيسائيت يا اڳين مذهبن مان ٻيو ڪو مذهب چو نه اختيار ڪيو؟ بادشاهه جي انهن سوالن جي جواب ڏيڻ لاءِ حضرت جعفر بن ابي طالب ڪليءَ دربار ۾ فرمايو ته : اي بادشاهه سلامت! اسين عرب جا ماڻهو جاهليت جي دور جي اهڙي يادگار آهيون جن جو مذهب بتن جي پوڄا ڪرڻ هو ۽ مردار جانورن جو گوشت اسان جو کاڄ هو. خواهش نفس جو برملا ارتڪاب ڪرڻ اسان جو ڌندو هو. مٽن مائٽن سان حسن سلوڪ ڪرڻ ۽ پاڙيسرين جي حقن جي ادائيءَ کان اسان ڪوهين پري هوندا هئاسون. اسان مان هرڪو ماڻهو ڪمزورجي مال جي قبائڻ ۾ بي باڪ هوندوهو ۽ ان کي ڪا روڪ ڪانه هوندي هئي. صدين کان وٺي ماڻهو هن نموني جي وحشيانه زندگي بسر ڪندا هئا. اوچتو اسان جي مٿان خدا جي رحمت وسي پئي، يعني الله تعاليٰ اسان سرڪشن مان ئي هڪ اهڙي پاڪ انسان کي پنهنجو رسول ڪري موڪليو، اسان هن جي خانداني جاهه و جلال، امانتداري ۽ پاڪدامنيءَ کان سندس رسالت کان اڳ ۾ به واقف هئاسون. هن اسان کي الله تعاليٰ وحده لاشريڪ لهجي عبادت لاءِ پڪاريو ۽ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن جي بت پرستيءَ کي ڇڏي پروردگار عالم جي پرستش شروع ڪئي. ان رسول اسان کي سچ چوڻ جي تعليم ڏني ۽ اسان ان تي عمل ڪري ڏيکاريو. هن اسان کي امانت ۾ خيانت نه ڪرڻ، پنهنجن عزيزن سان چڱو برتاءُ ڪرڻ، پاڙيسرين جا حق ادا ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي سان انصاف ۽ مهرباني ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ اسان سندن مذڪور حڪمن جي فوراً پيروي ڪئي.

هن (نبيءِ) فرمايو تہ هڪ ٻئي کي قتل ڪرڻ ۽ ذليل ڪرڻ نيڪ نہ آهي، تہ اسان ان ارشاد تي عمل ڪري ٻنهي ڪمن کي ڇڏي ڏنو. بدڪلامي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ کي هن بدترين افعال سان تشبيهہ ڏني ۽ اسان ان کان پاسو ڪيو. پاڪدامن عورتن جي مٿان بهتان لڳائڻ کان انهيءَ نبيءَ اسان کي روڪيو ۽ اسان پنهنجي زبانن تي مهر لڳائي ڇڏي. هن اسان کي يتيم جي مال کائڻ کان منع ڪئي ۽ ان تي تصرف کي ناجائز قرار ڏنو ۽ اسان اهڙن مالن کي امانت کان عزيز تر سمجهي ان جي حفاظت ڪئي. هن اسان کي ٻي مثل خدا جي عبادت، نماز پڙهڻ جي هدايت، مال مان زڪوات ڪڍڻ ۽ روزه رکڻ فرض قرار ڏنو ۽ اسان هن جي هر حڪم تي لبيڪ چئي اکين تي رکيو."

حضرت جعفر رسول پاڪ جي تعليم مان پيا بہ ڪيئي حڪم ٻڌايا. ان کان پوءِ بادشاهہ کي خطاب ڪندي چوڻ لڳو تہ " اي بادشاهہ اسان اهڙي نبي رسول جي تصديق ڪئي، ان تي ايمان آندو ۽ ان عظيم هستي خدا وٽان جيڪي ڪجهہ اسان کي ٻڌايو ان جي مڪمل پيروي ڪئي. (١)

ڊاڪٽر هيڪل مرحوم اڳتي لکي ٿو تہ، " حضرت جعفر جي تقرير ۽ حضرت مسيح بابت پڇا ڳاڇا کان پوءِ نجاشي بادشاهہ ايڏو تہ متاثر ٿيو جو پناهہ وٺندڙ مهاجرين کي اهل مڪہ ڏانهن واپس ڪرڻ کان انڪار ڪيائين. جنهن بہ شخص کي اهر جي داتي جيترو ايمان هوندو اهو حضرت جعفر جي تقرير پڙهڻ تي بي اختيار ڳوڙها ڳاڙيندو. ذرا ان گهڙيءَ جو تصور ڪريو، جڏهن نجاشي بادشاهہ جي ڪليل دربار ۾ حضرت جعفر رسالت جي مقصدن کان سامعين کي آگاهہ ڪيو، خدارا هن جليل القدر صحابيءَ جي تقرير کي پڙهو ۽ پوءِ جي. ايم سيد صاحب طرفان رسالت جي ٻن مقصدن کي بہ ڏيان ۾ رکو. ڪيڏو نہ آسمان ۽ زمين جو فرق آهي! حقيقت هيءَ آهي تہ حضرت جعفر جي هڪ تقرير جي ايم سيد جي ٻني ڪتاب "جيئن ڏٺو آهہ مون" کي بہ خاڪ ۾ ملائي ٿي ڇڏي.

نهايت ئي افسوس جهڙي ڳالهہ آهي تہ قرآن، حديث ۽ آثار صحابہ تہ پري رهيو، پر مغرب جي متعصب عيسائي مؤرخن بہ رسالت جا اهي بہ مقصد بيان ڪين ڪيا، جي جناب سيد صاحب ڪيا آهن. هيٺ نموني طور ٻن نامور عيسائي مؤرخن جي ڪتابن مان بہ حوالا پيش ڪجن ٿا، جن مان منهنجي ڳالهہ جي تصديق ٿيندي.

---

(١) حڪومت مصر ص ١٦٥، مترجم ابو يحيئ ثقافت اسلاميه لاهور ڇاپو پيو.) حيات محمد ـ از ڊاڪٽر محمد حسين هيڪل سابق وزير تعليم.

گبن ۽ هنيءَ جي شاهدي

مشهور انگريز مؤرخ گبن صاحب رومي سلطنت جي زوال جي تاريخ (Decline and Fall of the Roman Empire) لکي آهي. هن ڪتاب جو پنجاهون باب. "اسلام جي آمد" (Coming of Islam) جي عنوان سان شروع ٿئي ٿو. سترهين صديءَ جو هي مشهور عيسائي مؤرخ رسول ڪريم جي حياتي ۽ ان جي دعوت متعلق پنهنجي ٻين عيسائي پائرن وانگي تعصب ۽ عناد جو مظاهرو ڪري ٿو، پر رسالت جي مقصدن بابت ـ جي ايم سيد وانگر لاعلمي جو اظهار ڪونہ ٿو ڪري: لکي ٿو تہ " رسول پنهنجي ڪٽنب ۽ قوم کي جا دعوت ڏني هئي، ان جا مکيہ ٻہ جزا هئا يعني "لااله الا الله محمد رسول الله" الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ الله ڪونہ آهي ۽ محمد ان جو رسول آهي. "

(The faith which, under the Islam he preached to his family and nation, is compounded of an eternal truth and a necessary fiction,that there is only one God, and that Muhammed is the apostle of God. P _ 664, pelican book, 1966 ED:)

رسول جي رسالت متعلق هٽي جي راءِ (Philip. K . Hitti)

عيسائي مؤرخ پروفيسر فلپ. ڪي هٽي پنهنجي ڪتاب (History of the Arabs) ۾ رسالت جي مقصد تي روشني وجهندي لکي ٿو تہ، محمد عربيءَ جو پيغام ۽ دعوت بہ عهدنامہ قديم جي ٻين سچن اسرائيلي نبين جهڙي هئي، يعني تہ الله هڪڙو آهي، اهوئي طاقتور ۽ ڪائنات جو خالق آهي. قيامت برحق آهي، خدا جي حڪمن تي هلڻ وارن تي بهشت ۾ بهترين انعام ۽ اڪرام جي نوازش ٿيندي ۽ خلاف ورزي ڪندڙن لاءِ جهنم جي ڏهڪارئيندڙ سزا آهي."

(In his call and message the Arabian Muhammad was as truly prophetic as any of the Hebrew prophets of the old testament. God is one. He is all powerful. He is the creator of the universe. There is a judgment day. Splendid rewards in paradise await those who carry out God.s commands, and terrible punishment in hell for those who disregard them. Such was the gist of his early message." P _ 113. 153 ED Great Britain)

صحابہ ڪرام رسالت جي مقصدن بابت قيصر روم هرقل جي درٻار ۾ ابوسفيان جي زباني، حبش جي بادشاھ نجاشي آڏو حضرت جعفر جي تقرير، پڻ نامور عيسائي مؤرخن گبن ۽ هنٽيءَ جي حوالن کي پڙهيو. اوهان پاڻ انصاف ڪريو تہ رسالت جي مقصدن لاءِ شاھ صاحب جي راءِ ڪيڏي نہ حقيقت کان بعيد آهي! افسوس جو عيسائي مؤرخن بہ صحيح لکيو ۽ هي اهلبيت جي خاندان جو فرد اجا لاعلميءَ جي حالت ۾ آهي.

حضرت عمر رضہ ۽ پر وارا سڪيا ملڪ

حضرت عمر رضہ جي خلافت جي وقت ۾ وارا ملڪ ڇو مفتوح ٿيا؟ هن سوال جي جواب ۾ شاھ سائين اهڙي ٿيئري پيش ڪئي آهي، جو چوڏهن سو سال گذرڻ بعد بہ انهن مفتوح ملڪن جي ڪنهن بہ فرد يا گروھ اجا تائين نہ لکي آهي. پر وارن ملڪن ايران ۽ مصر ۾ اڻويهين صديءَ ۾ قومپرستيءَ جون تحريڪون زور شور سان هليون، پر ڪنهن ايراني يا مصري، شاھ صاحب وانگي اهڙي ٿيئري پيش ڪانہ ڪئي تہ هنهي ملڪن کي سڪيو سمجهي حضرت عمر رضہ انهن کي مفتوح بڻايو. شاھ سائين هر معاملي ۾ پنهنجي نرالي توجيهہ ڪندو آهي. هيگل کي پڙهي چوڻ لڳو تہ سنڌ جي صوفين اهو نظريہ پيش ڪيو هو. شاھ صاحب جو بہ ڏوھ ڪونہ آهي. هيگل جو فلسفو ايڏو تہ ادق ۽ منجهائيندڙ آهي جو چڱي ڀلي دماغ وارن کي بہ هيڪر مٽي ۾ پنوائي اڇي ويندي. جن شخص هيگل جو ڪتاب " فلسفيانہ سائنس جي انسائڪلوپيڊيا" (Encyclopedia of philosophical sciences) پڙهيو هوندو، اهي منهنجي رمارڪ سان اتفاق ڪندا.

پرواري سڪيہ ملڪ ايران جا مسلمان حضرت عمر رضہ لاءِ ڪا چڱي راءِ نہ رکندا آهن ۽ موجوده دور ۾ تہ ايران وارن کي عظيم سائرس تي ناز آهي جو اڍائي هزار سال اڳ پيدا ٿيو هو. پر افسوس جو ڪنهن ايراني مصنف حضرت عمر رضہ تي اهڙو بيهوده الزام نہ لڳايو. شاھ صاحب ايران ۽ عرب جي ابتدائي تعلقات متعلق ڪابہ معلومات نٿو رکي، بس ان ڪري هڪ مفروضو ٺاهي ويو اٿس. ساڳيءَ طرح شام ۽ مصر حضرت عمر رضہ جي زماني ۾ رومين جي قبضي هيٺ هئا ۽ رومي عربن جا جاني دشمن هوندا هئا. رومين جي بازنطيني سلطنت وارا شامين تي ظلم و تشدد سان حڪمراني ڪندا هئا، جڏهن اسلام جو زور عربن ۾ ٿيو ۽ رسول ڪريم وحشي عربن

ڪي انسانيت سيڪاري تہ انهن ۾ قومي وحدت پيدا ٿي تہ ٻہ واريون ٻئي سلطنتون يعني ايراني ۽ رومي جي عربن کي غلام بڻائي ويٺيون هيون، تن خطري جي گهنٽي محسوس ڪئي.

چنانچ هو عربن سان کونسڻ لڳا. خود رسول ڪريم جي مبارڪ عهد ۾ اهي رومي شرارتون ڪندا رهيا. هتي هڪ تاريخي واقعو نقل ڪجي ٿو.مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو خاص عقيدتمند ۽ جان نثار پروفيسرسعيد احمد اڪبر آبادي پنهنجي ڪتاب " صديق اڪبر" ۾ لکي ٿو تہ. " سنہ ڇهين هجري ۾ نبي صلي الله عليہ وسلم روم جي بادشاهہ هرقل ڏانهن پنهنجي هڪ صحابي حضرت دحيہ ڪلبي جي هٿان اسلام جي دعوت بنسبت هڪ خط موڪليو هو. واپسي تي هو جذام جي مقام تي پهتو هو. بازنطيني سلطنت هيٺ انهن شامي عربن حضرت دحيہ تي حملو ڪري ڏنو ۽ هن جو سڄو مال ڦري لٽي ويا. اهڙيءَ طرح نبي صلي الله عليہ وسلم بصري جي حاڪم کي بہ هڪ خط لکيو هو. هي خط حارث بن عمير کڻي ويو. شام جي سرحدي علائق جو هڪ عرب رئيس حڪمران شرجيل بن عمرو هو. هي صاحب رومين جو زيردست هو. هن رسول ڪريم جي سفير حضرت حارث کي قتل ڪيو، ان جي بدلي وٺڻ لاءِ ٽي هزار فوج کي رومين جي مقبوضہ ملڪ شام ڏانهن حضور جن موڪليو ۽ موتہ جي جنگ جو واقعو پيش آيو. هيءَ جنگ مسلمانن ۽ رومين جي وچ ۾ لڳي هئي، جنهن ۾ رومين جي هٿان حضرت زيد بن حارثہ،جعفر طيار ۽ عبدالله بن رواحہ جهڙا اڪابر صحاب شهيد ٿي ويا. هن جنگ رومين جي حوصلہ کي وڌايو ۽ مدينہ منوره تي چڙهائي جون تياريون ڪرڻ لڳا. رسول مقبول صلعم کي جڏهن هي خبر پهتي تہ پاڻ هڪ لشڪر جرار وٺي اڳتي مقام تبوڪ ڏانهن وڌيا. جيتوڻيڪ ان وقت جنگ ڪانہ لڳي پر مسلمانن جي ڏينهون ڏينهن طاقت کي وڌندو ڏسي رومي سازشون ڪندا رهيا." (صديق اڪبر ص ٢٤٠، ندوة المصنفين دهلي).

پروفيسر صاحب اڳتي لکي ٿو تہ. اهي ئي سنگين حالتون هيون، جن جي ڪري حضرت ابوبڪر رضہ شام ڏانهن فوج موڪلي، جو پروفيسر وليم ميور جي چوڻ مطابق نهايت ئي دانشمنديءَ جو قدم هو. جيئن مٿي عرض ڪيو ويو، شام ۾ ان وقت رومين جي بازنطيني سلطنت وارا مسلمانن جا جاني دشمن هئا. هو ڪين نيست ۽ نابود ڪن ها. ان ڪري حضرت ابوبڪر رضہ پنهنجي ملڪ جي دفاع خاطر شام تي چڙهائي ڪئي. سنت ئي حضرت ابوبڪر جو انتقال ٿيو ۽ سڄو شام حضرت عمر جي وقت فتح ٿيو. هي اهي

شامي فتوحات جي مختصر ڪهاڻي. روم جي بازنطيني سلطنت جي پوري تاريخ لکيل موجود آهي، پر انهن به اهو الزام نه لڳايو ته شام کي سڪيو ملڪ سمجهي حضرت عمر رضه فتح ڪيو. شام جي بازنطيني سلطنت پاڻ اڳرائي ڪئي هئي، جنهن جي هن کي سزا ملي.

ايران کي به سڪيو ملڪ سمجهي حضرت عمر رضه فتح ڪونه ڪيو. شاه صاحب کي ان وقت جي عرب ايران تعلقات جي پروڙ ڪانه آهي. عرب ايرانين جا غلام هئا ۽ اسلام جي دولت ڪري هن ۾ ٻڌي ۽ يڪجهتي پيدا ٿي هئي. ايرانين کي عربن کان ايتري ته نفرت هئي جو حضور صه جن ايران جي بادشاه خسرو پرويز ڏانهن اسلام جي دعوت موڪلي ته پرويز خط سان بي ادبي جو سلوڪ ڪيو ۽ ان کي ڦاڙي سفير کي واپس موڪلڻ جو حڪم ڪيائين. چوڻ لڳو ته محمد صه اسان جي غلام قوم جو ٿي ڪري اسان ڏانهن خط لکڻ جي جرئت ڪيئن ڪئي؟ ايران جي هن مغرور بادشاه يمن جي گورنر بازان کي لکيو ته محمد صه کي گرفتار ڪري ايران جي گادي مدائن ڏانهن موڪليو وڃي. جڏهن حضور صه جن کي هي اطلاع پهتو ته چوڻ لڳا ته، " هلڪ ڪسريٰ ولا ڪسري بعده" ڪسريٰ هلاڪ ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ ڪوئي ڪسريٰ نه ٿيندو. قدرت ڏسو ته ٿيو به ائين. پرويز پنهنجي پٽ شيرويه جي هٿان مارجي ويو. حضور صه جن جي انتقال بعد ايراني حڪومت جي اشاري تي شجاح مدينه تي حملي جي ارادي سان هڪ وڏو لشڪر وٺي آيو. ايرانين اڳرائي ڪري عربن کي ايترو ته تنگ ڪيو هو جو متعصب انگريز مورخ پروفيسر ميور جي لکڻ مطابق حضرت عمر رضه پارسين جي متعلق چوندو هيو ته " ڪاش اسان جي ۽ ايرانين جي وچ ۾ باه جا جبل حائل هجن ها."

("I wish between ourselves and Persia, there were a mountain of fire")

ان هڪڙي جملي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ايراني حاڪمن عربن کي ڪيترين نه تڪليفون ۽ عذاب ڏنا آهن. پروفيسر وليم ميور جي متعلق هر ڪنهن کي خبر آهي ته هو مسلمانن جي تاريخ جو وڏو نقاد هو ۽ رسول ڪريم جي سوانح حيات تي ذليل حملن ڪرڻ کان به ڪين ڪيٻايائين. هندستان ۾ سرسيد احمد خان پنهنجي ڪتاب "خطبات احمديه" ۾ ميور جي اعتراضن جا جواب ڏنا آهن. اهڙيءَ متعصبانه ذهنيت رکڻ جي باوجود ميور صاف لفظن ۾ (Early Caliphate) ۾ لکي ٿو ته ايران تي ڪاه حضرت عمر فقط ۽ فقط دفاعي ضرورتن جي ماتحت مجبور ٿي ڪئي. ميور هي ڳالهه

رڪارڊ تي آڻي ٿو تہ، ايران جي مٿان حملي ڪرڻ تي حضرت عمر رضہ بندش وجهي ڇڏي هئي.پر ايراني ان هوندي بہ برابر شرارتون ڪندا رهيا. مجبور ٿي ان وقت مسلمانن جي هڪ وفد حضرت عمر رضہ کي گذارش ڪئي تہ ايرانين جي اسان سان مسلسل اڇاڻ جاري آهي، ان ڪري اوهان ڪاهہ جي بندش لاهي ڇڏيو. حضرت عمر رضہ پيو ڪو چارو نہ ڏسي مجبور ٿي بندش لاٿي. ان تي تبصرو ڪندي ميور لکي ٿو تہ، " عمر رضہ کي هيءَ ضروري حقيقت ڏسڻ ۾ آئي تہ ايرانين خلاف اڳتي وڌڻ جي بندش لاٿي وڃي.پنهنجي دفاع لاءِ هن کي خسرو کي ڪچلڻ ۽ سندس ملڪ کي قبضي ۾ آڻڻ کان سواءِ ٻي ڪا واهہ نہ ڪانہ رهي."

(The truth began to dawn on Umar that necessity was laid upon him to with draw the ban against advance. In self defence, nothing was left but to crush the Chosroes and to take entire posession of his realm.) , (Early Caliphate P. 153)

ميور اڳتي لکي ٿو تہ. " ايراني دربار جي جنگي پاليسي ۽ روش حضرت عمر رضہ کي ميدان جنگ ۾ پنهنجي فوجن موڪلڻ تي مجبور ڪيو هو. جنهن جو مقصد اهو هو تہ ايراني شهنشاهيت جو هميشه لاءِ خاتمو آڻجي."

"(He was compelled at last by the war like attitude of the Persian court to bid his armies take the field with the avowed object of dealing the Empire a final below.)" (p.153)

ايرانين کي اها آخري ضرب قادسيہ جي لڙائيءَ ۾ پهتي. مسلمانن جو اڳواڻ حضرت سعد بن ابي وقاص رح هو. ايرانين جو بهادر جرنيل رستم مارجي ويو. هن ئي جنگ ۾ عربن جي خلاف سنڌ جي راجا ايرانين کي هاٿين جي فوج موڪلي هئي.

سائين جي. ايم سيد صاحب پنهنجي زير تبصره ڪتاب ۾ حضرت عمر رضہ تي پيو الزام سندس غير مقبوليت جو بہ لڳايو آهي. لکي ٿو تہ، " پهريان ٻن خليفن جي ڏينهن ۾ ڪي اخلاقي معيار ۽ رسول مقبول صلعم جي روايات قائم رکڻ جي ڪوشش ٿي، ليڪن ملڪ ۾ ناراضگي ايتري وڌي جو ان سان هڪ خليفو قتل ٿي ويو." (ص ٦)

شاهہ صاحب جو انصاف ملاحظہ فرمايو جو هو حضرت عمر رضہ جي شهادت لاءِ " قتل" جو لفظ استعمال ڪري ٿو. حالانڪ ڏاهر جهڙي بت پرست برهمڻ لاءِ " شهيد" جو لفظ استعمال ڪري ٿو. ڏاهر متعلق پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ، " راجا ڏاهر ٩٢ هجري

مطابق ٧٧٢ع تي سنڌ خاطر لڙي شهيد ٿيو." (ص١٤)

" شهيد" هڪ مقدس لفظ آهي ۽ ڏاهر لاءِ قتل جو لفظ استعمال ٿيندو ۽ حضرت عمر رضہ لاءِ شهيد. ڏاهر لاءِ لفظ شهيد ۽ حضرت عمر رضہ لاءِ قتل لکي جي. ايم سيد صاحب حضرت فاروق اڪبر جي گستاخي ڪئي آهي. ٻي ڳالهہ عجب جهڙي آهي جو حضرت عمر رضہ جي شهادت لاءِ سبب ملڪ ۾ عام ناراضگي، جو وڌڻ ٻڌائي ٿو. مولانا ابوالڪلام آزاد عليہ الرحمة پنهنجي ڪتاب " انسانيت موت کے دروازه پر" جي ص٦٢ تي حضرت عمر رضہ جي شهادت جو قصو نقل ڪيو آهي. حضرت عمر رضہ ڪنهن مسلمان هٿان نہ پر فيروز نالي هڪ غير مسلم جي هٿان ذاتي رنجش جي سبب ڪري شهيد ٿي ويو. هي فيروز جو انفرادي فعل هو ۽ ان ۾ عام مسلمانن جي ناراضگي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي فيروزُ کي شڪايت هئي تہ ڪوفہ جي گورنر مغيره بن شعبہ هن تي زائد ٽئڪس وڌو. فيروز جي شڪايت تي حضرت عمر رضہ ورندي ڏني تہ تنهنجي صنعتن جي لحاظ کان اها رقم ڪجهہ زائد نہ آهي. ان تي فيروز ڪاوڙجي ويو ۽ ٻئي ڏينهن تي هڪ خنجر لڪائي صبح سوير مسجد ۾ آيو. جيئن ئي حضرت عمر رضہ نماز جي امامت ڪئي، فيروز مٿس حملو ڪيو هو. فيروزُ آخر پڪڙجي پيو. مولانا لکي ٿو تہ " حضرت فاروق رضہ کي ڪٽي گهر وٺي آيا. پاڻ سڀ کان اول سوال ڪيائون تہ منهنجو قاتل ڪير هو؟ ماڻهن عرض ڪيو فيروز. هن جواب تي چهره مبارڪ تي بشاشت ظاهر ٿين ۽ پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايائون تہ " الحمدلله! مان ڪنهن مسلمان جي هٿان قتل نہ ٿيو آهيان." (ص ٦٤)

هي آهي حضرت عمر رضہ جي شهادت جو مختصر احوال، جو اوهان مولانا آزاد جهڙي هڪ جليل القدر عالم جي زباني ٻڌو. مشهور شيعہ مورخ جسٽس امير علي پنهنجي ڪتاب (A Short History of Saracens) ۾ بہ اها راءِ ڏني آهي تہ حضرت عمر رضہ جي شهادت هڪ پرڏيهي ماڻهوءَ جي ذاتي رنجش ڪري ٿي هئي."

(A foreigner who bore the caliph some grudge inflicted on him a fatal wound from which he never recovered") _ (P. 43)

امير علي اڳتي لکي ٿو تہ، حضرت عمر رضہ جو موت اسلام لاءِ هڪ حقيقي حادثو هو.

(The death of Omar was a real calamity to Islam) _ (P. 43)

هڪ پرڏيهي غير مسلم فيروز جنهن لاءِ پروفيسر ڊوزي صاحب

جي تحقيق آهي تہ هو هڪ عيسائي فرقي جو ماٺهو هو.انجي انفرادي رنجش ڪري انين سمجهڻ نہ گهرجي تہ حضرت عمر رضہ خلاف عام ناراضگي هني. شاهہ صاحب جو اهو لکڻ بالکل غلط ۽ اڻ ڄاڻائي تي مبني آهي. شاهہ سائين ڪان هڪ سوال ٿو پڇان. مون کي ٻڌائين تہ ڊاڪٽر گوڊسي جي هٿان مهاتما گانڌيءَ جو قتل ٿيو هو. ڇا ان مان هي مراد وٺڻ صحيح ٿيندي تہ هندستان ۾ عام ناراضگي ايتري وڌي جو گانڌي قتل ٿي ويو، ائين هرگز نہ آهي. شاهہ صاحب تہ پنهنجي ڪتاب " جديد سياست جا نو رتن" ۾ لکيو هو تہ گانڌيءَ کي پنهنجي حياتيءَ ۾ ايترا پوئلڳ ٿيا جو ڪنهن بہ نبيءَ جا پنهنجي حياتيءَ ۾ ايترا متبع ڪونہ هنا. انهن ٿي جملن تي هاءِ ڪورٽ جي ٻن سنڌي ججن قانوني گرفت ڪئي هني.

ڪتاب جي ص ١٠ تي شاهہ سائين هڪ حديث نقل ڪني آهي تہ " حب الوطن من الايمان" گذارش آهي تہ رسول ڪريم جي اهڙي ڪابہ حديث مروي نہ آهي. مان شاهہ سائين جو شڪر گذار ٿيندس تہ حديث جي ڪهڙي ڪتاب ۾ هي روايت نقل ٿيل آهي ۽ ان جو راوي ڪير آهي. ساڳئي صفحہ تي شاهہ صاحب رسول الله صلي الله عليہ وسلم ڏانهن هي جملو منسوب ڪيو آهي تہ، " سنڌ جي طرف ڪان ڪيس ٿڌي هير ٿي لڳي." (ص.١٠) منهنجي نظر مان اهڙي ڪابہ حديث نہ گذري آهي. شاهہ صاحب ڪان مطالبو ڪندس تہ حديث جو راوي ڪير آهي؟البتہ هڪحديث بيان ڪني ٿي وڃي تہ مون کي هندستان جي طرف ڪان رباني خوشبو ٿي اچي. هيءَ حديث بہ ضعيف درجي ڪان بالاتر نہ آهي. جيڪڏهن اوهان هن حديث کي صحيح ثابت ڪريو تہ بہ حضور جن کي هندستان مان اسلام جي خوشبوءِ آئي ۽ نہ ڌاهر جي دين جي. ڌاهر هندو مذهب جو پوئلڳ هو ۽ عجب آهي تہ دنيا جي هن قديم مذهب لاءِ اجا تائين پتو ڪونہ پيو آهي تہ ان جو باني ڪير هو؟ هندستان جو ممتاز فلسفي ڊاڪٽر راڌاڪرشڻ اسان جي وقت ۾ هندو ڌرم جو وڏو مبلغ هو.پنهنجي ڪتاب " هندستاني فلسفو" (Indian Philosophy) ۾ هن بنيادي سوال جي جواب ڏيڻ ڪان قاصر رهيو. هندستان جي آنجهاني وزير اعظم جواهرلال نهروءَ جو تعلق ڌاهر ۽ ڇچ وانگر ڪشميري برهمڻ گهراڻي مان هو. پنهنجي ۽ ڌاهر جي دين متعلق (The discovery of India) ۾ لکي ٿو تہ " هندو بغير شڪل صورت وارو مبهم ۽ گول مول آهي.هندوازم جي صحيح تعريف مشڪل آهي. اهو بہ چئي نٿوسگهجي تہ مذهب جي عام مفهوم ۾ هي ڪو مذهب بہ آهي يا نہ."

"(Hinduism, as a faith is vague, amorphous, many sided, all

things to all men. It is hardly possible to define it, or indeed to say definitely whether it is a religion or not, in the usual sense of the word.) _ (P 63, London, 1960 E D.)

اها آهي ڏاهر جي مذهب جي تاريخي حيثيت جا هڪ چوٽيءَ جي هندو اسڪالر، مورخ ۽ سياستدان بيان ڪئي آهي. شاهہ سائين عربن سان نفرت ڪري سنڌ ۾ اسلام جو خاتمو آڻي ڏاهر جو مذهب جاري ڪرڻ ٿو چاهي. اهوئي سبب آهي جو ڏاهر کي شهيد ۽ سنڌ جو سورمو ٿو ڪوٺي ۽ محمد بن قاسم کي غاصب ۽ لٽيرو، ڇوجو هن جي ڪري اسلام جو مذهب سنڌ ۾ پکڙيو. مون اڪثر ڏٺو آهي تہ شاهہ صاحب جي فڪر جا ماڻهو اسلام ۽ پيغمبر اسلام جي شان ۾ گستاخي ڪندا آهن. ماڻهو سمجهندا آهن تہ هي شايد لامذهب آهن. پر حقيقت ان جي برعڪس آهي. سندس عقيدتمند اسلامجهلغي ۽ هندو مذهب جا مداح ۽ ثناخوان ٿين ٿا، ڇو جو سندن سورمو ڏاهر هن مذهب جو علمبردار هو. پاڪستان ۾ دستور آهي تہ سياسي، سماجي ۽ ادبي ميٽنگ ۾ اول قرآن مجيد جي تلاوت ٿيندي آهي ۽ پوءِ جلسي جي ڪاروائي شروع ٿئي ٿي. پر هن سال سنڌ يونورسٽيءَ ۾ شاهہ سائين جي جنم جو ڏينهن ڇوڪرن ملهايو. مسٽر حفيظ قريشي جهڙو پرانو خاڪسار ۽ مولانا آريسر جهڙا عالم جلسي ۾ شريڪ ٿيا، پر افسوس صد افسوس جو الله جي ڪلام جي تلاوت بہ نہ ڪئي وئي. ساڳيو حال سنڌي ادبي سنگت جو آهي.

اسلام ۽ تلوار

جهاد جي موضوع بابت شاهہ صاحب ٻن گروهن جو ذڪر ڪري ٿو. سندس الفاظ ۾ هڪ گروهہ جو چوڻ آهي اخلاقي درستي، نفسياتي اصلاح ذريعي تاليف قلوب، رواداري ۽ باهمي گفتگو ذريعي دين جو پرچار ڪجي (ڏسو سندس ڪتاب ص ٨) وري ٻئي گروهہ جو چوڻ آهي تہ، "اسلام جي مڃتا ۽ ان دين جي شريعت کي زوري دنيا ۾ ماڻهن جي مٿان مسلط ڪرڻو هو، جنهن عمل کي جهاد جي نالي سان سڏيائون. ان ۾ ٻين ملڪن تي چڙهائي ڪري خونريزي ڪري، ان تي قبضو ڪرڻ، ڦر لٽ ڪرڻ، مردن ۽ عورتن کي غلام ڪرڻ ۽ ٻڪرين وانگر وڪڻڻ وغيره ڪمن کي جائز ڄاتو ٿي." (ص ٩).

جناب جي. ايم سيد جي سيني ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ سان مون هڪ خاص ڳالهہ نوٽ ڪئي آهي تہ موصوف هميشه ضميرن ۾ گفتگو ڪرڻ جو عادي آهي. مثلاً سندس ڪتابن ۾ اڪثر اوهان

ڪي هن قسم جا لکيل جملا ملندا ته، " هڪڙا ٿا چون" "ٻيا ٿا چون" " هڪ گروهه جو چوڻ آهي" "ٻئي گروهه جو چوڻ آهي" " ڪي هيئن ٿا چون" " ڪي هوئنءَ ٿا چون." مان ٿو پڇان ته ڇا هي هڪ گروهه جو چوڻ يا ٻئي گروهه جو چوڻ وارا جملا ڪهڙي معنيٰ ٿا رکن؟ پڇڻ وارا اوهان کان سوال ٿا ڪن ته اهو ڪهڙو گروهه آهي؟ گروهه ڪن فردن جي مجموعي جو نالو آهي. اتي ٻه اوهان کان سوال ٿيندو ته اهي ڪهڙا فرد آهن جيڪي جهاد کي ناجائز قرار ڏين ٿا؟ ۽ انهن شخصن ڪهڙن ڪتابن ۾ آئين لکيو آهي؟ ان ڪتاب جو صفحه ۽ ايڊيشن ٻڌايو؟ مون کي اميد آهي ته جهاد متعلق شاهه صاحب انهن جا نالا ٻڌائيندو جيڪي ان کي ناجائز ٿا سمجهن. مسلمانن جي جهاد واري تصور کان انگريز گهٻرائيندا هئا. چنانچه انهن پنهنجي پٽن کان ائين چورايو. اڻويهين صديءَ ۾ قادياني گروهه جي سربراهه مرزا غلام احمد، جو انگريزن جي گهر جو معتبر نائي هو، ان جهاد کي حرام قرار ڏنو هو. مطلب اهو هئس ته جيئن سندس انگريز آقا ان مان خوش ٿين. مولانا ظفر علي خان مرحوم جو هڪ شعر آهي ته:

"قادياں پهلے تو پاپا کا بڑا بھائي بنا
پھر وه انگريزوں کے گھر کا معتبر نائي بنا"

جهاد لاءِ تاڪيد قرآن مجيد ۾ ٿيل آهي مثلاً هڪڙي هنڌ قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته، " اي ايمان وارا! ڇا مان اوهان کي اهڙو واپار ٻڌايان جو اوهان کي دردناڪ عذاب کان بچائي؟ اهو واپار هي آهي ته اوهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ ان جي واٽ ۾ پنهنجي جان ۽ مال سان جهاد ڪريو. جي ڄاڻو ته هي اوهان لاءِ بهترين ڪم آهي." (الصف - ١٠ - ١١)

اهڙيءَ طرح قرآن شريف ۾ پيون ڪيترئي ٻيون آيتون آهن جن ۾ جهاد جو حڪم ٿيل آهي. مسلمانن جي ڪنهن به فرقي ان کان انڪار نه ڪيو آهي. حتيٰ ڪه مسلمان صوفين به جهاد کي مذهبي فرض قرار ڏنو آهي.

شاهه ولي الله ۽ جهاد جو موضوع

مفڪر اسلام حضرت شاهه ولي الله صاحب پنهنجي انقلابي ڪتاب " حجة الله البالغه" ۾ جهاد جي شرعي حيثيت متعلق هڪ جامع بحث ڪيو آهي. شاهه صاحب کي هي بحث پڙهڻ گهرجي. سائين جي ايم سيد کي پتو هوندو ته مولانا عبيد الله سنڌي، شاهه ولي الله صاحب کي امام انقلاب جي نالي سان پڪاريندو هو ۽

چوندو هو تہ حجة الله البالغہ وڏي ۾ وڏو علمي ڪتاب اهي. پنهنجي ڪتاب ۾ جهاد جي بيان ۾ هي عظيم انقلابي مفڪر لکي ٿو تہ. " اعلم ان اتم الشرائع واڪمل النواميس هو شرع الذي يؤمر في الجهاد" يعني واضح رهي تہ سڀني شريعتن مان سڀ کان وڌيڪ تمام ۽ ڪامل شريعت اها آهي جنهن ۾ جهاد جو حڪم ڏنو وڃي (ڏسو حجة الله البالغہ حصہ ٢ ص ٤٧٩ باب الجهاد نور محمد تجارت ڪتب خانہ ڪراچي).

ڏسو تہ حضرت شاهہ صاحب جهاد جي تصور بغير ڪنهن بہ شريعت کي مڪمل نٿو سمجهي ۽ هتي سنڌ ۾ جناب جي. ايم سيد صاحب آهي جيڪو جهاد جي معنيٰ وٺي ٿو ٻين ملڪن تي زوري چڙهائي ڪرڻ ۽ ڪين تلوار جي ذريعي مسلمان ڪرڻ ۽ وڌيڪ ڪل جهڙي ڳالهہ تہ ان کي ٻني گروهہ جي عقيدن سان منسلڪ ڪري ٿو. جهاد متعلق ڪنهن بہ گروهہ ۾ ڪو اختلاف نہ آهي جو ان جو حڪم جيئن مٿي عرض ڪيم، قرآن ۾ آهي ۽ حديث ۾ بہ ان جو سخت تاڪيد ٿيل آهي.

شاهہ صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ، "انهن ٻن گروهن مان پوئين جي عقيدن ۽ ڪار گذارين کي ڏسي غير مسلم عالمن ۽ تاريخدانن اسلام کي ڊاکن،لٽيرن ۽ عيش پرستن جو مذهب ظاهر ڪيو ٿي. هن جوچوڻ هو تہ ماڻهن ان ۾ تلوار جي آڌار تي زوري زبردستيءَ سان داخل ٿيا هئا ورنہ ان ۾ڪهڙي سني ڳالهہ هني جو اهڙي مذهب ۾ داخل ٿين ها. " (ص ٩)

ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اسلام جي جهاد جي تصور مان مغرب جي متعصب عيسائي پادرين اهو الزام ڦهلايو تہ هي مذهب تلوار جي ذريعي زوري ماڻهن تي مسلط ڪيو ويو. عيسائي مشنرين جي هن قسم جي بيهوده پروپئگنڊا صدين کان جاري رهي. آخرڪار هو سچ کي ترڪيءَ هيٺ لڪائڻ ۾ ناڪامياب ٿيا ۽ اٺوهين صديءَ جي آخر ۾ خود مغرب مان ڪيترائي عالم ۽ مفڪر پيدا ٿيا، جن چيو تہ اسلام زور. زبردستيءَ ماڻهن تي مسلط نہ ٿيو آهي. زوري اسلام مڙهڻ قرآن ۽ سنت جي اصولن خلاف آهي. اسلامي تبليغ متعلق پروفيسر ٿامس آرنلڊ ((Arnold) جو ڪتاب (Preaching of Islam) خاص مقام جو مالڪ آهي. افسوس جو مغربي دنيا جا مفڪرين تہ هن پراڻي ڪوڙي الزام کان باز اچي رهيا آهن هتي سيد ۽ سندس ٽولو پراڻو راڳ الاپي رهيا آهن.

جديد ذهن جي نوجوانن کي گذارش آهي تہ اسلام تلوار يا زور زبردستيءَ سان ماڻهن قبول ڪونہ ڪيو، پر هن دين جي نظرياتي ۽

مقناطيسي اثر ڪري ماڻهو ان ۾ داخل ٿيا. ان ۾ اوائلي مسلمانن جي اخلاقي قوت، خوف خدا ۽ انسان دوستيءَ جو وڏو هٿ هو. ماڻهن اسلام چڱيءَ طرح جاچي، پرکي ۽ فطري دين سمجهي ان کي قبول ڪيو. قرآن مجيد ۾ لکيل آهي ته، " لا اکراه في الدين قد تبين الرشد من الغي. فمن يكفر بطاغوت ويومن بالله فقد استمسك بالعروة الوثقىٰ لانفصام لها والله سميع عليم" . (البقره ٢٥٦).

"دين ۾ ڪائي زبردستي نه آهي. سڌي راه غلط راه کان ممتاز ڪري ڏيکاري وئي آهي. هاڻي جو ڪوئي باطل جي معبودن کي ڇڏي الله تي ايمان آڻي ته هو هڪ اهڙي رشتي سان تعلق جوڙي ٿو جو ٽٽڻ وارو نه آهي ۽ الله ٻڌڻ ۽ ڄاڻ وارو آهي."

هن آيت شريف جو تفسير ڪندي، هندوستان جو وڏو عالم ۽ سائين جي. ايم سيد جو محبوب سياستدان مولانا ابوالڪلام آزاد ترجمان القرآن ۾ لکي ٿو ته. " هن اصول عظيم جو اعلان ته دين ۽ اعتقاد جي معاملي ۾ ڪنهن به قسم جي زور زبردستي جائز نه آهي. دين جي راه دل جي اعتقاد ۽ يقين جي راه آهي ۽ اعتقاد دعوت و واعظ سان پيدا ٿني ٿو ۽ نه ڏاڍ ۽ زبردستي سان. جهاد جي حڪمن کان پوءِ هي ذڪر ان ڪري ڪيو ويو تاڪه واضح ٿني ته جنگ جي اجازت ظلم و تشدد کي مٽائڻ لاءِ ڏني وئي ۽ نه دين جي اشاعت لاءِ.دين جي اشاعت لاءِ هڪ ئي طريقو آهي ۽ اهو آهي دعوت جو. مڪي جي قريشن جو فتنو ڪهڙو هو؟ سندن هي فتنو هو ته قريشي ظلم ۽ تشدد جي ذريعي دين و اعتقاد جا فيصلا ڪرڻ چاهيندا هئا. قرآن ان جي خلاف جنگ جو حڪم ڏنو. بس جنهن ڳاله جي خلاف قرآن جنگ جو حڪم ڏنو ته پاڻ ان کان اهڙو ڏوهه ڪيئن سرزد ٿيندو."(١)

هي آهي هن آيت شريف جو تفسير جو اوهان وقت جي هڪ وڏي عالم جي زباني ٻڌو. مان شاه سائين کان پڇان ٿو ته هو شاه ولي الله ۽ مولانا ابوالڪلام آزادکي ڪهڙي گروهه ۾ شامل ڪري ٿو؟ مولانا آزاد جهاد جو مفهوم ٻڌائي ٿو ته جنگ جي اجازت ظلم و تشدد جي مٽائڻ لاءِ ڏني وئي ۽ شاه صاحب ٻڌائي ٿو ته ان مان مراد آهي زوري زبردستي ماڻهن کي اسلام قبول ڪرائڻ جو.

آية " لااڪراه" جو شان نزول

هن آيت شريف (ته دين ۾ ڪابه زور زبردستي ڪانه آهي) جو

---

(١) ترجمان القرآن از مولانا آزاد ص ٣٢٦، جلد پهريون، مکتبه سعيد.

پس منظر ڇا آهي ۽ ڪهڙي موقعي تي اية لٿي؟ ان تي تبصره ڪندي زمانہ حال جو هڪ پيو وڏو عالم لکي ٿو تہ " هن حڪم جا الفاظ بلڪل صاف آهن. پر هي جنهن موقعي تي لٿو، ان کي پيش نظر رکڻ سان ان جو مطلب اجا بہ وڌيڪ صاف ٿيئي ٿو. اهل يثرب (مدينہ) وارن جو قاعده هو تہ جڏهن انهن مان ڪنهن جو ٻار جيئرو نہ رهندو هو تہ هو باس باسندا هئا تہ جيڪڏهن هن جو ڪوبہ ٻار جيئرو رهيو تہ ان کي يهودي بڻائيندا. هن طريقي سان مدينہ منوره ۾ انصار جا ڪيترائي ٻار يهودي ٿي ويا هئا. جڏهن چوٿين هجريءَ ۾ رسول مقبول صلعم بني نضير کي سندن شرارتن ڪري جلاوطن ڪيو تہ انهن سان مدينہ جي انصار جا اهي ٻار بہ شامل هئا جي يهودي مذهب جي پيروي ڪندڙ هئا. انصار چيو تہ اسان پنهنجن ٻارن کي نہ ڇڏينداسون. اسان يهودين جي دين کي پنهنجي دين کان سٺو سمجهندا هئاسون، مگر هاڻي اسلام جو سچ اپربو ۽ سيني دينن کان افضل دين اسان وٽ آهي تہ پوءِ اسان پنهنجن ٻارن کي يهودي ٿيڻ نہ ڏينداسون ۽ انهن کي اسلام آڻڻ لاءِ مجبور ڪنداسون. ان تي هي حڪم نازل ٿيو تہ " لااڪراه في الدين" انهن کي زوري مسلمان نہ بڻايو ڇاڪاڻ تہ دين ۾ زور زبردستي ڪانہ آهي. هن واقعي کي الفاظ و مضمون جي جزوي اختلاف سان گڏ ابوداؤد ۽ نسائي ۽ ابن ابي حاتم ۽ ابن حبان نقل ڪيو آهي ۽ مجاهد، سعيد بن جبير، شعبي ۽ حسن بصريءَ اتفاق سان چيو تہ هن آية جو شان نزول اهوئي آهي. ابن جرير بہ پنهنجي تفسير ۾ ان کي بيان ڪيو آهي ۽ ابن ڪثير بہ ان شان نزول تي اعتماد ڪيو آهي". (١)

ان کان علاوه گذريل دور جي مفسرن مثلاً حافظ ابن ڪثير، علامہ زمخشري ۽ علامہ فخرالدين رازيءَ تفصيل سان لکيو آهي تہ اسلام ۾ زوري مسلمانن کي جهاد جي تعليم باوجود دين ۾ داخل ڪري نٿو سگهجي. سائين جي. ايم سيد صاحب پنهنجي سيني ڪتابن ۾ اسان جي مذهب بابت ڪوڙي پروپئگنڊا ڪري ٿو تہ جهاد ذريعي مسلمان زوري زبردستي دين ڦهلائين ٿا. هي بهتان ۽ نسورو فريب آهي. منهنجي ڪيس گذارش آهي تہ هو محض عام الزام نہ لڳائي پر ان جي ڪا تاريخي ثابتي پيش ڪري.

جناب جي. ايم سيد صاحب کي لفظ " جهاد" ۽ لڙائيءَ کان چڙ آهي ۽ پاڻ کي نام نهاد پهرين گروه يعني درويشن جي گروه ۾ شمار ڪري ٿو. مان ڪانئس پڇان ٿو تہ جيڪڏهن لڙائي ۽ جهاد کان نفرت آهي تہ پيغمبر خدا رحمة للعالمين کي ڪهڙي گروه ۾ شامل

---

(١) الجهاد في الاسلام از سيد ابوالاعليٰ مودودي ص ١٥٧ (ڇهون ايڊيشن)

ڪري ٿو؟ پاڻ بہ تہ لڙايون لڙيون هنائون. جهڙوڪ: احد جي لڙائي، بدر جي لڙائي وغيرهہ. انهن جنگين متعلق درويشن جي گروهہ جو ڇا چوڻ آهي؟ ان متعلق بہ ڪا گوهر افشاني ٿيڻ ڪپي. اوهان کي خبر هئڻ ڪپي تہ انهن سيني لڙاين کي تسليم ڪندي هيتر ويهين صديءَ جا مغربي مصنف ان راءِ جا ٿي ويا آهن تہ اسلام ڊاڪن، لٽيرن ۽ عيش پرستن جو مذهب نہ آهي. اهي بيهوده الزام تہ فقط ڪي جاهل عائد ڪندا آهن.

بعض مغربي عالمن جي راءِ

اڄ کان ويهہ سال اڳ امريڪا جي مشهور رسالہ ريڊرس ڊائجسٽ ۾ هڪ وڏي مغربي مصنف جيمس . اي . مشنر (James. A. Michner) جو هڪ مضمون بعنوان " اسلام هڪ غلط سمجهيل مذهب" (Islam: The misunderstood religion) جي عنوان سان جون ١٩٥٥ع واري پرچي جي ص ٧٩ تي شايع ٿيو. اسلام جي پکڙجڻ بابت هي ناميارو اهل قلم لکي ٿو تہ. " تاريخ ۾ ڪوبہ مذهب اسلام وانگي ايترو جلد دنيا ۾ نہ پکڙيو"

"(No other religion in history spread so rapidly as Islam". _ (P.88)

ان بعد مصنف ملڪن جا نالا لکي ٿو تہ عرب کان جلد ٻاهرين دنيا جهڙوڪ: شام، ايران، مصر، موجوده روس جو هيٺيون ڀاڱو، اتر افريقا کان وٺي اسپين تائين اسلام وڌيو ۽ ٻي صديءَ ڌاران تہ ان جي ڦهلجڻ ۾ وڏيڪ اضافو آيو هو. مشنر صاحب لکي ٿو تہ. اسلام جي حيرت انگيز رفتار سان پکڙجڻ تي " مغرب وارن اڪثر پنهي تسليم ڪيو تہ هن مذهب جو سيلاب وانگي وڌڻ رڳو تلوار جي ذريعي ممڪن هو. پر جديد دور جو ڪوبہ اسڪالر ۽ فاضل ان راءِ جي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ني نہ آهي. قرآن مجيد ڪليءَ طرح ايمان ۽ ضمير جي آزاديءَ جي حمايت ڪري ٿو. "

(The west has widely believed that this surge of religion was made possible by the sword. But no modern Scholar accepts this idea, and the Koran is explecit in support of freedom of concience." P 90)

مٿي اوهان موجوده دور جي هڪ فاضل ترين شخص جي راءِ پڙهي آيا. هو چوي ٿو تہ نئين دور جو ڪوبہ اسڪالر هاڻي ان ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار ني نہ آهي تہ اسلام تلوار جي ذريعي ڦهليو. انهن يورپي

مصنفن کي اها بہ خبر هئي تہ اسان جي قران ۾ جهاد جو حڪم ٿيل آهي ۽ غير مسلمن سان لڙائي بہ ڪري سگهجي ٿي. ان جي باوجود هن ڳوڙهو مطالعو ڪري ڏٺو تہ مسلمانن ظلم و تشدد جي مٿائڻ لاءِ جنگيون لڙيون ۽ ڪڏهن بہ تلوار جي ذريعي زور زبردستيءَ ماڻهن تي پنهنجو دين مسلط نہ ڪيائون. قرآن صاف چوي ٿو تہ دين ۾ جبر نہ آهي ۽ ان جي اوهان تشريح مٿي پڙهي آيا. حيرت آهي جو اسان جا دشمن بہ تسليم ڪن ٿا تہ جهاد ۽ لڙائيءَ مان اسلام جو مقصد پاڻ ڪي ماڻهن مٿان زوري زبردستي مسلط ڪرڻ نہ آهي ۽ هتي جي ايم سيد جهاد مان مراد وٺي ٿو قرلٽ ڪرڻ، خونريزي ڪرڻ ۽ زوري زبردستي ماڻهن کي مسلمان ڪرڻ. جيڪڏهن تلوار ذريعي دين ۾ پڪڙجڻ جي گنجائش هجي ها تہ محمد بن قاسم سنڌ جي سڀني هندن کي مسلمان ڪري ها يا سڀني کي ڪهي ڇڏي ها. پوءِ تہ ڪي سنڌ ۾ بہ نہ هندو هجن ها ۽ نہ اڄ ڪلهہ وانگي هندستان ۾ سندن حڪومت هجي ها. گبن جو ڪتاب پڙهي ڏسو تہ بيت المقدس جي فتح ڪرڻ وقت حضرت عمر رضہ غير مسلم عيسائين سان ڪهڙو نہ سنٺو ۽ پيار ڀريو ورتاءُ ڪيو. محمد بن قاسم بہ هتان جي هندو آباديءَ کي پنهنجي مذهب اختيار ڪرڻ ۾ آزاد رکيو.جي چاهي ها تہ سڀ هندو قتل ڪري ها، پر ائين ڪرڻ اسان جي مذهب ۾ جائز نہ آهي. اسپين جو مثال وٺي ڏسو، اتي اسان ست سو سالن تائين حڪومت ڪئي هئي ۽ هڪ عاليشان تهذيب ۽ تمدن جنم ورتو. پر پندرهين صديءَ ڌاران عيسائي قومون مسلمانن کي شڪست ڏئي غالب ٿيون. مان سائين جي. ايم سيد صاحب کان پڇان ٿو تہ اسپين جا مسلمان ڪٿي گم ٿي ويا؟ اڄ اتي گهٽا مسلمان رهن ٿا؟ اسپيني قابض ٿيڻ کان پوءِ مغرب جي فاتح درندن عام ڪوس ڪرايو. ٻار، ٻچا،مرد، عورتون ۽ ٻڍا سڀ ختم ٿي ويا. ان جي شاهدي يورپ جا تاريخدان پڻ ڏين ٿا. اڄ اتي قرطبہ جي مسجد ۾ ڪو نماز پڙهڻ وارو بہ ڪونهي. محمد بن قاسم بہ چاهي ها تہ اسپين وانگي هتي بہ هندن جو قتل عام ڪرائي ها، پر هو اسلام جي تعليمات ڪري ائين ڪرڻ کان قاصر رهيو.

مشنر صاحب کان علاوه اي- جي ليونارڊ (A G. Leonard) پنهنجي ڪتاب اسلام (72 _ "Islam" _P) ۽ لينسي (O. Leancy) صاحب " اسلام ٻن راهن تي" (Islam at the cross roads." P _ 8) ۾ اسلام تلوار ذريعي ڦهلجڻ جي پرزور ترديد ڪئي آهي.

حلالي ۽ حرامي ٻار متعلق ٽئين ڪوجنا

شاهه صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته، " انهيءَ نقطه نگاهه کان جو ماڻهو وطن سان وفادار نه آهي سو حلالي ٻار نه آهي. انهيءَ کي مدنظر رکندي آءٌ راجا ڏاهر جي آزادي، عزت ۽ ناموس لاءِ لڙي سر ڏيندڙ کي شهيد سڏڻ کان نٿو ڇرڪان، پوءِ ڀلي ڪن يزيدي گروه جي طرفدارن کي مرچون لڳن." (ص ١١)

گذارش آهي ته حلالي ۽ حرامي جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ مصنف جي اختيار کان ٻاهر آهي: ان لاءِ نبي صلي الله عليه وسلم جي صحيح حديث آهي. حضور جن فرمايو آهي ته، "الولد للفراش والمعاهر الحجر" يعني ٻچو اهو جو بستري تي پيدا ٿئي ۽ زانيءَ لاءِ پٿر. هر مومن مسلمان جو ان ۾ ايمان آهي. باقي رهي شاهه صاحب جي هيءَ راءِ ته حرامي ٻار ئي وطن جو غدار ٿئي ٿو ته اها سندس راءِ جذباتي، غلط ۽ خلاف عقل آهي. جناب شاهه سائين ذرا مغربي سياستدانن تي نظر وجهي، پاڻهي حقيقت جي پروڙ پوندس. مثلاً برطانيه جو ٿامس ايڊورڊ لارنس (Lawrence) (پيدائش ١٨٨٨ع وفات ١٩٣٥ع) هڪ نهايت ئي ذهين ۽ دانشور ڪرنل هو. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هن ترڪي امپائر کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو ۽ ان لاءِ ١٩١٧ع ۾ هن بيابان ۾ بغاوت (Revolt in the desert) نالي ڪتاب به لکيو آهي. هو برطانيه جو هڪ وفادار ۽ محب وطن شهري هو، جنهن وڌ ۾ وڌ پنهنجي وقت ۾ انگلينڊ جي خدمت ڪئي هئي. ڪجهه سال ٿيندا جو ماهوار ريڊرس ڊائجسٽ ۾ هن عجيب ۽ غريب شخصيت متعلق هڪ معلوماتي مضمون شايع ٿيو هو. ان ۾ انڪشاف ڪيو ويو ته لارنس حرامي ٻار هو ۽ اڄ تائين هو حرامي ٻار ليکجي ٿو. معلوم ٿيو ته حرامي ٻار به پنهنجي وطن جو وفادار ٿي سگهي ٿو. ان ڪري شاهه سائين جو خيال غلط آهي ته حرامي ٻار ئي وطن جو غدار ٿئي ٿو.

ٻيو مثال موجوده جرمنيءَ جو آهي. هن ملڪ جو سابق چانسيلر ولي برانڊٽ (Brandt) ڇهه مهينا اڳ استعفا ڏني هئي. جرمني جو هي سوشلسٽ ليڊر وڏو محب وطن ۽ جرمنيءَ جو وفادار هو، جنهن پنهنجي آزاد خارجه پاليسي بڻائي ۽ پنهنجي وزير خارجه والٽر شيل کي ماسڪو مذاڪرات لاءِ موڪليو. اصول پرست به ان حد تائين جو سندس پرائيوٽ سيڪريٽري مشرقي جرمنيءَ جو جاسوس ثابت ڪيو ويو. ان تي وليبرانڊٽ استعفيٰ ڏئي هليو ويو. هن ئي شخص لاءِ پوري دنيا کي خبر آهي ته هو حرامي ٻار آهي. ٽي سال اڳ اليڪشن

دوران هن کان ٿانيم جي نامہ نگار بوهر (Boher) سندس پيءُ جي نالي بابت پڇا ڪئي هئي: هن جواب ڏنو تہ مان پنهنجي ماءُ جو نالو تہ ٻڌائي سگهان ٿو پر ڪو پتو نہ اٿم تہ منهنجو پيءُ ڪير آهي ۽ ڪنهن جي نطفي مان پيدا ٿيو آهيان. مطلب تہ ڪيترائي حرامي سياستدان مغرب ۾ ملن ٿا جي پنهنجي ملڪ سان وفادار هئا. ان ڪري شاهہ صاحب کي گهرجي تہ پنهنجا جملا واپس وٺي۔

شاهہ صاحب جي مٿين اها ڳالهہ بہ غلط آهي تہ راجا ڏاهر سنڌ جي آزادي ۽ عزت خاطر لڙيو، ان ڪري شهيد آهي. ڏاهر پنهنجي بادشاهت، جاهہ و جلال ۽ دٻدٻي جي بچائڻ خاطر وڙهيو، بادشاهت سان ايڏو پيار هنس جو نجوميءَ جي فال هٽڻ تي پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪيائين. هيءَ ڳالهہ مون ناقابل ترديد حقيقت سان مفصل طرح کولي بيان ڪئي آهي. ڏاهر متعصب، غير سنڌي ۽ برهمڻ هو. سندس ماءُ راڻي سوڀنهن ديوي فاحش عورت هئي ۽ ان جو ڪردار روم جي نيرو (Nero) ظالم بادشاهہ جي ماءُ انگريپنا (Agrippina) جهڙو هو، جنهن عشق ۾ پنهنجي سڳي چاچي ڪلاڊيس (Claudius) سان شادي ڪئي هئي. ڏاهر پاڻ روم جي نيرو بادشاهہ وانگي مغرور ۽ ظالم هو. هن سعيو ڪري عربن جي ماڻهن کي قيد ڪرايو، جنهن ۾ پاڪدامن عورتون بہ هيون. ڏاهر احتجاج جي باوجود خرمستي ڏيکاري. عرب جي فوج ڪاهہ ڪري آئي ۽ ڏاهر پنهنجي موت مئو، قتل ٿي ويو ۽ قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ جهنمي آهي. ڏاهرکي ڀيڻ جي عصمت جي خبر ڪانہ هئي؛ ان کي شهيد چوڻ غضب کي دعوت ڏيڻ آهي. ورنہ اسان سڀ بي غيرت ٿي وينداسين ۽ بي غيرتيءَ کان اسان لاءِ موت بهتر آهي. ان جي مقابلي ۾ غير مسلم تاريخدانن بہ محمد بن قاسمؒ جي شرافت، انسان دوستي ۽ خداترسيءَ جي بيحد تعريف ڪئي آهي. انهن مورخن مان مسٽر ايم - ايں راءِ، مسٽر چني لال انند بيريسٽر، پروفيسر ايلٽ صاحب، جرمن مورخ فان ڪريمر ۽ ڊاڪٽر تاراچند جا نالا خاص مشهور آهن. محمد بن قاسم سنڌين کي حقيقي آزادي ڏياري، جو هنن کي سوين خدائن کان آزاد ڪري هڪڙي خدا آڏو جهڪايو. ڏاهر بدڪردار، ملعون، هوس پرست، اقتدار جو بکيو ۽ انسانيت جو دشمن هو. اهڙو ماڻهو شهيد ۽ سورمو ٿي نہ ٿو سگهي. ڏاهر جا طرفدار ٿي يزيدي آهن پوءِ ڀلي ڪنهن کي مرچون ني چونہ لڳن.

هذا ما عندي والعلم عندالله ان الله بصير بالعباد

سائين جي ـ ايم ـ سيد جي ڪتاب جي

مهاڳ تي ناقدانه نظر

اڳتي قدم پبليڪيشن وارن طرفان (جي- ايم سيد) نمبر شايع ٿيو آهي. ان ۾ سنڌ جي هن بزرگ سياستدان جي ڪارنامن ۽ قربانين جو تفصيلي ذڪر مليو ٿو.

صفحه نمبر ٣٩ تي انڪشاف ڪيو ويو آهي ته محترم شاهه صاحب جن "پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي هڪ طائرانه نظر" نالي ڪتاب لکيو آهي، ان جو پيش لفظ پڻ سائين جي- ايم سيد صاحب جو لکيل آهي جو اڳتي قدم ۾ ڇپيل آهي. سن جي سائين جو لکيل مهاڳ به هڪ وڏو سياسي دستاويز آهي. سندن خيالات جو نچوڙ هي آهي ته پاڪستان ٺاهي مسلمانن وڏي غلطي ڪئي آهي. اسان ان وقت به هن نئين ملڪ جي وجود ۾ اچڻ جي سخت مخالفت ڪئي هئي، پر عوام ان تي ڪو ڌيان ڪونه ڏنو ۽ اسان سواءِ آواز اٿارڻ جي ٻيو ڪجهه نه ٿي ڪري سگهياسين. پاڪستان جو ٺهڻ بقول علامه آءِ آءِ قاضي رح جي هندو جي خوف تي مبني هو. موت ڪان نه ڊڄڻ وارن مسلمانن جي شان جي خلاف هو. پاڪستان جي نظريه مطابق ملڪ جي ورهاست تاريخ جي مسلم روايتن ۽ قانون فطرت جي حقيقتن خلاف هئي. تاريخ جي ڄاڻن کي معلوم آهي ته مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ ڪري ڪهڙا ويل وهيا آهن ۽ مذهبي بنيادن تي تقسيم کي قبول نٿو ڪجي. مسلمانن جي جداگانه قوميت وارو نظريو غلط ۽ فرسوده آهي ۽ مذهبي نظام حڪومت ڏوکو آهي وغيره.

شاهه صاحب پاڻ کي جذباتي انسان لکيو آهي ۽ جديد دور جي ماهرين نفسيات خاص طرح پروفيسر وليم جيمس جي چوڻ مطابق، هڪ جذباتي ماڻهو گهڻو ڪري ڪاوڙيل ۽ چيڙاڪ طبيعت جو هوندو آهي ۽ تضاد (Inconsistency) جو شڪار ٿيندو آهي. اهو ئي شايد سبب هجي جو متعلوي سادات خاندان جو هي چشم و چراغ هر حڪومت جو معتوب پئي رهيو آهي ۽ ڪي ماڻهو ان کي شاهه صاحب جي اصول پرستيءَ سان تعبير ڪن ٿا.

جيئن مون مٿي عرض ڪيو ته سائين جي ايم سيد جي خيالن

جو نچوڙ هي آهي تہ پاڪستان مسلمانن، هندو جي خوف ڪري مذهب ۽ سياست ڪي ملائي ڇاهيو آهي. اسان ان وقت ان جي خلاف آواز اٿاريو پر ماڻهن ان تي ڪو ڌيان نہ ڏنو.

جوابا عرض آهي تہ پاڪستان ڪانگريس ۽ ان جي صدر پنڊت نهرو جي تنگ نظري، ضد ۽ هٺ ڌرميءَ ڪري ٺهيو. مسلم ليگ ۽ قائد اعظم انتهائي ڪوشش ڪئي تہ ڪانگريس سان ڪو پرامن تصفيہ ٿئي ۽ ان اخلاص جو مظاهرو جون ١٩٤٦ع ۾ مسلم ليگ جي طرفان "ڪئبينيٽ مشن پلان" کي منظور ڪرڻ ۾ آهي، جنهن ۾ انگريزن طرفان هندستانين کي اقتدار منتقل ڪرڻ لاءِ متحده هندستان لاءِ "هڪ آئين ساز اسيمبلي" وجود ۾ اچڻي هئي ۽ ان تي هي ڪم سونپيل هو تہ فيڊرل يونين لاءِ مواصلات، دفاع، ۽ ٻاهريان معاملا هجن باقي ڪاتا صوبن جي حوالي ٿيڻا هئا جن جي اي، بي، سي وارگروپنگ، اي گروپ ۾ هندو اڪثريت وارا صوبا، بي گروپ ۾ مسلم اڪثريت وارا علائقا جهڙوڪ: پنجاب، سرحد، سنڌ ۽ برٽش بلوچستان ۽ سي گروپ ۾ بنگال ۽ آسام جي پرڳڻن کي شامل ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي هئي. مسلم ليگ ان طويل الميعاد پلان کي منظور ڪري آزاد پاڪستان واري اسڪيم تان هٿ ڪنيو هو. ڪانگريس مهاتما گانڌي سميت ڪئبينيٽ مشن کي قبول ڪيو ۽ ان پٽاندر اقتدار جي منتقلي ٿيڻ واري هئي. پر اوچتو ان وقت ڪانگريس جي صدر جواهر لال نهروءَ ١٠ جولاءِ ١٩٤٦ع تي ڪئبينيٽ مشن جي مڃيل پلان خلاف غيرذميوارانہ بيان ڏنو، نتيجو اهو نڪتو تہ مسلم ليگ مذڪوره پلان کي رد ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي ۽ ١٦ آگسٽ ١٩٤٦ع تي پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ دائريڪٽ "ايڪشن" ڏينهن ملهائڻ لاءِ مسلمانن کي اپيل ڪئي هئي. ان تاريخي حقيقت جي سڀ ڪنهن کي خبر آهي. پنهنجي موقف جي وضاحت لاءِ بطور دليل ڪيترين ئي شخصيتن کي پيش ڪندس جن ۾ سرفهرست ڪانگريس جي وڏي ليڊر مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم جو نالو آهي.

١- مولانا ابوالڪلام آزاد

مولانا جي شخصيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب "جديد سياست جا نورتن" ۾ هن جي بيحد تعريف ڪئي آهي. پنهنجي نئين ڪتاب جي زيرتبصره مهاڳ ۾ پڻ اعتراف ڪيو اٿس تہ مسلمانن جي شاندار ماضي بابت

مولانا آزاد رح جا مضمون پڙهي هو خلافت تحريڪ ۾ شامل ٿيو. مولانا جي علم و فضل کان سندس مخالفن کي به انڪار نه آهي. پاڻ "آفتاب آمد دليل آفتاب" جي مصداق آهن. ڪانگريس جا صدر سال بسال چونڊبا هئا ۽ هي اعزاز شايد مولانا کي ئي آهي جو هو ١٩٣٩ع کان ١٩٤٦ع سانده ستن سالن تائين هن تنظيم جو صدر رهيو آهي. ٻي مهاڀاري لڙائي لڳڻ سان جڏهن هٽلر (جون ١٩٤١ع ۾) روس تي حملو ڪيو ۽ جنگ وڏي پيماني تي ڦهلجي وئي، تڏهن امريڪي صدر روزويلٽ، چرچل تي زور آندو ته جنگ ۾ اتحادين جي ڪاميابي لاءِ اهو ضروري آهي ته هندستان جي ليڊرن، سياسي جماعتن ۽ عوام کي اعتماد ۾ ونجي. چرچل سرڪار روز ويلٽ جي مشوري تي عمل ڪري سراسٽئفورڊ ڪرپس کي ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ١٩٤٢ع ۾ هندستان موڪليو هو. ڪانگريس جي پاران مولانا آزاد وائسراءِ جي ايگزيڪٽو ڪائونسل جي ٺهڻ متعلق ڳالهيون ڪيون، جن جو اختتام ناڪامي تي ٿيو. مولانا هندستان جي حق خود اختياري ۽ آزادي ملڻ لاءِ ضمانت طلب ڪئي هئي جا ڪرپس جي وس ۾ نه هئي. هن جي مشن جي ناڪاميابي کان بعد مهاتماگانڌي "هندستان ڇڏي وڃو" (Quit India) جي تحريڪ هلائڻ لاءِ فيصلو ڪيو. جنهن ڪري انگريزن آگسٽ ١٩٤٢ع ۾ ڪانگريس کي غيرقانوني جماعت قرار ڏئي سڀني ليڊرن کي گرفتار ڪري جيل ۾ وجهي ڇڏيو. مولانا آزاد کي به بمبئي جي وڪيل ڀولاڀائي ڏيسائي جي جاءِ تان گرفتار ڪري احمد نگر جيل ۾ بند ڪيو ويو، جتان هو جون ١٩٤٥ع ۾ رها ٿي وائسراءِ فيلڊ مارشل ويول (Wavel) جي ڪوٺايل ڪانفرنس شملا ۾ شرڪت ڪيائين.

شملا ڪانفرنس ۾ مولانا ڪانگريس جي صدر جي حيثيت سان ويو ۽ قائداعظم مسلم ليگ جي صدر جي حيثيت سان، پر ٻنهي ليڊرن جي وچ ۾ ڪا مفاهمت جي راهه هموار ٿي نه سگهي ۽ شملا ڪانفرنس جي ناڪاميءَ جو اعلان ٿيو. انهيءَ عرصي ۾ جنگ جي خاتمي کان پوءِ، برطانيه ۾ چونڊون ٿيون، جنهن ۾ ليبر پارٽي ڪامياب ٿي ۽ چرچل ۽ سندس ڪنزرويٽو پارٽي کي شڪست آئي هئي. ليبر پارٽيءَ جو مسٽر اٽلي وزيراعظم ٿيو. ١٧ فيبروري ١٩٤٦ع تي لارڊ پيٿڪ لارنس پارليامينٽ ۾ اعلان ڪيو ته هندستان جي آزاديءَ جي سلسلي ۾ ليبر گورنمينٽ هڪ ڪئبينٽ مشن موڪلڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان جا ٽي ميمبر هر - هڪ ١- پيٿڪ لارنس ٢- سرسٽيفورڊ ڪرپس ٣- مسٽر اي. وي اليگزينڊر هوندا. اعلان مطابق ڪئبينٽ مشن جو وفد ٢٣ مارچ ١٩٤٦ع تي هندستان

پهتو ۽ هندستان جي سياسي ليڊرن سان طويل مذاڪرات ڪيائين. ان جي مڪمل رونداد مولانا آزاد پنهنجي ڪتاب "هندستان جي آزادي" (India wins freedom) ۾ لکي آهي. هي ڪتاب (Orient Longman) وارن ڪلڪتي مان شايع ڪرايو آهي ۽ مون وٽ ١٩٦٠ع وارو ايڊيشن آهي جنهن جا حوالا ڏيندس. مولانا لکي ٿو، "انهيءَ ڳالهه کان ڪوبه انڪار ڪري نه پيو سگهي ته بحيثيت هڪ گروهه جي مسلمان پنهنجي مستقبل لاءِ سخت بيقرار ۽ پريشان هئا. مسلمانن جي اڪثريت وارن صوبن ۾ ته ڪين ڪو فڪر لاحق ڪونه هو. پر مجموعي طرح سان سڄي هندستان ۾ مسلم آبادي اقليت ۾ هجڻ ڪري انهيءَ خوف ۾ مبتلا هئي ته هڪ آزاد هندستان ۾ سندن حقن جي حفاظت ڪانه ٿي سگهندي. مون هن مسئلي تي لڳاتار ڳوڙهو ويچار ڪيو ۽ آخر ان نتيجي تي پهتس ته اهڙيءَ حالت ۾ پوريءَ دنيا ۾ هي رواج آهي ته مرڪز کي گهٽ اختيارات ملڻ کپن." (صفحه ١٣٩ - ١٤٠) اڳتي لکي ٿو، "مون ڏٺو ته هندستان لاءِ وحداني طرز جي نه پر وفاقي (Federal) قسم جي آئين جي ضرورت آهي. دستور اهڙو ٺاهجي جنهن ۾ صوبن کي ڪافي ڪاتن بابت خودمختاري به حاصل ٿئي ۽ قومي وحدت کي به ڇيهو نه رسي". (صفحه ١٤٠) هن اسڪيم جي وضاحت ڪندي مولانا لکي ٿو ته، "مون لاءِ اها ڳالهه صاف ٿي وئي ته بچاءُ، مواصلات ۽ ٻاهرين معاملن وارا ڪاتا مرڪز جي حوالي ڪجن. انهن محڪمن کي صوبن جي حوالي ڪرڻ سان وفاق جو مقصد ئي فوت ٿي ويندو. مٿين ڪاتن کان سواءِ باقي سڀ ڪاتا صوبن جي سپرد ٿين. البته هڪ ٻئين لسٽ اهڙن ڪاتن جي به تيار ڪجي، جنهن لاءِ صوباني اسيمبليون مجاز هجن ته اهي ڪاتا پاڻ وٽ رکن يا مرڪز جي حوالي ڪجن. ۽ اهڙي جوڙجڪ ٿيڻ سان مسلمانن جا خدشات دور ٿي سگهن ٿا. ٻيو ڪو طريقو ڪونه آهي." (صفحه ١٤٠)

ڪئبينٽ مشن وارن سان ملاقات جو ذڪر ڪندي مولانا لکي ٿو، "منهنجي ڪئبينٽ مشن جي وفد سان پهرين ملاقات ٦ اپريل ١٩٤٦ع تي ٿي، جنهن ۾ مشن جي طرفان زيرترتيب سوالن تي بحث ٿيو. ان مان پهريون سوال هندستان جي فرقيوارانه مسئلي بابت هو. جڏهن مشن وارن هن مسئلي جي حل بنسبت منهنجي راءِ ورتي ته مون اڳ پنهنجو ٺاهيل فارمولا ڪين پڌايو ته مرڪز کي لازمي ڪاتن مان ٽورا ۽ ان سان گڏ ڪي اختياري ڪاتا پڻ سپرد ڪيا وڃن. هي حل ٻڌي لارڊ پيٿڪ لارنس چوڻ لڳو ته في الحقيقت فرقيوارانه مسئلي جي نبيرڻ لاءِ تون هڪ نئين راهه ڏسي رهيو آهين. ڪرپس مون واري

اسڪيم ۾ خاص دلچسپي ورتي ۽ دير تائين مون کان اڏي پڇا ڪندو رهيو." (صفحه ١٤١ع) هن ئي صفحي تي مولانا لکي ٿو . "ڪئبينٽ وارن سان پنهنجي ٿيل ڳالهين جي رپورٽ مون ١٢- اپريل ١٩٤٦ع تي ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽي اڳ پيش ڪئي. ڪافي بحث مباحثي ڪان پوءِ ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽي مون واري حل جي افاديت کي مڃيو. مهاتما گانڌي مون واري فارمولا جي تائيد ڪندي فرمايو ته فرقيواريت جهڙي هڪ منجهيل مسئلي جي حل ڪرڻ لاءِ مون هڪ نئين راهه دريافت ڪئي آهي." (صفحه ١٤١) ليگ جي مطالبه پاڪستان تي تنقيد ڪرڻ کان پوءِ صفحه ١٤٥ جي آخري پيرا گراف ۾ مولانا لکي ٿو. "ليگ وارا تقسيم جون ڳالهيون ڪندا رهيا ۽ سندن گـهر هئي ته مسلم اڪثريت وارن علائقن ۾ هڪ آزاد رياست قائم ڪئي وڃي. جا طلب ڪئبينٽ مشن وارا قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا."

ڪئبينٽ مشن مسلم ليگ ۽ ڪانگريس ها، ڪمان سان گفتگو پوري ڪري پنهنجون سفارشون برطانيه سرڪار کي موڪليون، جي وزيراعظم اٽلي ١٦ مئي ١٩٤٦ع تي هائوس آف ڪامنس ۾ ظاهر ڪيون. ان سلسلي ۾ مولانا لکي ٿو. ڪئبينٽ مشن وارن پنهنجي اسڪيم جو اعلان ١٦ مئي ١٩٤٦ع تي ڪيو ۽ اها هوبهو ساڳي نڪتي، جنهن جي نشان دهي مون پنهنجي بيان مورخه ١٥ اپريل ١٩٤٥ع تي ڪئي هئي. ڪئبينٽ مشن پلان ۾ سفارش ڪئي وئي ته مرڪز کي فقط ٽي ڪاتا مواصلات، بچاءُ ۽ پرڏيهي وارا ڏنا وڃن. پلان ۾ هڪ نئين ڳالهه جو اضافو ڪيو ويو، جنهن مطابق سڄي ملڪ کي ٽن زونن ۾ اي، بي، سي، وار تقسيم ڪيو. سندن خيال مطابق ان نموني سان ئي اقليت جي حقن جو تحفظ ٿي سگهي ٿو. سيڪشن اي ۾ هندو اڪثريت وارا صوبا، سيڪشن بي ۾ مسلم اڪثريت وارا صوبا پنجاب، سرحد، سنڌ ۽ برٽش بلوچستان ۽ سيڪشن سي ۾ بنگال ۽ آسام جا پرڳڻا پاڻ ۾ ملايا ويا، جن ۾ به مسلمانن جي اڪثريت هئي. ڪئبينٽ مشن جي خيال مطابق مٿين اسڪيم کي نافذ ڪرڻ سان مسلمان اقليت کي مطمئن ڪري ليگ جا خدشا دور ڪري سگهجن ٿا. ڪئبينٽ وارن منهنجي اها راءِ قبول ڪري ورتي ته گهڻا ننڍا ڪاتا صوبن جي حوالي ڪجن. ان نموني سان مسلمانن کي مڪمل خودمختاري جي ضمانت ملي؛ سيڪشن بي ۽ سي ۾ مسلمان گهڻائي ۾ هئا، ان ڪري انهن جي جائز مطالبي کي پذيرائي ملي. مرڪز ڇاڪاڻ ته مٿين ٽن ڪاتن کان سواءِ هلي نه سگهندو هو، ان ڪري اهي محڪما ان جي حوالي ڪيا ويا. بنيادي

طرح سان ڪئبينيٽ مشن جون سفارشون اهي هيون جي مون ڪين ڏنيون هيون، سواءِ سيڪشن وار تقسيم جي. مون محسوس ڪيو ته اسان کي هن تجويز کي خيرمقدم چئي ان کي قبول ڪرڻ کپي. ٻئي پاسي جناح صاحب ڪئبينيٽ مشن جو مخالف هو. هو آزاد پاڪستان جي گهر ۾ اڙيل هو ۽ اڳتي وڌيو هو جو پنهنجي موقف تي نه بيهي سگهي. مشن صاف لفظن ۾ جواب ڏنو ته ملڪ جي ورهاست" ڪرڻ بعد هڪ آزاد رياست جي ٺاهڻ جي گهر جي هو ڪڏهن به حمايت نه ڪندا." (صفحه ١٤٩، ١٥٠)

ڪئبينيٽ مشن جي سفارشن تي غور ڪرڻ لاءِ مسلم ليگ ڪائونسل جو اجلاس ٦ جون ١٩٤٦ع تي ٿيو. ٽن ڏينهن جي گرما گرم بحث ڪرڻ کان پوءِ ڪائونسل ڪئبينيٽ مشن کي قبول ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو. ان بابت مولانا لکي ٿو ته، "جناح (قائد اعظم) ڪائونسل جي اجلاس کي ٻڌايو ته ڪئبينيٽ مشن پلان جي اسڪيم کان اسان وڌيڪ ڪجهه حاصل ڪري نه ٿا سگهون.

ان ڪري هن ليگ کي ان جي قبول ڪرڻ جو مشورو ڏنو. قرارداد تي ووٽنگ ٿي جنهن ۾ متفقه طور تي مسلم ليگ ڪئبينيٽ مشن پلان کي منظور ڪيو." (صفحه ١٥٠)

ڪئبينيٽ مشن پلان کي منظور ڪري ليگ وڏي قرباني ڏني ۽ اخلاص جو مظاهرو ڪيو هو. اندازو لڳايو ته ١٩٤٦ ع ۾ آزاد پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ مسلمانن ۾ ڪيڏو نه شوق ۽ ولولو هو. ڪئبينيٽ مشن کي منظور ڪري مسلم ليگ مطالبه پاڪستان تان دستبردار ٿي. مولانا پاڻ لکيو آهي ته "ليگ جي هن روش تي ڪيترن ئي ماڻهن کي حيرت ٿي، ڇاڪاڻ ته مشن پلان ۾ پاڪستان جي مطالبي کي رد ڪيو ويو هو."

اها ڳالهه خاص نوٽ ڪرڻ جي آهي ته پلان جي تجويز خود صدر ڪانگريس مولانا آزاد ڏني هئي ۽ اصولاً هن پلان کي منظور ڪرڻ لاءِ ٻئي پاسي ڪانگريس کي قدم کڻڻ کپي ها جو هن نه ڪيو ۽ مسلم ليگ اڳ ۾ ئي پلان جي منظور ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ڪانگريس مسلم ليگ جي قرارداد پاس ٿيڻ کان ويهن ڏينهن بعد ٢٦ جون ١٩٤٦ع تي ذهني تحفظات سان پلان کي قبول ڪيو. ان بابت مولانا لکي ٿو، "طويل گفت وشنيد بعد ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽي ٢٦ جون ١٩٤٦ع تي ڪئبينيٽ مشن پلان کي منظور ڪرڻ واري قرارداد پاس ڪئي. جيتوڻيڪ عارضي گورنمينٽ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪانگريس قاصر رهي." (صفحه ١٥١)

ياد رهي ته قائد اعظم ٦ جون ١٩٤٦ تي ڪئبينيٽ مشن جي

سفارشن کي قبول ڪري عارضي گورنمينٽ ۾ شرڪت جو اعلان ڪيو هو. مولانا ساڳئي صفحي جي آخري پئراگراف ۾ نهايت دلسوزي سان لکي ٿو، "ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي تاريخ ۾ هڪ شاندار ۽ نهايت ئي اهم واقعو هو. ان جي معنيٰ اها هئي ته هندستان جي آزاديءَ جو فيصلو مذاڪرات جي ذريعي طئي ٿيو ۽ نڪي جهيڙي ۽ تشدد سان. فرقيواريت جو هميشه خاتمو آندو ويو. پوري هندستان اندر ماڻهو آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ متحد ٿي ويا ۽ ماڻهو خوشيءَ وچان ٽپڻ ڪڏڻ لڳا هئا. اسان خوشيون ته ملهايون پر ان ڳالهه کان آگاهه ئي ڪونه هئاسون ته هي خوشي قبل از وقت آهي ۽ اسان کي اڳتي هلي سخت مايوس ٿيڻو پوندو." (صفحه ١٥١)

اها مايوسي ڪيئن ٿي ان جو ذڪر اڳئين باب (prelude to partition) ۾ مولانا هن نموني ڪري ٿو ته "مان ١٩٣٩ع کان ١٩٤٦ع تائين سانده ڪانگريس جو صدر رهيس ۽ نهايت ئي نازڪ ۽ اهم مذاڪرات جهڙوڪ ڪرپس مشن ١٩٤٢ع، شملا ڪانفرنس ١٩٤٥ع ۽ ڪئبينٽ مشن ١٩٤٦ع ۾ حصو ورتم. ان ڪري چاهيم ته ڪانگريس جو ٻيو ڪو صدر چونڊجي. ڪيترن ئي ماڻهن مون ۾ اعتماد ڪيو، پر مون ڏٺو ته سردار پٽيل پاڻ صدر ٿيڻ پيو چاهي. ان ڪري مون چاهيو ته پاڻ کي ٻيهر نه چونڊرائيندس. ٻيو مرحلو اهو هو ته ڪانگريس جي صدارت لاءِ ڪنهن اهڙي شخص جو انتخاب ڪجي جيڪو منهنجي خيالن جو هجي ته جيئن منهنجي ڇڏيل پاليسيءَ تي هلي. ان ڪري مون جواهر لال نهروءَ جو نالو پيش ڪيو، جنهن کي متفق طور تي صدر چونڊيو ويو.

نهرو صاحب جي انتخاب تي تبصرو ڪندي مولانا لکي ٿو، "نهروءَ جو انتخاب منهنجي نزديڪ موزون ترين هو، پر هن جي صدر ٿيڻ کان پوءِ حالتن جيڪو رخ اختيار ڪيو، ان مون کي سوچڻ تي مجبور ڪيو ته مان شايد غلطيءَ تي هوس ۽ اهي ماڻهو جيڪي مونکي ٻيهر هڪ سال لاءِ ڪانگريس جو صدر بنائڻ پيا چاهن سي شايد صحيح هئا." (صفحه ١٥٣)

اڳتي لکي ٿو، "ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو اجلاس ٦ جولاءِ ١٩٤٦ع تي ٿيو ۽ ڪئبينٽ مشن پلان جي منظوري وٺڻ لاءِ هڪ قرارداد ناهي آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي آڏو پيش ڪئي وئي، جنهن پڻ ڪافي بحث مباحثي بعد منهنجي شخصي وضاحتن تي ان کي قبول ڪيو.

آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي طرفان ڪئبينٽ مشن پلان قبول ڪرڻ کان پوءِ مولانا هڪ نهايت اهم ڳالهه جو انڪشاف ڪيو آهي

جو غور طلب آهي، چوي ٿو ته ، "ان کان پوءِ هڪ اهڙو منحوس واقعو پيش آيو جنهن تاريخ جي رخ کي بدلائي ڇڏيو. ١٠ جولاءِ ١٩٤٦ع تي بمبئي ۾ پنڊت نهرو هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪيو. جنهن ۾ هن هڪ اهڙو بيان ڏنو جو عام حالتن ۾ شايد نظرانداز ٿئي ها پر هڪڙي شڪي ماحول ۾ ان جا نهايت ئي افسوسناڪ نتيجا نڪتا. ڪنهن اخباري رپورٽر جواهر لال کان پڇيو ته، "ڇا اها حقيقت آهي ته آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي پاران ڪئبينٽ مشن کي منظور ڪرڻ جي اها معنيٰ آهي ته ان کي عارضي گورنمنٽ جي ناهڻ سميت ڪلي طرح قبول ڪيو ويو آهي؟

ان تي نهروءَ جواب ڏنو ته "ڪانگريس معاهدن جي زنجيرن کان آزاد ٿي دستور ساز اسيمبليءَ ۾ شرڪت ڪندي، ۽ جيڪا به صورتحال پيدا ٿيندي ان کي منهن ڏيڻ لاءِ مختار هوندي."

ان تي پريس جي نمائندن نهروءَ کان پڇيو ته ، "ڇا ان جي معنيٰ اها ٿيندي ته ڪئبينٽ مشن پلان ۾ ردوبدل ٿي سگهي ٿي؟"

جنهن تي نهرو صاحب صاف جواب ڏنو ته، ڪانگريس فقط آئين سازاسيمبليءَ ۾ شرڪت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ ڪئبينٽ مشن پلان کي جهڙي نموني بهتر سمجهي ان ۾ ردوبدل ڪري سگهجي ٿي."

مان اها ڳالهه سرڪاري رڪارڊ تي آڻڻ گهران ٿو ته جواهرلال نهروءَ جو بيان غلط هو. اهو چوڻ صحيح نه هو ته ڪانگريس ڪئبينٽ مشن پلان کي جهڙي نموني چاهي ان ۾ ردوبدل ڪري سگهي ٿي. اسان حقيقت ۾ ان ڳالهه کي قبول ڪري ويٺا سون ته مرڪز ۾ وفاقي نظام هوندو. ٽن ڪاتن کان سواءِ باقي سڀ ڪاتا صوبن وٽ رهندا. صوبن جي اي بي سي وار گروپ بندي کي ڪئبينٽ مشن پلان مطابق اسان مڃيو هو. ان ڪري ٻين پارٽين جي صلاح مشوري کان سواءِ ڪانگريس يڪطرفه ان ۾ ردوبدل ڪرڻ جي مجاز نه هئي. مسلم ليگ ڪئبينٽ مشن پلان کي ان ڪري تسليم ڪيو هو ڇاڪاڻ ته، برطانوي سرڪار ان کان وڌيڪ سهوليت ڏيڻ لاءِ تيار نه هئي. مسٽر جناح ليگ جي ڪائونسل ۾ تقرير ڪندي چيو ته، پلان جي منظوريءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو ڪونهي، ڇاڪاڻ ته ان کان وڌيڪ ملڻ جي اميد نه آهي" جناح صاحب ڪئبينٽ مشن سان مذڪرات جي نتيجي ۾ مطمئن ڪونه هو. پر مشن جي سفارشن قبول ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه رستو نٿي معلوم ٿيس. جواهرلال نهروءَ جو مٿيون بيان هن لاءِ ڌماڪو ثابت ٿيو ۽ فورًا اعلان ڪيائين ته ڪانگريس جي صدر جي بيان اچڻ کان پوءِ سڄي معاملي تي ٻيهر

غور ڪيو وڃي. جناح صاحب لياقت علي خان کي مسلم ليگ جي اجلاس گهرائڻ لاءِ حڪم ڪيو ۽ ان سان گڏ هڪ بيان ڏيندي چيائين ته، "اسان ڪئبينٽ مشن پلان کي انهيءَ ڪري مڃيو جو خاطري ڏني وئي ته ڪانگريس پڻ ان کي تسليم ڪيو آهي ۽ هندستان جي مستقبل واري آئين جو بنياد مشن جي پلان مطابق رکيو ويندو. هينئر جڏهن ڪانگريس جي ذميوار صدر (نهرو) اهڙو اعلان ڪيو ته اڪثريت جي سهاري تي هو هن اسڪيم ۾ ردوبدل ڪري سگهن ٿا ته ان جي صاف معنيٰ اها آهي ته اقليت کي اڪثريت جي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي. جناح صاحب جي اها راءِ هئي ته جواهرلال جي ڪيل اعلان جو مطلب هي آهي ته ڪانگريس ڪئبينٽ مشن پلان کي رد ڪري ڇڏيو. هاڻي وائسراءِ جو اخلاقي فرض آهي ته مسلم ليگ جنهن پلان کي منظور ڪيو، ان کي گورنمنٽ ٺاهڻ لاءِ دعوت ڏني وڃي. پروگرام مطابق مسلم ليگ ڪائونسل جو اجلاس ٢٧ جولاءِ ١٩٤٦ ع تي بمبئي ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ جناح صاحب افتتاحي تقرير ڪندي پاڪستان جي گهر کي دهرائيندي چيو ته " مسلم ليگ کي ان جي حصول ڪان سواءِ ٻيو ڪو طريقو نه آهي" ٽن ڏينهن جي بحث مباحثي کان پوءِ ڪائونسل ڪئبينٽ مشن پلان کي رد ڪندي پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ "ڊائريڪٽ ايڪشن" جو اعلان ڪيو." (صفح ١٥٥- ١٥٦)

قارئين ڪرام کي پرزور گذارش ٿو ڪريان ته مٿي مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم جي ڪتاب مان ورتل حوالن کي غور سان پڙهي پاڻ انصاف ڪريو ته حالتن کي بگاڙڻ ۾ ڪانگريس ۽ ان جي صدر جي ڪيڏي نه ذميواري آهي. مسلم ليگ جي طرفان مٿين قرارداد پاس ٿيڻ کان پوءِ مولانا لکي ٿو ته، "مون کي سخت ذهني تڪليف پهتي، ڇاڪاڻ ته ڪئبينٽ مشن پلان جو خيال منهنجو ئي هو ۽ مون ئي ان جي تجويز ڏني هئي ۽ وڌيڪ ڏک جي ڳالهه اها آهي ته اسان جي پنهنجن ڪرتوتن جي ڪري پلان جي ستياناس ٿي وئي. ان ڪري مون ٨ آگسٽ ١٩٤٦ع تي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو اجلاس گهرائي ان ۾ تقرير ڪئي. مون چيو ته صورتحال کي وڌيڪ خراب ٿيڻ کان بچائڻ جو واحد طريقو هي آهي ته اسان کي صاف لفظن ۾ چوڻ کپي ته ڪئبينٽ مشن پلان متعلق اصل راءِ اها آهي جا آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي ڏني هئي (يعني قبول ڪرڻ جو فيصلو) ۽ ڪنهن ٻه فرد کي چاهي اهو ڪانگريس جو صدر ئي ڇو نه هجي، ان ۾ ردوبدل ڪرڻ جو اختيار نه آهي. پر ورڪنگ ڪميٽي جو اهو خيال هو ته اسان پن پاهين جي وچ ۾ ڦاٿل آهيون. هڪ هنڌ ڪانگريس جي

وقار جو سوال آهي تہ ٻنهي طرف ڪئبينيٽ مشن ذريعي اسان جو مجيل فيصلو خطري ۾ پئجي ويو آهي. ان جي معنيٰ آها آهي تہ ڪانگريس جي صدر (نهرو) جي بيان ڪي رد ڪيو تہ تنظيم ڪمزور ٿي ويندي. ٻئي پاسي ڪئبينيٽ مشن پلان جي ڇڏڻ جي معنيٰ تہ پورو ملڪ برباد ٿي ويندو." (صفحہ ١٥٦). ان اجلاس ۾ ڪانگريس هڪ گول مول ۽ منجهيل قرارداد پاس ڪري حالتن کي مزيد بگاڙڻ لاءِ جواز پيدا ڪيو. مسلم ليگ پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ ١٦ آگسٽ ١٩٤٦ع تي "ڊائريڪٽ ايڪشن" ڏينهن ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. ان ڏينهن تي فرقيوارانہ فساد ٿيا. جنهن ۾ ڪيترين ئي جانيون ضايع ٿيون. مولانا ان تي ڏک جو اظهار ڪندي لکي ٿو تہ، "مون کي رنج سان اظهار ڪرڻو ٿو پوي تہ اسان ئي مسلم ليگ کي ڄڻي شده سياسي فريقيواريت وارن مسئلن جي پنهنجي سختي جي ڪري پيهر کولڻ جو موقعو فراهم ڪيو. ان غلطيءَ جو جناح صاحب خوب فائدو ورتي ڪئبينيٽ مشن پلان کي رد ڪري ڇڏيو." (صفحہ ١٦٠)

پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ مسلم ليگ جي طرفان "ڊائريڪٽ ايڪشن" ڏينهن ملهائڻ جو سبب ڪئبينيٽ مشن پلان خلاف ١٠ جولاءِ ١٩٤٦ع تي جواهرلال نهرو جو اشتعال انگيز بيان هو. مولانا پنهنجي ڪتاب ۾ نهرو جي شخصيت متعلق راءِ ڏيندي لکي ٿو، "جواهرلال نهرو منهنجو پيارو دوست آهي ۽ هندستان جي قومي زندگيءَ ۾ سندس حصو ڪنهن کان بہ گهٽ نہ آهي. هندستان جي آزاديءَ لاءِ هن ڪافي ڪجهہ سٺو آهي ۽ آزادي ملڻ کان پوءِ قومي اتحاد ۽ ملڪي ترقيءَ لاءِ هن جي شخصيت جڻ تہ علامت آهي. مون کي ان جي باوجود آرمان سان چوڻو ٿو پوي تہ، ڪڏهن ڪڏهن هو جذبات کان مغلوب ٿي نظرياتي ڳالهيون ڪري حقيقتن متعلق گهٽ اندازو لڳائيندو آهي، جنهن جو مظاهرو هن "ڪئبينيٽ مشن پلان ماتحتوجود ۾ اچڻ واري اسيمبلي متعلق بيان ڏئي ڪيو آهي." (صفحہ ١٦٠).

مان شاهہ صاحب جن کي مودبانہ اپيل ٿو ڪريان تہ مولانا جي ڪتاب مان هن سڄي چيپٽر جو پاڻ وري مطالعو ڪن ۽ پوءِ هندو ليڊرشپ جي تنگ نظريءَ جو پردو چاڪ ڪن. مولانا اڳتي پنڊت نهروءَ جي هڪ ٻي وڏيءَ غلطيءَ جي نشاندهي ڪري ٿو. جيڪڏهن اها غلطي نہ ڪري ها تہ (مولانا جي چوڻ مطابق) مسلم ليگ ڪانگريس ۾ ضم ٿي ڪم ڪري ها ۽ هندستان جي تقسيم نہ ٿئي ها. ١٩٣٧ع جي اليڪشن کان پوءِ مسلم ليگ جي ٻن ميمبرن چوڌري خليق الزمان ۽ نواب اسماعيل خان ڪانگريس سان ان شرط

تي پاڻهن پيلي ٿيڻ جو اعلان ڪيو ته پنهي ڪي سرڪار ۾ ڪنيو وڃي. مولانا جي چوڻ مطابق ان تي ناهه ٿي ويو. پر بعد ۾ سندس مشوري خلاف جواهرلال نهرو چوڌري خليق الزمان کي هڪ خط لکي پڌايو ته مسلم ليگ جي فقط هڪ ميمبر کي گورنمينٽ ۾ ڪنيو ويندو، جا نهايت ئي افسوسناڪ ڳالهه هئي. پنڊت نهروءَ جي هن فعل بابت مولانا لکي ٿو، "هندستان جي سياست جي ڄاڻن کي خبر آهي ته مسلم ليگ جي تنظيم نو جو ڪم يو. پي مان ٿيو هو. جناح صاحب ان جو مڪمل فائدو وٺي هلي پاڪستان ٺهرايو." (صفحه ١٦١).

ياد رهي ته مولانا جو هي ڪتاب پنڊت نهروءَ ڏانهن منسوب ٿيل آهي. پر هن حق پرست انسان نهروءَ جي خوب خبر ورتي آهي. سائين جي. ايم. سيد کي خبر آهي ته پنڊت نهرو پنهنجي لبرل خيالات رکڻ جي ڪري ڪافي مشهور هو. ڪيس ڪنهن به مذهب ۾ يقين ڪونه هوندو هو. ان ڪري هن جو ذهن مذهبي ڪٽرپڻي کان پاڪ سمجهيو ويندو هو. ان کان علاوه مسلمانن سان نهرو فيملي جا دوستانه تعلقات هئا. جنهن جو ذڪر پنهنجي ڪتابن ۾ به ڪيو اٿس. سندس سوانح نگار مائيڪل بريچر جي لکڻ موجب "ولا ڀائي پٽيل چوندو هو ته جواهرلال نهرو ئي هڪ سچو قومپرست مسلمان آهي." (Nehru: A Political Biography P-392) سندس پيءُ موتي لال نهرو سنسڪرت جو نه صرف پنهنجي زماني ۾ فارسي زبان جو وڏي ۾ وڏو ڄاڻو هو پر چپي چپي تي خواجه حافظ شيرازيءَ جا شعر برزبان پڙهندو هو. اهڙي وسيع المشرب نهرو جي تعصب جو احوال اوهان مٿي مولانا آزاد جي حوالي سان پڙهيو ته مان پڇڻ ٿو چاهيان ته باقي هندو ڪانگريس جي ذهنيت جو ڪهڙو حال هوندو. مولانا، ولاڀائي پٽيل جا پول پڌرا ڪندي لکي ٿو، " آڪٽوبر ١٩٤٦ع ۾ عارضي گورنمنٽ ٺهي جنهن ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس شرڪت ڪئي، محڪمن جي تقسيم بابت پٽيل ضد ٻڌي ويهي رهيو ته مون کي گهريلو معاملن وارو وزير بنايو ۽ مسلم ليگ جي لياقت علي خان کي ماليات جو. آخر ڪيس وزارت داخلا جي چارج ملي ۽ لياقت علي خان کي ماليات جي. سندس کاتي ۾ چوڌري محمد علي جهڙو ذهين آفيسر ڪم ڪندو هو، جنهن مسلم ليگ جي پاران اهڙي بجيٽ پيش ڪئي جنهن ۾ ڪانگريسي، مسلم ليگين جي پڇڻ کان بغير پنهنجي کاتي جو پٽيوالو به مقرر نه ڪري سگهن. ان تي پٽيل هاءِ گهوڙا ڪئي ۽ چوڻ لڳو، "اسين چاهيون يا نه پر هندستان ۾ ٻه قومون (مسلمان ۽ هندو) رهن ٿا." (صفحه ١٨٥)

٢- وي. پي مينن (V_P_Menon)

ڪانگريس جي نقطہ نگاهہ سان هندستان جي آزادي متعلق مولانا آزاد مرحوم جي ڪتاب (India wins Freedom) کان پوءِ ٻني نمبر تي حيثيت وي- پي- مينن جي ڪتاب "هندستان ۾ اقتدار جي منتقلي(The Transfer of Power in India) کي آهي. وي- پي- مينن پنهنجي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو. "١٩١٧ع کان وٺي ڪنهن نہ ڪنهن حيثيت سان مون کي هندستان جيءَ دستوري تاريخ ۾ لڳاتار شموليت جو موقعو مليو. ١٩٤٢ع کان اقتدار جي منتقلي يعني ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ع تائين مان گورنر جنرل جو آئيني مشير ٿي رهيس."

مٿيون ڪتاب هن آنجهاني پٽيل جي فرمائش تي لکيو آهي ۽ ١٩٥٧ع (Orient Long Mans Company) وارن ڪل ٣٤٣صفحن تي ڇپرايو آهي. مون هن ڪتاب جو نهايت ئي غور ۽ شوق سان مطالعو ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ مون ڏٺو تہ هندستان جي سياسي تاريخ لکڻ وقت گهڻو ڪري سيني مصنفن مينن جي هن ڪتاب مان اقتباس پيش ڪيا آهن ۽ هن ڪتاب جو حوالو ڏيندا رهن ٿا. مينن لارڊ مائونٽ بيٽن جي بلڪل قريب هو ۽ لئونڊ موزلي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ "انڊين انڊيپينڊنس ائڪٽ" (Independence Act) مينن وڏڪا جي بوتل پي ڊرافٽ ڪري نهروءَ کي ڏيکارڻ بعد برطانيہ سرڪار کي موڪليو ۽ بعد ۾ ان تي پارليامينٽ ۾ بحث ٿيو. لارڊ مائونٽ بيٽن جو پريس اتاشي ڪئمپبل جانسن پنهنجي ڪتاب (Mission with Mount Batten) ۾ لکي ٿو. "لارڊ مائونٽبيٽن، وي- پي مينن کي پرزور الفاظ ۾ خراج عقيدت پيش.ڪندي چيو تہ، مون ان جهڙا سياسي دماغ وارا سياستدان گهٽ ڏٺا آهن". (ڊائري ٢٥- ٧- ٤٧)

اوهان ڪئبينٽ مشن پلان بابت مٿي تفصيل سان مولانا جي ڪتاب جا حوالا پڙهيا آهن ان ڪري مشن ۽ ان جي سفارشات بابت مينن جي ڪتاب مان حوالا وٺڻ مناسب نہ ٿيندو. مشن ۽ ان جي رپورٽ متعلق مولانا جي راءِ ورجائي مينن لکي ٿو. "ڪئبينٽ مشن پلان جي شايع ٿيڻ بعد ٦ جون ١٩٤٦ع تي مسلم ليگ ڪائونسل جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ چند تحفظات سان ڪئبينٽ مشن جي اوارڊ (Award) کي تسليم ڪيو ويو." (صفحہ ٢٧٣) ڪانگريس جي طرفان مشن جي تجويزن کي قبول ڪرڻ متعلق مصنف لکي ٿو تہ. "ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽيءَ مشن جي پلان کي اڳ ۾ (٢٠

جون ١٩٤٦ع تي) منظور ڪيو هو ۽ هاڻي ان قرارداد کي آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ وٽ ٦ جولاءِ ١٩٤٦ع تي توثيق لاءِ پيش ڪيو ويو. ڪاميٽيءَ جو اجلاس بمبئيءَ ۾ ٿيو. ان ۾ سوشلسٽ پارٽيءَ جي سخت مخالفت باوجود گانڌيءَ ۽ ورڪنگ ڪميٽيءَ جي اثر ڪري قرارداد کي پاس ڪيو ويو." (صفحہ ٢٨٠) مسٽر مين هن ساڳئي صفحي تي جواهر لال نهروءَ جي پريس ڪانفرنس جي ڳالهہ ڪري ٿو جنهن متعلق مولانا مٿي تفصيل سان لکيو آهي. مين لکي ٿو، "ڪئبينٽ مشن پلان لاءِ اها راءِ تہ ڪانگريس ان ۾ ردوبدل ڪري سگهي ٿي، جناح فورا نوٽيس ورتو ۽ چيو تہ نهروءَ جو بيان پلان جي طويل الميعاد شرطن ۽ اقليت جي خلاف آهي." (صفحہ ٢٨٠) ان بعد مين مسلم ليگ جي ٢٧ جولاءِ ١٩٤٦ع تي بمبئي ۾ ٿيل اجلاس ۾ پاس ڪيل قرارداد متعلق لکي ٿو، "ڪانگريس طرفان ڪئبينٽ مشن پلان جي نامنظوريءَ ڪان پوءِ مسلم ليگ ڪائونسل ان راءِ جي آهي تہ هڪ دستورساز اسيمبليءَ ۾ اسان جا حق محفوظ نہ ٿيندا . ان ڪري اڳ اسان (٦ جون ١٩٤٦ع) تي ڪئبينٽ مشن بابت جا قرارداد پاس ڪئي ان کي رد سمجهڻ کپي." (صفحہ ٢٨٣)

"ليگ جي ورڪنگ ڪميٽي بہ ڪائونسل جي قرارداد جي پونيواري ڪندي مسلمانن کي اپيل ڪئي تہ پوري هندستان ۾ ١٦ آگسٽ ١٩٤٦ع تي (پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ) "ڊائريڪٽ ايڪشن" ڏينهن ملهائڻ لاءِ ميٽنگون ڪري اهڙيون قراردادون پاس ڪن." (صفحہ ٢٨٤ع) وي- پي- مين جو هي ڪتاب جيئن مٿي عرض ڪيم تہ ڪانگريس جي نقطہ نگاه جي کلي ترجماني ڪري ٿو. تاهم مٿي سندس ڪتاب مان ورتل حوالن مان نيڪ روشن ٿيو هوندو تہ ڪئبينٽ مشن پلان جنهن مطابق مسلمانن جي پاڪستان واري گهر کي رد ڪري هڪ يونين انڊيا جي تجويز پيش ڪئي وئي هئي، مسلم ليگ ان کي تسليم ڪري پاڪستان مان هٿ ڪڍي وڏي قرباني ڏني هئي. ڪانگريس هاءِ ڪمان بہ ان کي تسليم ڪري ورتو پر نهروءَ جي غلط بيانيءَ ڪري سڄو قصو ڊانوان ڊول ٿي پيو ۽ معمِ مچي ويو. جنهن ڪري مسلم ليگ پاڪستان ٺاهڻ تي مجبور ٿي پئي.

٣-ليونارڊ موزلي (Leonard Mosely)

هي هڪ مشهور برطانوي مؤرخ آهي، جنهن ١٩٦١ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جو دورو ڪيو هو. پنڊت نهرو، ايوب خان ۽

هندو پاڪ جي ٻين مشهور شخصيتن کان انٽرويو وٺي لنڊن مان "هندستان ۾ برطانوي راڄ جا آخري ڏينهن (Last Days of British Raj in India) نالي هڪ بهترين ڪتاب لکيو آهي. ڪئبينٽ مشن پلان بابت نهرو جي ڏنل بيان تي تبصرو ڪندي مصنف لکي ٿو، "ڇا نهرو کي ڪو هوش آيو ته ڇا پيو چوي؟ درحقيقت هو دنيا کي ٻڌائڻ پيو چاهي ته اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ ڪانگريس مرڪز ۾ پنهنجي اڪثريت جي آڌار تي ڪئبينٽ مشن پلان ۾ ردوبدل ڪري سگهندي، پر اهو ٻنهي ڏرين مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي وچ ۾ ٺاهه جو هڪ پلان هو. جنهن جي ڪنهن به پارٽيءَ جي حمايت ۾ ردوبدل ڪري نٿي سگهجي. اهڙين حالتن سبب نهرو صاحب جو رمارڪ ۽ بيان حقيقت ۾ هڪ سِنئون سڌو شرارت انگيزي جو فعل هو."
"Nehru,s remarks were a direct act of Sabotage P_28"

۴- پينڊرل مون (Penderel Moon)

پنهنجي ڪتاب (Divide and quit) ۾ پينڊرل مون صاحب ڪانگريسي ليڊرن متعلق لکي ٿو، " انهن هندستان کي هڪ رکڻ لاءِ پرجوش نموني خواهش ڏيکاري پر ساڳئي وقت يڪسان طور تي ڪانگريسين کان اهڙا ڪم سرزد ٿيا، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ جي تقسيم يقيني ٿي وئي." (P_ 14)

۵- مائيڪل بريچر (Michal Breacher)

هي صاحب اصل ڪئناڊا جو وينل هو ۽ جواهرلال نهرو جو ان نموني سان سرڪاري سوانح نگار رهيو، جيئن مرگيشيا اٽلي جي فسطائي ڊڪٽيٽر مسوليني جو هو. هندستان ۾ مسٽر بريچر نهروءَ جي سوانح حيات لکڻ لاءِ رهيو ۽ نهرو ۽ سندس ساٿين کان انٽرويوز وٺي، تفصيلي مطالعو ڪرڻ بعد ١٩٥٩ع ۾ آڪسفورڊ پريس لنڊن مان "نهرو هڪ سياسي سوانح حيات" Nehru: A Political Biography) نالي ڪتاب شايع ڪرايائين. ٻاهرين ملڪن ۾ هندستان جا سفير نهرو جي تعارف لاءِ هن ڪتاب کي تحفي طور پيش ڪندا آهن، نهروءَ جو هي سرڪاري سوانح نگار ١٠ جولاءِ ١٩۴٦ع تي نهروءَ جي طرفان ڪئبينٽ مشن پلان خلاف ڏنل بيان ته. "ڪانگريس ان ۾ ردوبدل ڪري سگهي ٿي" ، تنقيد ڪندي لکي ٿو، "نهروءَ جي هن اظهار راءِ انتشار ۽ منافقت جي فضا کي ته ضرور صاف ڪيو

آهي پر ان سان گڏو گڏ مفاهمت جو اهو ظاهري ڍانچو بہ درهم برهم ٿي ويو، جنهن کي ڪئبينٽ مشن بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي." (صفحہ ٣١٦)

٦- لوئس فشر (louis fischer)

هي صاحب مهاتما گانڌيءَ جو مشهور آمريڪي سوانح نگار آهي. پهريائين گانڌي سان ١٩٤٢ع ۾ ملاقات ڪيائين ۽ بعد ۾ سائنس ١٩٤٦ع ۾ پيهر مليو. هن ١٩٥٤ع ۾ گانڌيءَ جي سوانح حيات تي مشتمل هڪ ڪتاب (Gandhi: His life & Message for theWorld) نالي لکيو آهي. مصنف برطانوي ڪئبينٽ مشن پلان جي اوارڊ مورخ ١٤ مئي ١٩٤٦ع تي مهاتماگانڌيءَ جو تبصرو نقل ڪندي لکي ٿو، "ان جي مطالعي بعد گانڌيءَ هي راءِ ڏني تہ موجوده حالتن ۾ انگريزن جي طرفان هي ئي بهترين دستاويز آهي. ان مان انگليند جي نيت جو اندازو لڳائجي ٿو تہ هو جلد جلد هندستان مان انگريزي راڄ جو خاتمو آڻڻ گهرن ٿا." (صفحہ ١٥٦) آزاد پاڪستان قائم ڪرڻ لاءِ مسلم ليگ جي مطالبي تي مصنف لکي ٿو. "ڪئبينٽ مشن نهايت ئي غيرجانبداري ۽ گوڙهي نظر سان هندستان جي ورهاست متعلق غور ڪري سفارش ڪئي تہ ملڪ کي تقسيم ڪرڻ فائديمند ثابت نہ ٿيندو. ان جي عيوض برٽش انڊيا رياستن سميت هڪ ملڪ رهي، ان ۾ فيڊرل گورنمنٽ کي دفاع، خارجي معاملات ۽ مواصلات جا کاتا ڏنا وڃن. فيڊرل پارليامينٽ کي نسلي ۽ مذهبي مسئلن بابت فيصلي ڪرڻ جو ڪو اختيار نہ آهي، جيستائين هندو ۽ مسلمان ميمبر اڪثريت سان ان جي حق ۾ ووٽ نہ ڏين. صوبن کي خودمختياري ملڻ سان گڏ اي- بي- سي وار سيڪشن مطابق دستور ساز اسيمبليون گڏيل هندستان لاءِ آئين ناهينديون." (صفحہ ١٥٧-١٥٨)

اڳتي لکي ٿو تہ. "ڪئبينٽ مشن جي اسڪيم کي جناح صاحب جون ١٩٤٦ع ۾ تسليم ڪيو." (صفحہ ١٥٨) "ڪانگريس آئين سازاسيمبليءَ ۾ شريڪ ٿيڻ قبول ڪيو ۽ جولاءِ ١٩٤٦ع ۾ نهرو هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو تہ، ٽن سب فيڊريشن لاءِ سيڪشن وار اسيمبلين ۾ آئين سازي لاءِ ڪانگريس شريڪ ٿيڻ کان قاصر آهي. نهروءَ جي هن بيان سچي ڪئبينٽ مشن پلان کي دفنائي ڇڏيو ۽ ان بعد جناح صاحب پلان کي تسليم ڪرڻ وارو اصول واپس ورتو جنهن لاءِ هو مختار هو." (صفحہ ١٥٩) مسٽر

فشر اڳتي هلي ڪليل لفظن ۾ ڪانگريس جي خدشن کي رد ڪندي لکي ٿو، "ڪئبينٽ مشن پلان ۾ هڪ متحده هندستان جي ضمانت مليل هئي. ان ۾ ترميمون بہ ڪري سگهجن ها ۽ پلان کي جيڪڏهن قبول ڪجي ها تہ ملڪ خطرناڪ تقسيم جي آپريشن سان دوچار نہ ٿئي ها." (صفحہ ١٥٩).

ياد رهي تہ لوئر فشر، هندستان جو وڏو حامي آهي. مذهبي طور عيسائي ٿي ڪري بہ مهاتما گانڌيءَ جي تعريف هندن کان بہ وڌيڪ ڪئي اٿس. هي فشر صاحب پهريون شخص آهي جنهن ١٩٥٩ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ گڏيل دفاع (Joint Defence) جي تجويز پيش ڪئي هئي. سابق صدر ايوب خان ان تي لبيڪ چئي امريڪا جي سماهي رسالي (Foreign affairs) جي جولاءِ ١٩٦٠ ع واري پرچي (Pakistan Perspective) جي عنوان سان هڪ مضمون بہ لکيو هو، پر هندستان جي جواهر لال نهرو ان آڇ کي حقارت آميز لهجي ۾ رد ڪندي چيو تہ، "گڏيل دفاع ڪنهن جي خلاف" (Joint defence against whom) هيڙو هندستان نواز شخص فشر ان ڳالهہ چوڻ تي مجبور ٿيو تہ نهرو جي بيان ڏيڻ ڪري تقسيم تائين نوبت پهتي

٧- هيڪٽر بوليٿو (Hector Bolitho)

قائد اعظم جو انگريز سوانح نگار مسٽر هيڪٽر بوليٿوجنهن ١٩٥٤ع ۾ "جناح پاڪستان جو خالق" (Jinnah Creator of Pakistan) نالي ڪتاب تصنيف ڪيو آهي، لکي ٿو: شملا ڪانفرنس جي ناڪاميءَ کان پوءِ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا ليڊر ڪنهن متفقہ فارمولا تي نہ ٺهيا تہ مشن پنهنجي طرفان پلان جو اعلان ڪيو. ان مطابق هڪ مرڪزي دستورساز اسيمبلي تشڪيل ٿيڻي هئي. هڪ لک آبادي پٺيان هرهڪ ميمبر جو انتخاب فرقيوارانہ بنياد تي ڪرائڻ جي تجويز ڏني وئي هئي. اهڙي چونڊيل دستورساز اسيمبلي کي يونين آف انڊيا لاءِ آئين ٺاهڻ جي ذميواري سونپڻ جو فيصلو ڪيو ويو. مسلم مفادات جي حفاظت لاءِ هيٺين نموني صوبن جي گروپنگ ٿيڻي هئي، گروپ A مدراس، بمبئي، يو پي، بهار، سي پي ۽ اوڙيسا هندو اڪثريت وارا پرڳڻا. گروپ B ۾ پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان مغربي مسلم اڪثريت وارا صوبا. گروپ C بنگال آسام اوڀر حصي ۾ مسلم اڪثريت وارا علائقا. مٿين گروپن مان هرهڪ کي پنهنجي بنيادي ڍانچي ٺاهڻ جي اجازت هئي ۽ ڪين

دفاع، مواصلات ۽ خارجي معاملات کان سواءِ مڪمل صوبائي خودمختاري جي ضمانت مليل هئي. ننئين دستورساز اسيمبليءَ جي شروع ٿيڻ تائين ڪئبينيٽ مشن شملا ڪانفرنس واري وائسراءِ جي مسترد پلان جي ترديد جي رٽ ڏني جنهن مطابق هڪ عارضي گورنمينٽ ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو." (صفحه ١٦٠ آڪسفورڊ پريس ١٩٦٤ع ايڊيشن) اڳتي لکي ٿو، "ڪئبينيٽ مشن پلان تي غور ڪرڻ لاءِ دهليءَ ۾ مسلم ليگ جي ڪائونسل جو اجلاس ٦ جون ١٩٤٦ع تي ڪوٺايو ويو. ان ۾ زبردست بحث مباحثي کان پوءِ پلان کي منظور ڪيو ويو." (صفحه ١٦٠) مسٽر بوليٿو وڌيڪ لکي ٿو ته، "١٠ جولاءِ ١٩٤٦ع تي ڪانگريس جي صدر نهرو جو بيان ته هندستان يونين ٺاهڻ مهل صوبن جي گروپنگ ڪانه ٿيندي ۽ اهڙيءَ طرح جڻ پلان ۾ مسلم مفادات جي بچاءَ جي اسڪيم کي ڌڪ پهچايو. جنهن لاءِ جناح مسلمانن سان وعدو ڪيو هو ۽ چيو ته پلان جي قبول ڪرڻ سان پاڪستان جو بنياد فراهم ٿئي ٿو. جناح صاحب جي هزمنجسٽي جي گورنمينٽ وٽ سخت احتجاج ڪيو ۽ اعلان ڪيو ته ڪانگريس پلان کي رد ڪيو آهي ۽ جن ان کي قبول ڪيو انهن کي مايوسي ٿي آهي. ڪانگريس آئين ساز اسيمبليءَ ۾ شامل ٿي ان کي بطور پروپئگنڊا جي استعمال ڪندي." (صفحه ١٦٣) اڳتي لکي ٿو ته، "٢٨ جولاءِ ١٩٤٦ع تي مسلم ليگ ڪائونسل جو سيشن بمبئي ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ قائد اعظم چيو ته ڪانگريس سان پرامن نموني ٺهڻ لاءِ مون مسلم ليگ تي زور ڏنو ته هڪ اهڙي محدود پاڪستان کي قبول ڪجي جنهن ۾ دفاع، خارجي امور ۽ مواصلات جا کاتا مرڪز وٽ رهن. جناح وڌيڪ فرمايو ته اسان هيڏي قرباني (يعني پاڪستان تان دستبردار ٿيڻ)ڏني، پر افسوس جو ڪانگريس ان کي حقارت آميز نظرن سان ٺڪرائي ڇڏيو. ان تي ميٽنگ ۾ ڪئبينيٽ مشن پلان کي رد ڪري آزاد پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ ١٦ آگسٽ ١٩٤٦ع تي ڊائريڪٽ ايڪشن ڏينهن ملهائڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو." (صفحه ١٦٥)

٨- علامه آءِ آءِ قاضي

سائين جي- ايم- سيد صاحب پنهنجي مضمون ۾ علامه امداد علي قاضي جو حوالو ڏنو آهي ته بقول علامه قاضي "پاڪستان جو ٺهڻ هندو جي خوف تي مبني هو جو موت کان نه ڊڄڻ وارن مسلمانن جي شان جي خلاف هو." علامه صاحب جن جي شخصيت متعلق

ايتري گذارش ڪندس تہ هو هڪ وڏو عالم، فاضل، دانا ۽ فيلسوف هو. هن جي مذهبي خيالات سان اختلاف ڪرڻ جي باوجود يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ ۾ هن جهڙو پڙهيل ۽ جينيس انسان پيدا ڪونہ ٿيو. علامہ آءِ آءِ قاضي جو ڪتاب (Casual Peeps at Sophia) علم جو خزانو آهي. مان هر عالم فاضل شخص جي عزت ڪندو آهيان ۽ علامہ صاحب لاءِ بي حد احترام جي باوجود عرض ڪرڻ جي جسارت ڪندس تہ پاڪستان هندو جي خوف ڪري نہ نهيو، پر مٿي مون جيڪي تاريخي حوالا ڏنا آهن ان مان صاف ظاهر آهي تہ هي ملڪ هندو جي تعصب ۽ نالائقيءَ ڪري وجود ۾ آيو. اسان تہ صوباڻي خودمختاري جي ضمانت ملڻ تي گڏيل هندستان ۾ ياٿرن جيان گڏ رهڻ قبول ڪيو پر افسوس جو برهمڻي سياست اها تجويز بہ نہ سَني ۽ پنهنجي گهمنڊ ۾ اهڙا بيان ڏنائون جو مولانا آزاد جي خيالِ موجب ٺهيل قصو بہ ڊهي پيو. بيشڪ اسان مسلمان موت ڪان ڪونہ ڊڄون، پر ان جو مطلب اهو بہ نہ آهي تہ اسين پنهنجي جائز مطالبي تان بہ دستبردار ٿيون. سائين جي- ايم - سيد جو مثال وٺي ڏسو. هو مدت العمر ڪان سنڌ جي نہ ڊڄندڙ مسلمانن جي صوباڻي خودمختاري لاءِ لڙي ٿو ۽ چوي ٿو تہ اقليتي صوبي کي خودمختاري نہ ملي تہ اڪثريت وارو صوبو ان جي حقن کي هڙپ ڪري ويندو. هاڻي ڪو شخص علامہ قاضي وانگر سنڌ جي مسلمانن کي طعنو ڏي تہ اوهان موت ڪان نہ ڊڄڻ وارا سنڌي مسلمان اڪثريت جي غلبي ڪان ڊڄي صوباڻي خودمختاري جو مطالبو ٿا ڪريو؟ ظاهر آهي تہ هي دليل ڪمزرو ثابت ٿيندو ۽ ڪوبہ ان تي ڌيان نہ ڏيندو.

٩ - مولانا عبيدالله سنڌي

سائين جي- ايم- سيد صاحب پنهنجي موقف جي حمايت ۾ مولانا عبيدالله سنڌي جو نالو بہ ورتو آهي. ان لاءِ گذارش آهي تہ مولانا سنڌي هڪ جيد عالم دين هو. پاڻ هڪ سک گهراڻي ۾ جنم ورتائين. اجان ١٦ ورهين جو مس ٿيو تہ اسلام قبول ڪري مسلمان ٿيو. ديني تعليم هندستان جي مشهور مدرسه ديوبند ۾ حاصل ڪيائين. حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي اسير مالٽا هن جو استاد هو، جنهن انگريزن جي خلاف ريشمي رومال واري تحريڪ هلائي هئي. ان سلسلي ۾ ١٩١٥ع ۾ مولانا سنڌي هندستان مان هجرت ڪري ڪابل هليو ويو، جتي ستن سالن تائين رهيو. بعد ۾ روس ۽ ترڪيءَ جو دورو پڻ ڪيائين. حال ۾ هڪ

روسي رسالي انڪشاف ڪيو آهي ته مولانا سان هڪ ٻيو مولوي برڪت الله نالي به ساڻ هو. هڪ روسي مسلمان موسيٰ جارالله سان گڏ حرمين شريفين ويو جتي ڪافي عرصو رهڻ بعد سال ١٩٣٩ع ۾ چوويهه سال جلاوطن رهڻ کان پوءِ هندستان واپس پهتو. چون ٿا ته هن جي وطن واپسي ۾ مرحوم الله بخش سومري خاص دلچسپي ورتي. هندستان وارد ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن به سياسي جماعت مسلم ليگ يا ڪانگريس ۾ شرڪت نه ڪيائين پر انفرادي طور ڪڏهن ڪڏهن تقريرون ڪيائين. مولانا سنڌي آگسٽ ١٩٤٤ع ۾ وفات ڪئي. پاڻ پنهنجي هٿن سان ڪو ڪتاب ڪونه لکيائين. پر هن متعلق لٽريچر سندن عقيدتمندن شايع ڪرايو آهي. مثلاً سنڌ مان مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، پنجاب مان پروفيسر محمد سرور ۽ يوپي مان عليگڙهه يونيورسٽي ۾ دينيات جي پروفيسر سعيد احمد اڪبر آبادي جا نالا قابل ذڪر آهن. مولانا سنڌي مرحوم هڪ مخلص ۽ مجاهد عالم دين هو. سندس زندگيءَ جي مطالعي ڪرڻ سان مون کي اندازو ٿيو ته، هو جيترو عالم هو اوترو سياستدان نه هو. سيني مولوين کي تلقين ڪندو هو ته انگريزي پاڻ به پڙهو ته پنهنجي ٻارن کي به پڙهايو ۽ جديد خيالات کان واقف ٿيو، پر حيرت آهي جو مولانا مرحوم پاڻ انگريزي جو ڄاڻو نه هو. تازو حيدرآباد جي سنڌي پبليڪيشن وارن سائين جي- ايم- سيد جي پراڻي دوست ۽ سنڌ جي عظيم سياستدان شيخ عبدالمجيد سنڌي کان هڪ انٽرويو ورتو هو. انٽرويو جي دوران مولانا سنڌي جو به ذڪر نڪتو. شيخ صاحب کان پڇيو ويو ته ڇا هو مولانا سنڌي جي پيروي ۾ پاڻ کي سنڌي ٿو ڪوٺائي ته ان جي جواب ۾ شيخ صاحب وراڻيو ته، مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو سياست ۾ ڪو ايڏو اهم حصو ڪونه هو. هو مولوي هو. آزاديءَ سان سوچيندڙ هو. انگريزيدانن جو گهڻو احترام ڪندو هو. (صفحه ٣٧ فيبروري مارچ ٧٣)-جواهر لال نهرو پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ مولانا عبيدالله لاءِ لکي ٿو، "مان مولوي عبيدالله سان ٿوري وقت لاءِ اٽلي ۾ مليو هوس. مون کي پراڻي اسٽائيل جي سياسي جوڙ توڙ ڪرڻ واري فن ۾ ماڻهو (مولانا) هوشيار ڏسڻ ۾ آيو. پر جديد خيالات تي ڪيس دست رسي ڪانه هئي."

(Jawahar lal Nehru: Aautobiography . P _ 151,1955 Edition)

حقيقت هيءَ آهي ته هن ننڍي کنڊ ۾ عالمن سڳورن ما فقط ٻن ماڻهن جو شمار وڏن سياستدانن مان ڪري سگهجي ٿو. هڪ مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم ۽ ٻيو مولانا ابوالاعليٰ مودودي صاحب.

سائين جي- ايم- سيد مولانا عبيدالله سنڌي صاحب لاءِ مضمون ۾ جو ڪجهہ لکيو آهي، شيخ عبدالمجيد سنڌي جو رمارڪ ان کي رِبٽي ٿو.

مون مٿي نهايت ئي معتبر ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. ان مان ٻہ يعني مولانا آزاد ۽ وي- پي مينن هندستان جا آهن. باقي مصنف غيرجانبدار انگريز ۽ امريڪن آهن. سائين جي- ايم- سيد نوٽ ڪيو هوندو تہ مون ڪنهن بہ پاڪستاني مصنف جو حوالو ڪونہ ڏنو آهي ڇو جو ائين ڪرڻ سان جانبداريءَ جو الزام لڳي پئي سگهيو. مان گهران ها تہ چوڌري خليق الزمان جي ڪتاب (Path way to pakistan) چوڌري محمد علي جو ڪتاب (Emergence of pakistan) سيد شريف الدين پيرزادي جو ڪتاب (Foundations of pakistan) ڊاڪٽر اشتياق حسين قريشي جو ڪتاب (Strugglefor Pakistan) ۽ عبدالوحيد خان صاحب جي ڪتاب (Partilion for India) مان حوالا ڏئي پيو سگهان، پر مون ڄاڻي واڻي غيرملڪي مبصرن جا رايا پيش ڪيا آهن. هاڻ هر پڙهيل ماڻهو اندازو لڳائي سگهي ٿو تہ هندو ليڊرشپ جي تنگ نظري ڪري مسلمان پاڪستان ٺاهڻ تي مجبور ٿيا آهن جو هڻ تصفيہ جون سڀ واٽون بند ڪيون. ان ڪري شاه سائين ۽ سندن پوءِ لڳن کي پرخلوص اپيل آهي تہ پاڪستان جي تاريخ لکڻ وقت سچي حقيقتن کي منظر عام تي آڻين. جيئن پڙهندڙن جي ذهن ۾ مونجهارو نہ ٿئي. مون ۱۹۴۶ع کان پاڪستان جي سياسي تاريخ لکڻ جي شروعات ان ڪري ڪئي جو ان ئي سال ۱۰ اپريل ۱۹۴۶ع تي مسلم ليگ جي مرڪزي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن دهلي ڪنوينشن ۾ ۱۹۴۰ع جي قرارداد (جنهن ۾ رياستن جو ذڪر هو) ترميم ڪري هڪ آزاد مسلم اسٽيٽ پاڪستان جو مطالبو (جنهن ۾ اولهہ ۽ اوڀر پاڪستان اچي وڃن ٿا) ڪيو هو. سائين جي- ايم- سيد کي خبر هوندي تہ هيءَ ترميم بنگالي ليڊر ۽ شيخ مجيب جي سياسي گرو مسٽر حسين شهيد سهروردي مرحوم پيش ڪئي. ان وقت ڪئبينٽ مشن هندستان آيل هئو. ان ڪري ترميم جي ضرورت پيش آئي. هن ترميم متعلق سائين غلام مرتضيٰ صاحب ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي خيال ظاهر ٿا ڪن تہ، ۱۹۴۰ع وارو ٺهراءُ مغربي پاڪستان جي ٽنئين صوبن جي وچ ۾ هڪ عهدنامو هو جنهن جي بنياد تي سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جي رهاڪن ان ٺهراءُ جي حمايت ڪئي. ان وقت پاڪستان جو قيام شڪي نظر آيو. ليڪن ۱۹۴۶ع ۾ ملڪ جي ورهاست لاءِ اميد پيدا ٿي تہ مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ جنهن ۾ اڪثريت مسلم

اقليت وارن صوبن جي هئي. دهليءَ ۾ مسلم ليگ اسيمبليءَ ميمبرن جو ڪنوينشن سڏائي ان ۾ لاهور واري ٺهراءَ کي بدلي هڪ حڪومت جي تجويز پاس ڪئي وئي. اهو مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ جو ننڍين صوبن سان وعده خلافيءَ جو پهريون مثال هو." (اڳتي قدم صفحه ٥٦).

مان نهايت ئي ادب ۽ احترام سان گذارش ٿو ڪيان ته شاه صاحب جن جو مٿيون خيال نهايت ئي ڪمزور آهي. انصاف ڪريو ته ١٩٤٠ع جي قرارداد پاس ڪرڻ لاءِ ننڍين صوبن مان ڪيترائي اهڙا ماڻهو لاهور ويا جن کي مرڪزي توڙي صوبائي اسيمبلين ۾ ڪا نمائندگي ڪانه هئي. ان وقت مسلم ليگ ۾ نه ايتري جان هئي ۽ نه سندس عوامي مقبوليت. پر ١٩٤٦ع واري ترميم اسيمبلي (مرڪزي توڙي صوبائي) جي چنڊ سون ميمبرن پيش ڪئي هئي جيڪي ١٩٤٥ع جي انتخابات ۾ پاڪستان ناهڻ لاءِ چونڊيا ويا هئا. اليڪشن ۾ مسلم ليگ جو هڪ ئي منشور "آزاد پاڪستان" ناهڻ هو. حقيقت ۾ هن ئي اليڪشن ۾ سائين جي- ايم سيد جو قائداعظم سان اختلاف ٿي پيو جو مسلم ليگ جو ٽڪيٽ قاضي محمد اڪبر کي مليو هو. انتخاب جي نتيجي ۾ پهريائين قاضي صاحب کي ڪامياب قرار ڏنو ويو هو پر بعد ۾ شاه صاحب جي اليڪشن پٽيشن ٽربيونل (Tribunal) بحال ڪري کيس ڪامياب اميدوار قرار ڏنو. ١٩٤٥ع جي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيل مسلم ليگي ميمبرن کي (Mandat) حاصل هو ۽ کين ١٩٤٠ع جي قرارداد ۾ ترميم ڪرڻ جو قانوني، اخلاقي ۽ آئيني حق هو. شاه سائين جو اهو فرمان ته ڪنوينشن (دهلي واري ۾) مسلم اقليت جي صوبن وارن ميمبرن جي اڪثريت هئي، حقيقت جي بلڪل ابتڙ آهي. وي پي مينن (V. P. menon) پنهنجي ڪتاب ۾ مسلم ليگ جي هن قرارداد تي بحث ڪندي لکي ٿو، "١٠ اپريل ١٩٤٦ع تي ڪئبينٽ مشن وارن جا انٽرويوز اجاجاري هئا ته جناح صاحب چنڊ سون ڪان مٿي تازو اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيل اسيمبلي ميمبرن جو ڪنوينشن دهليءَ ۾ ڪوٺائي "آزاد پاڪستان" لاءِ هڪ قرارداد پاس ڪرائي، جنهن جي حد بنگال، آسام، پنجاب، سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان جا صوبا هوندا. ڪنوينشن ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته پاڪستان ۽ هندستان جي عوام لاءِ به آزاد دستورساز اسيمبليون هرهڪ ملڪ لاءِ آئين ناهڻ خاطر وجود ۾ اچن. مسلم ليگ عارضي گورنمينٽ ۾ شموليت لاءِ پاڪستان جي ڊمانڊ کي لازم و ملزوم قرار ڏنو."

(Thes Transfer of Power in India P _ 246.247)

مٿين عبارت پڙهي سائين جي- ايم- سيد غور ڪرڻ سان سمجهي ويندا ته چئن سون ڪان مٿي نمائندا اقليتي صوبن مان ڪونه هئا. وي. پي مينن هرهڪ صوبي مان مرڪزي توڙي صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن جي لسٽ فراهم ڪئي آهي جنهن مان مرڪزي ميمبرن جوڙ ڪرڻ تي مون ڏٺو ته اقليتي صوبن جا ڪل اسيمبلي ميمبر ١٦٠ (هڪ سو سٺ) ٿين ٿا. باقي (ٻه سو چاليهه) ٢٤٠ميمبر مسلم اڪثريت وارن صوبن مان آيل هئا ۽ انهن مان به اڪثريت بنگال ۽ سنڌ جي مسلم ليگي ميمبرن جي هئي. ١٩٤٥ع جي اليڪشن ڪان پوءِ مسلم ليگ ڪي ٻن صوبن جي حڪومت بنگال ۽ سنڌ جي ملي هئي. بنگال ۾ وزيراعليٰ مسٽر حسين شهيد سهروردي مرحوم ۽ سنڌ جو وڏو وزير مرحوم غلام حسين هدايت الله هو. پنجاب ۾ يونينسٽ پارٽيءَ (Uninist) جو مسٽر خضر حيات خان ڪانگريس ۽ اڪالي دل (Akali Dal) جي حمايت سان وزيراعليٰ ٿيو ۽ سرحد صوبي جو وزيراعليٰ ڪانگريس جو ڊاڪٽر عبدالواحد خان صاحب مرحوم (خان غفار جو ڀاءُ) مقرر ٿيو. مٿين حقيقت مان ڳالهه صاف ٿي وڃي ته مسلم ليگ ڪنوينشن ۾ مسلم اقليتي صوبن جي اڪثريت ڪانه هئي. ١٩٤٠ع جي قرارداد ڪي معاهدو قرار ڏيڻ درست نه آهي.

گستاخي معاف! سائين جي- ايم- سيد ڪي غلط فهمي آهي ته الاسڪا هڪ آزاد رياست آهي. لکن ٿا،

"جيڪڏهن هندستان هڪ ملڪ شمار ڪبو ته امريڪا، ڪنادا، ميڪسيڪو ۽ الاسڪا ڪي به هڪ ملڪ شمار ڪرڻو پوندو، ليڪن اهي ملڪ علحده علحده تسليم ٿيل آهن." (صفحه ٤٣)

حقيقت هي آهي ته الاسڪا آمريڪا جي هڪ رياست آهي ۽ علحده تسليم ٿيل نه آهي. الاسڪا اصل ۾ روس جي قبضي ۾ هئي جا بعد ۾ آمريڪا ڪي روسي زار وڪرو ڪري ڏني. مشهور امريڪي رپورٽر جان گنٽر صاحب جنهن ١٩٥٦ع ۾ روس جو دورو ڪيو هو، پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو، "١٨٦٧ع ۾ روسي زار جي حڪومت الاسڪا ٻاهتر لک ڊالرن ۾ امريڪا ڪي وڪرو ڪري ڏنو. ان وقت آمريڪي سيڪريٽري سيورڊ (Seward) ڪي هن سودي ڪرڻ تي سخت تنقيد ڪئي وئي هئي، ڇاڪاڻ ته الاسڪا ۾ سون جي ذخيرن هوندي به ان ڪي ڪنهن نه قيمت جو سمجهيو ويندو هو."

(Inside Russia Today by Jhon Gunthar Penguin Series. P _ 219)

خبر نه آهي ته ڪيئن شاهه سائين ١٩٤٣ع ۾ تقرير ڪري

الاسڪا کي آمريڪا کان جدا ملڪ قرار ڏنو.

آخري ڳالھہ تي پڻ ٿوري روشني وجھندس. سائين جي- ايم- سيد مذهب کي سياست کان جدا ڪرڻ تي هميشه زور ڏيندو آهي. پنھنجي ڪتاب "جديد سياست جا نورتن" ۾ مسلم سياستدانن کي مذهب کي سياست سان ملائڻ جو الزام ڏنو اٿس ۽ زير تبصره مهاڳ ۾ ان گناھہ جو باربار ذڪر ڪيو اٿس. ان سلسلي ۾ رڳي هي گذارش ڪندس تہ مذهب کي سياست سان گڏائڻ جو گناھہ مسلم رهنمائن نہ ڪيو آهي پر ان تي عمل سڀ کان اڳ ۾ مهاتما گانڌي ڪيو آهي. هندستان جي سابق صدر ڊاڪٽر راڌاڪرشڻ مهاتماگانڌي متعلق انگريزي جي هڪ ڪتاب نالي (Mahatma Gandhi: Essays and Reflections on his life and Work) لکيو آهي. هي ڪتاب جيڪو پبلشنگ هائوس بمبئي مان شايع ٿيو آهي. پروفيسر راڌاڪرشڻ پنھنجي مضمونن (Gandhi,s Religion and Politics) گانڌي جو مذهب ۽ سياست. ۾ مهاتماگانڌي جا چيل انگريزي جملا نقل ڪري ٿو. جي اصل شاہ صاحب جن جي خدمت ۾ پيش ڪجن ٿا. ان کي پڙهي کين اطمينان ٿيندو تہ بقول گانڌي. "جا سياست مذهب کان خالي هجي هو اها سياست ئي نہ ڄاڻي." هي ساڌو سياستدان هر معاملي ۾ ايشور کان رهنمائي طلب ڪندو هو.

گانڌي چوي ٿو:

(I want to identify myself with every thing that lives. in language of the Gita, I want to live at peace with both friend and foe. So my patriotism is for me a stage in my journey to the land of eternal freedom and peace. thus it will be seen that for me there are no politics devoid of Religion. They subserve Religion. Politics of Riligion are a death trap because they kill the soul Mahatma Gandhi. P _ 14)

اڄ ڪلھہ سنڌ ۾ ڪيترائي ماڻهو ليندا جي گانڌيءَ جي پيرويءَ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن. پر افسوس جو مقام آهي جو ان جي باوجود الله تعاليٰ جي وجود ۾ يقين ڪونہ اٿن. کين شايد خبر نہ آهي تہ گانڌي خدا جو ڪيڏو مڃيندڙ هو. گانڌي چوي ٿو تہ مان هوا ۽ پاڻي جي بغير تہ زنده رهي سگھان ٿو پر خدا جي بغير جيئرو رهڻ منھہ محال آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر راڌا ڪرشڻ گانڌيءَ جا پنھنجا چيل لفظ نقل ڪيا آهن.گانڌي چوي ٿو:

(Imay live without air and water but not without Him. You may pluck out my eyes, but that will not kill me. You may chop off my nose, but that will not kill me. But blast my

beliefs in God I am dead. P _ 15)
۽ سياست کي گڏ هلائڻ تي فخر محسوس ڪري ٿو. هر شخص جنهن هندو ازم جو مطالعو ڪيو آهي سمجهي سگهي ٿو ته انساني معاملات جي هلائڻ لاءِ دنيا جي هن قديم مذهب وٽ ڪي به هدايتون ڪونه آهن. هندو اسڪالر ان تي بحث مباحثو ڪري رهيا آهن ته صحيح هندوءَ جو اهڃاڻ ڪهڙو آهي.

حيرت آهي جو خدا کي نه مڃيندڙ هندو به پنهنجي مذهب کان خارج نه سمجهيو ويندو. جواهرلال نهرو پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ لکي ٿو. "عام معنيٰ ۾ هندوازم شايد ئي ڪو مذهب هجي. هندو فلسفي چروڪا (charvaka) وانگي دهريت اختيار ڪندڙ شخص به هندومت کان خارج نه آهي." (Jawahar lal Nehru: An autobiography lowe and Brydone Printers london 1955 ed: P _ 188) ياد رهي چروڪا مشهور هندو فلاسفر ٿي گذريو آهي جنهن کي رام. ڪرشن ۾ يقين نه هوندو هو. ان هوندي به هو هندوازم جو علمبردار سمجهيو ويندو آهي.

ان جي مقابلي ۾ اسلام هڪ آفاقي مذهب آهي. ان جي مطالعي ڪرڻ تي مون ڏٺو ته زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سياست سميت آهو انسان جي رهنمائي ڪري ٿو. نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم پهريائين مديني ۾ اسلامي رياست جو بنياد وڌو. ان جا سربراه پاڻ هئا. ان ۾ اقتدار اعليٰ خدا تعاليٰ جو هو. نبي صلي الله عليه وسلم خدا جو نائب ٿي ان جو قانون ماڻهن تي نافذ ڪيو.
رسول الله صلي الله عليه وسلم جي وصال کان پوءِ خلفاء راشدين هن رياست جو نظام قرآن ۽ سنت مطابق هلايو ۽ اڄ به دنيا ان کي تسليم ڪري ٿي. مشهور انگريز مصنف پروفيسر گبن صاحب (Gibbon) هن رياست کي عظيم ايمپائر سان ياد ڪري ٿو. پر افسوس آهي جو اڄ مسلم دنيا مان هي آواز اٿي ٿو ته مذهب (اسلام) جو سياست سان ڪو واسطو ڪونه آهي. اها هڪ وڏي ٽرئجڊي آهي، جنهن تي جيترو ماتم ڪجي گهٽ آهي.

مون مولانا آزاد جي ڪتاب ۽ ٻين مشهور ليکڪن جي ڪتابن مان تفصيلي حوالا پيش ڪيا آهن. شائقين حضرات اصل ڪتاب پڙهي خاطري ڪري سگهن ٿا. ان مان صاف ظاهر آهي ته قائداعظم ۽ مسلم ليگ هندن سان پرامن نموني رهڻ لاءِ ڪافي قرباني ڏئي ڪئبينٽ مشن پلان کي قبول ڪري گڏيل هندستان ۾ رهڻ قبول ڪيو هو. پر ڪانگريس وعده خلافي ڪئي ۽ نهروءَ جي تعصب، هٺ ڌرمي، احساس برتري ۽ ڪنهن کي موجود نه سمجهڻ واري پاليسيءَ

ڪري مسلمان مجبور ٿي ويا ته پنهنجو علحده خط حاصل ڪري ان تي پنهنجي نظريي مطابق حڪومت ڪن. هي مسلمانن جو فطري ۽ جمهوري حق هو، جنهن تي ڪين مطعون ڪرڻ زيادتي ٿيندي. سائين جي- ايم سيد ۽ ان جي معتقدين کي التماس آهي ته تاريخ لکڻ وقت خبرداريءَ کان ڪم وٺن. يڪطرفه ڳالهه لکي مسلمان ليڊرن کي مطعون ڪرڻ زيادتي، حق ۽ انصاف خلاف آهي جو شاهه سائين جهڙي هڪ صوفي بزرگ کي زيب نٿو ڏئي.

(بگٽي صاحب جون هي تنقيدي اصلاحي قسطون رهبر ڊائجسٽ جولاءِ ١٩٨٣ع کان سيپٽمبر ١٩٨٣ع تائين جي پرچن ۾ شايع ٿيل آهن.)

ڪتاب جو نالو: شاهه سچل، سامي

مصنف: محمد ابراهيم جويو

مٿيون ڪتابچو ڪاپيءَ ڏر وارن جي مشهور اديب ۽ دانشور مسٽر جويي صاحب لکيو آهي جنهن ڪي سنڌي اديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽي طرفان شايع ڪيو ويو آهي. هن ڪان اڳ انهيءَ سوسائٽي پاران شيخ اياز جي شعرن جي مجموعه " ڪپر ٿو ڪن ڪري" تي راقم الحروف جو تبصره " شيخ اياز ۽ سندس شاعري" جي نالي سان ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿي چڪو آهي. جويي صاحب جي ڪتاب جي عنوان مان ائين ٿو ظاهر ٿئي ته سندس تصنيف ۾ شاهه جي رسالہ سچل جي ديوان ۽ ساميءَ جي سلوڪن جو اپياس ۽ تشريح آهي، پر پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ جي انهن ٽنهي بزرگ هستين جي شاعري ۽ ڪلام جي اپٽار بابت هڪ اکر به لکيل نہ آهي. البت جويي صاحب پنهنجي مخصوص سياسي ۽ قوم پرستانہ نڪتہ نگاهه مطابق سندن عهد جي فقط سياسي حالات جي جائزي وٺڻ جي هڪ ناڪام ڪوشش ڪئي آهي. اها صريحًا ادبي بدديانتي آهي. شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي نالن ڪي ڇو استعمال ۽ ايڪسپولائٽ ڪيو ويو؟

جويي صاحب جي تصنيفي حيثيت

سنڌ ۾ جويو صاحب اسان جي ترقي پسند اديبن جو نہ فقط پيش امام آهي، پر سنڌ اندر قوم پرستيءَ جي تحريڪ جو پڻ باني ۽ معمار آهي. ان لاءِ پير حسام الدين راشدي بالڪل صحيح راءِ ڏني آهي تہ " درحقيقت سنڌي ادب ۾ قوم پرستيءَ جو معمار محمد ابراهيم جويو آهي." (سهہ ماهي مهراڻ جلد ٢٣ نمبر ١ صفحو ٢٨١) سنڌ جا ترقي پسند اديب، شاعر توڙي صحافي گهڻو ڪري جويي صاحب جي پنداوار آهن. انهن ڪي لکڻ جي ترتيب جويي سيڪاري، ڪين باغي بڻايائين. انهن " مان باغي آهيان، مان ڏوهي آهيان" جهڙا گيت چيا. نتيجي طور وقت جي سرڪار جويي جي شاگردن ڪي گرفتار ڪري جيل موڪليو، پر لطف جي ڳالهہ اها آهي تہ جويو پاڻ هڪ سيڪنڊ لاءِ بہ گرفتار نہ ٿيو. بقول علامہ اقبال:

" مريد بيچاره رو رو کے ہو گیا تائب
خدا کرے کہ شیخ کو بھي ملے يہ توفيق"

جيئن مٿي عرض ڪيو ويو تہ جوبي ڪيترن کي لکڻ جو ڏانگ سيکاريو ۽ اهي اديب بڻيا، پر پاڻ ڪنهن بہ علمي ڪتاب جو مصنف نہ رهيو، نہ افسانہ لکيائين ۽ نڪي شاعريءَ تي طبع آزمائي ڪيائين. تاريخ،فلسفہ، مذهب يا سائنس جي موضوعن تي سنڌي ٻوليءَ ۾ هن جي هڪ شاهڪار تصنيف بہ موجود نہ آهي، جنهن مان هن جي عوامي لياقت جي ڪاپروڙ پوي. هندستان جي ورهاڱي کان ٿورو اڳ ۾ جوبي صاحب انگريزيءَ ۾ ١٣٩ صفحن تي مشتمل هڪ ڪتاب لکيو هو، ان جو نالو آهي (Save Sind save the Continent) جنهن ۾ جوبي صاحب ڪانگريس توڙي مسلم ليگ جي موقفن جي مخالفت ڪندي سنڌ جي خودمختياريءَ جو مطالبو ڪيو هو. هن ئي ڪتاب لکڻ ڪري جوبي کي ان وقت سرڪاري نوڪريءَ مان شايد ڊسمس ڪيو ويو هو. اها جوبي صاحب جي پهرين تصنيف آهي ۽ سندس ٻي تصنيف زير تبصره ڪتابڙو "شاهہ سچل ۽ سامي" آهي. هي مضمون بہ ڪل ٽياسي صفحا آهي. جناب محمد ابراهيم جوبي صاحب جي عمر ستَ سالن کان بہ تجاوز ڪري چڪي آهي ۽ ان عمر ۾ هو فقط ٻن ڪتابن جو مصنف بڻجي سگهيو. هڪ انگريزيءَ ۾ (ڪل صفحا ١٣٩) ۽ ٻيو سنڌيءَ ۾ (ڪل صفحا ٨٣).

جوبيو ۽ سندس ترجما

مٿين ٻن ڪتابن ڪانسواءِ باقي ڪتاب جوبي صاحب انگريزي ٻوليءَ مان ترجما ڪري شايع ڪيا آهن. سندس پهريون ترجمو ننڍو ڪتابڙو ايملي عرف تعليم آهي، جو اصل ۾ مشهور فرانسيسي مفڪر روسو جو لکيل آهي. روسو جو هي ڪتاب اٽڪل پنج سئو صفحن تي مشتمل آهي ۽ جوبي صاحب جو سنڌيءَ ۾ ڪيل ترجمو ۽ اختصار ڇوهتر صفحا ٿئي ٿو، باقي ٤٧ صفحا روسو جي تعارف لاءِ لکيائين. منهنجو هڪ محترم استاد ڊاڪٽر سنڌيلو صاحب هڪ دفعي چوڻ لڳو تہ روسو جي زندگي ۽ فلسفي جي تعارف لاءِ مسٽر جوبي صاحب کان وڌيڪ ڪنهن نہ لکيو. مون ڊاڪٽر صاحب جي راءِ سان اختلاف ڪندي عرض ڪيو تہ روسو جي حياتي ۽ فلسفہ جي بهترين سمجهاڻي ڪراچي يونيورسٽي جي سابق وائيس چانسلر ڊاڪٽر محمود حسين ڏني آهي. هن صاحب روسو جو مشهور ڪتاب (Social Contract) جو اردو ترجمو " عمراني معاهده" جي نالي

سان ڪيو ۽ اٽڪل ٻن سو صفحن تي مشتمل ڪتاب جو پيش لفظ روسو جي حياتي ۽ فلسفہ جي تعارف لاءِ وقف ڪيا اٿس ۽ جيتري قدر روسو جي فلسفہ جي ڄاڻ جو تعارف آهي، اُئين پيو معلوم ٿئي ٿو تہ جويو صاحب ڊاڪٽر صاحب جي آڏو طفل مڪتب آهي. رٽائر منٽ ڪرڻ بعد جويي صاحب انگريزي مان ٽي ڪتاب يعني (١) وحشي جيوت جا نشان (٢) فڪر جي آزادي (٣) استاد گنليلو، ترجما ڪري سنڌيءَ ۾ شايع ڪيا آهن. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ انگريزي زبان تي جويي صاحب کي چڱو عبور حاصل آهي. پر مون اڪثر ڏٺو آهي تہ مصنف جي منشا جي خلاف جويو پنهنجي مخصوص ذهن مطابق ترجما ڪندو آهي، ان ڪري سندس ترجما پروسي جي لائق نہ هوندا آهن. مثال طور انگريزي ڪتاب (Right to heresy) جويي صاحب سنڌي ترجمو " فڪر جي آزادي" نالي سان ڪيو آهي، حالانڪ صحيح ترجمو ٿيندو " الحاد يا بي ديني جي آزادي" اندازو لڳايو تہ جويي صاحب جو ترجمو ڪيڏو نہ غلط ۽ ڪل جهڙو آهي. ان ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سندس ترجما صحيح ۽ اعتبار لائق نہ هوندا آهن.

جويي صاحب جا ديباچہ

ترجمي ڪان علاوه جويي صاحب سنڌي ادبي بورڊ جي ڇاپيل ڪتابن جا پيش لفظ لکيا آهن، جي گهڻو ڪري سيني ڪتابن جا ساڳيا آهن. ان ڪان علاوه سنڌ جي ترقي پسند شاعرن ۽ اديبن جي ڪتابن جا پڻ هن تعارفي نوٽ لکيا آهن، جهڙوڪ شيخ اياز جا ڪتاب " ڪي جو پيجل ٻوليو ۽ وڄون وسڻ آئيون" سراج ميمڻ جو ڪتاب " سنڌي ٻولي" جمال ابڙي جو ڪتاب " پشو پاشا" ، خاڪي جويي جو ڪتاب " آزاد گهرجي پنهنجو وطن." ازانسواءِ ٻڌڻ ۾ ٿو اچي تہ سائين جي ـ ايم ـ سيد صاحب جي ڪتاب "سنڌو ديش ڇو ۽ ڇالاءِ" جو انگريزي ترجمو (A Nation in Chains) نالي سان بہ جويي صاحب ڪيو آهي. والله اعلم بالصواب. هي آهي جويي جي تحريرن جي ڪل ڪائنات. جو سنڌ ۾ هڪ طبقي جو وڏي ۾ وڏو اديب ۽ دانشور ڪوٺجي ٿو.

جويو صاحب ۽ سندس شخصيت جو احوال

جويي صاحب جي ڪتابن جي جائزي وٺڻ ڪان اڳ ۾ سندس

شخصيت جو مطالعہ ڪرڻ اسان لاءِ بيحد ضروري آهي. ان مان اسان کي پتو پئجي سگهندو تہ ڪهڙن عوامل سندس شخصيت ٺاهڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ سندس نفسياتي ڪيفيت ڪيئن آهي؟ افسوس جو سنڌ ۾ جنهن شخص قوم پرستيءَ جو صور ڦوڪيو، ان جي زندگيءَ جي نشيب و فراز بابت تمام گهٽ معلومات ملي ٿي. جويي صاحب جي زندگي ۽ ڪارنامن بابت ڪجهہ احوال اسان کي محترم جي - ايم - سيد صاحب جي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ ملي ٿو. ٻارڙن جي هڪ رسالہ "روشن تارا" ۾ جويي صاحب جو هڪ انٽرويو نظر مان گذريو، جنهن ۾ جويي پنهنجي ننڍپڻ ۽ تعليم پرائڻ جو ڪجهہ داستان بيان ڪيو آهي. جنوري تا مارچ ٧٥ جي مهراڻ ۾ سکر جي هڪ معروف اديب شيخ عبدالرزاق راز صاحب جويي صاحب جي شخصيت بابت پنهنجا ذاتي مشاهدات ۽ تاثرات قلمبند ڪيا آهن. نيز ساڳي رسالہ مهراڻ جي هڪ اشو ۾ "منهنجا بزرگ، منهنجا دوست" جي عنوان سان جويي جو پنهنجو هڪ مضمون ڇپيو آهي، جنهن ۾ هن صاحب پنهنجي ننڍپڻ جو ڪي قدر احوال قلمبند ڪيو ۽ ساڳيو تذڪره "روشن تارا" رسالہ ۾ بہ ملي ٿو.

جناب جي - ايم - سيد لکي ٿو تہ " سنڌ ۾ جويا ذات اصل ۾ راجپوتن جي ڪيچي شاخ شجري مطابق، راجپوتن جي ٣٦ ڪلن مان هڪ قبيلو آهي، جي اصل ڏهين قبيلي جي ويجهو، ستلج واديءَ جي ڀر ۾ رهندا هئا. جتان لڏي مختلف طرفن ۾ ويا. هنن مان ڪي اڃان گهرن ۾ سرائڪي ٻولي ڳالهائيندا آهن." (جنب گذاريم....... جلد ٻيو صفحو ٣٥٦) معلوم ٿيو تہ جويي صاحب جا وڏا خالص سنڌي نہ هئا پر اصل ۾ هي پنجاب جا آهن، جي مهاجر ٿي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن. خود جويي صاحب جي والده ماجده بہ سرائڪي ڳالهائيندڙ هئي. سومرن ۽ سمن وانگي جويا قوم اصل سنڌي نہ آهن. هيئنر مان جويي صاحب کان براہ رست هڪ سوال ٿو پڇان تہ اسان بلوچن کي هو سنڌي ڇو نٿو سمجهي؟ جيڪڏهن اسين ٻاهران اچي سنڌ ۾ آباد ٿياسون تہ ساڳي حالت جوين جي پڻ آهي. پنهنجي زير تبصره ڪتاب " شاهہ سچل ۽ سامي" ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت کي نج سنڌي حڪومت ثابت ڪرڻ لاءِ، ننهن کان چوٽيءَ جو زور لڳايائين. سندس هن ڪتابچي ۾ ڪلهوڙا حڪومت جي تعريف ۾ ڇهہ ست صفحا وقف ٿيل آهن، پر پنهنجي روايتي بغض ۽ ڪيني جو اظهار ڪري سنڌ ۾ ٽالپر بلوچن جي حڪومت لاءِ فقط ڇهہ ست جملا قلمبند ڪيائين. (ڏسو سندس ڪتاب صفحو ٦٦) اڳئين صفحات ۾ مان جويي صاحب کي ان جو تفصيلي جواب ڏيندس.

يتيم جويو

سائين جي - ايم - سيد صاحب اڳتي جويي صاحب لاءِ لکي ٿو تہ " هي اجان ننڍو هو تہ سندس والد وفات ڪري ويو ۽ ٿوري وقت کان پوءِ هن جي والدہ بہ گذاري وئي، ان کان پوءِ هي ڏاڏي جي سنيال هيٺ رهيو." (ص ٣٥٧)

جويو صاحب اجان ٻالڪ ئي هو تہ پيءُ ماءُ جي سايہ عاطفت کان محروم رهيو ۽ يتيم بڻجي پيو. جويي صاحب جو هڪ ڀاءُ ميان محمد عيسيٰ بہ ننڍي هوندي وفات ڪري ويو هو. پاڻ پنهنجي ڏاڏي آخوند محبوب جي سنيال هيٺ رهيو جو وري لکيءَ وارن سيدن جو هاري هو. هڪ غريب ڇورو ٻار جنهن جي تربيت سندس استادن ڪئي هجي، سو اڪثر باغي ۽ ٻتڪيل هوندو آهي. ڪاليج ۾ جويي صاحب جا هڙئي استاد هندو هئا. ان بابت مسٽر جي - ايم - سيد صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ ڪاليج ۾ جن استادن وٽ هو (جويو) پڙهيو، تن جا نالا مبارڪ هي آهن: پرنسپال ٻناڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، پروفيسر ايم - يوملڪاڻي، پروفيسر ٽي - ايم آڏواڻي، پروفيسر اجواڻي، پروفيسر اي - ايل شيخ، ڊاڪٽر ڊيوٽ آرٽ ۽ ڪاڪو ڀيرومل مهر چند." (ص ٥٨ - ٣٥٧) اهو سندس هندو استادن جي صحبت، فيض ۽ تربيت جو اثر آهي جو جويي صاحب کي مسلم تهذيب ۽ ثقافت کان بيحد چڙ ۽ نفرت آهي. اسان جي موجوده نسل جا نوجوان ان ڳالهہ کان بي خبر آهن، پر اڳئين نسل جي ماڻهن کي پتو آهي تہ پاڪستان بڻجڻ کان اڳ مسلمان استاد پنهنجي مذهب جي ثناخواني ڪندا هئا ۽ هندو استاد پنهنجي ڌرم کي اجاگر ڪرڻ ۾ رڌل هئا. مسلمان علامہ اقبال کي هيرو ڪري پيش ڪندا هئا ۽ هندو استاد ڊاڪٽر رابندر ناٿ ٽئگور جي واڪاڻ جا ڍڪ ڀريندا هئا. هندو استاد پنهنجن مسلمان شاگردن کي ٿياسافي ۽ وحدت اديان جي تعليم ڏيندا هئا. هونءَ تہ ٿياسافي جو بنياد ارڙهين صديءَ جي جرمن صوفي ۽ مفڪر جيڪب بوهيم (Bohem) وڌو هو، پر ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ٿياسافي جي فڪر جي پرچار ڪرڻ واريون بہ غير ملڪي عورتون هيون، جن هندستان ڏيهہ کي پنهنجو ديش ڪري تصور ڪيو. انهن مان هڪ روسي عورت ليڊي بلاوٽسڪاءَ هئي ۽ ٻي انگريزي مائي اني بيسنت هئي، جو جو ٿياسافي ۽ هندو

مذهب خاص ڪري ان جي ويدانتي مت ۾ مماثلت آهي. ٿياسافسٽ سيني مذهبن کي سچو سمجھندا هئا ۽ اهو سندن وسواس هو ته سيني مذهبن جي تعليم جو نچوڙ هڪ آهي. اسان جو محترم جويو صاحب به پنهنجي هندو استادن جي نقش قدم تي هلي لطيف کي به ٿياسافسٽ ثابت ٿو ڪري، جيئن سندس ڪتاب جي هيٺين عبارت مان واضح ٿئي ٿو.هو لکي ٿو ته "شاهه جو رسالو دنيا جي جملي مذهبي تعليم جو نچوڙ ۽ سنگم ۽ سنڌي تهذيب جي سموريءَ حاصلات جو روح آهي. ان ۾ زند اوستا، گيتا، ٻڌڌرم، جين مت، مسيحيت ۽ اسلامي تعليم، جا اهم ۽ اعليٰ اصول ۽ قدر سڀ موجود آهن، جيڪي هونءَ به بنيادي طور سڀ ساڳيا آهن." (صفحو ٧٩)

شاهه جي سالي بابت مسٽر جويي صاحب جي مٿين لغو ڳالهين جو ته بعد ۾ جواب ڏينداس. هتي گذارش ڪرڻ جو فقط هي مقصود آهي ته هندو استادن جي صحبت ۽ فيض جو اثر هن جي لونءَ لونءَ ۾ سمايل آهي. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن " سنگ تاري ڪسنگ ٻوڙي" انسان جي ذهن ۽ فڪر تي سنگ ۽ ماحول جو وڏو اثر ٿئي ٿو. ايران جي دانا شاعر شيخ سعدي رحمة الله عليه پنهنجي هڪ لاثاني شعر ۾ صحبت جي اثرات بابت چيو آهي ته:

"باو گفتم که مشکي يا عبيري
که از بوء دلاويز تو مستم
بگفتا من گل ناچيز بوم دم
وليکن مدتے باگل نشستم
جمال همنشين در من اثر کرد
وگرنه من همان خاکم که هستم."

يعني ته "مون ان کي چيو ته تون مشڪ آهين يا عنبر جو تنهنجي دل موهيندڙ بوءِ تي مست ٿي وڃو آهيان.مٽيءَ ورائيو ته آءٌ خسيس مٽي هيس، پر ڪجهه مدت گل جي سنگت ۾ رهيس.گل جي سونهن سرهاڻ مون تي اثر ڪيو، تنهن ڪري مون مٽيءَ مان (مشڪ عنبر وانگر) خوشبوءِ اچي رهي آهي. ورنہ اصل ۾ ته مان ساڳئي خسيس خاڪ آهيان".

مسٽر جويو ۽ رجعت پسند

محترم جي ـ ايم ـ سيد پنهنجي مذڪوره ڪتاب ۾ جويي صاحب بابت وڏيڪ لکي ٿو ته " بدقسمتيءَ سان ورهاڱي کان پوءِ

ملڪي معاملات ۾ انتهاپسنديءَ جي زور وٺڻ ڪري، رجعت پسند ۽ ڪٽر فرقہ پرست گروهن ھن کي ڪميونسٽ پڻي سمجھيو آھي تہ ٻئي طرف انتها پسند اشتراڪي ھن کي رويز نسٽ سمجھي رھيا آھن." (صفحو ٣٦٠) ياد رکڻ گھرجي تہ اسان جي گروھہ سيد سردار علي شاھہ جي قيادت ۾ جويائي گروپ سان واسطو رکندڙ ليکڪن جو ادبي احتساب شروع ڪيو ھو. جوابًا ھنن اسان کي رجعت پسند ۽ فرقہ پرست القاب سان نوازيو. جناب سردار علي شاھہ صاحب جن جويي کي جيڪڏھن ڪميونسٽ سمجھيو تہ ان ۾ ھو حق بجانب آھن ڇو تہ جويو صاحب پاڻ ڪميونزم کي نيشنلزم جي مٿان ترجيح ٿو ڏئي ۽ ڪميونزم جي ذريعي سان تسليم ٿيندو.

مثال طور خود جناب جي ـ ايم ـ سيد صاحب ڏانھن تاريخ ٢٣ فيبروري ١٩٥٠ تي جويي صاحب ھڪ خط لکيو آھي. ھي خط جويي صاحب جي ٻين خطن سان گڏ شاھہ صاحب جي تازي ڪتاب " اچ پڻ چڪيم چاڪ" ۾ شايع ٿيو آھي. جويي صاحب پنھنجي خط جي آخري پئراگراف ۾ انگريزيءَ ۾ ھيٺين عبارت نقل ڪئي آھي، جنھن مان ھن جي ڪميونزم ڏانھن والھانہ عقيدت مندي ظاھر ٿئي ٿي ۽ ڪميونزم کي ئي سنڌ جي دردن جو درمان سمجھي ٿو. جويو لکي ٿو تہ:

(The national spirit of Sind can to day realiseitself not through, nationalism. but only through millitant revolutionary People,s democracy functioning in close and firm alliance with People,s world Revolution i.e with Communism)

(اچ پڻ چڪيم چاڪ، مرتب جي ـ ايم ـ سيد صفحو ٣٨٥)

ھتي ضمنًا اھو بہ عرض ڪري ڇڏيان تہ جويو صاحب بر صغير جي وڏن عالمن ۽ سياستدانن جي صحيح نالن کان بہ چڱيءَ طرح واقف نہ آھي. ان مان ثابت ٿو ٿئي تہ ھن جو جنرل ناليج اڻ پورو ۽ محدود آھي. مثال طور شاھہ صاحب جي مٿئين ڪتاب جي ساڳئي صفحہ تي آخري پئراگراف تي جويو صاحب لکي ٿو تہ " مولانا احمد حسين مدنيءَ جو ڪتاب بہ مون وٽ آھي اميد تہ ڪنھن ھتيڪي ماڻھوءَ ھٿ جلد ئي اوھان ڏانھن روانو ڪندس". صحيح نالو آھي مولانا حسين احمد مدني ۽ نہ احمد حسين مدني. اھو بہ ائين آھي جيئن جويي جو نالو محمد ابراھيم بدران لکجي ابراھيم محمد. مولانا حسين احمد مدني ھن ننڍي کنڊ جو وڏو عالم دين ۽ سياسي

ليڊر هو جنهن ڊسمبر ستونجاھ ۾ ديوبند ۾ وفات ڪئي هئي. پاڻ حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي جا شاگرد هئا، جنهن کي انگريزن مالٽا ۾ قيدي بڻايو هو. مولانا حسين احمد ڪيترا سال مديني ۾ حديث جو درس ڏيندا رهيا ۽ ديار حبيب ۾ قيام ڪري ڪيس مدني ڪوٺيندا هئا. هندستان، پاڪستان ۽ عالم عرب ۾ هن جا سوين شاگرد موجود آهن. مثال طور اسان وٽ پاڪستان قومي اتحاد جو صدر مولانا مفتي محمود ۽ سنڌ جو مشهور عالم مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ٻئي مولانا حسين احمد مدنيءَ جا شاگرد آهن. افسوس جو جويو صاحب اهڙيءَ مشهور هستيءَ جي صحيح نالي کان به واقف نه آهي.

جويو صاحب ۽ محترم جي - ايم - سيد

سنڌ جو بزرگ سياستدان ۽ جويو صاحب هڪڙي ئي تعلقي ڪوٽڙيءَ جا رهواسي آهن. جويي کي پڙهايو به شاھ صاحب. جويي جي مٿان جيڪڏهن شاھ سائين جي شفقت ۽ سايہ عاطفت نہ هجي ها تہ اڄ جويو انهيءَ منزل تي نہ رسي ها، يا تہ هو پنهنجي ڳوٺ آباد ۾ هاري هجي ها، يا ير وارن ٻيلن ۽ جبلن ۾ پناھ وٺي ها. مهراڻ رسالي (بابت ٣ / ١٩٧٤) ۾ جويي صاحب جو "منهن جا بزرگ منهنجا دوست" جي عنوان سان هڪ مضمون ڇپيو آهي جنهن ۾ لکيو آهي تہ ١٩٢٠ ۾ چوٿين درجي سنڌي پاس ڪرڻ کان پوءِ سندس ڏاڏومرحوم هن کي ڪراچيءَ جناب جي - ايم - سيد وٽ وٺي ويو هو " پهرين رات جو سج لٿي کان ٿورو ئي پوءِ سائين جي - ايم - سيد مون کي ساڻ موٽر ۾ وهاري،مدرسو ڏيکارڻ وٺي ويو." صفحہ (١٧٠) اڳتي جويو صاحب لکي ٿو تہ " شاھ سائين تڏهن ڪراچي ضلعي لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ هو ۽ مون کي ان لوڪلبورڊ وٽان ڏھ رپيا ماهوار اسڪالرشپ وٺي ڏني هئائون ۽ ائين منهنجو ڪراچيءَ ۾ وڏيڪ تعليم پرائڻ جو بندوبست ٿي سگهيو هو ۽ انگريزي پڙهڻ لاءِ آءٌ ڪراچي پهتو هوس" . (١٧١) مطلب تہ جويي صاحب جي تعليم ۽ گذران جو سڄو بندوبست مسٽر جي - ايم - سيد صاحب ڪيو ۽ صاحب موصوف هن جي ڪفالت پنهنجي اولاد وانگر ڪئي هئي. ڪيس نوڪري بہ شاھ صاحب جي سفارش سان ملي ۽ جويو صاحب کي سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري بہ شاھ سائين مقرر ڪرايو هو.

جناب جي ـ ايم ـ سيد صاحب جي ڪتابن جي تصحيح ۾ جويو صاحب پاڻ ڪندو آهي. ان جو اعتراف شاهه صاحب ڪي ٻه آهي، هو پنهنجي ڪتاب " جنب گذاريم جن سين" ۾ لکي ٿو ته " مهراڻ جا ڪيترا ايڊيشن، ادبي بورڊ جا ڪتاب، بلڪ منهنجا ڪيترا لکيل ڪتاب سندس قلم جا ممنون منت آهن." (جلد پهريون صفحو ٣٦١) ڪيترن ماڻهن جو خيال آهي ته جناب جي ـ ايم سيد صاحب صوفي خيالن رکڻ ڪري ڪنهن جي دل آزاري نه ڪندو آهي. هن جي ڪتابن ۾ بعض قابل اعتراض تحريرون جويي جون آهن. ڇوجو جويو ٻين کي استعمال ڪرڻ ۾ مهارت ٿو رکي. هو پنهنجيون لکڻيون ٻين جي نالن تي به ڇپرائيندو آهي ۽ ان نموني گمنام ماڻهن کي به اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. مهراڻ ۾ سکر جي معروف اديب شيخ عبدالرزاق راز صاحب لکي ٿو ته " هن ننڍي کان وڏو ۽ وڏي کي تمام وڏو، گمنام کي نامور بڻائي سنڌين سان روشناس ڪرايو." (مهراڻ جنوري تا مارچ ٧٥ صفحه ١٧١)

جويي جي روش مخالفن ڏانهن

پنهنجن مخالفن سان حسن سلوڪ ڪرڻ ۽ انهن جي زيادتين کان صرف نظر ڪرڻ عظيم انسانن جو ڪم آهي. تاريخ جا صفحات اهڙين هستين جي ڪارنامن سان ڀريل آهن، جي مستقبل جي نسل لاءِ مشعل راهه آهن. افسوس جو اسان جو هي ترقي پسند محترم جويو صاحب اهڙين صفتن کان محروم آهي. هو هڪ دفعي ڪنهن جو مخالف بڻيو ته موت جي گهڙيءَ تائين ان کي معاف ڪرڻ وارو نه آهي. حقيقت ۾ اها به هڪ قسم جي بزدلي آهي. ڪينو ۽ حسد رکڻ وارو انسان ڪڏهن به بهادر ٿي نٿو سگهي. جويي صاحب جو واقف ڪار محترم راز صاحب هن بابت وڌيڪ لکي ٿو ته " جويو پنهنجي مخالف کي ڪنهن به حالت ۾ بخشڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي" . (ص ١٧١).

مون کي ذاتي طور خبر آهي ته تعليم کاتي جي ايجوڪيشن انسپيڪٽر جي حيثيت ۾ جويي صاحب پنهنجن پراڻن اسڪولي ۽ ڪاليجي دوستن کي به نظرياتي اختلاف ڪرڻ ڪري ڦِٽو ڪونه ڇانيو ۽ انهن کي ڪونه بخشيو. حالانڪ دنيا جي ظالم ترين انسان به پنهنجن مخالف دوستن کي بخشڻ جو مظاهره ڪيو. هتي فقط مشهور

تاتاري فاتح چنگيز خان جو ذڪر ڪندس، اڄ بہ سندس نالو ظلم جي علامت بڻيل آهي. چوندا آهن تہ فلاڻو شخص تہ پنهنجي وقت جو چنگيز آهي. بقول اقبال رح

" سکندر اور چنگیز کے ہاتھوں سے جہاں میں
سو بار ہوئی حضرت انسان کی قبا چاک".

انهيءَ سفاڪ چنگيز خان پنهنجي هڪ مخالف دوست کي معاف ڪرڻ ٿي چاهيو. حال ۾ چنگيز خان بابت پروفيسر لنارڊ بڪل (Lennard Bickel) جو هڪ ڪتاب "چنگيز خان جي مخفي تاريخ" (The Secret History of Genghis khan) نالي شايع ٿيو آهي. ان ۾ پروفيسر صاحب چنگيز بابت لکي ٿو تہ " چنگيز خان جو ننڍڙن جو دوست جنموڪا نالي هڪ شخص جڏهن چنگيز جي خلاف ڪنهن قبائلي لڙائي جي شڪست کان پوءِ هنوٽ جنگي قيدي ٿي آيو هو تہ عظيم چنگيز هن کي سندس حياتي بچائڻ جي آڇ ڪئي هئي. جيتوڻيڪ جنموڪا چنگيز خان جا ستر ماڻهو ٻرندڙ تيل ۾ وجهي ساڙائي مارائي ڇڏيا هئا، پر جنموڪا چنگيز جي معافي نامي کي ٺڪرائي گهر ڪئي تہ ڪيس يل ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃي. ان تي چنگيز افسوس جو اظهار ڪندي دلي ڏک سان جنموڪا کي قتل ڪري ڇڏيو."

(When a Childhood friend name Jamuqa is taken capitive after loosing a tribal war against Genghis the Great One offers to spare his Life though Jamuqa had murdered seventy of Genghis men by boiling them in oil. In a Homeric scene Jamuqa refuses the amnesty and demands execution. Sorrow fully Genghis Khan acquiesces and has his friend killed. P_100)

پڙهي عبرت پڪڙيو، چنگيز خان جهڙو هڪ سفاڪ جو ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي وانگر لکي پڙهي بہ نہ سگهندو هو، اهو فياضيءَ جو مظاهره ڪندي پنهنجي مخالف کي بخشي ٿو، پر هي اسان جو جناب جويو صاحب ڪنهن بہ مخالف کي معاف نہ ڪندو آهي.

جويو ۽ علامہ اقبالؒ

جويي صاحب کي علامہ اقبال کان بي حد نفرت هوندي آهي. جيتوڻيڪ جويي صاحب اقبال کي پڙهيو بہ ڪونهي. پر هن جي

ڪارنامن کان هو پليءَ پت واقف آهي. اقبال بر صغير ۾ قوميت ۽ سيڪيولرزم جو وڏو مخالف، پاڪستان جو خالق ۽ اسلام جي نشاة ثانيه جو علمبردار هو. ان ڪري جويو هن جي نالي کان به چڙندو آهي. مثال طور شيخ اياز جي ڪتاب" ڪي جو ٻيجل ٻوليو" جو پيش لفظ لکندي جويو ڊاڪٽر صاحب جو ذڪر ڪيڏو نه حقارت آميز لفظن سان ڪري ٿو. لکي ٿو ته" ۽ اقبال ته اسان جي ست سمنڊ پار کان آيل حڪمرانن جي لقب خاص جو نوازيل هو ۽ پنهنجي دور جي پست کان پست پيل جاگيداري اقتدار جو آخر تائين وظيفه خوار به رهيو." (صفحو ٦) جويي صاحب ساڳي صفحي ۾ اقبال سان گڏ غالب ۽ ٽئنگور جو به ذڪر ڪيو آهي. مان ڪانئس پڇان ٿو ته ڇا غالب ست سمنڊ پار آيل حڪمرانن جو مداح نه هو. ڇوي ٿو ته:

" سنو سال سے ہے پیشہ آباء سپہگیری
ڪچھ شاعري ذريعه عزت نہیں مجھے

۽ ڇا اقبال سان گڏ ٽئنگور کي به سر جو لقب مليل ڪونه هو؟ اوهان کي خبر هئڻ گهرجي ته اسان جو سنڌي ليڊر حسن علي آفندي به خانبهادر هو، جو لقب ڪيس انگريزن ڏنو هو.ڇا محض انڪري هو انگريزن جو وظيفه خوار هو؟ ۽ ٻڌو ۱۹۴۲ع تائين الله بخش سومرو به خانبهادر رهي چڪو آهي. پوءِ جويي صاحب جي انهن ٻنهي سنڌي ليڊرن بابت ڪهڙي راءِ آهي؟ مرحوم غلام محمد پرڳڙيءَ کي به انگريزن کان لقب مليل هو. پوءِ ويچاري اقبال تي ڇاجي ڪاوڙ؟ موجوده دور جي وڏي هندو فلاسفر ۽ دانشور آنجهاني ڊاڪٽر راڌاڪرشن کي به اقبال وانگر سر جو خطاب مليل هو ۽ ڪانگريس پارٽي ۱۹٦٥ع ۾ هن کي هندستان جو صدر مقرر ڪيو هو. علامه اقبال هڪ وڏو فيلسوف، مدبر ۽ دانشور هو ۽ دنيا جي سيني دانشورن وانگر هن جي خيالات ۾ به تبديلي پئي آئي. ڪڏهن هو قوم پرست به هو، پر فڪري ارتقا جي ڪري هن بعد ۾ قوم پرستي کي ترڪ ڪيو. پروفيسر برٽرانڊرسل جي هڪ سوانح نگار لکيو ته رسل جي خيالات ۾ ايتري ته تبديلي پئي آئي آهي جو سندس ڪن تصنيفن کي پڙهي ماڻهو باور ئي نه ڪري سگهندو ته اهي رسل جي قلم جا لکيل آهن. ساڳي حالت اقبال سان به ٿي. جويي صاحب کي ٻڌائڻ ٿو گهران ته غلاميءَ جي مذمت ۽ آزادي جي حمايت ۾ ويهين صديءَ ۾ اقبال جنهن نموني پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي لکيو، ان جو

مثال دنيا ۾ شايد ئي ملي ٿو.

" کہ غلامي مين بدل جاتے هين قومون کے ضمير"

نيز: "ليکن مجهے پيدا کيا اس ديس مين تو نے

جس ديس کے بندے هين غلامي پہ رضامند"

وڌيڪ تہ:

"غلامي مين نہ کام آتي هين شمشيرين نہ تدبيرين

جو هو ذوق يقين پيدا تو کٹ جاتي هين زنجيرين"

از غلامي دل بميرد در بدن

از غلامي روح گردد بار تن"

هتي ايتري گنجائش نہ آهي . اقبال جي شاعريءَ جو ڪافي حصو انگريز سامراج ۽ سنڌن تهذيب توڙي ثقافت جي مذمت ۾ چيل آهي. اهڙي شخص کي انگريزن جو وظيفہ خوار چوڻ جويي جي سخت جهالت ۽ تعصب آهي. جويي صاحب کان هڪ سوال ٿو پڇان، اميد تہ هو لاجواب ٿي ويندو. ڇا سنڌ جي مشهور نانا فيمليءَ جو هڪ بزرگ غلام علي نانا خانبهادر ڪونہ هو؟ هي لقب بہ ڪيس انگريزن کان مليل هو. پوءِ جويي صاحب مهراڻ ۾ پنهنجي هڪ ڇپيل مضمون "منهن جا بزرگ، منهن جا دوست" ۾ نانا صاحب جي ايتري تعريف ڇو ڪئي؟ لکي ٿو تہ "اسان جي هيءَ انتهائي خوش نصيبي آهي، جو اڄ اسان وٽ خانبهادر نانا صاحب جهڙا بزرگ موجود آهن. اسان پنهنجي انهيءَ خوش قسمتيءَ تي جيترا بہ شڪرانا بجا آڻيون، اوترا ٿورا ڇٽبا" ڇا هي بہ اڪيائي ان ڪري ڇاڪاڻ تہ خانبهادر نانا صاحب سنڌي هو ۽ سر اقبال غير سنڌي! انهيءَ ساڳي مضمون ۾ جويي صاحب سنڌ جي هڪ وڏي شاعر مرزا قليچ بيگ جي بيحد تعريف ڪئي آهي. مرزا صاحب مرحوم سنڌي زبان جي وڏي خدمت ڪئي آهي ۽ هو ان خدمت جي ڪري هر تعريف جو مستحق آهي، پر ڇا مرزا صاحب مرحوم ست سمنڊ پار آيل انگريزن جي تعريف جا ڍڪ نہ پريا هئا؟ جيڪڏهن جويي صاحب کي اها حقيقت معلوم نہ آهي تہ پير علي محمد راشديءَ جو ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" پڙهي ڏسي. محترم پير صاحب لکي ٿو تہ "مير فيض محمد خان جي زماني ۾ لارڊ ليمنگٽن گورنر بمبئي خيرپور ۾ آيو. ان موقعي تي شمس العلماءَ جناب مرزا قليچ بيگ صاحب مرحوم کان هي قصيدو مرحباڻي لکرائي مجلس ۾ پڙهايو ويو. ۽ مرزا صاحب پاڻ وڏي فخر سان اهو قصيدو "رياست خيرپور"

مطبوعہ فيض پريس خيرپور سال ١٩٢٤ ۾ درج فرمايو.

قصيده مرحبائي

" اسان جو شل هجي ايڊورڊ شهنشاهہ سوڀارو
زياده هو سندس شل عمر ۽ اقبال موچارو
رکي ٿو خلق کي سو خوش رعيت کي سدا راضي
رهي ٿو نت غريبن ۽ اپوجهن تي سو ڀاجهارو" .

اڳتي:

" الاهي اهڙي شهنشاهہ کي قائم رکج دائم
سدا شل هند تي چمڪي سندس اقبال جو تارو
بجا لک شڪر آٿيون ٿا لمنگٽن لارڊ صاحب جا
بهادر جو گورنر بمبئي جو آهہ ناميارو."

(صفحہ ٨٦، ٨٧، ڇاپو پهريون، ١٩٧٤ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

علامہ اقبال کي انگريز پرست شاعر الزام لڳائڻ وارا جويا صاحب! ذرا پنهنجن تي بہ نظر ڪريو، شيشي جي ديوار ۾ ويهي پين تي پٿر اڇلائيندا نہ ڪيو.

"اتني نہ بڑها پاکی ئے داماں کي حکايت
دامن کو ذرا ديکهہ ذرا بند قبا ديکهہ"

ان جي باوجود جويي صاحب مهراڻ ۾ مرزا صاحب مرحوم کي آزادي جو متوالو ۽ انساني زنجيرن کي ٽوڙيندڙ جو لقب ڏنو آهي.ڪيس خراج عقيدت پيش ڪندي جويو صاحب لکي ٿو تہ "انسان آزاد پيدا ٿيو آهي پر هو پاڻ کي پاڻ زنجيرن ۾ جڪڙي ٿو." عظيم فرينچ فيلسوف روسو جو اهو مقولو اتي ئي بس ڪونہ ٿو ٿئي، پر ڪي ڪي غير معمولي شخص اهڙا سيني خود ساختہ انساني زنجيرن کي ٽوڙي وري بہ پنهنجي جنمي آزادي جي حق کي حاصل ڪري ٿا وٺن". (صفحو ١٩٠)

جويي صاحب جا حامي هن کي سنڌ ۾ روسو جي فلسفہ جو وڏو ڄاڻو سمجهن ٿا. پر افسوس جو محترم جويي صاحب متي روسو جو سچو قول غلط لکيو آهي. روسو ائين ڪٿي بہ ڪونہ لکيو آهي تہ " انسان پاڻ کي پاڻهي زنجيرن ۾ جڪڙي ٿو." روسو جو هي جملو اصل ۾ سندس ڪتاب (The Social Contract) يعني عمراني معاهدي ۾ نقل ٿيل آهي. جيئن سڀ ڪنهن کي خبر آهي تہ اصل

ڪتاب فرينچ ۾ لکيل آهي، ان جو انگريزي ترجمو مسٽر ڪرئنسٽن (Cranston) ڪيو آهي. روسو جي ڪتاب ۾ عبارت هن طرح نقل ٿيل آهي.

(Man was born free, and he is every where in chains. Those who think themselves the masters of others are indeed greater slaves than they. _P_ 49, Penguin classics)

جنهن جو وري سنڌي ترجمو ٿيندو ته، "انسان آزاد ڄائو هو ۽ هو جتي ڪٿي زنجيرن ۾ جڪڙيل آه. اهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجو پاڻ کي ٻين جو آقا تصور ڪن ٿا، سي ئي حقيقت ۾ وڌيڪ غلام آهن." روسو ائين ڪٿي به ڪونه لکيو آهي ته " انسان پاڻ کي ٻاڌي زنجيرن ۾ جڪڙي ٿو." جيئن جويو مٿي لکي آيو آهي. جويو صاحب کي مان اپيل ٿو ڪيان ته هو روسو جهڙن عظيم انسانن جا قول خبرداريءَ سان نقل ڪري. ڇوجو روسو جي فڪر ۽ فلسفہ جي ڄاڻ بابت اوهان جي هڪ هٽي نہ آهي، سنڌ ۾ ٻين بہ روسو کي چڱيءَ طرح پڙهيو آهي.

ٽئگور ۽ اقبال جي ڀيٽ ۾ اياز جويي جي نظر ۾

علامہ اقبال ۽ ٻين شاعرن بابت اياز جي ڪتاب " ڪي جو ٻيجل ٻوليو" جي مهاڳ ۾ جويو صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته،

"بهرحال هو سڀئي پنهنجي پنهنجي دور جي ٻيئل ۽ مجيل اقتدار جي ڏاڍ ۽ ڏمر کان محفوظ رهيا بلڪ ڪجهہ گهٽ ڪجهہ وڌ ان جا دلبند ۽ پيارا بنيا رهيا. اهو انهيءَ ڪري هو جو هو پنهنجي دور جي ان مجيل ۽ ٻيئل اقتدار جا ڪافر يا منڪر نہ هئا." (صفحو ٦)

اهي ڪهڙا شاعر هئا جي پنهنجي دور جي ان مجيل ۽ ٻيئل اقتدار جا ڪافر يا منڪر نہ هئا؟ جويي اقبال سان گڏ ٽئگور ۽ لطيف جا نالا پڻ ڄاڻايا آهن. لطيف بابت تہ سندس ڪتاب تي اڳتي مجموعي تبصره ڪندس. جويي کان پڇندس تہ ڪيئن ٿاڇنو تہ ٽئگور بہ پنهنجي وقت جي اقتدار جو ڪافر يا منڪر نہ هو؟ ٽئگور پنهنجي شاعري ۽ راڳ ذريعي هندستان ۾ انگريزي اقتدار جي خاتمي ۽ هندواسين کي آزادي ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جواهر لال نهرو کان وڌيڪ انگريزي اقتدار جو ڪافر ۽ منڪر ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو؟ مٿي جو ڪجهہ ٽئگور لاءِ عرض ڪيم، نهرو بہ ساڳي ڳالهہ پنهنجي ڪتاب " تلاش هند" (The Discovery of India) ۾ ورجائي آهي. هو ٽئگور بابت لکي ٿو تہ:

(He (Tagore) was no Politician, the freedom of Indian people to remain always in his ivory tower of poetry and song. _ P _ 342, London 1960 Ed)

نہ فقط ايترو پر دانشور جويي صاحب کي خبر هئڻ گهرجي تہ هندستان ۾ انگريزي اقتدار جي وڏي ڪافر ۽ منڪر مسٽر موهنداس گانڌي کي "مهاتما" جو لقب بہ ٽئگور ڏنو هو. مهاتما گانڌيءَ جي هڪ مستند سوانح نگار لوئس فشر پنهنجي ڪتاب "گانڌي" (Gandhi) ۾ ٽئگور ۽ گانڌي جي وچ ۾ نهايت ئي حسين ۽ بليغ لفظن ۾ ڀيٽ ڪئي آهي. ان مان ثابت ٿو ٿئي تہ هندستان کي ڌارين جي اقتدار کان آزادي ڏيارڻ لاءِ مهاتما گانڌيءَ جي سوچ تي ٽئگور جو وڏو اثر هو. فشر لکي ٿو تہ " گانڌيءَ جو ٽئگور سان ان ڳالھ تي اتفاق هو تہ هندستان جون هٿ ڪڙيون خود ساختہ آهن. ٽئگور هڪ هنڌ لکيو آهي تہ " او قيدي! مون کي تہ ٻڌاءِ هي اڻ ٽٽندڙ ۽ مضبوط زنجير ڪنهن جي آندل آهي؟ جنهن تي قيديءَ جواب ڏنو تہ مون ئي هن زنجير کي خبرداريءَ سان گهڙيو آهي."

(Gandhi believed with Tagore, that India,s shackeles were selfmade. Tagore wrote: Prisioner tell me who was it that brought this unbreakable chain? It was I, said the prisioner, who forged this chain carefully. P _ 51, New York)

جويو صاحب جڏهن ٽئگور کي پڙهيو ئي ڪونهي تہ پوءِ هن بابت هو راءِ ڏيڻ لاءِ ڪئن مجاز آهي؟ هتي مون کي مشهور يوناني حڪيم ارسطو جو هڪ قول ٿو ياد اچي، جنهن سڪندر بادشاھ کي مخاطب ٿيندي چيو هو تہ " هڪ ارسطو تو پارا هزار سڪندر ٺاهي سگهي ٿو. پر هزار سڪندر گڏجي بہ هڪ ارسطو ٺاهي نٿا سگهن". سو ساڳيءَ طرح هڪ ٽئگور هزار جويا ٺاهي سگهي ٿو، پر هزار جويا گڏجن تہ بہ هڪ ٽئگور ٺاهي نٿا سگهن. منهنجي جويي صاحب کي گذارش آهي تہ هو اقبال توڙي ٽئگور جهڙن تاريخ ساز شخصن تي ڪريل حملا نہ ڪري.

شيخ اياز ۽ اقتدار

" ڪي جو ٻيجل ٻوليو" جي مهاڳ ۾ جويي اقبال ۽ ٽئگور تي نازيبا حملا ڪيا آهن، ان جو تفصيل اوهان مٿي پڙهي آيا. انهن جي مقابلي ۾ جويي صاحب شيخ اياز کي وڏو انقلابي، اقتدار جو معتوب ۽ وڏو اصول پسند، پنهنجي نظريہ سان سچو ڪري لکيو

آهي. لکي ٿو تہ " گلاٽون، تهمتون، گاريون، دڙڪا، حملا، شهر نيڪاليون، ڪال ڪوٺڙيون ۽ ڪيسن مٿان ڪيس، هي تہ اياز ۽ سندس پنهنجي مقصد عظيم سان پنهنجي ساهہ کان وڌ محبت هئي، جنهن هي سڀ ڪجهہ پڌو ڏٺو ۽ سٺو ۽ انڪان پوءِ بہ نہ هيٺو ٿيو ۽ نہ پنهنجي راهہ تان هڪ پيرو هٽيو ۽ هڇڪيو." (ص ٥) جويي صاحب پنهنجي لاڏلي اياز کي آسمان تي پهچايو، سندس چوڻ مطابق اقبال توڙي ٽنڳور وقت جي دور جي اقتدار جاڪافر ۽ منڪر نہ هئا، پر اياز حالتن سان گويا مصالحت نہ ڪئي ۽ هن پنهنجي نظريہ سان سچائي ۽ وفاداري ڏيکاري. جويو صاحب ٻڌائي تہ ڇا اقبال توڙي ٽنگور پنهنجي وقت جي حاڪمن کان اياز وانگر ملازمت جي ڪا خيرات گهري؟ جنوري ڇاهتر ۾ مسٽر سراج ميمڻ هلال پاڪستان ۾ هڪ خبر جي سرخي شايع ڪئي تہ شيخ اياز کي جناب ڀٽي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر مقرر ڪيو. پوريءَ سنڌ ۾ هن خبر تهلڪو مچائي ڇڏيو. لاڙڪاڻہ ۾ اياز جي ويجهن دوستن هلايو تہ اياز مجبورًا هي عهدو قبول ڪيو ورنہ هو ڀٽي صاحب جي ڊي - پي - آر جو شڪار ٿي وڃي ها. مون کي تہ اياز جي اصول پرستي ۽ دليري جي چڱي خبر هئي، ان ڪري خبر ٻڌي ڪل نڪري ويم. فرض ڪيو تہ جويي صاحب جي هن لاڏلي ڀٽي جي ڀؤ ڪري هي عهدو قبول ڪيو، پر جويو ٻڌائي تہ اجان تائين اياز هن عهدي کي ڇو ڇهٽيو پيو آهي. پ پ پ جي اقتدار جي زوال کان پوءِ سيد سردار علي شاهہ مهراڻ ۽ جناب محمد موسيٰ ڀٽي جسارت ۾ اياز جي خلاف زبردست مقالا لکيا ۽ گهر ڪئي تہ اياز فورًا استعيفا ڏي. پر دنيا کي معلوم آهي تہ پنهنجي نوڪري بچائڻ خاطر اياز ڪيڏي نہ سرتوڙ ڪوشش ڪئي. شاهہ صاحب کي قاضي محمد اڪبر کان چورايائين، جناب غوث علي شاهہ صاحب وڪيل ۽ سيد ذوالفقار علي شاهہ ڄاموٽ کي منٿون ڪيائين. هوڏانهن مولانا جان محمد عباسي جي قدمن تي ڪريو. جسارت جي ايڊيٽر جناب صلاح الدين ۽ جناب محمد موسيٰ ڀٽي کي سنڌ يونيورسٽي ۾ گهرائي توبہ تائب ٿيو. صلاح الدين جي ڪتاب " بنيادي حقوق" جون ڪيترين ڪاپيون يونيورسٽي ۾ خريد ڪرايائين. فوجي حڪمرانن آڏو جيئي سنڌ جي شاگردن جو پنهنجي خلاف ڇاپايل مواد پيش ڪيائين. جسارت اخبار ۾ جناب جي - ايم - سيد جو هڪ ڇپيل انٽرويو تہ اياز ساهہ سان سانڍي ڇڏيو، ان ۾ شاهہ صاحب جن اياز جي مخالفت ڪئي هئي. اهو انٽر ويو اعليٰ ذريعن آڏو پيش ڪيائين. جناب بروهي صاحب ڏانهن پنڌ ڪيائين. مهراڻ جا ڇپيل اقبال ۽ قائد اعظم نمبر اياز جي بنگ ۾ هميشہ

ساڻ هوندا هئا. ڇي مان قائد يا اقبال جو مخالف هجان ها ته ههڙا ضخيم نمبر ڇو نڪرن ها. مان ته نظريه پاڪستان ۾ يقين ڪندڙ ۽ پڪو مسلمان آهيان ۽ مذهب توڙي اخلاق جو مخالف نه آهيان.مون جو ڪجهه گستاخيون ڪيون، اهي شاعر جي حيثيت ۾ ڪيون ۽ مون سان گڏ ٻين شاعرن به اهڙيون گستاخيون ڪيون آهن. طارق اشرف صاحب جو ڪتاب " چوٿين مارچ" ۾ اياز جو هڪ مضمون ڇپيو هو. اڳوڻن حڪمرانن کي ٻڌايائين ته اهو مضمون منهنجو لکيل نه آهي.ڪوشش ڪري ڪتاب تي بندش وجهرايائين.پاڪستان ۾ "سيرت النبي" جو پهريون جلسو يونيورسٽي ۾ اياز منعقد ڪرايو ۽ ان جي صدارت اسلامي ڪائونسل جي هڪ ميمبر جناب خالد اسحاق کان ڪرايائين. هي سب حربا هن پنهنجي ڪرسي بچائڻ خاطر ڪيا. يونيورسٽي جي استادن سان ڇڱيءَ طرح پيش اچڻ لڳو ۽ هڪ استاد جناب مسٽر لاکي جي معطلي جا آرڊر هڪدم منسوخ ڪيائين. اياز جي هي روش ڏسي مون دوستن کي چيو ته جيڪڏهن ڪنهن به وقت پاڪستان ۾ جماعت اسلامي حڪومت ڪئي ته جوبي ۽ اياز وارا ڏاڙهيون رکرائيندا ۽ يونيورسٽي لائبريري ۾ رکو مولانا مودوديءَ جو تفسير تفهيم القرآن رکيل هوندو ۽ اياز پنهنجن تقريرن۾ چوندو ته " فرمائي ٿو حضرت علامه مودودي" ۽ هينئر پاڪستان قومي اتحاد جي حڪومت ٺهي آهي، ٿي سگهي ٿو ته اياز اتحاد جي صدر مولانا مفتي محمود کي منٿون ۽ ايلاز ڪري ۽ مولانا جي استاد حضرت مدني مرحوم جو فوٽو پاڻ وٽ ساهه جيان سانڍي رکي ڇڏي.

خدا جو شان ڏسو ته اهڙي ڪرسي پرست اياز کي جوبو صاحب اقبال ۽ ٽئگور کان به مٿانهون درجو ڏني ٿو.

"ڪعبے ڪس منهه سے جاؤگے غالب
شرم تم ڪو مگر نهيں آتي"

جوبي صاحب جي شخصيت ۽ سندس فڪري پس منظر جو بيان ڪرڻ ضروري هو. هينئر مان محترم جي ڪتاب شاهه، سچل ۽ سامي بابت پنهنجيون گذارشون پيش ڪندس. بقول اقبال:

"نه از ساقي.نه از پيمانه گفتم
حديث عشق بے باڪانه گفتم
شنيدم آنچ ازپاڪان امت
ترا باشوخيءَ رندانه گفتم."

ڊاڪٽر سارلي جي ناڪام پيروي

جوبي صاحب جي متنين ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ مون محسوس ڪيو تہ شاهہ، سچل ۽ ساميءَ بابت لکڻ وقت سندن عهد جي سياسي تاريخ بيان ڪري ڊاڪٽر سارلي صاحب جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن سارلي پنهنجي ڪتاب " شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ" ۾ شاهہ جي معاصر وقت جي سياسي حالات هڪ سئو ٽيانوي صفحن ۾ قلمبند ڪيا آهن، تيئن جوبي صاحب بہ پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙي حقير ڪوشش ڪئي آهي. پر جوبي ۽ سارلي جي ڀيٽ ۾ زمين آسمان جو تفاوت آهي " چہ نسبت خاک را بعالم پاک" ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ هر شخص تسليم ڪندو تہ هو هڪ وڏو عالم فاضل ۽ دانشور شخص هو. شاهہ تي هڪ محققانہ ڪتاب لکي هن اسان سنڌين تي وڏو احسان ڪيو. هن انگريز مصنف لطيف تي ڪتاب لکڻ لاءِ سوين ڪتابن جو مطالعو ڪيو ۽ هرباب جي خاتمي کان پوءِ هن ناياب ڪتابن جي لسٽ ڏني، جن جو تعداد سون کان بہ مٿي آهي. ان جي مقابلي ۾ جوبي جي ڪتاب جي ڪا علمي ۽ تاريخي حيثيت ڪانہ آهي. ڊاڪٽر سارلي صاحب ڪلهوڙا عهد توڙي مغليہ دور جي سياسي تاريخ بيان ڪرڻ بعد، شاهہ جي شاعرانہ حيثيت، شاهہ جو مذهب ۽ تصوف ۽ رسالہ جي موضوع تي سنئو علمي بحث ڪيو ۽ آخر ۾ شاهہ جي رسالہ مان شعرن جو انتخاب ڏنو آهي، جڏهن تہ جوبي جي ڪتاب ۾ اهڙي ڪابہ ڪوشش نہ ورتي وئي. ڪٿي جوبي جو ڪتاب ۽ ڪٿي ڊاڪٽر صاحب جو ڪتاب. " چراغ مرده کجا شمع آفتاب کجا"

سنڌي سماج، عالمي مذهب ۽ جوبي جي تاريخي جهالت

پنهنجي ڪتاب ۾ جوبو صاحب لکي ٿو تہ " سنڌي سماج جي تاريخ ۾ مذهب ان تي سدائين غالب رهيو آهي. سنڌي سماج جو هر مذهب سان ان جي فاتحانہ حيثيت ۾ واسطو پيو آهي. آرين، ايرانين، يونانين، عربن، ويندي وچ ۾ ٻڌمت جي " اهنسڪ" گپتا گهراڻي ۽ برهمڻ واد جي ويدانتي راءِ گهراڻي وارن سڀني سنڌي سماج کي پنهنجي پنهنجي مذهب سان فاتحانہ يا ڪم از ڪم حڪومتي انداز ۾

روشناس ڪرايو." (صفحو ١٧) جوبي صاحب کان هڪ سوال پڇڻ جي جسارت ڪندس. هو ٻڌا ئي ته يونانين جو ڪهڙو مذهب هو، جنهن کي هتن سنڌ اندر بقول جوبي صاحب جي فاتحانه حيثيت ۾ پيش ڪيو هو؟ ڇو جو تاريخ مان اها ڳالهه ثابت آهي ته سنڌ عيسوي سن کان اٽڪل ٽي سئو ايڪتيهه سال اڳ يا هڪ سئو چوراسي سال اڳ يونان جي بادشاهه سڪندر اعظم ۽ موريا گهراڻي جي زوال بعد بنڪتراء جي يونانين جي قبضي ۾ رهي ۽ اهي يوناني ڪنهن به مذهب سان تعلق نه رکندا هئا. سڪندر اعظم توڙي ان کان هڪ سئو سال بعد جو يونان لامذهب هو. نه فقط يونانين بابت ۾ گپتا توڙي راء گهراڻي بابت جوبي پنهنجي تاريخي جهالت جو مظاهره ڪيو آهي.

ڇا گپتا گهراڻي وارا ٻڌمت جا هئا ۽ اهي سنڌ تي قابض ٿيا؟

جيئن جوبي جي ڪتاب مان مٿي حوالو نقل ڪيو ويو. هو گپتا گهراڻي کي اهنسڪ ٻڌمت جو سمجهي ٿو جا ڳالهه غلط آهي ۽ نڪي هن گهراڻي جي حڪمرانن ڪڏهن به سنڌ تي حڪومت ڪئي. جيئن جويو اسان کي ٻڌائي ٿو. معلوم ٿو ٿئي ته جويو سنڌ توڙي هند ۾ تاريخ جي ابجد کان به واقف نه آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته وچ ايشيا ۾ آڳاٽي سمي شاڪاس (Shakas) يا سٿينس (Seythians) آڪس (Oxus) ماٿريء ۾ آباد ٿيا هئا، جتان ڪين اوڀر مان آيل هڪ قبيلي يوئي شهه (Yuechih) لوڏي اتر هندستان ڏانهن اماڻيو هو. هندستان ۾ آباد ٿيڻ کان پوء شاڪاس وارن ٻڌ ڌرم ۽ هندو ڌرم قبول ڪيو هو. انهن ئي سٿينس کي ڪوشان نالي هڪ مضبوط قبيلي ڪاٺياواڙ ۽ دکن ڏانهن لوڏي ڪڍيو هو ۽ ان نموني سڄي اتر هندستان ۾ ڪوشان قبيلي وارن پنهنجي سلطنت قائم ڪئي هئي، جي وري ٻڌ ڌرم سان تعلق رکندا هئا. هن ئي ڪوشان گهراڻي مان ڪانيشڪا (Kanishka) نالي هڪ بادشاه ٿي گذريو آهي جو ٻڌ ڌرم وارن جي ڏند ڪٿائن جو هڪ مرڪزي هيرو (Hero) آهي. نه فقط ايترو پر ٻڌمت جي مهيانه (Mahayana) شاخ جي پوري هندستان، توڙي برما ۽ سيلون ۾ زور انهيء ڪوشان گهراڻي جي هڪ شخص نگاريئنا (Nagariuna) جي سرتوڙ ڪوشش جو نتيجو آهي. ڪوشان گهراڻي جي حاڪمن جي گاديء جو هنڌ موجوده پشاور هو. تفصيل لاء ملاحظه ٿئي ايلٽ (Eliot) صاحب جو ڪتاب (History of India told

هندستان جو دانشور ۽ مؤرخ وزير اعظم (by her Historians) آنجهاني جواهر لال نهرو پنهنجي ڪتاب " تلاش هند" -The Dis) (covery of India ۾ لکي ٿو تہ "ڪوشان گهراڻي جا حاڪم ٻاهران آيل هئا. جيتوڻيڪ هنن پاڻ کي هندستان ۽ ان جي ڪلچر ۾ مدغم ڪيو هو. تنهن هوندي بہ هنن کي پرڏيهي سمجهي خالص قوم پرستيءَ جي جذبي ماتحت سندن خلاف چندر گپت -Chandra Gup) (ta نالي هڪ بادشاهہ تحريڪ هلائي ۽ ان نموني ڪوشان گهراڻي جو خاتمو آيو ۽ اهڙيءَ طرح عيسوي سن ڪان ٽي سئو ويهہ سال بعد عظيم گپتا گهراڻي جو هندستان ۾ پايو پيو ۽ ڪوشان ٻڌمت سان تعلق رکندا هئا ۽ ٻاهران آيل هئا. گپتا گهراڻي جا خالص هندو هئا ۽ سندن مذهب بہ برهمنزم هو." گپتا گهراڻي جي شروعات بابت جواهر لال پنهنجي ڪتاب ۾ هيٺينءَ طرح تبصره ڪري ٿو:

(Thus began the age of the Imperial Guptas in 320 A. C. which produced a remarkable succession of great rulers, successful in war and in the arts of peace Repeated in vasions has produced a strong anti _ foreign feeling and the old Brahaman _ Kashatriyaelement in the country was forced to think in terms of defence both of their homeland and their culture. _ P _ 126 , 127)

قارئين ڪرام آڏو مون گپتا گهراڻي جي تاريخ محض ان ڪري بيان ڪئي جو جويي صاحب هن گهراڻي کي اهنسڪ ٻڌمت جو لکيو آهي جا ڳالهہ بالڪل غلط ۽ تاريخ جي ابتڙ آهي. حقيقي صورتحال اها آهي جا مٿي ايلٽ ۽ نهرو صاحب جي الفاظ ۾ بيان ڪئي وئي. ڪوشان بہ انگريزن وانگي ڌاريا هئا، سندن مذهب ٻڌ ڌرم هو جو هنن هندستان ۾ پهچي اختيار ڪيو هو.گپتا گهراڻو خالص قومپرستيءَ ڪري وجود ۾ آيو. هنن ڪوشان جي ٻڌ ڌرم بدران برهمنزم (هندو ازم) اپاريو. ان سان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اسان جي سنڌ جي ترقي پسندن جو امام جويو صاحب تاريخ جي علم ۾ ڪيڏو نہ ڪمزور آهي.

گپتا گهراڻي سنڌ تي حڪومت ڪانہ ڪئي

جويي صاحب پنهنجي زير تبصره ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ " سنڌ سماج جو گپتا گهراڻي جي مذهب سان فاتحانہ حيثيت سان واسطو

پيو." هي انڪشاف بہ هڪ مفروضو ۽ گهوڙو آهي. راقم الحروف هندستان جي قديم توڙي جديد تاريخ انگريزي، اردو ۽ فارسي ڪتابن ۾ پڙهي آهي،پر ڪٿي بہ ائين لکيل ڪونہ آهي تہ گپتا گهراڻي بہ سنڌ تي حڪومت ڪئي هئي ۽ ان کي بہ اڪثر بادشاهن وانگر پنهنجي سلطنت ۾ ملائي ڇڏيو هو. سنڌ جي تاريخ بابت مسٽر لئمبرڪ (Lambrick) صاحب جو ڪتاب ٻن جلدن ۾ سنڌي ادبي بورڊ وارن شايع ڪرايو آهي. پنهنجي ڪتاب جي پهرين جلد ۾ (Sind before the Muslim conquest) ۾ لئمبرڪ صاحب گپتا گهراڻي تي تبصرہ ڪندي لکيو آهي تہ " ائين ڪو ڏسڻ ۾ اچي تہ گپتا گهراڻي وارن سنڌو ماٿريءَ کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪونہ ڪيو هو. پر ڪجهہ سالن لاءِ ٿي سگهي ٿو تہ خراج وصول ڪيو هجين" . خراج وصول ڪرڻ لاءِ بہ لئمبرڪ صاحب يقين سان ڪجهہ ڪونہ ٿو چوي، ان لاءِ بہ شڪ کان ڪم وٺي ٿو. ٻين تاريخن ۾ خراج جي وصولي توڙي سنڌو ماٿريءَ کي گپتا گهراڻي جي راڄ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڪو احوال ڪونہ ٿو ملي. لئمبرڪ جا الفاظ آهن تہ:

(The Guptas do not appear to have incorporated the Indus valley within their dominions, but may have exacted tribute for some years._ P 129)

ملاحظہ ڪندا وجو جوٻي جون تاريخي اڻ ڇاڻايون جڏهن اوهان تاريخ جا ڪتاب پڙهوٿي ٿا تہ ان بابت راءِ ڏيڻ لاءِ ڪجهہ اوهان کي محسوس ڪرڻ گهرجي.

سنڌ جي راءِ گهراڻي بابت جوٻي جي تاريخي اڻ ڇاڻائي

گپتا گهراڻي بابت جوٻي صاحب جي تاريخي اڻ ڇاڻائي ملاحظہ ڪرڻ کانپوءِ سنڌ جي راءِ گهراڻي بابت هن جي ٻي تاريخي اڻ ڇاڻائي کي بہ نوٽ ڪندا وجو.لکي ٿو تہ " ۽ برهمڻ واد جي ويدانتي راءِ گهراڻي وارن سيني سنڌي سماج کي پنهنجي مذهب سان فاتحانہ يا ڪم از ڪم حڪومتي انداز ۾ روشناس ڪرايو." (صفحہ ١٧)

قطع نظر ان جي تہ سنڌي سماج مان جوٻي صاحب جي مراد ڪهڙي آهي،سوال هي آهي تہ سنڌ جي راءِ گهراڻي کي هن برهمڻ واد ويدانتي ڇو سڏيو؟ هڪ معمولي پڙهيل سنڌيءَ کي بہ خبر آهي تہ

سنڌ جي راءِ گهراڻي وارا حاڪم برهمڻ واد ويدانتي ڪونہ هئا، پر ٻڌ ڌرم جا مڃيندڙ هئا. اندازو ڪيو تہ سنڌ سان محبت جي دعويدارن ڪي پنهنجي ئي ڌرتيءَ جي تاريخ بابت معلومات ڪيڏي نہ جاهلانہ ۽ ماتم انگيز آهي. بقول هڪ فارسي شاعر جي:

" هرڪس کہ نداند و بداند کہ داند
درجهل مرکب ابد الدهر بماند."

تاريخ تحفة الڪرام جي مصنف مير علي شير قانع مرحوم راءِ گهراڻي جي پنجن حاڪمن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ لکي ٿو تہ " هنن مٿين پنجن راجائن جي حڪومت جو عرصو، هڪ سئو ستٽيهہ سال لکيو اٿن. تنهن کان پوءِ برهمڻ جي حڪومت شروع ٿي." (ڇاپو پهريون صفحو ١٢) جيئن مٿي عرض ڪيو ويو، هي آهي برهمڻ واد ويدانت ڪونہ هئا، جيئن جويي لکيو آهي. ڪرنل لئمبرڪ صاحب بہ پنهنجي تاريخ ۾ هنن ڪي ٻڌ مذهب جو پوئلڳ ڪري لکي ٿو:

(The Budhist Rais of Sind belong to the earliest dynasty of the country itself and their names are no where else recorded. _ Vol: 2 P _ 136)

جويي صاحب جي معلومات لاءِ وڌيڪ گذارش ڪندس تہ جيتوڻيڪ برهمنزم ۾ ويدانت جو خيال پراڻو آهي،پر راءِ گهراڻي (يعني اڄ کان چوڏهن سو سال اڳ) جي وقت ۾ ويدانت جو فلسفہ اڃوڪي اصطلاح منجهہ استعمال نہ ٿيندو هو. هندو مذهب ۾ ويدانت جي مٿي کي پوري ڪمال تي آڻڻ وارو هندستان جو مشهور فلسفي شري شنڪر آچاريہ آهي جنهن ويدانت، سوترن ۽ ڀڳود گيتا تي پنهنجون بي مثال! تحريرون لکيو هيون. شنڪر راءِ گهراڻي جي عهد ۾ پيدا ڪونہ ٿيو، پر بعد ۾ غالباً ٧٨٨ ع ۾ پيدا ٿيو ۽ ٻٽيهن سالن جي عمر ۾ هماليہ جبلن ۾ وفات ڪيائين. ويدانت جو لفظ راءِ گهراڻي لاءِ استعمال ڪرڻ سان ائين پيو معلوم ٿئي تہ جويي صاحب کي اهو پتو بہ نہ آهي تہ هن مٿي جو باني ڪڏهن پيدا ٿيو هو؟

ڇا سنڌي سماج اسلام کي فاتحانہ حيثيت ۾ قبول ڪيو؟

عربن جي متعلق بہ جويي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو تہ "هن سنڌي سماج کي پنهنجي/ مذهب (اسلام) سان فاتحانہ يا ڪم از ڪم حڪومتي انداز ۾ روشناس ڪرايو." (صفحو ٧)

جويي صاحب کي معلوم هئڻ گهرجي ته ڪنهن به مذهب يا نظريه کي حڪومتي انداز ۾ روشناس ڪرائڻ ڪو ڏوهه نه آهي، دنيا ان نموني جي روشناسي کي قبول ڪري چڪي آهي ان معاملي ۾ ذهني الجهن ان ڪري ٿي جو دنيا جي مذهبن ۽ نظرين جي پکڙجڻ بابت تاريخ جو مطالعو نه آهي. مثال طور هندستان ۾ ٻڌ ڌرم کي حڪومتي انداز ۾ روشناس ڪرائڻ وارو شهنشاهه (Ashoka) اشوڪ هو جيڪو عيسوي سن کان اٽڪل به سو سال اڳ پيدا ٿيو هو. هن صاحب پنهنجي رضا خوشيءَ سان ٻڌ مذهب قبول ڪيوهو ۽ ان بعد پوري هندستان خواه ٻاهر ٻڌ ڌرم جو پرچو ٿيو. يورپ ۾ عيسائيت به حڪومتي انداز ۾ روشناس ٿي ۽ اهو ڪرشمو رومي شهنشاهه قسطنطنيه جو هو. هن جي ماءُ لاڳيتو پهرين عيسائي ٿي هئي، ان کان پوءِ سندس پٽ عيسائي مذهب اختيار ڪري پوري يورپ ۾ عيسائي مذهب جو پرچار ڪيو، يورپ ۾ عيسائيت جي روشني رومن سلطنت مان، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو، پهتي هئي، ان ڪري مغرب جا دانشور ۽ اديب پاڻ کي رومي سلطنت جي شهري سڏائڻ ۾ فخر محسوس ٿا ڪن. مثال طور مغرب جي مشهور اديب، دانشور ۽ نقاد مسٽر ٽي - ايس - ايليٽ پنهنجي ڪتاب (On Poetry and poets) ۾ لکيو آهي ته:

(We are all, so far weinherit the civilization of Europe, still citizens of the Roman Empire. P 130)

جويي صاحب کان پڇڻ جي جسارت ڪندس ته ڇا ڪميونزم جو نظريو روس ۾ حڪومتي انداز سان روشناس ڪونه ٿيو هو؟ هن نظريي جو باني ڪارل مارڪس مغرب ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. روس ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مقبوليت جو اهو حال هو جو ١٩١٧ ۾ زار شاهي جي خاتمي کان پوءِ، جيڪا عارضي اسيمبلي وجود ۾ آئي، ان ۾ بالشويڪ (ڪميونسٽ) پارٽيءَ جا بمشڪل سڄي هائوس ۾ پنج يا ڇهه ميمبر چونڊجي آيا هئا. پر نئين مينشويڪ حڪومت غلطي ڪري جرمنيءَ سان پنهنجي پيش رو حڪومت جي نقش قدم تي هلي جنگ جاري رکڻ جو اعلان ڪيو. هن جنگ مان سڀ فوجي توڙي سول آفيسر بيزار هئا. لينن (Lenin) ان جو فائدو وٺي اعلان ڪيو ته اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ اسين جرمنيءَ سان صلح ڪنداسون. هڪدم مينشويڪ گورنمنٽ جي خلاف فوجي انقلاب آيو. بالشويڪ لينن جي قيادت ۾ آڪٽوبر ١٩١٧ع ۾ حڪومت تي قبضو ڪيو ۽ لينن فورًا جرمنيءَ سان بريسٽ لٽواڪ معاهدو جنگ بنديءَ جو اعلان ڪيو. ڇا روس ۾ ڪميونزم حڪومتي

انداز ۾ روشناس ڪونہ ٿيو؟ ان حساب سان جيڪڏهن عربن اسلام کي سنڌي سماج ۾ حڪومتي انداز ۾ روشناس ڪرايو تہ ان ۾ ڪهڙو عيب آهي؟

اسلام ۽ ان جي فاتحانہ حيثيت

جويو صاحب کي معلوم هجڻ گهرجي تہ سنڌ توڙي ٻئي هنڌ اسلام فاتحانہ يا ٻين لفظن ۾ تلوار ذريعي ڪونہ پکڙيو هو، ۾ ماڻهن ۾ هن دين جي تعليمات مقناطيسي اثر پيدا ڪيو ۽ انسانن جي انبوهہ اسلام کي قبول ڪيو. ماڻهو ان وقت جي مسلمانن جي اخلاق، تهذيب، شرافت، ۽ خداترسي ۽ توحيد جي نظريي کان متاثر ٿي پنهنجو اباڻو مذهب ڇڏي مسلمان ٿيا. دنيا ۾ هي عظيم ترين اسلامي انقلاب عوام الناس جي حمايت جي بغير ڪيئن وقوع پذير ٿيو؟ هي انقلاب ايڏو تہ وسيع ۽ همہ گير هو، جو عظيم يورپي مورخ گبن (Gibbon) صاحب پنهنجي مشهور ڪتاب "رومي سلطنت جو زوال" "Decline and Fall of the Roman Empire" ۾ اسلامي انقلابن کي پنهنجي مخصوص فصيحانہ ۽ عالمانہ لهجهہ ۾ هيئنءَ طرح بيان ڪري ٿو:

And our eyes are curiously intent on one of the most memorable revolutions which have impressed a new ,and lasting character on the nation of globe. P _ 649 .Pelican London

سنڌ توڙي ٻين هنڌ هن انقلاب جي ڪاميابيءَ جو راز ان ۾ هو تہ سنڌ جي مجبور ۽ مقهور عوام ظالم برهمڻ راڄ جي تنگ دلي ۽ بربريت ڪري خدا ترس عربن جو ساٿ ڏنو هو. جويو صاحب پاڻ هندستان جي ڪميونسٽ ليڊر مسٽر ايم اين راءِ جو عقيدت مند هو. هتي سندس منطق جي رد ۾ مسٽر راءِ جي ڪتاب " اسلام جو تاريخي ڪردار" (Historical Role of Islam) مان چند حوالا پيش ڪجن ٿا. پڙهي پاڻ انصاف ڪيو تہ سنڌ ۾ اسلام حڪومتي انداز ۾ ڪيئن روشناس ٿيو؟ ڇو جو جويو صاحب هي لفظ لکي ثابت ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌ ۾ اسلام ڏنڊي جي زور تي ڦهليو ۽ مخالفن جي مذهبي آزادي ختم ڪئي وئي هئي. مسٽر ايم - اين - راءِ لکي ٿو تہ " محمد بن قاسم سنڌ کي جٽن ۽ ٻين زراعت پيشہ قبيلن جي پرزور حمايت سان فتح ڪيو هو، ڇو جو اهي برهمڻ حڪمرانن جا ستايل هئا. سنڌ ملڪ فتح ڪرڻ کان پوءِ ابن قاسم اڳئين عربن جي پاليسيءَ جي پيروي ڪئي."

Muhammad Ibn Kassim conquered Sind with the Active assistance c the Jats and other agricultural communities oppressed by the Brahman rulers. (P _ 96)

اڳتي هلي هندستان جو هي ڪميونسٽ دانشور مشهور انگريز مورخ ايليٽ صاحب جو حوالو ڏني ٿو، جنهن پنهنجي ڪتاب: "هندستان جي تاريخ" ۾ لکيو آهي ته " محمد بن قاسم امن ۽ صلح قائم ڪرڻ لاءِ ملڪ جي برهمڻن کي اعتماد ۾ ورتو ۽ انهن جون خدمتون حاصل ڪيون هيون. هن برهمڻن کي پنهنجن مندرن ۽ عبادتگاهن جي مرمت، اڳين وانگر هٿن کي پنهنجي مذهب تي هلڻ ۽ دل گڏ ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. نه فقط ايترو پر ڪين روايتي لوڪل انتظام هلائڻ لاءِ نوڪريون ڏنيون هيون. "

"Muhammad Ibn Kassim employed the Brahmans in pacify-ing the country by taking them into confidence. He allowed them to repair their tempeles and to follow their own religion as before, placed the collection of Revenue in their hands and employed them in continuing the traditional systems of local administration." P_ 96)

سنڌ جي عوام کي عربن جي حملي کان اڳ پڻ ڪاهه ڪندڙن جو تلخ تجربو هو. انهن بستين جون بستيون تباهه ڪيون. انسان جي بنيادي حقن سان مذاق ڪيائون، پر سنڌي سماج محمد بن قاسم کي بنهي رنگ ۾ ڏٺو. جنهن جو بيان اوهان مٿي پڙهي آيا. مسٽر راءِ اڳتي لکي ٿو ته، " عربن سنڌ جي عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪيو ۽ اهوئي سبب آهي جو هتان جي عوام انهن جي اسلامي قانون ۽ مذهب کي تسليم ڪيو. " جويي صاحب کي گهرجي ته اهي تحريرون پڙهي ڏسي. ان حڪومتي نموني سان اسلام سنڌ ۾ روشناس ٿيو. ڇا ايم - اين - راءِ ۽ ايليٽ جهڙن دانشورن کي؟ معاف ڪري، هتي ته گهٽ کي،ڪيس ته اهو به پتو نه آهي ته راءِ گهرائي جا حڪمران برهمڻ هئا يا ٻڌ ڌرم جا مڃيندڙ!

"صادق هون اپنے قول کا غالب خدا گواہ
کهتا هون سچ که جهوٹ کي عادت نهين مجهے"

ڇا انگريز مذهبي لاتعلقي جي پاليسي تي هليا!

جويو صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ اڳتي لکي ٿو ته " سنڌي سماج جي سچيءَ تاريخ ۾ رڳو هڪ سؤ سالن جو عرصو اهڙو رهيو آهي،

جڏهن مسيحي فاتح قوم پنهنجي سياسي ۽ تهذيبي فوقيت قائم ڪرڻ لاءِ مذهب کي هٿيار طور استعمال نہ ڪيو. جنهن صورتحال کي جديد دنيا ۾ "مذهبي آزادي" يا "مذهبي لاتعلقي" چنجي ٿو. ان کي پنهنجي حڪومت جي واضح پاليسيءَ طور عمل ۾ آندو ۽ قائم رکيو." (ص ١٧)

ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ جوبي صاحب مسيحي قوم جي سامراجيت جي فلسفہ کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي آهي. جيڪڏهن هندستان - پاڪستان جي آزاديءَ کان اڳ ڪوبہ شخص مٿيان جملا ورجائي ها تہ ڪيس هڪدم انگريزن جو ايجنٽ ڪوٺجي ها. اصل حقيقت هن طرح آهي تہ مسيحي فاتح قوم پنهنجي سياسي ۽ تهذيبي فوقيت قائم ڪرڻ لاءِ مذهب کي هٿيار طور خوب استعمال ڪيو هو. هنن بظاهر مذهبي لاتعلقي جي پاليسي اختيار ڪئي هني پر ڳجهہ ڳوهہ ۾ عيسائي مشنرين کي ولايت مان گهرائي انهن جي همٿ افزائي ڪئي. سترهين صديءَ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني قائم ٿيڻ کان اڳ هندستان ۾ هڪڙو بہ عيسائي ڪونہ هو. پر اڄ هندستان ۾ ٻہ ڪروڙ عيسائي رهن ٿا. اهي عيسائي سڀ هندستاني آهن جن مشنرين ذريعي پنهنجو ڌرم بدلايو. عيسائي مشنرين جو سمورو خرچ انگريز سامراجي پاڻ ڀريندا هئا. ڇا اها مذهبي لاتعلقي جي پاليسي آهي؟ هن سلسلي ۾ آفريقا جي هڪ سياستدان "جو موڪنياٽا" جو هڪ قول نهايت ئي سبق آموز آهي ۽ مسٽر جوبي پاران انگريز پرستن جي توجهہ جي لائق آهي. تہ جومو هڪ مغربي ڊپلوميٽ کي خطاب ڪندي چيو هو تہ ." جڏهن اوهان انگريز آفريقا ۾ آيا تہ ان وقت اسان جي هٿ ۾ ملڪ هو ۽ اوهان جي هٿ ۾ انجيل. هينئر اوهان انجيل اسان کي هٿ ۾ ڏيئي پاڻ حڪومت تي قابض رهيا."

اٺوهين صديءَ جي انگريز سياستدان لارڊ ويلنگٽن جي پارليامينٽ ۾ ڪيل تقرير اڃا بہ رڪارڊ تي موجود آهي، جنهن ۾ هن قرآن مجيد کي هٿ ۾ کڻي اعلان ڪيو هو تہ " جيستائين هي قرآن مسلمانن ۾ موجود آهي، اوستائين مسلمانن کي غلام ڪرڻ مشڪل آهي." ڇا اها مذهبي لاتعلقي جي پاليسي آهي؟ علامہ اقبال لارڊ ويلنگٽن جي جواب ۾ چيو هو تہ:

توحيد کي امانت سينون مين هي همارے،
آسان نهين مٽانا نام و نشان همارا

جوبي صاحب کي گذارش ٿو ڪريان تہ هو مغرب جي هڪ عظيم تاريخدان پروفيسر ٽوائن بي (Toynbee) جي ڪتاب "دنيا ۽ مغرب" (World and the West) جو باب "اسلام، مغرب ۽

مستقبل" (Islam the West and future) جو مطالعو ڪري، جو سندس متين ڪتاب جي باب ١٠ صفحو ١٦٤ کان شروع ٿئي ٿو، " هي سڄو باب جويو صاحب جي منطق کي ڪليءَ طرح باطل ثابت ڪري ٿو.

هي بي سمجهه سمجهو هي اڻ ڄاڻ ڄاڻو
يــــــــريءَ بزم ۾ مــــون اڪيلو گــــذاريو

سنڌي سماج جي پيهر معتبرائي حاصل ڪرڻ

پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌي سماج بابت گفتگو ڪندي جويو صاحب وڏيڪ لکي ٿو ته. " اها ڪيڏي نه افسوس جي ڳالهه آهي، جو ان مذهبي آزاديءَ جي مختصر دور ۾ ٿي اقتدار ۽ معتبرائيءَ کان محروم پر ان کي پيهر حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ ورتل مذهب، سياست کي هٿيو بڻائي سنڌي سماج جي ايڪي بلڪ ان جي وجود کي وڏ ۾ وڏ نقصان پهچائي سگهيو." (صفحو ١٧)

جويي صاحب جي متنين لفظن مان ظاهر آهي ته پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ اسلام جي جهنڊي هيٺ هڪ سنڌي قائد اعظم مرحوم جي ليڊرشپ تحت برصغير جي ٻين مسلمانن سان گڏ. سنڌي مسلمانن جيڪا جدوجهد ڪئي هئي، جويو صاحب ان کي ننڌي ٿو ۽ وڏيڪ چوي ٿو ته مذهب ۽ سياست کي ملائڻ واري پاليسيءَ سنڌي سماج جي ايڪي بلڪ ان جي وجود کي وڏ م وڏ نقصان پهچائي سگهيو. ڪير به ڪٿي هزار دفعا ماتم ڪري، پر حقيقت هي آهي ته دين اسلام سياست کان جدا نه آهي. علامه اقبال رح بالڪل صحيح فرمايو ته:

"جلال بادشاهي هو ڪه جمهوري تماشا هو
جدا هو دين سياست سي تو ره جاتي هي چنگيزي"

هن موضوع بابت ته اڳتي بحث ڪبو، پر جويي صاحب کي خبر هئڻ گهرجي ته فقط اسان جي ليڊر مذهب کي سياست سان ملائي ڪو ڏوهه ڪونه ڪيو آهي جنهن لاءِ سنڌي مسلمانن کي مطعون ڪيو ٿا. پر حقيقت هن طرح آهي ته خود هندن جو عظيم المرتبت ليڊر مهاتما گانڌيءَ به مذهب کي سياست سان ملائڻ جو اقرار ڪيو آهي. نه فقط ايترو پر ان فعل تي هو فخر به محسوس ڪري ٿو. هيٺ هندستان جي مشهور فلسفي ۽ سابق صدر جمهوريه هند ڊاڪٽر

راڌاڪرشنن جي انگريزي ڪتاب: مهاتما گانڌي (Mahatma Gandhi) مان سياست ۽ مذهب بابت خود گانڌيءَ جا پنهنجا چيل الفاظ نقل ڪجن ٿا. انهن کي پڙهي عبرت پڪڙيو ۽ پنهنجي من کان پڇي ڏسو ته ڇا هندستان کي بيروني ۽ سامراجي حڪومت کان آزاد ڪرائڻ وارو هي ڪونڌر شخص مسٽر گانڌي مذهب کي سياست سان ڪونه ملائيندو هو؟ پوءِ هرورڀرو مسلمانن تي جويي صاحب جي ايتري ڪاوڙ ڇو؟

ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن پنهنجي ڪتاب ۾ گانڌي جا مذهب ۽ سياست بابت چيل الفاظ نقل ڪري ٿو. گانڌي فرمائي ٿو ته، "زمين جي هن فاني بادشاهت هٿ ڪرڻ لاءِ مون کي ڪابه خواهش نه آهي، مان ته آسمان جي بادشاهت جي حصول لاءِ جدوجهد ڪريان ٿو، جنهن ۾ روحاني ڇوٽڪارو آهي. پنهنجي ملڪ توڙي انسان ذات جي خدمت ڪرڻ لاءِ لڳاتار سخت محنت ۽ جانفشاني ڪرڻ ئي مون لاءِ نجات جو ذريعو آهي. هر ساهه واري سان پنهنجو اهڃاڻ رکڻ گهران ٿو، گيتا جي الفاظ ۾ آءٌ دوست چاهي دشمن سان امن ۽ شانتيءَ ۾ رهڻ چاهيان ٿو. ان ڪري منهنجي حب الوطني مون لاءِ دائمي آزادي ۽ سلامتي ۽ امن واري هنڌ ڏانهن سفر ڪرڻ واسطي هڪ ڏاڪو آهي، تنهن ڪري ڏسڻ ۾ ايندو ته مون وٽ اهڙيءَ سياست لاءِ ڪا گنجائش نه آهي جا مذهب سان گڏيل نه هجي. سياست مذهب کان سواءِ موت جي برابر آهي، ڇو جو اها روح کي قتلام ڪري ٿي ڇڏي ۽ سياست مذهب جي ماتحت آهي.

T..us it will be seen that for me there are no politics devoid of religion. They subserve religion. Politics be reft of religion are a death trap, because they kill the soul (P _ 14 Bombay, 1964 Ed)

گانڌيءَ جا مٿي چيل الفاظ پڙهي احساس ٿيڻ گهرجي. گانڌي هندو مذهب جو وڏو چئمپين آهي ۽ هندو ازم جيتوڻيڪ سياست سميت انساني معاملات بابت اسان جي مذهب اسلام وانگر ڪا رهنمائي نٿو ڪري، ان هوندي به گانڌي چوي ٿو ته هو اهڙي سياست ني نه ڄاڻي جا مذهب کان خالي هجي، پوءِ ان منطق ۽ حساب سان جيڪڏهن سنڌ جي مسلمانن پاڪستان وٺڻ لاءِ مذهب کي سياست سان ملائي ڪو قدم کنيو ته ان لاءِ مٿيان ڇو ٿيّ لڳي؟

مسٽر جويو، مذهب، رياست ۽ عقل جو بحث

جويو صاحب لکي ٿو تہ، " مذهب ۽ رياست جي شعبن جا ماڻهو انهيءَ ڪري سدائين پنهنجيءَ پنهنجيءَ دنيا کي تبديليءَ کان بچائڻ ۽ جيئن جو تيئن قائم رکڻ جي ڪوشش ۾ لڳارهندا آهن ۽ ماڻهن جي عقل استعمال يعني انهن جي فڪر جي آزاديءَ کي گهٽيندا ۽ روڪيندا رهندا آهن. ايمان يعني مذهب پنهنجي مضبوطيءَ لاءِ طاقت يعني رياست جو قبضو يا ڪم ازڪم ان جي سرپرستي چاهيندو آهي ۽ ساڳيءَ طرح رياست پنهنجي مضبوطيءَ لاءِ مذهب جو قبضو يا ڪم ازڪم ان جي مدد چاهيندي آهي ۽ ٻنهي گڏجي سٽل ڪيو، عقل تي منڍ هنيو ۽ زنجير وجهيو ويٺا رهندا آهن. هن سلسلي ۾ بهترين صورتحال تہ ظاهر آهي تہ هيءَ هئڻ گهرجي تہ رياست ۽ مذهب طاقت ۽ ايمان، ٻيئي عقل يعني تهذيب جي ضابطي ۽ تاديب هيٺ رهن ۽ ان جي اوسر ۽ واڌاري لاءِ ڪم اچن." (صفحو ٢١)

جويي صاحب جي مٿين عبارت مان ظاهر آهي تہ هو مذهب کي سياست ۽ رياست جي شعبہ کان ٻي دخل ڪرڻ گهري ٿو. ڪيس ان جو جواب تفصيل سان ڏيڻ گهران ٿو، ڇو جو جويي صاحب وارن ان بابت ڪافي غلط فهمي اسان جي نئين نسل جي دماغ تي وهاري آهي. ٻيو سبب هيءَ آهي تہ خود جويي صاحب کي اسان جي مذهب جو ڪوبہ مطالعو نہ آهي. ان ڪري مون کي حقيقت جي انڪشاف ڪرڻ لاءِ تفصيل ۾ وڃڻو ٿو پوي. مغربي مفڪرن ۽ تاريخدانن کي اسان جي مذهب سان ڪابہ همدردي ڪانہ هوندي آهي، ان جي باوجود انهن عربي ٻولي سکي اسان جي دين اسلام جو مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو تہ ڪين حيرت وٺي وئي ۽ انهن پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو تہ اسلام ۽ رياست ۽ سياست جي ڪابہ جدائي نہ آهي ۽ هي دين سياست ۽ رياست هلائڻ لاءِ بہ رهنمائي ڪري ٿو. اهو سندن مطالعي جو نتيجو آهي. جويي صاحب جي ڪتابن مان مٿينءَ نقل ٿيل عبارت جي ترديد ۾ هتي مغرب جي هڪ فاضل شخص پروفيسر نڪلسن (Nicholson) صاحب جي مشهور ڪتاب " عربن جي ادبي تاريخ" (A Literary history of the Arabs) مان هڪ حوالو نقل ڪجي ٿو، جنهن ۾ هي انگريز اسڪالر چوي ٿو تہ، " مسلم چرچ ۽ رياست لازمي طرح هڪڙي شيءِ آهي ۽ (هتي) سياست کي مذهب جي بغير سمجهڻ ڏکيو ۽ ناممڪن آهي."

"Since the Moslem church and state are essentially one, it is impossible to treat of politice a part from religion, nor can religious phenomena be understood without continual refer-

ence to political events. (P .182, 1956 EdLondon)

نڪسلن کان علاوه سيني مستشرقين پنهنجين تصنيفن ۾ کولي لکيو آهي ته مسلمانن جو مذهب سياست کان جدا نه آهي. جويي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ سڄو زور ان ڳالهه تي ڏنو آهي ته رياست ۽ مذهب کي پنهنجي پنهنجي دائري ۾ ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي، ان ڪري لازم آهي ته هن موضوع تي ڪجهه تفصيلي گفتگو ڪجي.

جويو صاحب ۽ مذهب به معنيٰ ايمان

جويي صاحب جي اڻ ڄاڻائي ملاحظه فرمايو جو هو مذهب جي معنيٰ ڪري ٿو ايمان. لکي ٿو ته، " ايمان يعني مذهب" ايمان کي مذهب جي معنيٰ ۾ وٺڻ سخت جهالت آهي، ايمان جو انگريزي ترجمو ٿيندو(Believe) ڪنهن کي مذهب ۾ ايمان هوندو آهي ته ڪو ڪميونزم ۾ ايمان رکي سگهي ٿو. انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪو چئي سگهي ٿو ته:

.(I believe in Communism) يا (I believe in Religon)

خود برٽرانڊ رسل پنهنجي ڪتاب " مان ڇو عيسائي نه آهيان" (Why I am not a Chrystian) ۾ ايمان (Believe) جو لفظ استعمال ڪري لکي ٿو ته، " منهنجو ايمان آهي ته مرڻ کان پوءِ سڙي بوسيده ٿي وينديس ۽ منهنجي ڪابه خودي يا انانيت باقي نه رهندي."
(I believe that when I die I shall rot and nothing of my ego will survive)

ڏسو مٿين جملي ۾ برٽرانڊ رسل پنهنجي لاءِ "ايمان" جو لفظ لکيو آهي جنهن جي معنيٰ جويو صاحب "مذهب" وٺي ٿو ته پوءِ ان منطق سان جويو صاحب ٻڌائي ته واقعي رسل به مذهبي ماڻهو هو؟ حالانڪ اسان سيني کي خبر آهي ته هو هڪ وڏو لامذهب انسان

مذهب، دين ۽ سياست

ياد رکڻ گهرجي ته "مذهب" اصل ۾ عربي لفظ آهي جو وزي ذهب مان مفعل جي وزن تي اسم ظرف آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ ٿيندي " وڃڻ جي جاءِ يا رستو." عربي هجڻ جي باوجود قرآن مجيد ۾ اسلام لاءِ مذهب جو لفظ استعمال ٿيل نه آهي، پر ان لاءِ "دين"

جو لفظ استعمال ٿيل آهي. جهڙوڪ " ان الدين عندالله الاسلام" تحقيق خدا وٽ (پسنديده) دين اسلام جو آهي.) "يدخلون في دين الله افواجا" يعني (فوج در فوج ٿي خدا جي دين ۾ داخل ٿيندا) غرض ته اسلام لاءِ لفظ دين يا دين الحق جا لفظ قرآن ۾ استعمال ٿيل آهن. ان ڪري لازم آهي ته پهريائين دين جي لغوي تشريح ڪريون ۽ جاچي ڏسون ته ڪلام عرب ۾ دين ڪهڙن مفهومن ۾ استعمال ٿيندو آهي. عربيءَ ۾ لفظ "دين" جزا سزا يا بدلي ۽ مڪافات لاءِ به استعمال ٿيندو آهي جهڙوڪ سورة فاتحة ۾ "مالک يوم الدين" استعمال ٿيل آهي.

مولانا آزاد جي تفسير ترجمان القرآن ۾ دين جي لفظ جي تشريح

حضرت مولانا ابوالڪلام آزاد عليه الرحمة جي علم ۽ فضل کان جوبه صاحب انڪار نه ڪري سگهندو. مولانا مرحوم پنهنجي تفسير "ترجمان القرآن" ۾ لفظ دين بابت تحقيق ڪندي لکي ٿو ته، " سامي زبانون کا ايک قديم ماده دان اور دين هي جو بدلے اور مکافات کي معنون مين بولا جاتا تها اور پهر آئين و قانون کي معنون مين بهي بولا جاني لگا." (جلد اول صفحه ١٤٤ ڪراچي) گويا دين جي معنيٰ ٿي ٿيندي قانون ۽ آئين پوءِ ان مفهوم وارو لفظ دين، سياست ۽ رياست کان ڪيئن جدا ٿي سگهندو؟

مولانا مودودي جي تفهيم القرآن ۾ دين جي تشريح

مولانا آزاد مرحوم کان پوءِ هينئر مان هک ٻئي جليل القدر عالم مولانا مودودي صاحب جي تفسير " تفهيم القرآن" مان لفظ دين جي تشريح نقل ڪيان ٿو. مولانا صاحب جي علم و فضل کان دشمن به انڪار نه ڪيو آهي. هو پنهنجي تفسير ۾ دين جي تشريح ڪندي لکي ٿو ته:

"دين کان لفظ عربي زبان مين متعدد مفهومات کا حامل هي،

ايک مفهوم هي غلبہ و اقتدار، مالکانہ اور حاکمانہ تصرف، سياست و فرمانروائي اور دوسرون پر فيصلہ نافذ کرنا" دين مان صفت مبالغو آهي " ديان" جنهن جي معنيٰ کندي مولانا محترم لسان العرب جي حوالي سان لکي ٿو تہ، " الديان ، القاضي الحکم، القهار ولانت دياني" (تون منهنجو ديان نہ آهين يعني تہ " اي لست بقاهر فتسوس امري" يعني تون مون تي قاهر نہ آهين جو منهنجي معاملي جي سياست کرين) ڏسو تفهيم القرآن جلد چوٿونصفحو ٣٥٦ لاهور.

عربي ٻوليءَ ۾ دين جي مٿين لغوي تشريح کي ملحوظ رکندي ڏسبو تہ علم سياست ۾ جديد رياست (Modern state) جو بہ ساڳيو مطلب آهي، تنهن کري مغرب جو عظيم سياسي مفکر پروفيسر هئرالڊ لاسکي (Laski) پنهنجي کتاب (A Grammer of Politics) ۾ لکي ٿو تہ:

(The modern State is a sovereign state. It is, there fore independent in the face of other communities. It may infuse its will towards them with a substance which need not be affected by the will of any external power.

It is more over, internally supreme over the territory that it controls. It issuses orders to all men and all asscociations within that area, it receives orders from none of them Its will is subject to no legal limitation of any kind, what it purposes is right by the mere purposes is right by the mere announcement of intention. (P . 44 , 1960 Ed London)

پروفيسر لاسکي جديد رياست جي جيکا تشريح کئي آهي اها ساڳي دين جي مفهوم مطابق آهي. پروفيسر صاحب اڳتي هلي "اسٽيٽ" يعني " اعليٰ قوت قاهرانہ" سڏي ٿو ۽ دين بہ ان مفهوم جو حامل آهي.

پس ثابت ٿي ويو تہ دين اسلام ۾ رياست ۽ سياست هک ئي شيءِ آهي، جن کي جدا کري نٿو سگهجي. جوڻي صاحب پنهنجي ڪتابچي ۾ ان موضوع تي جيکو کجهہ لکيو آهي(حوالو مٿي ڏنو) اهو سراسر باطل ۽ غلط آهي. سندس ٿي الفاظ ۾ مذهب توڙي سياست ۽ رياست جي تشريح هندو مذهب جي مطابق آهي. اهڙو تصور مذهب سندس استاد کاکي ڀيرومل جو آهي، اسان مسلمانن جو هرگز نہ آهي. اسان جو عقيدو علامہ اقبال جي ان شعر مطابق آهي تہ:

جدا هو دين سياست سي تو رہ جاتي هي چنگيزي"

عقل جو صحيح استعمال

جويو صاحب چوي ٿو تہ، " هن سلسلي ۾ بهترين صورتحال تہ ظاهر آهي تہ هيءُ هجڻ گهرجي تہ رياست ۽ مذهب، طاقت ۽ ايمان پيني عقل جي تهذيب جي ضابطي ۽ تاديب هيٺ رهن ۽ ان جي اوسر ۽ واڌاري لاءِ ڪم ڪن" (صفحو ٢١).

جويو صاحب عقل جي فوقيت بابت دعويٰ ٿو ڪري پر ڪيس خبر ٿي نہ آهي تہ جديد فلسفي ۾ عقل جون ڏڃيون اڏايون ويون آهن. عقل علامہ اقبال جي الفاظ ۾ چراغ راهہ تہ آهي پر منزل هرگز نہ آهي. چوي ٿو تہ:

"گـذر جا عـقـل سـي آگـي کـہ يـهـي نـور
چراغ راه هـي منـزل نـهـين هـي".
نيز " عقل هي ابن الڪتاب، عشق هي ام الڪتاب"
(اقبال)

حقيقت ۾ جديد فلسفي ۾ عقل کي ڪنديم ڪرڻ وارو شخص جرمنيءَ جو مشهور فلاسفر ڪانٽ (Kant) هو جيڪو ١٧٢٤ع ۾ پيدا ٿيو ۽ ١٨٠٤ع ۾ وفات ڪيائين. هن تري عقل جي تنقيد بابت پنهنجو ڪتاب (A critique of pure reason) نالي لکيو آهي. موجوده دور ۾ ڪانٽ جي فلسفي جو هو وڏو ڄاڻو پروفيسر فريڊرش (Fredrich) پنهنجي ڪتاب (Philosophy of kant) ۾ لکي ٿو تہ" ڪانٽ عقل جي ديويءَ کي پٽ تي ڪيرائي وڌو ۽ بعد ۾ فرينچ انقلابين ان ديويءَ آڏو نياز جون جڳهون ڪڙيون ڪيون.

"Kant dethoroned the Godess Reason even before the french revolutionaries erected alters to her .(P _ 3).

هاڻي ٻڌايو تہ ڪٿي آهي عقل جي ديوي جنهن کي مذهب جي تابع بڻايون. هي وڏو فلسفيانہ بحث آهي. ان ڪري فقط مٿين حوالي تي اڪتفا ڪجي ٿي. ايران جي عظيم شاعر عرفي پنهنجي هڪ لازوال پارسي شعر ۾ عقل جي نارسائي بابت جو ڪجهہ چيو آهي، اهو انگريزي ترجمي سميت پيش ڪيان ٿو. ڇو جو جويو صاحب انگريزيءَ جو بہ وڏو پرستار ۽ عاشق آهي. عرفيءَ جو روءِ سخن عقليت پرست آهي. هو چوي ٿو تہ:

"زنـقـص تـشـنـہ لـبـي دان بـعـقـل خويش مـنـاز
دلـت فـريـب گـر از جلـوه سـراب نـخـورد."

"If your heart is not deceived from mirage be not proud of your intelect andsharp understanding for your freedom from

this optical illusion is due to your imperfect thirst."

۽ عقل جي موضوع بابت مان آخر ۾ حضرت علامہ ابن خلدون رحمة الله جي الفاظ ۾ تنبيہ ۽ نصيحت ڪرڻ ٿو چاهيان. دنيا جو هي مجيل عظيم فيلسوف ۽ دانشور علم الڪلام بابت بحث ڪندي عقليت پرستن جي رهنمائي ڪندي لکي ٿو ته. "جيڪڏهن اوهان جي عقل ۽ فڪر کي اهو زعم آهي ته هو ڪائنات. ان جي اسباب ۽ وجود جي پوري تفصيلات جي آگاهي جي علم رکڻ تي قادر آهن ته اها اوهان جي خام خيالي، ڪوتاهہ نظري ۽ ناداني آهي." بقول اقبال:

"جو عقل کا غلام هو وہ دل نہ کر قبول"

خدا جو شان جو سنڌي قوم جي ذهني ۽ سياسي رهنمائي ڪرڻ جي دعويٰ ڪهڙا ماڻهو ڪري رهيا آهن. بقول لطيف رح:

"ڪنيس ڪوبڄن جو تن طبيب نہ ڳڏيا

ڏيني ڏنب ڏڏن، پاٿان ڏيل ڏهيون ڪيو."

افسوس ۽ صد افسوس جو ترقي پسندن جو دانشور جويو صاحب مولانا جلال الدين رومي رحمة الله عليہ جي مشهور تصنيف "مثنوي" بابت بہ پوري معلومات ڪونہ ٿو رکي، جيئن سندس ڪتاب مان هيٺ نقل ڪيل عبارت مان ظاهر ٿو ٿئي. جويو صاحب جو هي ڪتاب شاهہ لطيف ۽ ٻين شاعرن بابت لکيل آهي. ڪيس معلوم هئڻ گهرجي تہ مثنوي شريف، شاهہ ڀٽائي مرحوم جو پسنديده ڪتاب هو ۽ ان جو هڪ قيمتي نسخو شاهہ صاحب کي ميان نور محمد ڪلهوڙي تحفي طور عطا ڪيو هو. شاهہ جي ٻن مشهور سوانح نگارن مرزا قليچ بيگ مرحوم ۽ مولانا دين محمد وفائي مرحوم پنهنجن ڪتابن " احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" (ص: ٥٢) ۽ " لطف اللطيف" (ص: ٢٢٤) ۾ لکيو آهي تہ مثنوي جو پهريون بيت شاهہ صاحب پنهنجي رسالي ۾ آندو آهي. مرزا صاحب لکي ٿو تہ. " مثنوي جي پهرين بيت جو مضمون، جنسي پنهنجي رسالي ۾ شاهہ صاحب آندو آهي، جو حقيقت ڪري رسالي جو پهريون بيت هو، پر فقيرن وري ڦير گهير ڪري، سرن موجب ٺاهيو. اهو مثنوي جو پهريون بيت هي آهي، جونئ جي نمائي آواز بابت آهي. جڻ تہ هو ويچارو پنهنجي اصل وڻ کان ڇڄي ڌار ٿيو آهي، سو جدائيءَ کان رڙيون پيو ڪري.

"بشنو ازني حڪايت ميڪنند

واز جدائيها شڪايت ميڪنند

۽ شاهه جي رسالي وارو هي بيت آهي.

"وڏيل تي وايون ڪري، ڪتل ڪوڪاري
هن پڻ پنهنجا ساريا، هو هنجون هڻن لنئي هاري

لطيف جهڙو شاعر جيڪو پنهنجو پهريون بيت روميءَ جي مثنويءَ مان ترجمو ڪري پيش ڪري ٿو، ان کي مثنويءَ سان ڪيترو نه شغف ۽ پيار هو، بس معلوم ٿيو ته شاهه جي فڪر ۽ فلسفي کي سمجهڻ لاءِ مثنوي شريف جي ڄاڻ رکڻ تمام ضروري آهي. پر قبله محترم جوبي صاحب کي مثنوي بابت ڪيتري معلومات آهي، ان جو اندازو سندس ڪتاب مان هيٺ ڪوربل حوالي مان چڱيءَ طرح لڳائي سگهجي ٿو. لکي ٿو ته ، "پنهنجي ان پيغام ۽ ان ڳالهه بابت، پنهنجي شعري تخليق ڏانهن اشارو ڪندي، پاڻ چيو اٿن: جي تون بيت ڀانئين سي آيتون آهين" ۽ اهي يعني انهن آيتن جو فڪر توکي نيئي پنهنجي پرينءَ (منزل مقصود) تائين پهچائيندو. بالڪل ائين جيئن ايران جي عظيم درويش شاعر روميءَ جي مثنوي، سندس چوڻ موجب پهلوي زبان ۾ اصل (معنوي) ۽ نج (مولوي - مولا وارو) قرآن هو. جنهن جو مغز هڏن کان الڳ ڪري، فارسي ٻولي ڳالهائيندڙ ايراني قوم جي رهبريءَ لاءِ ان جي آڏو رکيو ويو هو. (صفحو ٢٧).

پهلوي زبان ۾ روميءَ جي مثنوي جي قرآن هجڻ بابت اصل فارسي شعر جناب جوبي صاحب نقل ڪونه ڪيو آهي، جو هن طرح آهي.

"مثنوي، معنوي، مولوي
هست قرآن دزبانِ پهلوي."

مثنوي بابت مٿين شعر ۾ قرآن هجڻ جي دعويٰ مولانا رومي علي الرحمة پاڻ نه ڪئي آهي، جيئن جوبي صاحب لکيو آهي، ان مان سولائيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته جوبو صاحب مثنوي کان بالڪل بي خبر آهي. جيئن مون اڳ ۾ گذارش ڪئي ته شاهه لطيف جي فڪر ۽ فلسفي تي مثنويءَ جو وڏو اثر هو ۽ رسالي جو پهريون بيت به مثنوي جي هڪ اهڙي شعر سان شروع ٿئي ٿو، جنهن جو اول خيال مولانا روميءَ کي ان وقت آيو، جڏهن سندس هڪ مريد حسام الدين چلپي مولانا کي مثنوي لکڻ جي گذارش ڪئي هئي. حسام الدين، مولانا جلال الدين روميءَ کي درخواست ڪئي ته فريد الدين عطار جي ڪتاب منطق الطير جي طرز تي هڪ مثنوي لکي وڃي. ان تي مولانا فرمايو ته، مون کي رات جو هي خيال آيو ۽ ان وقت هي چند شعر موزون ٿيا:

"بشنو ازني حڪايت ميڪنند
از جدائيها شڪايت ميڪنند

۽ شاه عبداللطيف انهن ئي شعرن جي ترجمي سان رسالي جو ڀهريون بيت لکيو. جيئن مٿي ڄاڻايل آهي ۽ پاڻ پنهنجي رسالي ۾ روميءَ جي رهاڻ بابت ذڪر ڪيو اٿن. جوبي صاحب کي خبر هئڻ گهرجي ته مولانا رومي پاڻ ڪڏهن به اهڙو شعر نه چيو آهي ته سندس مثنوي پهلوي زبان ۾ قرآن آهي، پر مثنوي بابت اهڙا مبالغہ آميز الفاظ ٻين عقيدتمند جي غلو ڪري چيا آهن. جيئن علامہ شبلي نعمانيءَ مرحوم پنهنجي ڪتاب " سوانح مولانا روم" ۾ لکيو آهي ته " فارسي زبان مين جس قدر کتابين نظم يا نثر مين لکهي گئين هين کسي مين ايسي دقيق، نازک اور عظيم الشان مسائل اور اسرار نهين مل سکتي جو مثنوي مين کثرت سي پائي جاتي هين. فارسي پر موقوف نهين، اس قسم کي نکات اور دقائق کا عربي تصنيفات مين بهي مشکل سي پتہ لگتا هي، اس لحاظ سي علماء اور ارباب فن ني مثنوي کي طرف تمام اور کتابون کي نسبت زياده توجه کی، اور يهان تک مبالغہ کا کہ هست قرآن‌درزبان پهلوي." (صفحہ ٨٣)

معلوم ٿيو ته مثنوي کي پهلوي زبان ۾ قرآن سڏڻ وارا محقق مولانا شبلي نعماني جي بقول ٻيا عالم ۽ ارباب فن هئا ۽ انهن مان هڪ مولانا عبدالرحمان جامي مرحوم به آهي، جنهن مولانا روميءَ بابت پنهنجي هڪ شعر ۾ چيو آهي ته :

"مـن چہ گـويم وصـف آن عـالـيجناب
نيـسـت پيـغمـبري ولـي دارد کـتـاب."

يعني ته مان ان عاليجناب (روميءَ) جي ڪهڙي وصف بيان ڪيان جو پيغمبر ته نہ آهي پر (*ڪيج ۾) ڪتاب رکي ٿو.

جوبي صاحب جي اطمينان لاءِ هتي علامہ شبلي نعماني کان علاوه مشهور انگريز فارسي دان پروفيسر نڪلسن (Nicholson) جي ڪتاب " صوفياء اسلام" (The Mystics of Islam) مان هڪ حوالو پيش ڪريان ٿو، جنهن مان پڻ ثابت ٿئي ٿو ته ٻين عالمن مثنوي کي پهلوي زبان جو قرآن قرار ڏنو، پروفيسر موصوف لکي ٿو

"But in his masnavi a work so famous and venerated that it has been styled the koran of persia we fiend him in a more sober mood expounding the sufi doctrines and justifying the ways of God to man." (P _ 96)

معلوم ٿيو ته صاحب مثنوي مولانا رومي پاڻ ڪڏهن به نه چيو ته سندس هيءَ تصنيف پهلوي زبان ۾ قرآن آهي، جيئن جوبي صاحب ان ڄاڻائيءَ ڪري پنهنجي ڪتاب ۾ اظهار ڪيو. پر في الحقيقت

علامہ شبلي ۽ پروفيسر نڪلسن جي تحقيق مطابق پڻ اهڙي قسم جو اظهار ڪيو آهي.

مذهبن جي قومي رنگ اختيار ڪرڻ بابت جويي صاحب جي مضحڪہ خيز دعويٰ

جويو صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ، " ٻڌمت چين، جاپان، برما ۽ ٻين ويجهن مشرقي ملڪن مان تقريبا هر ملڪ ۾ پنهنجو اتان جو مڪاني (قومي سماجي) رنگ اختيار ڪيو. مسيحيت يونان، روس، ايشيا مائنر ۽ خاص طرح سورهين صديءَ جي اصلاحي تحريڪ کان پوءِ يورپ جي تقريبًا هر ملڪ ۾ قومي رنگ اختيار ڪيو. عربن جي فتح کان پوءِ ترت ئي ايران اسلام قبول ڪري، ان کي خاص ايراني رنگ ڏيئي پنهنجو قومي مذهب بڻايو ۽ انهن پنهنجي سياسي ۽ تهذيبي امتياز ۽ خود اختيار کي ٻيهر بحال ڪيو ۽ قائم رکيو". (صفحو ٣٤. ٣٥)

چين، جاپان توڙي ٻين مشرقي ملڪن ۾ ٻڌ ڌرم ڪيئن اتان جو تقريبًا قومي رنگ اختيار ڪيو؟ ان جو ڪو تفصيل جويي صاحب اسان کي فراهم ڪونہ ڪيو. هن قسم جي وڏي تاريخي هام هڻڻ کان اڳ مصنف کي پنهنجي دل تي هٿ رکي ايمانداريءَ سان ٻڌائڻ گهرجي تہ ڇا هن ٻڌ ڌرم يا ان جي تاريخ بابت ڪوبہ ڪتاب پڙهيو آهي. اوهان چين، جاپان، يا ٻين ملڪن ۾ ٻڌ ڌرم جي ڳالهہ ٿا ڪيو، پر حيرت آهي جو خود پنهنجي ئي صوبي سنڌ اندر بہ اوهان کي ٻڌمذهب جي تاريخ جي ڪا ڄاڻ نہ آهي جيئن مون اڳ ثابت ڪيو تہ سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جا حڪمران ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ هئا. پر جويي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ انهن کي برهمڻواد ويدانتي قرار ڏنو. هندستان ۾ گپتا گهراڻي جا حاڪم برهمنزم جا مڃيندڙ هئا. جڏهن تہ جويي صاحب انهن کي ٻڌمت ۾ يقين رکندڙ ڄاڻايو.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ بر صغير ۾ ٻڌ مت جي تاريخ بابت جڏهن جويو صاحب ڪا معلومات نٿو رکي تہ پوءِ هو چين، جاپان، برما ۽ ٻين مشرقي ملڪن ۾ ٻڌمت بابت ڪيئن راءِ ڏيڻ جو حق رکي ٿو؟

يورپ، عيسائيت ۽ اصلاحي تحريڪ

حقيقت ھي آھي تہ قوميت جورنگ محترم جوبي صاحب جي مٿان ايترو تہ چڙھيل آھي جو ھو عالمي مذھبن کي بہ قومي رنگ ڏيڻ ٿو چاھي. صحيح معنيٰ ۾ ڪوبہ قومي مذھب شڪل اختيار ڪري نٿو سگھي. مختلف مذھبن جا آفاقي اصول جتي ڪٿي ساڳيا ھوندا آھن. آھڙن اصطلاحن جھڙوڪ سنڌي اسلام، سنڌي عيسائيت، ترڪي اسلام، ترڪي عيسائيت، يورپي اسلام يا يورپي عيسائيت جو استعمال بہ مضحڪہ خيز آھي. اھڙا اصطلاح پوري جنوب مشرقي ايشيا ۾ فقط جوبو صاحب ئي استعمال ڪري سگھي ٿو. مھرباني ڪري جوبو صاحب وضاحت ڪري تہ ڪيئن سنڌس الفاظ ۾ سورھين صديءَ جي اصلاحي تحريڪ کان پوءِ مسيحيت يورپ جي تقريبًا ھر ملڪ ۾ قومي رنگ اختيار ڪيو؟ معلوم ٿو ٿئي تہ يورپ جي سورھين صديءَ واري اصلاحي تحريڪ (Reformation) جي تاريخ کان جوبو صاحب قطعا واقف نہ آھي. ھن تحريڪ جا اغراض و مقاصد مسيحيت کي قومي رنگ ڏيڻ وارا ھرگز نہ ھنا، بلڪ يورپ جا عظيم تاريخدان ۽ دانشور لکن ٿا تہ، " سنڌن مغربي تھذيب جو جنم عيسائي چرچ جي مدد کان سواءِ ناممڪن ھو." يعني تہ سنڌن تھذيب جي احياءَ قوميت جي مرھون منت نہ آھي، پر مسيحي چرچ ان لاءِ ذميوار آھي. محترم جوبي صاحب عظيم مغربي تاريخدان پروفيسر ٽوائن بي (Toynbee) جو نالو (پيدائش ١٨٨٩، وفات ١٩٧٥ ع) ضرور ٻڌو ھوندو. سڀ اھل قلم متفق آھن تہ جديد مغربي دنيا ۾ ھن جھڙو ٻيو ڪو بہ تاريخدان پيدا ڪونہ ٿيو. پروفيسر موصوف پنھنجي ڪتاب (Christanity among the Religions of the world) ۾ عظيم عيسائي بزرگن، جھڙوڪ سينٽ ايمبروز (Ambrose) ، سينٽ آگسٽين (Augustine) پوپ گريگوري (Gregory) ۽ سينٽ بنيڊڪٽ (Benedict) جي نالن وٺڻ کان پوءِ لکي ٿو تہ، "انھن عظيم انسانن جون زندگيون شھادت ڏئي رھيون آھن تہ مسيحي چرچ جي مدد کان سواءِ اسان جي مغربي تھذيب جنم نہ وٺي سگھي ھا."

(The lives of these great men testify that our western civiliza- of christian tion could not have come to brith without the aid church. (P . 67, Oxford press London: 1958 Ed)

اھي مٿيان بزرگ سورھين صديءَ جي اصلاحي تحريڪ کان ھڪ ھزار سال اڳ پيدا ٿيا ھنا، يورپ ۾ جوبي صاحب جي بقول ڪڏھن بہ عيسائيت قومي رنگ اختيار نہ ڪيو.

يورپ جي اصلاحي تحريڪ (Reformation)

يورپ ۾ سورهين صديءَ واري اصلاحي تحريڪ جو باني جرمنيءَ جو هڪ روشن خيال پادري مارٽن ليوٿر (Martin Luther) هو، جيڪو ١٤٣٨ع ۾ پيدا ٿيو ۽ ١٥٤٦ع ۾ وفات ڪيائين. مون پنهنجي هڪ مضمون " مارڪس ۽ سندس ڪميونزم جو نظريہ" جي پهرين قسط (رهبر ڊائجسٽ فيبروري - مارچ ١٩٧٨ع) ۾ ليوٿر جي اصلاحي تحريڪ تي روشني وڌي هئي. جنهن جو مطالعو بہ جويي صاحب ڪيو هوندو. مون ان مضمون ۾ تفصيل سان لکيو هو تہ ليوٿر رومن ڪئٿالڪ چرچ جي سختي ۽ انسان دشمن حقوق ۽ مراعات (Indulgences) جي فروخت خلاف ڪات کهاڙا ڪنيا، جنهن مطابق پادري گنهگارن کان گهربون رقمون وٺي انهن کي بهشت جا پروانا ڏيندا هئا، جنهن جي وصول ٿيڻ تي جاهل عوام سمجهندو هو تہ هاڻي هو گناهن کان پاڪ تصور ڪيا ويندا ۽ خدا جي عذاب کان محفوظ رهندا. ليوٿر جي پروٽيسٽنٽ اصلاحي تحريڪ درحقيقت پوپن جي مذهبي آپيشاهي، پادرين جي استحقاق ۽ يونچ قومن جي بت پرستي خلاف موثر احتجاج هئي. جيئن يورپ جي هڪ مشهور مورخ فشر پنهنجي ڪتاب " يورپ جي تاريخ" (A History of Europe) ۾ لکيو آهي تہ:

(The protestant Reformation was a revolt against papal theocracy clerical privilege and the hereditary paganism of the Mediterranean races. On the other side it took the as pect of an insurence of the lay spirit against clerical claims and immunities on the other of a religious revival and an attempt to retrieve the original ways of the christian church. P. 498)

هي اصلاحي تحريڪ هڪ هنڌ پادرين جي حقوق ۽ مراعات خلاف بغاوت هئي تہ ساڳئي وقت مٿي پروفيسر فشر جي الفاظ ۾ مذهبي تجديد بہ هئي ۽ عيسائي چرچ جي اصلوڪي طريقن ڏانهن واپس رجوع ڪرڻ جي هڪ ڪوشش هئي. ان جو مقصد عيسائين کي قوميانہ رنگ ڏيڻ هرگز نہ هو، جيئن مصنف جويي صاحب لکيو آهي.

ايران ۽ اسلام

جويو صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ، " عرب فتح کان ترت ئي پوءِ ايران اسلام قبول ڪري ان کي خاص طرح ايراني رنگ

ڏيني پنهنجو قومي مذهب بڻايو" جهڙيءَ طرح ٻڍمذهب ۽ عيسائيت بابت جوبي صاحب ڏڪا هنيا آهن. ساڳيءَ طرح ايران بابت سندس اهو چوڻ تہ اتي اسلام کي خاص ايراني رنگ ڏنو ويو. هڪ وڏي غلطي آهي" ايران ابتدائي دور اسلام يعني حضرت عمر رضہ جي دور حڪومت ۾ عربن فتح ڪيو هو ۽ جوبي صاحب جي هي راءِ تہ عرب فتح کان پوءِ ترت ئي ايرانين اسلام کي ايراني رنگ ڏنو. سا ڳالهہ حقيقت سان مناسبت نٿي رکي. ماضيءَ ۾ ايران وڏن مسلمان دانشورن ۽ عالمن کي جنم ڏنو، جن تي مسلم تاريخ کي ناز آهي، جهڙوڪ: البيروني، الغزالي، الرازي، ابن سينا، عمر خيام، فارابي، سعدي، حافظ شمس الائمہ، علامہ سرخسي، علامہ سعدالدين تفتازاني ۽ مولانا رومي وغيره. اهوئي سبب آهي جو مشهور مغربي مورخ پروفيسر هٽي (Hitti) صاحب پنهنجي ڪتاب " عربن جي تاريخ" (A History of Arabs) ۾ لکي ٿو تہ:

(Some of the most brilliant stars in the intel lectual firmaent of Islam during its first three centuries were Islamised Iranians.P _ 159.)

انهن مان ڪي سائنسدان هئا تہ ڪي فلسفي ۽ نامور عالم دين، البتہ ويهين صديءَ ۾ ايران جي موجوده شهنشاهہ اتان جي مسلمانن کي پنهنجي ماضيءَ جي ثقافتي ۽ اسلامي رشتي کان محروم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن هجري ڪئلينڊر کي ختم ڪرايو، پاڻ کي آريہ مهر (آرين جو چنڊ ۽ روشني) جو لقب ڏياريو ۽ عظيم سائرس جو جاءِ نشين ڪوٺرايو. پر ايران جي مسلمانن تازو آقاءِ شريعت حضرت علامہ آيت الله العظام شريعت مدار جي قيادت ۾ شهنشاهہ جي خلاف عظيم الشان تحريڪ هلائي، نتيجي طور سائرس جي هن جاءِ نشين حضرت علامہ صاحب جي اڏو گوڏا کوڙيا. هن هجري ڪئلينڊر کي بحال ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ ايران ۾ نظام مصطفيٰ لاءِ راهہ هموار ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

"اسلام زمانے میں دبنے کو نہیں آیا
تاریخ میں یہ مضمون ہم تم کو دکھادینگی."

مرزا شاهہ بيگ ارغون، تاريخ معصومي ۽ جوبو صاحب

پنهنجي ڪتاب ۾ جوبي صاحب تاريخ معصومي مان حوالا پيش ڪري ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جيتوڻيڪ ارغون

ٻاهران جا مسلمان هئا. پر ان جي باوجود هنن سنڌ جي مسلمانن تي ظلم جا پهاڙ ڪيرايا آهن. تاريخ معصوميءَ مان حوالا ڪوٺ وقت جوبي صاحب صفحا به نقل نه ڪيا آهن، جنهن مان ثابت ٿو ٿئي ته هو علم دوست ۽ محقق نه آهي. جديد دور جا سڀئي محقق ڪتابن مان حوالا پيش ڪرڻ وقت انهن جا صفحا ايڊيشن ۽ پريس جو به حوالو ڏيندا آهن ته جيئن پڙهندڙن کي اصل ڪتاب ڏانهن رجوع ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي. مثال طور ارغونن جي هٿان ٺٽي جي بربادي‌ءَ جو ذڪر ڪندي جوبي صاحب تاريخ معصوميءَ جي حوالي سان لکيو آهي ته، " مغل ويهين تاريخ ٺٽي شهر ۾ لٽ مار ڪندا رهيا ۽ اتان جي ماڻهن کي ذليل ڪندا رهيا. جنهن مان آيت سڳوريءَ "ان الملوڪ اذا دخلوا قرية افسدوها" (بادشاه جڏهن ڪنهن شهر ۾ داخل ٿين ٿا. تڏهن ان کي ويران ڪري ڇڏين ٿا) جي وضاحت اکين اڳيان اچي وڃي" . (ص٣٥ ـ ٣٦)

تاريخ معصوميءَ جي اصل عبارت هن طرح لکيل آهي، "مغل ٢٠ محرم ٺٽي شهر کي لٽيندا ۽ اتي جي رهاڪن کي ذليل ڪندا رهيا، جنهن ڪري آيت سڳوريءَ " ان الملوڪ اذا دخلوا قرية افسدوها" (بادشاه جڏهن ڪنهن به شهر ۾ داخل ٿيندا آهن ته انهيءَ ملڪ کي ويران ڪندا آهن) جو مضمون نهايت فصاحت سان ظاهر ٿيو" (ص ١٥۴. سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ڇاپو پيو سال ١٩٥٩ ع) جوبي صاحب جي نقل ڪيل عبارت تاريخ معصوميءَ جي متين عبارت سان ڀيٽي ڏسجي ٿو ته جوبي صاحب ڪي اصل لفظ حذف ڪري ڇڏيا آهن. اهڙيءَ طرح ٻيا حوالا به تاريخ معصوميءَ مان لفظن جي ڦير گهير سان نقل ڪيا ويا آهن جو پسنديده فعل نه آهي. مسٽر جوبي کي تاريخ معصوميءَ جا اصل الفاظ مع صفحن جي نقل ڪرڻ کپندا هئا.

ڇا مذهب ظلم ڪان ڪونه ٿو روڪي ؟

سنڌ جي مٿان ارغونن جي زيادتين بيان ڪرڻ کان پوءِ جوبيو صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته، " تاريخ جي هيءَ هڪ عالم آشڪار حقيقت آهي ته مذهب ڪنهن ملڪ، قوم يا سماج کي ٻئي ڪنهن ملڪ، سماج يا قوم جي اڳرائيءَ، ڦرمار ۽ غلاميءَ کان بچاءَ جو ڪم ڪونه ٿو ڏئي، چاهي اڳرائي ڪندڙ ۽ ڦرمار ڪندڙ قوم ڪا هم مذهب قوم ئي ڇونه هجي. مذهب هڪڙيءَ ڪنهن قوم کي ٻيءَ ڪنهن قوم تي حملي ڪرڻ، ان کي ڦرڻ لٽڻ ۽ ان کي غلام بنائڻ

ڪان روڪ جو ڪم بہ ڪونہ ٿو ڏئي، چاهي اها ٻي قوم ان جي هم مذهب قوم ئي ڇونہ هجي." (ص ٣٩)

مذهب جي مخالفت مسٽر جويو جي لوں لوں ۾ سمايل آهي. مان وڏيءَ دعويٰ ۽ فخر سان چوان ٿو تہ اسان جي مذهب اسلام جيترو ظلم، اڳرائي ۽ ڦرمار کي ننديو آهي، ان جو مثال دنيا جي ڪنهن بہ مذهب يا نظريي ۾ ملي ڪونہ سگهندو. هن سلسلي ۾ اسلام جا زرين اصول تہ بعد ۾ بيان ڪندس، پر سڀ ڪان اول جويو صاحب ڪان پڇڻ ٿو چاهيان تہ جيڪڏهن مذهب، بقول سندس جي، ڪنهن ملڪ قوم يا سماج کي ٻئي ڪنهن ملڪ، سماج يا قوم جي اڳرائي، ڦرمار يا غلاميءَ ڪان بچاءُ جو ڪم ڪونہ ٿو ڏئي تہ پوءِ اوهان جي خيال شريف ۾ اهو ڪهڙو نظريو آهي جو ڦرمار يا ظلم ڪان روڪي ٿو؟ اوهان جو شمار ڪٽر قوم پرستن مان آهي، ڇا قوم پرستي ظلم ۽ زيادتيءَ ڪان روڪي ٿي؟ اوهان ڏٺو تہ ويهين صديءَ ۾ ٻہ عالمگير لڙايون قوم پرستيءَ جي ڪري لڙيون ويون ۽ ان ۾ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو مئا ۽ اربين روپين جي جائداد تباهہ ٿي آهي. ڇا ساڳئي قوم جا ماڻهو هڪ ٻئي تي ظلم، زيادتي ۽ ڦرمار نٿا ڪن؟ مثال طور شاهہ بيگ ارغون پاڻ بہ مغل هو ۽ سندس هڪ هم قوم شخص بابر بادشاهہ ان سان لڙايون ڪيون ۽ تاريخ معصوميءَ جي شهادت آهي تہ " سن ٩١٣ هجريءَ ۾ ظهيرالسلطنت و خلافة محمد بابر بادشاهہ ڪابل ۽ غزنيءَ ڪان ڪامياب لشڪر سان ڪري قنڌار ۾ داور جي سرزمين فتح ڪرڻ جو ارادو ڪري جهنڊو بلند ڪيو.

شاهہ بيگ ۽ محمد مقيم وڏو لشڪر وٺي جنگ جي نيت سان اڳتي وڌي لڙائي ڪئي، مگر بابر بادشاهہ جي فتح ۽ شاهہ بيگ ۽ محمد مقيم شڪست کائي ڀڄي ويا ۽ ساري قنڌار ۽ داور جي حڪومت بادشاهي تصرف هيٺ آئي. فاتح بادشاهہ مير ذوالنون جا خزانا جيڪي گهڻي وقت ڪان وٺي گڏ ٿيل هئا، سي لشڪر جي اميرن ۽ سردارن ۾ تقسيم ڪري، قنڌار جي حڪومت جي واڳ پنهنجي ڀاءُ سلطان ناصرالدين جي حوالي ڪري، پاڻ ڪابل موٽي ويو ۽ محمد مقيم جي نياڻي ماهہ بيگم پڻ قيد ڪري پاڻ سان وٺي ويو." (ص ١٤٢۔ ١٤٣)

ملاحظہ ڪريو تہ شاهہ بيگ بابر جو ذات ڀائي ۽ هڪڙي ئي قوم سان تعلق رکندڙ هو، پر ان هوندي بہ بابر نہ فقط شاهہ بيگ جي ڀيءَ جا خزانا ڦريا ۽ لٽيا، پر شاهہ بيگ جي ڀائٽي مائي ماهہ بيگم کي قيد ڪري پاڻ سان وٺي ويو، ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ظلم ٿي سگهي ٿو؟ سما حڪمران ڄام فيروز ۽ ڄام صلاح الدين پاڻ ۾

عزيز هئا، پر ان هوندي بہ سندن گھرو جھيڙي ارغونن کي سياسي موقعو فراهم ڪيو. ڇا محترم جويي صاحب کي خبر نہ آهي تہ ڪلهوڙي حاڪم ميان عبدالنبي پنهنجي وڃايل تخت حاصل ڪرڻ لاءِ افغانستان جي مددخان پٺاڻ جي لشڪر کي پنهنجن سنڌي ڀائرن جي مٿان ڪاهہ ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي ۽ ظالم مددخان پوريءَ سنڌ کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو ۽ ان کان اڳ دهليءَ جي حاڪم علاءُ الدين خلجي کي تاريخ طاهريءَ جي روايت موجب چنيسر سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي حالانڪ دودو ان جو سڳو ڀاءُ هو.

معلوم ٿيو تہ قوميت بہ ڦر لٽ، ارهہ زورائي، ڏاڍ ۽ ظلم کان ڪونہ ٿي روڪي. سنڌ جي تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پيئي آهي. قوميت کان علاوه اڄوڪي دور ۾ ڪميونزم بہ هڪ قوم جي مٿان ٻيءَ قوم جي جارحيت کي نٿو روڪي سگهي. روس ۽ چين ٻئي ڪميونسٽ ملڪ آهن، پر سرمائيدار آمريڪا کان ٻنهي کي خطرو نہ آهي ليڪن ٻنهي ڪميونسٽ ملڪن ۾ سرحدي جهڙپون ٿيون آهن ۽ مغربي مبصرن جي پيش گوئي آهي تہ روس ڪهڙي بہ وقت چين تي يلغار ڪري سگهي ٿو.

هاڻي جويي صاحب کان سوال ڪندس تہ اوهان جي مذهب تي ڇو ڪاوڙ آهي؟ قوميت ۽ اشتراڪيت جن جا اوهان پرستار آهيو، اهي نظريا بہ هڪ قوم کي ٻيءَ قوم مٿان جارحيت ۽ ڦرمار کان ڇونہ ٿا روڪين؟

مرزا شاهہ بيگ ارغون ۽ جويو صاحب

جويو صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ مرزاشاهہ بيگ ارغون بابت لکي ٿو تہ، " شاهہ بيگ ارغون، جنهن لاءِ تاريخ معصوميءَ جو چوڻ آهي تہ اڪثر وقت هو عبادت ۽ تقويٰ ۾ گذاريندو هو ۽ عالمن ۽ مشائخ جي مجلس ۾ ويهندو هو ۽ مرڻ کان پوءِ جنهن جو لاش ڪڄي مڪي شريف جي جنت المعليٰ ۾ وڃي دفن ٿيو هو" . (ص.٣٦ - ٣٧) درحقيقت جويو صاحب پنهنجن پڙهندڙن کي تاثر ٿو ڏئي تہ شاهہ بيگ ارغون زاهد ۽ عابد شخص هو، ان هوندي بہ هن سنڌ جي باشندن تي ظلم ۽ تشدد ڪيو ۽ هن جي زهد ۽ تقويٰ ڪيس زيادتي ڪرڻ کان ڪونہ روڪيو ڇو تہ بقول سندس جي " مذهب ڪنهن ملڪ، قوم يا سماج کي ٻئي ڪنهن ملڪ، سماج يا قوم جي اڳرائيءَ، ڦرمار ۽ غلاميءَ کان بچاءُ جو ڪم نٿو ڏئي.

ان سلسلي ۾ منهن جي پهرين گذارش هي آهي تہ بادشاهن جي

ملڪ گيري ۽ هوس جو جواز اسان جي مذهب اسلام ۾ ڪونہ ٿو ملي. پيو تہ اسين خلافت جي نظريہ ۾ يقين رکون ٿا ۽ ملوڪيت يا بادشاهت اسلامي سياست جو مقصود نہ آهي ان ڪري مان مرحوم مرزا شاهہ بيگ ارغون جي ڪارنامن جي وڪالت ڪونہ ڪندس. البتہ جوبي صاحب کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ اسان جي تاريخ جا اڪثر بادشاهہ اهڙا ٿي گذريا آهن، جن جي دلين تي خدا جو خوف هو ۽ خدا جي عدالت کان ڪنبندا هئا. مرزا شاهہ بيگ ارغون بہ اهڙوني بادشاهہ ٿي گذريو آهي. خود تاريخ معصومي جنهن مان شاهہ بيگ جي زيادتين جا ڪجهہ احوال جوبي صاحب قلمبند ڪيا آهن، ان ۾ پڻ مذڪور آهي تہ شاهہ بيگ طبعاً رحمدل هو. ان جي ثابتي تاريخ معصوميءَ جي مطالعہ مان ملي ٿي. ٩٢٦ هجري ۾ شاهہ بيگ ٺٽي کي فتح ڪيو ۽ سما حاڪم ڄام فيروز کي شڪست آئي، ارغون بادشاهہ جي فاتح ٿيڻ کان پوءِ مير معصوم پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو تہ (ٺٽي ۾) " ڪيترن ماڻهن جو اهل ۽ عيال قيد ٿيو. بلڪ ڄام فيروز جا ٻار پڻ شهر ۾ رهجي ويا. شاه بيگ کي هي خبر معلوم ٿي تہ حفاظت لاءِ حويليءَ جي در تي چڱا ماڻهو موڪلي ان جي عزت ۽ ناموس بچايائين." (صفحہ ١٥٤)

محترم جوبي صاحب کان دلسوزيءَ سان پڇان ٿو تہ ڇا دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن بہ فاتح پنهنجي مفتوح جي ڪٽنب سان اهڙو فياضانہ سلوڪ ڪيو جو مرزا شاهہ بيگ ارغون ٺٽي جي حاڪم ڄام فيروز جي اهل ۽ عيال سان ڪيو! شاهہ بيگ فاتح جي حيثيت ۾ سڀ ڪجهہ ڪري ٿي سگهيو. خود بابر بادشاهہ فاتح جي حيثيت ۾ پنهنجي هم قوم مرزا شاهہ بيگ ارغون جي ڀاڻيءَ ماني ماهہ بيگم کي قيد ڪرائي پاڻ سان وني ويو، جيئن مٿي مون ذڪر ڪيو آهي. ڇا شاهہ بيگ ڄام فيروز جي اهل ۽ عيال سان ان قسم جو ڪو برو سلوڪ ڪيو! آخر ڇو نہ اٿين ڪيائين؟ فقط هن سبب جي ڪري جو شاهہ بيگ ارغون وڏو عالم فاضل ۽ عبادت گذار ۽ تقويٰ وارو شخص هو. هن خوف خدا جي ڪري پنهنجي مخالف جي ٻاتين جي عصمت ۽ شخصي حفاظت لاءِ حويليءَ جي در تي چڱا ماڻهو موڪليا، ان جي عزت ۽ ناموس بچايائين.

شاهہ بيگ جي هٿان ٺٽي شهر جي فتح بابت وڏيڪ ذڪر ڪندي مورخ لکي ٿو تہ، " نيٺ انهيءَ وقت جي هڪ عالم ۽ فاضل قاضي قاضن جي ڪوشش سان اها غضب جي باهہ ٿڌي ٿي، ڇاڪاڻ تہ قاضي جو اهل وعيال پڻ قيد هو ۽ چريا وانگيان پنهنجي وڃايلن کي ٺٽي جي گهٽين ۾ ٿي ڳوليائين. نيٺ هڪ خط تيار ڪيائين جنهن

۾ ماڻهن جي خراب حالت جو ذڪر لکيائين. اهو خط حافظ محمد شريف امام، شاهه بيگ جي گذارش ۾ آندو. انهيءَ خط پڙهڻ سان شاهه بيگ جي دل تي وڏو اثر ٿيو ۽ پڙهو گهمايائين ته ٺٽي جي ماڻهن جي مال ۽ عيال کي ڪوبه هٿ نه لائي ۽ پنهنجيءَ ٻنيءَ مان هڪ تير ڪڍي قاضيءَ کي ڏيني ساڻس گڏ ماڻهو ڏنائين ته پاڻ جنهن ڏانهن اشارو فرمائين سو ماڻهو سندن حوالي ڪيو وڃي." (صفحه ٥٤) فاتح شاهه بيگ جي اها ڪمال رحمدلي ۽ شفقت چئبي جو هن جي دل تي قاضي قاضن جي خط جو وڏو اثر ٿيو ۽ ٺٽي جي ماڻهن جو عيال ۽ مال محفوظ رهيو. جوبو صاحب ٻڌائي ته شاهه بيگ ارغون تي قاضي صاحب جي خط جو اثر ڇو ٿيو؟ سبب فقط هي آهي ته شاهه بيگ بادشاهه هوندي به پنهنجيءَ دل ۾ خدا جو خوف رکندو هو. اڳتي هلي تاريخ معصوميءَ وارو لکي ٿو ته، شاهه بيگ طبعي رحمدليءَ جو مظاهرو ڪندي جام فيروز کي بخشي ڇڏيو. هو جڏهن پشيمان ٿيو. " تڏهن شاهه بيگ ڪيس انهيءَ سوني پرت پريل وڳي سان جيڪو سلطان حسين مرزا مير ذوالنون کي ڏنو هو، سرفراز ڪري ٺٽي جي حڪومت سندس حوالي ڪئي ۽ فيصلو ٿيو ته جام فيروز شهر ۾ اندر وڃي ۽ پنهنجن ماڻهن کي وٺي وڃي اصلوڪين جاين ۾ وهاري." (صفحه ١٥٥) اهوئي صحيح عالم فاضل ۽ صاحب تقويٰ مرزا شاهه بيگ ارغون جو شان هو جيڪو مفتوح علائقو شڪست کاڌل جام فيروز کي سوني پرت پريل وڳي سان سرفراز ڪري ٻيهر ٺٽي جي حڪومت سندس حوالي ڪيائين! اهڙو ڪو ٻيو مثال سنڌ جي تاريخ مان پيش ڪري سگهبو؟

شاهه بيگ جو سفر آخرت

تاريخ معصوميءَ ۾ شاهه بيگ جي آخري گهڙين بابت هڪ دلچسپ ۽ دلسوز احوال نقل ٿيل آهي، جنهن کي پڙهي اکيون آبديده ٿيون ٿين. قارئين آڏو هي سمورو احوال نقل ڪجي ٿو، ان مان اوهان جوبي صاحب جي الزامن جي حقيقت کي پروڙي وٺندا. تاريخ معصومي جو مصنف مير معصوم لکي ٿو ته چون ٿا ته جڏهن شاهه بيگ " قريب المرگ ٿيو، تڏهن حافظ محمد شريف کي گهرائي ياسين سورة سڳوري جي پڙهڻ جو حڪم ڏنائين. جڏهن حافظ ايت " ومالي لا اعبد الذي فطرني واليه ترجعون (آءٌ ڇو نه عبادت ڪيان، انهيءَ ذات جي جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي، ۽ اوهان پڻ انهيءَ ڏانهن موٽايا ويندا) تي پهتو ته هوش ۾ اچي فرمايائين ته اي قاري

وري پڙهـ. تي پيرا وري وري پڙهايائين ۽ جڏهن ايت قال ياليت قومي يعلمون بما غفرلي ربي (ڪاش منهنجي قوم کي معلوم هجي ها تہ منهنجي رب ڪهڙيءَ چيز جي بدولت منهنجي مغفرت ڪئي) تي پهتو تہ جان حق پاڪ جي حوالي ڪيائين ۽ هيءَ واقعو تاريخ ٢٢ شعبان سنہ ٩٢٨هـ ۾ ٿيو ۽ اهائي مرزا شاهہ بيگ جي وفات جي تاريخ آهي. انهيءَ رات امير ۽ مکيہ ماڻهو مرزا شاهہ حسن جي تابعداري ڪري، تعزيت جي رسمن ۾ لڳي ويا ۽ چنگيزي خاندان جون رسمون بجا آڻي سندس لاش کي بکر موڪليائون. ٽن سالن کان پوءِ شاهہ بيگ جي صندوق مکي شريف موڪليائون، جتي جنة المعليٰ ۾ دفن ڪري عاليشان عمارت ٺهرايائون" . (ص ١٦٧)

حقيقت ڪري قوم پرستيءَ جي آڙ ۾ جويي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ مرزا شاهہ بيگ ارغون جي انهيءَ تقويٰ ۽ مذهب پوستيءَ کي نشانو بڻايو آهي.

مرزا شاهہ بيگ ۽ سندس وڏي چنگيز خان جا ظلم

سنڌ جي رهاڪن مٿان فاتح مرزا شاهہ بيگ مرحوم جي زيادتين جي احوال بابت جويي صاحب تاريخ معصوميءَ مان چند مثال ڏنا آهن ۽ انهن ني ظلمن کي جويو صاحب وڏو هيبتناڪ تصور ڪري ٿو. پر موصوف دنيا جي تاريخ ني پڙهي نہ آهي. جيڪڏهن فقط يورپ جي تاريخ پڙهي ڏسندو ۽ معلوم ڪندو تہ اتان جي فاتحن پنهنجن مفتوحن سان ڪيڏا نہ ڪلور ڪيا آهن. پوءِ يقين اٿم تہ انهن جي مقابلي ۾ جويو صاحب مرزا شاهہ بيگ ارغون کي معصوم تصور ڪندو. مثال طور محترم جويي صاحب کي خبر هوندي تہ مرزا شاهہ بيگ ارغون چنگيزخان جي اولاد مان هو ۽ چنگيز مسلمان نہ پر ٻڌ ڌرم جو پوئلڳ هو. جيڪي وري پاڻ کي اهنسا جا پوڄاري ڪوٺيندا آهن. اهنسا ۾ يقين رکڻ وارا نانگ جهڙي موذي جانور کي بہ مارڻ ڏوهہ سمجهندا آهن. ڇا جويي صاحب کي پتو آهي تہ اهنسا جي پوڄاري ۽ مرزا شاهہ بيگ مرحوم جي جد امجد چنگيز خان فاتح پنهنجن مفتوحن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟

چنگيزخان جي ظلمن جي داستان بابت يورپ جي نامور فلسفي ۽ ممتاز دانشور آنجهاني برٽراندرسل (Russel) جي ڪتاب (The Probelem of China) مان هڪ حوالو نقل ٿو ڪريان. جويي صاحب کي گذارش آهي تہ پروفيسر رسل جي مٿين ڪتاب مان هي اقتباس غور سان پڙهي ۽ پوءِ پنهنجي من کان پڇي تہ چنگيز جو هي اولاد

مرحوم شاهہ بيک ارغون (مسلمان) پنهنجي وڏي پڏ ڏرم جي پوڄاريءَ جي ظلمن جي مقابلي ۾ معصوم ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟ پروفيسر رسل پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ، " پوري وچ ايشياجي جن شهرن تي چنگيز خان قبضو ڪيو هو، هن اتان جي هر هڪ مرد، عورت ۽ ٻار کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو. جڏهن مرو (Merv) تي فتح حاصل ڪيائين تہ هن (بدنصيب) شهر جا ست لک ماڻهو قتل ڪري سڄي شهر ۾ ويراني آندي ۽ ان کي بيابان بڻائي ڇڏيائين. پر ڇيو وڃي ٿو تہ ڪيترائي ماڻهو مڪر فريب کان ڪم وٺي پاڻ کي مئل ڄاڻائي لاشن ۾ ڪري بچي نڪتا. ان اٽڪل کي روڪڻ لاءِ نيشاپور شهر تي قبضي ڪرڻ بعد فورًا چنگيزي حڪم ٿيو تہ سڀني شهرين جا سر ڪپيا وڃن ۽ اهڙيءَ طرح وڏيل سرن جا ٽي مخروطي منارا ٺاهيا ويا هئا. هڪ مردن لاءِ ٻيو عورتن لاءِ ٽيون ننڍن ٻارن لاءِ. وڏيک انديشو محسوس ڪيو ويو تہ مبادا ڪي ماڻهو زير زمين لڪي موت کان بچي وڃن، ان ڪري چنگيز خان سپاهين جي ڪٽڪ کي نيشاپور شهر ۾ ترسايو ۽ کين حڪم ڪيو تہ جو ڪوبہ شخص پاڻ کي ظاهر ڪرائي تہ ڪيس اتي جو اتي قتل ڪجي. چنگيزي فوجن ماسڪو، ڪيف، هنگري ۽ پولنڊ ۾ بہ خونريزي جون ساڳيون هيبتناڪ ڪاروايون ڪيون هيون." (ص :٢٩، ٽيون ڇاپو)

هتي جوڻي صاحب لاءِ غور جو مقام آهي. مرحوم مرزا شاهہ بيگ ارغون بہ ٺٽي شهر تي ائين قابض ٿيو هو، جيئن سندس وڏو چنگيزخان وچ ايشياني شهرن تي فتح حاصل ڪئي. پوءِڇاجي ڪري مرزا شاهہ بيگ ارغون ٺٽي جا سڀني مرد، عورتون ۽ ٻار ائين قتل نہ ڪرايا جيئن مرو توڙي نيشاپور شهرن ۾ چنگيز مارايا هئا؟ سبب فقط هي آهي جو اقتدار جي هوس جي باوجود شاهہ بيگ ارغون کي الله تعاليٰ جو خوف هو ۽ آخرت جي عذاب کان ڊڄي هن ٺٽي شهر ۾ قتل عام جو حڪم نہ ڏنو، پر ڇام فيروز جي اهل و عيال جي نظرداري ڪرڻ لاءِ پنهنجا خاص چوبدار مقرر ڪرايائين. ساڳيءَ طرح هلاڪو خان بہ چنگيزخان جو پوٽو هو ۽ شاهہ بيگ بہ ان جي نسل سان تعلق رکندو هو. سنہ ١٢٥٩ع ۾ ظالم هلاڪوخان بغداد تي حملو ڪيو ۽ هن شهر تي ائين قابض ٿيو جيئن ١٥٢٠ع ۾ مرزا شاهہ بيگ ٺٽي تي ٿيو هو. ڇا محترم جوڻي صاحب کي خبر آهي تہ هلاڪو بغداد ۾ ڪيترو نہ ڪلور ڪيو؟ مورخ ابن خلدون لکيو آهي تہ هلاڪو جي حملي وقت بغداد جي آدم شماري ويهہ لک هئي، جنهن مان هلاڪو ارڙهن لکن ماڻهن کي مارائي ڇڏيو، پر پروفيسر هٽي (Hitti) صاحب پنهنجي ڪتاب " عربن جي تاريخ" (History of the

(Arabs) ۾ لکي ٿو تہ. " بغداد جي شهرن ۾ لاشن جا ڍير پيل هئا ۽ بدبوءِ ۽ عفونت ڪري وبائي بيماريون سڄي شهر ۾ ڦهلجي ويون، ان ڪري ٿورن ڏينهن لاءِ هلاڪو بغداد جي خونريزيءَ تان هٽي ويو هو. پوري شهر ۾ ڦر لٽ ڪرائي وئي، باهہ ڏني وئي، شهر جي وڏي آبادي، خليفي جي اهل و عيال سميت نيست و نابود ڪئي وئي.

(The city (Baghdad) it self was given over to Plunder and flames. The majority of its population in cluding the family of the Caliph were wiped out of existence. Pestilential odour emitted by corpses strewn unburried in the streets compelled Halagu to, withdraw from the town for a few days. (P_ 487).)

ڇا مرزا شاهہ بيگ مرحوم بہ ٺٽي جي رهاڪن سان اهڙو ظلم ٺٽي ڪري سگهيو؟ جنهن قسم جي تعدي هلاڪو بغداد جي رهاڪن سان ڪئي هئي، فاتح شاهہ بيگ سڀ ڪجهہ ڪري ٿي سگهيو، مگر هو عالم فاضل شخص هو. عابد ۽ پرهيزگار هو. ان ڪري سندس دل تي هميشہ واحد القهار جو ڊپ هوندو هو. پنهنجن ابن ڏاڏن جي نقش قدم تي نہ هليو. جويي صاحب کي معلوم هجڻ گهرجي تہ شاهہ بيگ ارغون کان بہ سو سال بعد ۾ سنہ ١٧٣٩ع ۾ نادر شاهہ ايراني دهليءَ تي حملو ڪيو هو ۽ هن ظالم شهر جا هڪ لک ماڻهو مارآيا هئا. نادرشاهہ وڏو سفاڪ ۽ ظالم شخص هو. نہ عابد هو نہ زاهد، هن جي دل ۾ شاهہ بيگ ارغون وانگر خدا جو خوف ڪونہ هئو، ان ڪري ماڻهن جي قتل ڪرڻ ۾ ڪوبہ شرم محسوس نہ ڪندو هو.

مرزا شاهہ بيگ ارغون جي خوبين باوجود چوٿو پوندو تہ هن کي سنڌ اندر ماڇين، سهتن، سوڍن ۽ بلوچن جي ڪن قبيلن کي قتل ڪرڻ جو جواز ڪونہ هو. پر ان لاءِ بہ سچ پچو تہ يقين سان ڪجهہ چئي نٿو سگهجي، ڇو جو سنڌ جي تاريخ تي ڊاڪٽر سارلي جي لکڻ مطابق اوندهہ ڇانيل آهي. ڪهڙين حالتن پيش اچڻ ڪري شاهہ بيگ هي قدم کنيو؟ تاريخ فقط ٻڌائي ٿي تہ انهن سرڪشي ڪئي هئي. تاريخ ۾ اهڙا مثال بہ ملن ٿا تہ ڪڏهن ڪڏهن غلط فهميءَ جو شڪار ٿي فاتح حڪمرانن قتل عام جو حڪم ڏنو هو. مثال طور ١٨٥٠ع ۾ بلوچستان اندر اسان جي پنهنجي بگٽي قبيلي سان اهڙو هڪ واقعو پيش آيو. فرنگي فوجون اسان جي ڳوٺ جي ويجهو آيون ۽ اسان جا سادا ماڻهو گوري چمڙي ڏسڻ لاءِ هجوم ڪري ٻاهر بيٺا هئا. هو فقط تماشو ڏسڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا، پر انگريزن کي اسان جي

قبيلي جي تاريخ جي ڄاڻ هئي، تہ هي بهادر ۽ ويڙهو قبيلو آهي. ان غلط فهميءَ جي ڪري هنن اسان جي پرامن ۽ تماشبين ماڻهن تي گولين جو وسڪارو ڪيو ۽ اتي جو اتي اسي ماڻهو قتل ٿيا. اسان جي وڏن کي انگريزن جنگي قيدي بڻائي انهيءَ سال لاڙڪاڻہ ۾ آباد ڪيو. سو چوڻ جو مقصد آهو آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ ماضيءَ ۾ بہ اهڙا واقعا ظهور پذير ٿيا هجن. قوم پرست جوڻي صاحب کي تہ مرزا شاهہ بيگ ارغون جون اوٽايون ياد ٿيون اچن ۽ ان جو بهانو بڻائي اسان جي اسلامي برادر واري تصور تي جلهون ٿو ڪري، پرڳستاخي ڪري ڪانٽس پڇان ٿو تہ ڇا پنهنجي سنڌي حڪمران ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي کان بہ ظلم جا افعال سرزد نہ ٿيا هئا؟ تاريخ ۾ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي هڪ اهڙي ظلم جو داستان ملي ٿو، جنهن کي پڙهي بي اختيار ڳوڙها ڪرن ٿا. ميان غلام شاهہ پنهنجن ٻن صغير ڀائٽين (ميان مراد ياب خان جي پٽن) عباس علي ۽ حسين عليءَ کي ٻيڙيءَ ۾ ويهاري ٻوڙائي ڇڏيو. (تاريخ ڪلهوڙا جلد ٻيو صفحو ٥٩٣ از مهر) ٻڌايو تہ معصومن هن جو ڪهڙو گناهہ ڪيو هو؟ سي بہ سندس ڀائٽيا! هن قسم جي ظلم جا مثال تاريخ ۾ تمام ٿورا ملندا.

تاريخ معصوميءَ مان سنڌ اندر ارغوني حڪومت جي طريقي بيان ڪرڻ کان پوءِ مسٽر جوڻيو سنڌ اندر مغل حڪومت جي ڏاڍاين بيان ڪرڻ بابت تاريخ مظهر شاهہ جهانيءَ مان حوالا نقل ڪري ٿو ۽ هتي بہ جوڻي صاحب اصل ڪتاب مان صفحن جا حوالا ڪونہ ڏنا آهن. محترم جوڻي صاحب پنهنجي ڪتاب جي ٤٢ کان ٥٠ صفحن تائين مظهرشاهہ جهانيءَ مان حوالا نقل ڪيا آهن. هي ڪتاب اصل فارسيءَ ۾ هڪ مذهب پرست ۽ خدا ترس شخص يوسف ميرڪ ولد ميرابوالقاسم نمڪين (پير حسام الدين راشدي صاحب جي تحقيق مطابق سنہ ١٠٤٤ هجري ڌاران لکيو. تاريخ مظهرشاهجهانيءَ جو مرتب محترم پير حسام الدين راشدي صاحب ڪتاب جي اردو ديباچي ۾ سندس سبب تاليف بابت لکي ٿو تہ، ” شاهہ جهان جيسي هي تخت نشين (٨ جمادالثاني ١٠٣٧هہ) هوا اس نی اعتماد الدوله مير غياث کی پوتی، مرزا احمد بيگ خان کو سيوستان کا جاگيردار بناکر بهيج ديا. يہ شخص بيحد سست نااهل اور نکما آدمی تها. اس ني مردون کی مجلس اور حکومت کی کاروبار پر عورتون کي صحبت اور زنانخانی کی نشست کو ترجيح دي اور حکومت کي باگ دور اپني ايک ظالم اور سفاک بهائی مرزا يوسف کی حوالی کردی جو اپنی فطرت کی لحاظ سےازحد پست، ذليل،

بيرحم اور بيهوده آدمی تها. يوسف ميرک نی اس کی متعلق لکها هي کہ وه اتنا سفاک تها کہ حجاج بن يوسف جيسے ظالم اظلم بهي اس کی سامنی ادنیٰ شاگرد کي حيثيت رکهتا تها." (تاريخ مظهر شاهجهاني ص: ٢١)

تاريخ مظهر شاهہ جهاني دراصل سنڌ ۾ مغل بادشاهہ مرحوم شاهجهان جي مقرر ٿيل جاگيردار مرزا احمد بيگ خان ۽ سندس سفاڪ پاٽ مرزا يوسف جي ظلمن جو هڪ داستان ۽ بيان آهي. حيرت آهي جو اسان جي بزرگ جوبي صاحب پير صاحب جي اردو پيش لفظ مان حوالا ڪدي پنهنجي ڪتاب ۾ نقل ڪيا آهن.

تاريخ مظهرشاهہ جهاني جو مصنف

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سنڌ ۾ مغل جاگيردار مرزا احمد بيگ ۽ سندس پاٽ مرزا يوسف وڏا ظالم شخص هئا. پر انهن پنهي پاڻن جي زيادتين مان اها مراد وٺڻ تہ اسلامي ڀائيچاري وارو تصور ئي غلط آهي، سراسر غلط ۽ بي بنياد آهي. جيئن جوبي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي. جوبي صاحب کي خبر هئڻ گهرجي تہ مغل جاگيردارن جي ظلمن کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ يوسف ميرڪ مذهبي جذبي ڪري پنهنجو ڪتاب لکيو هو. جو تہ اسان جي مذهب ۾ظالم خلاف آواز بلند ڪرڻ جهاد ۾ شامل آهي. يوسف ميرڪ مظهر شاهجهاني جي ديباچي ۾ لکي ٿو تہ، " جيئن سنڌ ولايت جا احوال لاعلاج ٿي ويا تہ هن قرآني آيت جي تقاضا مطابق تہ ، " ولاتکتموا الشهادة ومن يکتمها فانه آثم قلبه والله بما تعلمون عليم" (گواهي کي نہ لڪايو ۽ جو شخص ان کي لڪائيندو تہ (ان حالت ۾) هن جي دل گنهگار رهندي ۽ جو ڪجهہ ڪريو ٿا. خدا ان کي ڄاڻي ٿو) پنهنجو بيان شاهجهان بادشاهہ جي آڏو عرض رکڻ جو ارادو ڪيو." (پيش لفظ صفحہ ٣٤، ٣٥ از پير صاحب) تاريخ مظهر شاهہ جهاني سنڌ ۾ مغل صوبيدارن جي ظلم خلاف وڏي چارج شيٽ آهي ۽ ان جي مصنف يوسف ميرڪ مٿين قرآني آيت جي تعميل ڪندي هي قيمتي ڪتاب تصنيف ڪيو. ڇا ان مان اسلامي ڀائيچاري جي ثابتي ڪانہ ٿي ملي؟ خود يوسف ميرڪ اهل سنڌي بہ نہ هو، جو پاڻ کي نسب جي لحاظ کان حسيني ۽ ڄاءِ پنداش توڙي وطن جي لحاظ کان هروي البجقي ڪوٺي ٿو. مصنف پنهنجي ڪتاب ۾ مذهبي جذبي کان سر شار ڏسڻ ۾ ٿو اچي. ڪتاب جو خاتمو (صفحہ ٢٥٥) عربي جي شعرن سان ڪري ٿو. چند شعرن جو ترجمو هيٺ

ڏجي ٿو:

" نـفـس لا تـقـنـطـي مـن زلـة عـظـمـت
ان اکـبـائـر فـي الـغـفـران کـالـمـمـ
لـعـل رحـمـة ربـي حـيـن يـقـسـمـهـا
تـاتـي عـلـيٰ حـسـب الـعـصـيـان فـي الـقـسـم

يعني تہ " اي دل وڏن گناهن جي ڪري نااميد نہ ٿي ڇاڪاڻ تہ بخشش ۾ وڏا گناہ ننڍا آهن. اميد آهي تہ الله جي رحمة جڏهن وراهبي تہ گناهن جي موافق ٿيندي، جنهن جا وڏيڪ گناہ هوندا، ان لاءِ رحمة بہ وڏي هوندي" مظهر شاہ جهاني جي فاضل مرتب پير حسام الدين راشدي صاحب جي خدمت ۾ گذارش ڪندس تہ مٿيان ۽ باقي عربي شعر مشهور قصيده برده شريف مان مير يوسف ميرڪ نقل ڪيا آهن، عربيءَ ۾ قصيده برده جو مصنف امام شرف الدين بوصيري رحمة الله عليه آهي. هي صاحب ڪوڙہ جي موذي بيماريءَ ۾ مبتلا هو ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جي شان اقدس ۾ هڪ وڏو قصيدو لکيائين، رات جو پاڻ ڪريم جن ڪي خواب ۾ ڏنائين تہ امام بوصيري جي مٿان چادر (برده) پيا اوڙهين ۽ صبح جو امام صاحب ڪوڙہ جي مرض مان بالڪل تندرست ٿيو. پير حسام الدين راشدي بہ رسول خدا تي صلواة ۽ درود پڙهڻ سان هڪ موذي مرض کان شفاياب ٿيو هو، ملاحظ ٿئي پير صاحب جو ڪتاب " هو ڏوٿي هو ڏينهن" جو ديباچو، تہ گذارش ڪرڻ جو مقصد هي آهي تہ جيڪڏهن يوسف ميرڪ مذهبي ۽ ديني جذبي سان سرشار نہ هجي ها تہ مظهر شاہ جهاني جهڙي قيمتي ڪتاب کان اسان محروم ٿي وڃون ها. ان حساب سان جوبو صاحب ڪهڙي طرح اسان جي مذهب تي حملا ڪري ٿو؟ ڇا احمد بيگ يا سندس پاٽ مرزا يوسف جي ظلمن جو جواز اسان جي مذهب ۾ آهي؟ ۽ جڏهن ظلم ڪيائون تہ هڪ ٻئي مذهبي شخص يوسف ميرڪ سندن ظلمن کي بي نقاب نہ ڪيو؟

شاہ جهان رحمدل بادشاہ هو

حقيقت هيءَ آهي تہ مٿيان ٻئي پاٽ انفرادي طور سنڌ ۾ ظلمن جا جوابدار آهن، ورنہ ان وقت جو بادشاہ مرحوم شاہ جهان هڪ رحمدل، نيڪ سيرت انسان هو. هن پنهنجي حڪومت ۾ امن امان قائم ڪيو هو. مشهور مغربي تاريخدان پروفيسر اسٽنلي لين پول (Lane poole) انگريزي زبان ۾ مغل شهنشاہ حضرت اورنگزيب

مرحوم جي سوانح لکي آهي جا پهريون ڇپرو ١٨٨٣ع ۾ شايع ٿي هئي. هن ڪتاب ۾ هي فاضل تاريخدان مرحوم شاهه جهان جي عهد حڪومت جي بي حد تعريف ڪري ٿو ۽ لکي ٿو ته " شاهجهان جو عهد حڪومت خاص طرح پنهنجي پرامن ترقي ۽ خوشحالي لاءِ مشهور آهي."

(The reign of shah Jahan is notable chiefy for peaceful prosperity. Aurangzeb. P _15)

لين پول صاحب اڳتي هلي شاهه جهان جي نظام حڪومت بابت هڪ فرينچ سياح تيورنير (Tavernier) جي راءِ نقل ڪري ٿو جيڪو سندس ئي حڪومت ۾ هندستان آيو هو: ٽيورنير لکيو ته" شاهه جهان جي حڪومت به ماڻهن مٿان ائين آهي، جيئن پيءُ جو سهارو ڪٽنب تي، رستا با سلامت آهن. ملڪ ۾ انصاف ۽ قانون جي حڪومت آهي ۽ سندس وقت جي هڪ هندو مصنف جي به اها راءِ هئي:

(The french traveller Tavernier speaks of the gracious Government of the emperor as, Like that of father over his family, and bears witness to the security of the roads and the just administration of the law. p_ 15)

شاه جهان بابت آخري رمارڪ ڏيندي پروفيسر لين پول لکي ٿو ته " شاهه جهان سيني مغل بادشاهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پيارو ۽ منٺار هو."

(No other Mughul emperor was ever so beloved as Shah Jahan. p_ 16)

اهوئي سبب آهي جو هي محبوب بادشاهه پاڄ ڪانڻ بعد جڏهن ٺٽي ۾ آيو ته سنڌي عوام هن جي بي حد عزت ۽ تڪريم ڪئي هئي، جنهن جي عوض حضرت شاهه جهان ٺٽي ۾ تاريخي جامع مسجد ٺهرائي هئي جا اڄا تائين موجود آهي، مون کي به هڪ دفعي هن مسجد شريف ۾ جمعي نماز پڙهڻ جي سعادت حاصل ٿي.

گفتگو جو ماحصل نڪتو ته شاه جهان پاڻ ظالم هرگز نه هو. هن شريف انسان مرزا احمد بيگ توڙي سندس لوفر پاءُ مرزا يوسف کي سنڌ واسين تي ظلم ڪرڻ جي پاڻ هرگز اجازت نه ڏني هئي. هنن پاڻرن جيڪڏهن ڪميناپ جو مظاهرو ڪيو ته ان لاءِ جويو صاحب اسان جي دين اسلام کي ڪيئن جوابدار ٺهرائي ٿو. ڇا احمد بيگ جهڙن بدمعاشن جي ظلمن ڪري اسين اسلامي اخوت کي هدف تنقيدونبڻايون؟ واهه جويا صاحب تنهنجو انصاف؟

مذهب، ظلم ۽ جارحيت

معصومي توڙي تاريخ مظهر شاهه جهانيءَ مان سنڌ مٿان ارغونن توڙي دهليءَ جي مغلن جي ظلمن بيان ڪرڻ ڪان پوءِ جويو صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ هيٺيون نتيجو ڪڍي ٿو ته، " تاريخ جي هي هڪ عالم آشڪار حقيقت آهي ته مذهب ڪنهن ملڪ، قوم يا سماج ڪي ٻني ڪنهن ملڪ، سماج يا قوم جي اگرائيءَ، ڦر مار ۽ غلاميءَ ڪان بچاءَ جو ڪم ڪونه ٿو ڏني، چاهي اگرائي ڪندڙ ۽ ڦر مار ڪندڙ قوم ڪا هم مذهب قوم ئي ڇونه هجي. مذهب هڪڙيءَ ڪنهن قوم ڪي ٻيءَ ڪنهن قوم تي حملي ڪرڻ، ان ڪي ڦرڻ لٽڻ ۽ ان ڪي غلام بنائڻ ڪان روڪ جو ڪم به ڪونه ٿو ڏني، چاهي اها ٻي قوم ان جي هم مذهب قوم ئي ڇونه هجي." (ص ٣٩)

مذهب بابت جويي صاحب جي هن الزام جو جواب ته مون سرسري طور مٿي ڏنو آهي. پر پڙهندڙ حضرات معلوم ڪري وٺا هوندا ته جويو صاحب جي اصل منشا مذهب جي مخالفت آهي، سوبه شاهه، سچل ۽ سامي جهڙن صوفين ۽ مذهبي شخصن جي نالن تي.

سامي هڪ ڪٽر مذهبي شاعر هو

شاه ۽ سچل ته فنا في الله صوفي ٿي گذريا آهن، جن جي ذهن تي هميشه خدائي نشو ڇڙهيل هو. پر سامي به هڪ وڏو درويش ۽ الله لوڪ شخص ٿي گذريو آهي. جويي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ مذهب دشمنيءَ جو جنهن نموني مظاهرو ڪيو، هيٺ سندس خيال ۽ منطق جي ترديد لاءِ خود ساميءَ جي سلوڪن مان چند حوالا عرض رڪان ٿو. هي ڪيڏو نه غضب آهي جو جويي صاحب مذهب پرستن جي نالي ڪي استعمال ڪري خود مذهب جي مخالفت ڪئي آهي، اهو به ائين آهي جيئن ڪميونزم جي مخالفت لاءِ مارڪس جو نالو استعمال ڪجي يا نيشنلزم جي مخالفت لاءِ ميڪاولي ۽ مئزني جا نالااِستعمال ڪجن. اها ته ڄاڻي واڻي جهالت چئبي، ڀائي چينراءِ صاحب ١٧۴٣ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو ۽ ١٨٥٠ ع ۾ وفات ڪيائين. هن ڪلهوڙن توڙي ميرن جا ٻئي دور ڏٺا. ڀائي چينراءِ پنهنجي مرشد سوامي مينگهراج صاحب ۾ مڪمل فنا ٿي هن ڪي عزت بخشڻ لاءِ سامي يا ٻانيڻ جو تخلص اختيار ڪيو. مولانا روميءَ به پاڻ ڪي شمس تبريز جي عشق ۾ فنا ڪيو هو. جيئن حافظ شيرازيءَ جو ڪلام سندس دوست محمد گل اندام گڏ ڪيو، تيئن ساميءَ جو

•ڪلام بہ سندس پٽ ڀائي گهنشامداس گڏ ڪيو هو. ذراساميءَ جي ڪلام مان هيٺيان بيت پڙهي ڏسو ۽ پوءِ جويي صاحب جي سوچ تي رحم ڪريو سامي چوي ٿو:

" محبتي مطلب، ڪنهن سان رکن ڪينڪي،
وهي جن جي روح ۾، راتيان ڏينهن رب
ڳالهيون ڪن عرش جون، عجائب عجب
توڙي لائي لوڪ لقب، تہ بہ مست رهن مهراڻ ۾"

سامي ماده پرست انسانن جي رهنمائي ڪندي چوي ٿو تہ الله تعاليٰ جي ذات سچ وانگر پڌري آهي پر هي انڌا پنهنجي اک پٽي هن کي ڏسي نٿا سگهن.

" پرميشر پرتڪ سامي سورج جان رهي،
انڌا ڏسن ڪينڪي پٽي پنهنجي اک
ڪوهہ ڪرين جک جک، تو در در ديوانن جان"

"اندر ٻاهر رام، سامي جنهن سهي ڪيو،
مٽي تنهنجي من مون ڀي سڀ خودي خام،
ڪياءِ ڪلپت ڪڏي ڪري، انيءَ منجهہ آرام،
ڀري ڪين سلام، در در ديوانن جان".

ساميءَ جي ڪلام ۾ ايڏو تہ سوز ۽ گداز آهي جو اهل دل کي روناري ڇڏي ٿو. اڄوڪو ماده پرست انسان ڇرين وانگر در در سلام ان ڪري ڀري ٿو جو هن جي اندر ٻاهر رام جو تصور موجود نہ آهي. اهوئي آهي ساميءَ جي ڪلام جو نچوڙ، جنهن کي جويو صاحب مذهب دشمنيءَ لاءِ هٿيار طور استعمال ڪري ٿو.

مذهب، حملو ۽ ڦرمار

محمد ابراهيم جويو صاحب پنهنجي زير تبصره ڪتاب ۾ شڪايت ٿو ڪري تہ مذهب همذهب وارن کي بہ ڦرمار، قتل ۽ غلاميءَ کان بچائي نٿو سگهي ۽ ان کي محترم تاريخ جي هڪ عالم آشڪار حقيقت ٿو ڪوٺي. مان ڪيس ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ مٿيون قاعدو ٻين مذهبن سان تہ بيشڪ لاڳو ڪري سگهجي ٿو پر اسان جي دين اسلام تي اهو عظيم بهتان آهي، جنهن لاءِ جويي صاحب وٽ ڪا تاريخي سند نہ آهي. ڪن ارغون ۽ مغل صوبيدارن سنڌ واسين سان زيادتيون ڪيون ۽ اهڙن مثالن کي بهانو بڻائي اسلامي ڀائيچاري واري تصور جي مذمت ڪرڻ سخت ناداني آهي. سڀ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر

آهن ۽ اهي ڪهڙي به علائقي يا ڪي سان تعلق ڇونه رکن. مسلمانن هميشه هن قرآني احڪام " ڪل المومنين اخوة" (سڀ مومن پاڻ ۾ ڀائر آهن) تي عمل ڪري ڏيکاريو ۽ سندن مخالفن به شاهدي ڏني ته پاڻ ۾ ڀائيچاري جو سبق جنهن نموني سان اسلام ۾ مليو ٿو، ان جو مثال ٻئي هنڌ ملڻ مشڪل آهي. مغل جاگيردار احمد بيگ چاهي سندس لوفر ڀاءُ مرزا يوسف جي ڏاڍاين ڪري اسان جي نظريه کي چيلينج نٿو ڪري سگهجي بقول علامه اقبال:

"ايک هون مسلم حرم کی پاسبانی کی لئي
نيل کي ساحل سی ليکر تابخاک کا شغر"

مغرب جي متعصب تاريخدانن به اسان جي مسلم برادري واري تصور کي قبول ڪيو آهي ۽ پنهنجن تاريخن ۾ لکيو اٿن ته مسلمان هڪ ئي امت آهن ۽ سندن وچ ۾ رنگ نسل، ڪاري، توڙي ڳاڙهي جي ڪا تميز نه آهي ۽ سڀ وحدت ۾ سمايل آهن. موجوده آمريڪا جا ڪارا توڙي اڇا باشندا ٻئي عيسائي مذهب جا پيرو آهن، پر ان هوندي به امريڪا جا ڪارا حبشي پنهنجن بنيادي حقن کان محروم آهن. ڪجهه وقت ٿيندو ته ٽائم مئگزين ۾ هڪ حيرت انگيز مضمون ڇپيو هو جو سيني شائقين پڙهيو هوندو. آمريڪا جي هڪ اڇي چمڙي واريءَ هڪ عورت جي صغير پٽ کي اسپتال ۾ رت ڏيڻ جي ضرورت پئي هئي، ڊاڪٽرن ڪيس ٻڌايو ته في الحال اسان وٽ لئبارٽريءَ ۾ اڇي چمڙي وارن جو رت موجود نه آهي، باقي ڪاري چمڙي وارن جو رت دستياب آهي، اجازت ڏيو ته ٻالڪي کي حبشيءَ جو رت ڏيون. ان تي مائي صاحبا رڙ ڪري چوڻ لڳي ته، منهنجو ٻار مري ته مرڻ ڏيوس پر ڪارن جو رت هن جي بدن ۾ داخل نه ڪيو. جيڪڏهن اوهان اصرار ڪندا ته مان ڪورٽ ۾ اوهان تي سول دعويٰ داخل ڪنديس. آخرڪار هي ننڍڙو ٻار رت نه ملڻ ڪري مرندي مري ويو، پر کيس ڪاري چمڙي وارن جو رت نصيب نه ٿيو. پر اسان جي مذهب اسلام ۾ ڪارن توڙي اڇن جي وچ ۾ فرق نه آهي. جوبي صاحب کي خبر هوندي ته مشهور صحابي حضرت بلال رضه رنگ جو ڪارو حبشي هو، پر ان هوندي به حضرت عمر رضه هن جي لاءِ چوندو هو ته "البلال سيدنا واميرنا" يعني " بلال اسان جو سائين ۽ امير آهي" اسلام جي هن باهمي ڀائيچاري واري تصور کي مغربي مورخن به تسليم ڪيو آهي. هتي جوبي صاحب جي خدمت ۾ مشهور تاريخدان پروفيسر فلپ - ڪي - هٽيءَ جي ڪتاب " عربن جي تاريخ" (The History of Arabs) مان هڪ حوالو عرض رکان ٿو. هو لکي ٿو ته، " ڏسڻ ۾ ايندو ته سيني دنيا جي مذهبن جي پيٽ ۾ پنهنجي برادري

اندر نسليت، رنگ، توڙي قوميت جي رنڊڪن کي ڊاهڻ ۾ اسلام کي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ٿي آهي."

(Of all world religions Islam seems to have attained. The largest measure of success in demolishing the barriers of race, colour, and nationality at least within the confines of its own community. P_ 136.London: 1953Ed)

اسلام ۽ ظلم

محترم جويي صاحب ڪن ظالم صوبيدارن جي فعلن تي ناراض ٿي لکيو آهي ته مذهب حملہ آورن جي ظلم ۽ ڏاڍائي کي ڪونہ ٿو روڪي! سندس راءِ نهايت ئي غلط ۽ تعصب تي مبني آهي. هتي مان ظلم بابت چند گذارشون عرض رکندس. ياد رهي ته ظلم علامہ ابن خلدون جي الفاظ ۾ "ويراني ۽ تهذيب جي بربادي آهي." (الظلم موذن للخراب العمران) اهوئي سبب آهي جو تمام انبياءَ جي شريعتن ۾ ظلم کي ننديو ويو ۽ ان کي مٽائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ وڏي ثواب ۽ نيڪيءَ جو ڪم آهي. ظلم معاشري کي ڪوڪلو ڪري ڇڏي ٿو ۽ جلد ئي اهڙي سوسائٽي فنائيت جي راهہ اختيار ڪري ٿي. عام ظلم جي هجڻ ڪري سوسائٽي بداخلاق، منافق، بي ايمان، گيدي ۽ ڪمزور ٿئي ٿي. انسانيت جا بنيادي اقدار تباهہ ٿي وڃن ٿا ۽ تهذيبن جون تهذيبون ظلم ۽ ڏاڍ ڪري نيست ۽ نابود ٿي وڃن ٿيون. حضرت شاهہ ولي الله (رحمة الله عليه) پنهنجي انقلابي ڪتاب " حجة الله البالغة" ۾ لکيو آهي ته سيني نبين جي شريعتن ۾ توحيد، رسالت، آخرت، روزه، نماز، حج، زڪواة ۽ زنا جي حرمت، اهي بنيادي پروگرامن مان آهن. اڳتي هلي شاهہ صاحب لکي ٿو ته مٿين ڳالهين کان علاوه سيني نبين جو اهو گڏيل پروگرام ۽ منشور آهي ته "الاقامة العدل بين الناس والتحريم المظالم" يعني ته ماڻهن وٽ انصاف کي قائم ڪجي ۽ ظلم جي پاڙ پٽجي" معلوم ٿيو ته انساني معاشري ۾ عدل قائم ڪرڻ ۽ ظلم جي بيخڪني ڪرڻ انبيائي پروگرام يعني روزه، نماز، وغيرهم وانگر بنيادي اصولن مان هڪ اصول آهي. بس جويي صاحب جو اهو لکڻ ته مذهب ظلم کان نٿو روڪي سراسر غلط ۽ بي بنياد آهي.

قرآن ۾ قتل ناحق

ڪنهن شخص کي بي گناهه قتل ڪرڻ ۾ ان جي جان وٺڻ وڏي ۾ وڏو ظلم آهي. قرآن مجيد جي هڪڙي آيت آهي، جنهن ۾ ارشاد رباني آهي ته "جنهن بغير سبب جي بي گناهه ڪنهن کي قتل ڪيو ته گويا ان شخص (قاتل) سيني انسانن کي خون ڪيو آهي ۽ جنهن به شخص هڪڙي جو به ساهه بچايو ته ڄڻڪ هن سيني انسانن جي جان بخشي ڪئي ۽ انهن کي زنده رکيو".

مان جويي صاحب کي چيلينج ٿو ڪريان ته هو قتل ناحق بابت سيني مذهبي ڪتابن مان مٿين آيت سڳوريءَ جهڙو ڪو مثال ته پيش ڪري؟

حجة الوداع جو خطبو

آخري حج (حجة الوداع) جي موقعي تي حضور جن جي ڪيل تقرير بين الاقوامي منشور آهي. نبي صلي الله عليه وسلم بين ڳالهين سان گڏ خون وهائڻ جي سختيءَ سان ممانعت ڪئي آهي. هتي جويي صاحب جي اطلاع لاءِ مذڪور تقرير مان هڪ ٽڪرو حضور جن جي مصري سيرت نگار ڊاڪٽر محمد حسين هيڪل جي ڪتاب "حيات محمد صلي الله عليه وسلم" مان پيش ڪيان ٿو. سرور ڪائنات عليه الصلواة والسلام پنهنجي تقرير ۾ فرمايو ته:

"يا ايهاالناس اسمعوا قولي فاني لا ادري لعلي لا القاڪم بعد عامي هذا بهذا الموقف ابدا. يا ايهاالناس ان دمائڪم واموالڪم عليڪم حرام الي ان تلقوا ربڪم ڪحرمة يومڪم هذا او ڪحرمة شهرڪم هذا".

يعني ته "اي انسانو! جو ڪجهه چوان ان کي غور سان ٻڌو، شايد اڳين سال ۾ ان ڪان پوءِ هتي توهان سان وري ملاقات نه ٿئي. اي انسانو! اوهان جي مٿان هڪ ٻئي جي جان، رت ۽ مال قيامت تائين ائين حرام آهي جهڙيءَ طرح اڄوڪي ڏينهن ۽ هن ئي مهيني ذوالحج ۾ هڪ ٻئي جي اوهان بيحرمتي نٿا ڪريو." (صفحه ٥٤٢)

جناب جويي صاحب کي دلسوز اپيل ٿو ڪريان ته مهرباني ڪري رسول خدا صه جي مٿين تقرير کي غور سان پڙهو پوءِ پاڻ فيصلو ڪريو ته اوهان جي الزام (ته مذهب حملي، ظلم ۽ ڌاڙ ڪان ڪونه ٿو روڪي) ۾ ڪيتري صداقت آهي؟

ظلم جي خلاف خليفه اول جي تقرير

يارهين هجري ۽ عيسوي سنه ٦٣٢ع مطابق رسول الله صلي الله عليه وسلم جي انتقال کان پوءِ حضرت ابوبکر رضي الله عنه کي پهريون خليفو چونڊيو ويو. بيعت جي رسم پوري ڪرڻ بعد حضرت ابوبکر پهرئين تقرير ڪئي هئي: جا سموري علامه حافظ ابن ڪثير پنهنجي ڪتاب " البدايه والنهايه" ۾ نقل ڪئي. مشهور انگريز تاريخدان سر وليم ميور صاحب پنهنجي تصنيف " خلافت ان جو عروج ۽ زوال"(The Caliphate, its Rise Decline and Fall) ۾ حضرت ابوبکر رضه جي هن تاريخي تقرير جو انگريزي ترجمو ڏنو آهي جيڪا هيٺ ميور جي تاريخ تان نقل ڪجي ٿي. اميد ته جويو صاحب ان کي غور سان پڙهندو. ڏسو ته ڪمزورن ۽ مظلومن جي حقن جي دادرسيءَ لاءِ حضرت صديق اڪبر ڇا ٿو فرمائي؟

(Oh people! Now I am ruler over you,albeit not the best amongst you. If I do well, support me. If ill, then setme right. Follow the true, wherein is faith fullness: eschew the false, wherein is treachery. The weaker amongest you shall be as the stronger with me, until that I shall have rederessed his wrong: and the stronger shall be as the weaker untill he hath wrested. P _ 4,5 Beirut)

يعني ته " اي انسانو مان اوهان جو حاڪم مقرر ٿيو آهيان. حالانڪ مان اوهان کان چڱو نه آهيان. جيڪڏهن مان سنو ڪم ڪريان ته ان حالت ۾ منهنجي مدد ڪريو ۽ جيڪڏهن ڪو ڪَتو ڪم ڪيان ته مون کي سڌو ڪيو. سچائي هڪ امانت آهي ۽ ڪوڙ خيانت آهي. جنهن کان بچو. توهان مان جو ڪمزور آهي، اهو مون وٽ قوي ۽ زور وارو آهي، تنهن ڪري مان هن جي شڪايت دور ڪندس ۽ اوهان مان ڪوبه طاقتور، مون وٽ اوستائين ڪمزور آهي، جيستائين ان کان حق نه وٺان" .

حضرت إبوبکر رضه جي هيءَ تقرير گويا انساني آزادين جو هڪ منشور ۽ ڪمزورن جي مٿان ظلم بند ڪرڻ لاءِ هڪ ڍال آهي ۽ صديق اڪبر رضه جي ٻن سالن واري دور حڪومت ۾ ڪنهن کي به هيٺن جي مٿان ڏاڍ ڪرڻ جي ڪا مجال ني ڪانه هئي.

حضرت عمر رضہ جو زرين مثال

جويي صاحب کي پنهنجي خليفي حضرت عمر رضہ جي ڪارنامن جي خبر ضرور هوندي. مهاتما گانڌي ڪانگريس جي هڪ اجتماع ۾ تقرير ڪندي چيو هو تہ اسان مان سيني کي حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر جي نقش قدم تي هلڻ کپي ۽ انهن جهڙي سادگي ۽ طرز حڪومت اختيار ڪرڻ کپي. سروليم ميور پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ، " اسلامي سلطنت ۾ رسول خدا کان بعد ٻئي نمبر تي عظيم ترين شخصيت حضرت عمر رضہ جي هئي".
(So died Omar next to the prophet the greatest in the kingdom of Islam. P _ 201)

جويي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾لکيو تہ مذهب حملي توڙي غلاميءَ کان ڪونہ ٿو روڪي. سندس هن خيال شريف جي رد ڪرڻ لاءِ هتي حضرت عمر رضہ جي زندگيءَ مان هڪ اهم واقعو نقل ڪيان ٿو. اميد تہ پڙهي پنهنجن خيالن کان توبہ تائب ٿيندو.

حضرت عمر رضہ غلاميءَ جي روڪڻ لاءِ موثر تدبيرون اختيار ڪيون هيون. رومي سلطنت ۾ غلامن سان انسانيت سوز سلوڪ ڪيو ويندو هو. رومي بادشاه پنهنجن غلامن کي اڪثر خونخوار جانورن سان وڙهائيندا هئا ۽ پاڻ اهڙو تماشو ۽ ميلو ڏسندا هئا. ليڪن اسلام ۾ غلاميءَ جي حيثيت ٿي ٻي هئي. غلامن کي آزاد ڪرڻ لاءِ قرآن مجيد ۾ خاص احڪام آيل آهن. حضرت ابوبڪر رضہ جو لقب " عتيق" بمعنيٰ آزاد ان ڪري رکيو ويو، ڇاڪاڻ تہ هن ڪيترائي غلام پنسا ڏيئي آزاد ڪرايا هئا. مورخ اسلام علامہ شبلي نعماني مرحوم حضرت عمر رضہ جو غلامن سان طرز عمل بابت پنهنجي مشهور ڪتاب " الفاروق" ۾ لکي ٿو تہ، " حضرت عمر رضہ غلامون کو بلاکر ساتھ کھانا کھلايا کرتي تھي اور حاضرين کو سناکر کھتي تھي کہ خدا ان لوگون پر لعنت کردي جن کو غلامون کي ساتھہ کھاني سي عار ھي. اضلاع کي جو عمال (آفيسر) تھي ان کي نسبت وہ اور باتون کي ساتھہ ھميشہ يہ بھي دريافت کرتي رھتي تھي کہ غلامون کي ساتھہ ان کان برتاءُ کيسا ھي. چنانچہ اگر يہ معلوم ھوتا تھا کہ وہ غلامون کي عيادت (پڇا ڳاڇا ڪرڻ مرض جي حالت ۾) کو نھين جاتي تو صرف اسي جرم پر ان کو معزول و موقوف کرديتي تھي". (صفحو ٤٦٠)

مولانا شبلي نعماني پنهنجي ڪتاب ۾ حضرت عمر بابت هڪ حيرت انگيز واقعو نقل ڪيو آهي، جنهن مان سولائيءَ سان اندازو

لڳائي سگهجي ٿو ته هن کي انساني آزادين جو ڪيترو نه قدر هو. محترم جويي صاحب کي غور سان پڙهڻ گهرجي. مولانا شبلي نعماني حضرت عمر بابت لکي ٿو ته " عمرو بن العاص (مصر جو گورنر) کي معزز فرزند ني جب ايک قبطي کو بي وجه مارا تو خود اس قبطي کي هاتهه سي مجمع عام مين سزا دلوائي اور عمرو بن العاص اور ان کي بيٽي کي طرف مخاطب هوکر يه الفاظ کهي که " مذکم تعبدتم الناس ولقد ولدت امهاتهم احرارا." يعني " تم لوگون ني آدميون کو غلام کب سي بناليا ان کي مائون ني تو ان کو آزاد جنا تها." صفحه ٥١٠ - ٥١١)

جويا صاحب! خداجي واسطي دل تي هٿ رکي ڏسو ته اسان جي مذهب ۾ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف ڪيترا نه ڪات ڪهاڙا ڪنيا ويا ۽ انسانن جي آزادي بحال ڪرڻ لاءِ ڪيڏيون نه ڪوششون ٿيون آهن. حضرت عمر جي وفات کان ٻارهن سو سال گذرڻ بعد فرانس جي عظيم انقلابي روسو پنهنجي ڪتاب "سوشل ڪانٽنڪٽ ۾ تقريبًا حضرت عمر وارا الفاظ استعمال ڪري ٿو. يعني ته " انسان آزاد ڄائو، پر جتي ڪٿي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي".

هاڻي قوي اميد اٿم ته جويو صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ اسانجي مذهب جي خلاف پنهنجا بي بنياد الزام واپس وٺندو.

ڇا ڪلهوڙا عباسي نه هئا؟

اسان جي جويي صاحب پيارن ٻانرن جي هميشه عادت رهي آهي ته هو طيءِ شده معاملن جي خلاف ضعيف روايتن جي بنياد تي پنهنجي راءِ قائم ڪندا آهن. مثلاً سنڌ جا ڪلهوڙا اصل ۾ عباسي آهن. پر جويو صاحب ڪلهوڙن جي عباسي هجڻ کي تسليم نٿو ڪري. لکي ٿو ته. "تاريخ ۾ سنڌن اصل نسل سنڌي ڄنا قبيلي منجهان ڏيکاريل آهي. جيتوڻيڪ اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ هن پنهنجي ذات عرب سان ڳنڍي پاڻ کي عباسي سڏائڻ شروع ڪيو، ورنه اوستائين (جيئن اڄ به) سنڌ ۾ هن جون ذاتيون يا ٻاڙا ڪلهوڙا، دائودپوٽه، عارباڻي، سيباڻي، فيروزاڻي وغيره مشهور هئا. پنهنجي قبيلي جي نالي کي ڇڏي، پاڻ کي عرب سڏائڻ اها ڏاڍين جي سلسلي ۾ سنڌن احساس ڪمتري کان وڌيڪ انهن سان ڪلهي ڳي ڪرڻ، خود پنهنجن تي حاڪمانه برتري ڏيکارڻ ۽ رعب ويهارڻ جي سنڌن هڪ ڪوشش هئي. سنڌن وڏي ڄام ڄنوءَ (١٢٢٠ع جو تاريخ ۾ ذڪر هڪ نهايت چڱي مڙس جي حيثيت ۾ ڪيو ويو آهي". (صفحو ٥٠ - ٥١)

ڇا عارباڻي ۽ هيسباڻي ڪلهوڙا آهن؟

ڪلهوڙن جي شجري بابت جويي صاحب جي عدم واقفيت نهايت ئي افسوسناڪ آهي، جو هو صاحب عارباڻين ۽ هيسباڻين کي ڪلهوڙن ۾ شامل ڪري ٿو. ان ۾ شايد جويي صاحب جو ايترو قصور نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ خود جويا پنجابي نسل سان تعلق رکن ٿا، ان ڪري ڪيس سنڌ جي ذاتين ۽ قبيلن جي ايتري سُڌ نہ آهي. جويي صاحب کي خبر هجڻ گهرجي تہ عارباڻي توڙي هيسباڻي ڪلهوڙن سان تعلق ڪونہ ٿا رکن. پر اصل ۾ اهي ٻئي ذاتيون بلوچ قبيلي جون آهن. سنڌ ۾ عارباڻي توڙي هيسباڻي چڱي تعداد ۾ رهن ٿا. مان سنڌن پڙهيل طبقي کي گذارش ڪندس تہ هو منهنجي تائيد ۾ آواز اٿارين ۽ جويي صاحب کي احتجاجي خط لکن، تان تہ هو صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ درستي ڪري. جويو صاحب ذاتي طور تي اسان بلوچن جي خلاف آهي. ڇا هو چاهي ٿو واٽي سنڌ ۾ اسان جي ذاتين کي گهٽائڻ ٿو چاهي؟ اڄ عارباڻين توڙي هيسباڻين کي بلوچ برادريءَ مان ڪڍي ٿو، سڀاڻي پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب ۾ لکي سگهي ٿو تہ جتوئي، ڪورائي، توڙي شر بلوچ سنڌ جا سما آهن.

ڪلهوڙا اصل ۾ عباسي آهن

ڪلهوڙا خاندان جي عباسيت تواتر سان ثابت آهي ۽ اڄ تائين سواءِ انگريزي مصنف رچرڊ برٽن صاحب جي ڪنهن بہ ان کان انڪار نہ ڪيو آهي. خود برٽن صاحب پنهنجي موقف جي جواز ۾ ڪي بہ تاريخي دليل ڪونہ ڏنا آهن. اهي چمڙي هجڻ ڪري جيڪڏهن برٽن جي تحقيق جويي صاحب وٽ قابل قبول آهي تہ کيس معلوم هجڻ گهرجي تہ برٽن کان اڳ برنس صاحب بہ پنهنجي ڪتاب (A visit to the court of Sind) ۾ شاهدي ٿو ڏي تہ "ڪلهوڙا پاڻ کي بنوعباس ڪرنائين ٿا ۽ عباس رسول خدا جو چاچو هو."

(The house of calora claimed a linoge from the princely blood of Abbass the uncle of the prophetc. P _ 20,1974 Ed)

ياد رهي تہ برنس جو مٿيون ڪتاب ميرن جي صاحبيءَ ۾ ١٨٣١ع ۾ بمبئيءَ ۾ ڇپيو هو. ڪلهوڙا اصل ۾ عباسي آهن ۽ محترم جويي صاحب جو هي الزام قطعًا غلط ۽ بي بنياد آهي تہ اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ هنن پنهنجي ذات عرب سان ڳنڍي. ان جي

برعڪس تاريخ ٻڌائي ٿي تہ اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ بہ ميان نور محمد ڪلهوڙي کي عباسي ڪوٺيندا هئا. لاهور جي مولانا غلام رسول مهر ڪلهوڙا دور جي تاريخ لکي آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ انندرام، "مخلص" نالي هڪ شاعر ۽ اديب (وفات ١٧٥١ع) هو، جو محمد شاهہ مغل جي هڪ فوجي جرنيل خان وزير الملڪ جو وڪيل هو ۽ ڪلهوڙا انندرام "مخلص" سان باقاعدي خط و ڪتابت ڪندا هئا. مهر صاحب لکي ٿو تہ، ميان نور محمد ڪلهوڙو جنهن جو خطاب " خدايار خان، ثابت جنگ" هو، انندرام مخلص سان باقاعدي خط و ڪتاب جو سلسلو قائم رکندو آيو. مخلص جي قلمي خطن مان هڪ خط ميان صاحب جي نالي موجود آهي جنهن جو عنوان آهي " به خدايار خان ثابت جنگ عباسي" (تاريخ ڪلهوڙا جلد پيو ص ٤١، ٤٢) معلوم ٿيو تہ اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ بہ ميان نور محمد ڪلهوڙو پاڻ کي عباسي ڪوٺائيندو هو. مولانا مهر ڪلهوڙن جي عباسيت هجڻ لاءِ ايڏو تہ جامع بحث ڪيو آهي، جنهن کي سولائيءَ سان رد ڪري نٿو سگهجي. هن صاحب ڪل ناقابل ترديد اٺ شهادتون پيش ڪيون آهن، جن مان ڪلهوڙن جي عباسيت ثابت ٿئي ٿي. جنهن لاءِ غلام الرسول صاحب پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو تہ " اهي ڪل اٺ شهادتون آهن، جن مان پنج انهيءَ دور جون آهن، ڪن شهادتن جو مستند هجڻ علمي حلقن ۾ بلاشڪ تسليم ڪيل آهي، مثلا مآثر الامراءِ فتح نامي جون شهادتون هن بنياد تي وڌيڪ توجهہ ۽ اعتماد جي لائق سمجهيون وڃن ٿيون جو اهو ڪتاب "ڪلهوڙن جي انهن جاءِ نشين جي سرپرستي ۾ لکيو ويو، جيڪي ڪين حڪومت کان بي دخل ڪرڻ جا ذميوار هئا. جيڪڏهن ڪلهوڙن جي (عباسيت ۾) ذري ماتر اوڻائي هجي ها تہ مير عظيم الدين ٺٽويءَ جا سرپرست، ٽالپر ڪنهن بہ طرح انهيءَ ڳالهہ کي نظر انداز نہ ڪن ها، بلڪ ان جي ترديد ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ها." (ص ٤٢)

حقيقت ۾ ڪلهوڙن جي عباسي هجڻ کان انڪار ڪري جويي صاحب پوريءَ طرح تاريخ تي پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن موصوف وٽ، ڪلهوڙن جي عباسيت غير معتبر آهي تہ سياڻي چئي سگهجي ٿو تہ نيپولين يا اورنگزيب جهڙا بادشاهہ پيدائي ڪرنہ ٿيا هئا.

جويو صاحب ۽ سنڌ جا ٽالپر بلوچ

جويي صاحب جي ڪتاب جو افسوسناڪ پهلو هي آهي تہ ان ۾ ٽالپرن جي حڪومت جو ٻن ٽن جملن ۾ سرسري ذڪر ڪيو ويو

اهي. منهنجي تبصري جي پهرين قسط پڙهڻ کان پوءِ خود جويي صاحب جي مداحن به اعتراف ڪيو آهي ته جويي جي ان رويي کي بلوچ دشمنيءَ سان ئي تعبير ڪري سگهجي ٿو. مثال طور سندس ڪتابچي ۾ ڪلهوڙا حڪمرانن جو ذڪر صفحي ٥٠ کان شروع ٿي ٦٥ تائين ختم ٿئي ٿو ۽ آخري صفحي ٦٥ جي آخري پئراگراف ۾ ٽالپر حڪومت جو ذڪر هيٺين لفظن ۾ ڪري ٿو. ڪلهوڙن جي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ جويو صاحب لکي ٿو ته: "ٽان جو ٽالپرن سندن جاءِ ورتي ۽ اهي به سنڌي رياست کي فقط چاليهه سال قائم رکي سگهيا (ٽالپر دور ٤٠ نه بلڪ ٦٠ سالن جو هو) ساڳئي قسم جي پنهنجن اندروني نفاقن ۽ اقتدار جي ڪشمڪش جي تباهه ڪارين جا شڪار ٿي ويا ۽ سنڌ ۽ سنڌي سماج وري به ست سمنڊ پار کان آيل هڪ ڏاري قوم جا غلام ٿي ويا. شاهه جو روحاني وارث سچل سرمست ان تاريخ کان رڳو ڪي چوڏهن سال اڳ فوت ٿيو ۽ سامي ته ان کان پوءِ ١٨٥٠ع ۾ هي جهان ڇڏيو." (ص ٦٦)

هر بلوچ جويي صاحب کان پڇڻ جو حق رکي ٿو ته ڇا ٽالپرن سنڌ جي خدمت نه ڪئي هئي؟ ڪنهن جي تحقير مقصود نه آهي، پر تاريخي حقيقت آهي ته ١٧٣٩ع ۾ نادرشاهه سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي ۽ ان وقت ميان نور محمد ڪلهوڙي (وقت جي حاڪم) نادرشاهه جي حملي کان ڪيٻاني وڃي عمرڪوٽ ۾ لڪو. نادري لشڪر سنڌين کي نڌڪٽو سمجهي، هنن کي ڦريو ۽ لٽيو. خود نادرشاهه ميان صاحب جي ٽن پٽن، ميان مراداياب خان، عطرخان ۽ غلام شاهه کي يرغمال بڻائي ستن سالن تائين ايران ۾ رکيو ۽ ڪيس تنبيهه ڪئي ته جنهن به سال مون کي خراج نه مليو ته تنهنجي ٽنهي پٽن جو خير ڪونهي. برعڪس ان جي ٽالپر بلوچن بيسروساماني هوندي به اگريز فيل مست جو نهايت ئي بهادري ۽ دليريءَ سان مقابلو ڪيو ۽ مياڻيءَ جي جنگ (١٨٤٣ع) ۾ "مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون" جا فلڪ شگاف نعرا هنيا ويا. مياڻيءَ جي جنگ ۾ هار کائڻ کان پوءِ بلوچن شير سنڌ مير شير محمد خان ٽالپر جي قيادت ۾ انگريزن سان "دٻي" واري لڙائي لڙي هئي. بلوچن سنڌ جي حفاظت لاءِ پنهنجي جان جي بازي لڳائي. ڪلهوڙن جي آخري دور حڪومت ۾ سنڌين کي "گهوڙا ڙي گهوڙا" چوڻ جو تحفو مليو ۽ اڄ تائين اسين سنڌي لوڪ مصيبت جي وقت ۾ " گهوڙا ڙي گهوڙا" ڪري پڪاريندا آهيون. اهي مدد خان جي گهوڙن خلاف آواز هنا. لطيف به چوي ٿو ته ، "گهوڙن هنئي سيڪا ائين هنئي آءٌ" ۽ " مدد ٿو اچي" . "مدد ٿو اچي" جا آواز ڪڏهن به سنڌ واسين ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾

پڌا. چوجو مدد خان پٺاڻ کي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جي دعوت خود سنڌ جي حڪمران ميان عبدالنبي ڪلهوڙي ڏني هئي. بدمعاش مددخان سنڌ کي ڦري لٽي ناس ڪيو هو ۽ ويچارن سنڌي سپاهين جي گهرن مان بي اختيار آواز نڪرندو هو تہ " وارو ڪيو مدد ٿو اچي" ٽالپر بلوچن کان بہ سنڌين کي هڪ آواز ڪڍڻ ورثي ۾ مليو جو " گهوڙا ڙي گهوڙا" چوڻ وانگر اڄ تائين بہ سنڌين جي ڪنن ۾ گونجي ٿو ۽ اهو آواز آهي " مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون" جويو صاحب جا هينئر خيالات تبديل ٿي ويا آهن ورنہ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هو بہ ٽالپري دور ۾ متئين نعري جو ذڪر ڪري ٿو. مثال طور (Save Sinh, Save the continent) نالي هڪ ڪتاب جويي صاحب ١٩٤٦ع ۾ لکيو هو. ان ۾ " مياڻي" ۽ "دبي" ۾ انگريزن سان ٽالپرن جي لڙائيءَ تي تبصرو ڪندي جويو صاحب لکي ٿو تہ " سرچارلس نيپئر جي شهادت مطابق هندستان ۾ سڀني جنگين جي مقابلي ۾ سنڌ اندر مياڻيءَ ۽ دبيءَ واريون لڙايل جنگيون انگريزن کي وڌ ۾ وڌ سخت ۽ مشڪل لڳيون. انهن جنگين ۾ اسان (سنڌ) جو اهوئي نعرو رهيو تہ " مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون" .

(Sind,s battles of Miani and Dubi were two of the hardest battles that, according to the testimony of sir Chareles Napier were fought by the Biritish in India, our slogans in those battles being we shall die but we shall never give up Sind. P_ 119. Karachi.)

اهي جويي صاحب جا ٽالپر بلوچن بابت خيالات پاڪستان کان اڳ جا هئا. پر هينئر هو تبديل ٿي ويو آهي، ان جو عملي ثبوت مون سندس ڪتاب "شاهہ ، سچل ۽ سامي" مان فراهم ڪيو آهي. مون اڳ بہ پنهنجي هڪ تصنيف " شيخ اياز ۽ سندس شاعري" ۾ جويي صاحب بابت لکيو هو تہ جويو سنڌ جي بلوچن کي ڌاريو ٿو سمجهي. " خموشي علامت رضا است" جي مصداق جويي صاحب کي ٽن سالن گذرڻ بعد اڄان تائين ان جي ترديد ڪرڻ جي جرئت نہ ٿي آهي. ان مان صاف ظاهر آهي تہ هو پنهنجي خيالن ۾ ايماندار آهي.

سنڌ ۾ بلوچن کي ڌاريو ڪوٺڻ وارن جو سرواڻ محترم جويو صاحب آهي ۽ انهيءَ ڦري منسٽري ڪلب جا ٻيا ميمبر آهن: پير حسام الدين راشدي، پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ، شيخ اياز، مسٽر سراج ميمڻ، مسٽرغلامرباني ۽ مسٽررشيد ڀٽي. جيئن ٽا تہ ڪجهہ سال اڳ پير حسام الدين راشديءَ جي موجودگيءَ ۾ پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ جيڪب آباد جي شهر ۾ هڪ ميڙڪي خطاب

کنديِ بلوچن خلاف هڪ گمراهہ ڪن ۽ زهريلي تقريرڪئي هئي. جنهن جو ڪيس مدلل جواب شايد ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ ڏنو هو.

ٽالپر بلوچ ۽ سنڌ جا وڃايل علائقا

جويي صاحب ڪي خبر هئڻ گهرجي تہ ميرن جي ڪورٽ جو مکيہ صلاحڪار هڪ بلوچ ليڊر نواب ولي محمد خان لغاري هو.جنهن ١٨٣٢ ۾ لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪئي. سندس لاش لاڙڪاڻہ ۾ تجر ڪري دفن ڪيو ويو هو ۽ ان ڪري اهوميدان تجر باغ جي نالي سان مشهور ٿيو هو. هاڻي جناح باغ جي نالي سان مشهور آهي. پنجن سالن کان پوءِ نواب صاحب مرحوم کي حيدرآباد ۾ دفنايو ويو. نواب ولي محمد خان پنهنجي سياست ۽ تدبر سان بغير جنگ جي ڪراچيءَ جو شهر خان آف قلات کان واپس وٺي سنڌ ۾ شامل ڪيو ۽ سنڌ ۽ قلات جون سرحدون حب نديءَ تي مقرر ڪرايون هيون. شڪارپور ڪابلي افغانن جي قبضي ۾ هو ۽ اتي نوشهرو ابڙين هڪ قلعو تعمير ڪرايائين ۽ ١٨١٠ع ڌارن شڪارپور جو سڄو قبضو افغان حاڪم شاهہ شجاع کان ورتائين. هوڏانهن بهاولپور حڪومت کان سبزل ڪوٽ ۽ سنگاپور سنڌ کي واپس وٺي ڏنائين ۽ نہ فقط ايترو پر ١٨١٣ع ڌاران جوڌپورجي راجا کان عمرڪوٽ فتح ڪري سنڌ جون سرحدون مڪمل ڪرايائين. افغان حڪمرانن شڪارپورکي ٻيهرهٿ ڪرڻ لاءِ تياريون ڪيون هيون ۽ ڪابل جي حڪمران محمد عظيم خان ٻيهر اهڙي ڪوشش ڪئي پر ڪيس ١٨٢٤ع ۾ بلوچن شڪست ڏني هئي. افغانن کان سنڌ کي هميشه خطرو رهندو هو ۽ سنڌي ۾ چوڻي آهي تہ " جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي جوکو قنڌاران."

نهايت ئي فخر جي ڳالهہ آهي تہ محمد عظيم خان جي شڪست کان پوءِ سنڌ تي افغان حڪومتن جا حملا هميشه لاءِ بند ٿي ويا. اهومبارڪ ڪم ٽالپرن جي ڏينهن ۾ هڪ بلوچ نواب ولي محمد خان جي هٿان پورو ٿيو ۽ جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي جوکو قنڌار وارو خطرو هميشه لاءِ ٽري ويو.

سنڌ جي خدمت لاءِ بلوچن جي طرفان اهو هڪ شاندار رڪارڊ آهي, پر جويا صاحب! ذرا پنهنجيءَ ذات وارن جي ڪا اهڙي ثابتي تہ پيش ڪريو؟ ٿي سگهي ٿو تہ اوهان پنهنجي اصل سرزمين پنجاب ۾ ڪو ڪارنامو ڏيکاريو هجي, سنڌ ۾ تہ ڪجهہ بہ نہ ڪيو اٿن.

ٽالپرن سنڌ ۾ امن امان قائم رکيو

جوبي صاحب ۽ سندس شاگردن جي واتان عام طور ٻڌو ويو آهي تہ "سنڌ ۾ ٽالپر بلوچن جي حڪومت اونداهي وارو دور هو نہ امن نہ سلامتي ۽ نہ قانون، بس هڪ ميراثو راڄ هو."

پر هن ڳالهہ کان وڌيڪ پيو ڪوبہ ڪوڙ ٿي نٿو سگهي. هتي مان جوبي صاحب جي الزام جي رد ۾ هڪ انگريز سياح چارلس مئسن جي شهادت پيش ڪندس، جيڪو بلوچن جي دور حڪومت ۾ سنڌ اندر آيو هو. اندروني حالات جو مطالعو ڪري هي انگريز سياح پنهنجي ڪتاب (Narrative of various Journeys in Baluchistan, Afghanistan and Punjab) ۾ لکي ٿو تہ. "جيتوڻيڪ مان حيدرآباد ۾ ٽي يا چار مهينا رهيو هوس پر اتي مون ڪنهن بہ قسم جو ظلم، تشدد ۽ حد کان وڌيڪ محصول اگاڙڻ جو زوري طريقو نہ ڏٺو ۽ نہ ڪنهن ٻڌو. ان جي برعڪس اتي مڪمل آزادي هئي ۽ تنهن سان گڏ جان ۽ مال جي حفاظت جو چڱو جوڳو انتظام هو."

(Althought I gresided three or four months at Hyderabad, I never witnessed or heard of any cruelties or exactions practiced there, on the contrary there was perfect freedom and security of persons and property. P_463. Vol I Lond.)

چارلس مئسن کان بعد ستت ئي هڪ ٻيو انجنيئر ڪئپٽن هيڊل ٽالپرن جي دور حڪومت ۾ آيو هو. هن ١٨٣٦ع ۾ (Memoir on the river Indus) جي عنوان سان پنهنجا تاثرات قلمبند ڪيا. جيڪي بمبئي گورنمنٽ جي رڪارڊ ۾ شامل ٿيل آهن. هيڊل لکي ٿو تہ " سنڌو، ۽ فرات جي وچ ۾ واقع ٻين رياستن جي ڀيٽ ۾ سنڌ کي اهڙو ملڪ سڏي سگهجي ٿو جيڪو تهذيب وتمدن ۾ گهڻو اڳتي وڌيل آهي. سنڌ جي حڪومت جيتوڻيڪ سخت آهي، پر ان سان گڏوگڏ چوکس ۽ قاعدي جي پابند آهي. هيءَ سرڪار پنهنجن مفادن لاءِ ايتري تہ عقلمند آهي جو هوءَ ملڪ جي وڻج واپار، توڙي زراعت کي هرگز تباهہ ڪرڻ نٿي ڏي. ماڻهو شائستہ، وفادار ۽ ملڪي قانون جا احترام ڪندڙ آهن."

(Compared to any state between the Indus and the Euphrates, sind may be pronounced a country consifderably advanced in civilization, the government though severe is vigilant and well ordered, too sensible of its own interests, to ruin the commerce or agriculture of the country. The people are orderely an obedient and the laws are respected.)

جويي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ مسٽر ايڇ - ٽي - سارلي ڪي سنڌ جو محب ڪوٺيو آهي ۽ سندس ڪتاب " شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" لاءِ لکيو آهي ته اهو عاليشان ڪتاب آهي. (ملاحظه ٿئي صفحو ٧٦) مسٽر سارلي صاحب به ٽالپر بلوچن جي حڪومت جي واکاڻ ڪئي آهي، پر جويي صاحب جي نظر ۾ اها عبارت بلوچ تعريف ڪري اوجهل رهي. سنڌ جو هي محب ٽالپر دور حڪومت لاءِ لکي ٿو ته. "ٽالپرن لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته هو سنڌ جي الجهيل ۽ ڪشمڪش واري زمين کي (پنهنجي عهدحڪومت) چاليهن سالن تائين امن امان ڏيڻ ۾ ڪامياب ويا ۽ انتظامي لحاظ کان ٽالپرن جي حڪومت نه نا اهل هئي ۽ نکي نفرت انگيز".

(There is this to be said for them, that they did succeed in givin a distracted land peace for forty years and that within the limits of their administrativeideal their government was neither ineffecient nor contemptible. P . 234, 35 Oxford)

جوياڻي ڪمپني وارا الزام ٿا لڳائين ته ٽالپرن سنڌ،سماٽ ۽ بلوچ ۾ يا شيعا سني ۾ تقسيم ڪيو. پر هي نسورو ڪوڙ ۽ بهتان ۽ اجائي پروپئگنڊا آهي. شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائود پوٽه مرحوم جهڙي هڪ ڪٽر سنيءَ به پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي ته ٽالپر جيتوڻيڪ شيعا هئا. پر انهن وٽ شيعن توڙي سنين جو ڪو فرق موجود ڪونه هو. ڊاڪٽر سارلي صاحب لکيو آهي ته مڪمل چاليهه سال ملڪ ۾ امن امان جو دور هو ۽ ماڻهن کي پنهنجي حڪومت جي خلاف ڪابه نفرت ڪانه هئي. جيڪڏهن ٽالپر پنهنجي حڪومت ۾، جيئن الزام مڙهيو ٿو وڃي، بلوچ ۽ سماٽ توڙي شيعا سني جا مسئلا ڇيڙين ها ته سياسي ذهن رکڻ وارا ماڻهو تسليم ڪندا ته اهڙيءَ حالت ۾ هو امن امان قائم نه رکي سگهن ها ۽ سندن حڪومت به قابل نفرت ٿي وڃي ها.

جناب جويي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ قصدًا ٽالپرن جي دور کي نظرانداز ڪيو. سندس مطالعو ع کان شروع ٿي ١٨٥٠ ع تائين (ساميءَ جي وفات) ختم ٿئي ٿو. ان ڪري مون مختصر طور سنڌ ۾ بلوچن جي حڪومت جو جائزو ورتو آهي.

سنڌ ملڪ بلوچن وٽ ماءُ جي برابر آهي

حقيقت هي آهي ته بلوچن سنڌ کي هميشه پنهنجو وطن سمجهيو آهي. پنهنجي مختصر دور حڪومتم هن سنڌ جي بقا ۽

آزاديءَ لاءِ پنهنجي رت جي قرباني ڏيڻ کان بہ ڪيٻايو ڪين. اهڙيءَ محب وطن قوم کي ڏاريو سمجهڻ جوبي ۽ سندس ساٿين جي وڏي جسارت آهي، جنهن جي مذمت لاءِ الفاظ ڪين ٿا ملن. ڪيترن ئي بلوچ قبيلن سنڌ ۾ رهي ڪري پنهنجي مادري ٻولي بروچڪيءَ کي ترڪ ڪري سنڌي ٻولي اختيار ڪئي آهي. منشي عطا محمد شڪارپوريءَ جي فارسي ڪتاب " تازه نوائے معارڪ" ۾ بختيارخان لغاري بلوچ جو ذڪر مليو ٿو، جنهن انگريزن خلاف سيني لغاري بلوچن کي قرآن شريف تي هٿ رکي بغاوت تي آماده ڪيو هو. منشي عطا محمد لکي ٿو تہ لغاري بلوچ انگريزن خلاف نعرالڳائيندا رهيا تہ:

" اين ملڪ سندن بمنزله مادر ما بلوچستان است ڪہ
ازبستان شيرپندانش آن هشت به هشتپرورش يافتہ
ايم حقوق مادر و پدر بر اولاد بسيار است، نهايت
جان را نثار راهہ خدمت ابن والده خواهيم نمود."

(ص ٦٥٦ ـ ٥٨)

يعني تہ " هي ملڪ سنڌ اسان بلوچن لاءِ پنهنجي ماءُ جي برابر آهي جنهن جي ڇاتين مان اسان پشت بہ پشت کير پي پليا ۽ وڏيا آهيون. ماءُ پيءُ تي اولاد جا حق گهڻا آهن. اسان پنهنجي مادر وطن تي جان قربان ڪنداسون.

مير بختيار خان لغاري جي قيادت ۾ ڏيڍ سو سال اڳ سنڌ بابت بلوچن جو نعره مستانہ اڄ بہ اسان لاءِ مشعل راهہ آهي. سنڌ ۾ بلوچن ۽ غير بلوچن جو ڪو فرق ئي نہ آهي . اسين سڀ پاڻ ۾ هڪ ۽ ٻانهر آهيون. حضرت لاڪيٺي لطيف جي رسالہ ۾ اسان بلوچن جو ذڪر مليو ٿو ۽ اسان لاءِ اهو باعث صد افتخار آهي. لطيف سائينءَ رسالہ ۾ بروچڪي ٻوليءَ ۾ شعر بہ چيا آهن فرمائي ٿو تہ:

"برو ڦازان بات جن جي ٽانگو روان ٽيشي

متئين سٽ فصيح بلوچي زبان ۾ چيل آهي، جا زبان مري، بگٽي ۽ جکراڻي ڳالهائيندا آهن. بلوچن سنڌي زبان جي ادب جي فروغ لاءِ نهايت ئي شاندار خدمت ڪئي آهي ۽ منجهانئن نالي وارا سنڌي شاعر ۽ اديب پيدا ٿيا آهن. جهڙوڪ خليفو نبي بخش، فقير حمل خان، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، مسٽر تاج بلوچ، غالب سنڌ حضرت فيض بخشاپوري ۽ ٻيا سوين. موجوده دور ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

"سوڌا هجن سو تہ بہ مٽ نہ پاڻيان مينڌري

جوبيو صاحب هن جهڙي ڪا هڪ تصنيف تہ ڏيکاري؟ سنڌ م

بلوچ ۽ غير بلوچ واري تصور کي پيدا ڪرڻ جويي صاحب وارن جي وڏي سازش آهي. جنهن کي ڪوبہ محب وطن سنڌي بڌڻ ۽ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. پاتيچاري جي فضا کي مزيد مستحڪم ڪرڻ لاءِ جويي صاحب کي بلوچستان جي ليکڪن جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي. مثال طور بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مير خدابخش مري، بلوچن جي تاريخ بابت پنهنجي مشهور ڪتاب (Search Lights on Baloches and Balochistan) ۾ لکي ٿو تہ. "سنڌ ۽ سنڌواسين سان ست سو سالن کان بہ وڌيڪ ميل ميلاپ ڪري، بلوچن ۽ سنڌين جي وچ ۾ گهري اتحاد جا رشتا استوار ٿي ويا آهن. سنڌين سان گڏ بلوچ بہ پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ فخر محسوس ٿا ڪن. بلوچن جي ڪلاسيڪل شاعري سنڌ جي واکاڻ سان ڀريل آهي. مير بجاراڻي رند پنهنجي هڪ سورهين صديءَ واري شعر ۾ سنڌ کي " هزار گنج" وارو ملڪ سڏي ٿو ۽ اڄ تائين مري، بگٽي، يا جهلوان طرف وارا لاڏاڻ پنهنجي آل عيال ۽ رڍن جي ڌڻن سميت، بغير ڪنهن ۽ تڪليف جي، سنڌ جي ڏوراهين علائقن ۾ گهمندا ڦرندا ڏسبا آهن."

(Over seven centuries of association of Baluchies with Sind and its in habitants has generated a feeling of close unity among them. Like Sindhis, Baluchies, too feel proud to be regarded as (Sindhies) Baluchi classical poetry is replete with praises of Sind . Mir Bijarani Rind in one of his sixteenth century poem calls Sind as (Hazar Ganj) meaning (Land of thousand blessings and abundance) even to this day, a marri, Bugti or a Jahlwan High lander can be observed walking without any worry in the world in any remote part of Sind with his family and herds of sheep. P _222, Royal Book Company, Karachi)

مٿين حوالي پڙهڻ کان پوءِ اندازو لڳايو تہ ڪيئن نہ بلوچستان جا دانشور سنڌين ۽ بلوچن کي هڪ قوم تصور ڪن ٿا ۽ هتي اسان وٽ جويو صاحب ئي هڪ دانشور مليو آهي جيڪو پنهنجي ڪتاب " سچل ، شاهہ ۽ سامي" ۾ بلوچ حڪومت جو تذڪرو ئي ڪونہ ٿو ڪري. جويي صاحب پنهنجي ڪتاب سچل، شاهہ ۽ ساميءَ جي تعارف بابت ڪونہ لکيو آهي. پر هن جو اصل مقصد اسان جي مذهب ۽ اسلامي اخوت تي جلهون ڪرڻ آهي. جويي صاحب جي ڪتاب تي تبصرو پوري ٿيڻ کان اڳ مان محترم جي خدمت ۾ عرض ڪندس تہ

هي محض علمي تنقيد ۽ چند ڇاڻ آهي. منهنجي موصوف سان ڪا ذاتي خصومت ڪانہ آهي، بلڪ هي محض نظرياتي ڇنڊڇاڻ آهي. مون بہ ڪي ڪتاب پڙهي رنڊا روڙيا آهن. پنهنجو مسلڪ سيني سان لسان الغيب حضرت خواجہ حافظ شيرازي جي بقول پيار، مهر و وفا جو آهي. جيئن چيو اٿس تہ:

"ما قصہ سڪندر و دارا نہ خوانده‌ايم
از ما بجز حڪايت مهر و وفا مپرس"

دوران تنقيد جيڪڏهن ڪي ڳتا اڻ وڻندڙ لفظ لکي ويو آهيان، اميد اٿم تہ وڏڙي جي حيثيت ۾ جناب جويي صاحب جن ننڍڙي جي گستاخي کي نظر انداز ڪندا. پر حقيقت ۾ پنهنجي تحريري ڪوتاهين بابت خالق اڪبر کان پناهہ ٿو گهران، جنهن جي حضور ۾ حشر ويل پنهنجي لکت جي هر جملي جو مون کي جواب ڏيڻو پوندو. شال پنهنجي فضل ۽ احسان جو مظاهرو ڪري مون عاجز جي اوڻاين ۽ خ‍امين کي معاف ڪري. بي اختيار امير المومنين حضرت علي رضہ جي هڪ مناجات ياد ٿي اچي. پاڻ فرمائين ٿا تہ " خدايا تون فضل ۽ احسان ڪرڻ وارو

رسول بخش پليجو جو ڪتاب "مائوزي تونگ"

هڪ تجزيو هڪ مطالعو

عظيم چيني رهنما مائوزي تونگ جي شخصيت تي مشهور اديب رسول بخش پليجي هڪ ڪتاب لکيو آهي. اسان جي منڙي ٻوليءَ ۾ مشهور سياسي ليڊرن جي شخصيت ۽ سوانح حيات تي ليٽريچر جي کوٽ آهي. پليجي صاحب جي ان ڏس ۾ هي ڪاوش واکاڻ جوڳي آهي.

چيني تاريخ جي مطالع ڪرڻ کان پوءِ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته هن سرزمين ۾ ڪنفيوشس کان پوءِ مائو جهڙو پٽ پيدا ڪونه ٿيو. مهاتماگانڌي جي قتل تي برطانيه جي مشهور اخبار "لنڊن ٽائمس" ٣١ جنوري ١٩٤٨ تي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ لکيو هو ته، "هندستان جهڙو ملڪ ۽ هندومت ئي گانڌي جهڙي سپوت کي پيدا ڪري ٿي سگهيا". ساڳيءَ طرح چين جو ديس ۽ مارڪسزم جو نظام ئي مائو جهڙي ماڻهوءَ کي جنم ڏئي ٿي سگهيا. فرانس جي اڳوڻي راڄ ڌڻي ۽ جڳ مشهور آنجهاني چارلس ڊيگال پڻ پنهنجي يادداشتن ۾ مائوزي تونگ جي عظمت کي مڃيو آهي. ههڙي شخصيت جي حياتيءَ تي لکڻ ڪا معمولي ڳالهه نه آهي. ان لاءِ وڏي محنت گهرجي ۽ پراڻي ۽ نئين چين جي تاريخ جو اڀياس ڪرڻ بيحد ضروري آهي. نه فقط ايترو پر چين جي پاڙيسري ملڪ سوشلسٽ روس جي تاريخ جو مطالعو پڻ چڱيءَ طرح ڪرڻ کپي. مسٽر پليجي جي ڪتاب پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪيس هن ڏس ۾ چڱو مطالعو آهي. ان جي ٻولي نهايت سليس ۽ وڻندڙ آهي. مصنف جي مائو سان عشق جي حد تائين عقيدتمندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. انهن خوبين جي باوجود ڪتاب ۾ خاميون به رهجي ويون آهن ۽ ڪن تاريخي حقيقتن جا غلط حوالا ڏنا ويا آهن جن جي نشاندهي ڪرڻ ضروري آهي.

صفحه ١٣ تي چيني ڪميونسٽ پارٽي جي بنياد پوڻ جي عنوان تي مصنف لکي ٿو:

"انهيءَ وچ ۾ نومبر ١٩١٧ع ۾ روس ۾ لينن ۽ سندس انقلابي پارٽيءَ جي اڳواڻي هيٺ روس جي ظالم شهنشاه زار ۽ سندس

حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ اتي وڏن زميندارن ۽ سرمايہ دارن جي جاءِ تي مزدورن، هارين ۽ عوام جي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي". مٿئين پئراگراف ۾ تاريخ ڪي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ ١٩١٧ع ۾ روس ۾ ٻہ انقلاب آيا هئا. هڪ فيبروري ١٩١٧ع ۾ ٻيو آڪٽوبر ١٩١٧ع ۾. پهريون انقلاب مينشويڪس (Mensheviks) آندو هو ۽ ٻيو انقلاب بالشويڪس (Bolsheviks). ٻنهي انقلابن جي ماهيت بيان ڪرڻ کان اڳ اهو ضروري آهي تہ روس جي مينشويڪ ۽ بالشويڪ پارٽين جي مختصر تاريخ بيان ڪجي. اصل ۾ اهي ٻئي پارٽيون هڪ پارٽي يعني "سوشل ڊماڪريٽڪ پارٽي" (Social Democratic Party) جي نالي سان سوشلزم جي نظام قائم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪنديون هيون. آگسٽ ١٩٠٣ع ۾ هن پارٽيءَ جو هڪ ڳجهو اجلاس پهريائين بروسليس (Brusseles) ۽ پوءِ لنڊن ۾ منعقد ٿيو، جنهن ۾ روس اندر جمهوريت ۽ سوشلزم جي نفاذ لاءِ هڪ جامع پروگرام مرتب ڪيو ويو. پر پارٽي تنظيم جي سلسلي ۾ ميمبرن جي وچ ۾ سخت اختلاف پيدا ٿي پيا. آخرڪار هن اختلاف ڪي نبيرڻ لاءِ ڪانگريس جي اليڪشن ٿي. لينن ۽ ان جي حامين کي گهڻائي ۾ ووٽ مليا. جنهن ڪري کين بالشويڪ يعني اڪثريت وارا ڪوٺيو ويو. سندن مخالفن کي ٿورائي ۾ ووٽ مليا ان ڪري کين مينشويڪ يعني ٿورائي وارا سڏيندا هئا. بالشويڪ جي سربراهي لينن (Lenin) ڪئي ۽ مينشويڪ جي ليڊرشپ جوليس مارٽو (Julious Martove) ڪئي هئي. هن ئي ڪانگريس ۾ مشهور مارڪسي مفڪر (Marxist Thinker) پليڪانو (Plekhanove) پنهنجي خاص تربيت يافتہ شاگرد لينن سان اختلاف ڪيو هو ۽ لينن جي پاليسيءَ کان بيزاري ڏيکاري هئي. اڳتي هلي روس ۾ انهن ٻنهي پارٽين الڳ الڳ پليٽ فارمن تي ڪم ڪيو. مٿي جنهن فيبروري ١٩١٧ع جي انقلاب جو ذڪر ڪيو ويو آهي اهو مينشويڪن آندو هو. هن ئي انقلاب ۾ زار شاهي جو تختو اونڌو ڪيو ويو هو. حيرت جي ڳالهہ آهي جو پليجي صاحب انهن ٻنهي انقلابن ۾ ڪو فرق محسوس نہ ڪيو ۽ پنهنجي ڪتاب ۾ بنا تحقيق جي لکي ڇڏيو تہ نومبر ١٩١٧ع ۾ روس ۾ لينن ۽ سندس انقلابي پارٽي جي اڳواڻي هيٺ روس جي ظالم شهنشاهہ زار ۽ ان جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو جا ڳالهہ تاريخ سان مطابقت نٿي رکي. پليجي صاحب جي اطلاع لاءِ عرض آهي تہ منهنجي گذارش جي تائيد خود روس ۾ لکيل سرڪاري ڪتابن مان ٿئي ٿي. مثلا ١٩٧٠ع ۾ ماسڪو مان "روسي ڪميونسٽ پارٽي جي مختصر تاريخ

(History of the Communist Party of soviet Union) نالي هڪ ڪتاب شايع ٿيو. هن ڪتاب جي صفحي نمبر ١٠٠ مان ترجمو پيش خدمت آهي جنهن مان منهنجي دعوئ جي تصديق ٿئي ٿي.

"روس ۽ باقي دنيا لاءِ فيبروري ١٩١٧ع جو انقلاب تمام وڏي اهميت وارو هو. جنگ جي دور جو هي پهريون انقلاب هو. جنهن بين الاقوامي پرولتاري لاءِ هڪ قابل قدر مثال قائم ڪيو. ان انقلاب جي اثر جو ٿي نتيجو هو جو عظيم پورهيت تحريڪ ٻين ملڪن ۾ جنم ورتو ۽ روسي زار شاهي جو خاتمو آندو ويو جنهن صدين کان مقبول تحريڪن کي پٺي ڪچليو."

حقيقت هيءَ آهي ته فيبروري ١٩١٧ع جي انقلاب جي وقت لينن روس کان ٻاهر سوئيزرليند ۾ جلاوطنيءَ جا ڏينهن گذاري رهيو هو ۽ روس ۾ سندس بالشويڪ پارٽيءَ تي قانوني بندش پيل هئي. مينشويڪ انقلاب بعد (فيبروري ١٩١٧ع) پارٽيءَ کليءَ طرح ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ان سلسلي ۾ مٿين ڪتاب جو مصنف لکي ٿو ته:

"فيبروري انقلاب کان پوءِ بالشويڪ پارٽي زيرزمين اڀري، ۽ "پراودا" (Pravada) ۽ ٻين پارٽي اخبارن جي ڀيهر اشاعت شروع ڪئي وئي ۽ ڪيترائي روس کان جلاوطن ليڊر واپس موٽيا." (١٠٠)

خود لينن ١٣ اپريل ١٩١٧ع تي واپس روس پهتو. ان بابت ڪتاب جو مصنف لکي ٿو: "١٣ اپريل ١٩١٧ع تي هزارين ماڻهو پيٽروگراڊ (Petrograd) جي فنلنڊ اسٽيشن تي لينن جي استقبال لاءِ ڪٺا ٿيا هئا. ان ميڙ ۾ لينن جا ڪيترائي دوست ۽ سنگتي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جا وفد ۽ ريڊگارڊ جا يونٽ پڻ شامل هئا. سپاهي به ريلوي اسٽيشن تي پهچي ويا هئا. جيئن ئي لينن جو درشن ڪيائون ته سيني هٿ مٿي ڪري هن کي يلي ڪري آيا چيو. هجوم ڪجهه وقت لينن جي تقرير ٻڌڻ لاءِ خاموش رهيو، جنهن پنهنجن انهن آخري لفظن سان تقرير ڪئي: "سدا جيئي سوشلسٽ انقلاب". (ڏسو ص ١٠٠) سوئٽزرلنڊ کان پيٽروگراڊ تائين لينن جي مسافري جو وڏيڪ دلچسپ احوال سندس محبوب گهرواري ڪرپسڪايا (N. K. Krups Kaya) پنهنجي ڪتاب "لينن جون يادداشتون" (Reminiscences of Lenin 1959 Moscow) جي صفحي ٣٤٦ تي ڏنو آهي. سندس زال جو هي اکين ڏٺو احوال آهي جا پڻ فيبروري ١٩١٧ع جي انقلاب کان پوءِ لينن سان گڏ روس واپس پهتي هئي. مٿي تاريخي حوالن سان ثابت ڪيو ويو ته روس جي

ظالم شهنشاهه جو ۽ ان جي حڪومت جو تختو ليڻ ۽ سنڌس پارٽي اونڌو نه ڪيو هو جيئن پليجي صاحب لکيو آهي.

ڪتاب جي منڍ وارن صفحن ۾ مائو جي ننڍپڻ ۾ سنڌس تعليم ۽ مشغولين جو ذڪر آهي. پليجي صاحب جي ڪتاب مان ڪو پتو ڪونه ٿو پوي ته اسڪول جي زماني ۾ مائوزي تونگ جو پسنديده ڪتاب ڪهڙو هو. گهڻو ڪري سنڌس سڀ سوانح نگار متفق آهن ته اسڪول جي پڙهائي دوران "دنيا جا وڏا هيرو" (Great Heroes of the World) نالي هڪ ڪتاب هن جي ذهن کي ڪافي متاثر ڪيو. مٿين ڪتابن ۾ پيٽر اعظم، ويلنگٽن، نيپولين بونا پارٽ، جارج واشنگٽن ۽ ٻين جي حياتين جو احوال ۽ انهن جا تاريخي ڪارناما لکيل هئا. مائو خاص طرح جارج واشنگٽن کان ڪافي متاثرهو. پنهنجي مٿين دلچسپ ڪتاب بابت مائو اها راءِ ڏني هئي ته:

"اسان کي اهڙن وڏن ماڻهن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي مادر چين جي انام، ڪوريا ۽ هندستان جهڙن ملڪن جي خراب حالت وانگي نه ڏسون، ته پوءِ اسان کي اهڙين ناليوارين شخصيتن جو مطالعو ڪرڻ کپي ۽ انهن جي حياتيءَ مان سبق پرائي چين کي خوشحال ۽ مضبوط ملڪ بنايون. چين نهايت ئي ڪمزور ۽ پٺتي پيل ملڪ آهي. ان جا ماڻهو ڏاڍا ڏتڙيل ۽ غريب آهن ۽ ڪافي عرصي کان پوءِ هڪ مضبوط، ترقي يافته ۽ آزاد ملڪ بڻجي سگهي ٿو. ان لاءِ اهو ضروري آهي ته اسان اهڙيون تدبيرون اختيار ڪيون. اتين ڪرڻ ڪو اوکو ڪم نه آهي. جارج واشنگٽن ڇهن سالن جي لڳاتار ڪوشش ۽ لڙائي کان پوءِ انگريزن کي شڪست ڏني هئي، ۽ امريڪا کي آزادي ڏياري هئي ۽ ان جي تعمير ۾ رڌل رهيو." حاشيو ڏسو چارلس ڪونيل جو ڪتاب "مائوزي تنگ" صفحه ٢١٠)

پليجي صاحب ڪتاب جي ١٩ صفحه تي ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي اتحاد جي عنوان سان ڊاڪٽر سن- يات سين جي هنان چين ۾ ١٩١١ع جي انقلاب جو مختصر ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو:

"١٩١١ع ۾ چين جي شاهي گهراڻي جي حڪومت جي خلاف انقلاب آيو هو ۽ هڪ عارضي حڪومت قائم ڪئي وئي هئي. ڊاڪٽر سين يات سين کي ان جو صدر مقرر ڪيو ويو. پر نئين حڪومت هاري عوام کي وڏي پيماني تي سجاڳ نه ڪيو هو ۽ سنڌن مدد سان زميداري ۽ سرداري سرشتي کي پوري طرح ناس نه ڪيو ويو هو، تنهنڪري اها چين جي وڏن زميندارن سرمايه دارن، سنڌن چيني دلالن ۽ فوجي سردارن جي دٻاءُ جو ڏک جهلي نه سگهي ۽

انقلاب ناڪام ٿيو." (صفحه ١٦).

افسوس آهي جو چين جي ١٩١١ع واري انقلاب جو ذڪر پليجي صاحب سرسري طور ڪيو آهي جنهن لاءِ انقلاب جو باني ڊاڪٽر سن يات سين (Dr_ sun Yat sen) پورا چوڏنهن سال جلاوطن رهيو ۽ ڪيني ڪشالا ۽ تڪليفون برداشت ڪيائين. ١٩١١ع جي انقلاب ۾ ڊاڪٽر سن يات سين (پيدائش ١٨٦٦ع وفات ١٩٢٥ع) چين جي منچو (Manchu) بادشاهن جو خاتمو آندو جي صدين کان وٺي چين ۾ موروثي بادشاهي ڪندا آيا. هن انقلاب اچڻ کان پوءِ چين کي مورخين "ايشيا جي پهرين ريپبلڪ" جو نالو ڏنو هو. پليجي صاحب جي ڪتاب ۾ هن انقلاب جي ناڪامي جا جيڪي سبب حوالي ۾ ڏنا ويا آهن سي صحيح نه آهن. ان ۾ شڪ نه آهي ته ڪومنتانگ پارٽي ۾ ڪي وڏيرا به شامل هئا. پر انقلاب جي ناڪاميءَ جو سبب ڊاڪٽر سن يات سين جي هڪ عظيم ذاتي غلطي هئي. ڊاڪٽر سن وڏو انسان هو پر هن جي سوانح نگارن لکيو آهي ته هو وڏن فيصلن ڪرڻ وقت پنهنجي وجدان مان رهنمائي حاصل ڪندو هو. انقلاب اچڻ کان پوءِ پاڻ عارضي حڪومت جو صدر رهيو. ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب منچو بادشاهن جي هڪ معتمد نوڪر يوئان شهه- ڪاءِ (Yuan Shih_ Kai) سان رابطو قائم ڪيو. ڇاڪاڻ ته منچوز (Manchues) کان انقلاب جي مخالفت ۽ ٻيهر بادشاهت قائم ڪرڻ جو خطرو اڃا باقي هو. ان ڪري ڊاڪٽر سن يات سين سندن وفادار نوڪر کي آڇ ڪئي ته جيڪڏهن تون منچوز کي تخت تان دستبرداري ۽ نئين ريپبلڪ جي حمايت ۾ اعلان ڪرائيندين ته مان تنهنجي حق ۾ صدارت جي ڪرسي ڇڏي ڏيندس.

ڊاڪٽر صاحب ان راءِ جو هو ته هو ڪيترو وقت چين کان ٻاهر رهڻ ڪري چيني عوام جي حقيقي مسئلن کان پوري طرح آگاهه نه هو. يوئان ڊاڪٽر صاحب جي ان تجويز کي قبول ڪيو ۽ بادشاهه پيڪنگ جي منگ (Ming) قبن ۾ هڪ وڏي ڪوٺايل محفل ۾ بادشاهت تان دستبرداري جو اعلان ڪيو ۽ نئين ريپبلڪ سان وفاداري ڏيکاري. ان تاريخي ميڙ ۾ سن يات سين صدارت ڇڏي ۽ "يوئان" ان جي بدران صدر مقرر ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جو هي قدم هڪ تاريخي غلطي هئي. جلد ظاهر ٿي ويو ته بدمعاش يوئان نئين ريپبلڪ سان سچو نه هو ۽ ٻاهرين ٻنڪ سان سازباز ڪري پنهنجي بادشاهت قائم ڪرڻ ٿي چاهيائين. سن ۽ چيانگ ڪائي شيڪ هن جي خلاف جوابي ڪارروائي ڪئي پر اها بي فائدي ثابت ٿي.

نتيجو اهو نڪتو جو ٻنهي کي ٻيهر چين ڇڏي جاپان ۾ سياسي

پناهہ ونثي پئي، ان نموني ١٩١١ع جو انقلاب عارضي طرح ناڪام ٿيو. تفصيل جي لاءِ ڏسو (H. B. Restoric) جو ڪتاب - Sun Yat) (Scn ۽ نورا والس(Nora waln) جو ڪتاب "جلا وطن جو گهر" The) (house of exile پنهنجي ڪتاب جي صفحہ ٢٠ تي ڪومنٽانگ جي دغابازي ۽ اوچتو وار جي عنوان سان مصنف ١٢ اپريل ١٩٢٧ع تي ڪومنٽانگ جي هٿان چيني ڪميونسٽن جي تاريخي قتل عام جو ذڪر ڪيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هن ڪوس ۾ ڪيتري ماڻهو موت جو شڪار ٿيا ۽ پليجي صاحب جو اهو لکڻ صحيح آهي تہ اٽڪل ١٣ لک ماڻهو مارجي ويا هئا. هن خونريزي ۾ پليجي صاحب ٻاهرين سرمائيدارن جي سازش کي سبب ٺهرايو. ڪيس خبر نہ آهي تہ اپريل ١٩٢٧ع واري چيني ڪميونسٽن جي قتل عام لاءِ هندستان جو هڪ ڪميونسٽ ليڊر ڊاڪٽر ايم. اين. راءِ .Dr. M . N) (Roy جوابدار آهي. ان عظيم الميہ جو تفصيل هن ريت آهي تہ ان وقت ڊاڪٽر راءِ چين ۾ موجود هو. سندس گڏجاڻي هڪ چيني رهاڪو ون چنگ واءِ (Win ching _ Wai) سان ٿي جيڪو پاڻ کي ڪميونسٽن جو همدرد ظاهر ڪندو هو. ڊاڪٽر راءِ هن کي پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌائي تہ فڪر نہ ڪريو انقلاب لاءِ وک وڌائيندا هلو ڇاڪاڻ تہ روس کان امداد پهچڻ واري آهي. ون چنگ واءِ ڊاڪٽر صاحب جو هي اطلاع ڪومنٽانگ جي هاءِ ڪمان کي پهچايو. ان ڪري هنن فورًا حملو ڪري ڪميونسٽن جو قتل عام ڪرايو جنهن واقعي جو ذڪر رسول بخش صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي. ڪومنٽانگ وارن ان تي بس نہ ڪئي پر چين ۾ ان وقت روس جي سفير بورودن Mikhail) (Borodin کي پنهنجي گهرواري سميت گرفتار ڪيو جا ان وقت پيٽ سان هئي. ڊاڪٽر راءِ ان واقعي کان پوءِ فورًا جرمني ڏانهن ڀڄي ويو ۽ هندستان واپس پهچي ان متعلق انگريزي ۾ هڪ ڪتاب (Revolution and Counter Revolution in China) نالي پڻ لکيو آهي جنهن جو پليجي صاحب کي مطالعو ڪرڻ کپي. هي وڏي عجب جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ پليجي صاحب بورودن جهڙي شخص جو ذڪر پنهنجي ڪتاب ۾ نہ ڪيو آهي. چين جي اشتراڪي پارٽي جي تاريخ لکڻ وقت بورودن کي نظرانداز ڪرڻ جي برابر آهي. هن جي ڪارنامن جي دشمن بہ تعريف ڪئي آهي. مثلاً سرمايہ دارانہ نظام جي علمبردار آمريڪا جي هڪ آنجهاني خارجہ سيڪريٽري مسٽر فاسٽر ڊلس (Fostar Dulles) پنهنجي ڪتاب "جنگ ۽ امن" War) (and peace جي صفحہ ١٧٠ تي لکي ٿو:

"١ جنوري ١٩٥٠ع تي مون کي اهڙن ڏهن ماڻهن جي نالن

ٻڌائڻ لاءِ چيو ويو. جن صديءَ جي اڌ حصي ۾ سياسي معاملات جي واڌاري لاءِ گهرو اثر وڌو. آن تي مون جواب ڏنو. مائيخيل بورودن (Mikhail Borodin) اِنهن ڏهن نالن مان هڪ آهي. سوال پڇندڙ رپورٽر جو هي نالو ٻڌڻ ڪونه هو ۽ ڪو شڪ نه آهي ته ساڳيو ئي حال ڪيترن ئي آمريڪاواسين جو آهي. ١٩٢٣ع ۾ بورودن روس مان ڪهي اچي چين ۾ پهتو. سندس سفر جو مقصد چين ۾ ڪميونسٽ انقلاب جي ڪاميابي جو هو. بورودن ڪومنٽانگ جو سياسي صلاحڪار ٿيو ۽ ان نموني پنهنجو اثر رسوخ وڌائي هان ڪائو (Hon Kow) ۾ ڪميونسٽ گورنمينٽ قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. هن چيني ڪميونسٽ فوج جي تنظيم ڪرڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. هي اهائي فوج هئي جنهن چين ۾ ويهن سالن کان خانه جنگي شروع ڪري ڏني ۽ ان نموني سان آخر ڪميونزم کي فتح حاصل ٿي. ويٽنام ۾ خانه جنگي ڪرائيندڙ ليڊر هوچي منه (Hochi Minh) جنهن پنهنجي ملڪ ۾ فرانس جا تڏا ويڙهيا هئا. سو به روس مان خاص ٽريننگ وٺي چين ۾ بورودن سان گڏ ڪم ڪندو هو. "War and Peace _ P _ 170 By Dulles) بورودن ۽ ان جي ساٿين جي سرگرمين متعلق وڌيڪ معلومات مشهور صحافي ايڊگرسنو (Edgar Snow) جي ڪتاب (Red Star over China) مان ملي سگهي ٿي.

صفحه ١١٠ تي "سرمايه دار ملڪن ۽ چيانگ جون سازشون" جي عنوان تي پليجو لکي ٿو. "انهيءَ وچ ۾ دنيا جي سياست ۾ زبردست ڦيرڦار گهيريون اچي ويون. هٽلر پنهنجي عروج تي پهچي ويو هو. انگلنڊ ۽ فرانس جي سرمايه دار حڪومتن جي مرضي هئي ته هٽلر کي هشي ڏني سندس هٿان روس جي انقلابي حڪومت کي ختم ڪرايون. تنهن ڪري هنن سازش ڪري هٽلر کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪيس آسٽريا، چيڪوسلوواڪيا ۽ ٻين ملڪن تي ناجائز قبضي ڪرڻ جي موڪل ڏني ڇڏي. هاڻ هو انهيءَ ڪوشش ۾ هئا ته جپان کي به پاڻ سان ناهي راضي ڪري ڪيس ايرندي پاسي کان روس تي ٻجون. انهيءَ ڪري هنن سڀ آجون نڪرائي هٽلر خلاف گڏيل محاذ ناهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو." ان کان پوءِ موصوف برلن- ماسڪو معاهدي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو. "روس جي انقلابي پارٽي ۽ سرڪار برطانيه ۽ فرانس جي سڄيءَ سازش کي سمجهي ويا ۽ آخر منجهائن صفا نااميد ٿي ١٩٣٩ع ۾ هنن هڪ زبردست سفارتي انتم بم اڇلايو جنهن جي ڌماڪن سڄي دنيا کي لرزائي ڇڏيو. ٢٢ اگسٽ ١٩٣٩ع تي روس جي حڪومت هٽلري جرمنيءَ سان جنگ نه ڪرڻ جي معاهدي تي صحيح ڪئي ۽ هڪ ڌڪ سان برطانيه ۽ فرانس جي

سرمايہ دارن جا سفارتي ڪاڪ محل ڍهي اچي پٽ تي پيا." اڳتي لکي ٿو. "جلد ئي جنگ عظيم شروع ٿي وئي. جرمنيءَ روس کي ڇڏي بل ڏئي وڃي سازشين جي اڳواڻ فرانس کي نڙيءَ کان ورتو ۽ ٻن مهينن اندر ان کي چيپاٽي رکيائين." (صفحہ ١١٢)

مٿي ڏنل حوالن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ مصنف گذريل لڙائيءَ لاءِ رڳو مغربي جمهوريتن کي جوبدار ٺهرائي روس کي معصوم ڪري پيش ڪري ٿو. آءٌ هتي جنگ لڳڻ جي مختلف سببن تي روشني وجهي ثابت ڪندس تہ ان جو مقصد روس جي انقلابي حڪومت کي ڪيرائڻ نہ هو جيئن پليجو صاحب تاثر ڏئي رهيو آهي. حقيقت هي آهي تہ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ لاءِ برلن- ماسڪو معاهدو ئي ذميوار آهي جنهن کي پليجي صاحب روس جي طرفان سفارتي انتم بم سان تشبيهہ ڏني آهي اهو چوڻ بلڪل غلط آهي تہ انگلينڊ ۽ فرانس جي سرمايہ دار ملڪن جي مرضي هئي تہ هٽلر کي هشي ڏئي سندس هٿان روس جي انقلابي حڪومت کي ختم ڪرايو. ان جي ابتڙ تاريخ شاهدي ٿي ڏئي تہ روس جي جنگي تباهيءَ لاءِ خود ان جو مرد آهن مارشل جوزف اسٽالن ئي جوبدار آهي. پليجي صاحب جي اها راءِ صحيح آهي تہ مغربي ملڪن هٽلر کي چيڪوسلويڪيا تي ناجائز قبضو ڪرڻ جي موڪل ڏيئي ڇڏي. پر اها موڪل ڪيئن ڪيئن ڏنائون ان جو ڪوبہ تفصيل موصوف پنهنجي ڪتاب ۾ نہ ڏنو آهي، جڏهن تہ تاريخي حقيقتن لکڻ وقت خبرداري کان ڪم وٺڻ گهرجي، محض سطحي ڳالهيون لکڻ ڪنهن بہ مصنف جي شان وٽان نہ آهن. آءٌ هتي هٽلر جي جنگي جنون جو مختصر خاڪو پيش ڪريان ٿو. ان مان صورتحال جي پوري وضاحت ملندي ۽ ٻي وڏي لڙائيءَ جي لڳڻ تي پليجي صاحب جيڪي ڪجهہ مٿي لکيو آهي، تاريخي حوالن جي روشنيءَ ۾ ان جي مڪمل ترديد ٿيندي ۽ پڙهندڙ حضرات جي اڳو خود سندس ساراهيل اسٽالن جو ڪردار ظاهر ٿيندو.

پهرين عالمگير جنگ کان پوءِ اپريل ١٩١٩ع ۾ مغربي قومن آمريڪا جي صدر ولسن (Wilson) جي صدارت ۾ جرمنيءَ سان هڪ صلحنامو ڪيو هو، جنهن کي "ورسائيلز" (Versailles Treaty) جو معاهدو سڏيو وڃي ٿو. ان ٺاهہ جي نڪتن موجب جرمنيءَ جا ڪي ٽڪرا ان کان ڇني ڌار ڪيا ويا ۽ ڪيس جنگي تاوان ڀرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. جرمني ان وقت ڪمزور ملڪ هو، ان ڪري ڪيس معاهدي جي ذليل فقرن قبول ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونہ هو. هن عهدنامي جي ڪري پوري جرمن قوم جي بيعزتي ٿي هئي ۽ ان جي غيرت کي سخت ڌڪ لڳو ۽ ٺاهہ جي خلاف نفرت جي باهہ

پڙڪي. جلد ئي، يعني سيپٽمبر ١٩١٩ع ۾ هٽلر نازي پارٽيءَ جو بنياد وڌو ۽ پنهنجي منشور ۾ ورسائيلز جي معاهدي کي ٽوڙڻ جو وعدو ڪيائين. ١٩٣٣ع جي چونڊن ۾ هٽلر ۽ سندس نازي پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿي. هٽلر اقتدار ۾ آيو ۽ جرمنيءَ جي وڃايل عظمت بحال ڪرڻ لاءِ هڪ وڏيءَ "جرمن سلطنت" (German Empire)قائم ڪرڻ جا خواب ڏسڻ لڳو. ان سلسلي ۾ هن جون نظرون چيڪوسلوبڪيا تي پيون. ڇاڪاڻ ته هي خطو ان وقت ترقي پسند جمهوري ملڪ هو، هن جا روس ۽ فرانس سان دفاعي معاهدا هئا. نه فقط ايترو پر هن جي فوج به تربيت يافته هئي ۽ چيڪ جي فضائي حدن مان لنگهي برلن سولائيءَ سان پهچي سگهبو هو. انهن سببن ڪري هٽلر هن ملڪ کي نيست ۽ نابود ڪرڻ ٿي چاهيو. چيڪوسلويڪيا تي چڙهائي لاءِ اهو بهانو بڻايائين ته هن ملڪ ۾ اٽڪل ٽيهه لک جرمن نسل جا باشندا جن کي سڊينٽس (Sudents) چوندا هئا اقليت ۾ رهن ٿا. ان ڪري هٽلر جرمن آبادي واري علائقي (Sudentland) کي چيڪوسلويڪيا مان ڌار ڪري جرمنيءَ سان شامل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ان وقت گهٽو ڪري ننڍين قومن جي قسمت وڏين طاقتن جي هٿ ۾ هئي. هٽلر جي طرفان مٿين مطالبي جي پيش نظر برطانيه سرڪار جي وزير اعظم مسٽر چئمبرلين (Chamberlain) هٽلر سان "سڊينٽلنڊ" جي مسئلي بابت پهرين آڪٽوبر ١٩٣٨ع تي ميونخ (Munich) ۾ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي هئي. ان ۾ هٽلر ۽ چئمبرلين کان سواءِ اٽليءَ جو مسولني ۽ فرانس جو وزيراعظم ڊيلاڊير (Daladier) شريڪ ٿيا ۽ چئني هڪ ناهه تي دستخط ڪيا. ان ۾ هٽلر جي گهر کي تسليم ڪري چيڪ جو صوبو "سڊينٽلنڊ" جرمنيءَ جي حوالي ڪيو ويو. حقيقت ۾ "ميونخ ناهه" چئمبر لين جي عظيم غلطي هئي، جنهن بعد ۾ تاريخ جو رخ بدلائي ڇڏيو. هي عهدنامو غريب ملڪ چيڪوسلوبڪيا تي زوري مڙهيو ويو ان ڪري چيڪ صدر مسٽر بينز (Benes) استعفا ڏني هئي. ڪانفرنس کان موٽي (Hetson) اينر پورٽ تي هٽلر ۽ چئمبرلين هٿ ۾ هٿ ملائي اعلان ڪيو ته "هن تاريخي عهدنامي تي صحيح ڪري اسان جي عوام انهيءَ عزم تي پختو يقين ڏيکاريو ته هو ڪڏهن به هڪ ٻئي خلاف جنگ نه ڪندا ۽ پاڻ ۾ کيرکنڊ ٿي رهندا."

(Documents on international affiairs 1938 _ Volume 11 P _ 270)

پر جلد ئي پتو پيو ته جنگ نه ڪرڻ جو عزم لوڏي ۾ اچي ويو. ميونخ معاهدو ان وقت هٽلر جي عظيم ڪاميابي هئي. خود برطانيه

۾ حزب اختلاف جي ليڊر سر ونسٽن چرچل ان کي شرمناڪ قرار ڏنو. سندس الفاظ تاريخي اهميت جا آهن جي ناظرين جي دلچسپيءَ لاءِ اصل انگريزيءَ ۾ نقل ڪجن ٿا. چرچل چيو ته.

"The Government had to choose between shame and war. They chose shame and they will get war.

اهو ته هو خود انگلينڊ جي هڪ ليڊر جو تبصرو. باهرين دنيا ۾ به هن معاهدي خلاف شديد ردعمل ٿيو. پليجي صاحب جي اطلاع لاءِ عرض آهي ته خود روس ۾ به ان جي خلاف نفرت جو اظهار ڪيو ويو. نومبر ١٩٣٨ع ۾ روس جي مسٽر مولوٽو (Molotove) پنهنجي هڪ تقرير ۾ هن ناهه تي تبصرو ڪندي چيو ته، "ميونخ ناهه کي بظاهر ته امن جي چارٽر سان ياد ڪيو ٿو وڃي، پر حالت هي آهي ته اعلان جي صحيح ٿيڻ کان پوءِ به شريڪ ملڪن جي دفاعي بجيٽ ۾ اضافو ڪيو ويو. اسلح جي پيداوار ۾ پوريون ڪوششون ڪيون ٿيون وڃن. فسطائي گورنمينٽ ۽ نام نهاد جمهوري گورنمينٽن جي وچ ۾ هن قسم جي سودي بازي ڪرڻ سان جنگ ۾ ڪمي نه ايندي، پر ابتلندو سامراجي لڙائيءَ جو خطرو وڌي ويو. حقيقت ۾ هن باهه جي مٿان گاسليٽ هارڻ جو ڪم ڪيو ۽ کهڙي به وقت جنگ جا پيئٽ پرٽا هنا. برطانيه ۽ فرانس کي ياد ڪرڻ کپي ته پنهي قوتن نه فقط چيڪوسلويڪيا کي قربان ڪيو، پر پنهنجي معاهدات کي پڻ سخت ڌڪ لڳايو. ڇا هن کان پوءِ به جرمني ۽ اٽلي ڪين قدر جي نگاهه سان ڏسندا؟ منهنجو جواب قطعًا انڪار ۾ آهي." (١)

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته مسٽر مولوٽو جو مٿيون بيان بصيرت افروز آهي ۽ بعد ۾ ان جو هڪ هڪ لفظ صحيح ثابت ٿيو. ناظرين مٿين بيان کي غور سان ذهن نشين ڪن. اڳتي هلي آءٌ ثابت ڪندس ته برلن ۽ ماسڪو معاهدو مٿي بيان ڪيل اصول جي صريح خلاف ورزي آهي. سڊيٽلنڊ تي قبضي ڪرڻ بعد هٽلر اتان جي چيڪ قومن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي سازش ڪئي. مٿين ذڪر ڪيل ميونخ معاهدي موجب چيڪوسلويڪيا جي باقي مشرقي (Eastern) صوبن سلويڪيا (Slovakia) ۽ روٿينا (Rothena) کي صوبائي خودمختاري ملٽي هئي پر سلاوڪ صوبائي خودمختاري جو ناجائز فائدو وٺي آزاديءَ جا خواب ڏسڻ لڳا. چيڪ صدر هاچا (Hacha) ان خطرناڪ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهي صوبائي گورنمنٽن کي معطل ڪري ڇڏيو. هٽلر هن موقعي کي غنيمت ڄاڻي ڊسمس ٿيل سلاوڪ وزيراعظم "تسو" (Tiso) کي پاڻ وٽ برلن ۾ گهرائي مڪمل

(1) Soveit Documnts on foreign policy _ vol: 111 P _ 308)

سلاوڪ آزادي لاءِ هڪ اعلان پڙهي ٻڌايو ۽ کيس هدايت ڪئي ته ان
کان پوري پارليامينٽ جي ميمبرن کي آگاهه ڪري جا ڳالهه سلاوڪن
به مڃي هئي. آزاد سلاوڪ رياست (بنگله ديش جيان) قائم ڪرڻ کان
پوءِ هٽلر چيڪ جي پريزيڊينٽ هاچا کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو ۽
کانئس هڪ اعلان تي زوريءَ صحيح ورتي ته چيڪ عوام هٽلر کي
پنهنجو (Furer) تسليم ٿا ڪن. ان نموني سان پوريءَ چيڪوسلويڪيا
تي قبضو ڪري هٽلر هاڻي پولينڊ جي هڪ شهر ڊنزگ (Donzig)
تي قبضي ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري. اتي چنمبرلين وزيراعظم
برطانيه اڪيون پٽيون ۽ معلوم ٿيس ته هٽلر پوريءَ طرح يورپ تي
نيپولين بوناپارٽ وانگر پنهنجي بادشاهت قائم ڪرڻ گهري ٿو. ان
سبب ڪري برطانيه سرڪار پڪو پهه ڪيو ته پولينڊ تي حملي ٿيڻ تي
هوءَ خاموش نه رهندي، خطري جي پيش نظر چنمبرلين ٣١ مارچ
١٩٣٩ع تي پارليامينٽ ۾ اعلان ڪيو ته پولينڊ (Poland) تي نازي
حملي جي ڪري اسين ضرور هن جي آزاديءَ جو بچاءُ ڪنداسين ۽ ان
لاءِ جنگ ڪرڻ کان به گريز نه ڪنداسون. چنمبرلين جي هن دڙڪي
تي هٽلر دل جهلي نه سگهيو ڇاڪاڻ ته انگلينڊ وڏي طاقت هئي ۽
مثل مشهور هو ته انگريز جي بادشاهت تان سج لهي نٿو نه ٿو. هٽلر
سمجهيو ته پولنڊ تي حملي ڪرڻ کان اڳ اهو ضروري آهي ته روس
سان فوجي معاهدو ڪجي، نه ته اڪيلي چڙهائي ڪرڻ مان مورڳو
ڇيهو رسندو ۽ پولينڊ کي به هڙپ نه ڪري سگهبو. هٽلر روس سان
معاهدي ڪرڻ تي بيتاب ٿيو. ان کان اڳ سندس وزير خارجه ربنٽراپ
(Rebbentrop) روسي وزير خارجه مسٽر مولوٽو (Molotove) سان
ماسڪو ۾ ملاقات ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري هئي. جنهن کان جواب
ڏيڻ ۾ تاخير ٿي. ان ڪري هٽلر مجبور ٿي ٢٣ آگسٽ ١٩٣٩ع تي
اسٽالن (Stalin) ڏانهن ذاتي پيغام موڪليو ۽ کانئس ربنٽراپ جي
روسي ليڊرن سان ملاقات جي اجازت گهري. ان تي اسٽالن هٽلر جي
اِچ قبول ڪئي ۽ ٢٣ آگسٽ ١٩٣٩ع تي نازي وزير خارجه مسٽر
ربينٽراپ (Rebbentrop) هوائي جهاز تي چڙهي ماسڪو ۾ روسي
ليڊرن سان ملاقات لاءِ پهتو. هٽلر جي وزيرخارجه جي ماسڪو واري
دوري تي برطانيه سرڪار سخت تشويش ظاهر ڪئي ۽ پنهنجي
جرمنيءَ واري سفير مسٽر هنڊرسن (Handerson) کي هدايت ڪئي
ته هو فورًا هٽلر سان ملاقات ڪري. برطانوي سفير نازي آمر سان
ملي چيمبرلين جي آخري وارننگ کان کيس آگاهه ڪيو ۽ هن کي
واضح الفاظ ۾ ٻڌايو ته پولنڊ تي حملي ڪرڻ وقت اسين خاموش
تماشائي نه بڻباسون ۽ انگريز سرڪار ان جي بچاءُ لاءِ موثر تدبيرون

اختيار ڪندي. مسٽر هنڊرسن (Handerson) پنهنجي ڪتاب ۾ هٽلر ڏانهن چيمبرلين جي لکيل خط جو متن شايع ڪيو آهي جو هن ريت هو تہ، "١٩١٤ع واري لڙائيءَ ۾ هزمنجسٽي جي گورنمينٽ تي الزام مڙهيو ويو تہ جيڪڏهن هوءَ پنهنجي ان وقت جي پوزيشن صاف ڪري ها تہ شايد جنگ جي آفت ٽري وڃي ها. ان الزام ۾ ڪا صداقت آهي تہ ان لاءِ ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. بهرحال هن ڀيري اسين صاف چوڻ ٿا گهرون تہ ان قسم جي المناڪ غلط فهميءَ کي ٻيهر پيدا ڪرڻ نہ ڏنو ويندو. جيڪڏهن ڪا اهڙي نوبت آئي تہ اسان جون مسلح فوجون ان کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهنديون ۽ جي هڪ دفعو جنگ ڇڙي تہ ان جي تباهہ ڪن اثرات جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي."

هوڏانهن ربنٽراپ روسي ليڊرن سان مفيد ڳالهيون ڪيون هيون ۽ ان جي نتيجي ۾ جرمني ۽ روس جي وچ ۾ ڏهن سالن تائين جنگ نہ ڪرڻ جو معاهدو ٿيو. جنهن جو ذڪر پليجي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي. پليجي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ صاف لکيو آهي تہ برلن- ماسڪو معاهدي جي ابتدا روس جي انقلابي پارٽي ۽ سرڪار ڪئي هئي، جنهن کي هو انهن جو سفارتي ايٽم بم ٿو سڏي. پر مٿي واقعات مان ثابت ڪيو ويو تہ ان معاهدي جي ابتدا هٽلر ڪئي هئي. معاهدي ۾ ٻنهي حڪومتن يعني نازي جرمني ۽ سوشلسٽ روس قبول ڪيو تہ جنگ جي حالت ۾ ٻئي ملڪ ڳڌجي ڪنهن بہ دشمن جي مدد نہ ڪندا ۽ جيڪڏهن ڪا اهڙي صورتحال پيش آئي تہ، پاڻ ۾ ويهي هڪ ٻئي سان صلاح مشوري ڪرڻ بعد ئي ان جو مقابلو ڪبو. جيڪڏهن فريقين جي وچ ۾ ڪي بہ اختلاف پيدا ٿين تہ مصالحت جي ذريعي ان جو نبيرو ڪبو" (١)

هيءَ ڳالهہ خاص ياد ڪرڻ جي آهي تہ آگسٽ ١٩٧١ع تي روس ڀارت سان جيڪو معاهدو ڪيو هو، ان جا شرط بہ هوبهو ساڳيا آهن جيڪي هٽلر سان ڪيا ويا هئا. جهڙيءَ طرح ڀارت روس سان دفاعي معاهدو ڪري مشرقي پاڪستان تي حملو ڪري ڏنو، ساڳيءَ طرح هٽلر بہ روس سان فوجي معاهدو ڪرڻ بعد هڪ هفتي اندر يعني پهرين سيپٽمبر ١٩٣٩ع تي پولنڊ تي حملو ڪري ڏنو ڇاڪاڻ تہ کيس روس جهڙي هڪ وڏيءَ طاقت جو تعاون حاصل هو. پولنڊ تي هٽلر جي ڪاهہ جي خبر بجليءَ وانگر پکڙجي وئي. هوڏانهن برطانيہ سرڪار هٽلر کي ٻن ڏينهن جو نوٽيس ڏنو تہ جيڪڏهن ان عرصي اندر هٽلر جنگ بند نہ ڪئي ۽ پولنڊ تان

---

(1) Nazi Soveit Treaty _ P _ 70.

پنهنجون فوجون نہ هٽايون تہ ٣ سيپٽمبر کان وٺي برطانيہ هٽلر جي جرمنيءَ سان جنگ ڪندي. پر هٽلر روس جي هشيءَ تي مست هو سو ڪٿي ٿو اهڙي الٽيميٽم جي پرواهہ ڪري. ان ڪري ٣ سيپٽمبر ١٩٣٩ع تي ٻي مهاڀاري لڙائي جي شروعات ٿي.

مون قارئين آڏو مختصر طرح ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي تاريخ بيان ڪئي آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو پليجي صاحب پنهنجي ڪتاب جي صفحہ ١١٠ کان ١١٢ تائين (حوالا مٿي ڏنل) جنگ جي متعلق اٿپوري ۽ غلط ڳالهہ ڪئي آهي. منهنجي گذارشن مان، جيڪي تاريخ تي مبني آهن، هر پڙهيل ماڻهو ان نتيجي تي پهچندو تہ جيڪڏهن اسٽالن هٽلر سان معاهدو نہ ڪري ها تہ لڙائي لڳڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿيو ٿئي. هاڻي ذهن ۾ هڪ سوال ٿو اڀري تہ انسانيت جي علمبردار اسٽالن ڇو فاشي هٽلر سان دفاعي معاهدو ڪيو؟

مٿي اوهان روسي وزيرخارجہ مسٽر مولوٽو (Molotove) جي نومبر ١٩٣٨ع جي تقرير جو اقتباس پڙهيو آهي جنهن ۾ ميونخ صلحنامي خلاف مغربي جمهوريتن کي فسطائي جرمنيءَ سان معاهدي ڪرڻ تي ٽوڪيو ويو آهي. حيرت آهي تہ ساڳئي مولوٽو ڪيئن هڪ ميز تي ويهي ربنٽراپ سان معاهدو ڪيو؟ ڇا ان جو نالو اصول پرستي آهي؟ ڇا ان مان ثابتي ملي ٿي تہ روس نظرياتي رياست آهي؟ اسٽالن ان ڳالهہ کان بيخبر نہ هو تہ هٽلر ڪميونزم جو وڏو مخالف هو. اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ هٽلر اعلان ڪيو هو تہ يورپ کي منهنجو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي جو مون ڪين ايشيائي ديو ڪميونزم کان نجات ڏياري آهي. اليڪشن ۾ نازي پارٽي جي عظيم الشان ڪاميابيءَ تي تبصرو ڪندي هٽلر لنڊن جي هڪ بااثر اخبار "Express" جي نمائندي مسٽر سيفٽان ڊيلمر کي ٣ مارچ ١٩٣٣ع تي هڪ ڊگهو انٽرويو ڏنو هو، ان ۾ ڪميونزم بابت ڳالهائيندي هٽلر چيو:

"We must crush communism out of existence."

پاور ۾ اچڻ کان فورا بعد هٽلر جرمنيءَ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ختم ڪرائڻ لاءِ هڪ خطرناڪ سازش سٽي هئي. ڇا ڪيائين جو پارلياميٽ (Reichstag) جي بلڊنگ کي خود باهہ ڏياري الٽو ڪميونسٽن تي الزام لڳايائين تہ انهن باهہ ڏني آهي. ان جي نتيجي ۾ ڪميونسٽن خلاف هڪ ڪوڙو ڪيس ٺاهيائين ۽ انهن تي مقدمو هلائي هڪ نوجوان ٻي ڏوهي ڪميونسٽ ليڊر لبي (Lubbee) کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي. مطلب تہ سڄي نازي فلاسافي ڪميونزم جي خلاف هئي. هٽلر جي هڪ ويجهي ساٿي لڊيڪي (Luddecky)

پنهنجي ڪتاب (I knew Hitler) ۾ لکيو آهي ته يهودين کان هٽلر ڪيترن ئي سببن جي ڪري نفرت ڪندو هو، ان مان هڪڙو سبب هي ٻ آهي ته هٽلر جي بقول، ڪميونزم جو فتنو يهودي دماغ جي پيداوار آهي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته اهڙي ڪٽر ڪميونسٽ دشمن سان ڪهڙي اصول تحت روسين فوجي معاهدو ڪيو؟ ڇا اِن حالت ۾ ڪميونسٽن جي اها دعويٰ ته روس هڪ نظرياتي رياست آهي، محض فريب نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟

ٻي مهاڀاري لڙائي لڳڻ جي ذميداري اسٽالن تي آهي جنهن ۾ ڪروڙين ماڻهو هلاڪ ٿيا ۽ اڄا تائين جپان جا نومولود ٻار ائٽمي اثرات جي ڪري (Crippled) آهن. پر قدرت جا ڪرشما ته ڏسو ته ان جو نتيجو روس کي به مليو. جون ١٩٤١ع ۾ هٽلر روس سان ٿيل فوجي معاهدي جي خلاف ورزي ڪندي ان تي ڀرپور حملو ڪري ڏنو. هاڻي اسٽالن جون وايون بتال ٿي ويون، ڪري ته ڪري ڇا ، وڃي ته وڃي ڪاڏي. روس تي نازي حملي بعد پوري دنيا جي ڪميونسٽن ڦرٽيون گهرٽيون ڪاڍيون. اڳ هن جنگ کي سامراجي جنگ ڪوٺيندا هئا ۽ روس تي ڪاهه ٿيڻ کان پوءِ ان کي عوامي جنگ جو نالو ڏئي روس جي بچاءُ لاءِ اپيلون ۽ چندا گڏ ڪرڻ لڳا. هندستان جي هڪ عظيم سياستدان مولانا ابوالڪلام آزاد صاحب پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ ان جو بهترين نقشو چٽيو آهي. مولانا مرحوم جن لکن ٿا ته :

"ٻي مهاڀاري لڙائي لڳڻ وقت هٽلر ۽ اسٽالن پاڻ ۾ جنگ نه ڪرڻ جو معاهدو ڪيو هو. ان سبب ڪميونسٽن کي (سياسي) نقصان پهتو. سبب رڳو هي آهي ته معاهدي تي دستخط ڪرڻ وقت به ڪميونسٽ حضرات هٽلر ۽ ان جي نازي فلسفي تي حملا ڪندا رهيا. هندستاني ڪميونسٽن پليءَ پٽ ٿي ڄاتو ته اسٽالن معاهدو ڪري سخت غلطي ڪئي هئي، پر ويچارن کي دنيا جي ٻين ڪميونسٽن وانگي تنقيد جي جرئت ئي ڪانه رهي جو اسٽالن جي ان فعل تي ملامت ڪن. ابتلندو معاهدي جي ان تعبير لاءِ اهو بهانو پيش ڪيائون ته ان جي صحيح ٿيڻ کان پوءِ هاڻي سامراجي جنگ ۾ ڪمي ايندي ۽ اها يقيناً محدود ٿي ويندي. لاچار ٿي ڪميونسٽن پنهنجي موقف کي حق بجانب ثابت ڪرڻ لاءِ اهو دليل پيش ڪيو ته هٽلر هڪ ننڍي برائي آهي. هن کان اڳ هندستان جي ڪميونسٽ پارٽي جنگ ۾ انگريزن جي مدد کان معذرت ڏيکاري هئي ۽ پنهنجي ڊرين لاءِ غيرجانبداري جي پاليسي اختيار ڪئي هئي. سندن اهڙي روش کي سخت شاڪ پهتو، جڏهن هٽلر روس تي حملو ڪري ڏنو. هن واقعي کان پوءِ ڪميونسٽ ڦرٽيون گهرٽيون ڪاڻڻ لڳا. جنگ ۾ پنهنجي اڳين

غيرجانبداري واري پاليسي ڇڏي،عوامي جنگ جو نعرو بلند ڪري سرجوشيءَ سان انگريزن جي مدد ڪرڻ لڳا. ان سلسلي ۾ سندن ليڊر ڊاڪٽر ايم - اين - راءِ (M . N . Roy) جي حمايت ۾ سخت پروپئگنڊا شروع ڪري ڏني ــــــــــــــــ

۽ ڪيترن ئي طريقن سان ڪيس امداد ملندي رهي، نہ فقط ايترو پر ڪميونسٽ پارٽيءَ تي لڳايل پابندي هٽائي وئي هئي ۽ ڪميونسٽ آزادانہ طور تي جنگي پروپئگنڊا ۾ مصروف رهيا." (١)

هٽلر سان جنگي معاهدو ڪري اسٽالن ان جو هي نتيجو ڏٺو جو خود روس تي حملو ٿيو. هاڻي ڀي ڪا واهہ نہ ڏسي اسٽالن وري سرمائيدار ملڪن کي پڪار ڪئي تہ خدارا منهنجا ٻانهن ٻيلي ٿيو نہ تہ نازي حڪمران سڄي روس تي بمبارڊمينٽ ڪري ان کي بلڪل فنا ڪري ڇڏيندا. ان ڪري اسٽالن مغربي قومن کي گڏيل دشمن جي خلاف محاذ بنائڻ لاءِ اپيلون ڪيون. ان جي جواب ۾ برطانيہ جي وزيراعظم مسٽر چرچل ١٩٤٢ع ڌاران ماسڪو جو سفر ڪيو ۽ روسي وزيراعظم سان روبرو ڳالهيون ڪيون.انهن مذاڪرات جي مڪمل روئداد چرچل پنهنجي ڪتاب (Second World War) ۾ ڏني آهي. هڪ هنڌ چرچل لکي ٿو تہ، "جڏهن اسٽالن آڏو لڙائي بنسبت هڪ جامع اسڪيم پيش ڪيم جا اسٽالن کي ڏاڍي پسند آئي ۽ هن هڪ آہ ڀري. هن روسي دهريہ جي واتان اهي الفاظ نڪتا تہ،

"May God make your undertaking Successful

جرمني جي هڪ سؤ چاليهہ ڊويزن فوج روس تي هڪ هزار ميلن جو چوطرف محاذ کولي ڇڏيو. سندس ڪمانڊ جنرل براشيٽش (Brauchitsch) جي هٿ هيٺ هئي. جرمن فوجن تيزيءَ سان ڪيترن روسي شهرن تي قبضو ڪيو هو. پر روس ۾ سياري جي موسم جرمن فوج کي پسپا ڪري ڇڏيو. موسم جو خيال نہ ڪرڻ هٽلر جي عظيم غلطي هئي. هن تاريخ مان بہ ڪو سبق ڪونہ پرايو. ساڳي حالت روس ۾ ڏيڍ سو سال اڳ نيپولين بوناپارٽ سان ٿي هئي ۽ هن جون فوجون بہ روسي ٿڌ ۽ برفباري جي ڪري پسپا ٿيون هيون. هٽلر جي ٻي غلطي هي هئي جو ٿڌ ۾ برفباري کان بچاءَ لاءِ هن پنهنجي فوج کي مناسب ڪپڙا بہ ڪونہ پهچايا. جرمني جي ڪمانڊر ان چيف هالڊر (Halder) پنهنجي ڪتاب (Hitler as War Lord P_ 42) ۾ لکيو آهي تہ، "مون سياري جي موسم ۾ ڪپڙن لاءِ باربار هٽلر کي گذارشون ڪيون پر ڪپڙن جي سپلاءِ لاءِ هٽلر صفا جواب ڏئي ڇڏيو." ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ روسي فوجن نهايت دليريءَ سان

---

(١) ;India wins Freedom by Abulkalam AzadP 125.

مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي مادر وطن جي دفاع لاءِ عظيم قربانيون ڏنائون. خود هٽلر بہ هڪ دفعي مسوليني، سان روسي فوج جي بهادري جي تعريف ڪئي هئي.

جنوري ١٩٤٣ع ۾ روسي فوجن اسٽالن گراڊ ۾ عظيم ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ جرمني جي ٢٢ ڊويزن فوج مارجي ۽ گرفتار ٿي وئي. هٽلر جي فوج هٿيار ڦٽا ڪري پيش پئي. انهن ۾ جرمني جو فيلڊ مارشل پالس (Paulus) بہ هو. اسٽالن روس جو موثر دفاع ڪيو هو. ظاهر آهي تہ اهو بچاءُ عارضي نوعيت جو هو. جرمني کي هميشه لاءِ شڪست ڏيڻ واسطي هو مغربي اتحادين سان شامل ٿيو. ٢٨ نومبر ١٩٤٣ع ۾ تهران ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ اسٽالن کان سواءِ آمريڪا جي صدر مسٽر روزويلٽ ۽ برطانيہ جي وزيراعظم مسٽر چرچل شرڪت ڪئي هئي. هن ڪانفرنس ۾ جنگ جي آئنده منصوبي (سال ١٩٤٤ع) لاءِ اسٽالن جي ان تجويز تي اتفاق ٿيو تہ جيڪڏهن مغربي طاقتون جرمنيءَ کي شڪست ڏيڻ لاءِ سموريون ڪوششون صرف ڪندا تہ روس جپان کي شڪست ڏيڻ لاءِ ڪين مدد ڏيڻ لاءِ تيار آهي. تهران ۾ روسي ليڊرن سان پريزيڊنٽ روزويلٽ جون دلچسپ ڳالهيون ٿيون ۽ ڪينن خشڪ مزاج مائيٽي اسٽالن کي هن کلائي ٽهڪ ڏياريا. ان جو مڪمل تفصيل روزويلٽ جي ليبر سيڪريٽري مس فرئنسز پرڪنس Miss Frances perkins پنهنجي ڪتاب "روزويلٽ جيئن ڏٺو آ مون" (Rossevelt I knew) ۾ ڏنو آهي. آخرڪار جرمني، اٽلي ۽ جپان کي جنگ ۾ شڪست آئي ۽ اتحادي طاقتن جي فتح ٿي.

مون قارئين اڳ جنگ جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. ان جي مطالعي مان اوهان سمجهي ويا هوندا تہ ٻي مهاڀاري لڙائي ماسڪو-برلن معاهدي جي ڪري شروع ٿي. پليجي صاحب پنهنجي ڪتاب جي صفحہ ١٠٠ کان ١١٢ تائين جنگ جي متعلق جيڪي ڪجهہ لکيو ان جي جواب ڏيڻ لاءِ مجبورًا مون کي جنگ جي تاريخ بيان ڪرڻي پئي. ان جو ٻيو سبب اهو آهي تہ اسان جي سنڌي زبان ۾ ٻي عالمگير لڙائي بنسبت ڪو لٽريچر ڇپيل نہ آهي. اميد تہ هن مضمون پڙهڻ سان قارئين حضرات جي معلومات ۾ اضافو ٿيندو.

عوامي ڪميون (Commune)

ڪتاب جي صفحہ ١٧٣ تي چين ۾ عوامي ڪميون سسٽم بنسبت پليجو صاحب لکي ٿو. "١٩٥٨ع ۾ مائو هدايت ڪئي تہ چين

۾ عوامي ڪميون قائم ڪرڻ جي زبردست تحريڪ شروع ڪئي وئي. عوامي ڪميون ۾ سوين هزارين گهرن ۽ ڪٽنبن جا ماڻهو سڀ پاڻ ۾ گڏجي هڪڙو گهر ۽ هڪڙو ڪٽنب ٿي وڃندا آهن. سڀني جي ملڪيت گڏ هوندي آهي. سڀني گڏجي ڪم ڪندا آهن ۽ گهر جي ياتين وانگر پاڻ ۾ ورهائي ونڊي کائيندا آهن. ڪميون ڄڻ ته وڏن ڪارخانن وانگر آهي جنهن ۾ وڏي پيماني تي پيدائش ٿي سگهي ٿي. جيجهن جي پورهئي مان لک بچائي لکن جي مشنري وٺي سگهجي ٿي. هزارين ماڻهو گڏجي واهه کوٽي ويران ٻنيون آباد ڪري ٻرن ۾ بازاربون ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجي زندگيءَ کي رات مان ڏينهن بڻائي سگهن ٿا." (صفحه ١٧٣)

هي ڪميون ڇا آهي؟ ان جو مختصر جواب هي آهي ته ڪيترن ئي اجتماعي فارمن کي هڪ اڪيلي تنظيمي ۽ انتظامي يونٽ ۾ شامل ڪجي ۽ هن قسم جو يونٽ زراعت، چوپائي مال جي پرورش، مڇين جي ڪاروبار ۽ صنعت کي ترقي ڏيارڻ لاءِ جوابدار هجي. ان جو مقصد هي آهي ته تمام آباديءَ کي هڪ واحد گڏيل ڪمان هيٺ ڏيارجي. هارين کي پوڪي جي نمائندي جي حيثيت سان، شاگردن کي تعليم ۽ ثقافت جي نمائندي جي حيثيت سان ۽ فوجن کي فوجي معاملن جي نمائندي جي طور تي هڪ ئي ڪمان هيٺ ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي. ائين سمجهو ته ڪميون درحقيقت خانداني زندگي (Family Life) کي بنهه ناس ڪرڻ جو بيو نالو آهي سائنٽيفڪ سوشلزم جي باني ڪارل مارڪس پنهنجي تحريرن ۾ خانداني زندگي کي بورجوا طبقي جي ڇڏيل رسم سان تعبير ڪيو آهي. ڪميون سسٽم ان جو نعم البدل آهي. هن نظام جو تجربو ننڍي پيماني تي ١٩١٨ع کان ١٩٢٣ع تائين لينن جي حياتيءَ ۾ روس اندر ڪيو ويو هو. پر هي تجربو اتي ناڪامياب ٿيو.

مسٽر چرچل پنهنجي ڪتاب (The Hinge of fate)۾ ١٩٤٤ع ۾ اسٽالن سان پنهنجي هڪ گفتگو جو ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو:

اسٽالن کان پڇيم، "ڀلا هي ته ٻڌاءِ ته شخصي طور سان هي مهاڀاري لڙائي ايتري تڪليف ڏيندڙ آهي جيتري روس ۾ اجتماعي فارمن جي قائم ڪرڻ جي جدوجهد؟" هي ڳالهه ٻڌي مارشل اسٽالن پنهنجا ڪن ڪڙا ڪيا ۽ چوڻ لڳو ته، او نه،اجتماعي فارمن جي جدوجهد هڪ هيبتناڪ جدوجهد هئي." مون چيو مانس، "منهنجو به اهو ئي خيال هو ته اوهان کي هن جدوجهد ۾ تڪليف آئي هوندي، ڇو جو اوهان جو واسطو چند هزار اميرن سان واسطو نه پر ڪروڙن سان منهن ڏيڻو پيو. هيءَ ڪوشش واقعي خطرناڪ هئي ۽ ڇنن

سالن تائين جاري رهي."

ڪميون سسٽم مان فائدن جو هڪ تصور اهو آهي جو پليجي صاحب پيش ڪيو آهي. هاڻي ڀني پاسي کي ٻه خيال ۾ رکو. هي راءِ هندستان جي هڪ سوشل سائنٽسٽ جي آهي جنهن چين جو سرڪاري دورو ڪيو آهي. ياد رهي ته هن صاحب ان وقت چين جو سفر ڪيو جنهن وقت "هند- چين ڀائر آهن" جا نعرا هنيا ويندا هئا. هن کي چين ۾ ڪميون ڏيکاريا ويا هئا ۽ اتي ڪيس ڪميون ۾ ڪم ڪندڙ ڪيترن ئي انسانن سان روبرو ڳالهائڻ ۽ مشاهدي ڪرڻ جو موقعو مليو. لکي ٿو؛

"ڪميون هڪ اهڙي جڳهه آهي جتي انسانن جي حيثيت هڪ چڙيا گهر (Zoo) ۾ رهندڙ جانورن جي برابر ڪئي وئي آهي. پر ان ۾ ٻه فرق آهي. چڙيا گهر جا جانور سخت پورهيو نه ٿا ڪن ۽ پر معمولي ڪم ٻه ڪونه ٿا ڪن. ان کان ٻه اڃا وڌيڪ هي ڳالهه آهي ته چڙيا گهر جا جانور زوري ريڊيي جي شور ۽ آواز ٻڌڻ لاءِ مجبور نه آهن. منهنجي خيال ۾ ڳوٺن ۽ شهرن ۾ آرام جي اهڙي پرائيويٽ زندگي جنهن ۾ انسان يڪسوءِ ٿي پنهنجن معاملن تي غور ڪري، اهڙين شين جو خاتمو آڻڻ انهن سڀني قسمن جي دوزخن کان وڌيڪ ڏڪائيندڙ ۽ ڏڪوئيندڙ آهي جن جو انسان تصور ڪري نٿو سگهي. ٻارهن سال اڳ جارج آرول (Orwell) پنهنجي هڪ ناول ١٩٨٤ع ۾ هڪڙو خيال پيش ڪيو هو، جنهن تي مشڪل سان يقين ايندو هو. پر هاڻي (Totaliterian) ڪليت پسندانه رياست بنسبت هڪ پيغمبرانه پيشنگوئي معلوم ٿئي ٿي. جارج آرول لکيو هو، "اسان جي دنيا ۾ خوف، ڪاوڙ، فتحيابي ۽ ذلت کان سواءِ ٻي ڪنهن به جذبي جو نالو نشان به نه رهندو. انهن کان سواءِ اسين هر شيءِ کي تباهه ڪري ڇڏينداسين. اڃا به حالت هي آهي جو ڪوبه شخص پنهنجي زال يا دوستن تي اصل ڀروسو نه ٿو ڪري سگهي. جهڙيءَ طرح ڪڪڙين جا آنا لاهڻ کان پوءِ فورن ڪٽي وڃبا آهن، بالڪل ساڳي طرح عورتن جي پيٽ مان ٻار ڪنيا ويندا آهن. پارٽيءَ جي وفاداري کان سواءِ هر وفاداري ختم ٿي ويندي آهي. ۽ ان وڏي ڀاءُ جي پيار کان سواءِ هر پيار ۽ محبت ختم ٿي ويندو آهي." ڇا چيني ڪميون کي بيان ڪرڻ لاءِ ان کان وڌيڪ سٺا الفاظ ملي سگهندا؟(١)

ڪتاب جي صفحه ١٨٣ تي پليجو صاحب "روس سان سرحدي ٽڪر" جي عنوان تي لکي ٿو، "يورپي ملڪن چين کي وڌيڪ شڪستون ڏنيون. انهن جو وجهه وٺي ١٤ نومبر ١٨٦٠ع تي روسي

(1) Communist China Today _ By Schandarsekhar

شهنشاهہ چين کان پيڪنگ وارو عهدنامو لکائي ورتو ۽ سنڌس چار لک ڪلوميٽر هڙپ ڪري ورتا. چار سال پوءِ وري چين کان، تاهي هونگ" جو عهدنامو لکائي ساڍا چار لک ڪلوميٽر ٻيا کسي ورتائين. ۲۴ فبروري ۱۸۸۱ع تي چين کان اڳي وارو عهدنامو صحيح ڪرائي ڪيس مني لک چوڙش ڪلو ميٽر علائقي تان دستبردار ڪيائون." (صفحہ ۱۸۳).

اڳتي لکي ٿو تہ. "۱۹۱۷ع ۾ جڏهن روس ۾ انقلاب آيو تڏهن لينن جي انقلابي حکومت روسي شهنشاهن جي هٿن سمورن ڌاڙن تان دستبرداري جو اعلان ڪيو. ۳۱ مئي ۱۹۲۴ع تي لينن جي سرڪار چين سان هڪ عهدنامو ڪيو، جنهن موجب روس جي انقلابي سرڪار روسي "زار" طرفان چين سان ڪيل سمورن عهدنامن کي رد ڪيو ۽ سمورن کسيل علائقن تان دستبردار ٿيڻ جو اعلان ڪيو. فيصلو ڪيو ويو تہ جلد ئي ٻنهي ملڪن جي ڪانفرنس ڪوٺائي ويندي جنهن ۾ نوان سرحدي عهدناما ڪيا ويندا. ۱۹۲۶ع ۾ ٻنهي سرحدي ڳالهيون هليون پر بگڙيل سياسي حالتن سبب رٿيل ڪانفرنس ٿي نہ سگهي. جڏهن چين ۾ انقلابي حکومت قائم ٿي، تڏهن مائو روس کان گهر ڪئي تہ سرحدن بابت لينن جي اعلان کي پاڻي ڏيو. پر خروشچوف جواب ڏني ڇڏيو. انهيءَ تان ۱۹۶۰ع ۾ تڪرار شروع ٿي ويو ۽ ڪيترپون خونريز سرحدي جهڙپون ٿيون. خروشچوف پنهنجي لڪين فوج چين جي سرحدن تي ڪڙي ڪني ۽ ڪلہ ڪلا حملي جون ڌمڪيون ڏيڻ لڳو." (صفحہ ۱۸۵)

مٿي ڏنل حوالي ۾ مصنف روس ۽ چين جي سرحدي ٽڪر بنسبت خبر نہ آهي تہ ڇو اختصار کان ڪم ورتو آهي. ٿيڻ تہ اهين کپندو هو تہ ان معاملي لاءِ لائق مصنف تفصيل سان روشني وجهي ها. چين ۽ روس جا موجوده اختلافات ويهين صديءَ جي سياست ۾ وڏو انقلاب آهي. پليجي صاحب مٿي ان جي بنسبت جيڪي ڪجهہ لکيو آهي، اهو اڻپورو، غيرتسلي بخش ۽ واقعات جي برعکس آهي. ٻنهي ڪميونسٽ ملڪن جي وچ ۾ مارڪس جي فرمان موجب نظرياتي دوستي اٽلي آهي. اشتراڪيت جي هن پيغمبر ڪميونسٽ منشور (Communist Manifesto) ۾ سيني ملڪن جي پورهيتن کي ٻڌي جي تلقين ڪئي هئي. سنڌس الفاظ آهن تہ (Working men of all Countries unite) مارڪس جي مٿين فرمان تي پڪيءَ طرح سان پابند ٿي ۱۹۱۴ع واري مهاڀاري لڙائيءَ ۾ لينن سوشلسٽ پارٽين کي جنگ ۾ غيرجانبدار رهڻ لاءِ هدايتون ڏنيون هيون. سنڌس چوڻ مطابق دنيا جا سڀ مزدور اسان جا ڀائر ۽ سرمائيدار اسان جا ڪٽر دشمن

آهن. ان ڪري هن سامراجي جنگ ۾ حصو وٺڻ اصول ۽ نظريہ جي منافي آهي. ان وقت لينن پنهنجو هي نعرو ڏنو تہ:

Long Live the international fraternity of theworkers against thechiuvinism and patriotism of theBourgeoisie of all countries! live proletarian international, freed from opportunism

پر اڄ ٻنهي ملڪن مارڪس ۽ لينن جي اصولن کان منهن موڙي هڪ ٻئي خلاف "ترميم پسند ۽ سوشل سامراجيت" جهڙا لفظ استعمال ڪيا آهن. ان ڪري آءٌ ضروري ٿو سمجهان تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سرحدي ٽڪر ۽ نظرياتي جنگ لاءِ ڪجهہ تفصيل سان لکان. روس ۽ چين جي سرحدي جهڳڙن کي ٻن دورن ۾ تقسيم ڪجي ٿو. هڪ روسي زارن ۽ چيني بادشاهن جو دور ۽ ٻيو آڪٽوبر ١٩١٧ع کان آڪٽوبر ١٩٤٩ع کان بعد جو. ٻيو پيرڊ روس ۽ چين ۾ ڪميونسٽ انقلاب کان پوءِ شروع ٿئي ٿو.

روسي زارن ۽ چيني بادشاهن جا لاڳاپا

ارڙهين صديءَ ۾ چين جا ماڻهو روس کي هڪ سامراجي طاقت سمجهندا هئا. روس جي ملڪ گيري واري هوس چينين کي سخت نفرت ڏياري هئي. چين جي بي ضمير ۽ ٻاهرين طاقتن جي ايجنٽ حڪمرانن روسي استعمار جي اڏو پنهنجا سر جهڪايا. سندس ڪمزوريءَ جو ناجائز فائدو وٺي روسي زارن ١٨٥٠ع تائين چين جي آمرندي واري سنڌي علائقي تي قبضو ڪيو ۽ اتي ٻہ شهر خنباروسڪ (Khabarovsk) ۽ ولاڊيوسٽاڪ (Vladivostok) معنيٰ "اوڀر جو حڪمران" علي الترتيب ١٨٥٤ع ۽ ١٨٦٠ع ۾ اڏايا هئا. ١٨٦٠ع واري پيڪنگ معاهدي موجب مٿين علائقن تي روس جي حاڪميت ۽ بالادستي چيني گورنمينٽ تسليم ڪئي هئي. نہ فقط ايترو پر ان جي فقرن موجب روس کي منگوليا ۽ چيني ترڪستان سان واپار ڪرڻ جا پڻ حق مليا. ١٨٧٥ع ۾ روس چين جو ساخلن (Sakhalin) ٻيٽ پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو. ١٨٩١ع ۾ چين جي ڪمزور حاڪمن روس کي "ٽرانس سائيبرن ريلوي لائين Trans Siberian Railway جي تعمير جي اجازت ڏني هئي. مذڪوره ريلوي لائين کي بعد ۾ چيني ايسٽرن ريلوي جي نالي سان ڪوٺيو ويندو هو ۽ اها منچوريا جي صوبي مان لنگهندي هئي. ان نموني سان چڻ چيني علائقي منچوريا (Manchuria) تي پڻ روسي اثر نمايان رهيو. چين جي مٿين علائقن هڙپ ڪرڻ کان پوءِ بہ روس ان تي بس نہ ڪئي، پر اڻويهين صديءَ جي شروعات ڌاران ٻين چين جي سرحدي

صوبن جهڙوڪ، منگوليا (Mangolia) ۽ سنڪيانگ (Sinkiang) تي پڻ پنهنجا حق ڄمائڻ شروع ڪيا. ارڙهين صديءَ جي هڪ مشهور روسي ڊپلوميٽ ڪائونٽ امرسڪي (Count Amursky) جو مشرق بعيد ۾ پنهنجي ملڪ جي اثر وڌائڻ لاءِ سيني روسين کان گوءِ کٽي ويو. ان صاحب اڳ ١٨٥۴ع ۾ اعلان ڪيو هو ته "سائيبريا جي حفاظت لاءِ اهو نهايت ئي ضروري آهي ته خمچارڪا (Khamcharka) سخالين تي قبضو ڪري آمر نديءَ جي بحري سفر تي قبضو ڪجي. سندس خواب جي تعبير بعد ۾ روسي حڪمرانن جي هٿان ٿي. ان کان علاوه روس جن چيني چورس ڪلوميٽرن تي قبضو ڪيو، ان جو ذڪر پليجي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي، ۽ مون اهڙو حوالو سندس ڪتاب مان نقل ڪيو آهي.

(٢)روسي انقلاب ۽ چيني ريپبلڪ

عجب جي ڳالهه هيءَ آهي ته آڪٽوبر ١٩١٧ع جي انقلاب اچڻ بعد به روس جي چين ڏانهن سامراجي رويه ۾ ڪا تبديلي ڪانه آئي. هن انقلاب جي باني وي- آءِ ليِنن (V. I. lenin) امپرليزم يعني سامراجيت خلاف ايترو ته لکيو جو ان وقت دنيا جي ڪنهن به ليڊر ۽ ليکڪ کي اهڙي توفيق ئي نصيب نه ٿي. پر الائجي ڇو چين ڏانهن سندن قرلت واري پاليسيءَ ۾ ڪا تبديلي ڪانه آئي. پروپئگنڊا طور تي چيو وڃي ٿو ته روس جي انقلابي حڪومت چين بنسبت زارن جي پاليسيءَ کي منسوخ ڪري ڇڏيو، پر حقيقت ان جي برعڪس هئي. مثلاً جڏهن ١٩٢٩ع ۾ چيانگ ڪائي شيڪ گورنمينٽ چيني مشرقي ريلوي جي ڪنٽرول کي محدود ڪرڻ جا اپاءَ ورتا ته ان جي عوض اٽلندو روسين منچوريا تي قبضو ڪري اتي پنهنجي پوزيشن مستحڪم ڪئي هئي. ١٩٢۴ع تي آئوٽر منگوليا (Outer Mangolia) ۽ ١٩٣٠ع تي سنڪيانگ تي پنهنجو قبضو ڄمائي ڇڏيو. چين ۾ ڪميونسٽ انقلاب اچڻ کان پوءِ ڊسمبر ١٩۴٩ع ۾ مائوزي تنگ پنهنجي سر روس هليو ويو ۽ پورا ٻه مهينا اتي رهي اسٽالن سان مذاڪرات ڪرڻ بعد ١۴ فيبروري ١٩٥٠ع تي ٽيهن سالن لاءِ معاهدو ڪيو هو. ان جا مکيه شق هي هئا:

(١) منچوريا چيني چننگچن (Changchun) ريلوي ١٩٧٥ع بدران ١٩٥٢ع ۾ بغير معاوضي جي چين جي حوالي ڪئي ويندي. جپانين جي هٿان منچوريا تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ چين جي قبائل ملڪيت ڪين روس موٽائي ڏيندو.

(٢) پورٽ ارٿر (Port Arthur) لاءِ طئي ٿيو تہ هي بندر ١٩٥٢ع ڌاران چين کي ٽرانسفر ڪيو ويندو، پر ان عرصي دوران روسي ڪمانڊ جي بدران روس ۽ چين جي گڏيل ڪميشن ٺهندي.

(٣) پورٽ ڊئرين (Dairen) روس جي هن ٺهرايل بحري اڏي جي حيثيت بابت ڪا فيرقار ڪانہ ٿي، البت اها ڳالهہ طئي ٿي تہ بندر جي سول انتظاميہ ۽ جهازن جي چڙهيل ملڪيت چينين جي حوالي ڪئي ويندي ۽ جهاز رانيءَ لاءِ روس ۽ چين جي گڏيل ڪمپني تشڪيل ڪئي ويندي.

(٤) سنڪيانگ (Sinkiang) ايراضيءَ ۾ چين جي بالفعل حاڪميت کي ان شرط سان تسليم ڪرڻ جو اعلان ٿيو تہ علائقي جي تيل ۽ معدنيات استعمال ڪرڻ لاءِ روسي ماهرن جي اڳواڻيءَ هيٺ روس ۽ چين جون گڏيل ڪمپنيون وجود ۾ اينديون.

(٥) آئوٽر منگوليا (Outer Mangolia) چين کي منگوليا جي آزادانہ حيثيت کي تسليم ڪرايو ويو، جاڪاڻ تہ هن ايراضيءَ کي روسين خندق سان محصور ڪيو هو. البتہ ان سان گڏ چين کي منگوليا اندر تبديل وطن جون سهوليتون ملنديون.

نئين چين جي تعمير ڪرڻ لاءِ ماؤ کي روس کان اقتصادي امداد جي سخت ضرورت هئي، ان ڪري هن عظيم چيني ليڊر مجبور ٿي پنهنجي علائقن ۾ معاهدي جي شرطن موجب روس کي سهوليتون ڏيڻ قبول ڪيون. معاهدي مطابق اسٽالن ماؤ کي ڏهہ ڪروڙ ڊالر امداد هڪ سيڪڙو وياج وٺڻ سان ڏيڻ جو اعلان ڪيو. هي امداد ماؤ جي گهرج جي ڏهين پتي بہ ڪانہ هئي جنهن تي هو سخت ناراض ٿيو. تاهم ڪان پوءِ روس جا اٽڪل ويهہ پنجويهہ هزار ملٽري جا ماهر چيني فوج جي ٽريننگ لاءِ پهتا هئا ۽ ان ۾ بہ ڪو شڪ نہ آهي تہ روسين چيني فوج جي اعليٰ تربيت ڪئي هئي. پر ان سان گڏ هي ماهر روس جي لاءِ جاسوسي پڻ ڪندا رهيا. ان ڪري بعد ۾ ماؤ مصر جي صدر سادات وانگي روسي ماهرن کي واپس پنهنجي وطن اماڻيو. ان کان علاوه چين جي مٿين پنجن علائقن بابت اسٽالن پنهنجي معاهدي کان ڦري ويو. ان ڪري چين ۾ ناراضگي پيدا ٿي ۽ اڄ تائين روس چين جا ڪيترا هزار چورس ميل ڦٻايو ويٺو آهي. ان ڪري مارچ ١٩٦٩ع ۾ اسري نديءَ (Ussri River) وٽ ٻنهي ڪميونسٽ ملڪن جي فوج جي وچ ۾ سخت جهڙپون ٿيون، جنهن ۾ روس جا ڪيترائي سپاهي مارجي ويا.

روس ۽ چين جي سرحدي جهڳڙن جو مون تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. ان مان پڙهندڙ صاحبان خود اندازو لڳائيندا تہ روس

جارحيت ڪري چين جا علائقا ڦٻايو ويٺو آهي. پليجي صاحب جو اهو لکڻ ته ٣١ مئي ١٩٢٤ع تي لينن جي سرڪار چين سان هڪ عهدنامو ڪيو جنهن موجب روسي انقلابي سرڪار روسي زار طرفان چين سان ڪيل سمورن عهدنامن کي رد ڪيو ۽ سمورن ڪسيل علائقن تان دستبردار ٿيڻ جو اعلان ڪيو. حقيقت جي بالڪل ابتڙ آهي. پليجي صاحب کي شايد ياد نه آهي ته مٿين تاريخ يعني ٣١ مئي ١٩٢٤ع تي لينن جيئرو ئي ڪونه هو. ان ڪري سندس حڪومت پاران عهدنامن رد ڪرڻ جو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي. روس مان سرڪاري طرح لينن جي سوانح حيات انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي آهي. ڪتاب جو نالو آهي (Valdamir Ilyich Lenin a Biography) هن ڪتاب جي صفحي ٥٦٠ تي "لينن جو موت" (Death of Lenin) جي عنوان سان مصنف لکي ٿو. "٢١ جنوري ١٩٢٤ع تي لينن جي صحتياب ٿيڻ جون سڀ اميدون خاڪ ۾ ملي ويون. سندس طبيعت ناساز ٿي ۽ شام جو ساڍي ڇهين بجي دم ڏنائين." ها البت ايترو ضرور آهي ته اسري واقعي کان پوءِ گورنمينٽ ١٩ مارچ ١٩٦٩ع تي چيني سفير کي هڪ سرڪاري بيان ڏنو ۽ ساڳي هڪ ڪاپي پريس کي به رليز ڪئي. هن بيان جون لکين ڪاپيون روسي سرڪار شايع ڪرائي دنيا جي ڪروڙين ماڻهن تائين پهچايون. راقم الحروف وٽ به ان جي ڪاپي موجود آهي. ڪتابچي جو عنوان آهي (U. S. S. R. Government Statement) ۽ ان جي صفحي ٦ جو پليجي صاحب لينن جي لفظ جي اضافي سان ترجمو ڪيو آهي. روس سرڪار ڪٿي ڪهڙي به دعويٰ ڪري پر حقيقت اها آهي جا پليجي صاحب جي ڪتاب جي صفحي ١٨٥ تي لکي آهي ته مائو روس کان گهر ڪئي ته اهي سرحدي علائقا چين کي موٽائي ڏنا وڃن پر خروشچوف پڙ ڪڍي بيٺو. چين جي قبايل علائقن جي واپسي کان انڪار لاءِ خروشچوف جوبدار نه آهي پر مٿي جيئن مون عرض ڪيو ته اسٽالن مائو سان معاهدو ڪري پنهنجي وچن تان ڦري ويو. حقيقت هي آهي ته روس هڪ سامراجي طاقت آهي. ڪنهن به ملڪ جي هڙپ ڪيل علائقن کي واپس ڪرڻ ان جي سياسي لغت ۾ حرام آهي. ڇا دنيا کي خبر نه آهي ته پنهنجي پاڙيسري مسلم رياستن سمرقند، بخارا، آذربائيجان، ازبڪستان ڪازڪستان کي خود لينن پنهنجي حياتيءَ ۾ ١٩٢٢ع ۾ چڙهائي ڪري قبضو ڪيو. (١). اتان جي هڪ مجاهد مرحوم غازي انور پاشا سان روسين جا تعدي ڪئي سا ڳالهه ڪنهن

---

(١) هن مضمون جي ڇپجڻ کان تقريبا ويهه سال پوءِ اهي رياستون روس جي ٽٽڻ وقت بعد آزاد اسلامي رياستن جي حيثيت اختيار ڪري چڪيون آهن. البته شيشان (چيچنيا) کي آزادي لاءِ وڙهي ۽ خوفناڪ روسي چڙهائي ۽ تباهي سان منهن ڏيڻو پيو. (مرتب)

ڪان بہ مخفي نہ آهي. اتي قابض ٿيڻ ڪان پوءِ مسلمانن جي صغين جي تهذيب ۽ ثقافت کي تباه ۽ برباد ڪيو ويو. مٿين علائقي ۾ مسلم قوم جا وڏا عالم ۽ فاضل جهڙوڪ مشهور محدث امام محمد بن اسماعيل البخاري ۽ قاسم محمود زمخشري صاحب "ڪشاف" جهڙا شخص پيدا ٿيا هئا. اڄ سوڌو حضرت عثمان رضي الله عنه وارو قرآن مجيد تاشقند جي لائبريري ۾ رکيل آهي. جهڙي سامراجي پاليسيءَ جي علمبردار روس ڪان اها توقع رکڻ تہ چين جا قبايل علائقا واپس ڪري، بالڪل ناشدني ڳالهہ آهي. اسان جي دور ۾ خود هنگري ۽ چيڪوسلواڪيا جي حريت پسند عوام جي آواز کي ٽئنڪن ذريعي روس ڪيئن ڪچليو، ان جي دهرائڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي.

مٿين سرحدي جهڳڙن ڪان علاوه چين کي روس ڪان اها بہ شڪايت آهي تہ آڪٽوبر ١٩٦٢ع ۾ هند- چين سرحدي جهيڙي ۾ هن ڪابہ مدد نہ ڪني. ابتلدو روس سرمائيدار هندستان کي مگ جهاز ڏنا. هن بنسبت پليجو صاحب لکي ٿو. "ٻني مهني ڀارت ۽ چين جي وچ ۾ سرحدي جهڙپون ٿيون ۽ ٩ سيپٽمبر تي روس جي سرڪاري خبر رسان ايجنسي تاس جي هڪ سرڪاري بيان ۾ چين ۽ ڀارت کي هڪ جهڙو ذميوار ٺهرايو. اهڙيءَ طرح روس سرڪاري طرح پهريون دفعو هڪ سوشلسٽ ساٿي ملڪ کي سرمائيدار واٽ وٺندڙ سرڪار جي برابر ٺهرايو." (صفحہ ١٨١).

پليجي صاحب جو اهو لکڻ حقيقت جي خلاف آهي تہ چين ۽ ڀارت جي سرحدي جهڙپن ۾ روس هندستان ۽ چين کي هڪ جهڙو ذميوار ٺهرايو. روس جي منافقانہ پاليسي ان وقت اها رهي هئي تہ ملندڙ جنگ ۾ خروشچوف پنڊت نهروءَ کي مگ جهاز (Mig) ڏنا هئا. روس جي هن ڪميڻي روش خلاف ان وقت جي چيني وزيرخارجہ آنجهاني مارشل چن- يي (Chen Yie) سخت احتجاجي بيان ڏنو هو. هن سلسلي ۾ ٻي وڏي ڳالهہ هي آهي تہ ماٺوزي تنگ جي شخصيت نگار جي حيثيت ۾ پليجي صاحب تي فرض هو تہ هند- چين سرحدي جهڳڙن جو تاريخي پس منظر بيان ڪري ها. جهڙي نموني روس ۽ چين جي سرحدي ٽڪر بابت موصوف مختصر طرح ۽ جيتوڻيڪ غيرتسلي بخش لکيو آهي. سرحدي جنگ ڇڙڻ ڪان پوءِ هندستان پنهنجي روايت موجب چين جي خلاف سخت پروپيگنڊا ڪني. ڀارتي ڏوتر وڏي واڪ دنيا کي ٻڌائيندا رهيا تہ هي جنگ ٻن ملڪن جي وچ ۾ نہ پر ٻن نظامن جمهوريت ۽ ڪميونزم جي وچ ۾ آهي. ان ڪان متاثر ٿي مغربي ۽ روسي بلاڪ پنڊت نهرو جي هاءِ

گهوڙا تي امداد مٿان امداد ڏني. پاڪستان طرفان حملي جي خطري جي پيش نظر نهرو صاحب آمريڪا جي صدر آنجهاني ڪينيڊي طرفان ايوب خان تي زور آڻايو تہ هو اوڪيء ويل پارت تي ڪاهہ ڪري هن ڪي مشڪلات ۾ نہ وجهي. ان وقت برطانيہ دولت مشترڪہ جو وزير ڊنڪن سنڊيز (Dancon Sandays) آمريڪا جي جارج بال، (George Ball) ۽ دفاع جي سيڪريٽري فلپ ٽالبوٽ (Philip Talboot) اسلام آباد جا طوفاني چڪر هڻي ايوب خان کي مڃرايو هو. پاڪستان سولائيء سان هندستان جي ڪمزوريء جو فائدو وٺي ٿي سگهيو، پر ايوب خان ائين ڪرڻ کان احتراز ڪيو. هندو ليڊرن ان احسان جو بدلو اهو ڏنو جو ١٩٧١ع ۾ مشرقي پاڪستان ۾ اسان جي ڪمزوري ڏسي ان تي فوجي حملو ڪيو ۽ بنگلہ ديش ٺاهيو. چين هند سرحدي ٽڪر ۾ هندستاني فوج کي چيني فوج ذلت آميز شڪست ڏني هئي. ان جي مڪمل روئداد ان وقت هندستاني ڪمانڊر جنرل ڪول جي لکيل "اڻ ٻڌل ڪهاڻي" (Untold Story) مان ملي سگهي ٿي. جهيڙي جي مختصر تاريخ هن ريت آهي تہ چين جي ١٩١١ع واري جمهوري انقلاب کان پوء ٿبيٽ (Tibet) هڪ آزاد ۽ خودمختيار رياست جي حيثيت جو اعلان ڪيو. ١٩١٤ع ۾ ٿبيٽ سرڪار انگريزن سان هندستان ۽ چين جي سرحدي لائين جي تعين لاء ڳاله ڪري ورتو. ان کي منڪ ماهن لائين (Mac Mahon) سڏجي ٿو. ڇو جو منڪ ماهن نالي هڪ انگريز ان مذاڪرات ۾ حصو ورتو هو. انگريز فيل مست ڪمزور ٿبيٽ گورنمينٽ کان ڪنٽرول لائين تي زوريء دستخط ڪرايا هئا. چين ۾ ڪميونسٽ انقلاب اچڻ بعد مائوزي تنگ مٿين سرحدي لائين کي جعلي لائين سڏيندي، پيهر ڪنٽرول لائين جي نشان بندي لاء پارت سرڪار کي آڇ ڪئي. پنڊت نهرو ١٩٥٦ع ۾ چين جو سرڪاري دورو ڪيو ۽ اتي ڪيس اهڙا نقشا ڏيکاريا ويا جن مان ڪيس منڪ ماهن لائين جو جعلي هجڻ ثابت ٿيو. چين جو وڏيڪ چوڻ اهو هو تہ ان وقت ٿبيٽ آزاد ني ڪونہ هو، ان ڪري ڪيس معاهدي ڪرڻ جا اختيار ئي ڪونہ هئا.

ساڳيء طرح لداخ (Ladakh) جي سرحدي لائين تي پڻ چين پنهنجا ساڳيا حق گهريا. نهرو صاحب پنهنجي ضد ۽ هٺ ڌرميء جي ڪري مشهور هو. ان ڪري ڪوبہ فيصلو ڪري نہ سگهيو. نتيجي طور ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ جنگ لڳي. جڳ مشهور فلسفي آنجهاني برٽرينڊرسل (Bertrand Russel) ان وقت حيات هو جنهن لنڊن ۾ ٻنهي ملڪن جي سفيرن کي ڳاڻ وٽ گهرايو. هندستاني سفير پنهنجي ملڪ پاران سرڪاري رڪارڊ پيش ڪيو ۽ چيني سفير چين جي

موقف جي وضاحت لاءِ دستاويزي ثبوت پيش ڪيا. برٽرينڊرسل پنهنجي دليل بازي ۾ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ هن جهيڙي بابت لکيو آهي ته، "مون ڏٺو ته منهنجي تصور جي برعڪس چين جو موقف نهايت ئي مضبوط هو. ان ڪري چين کي حملہ آور ثابت ڪرڻ مشڪوڪ ڳالهہ نڪتي. مون جنگ بنديءَ لاءِ زور پريو، جنهن کي نهرو نڪرائي ڇڏيو، پر چيني وزير اعظم ان تي لبيڪ چئي نہ فقط منهنجي مشوري مطابق جنگبنديءَ جو اعلان ڪيو پر ان کان وڌيڪ رعايت ڏيڻ لاءِ پاڻ کي بدل رکيو." ڏسو رسل جو ڪتاب: (Unarmed Victory. P_ 98)

ياد رکڻ گهرجي تہ پنڊت نهرو ۽ ڪرشنامينن پڻ رسل جا ذهني پوئلڳ هئا. پر ان هوندي بہ هن انصاف پسند شخص پنهنجي سچيءَ راءِ جو اظهار ڪيو. چين ۽ ڪشمير بنسبت رسل جي موقف کان ناراض ٿي پنڊت نهروءَ پنهنجي حياتيءَ ۾ رسل فائونڊيشن لاءِ گرانٽ ڏيڻ بند ڪئي هئي.

هند چين جي جهيڙي کان علاوه ڪيوبا (Cuba) مسئلي تي پڻ ماٺو ۽ روسي ليڊرشپ جا سخت اختلاف ٿيا هئا. ١٩٦٢ع ۾ امريڪا جي صدر ڪنيڊي طرفان ڪيوبا جي ناڪ بندي خلاف خروشچوف جا مصلحت ڏيکاري ۽ گيدي گدڙ ثابت ٿيو، ان تي پڻ چينين روسين کي سخت تنقيد جو نشانو بنايو هو.

سرمائيدار ۽ سوشلسٽ ملڪن جي باهمي لاڳاپن جي بابت بہ روس ۽ چين جي وچ ۾ شديد اختلافن جو بنياد پيو. افسوس جو ان بنسبت پليجي صاحب هڪ اکر بہ ڪونہ لکيو آهي. تفصيل هن ريت آهي تہ اسٽالن جي مرڻ کان پوءِ ٣ سالن اندر ماسڪو ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ويهين ڪانگريس ١٤ فيبروريءَ کان ٢٥ فيبروريءَ ١٩٥٦ع تائين منعقد ٿي هئي.، ان ۾ خروشچوف موجوده وقت ۾ سوشلزم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ هڪ نسخي جي تجويز ڏني ۽ اهو آهي: "پر امن بقاءِ باهمي جو نظريہ" _(Peaceful Co Existence) خروشچوف پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻايو، "پُر امن بقاءِ باهمي وارو اصول هميشه روس جي خارجہ پاليسيءَ جو بنياد رهيو آهي ۽ انهيءَ فلسفہ جو هي علمبردار رهيو آهي ۽ رهندو. خروشچوف جي چوڻ مطابق سوشلزم جي ڪاميابي لاءِ هروڀرو اهو ضروري نہ آهي تہ سرمائيدار ۽ ڪميونسٽ ملڪن جي وچ ۾ ڇتي جنگ لڳي ۽ انهن ملڪن جي اندروني معاملن ۾ ٽنگ اڙائجي. ان جي برعڪس پر امن ۽ جمهوري ذريعن سان بہ انقلاب لاءِ راهہ هموار ٿي سگهي ٿي. ڪميونسٽ ڪانگريس جي منعقد ٿيڻ کان پوءِ خروشچوف پرامن

بقاء باهمي واري نظريہ جي زور شور سان تبليغ ڪئي. ٢٣ سيپٽمبر ١٩٦٠ع تي اقوام متحده جي جنرل اسيمبلي ۾ هن چيو تہ، "موجوده سوسائٽي جي زندگي سنوارڻ لاء پرامن بقاء باهمي جي نظريہ کي بنيادي قانوني طور تسليم ڪرڻ کپي." روسي ليڊرن يقين ڏهاني ڪرائي تہ خود سامراجيت بہ مٿين نظرئي جي قبول ڪرڻ لاء آمادگي ڏيکاري ۽ ان لاء ڪابہ رنڊڪ ثابت نہ ٿي آهي. ٢١ فيبروري ١٩٦٠ع تي انڊونيشيا جي گادي جڪارتا ۾ هڪ يونيورسٽي ميڙ ۾ تقرير ڪندي خروشچوف ٻڌايو تہ. "ڪيتريون ئي مغربي قومون بہ امن: "پاڻ بہ جيئو ۽ ٻين کي بہ جيئڻ ڏيو" جي اصول تي يقين رکن ٿيون" ٣٠ ڊسمبر ١٩٦١ع تي خروشچوف ۽ برزنيف امريڪي صدر آنجهاني ڪينيڊي کي نئين سال جي مبارڪ باديءَ جي تار موڪلي اميد ڏيکاري تہ روس ۽ آمريڪا ٻئي گڏجي امن ۽ شانتيء لاء ڪوششون جاري رکندا." چيني ليڊرشپ مائوزي تنگ، روسي ليڊرن جي نام نهاد "پر امن بقاء باهمي" واري اصول کان بيزاريء جو اعلان ڪيو ۽ ان کي مارڪس، لينن ۽ اسٽالن جي تعليمات جي منافي قرار ڏنو. چيني ڪميونسٽ پارٽي روسي ڪميونسٽ پارٽي جي مذڪوره اعتقاد خلاف هڪ پمفليٽ جي شڪل ۾ ڳاٽي ٽوڙ جواب ڏنو جو پيڪنگ مان شايع ڪيو ويو. ڪتاب جو نالو آهي: _ (Peaceful Co existence two diametrically opposed politicis) ان جي صفح ۴ تي لينن جو هڪ قول نقل ڪيو ويو آهي، "بين الاقوامي سامراجيت سرمايہ دارن جي معاشي مفاد جي تحفظ خاطر روس سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي نہ سگهندي." چين جو چوڻ آهي تہ. "پر امن بقاء باهمي جو نظريہ قبول ڪرڻ لاء اولين شرط هي آهي تہ سامراجيت ۽ بورجوا خلاف هڪ عظيم جدوجهد جو آغاز ڪجي، جاڪاڻ تہ روس جي ڍسيل طريقي بقاء باهمي جي طريقي اختيار ڪرڻ سان سوشلزم ۽ امپيريلزم درميان هميشه واري دشمني ختم ڪرڻ اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي." (صفح ٢٢)

هن بحث کي طوالت ڏيڻ کان پاسو ڪندي هڪ انصاف پسند شخص هن راء ڏيڻ تي مجبور ٿيندو تہ: "پر امن بقاء باهمي" واري اصول جي چيني تعبير صحيح ۽ معقول آهي. خروشچوف جي اهڙن اعلانن کان پوء مغربي ملڪن خصوصا امريڪا ۾ چم گوبون شروع ٿي ويون.

امريڪي ليڊرن ۽ اتان جي پريس روسي وزيراعظم جي تقريرن جو سنجيدگيء سان نوٽيس ورتو. امريڪا جي هڪ بااثر ۽ وڏي اشاعت واري ميگزين "ٽائيم" (Time) ٩ مارچ تي هڪ آرٽيڪل

بعنوان (How- must we be nice to Nikita) راءِ ڏني ته. "ماسڪو ۾ نڪيتا خروشچوف مغرب جو بهترين دوست ۽ ساٿي آهي." امريڪه جي انڊر سيڪريٽري مسٽر هئري من (Harryman) ١٨ اگست ١٩٦٣ع تي هڪ ٽيليفون انٽرويو ڏيندي چيو ته. "خروشچوف هڪ امريڪي سياستدان جي نقش قدم تي هلي ٿو." برطانيه جي منگزن (Time and Tide) ١٨ اپريل ١٩٦٣ع واري اشاعت ۾ (Kennedey Khruscheu) جي عنوان سان لکيو. "مغربي جمهوريت جي نظر ۾ ڪامريڊ خروشچوف روس جو بهترين وزيراعظم آهي جو هو صاحب پر امن بقاءِ باهمي واري اصول تي پڪو يقين رکي ٿو." خروشچوف جي اعلان تي امريڪا جي فاسٽر ڊلس (Dulles) ۽ صدر ڪنيڊي به تعريف جا ڍڪ پريا. اقوام متحده جي جنرل اسيمبلي ۾ ٢٠ سيپٽمبر ١٩٦٣ع تي صدر ڪينيڊي تقرير ڪندي چيو. "اسان ڪي هنڌروجن بم ڪان وڌيڪ ۽ موثر هٿيار جي ضرورت آهي ۽ اهو آهي پرامن بقاءِ باهمي وارو نظريه."

آڪٽوبر ١٩٦٤ع ۾ خروشچوف جو زوال آيو. وزارت عظميٰ جي عهدي تان يوڪرين جي هن جاهل مزدور جي هٽڻ ڪان پوءِ پوريءَ دنيا جي اشتراڪي پارٽين ۾ اها اميد جي لاٽ آيري ته هاڻي روس ۽ چين جي بگڙيل تعلقات ۾ نرمي ايندي پر افسوس جو نئين روسي ليڊرشپ به انهن سيني اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. اٽلي جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل آنجهاني پالميرو ٽوگلاٽي (Palmiro Togglatti) جي راءِ به اها هني ته خروشچوف هرويرو دوستيءَ ۾ رڪاوٽ ٿو پيدا ڪري. هي صاحب مغربي يورپ جي عظيم ليڊرن مان هو. مسٽر ٽوگلاٽي ١٩٢٠ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر ٿيو ۽ اپريل ١٩٦٣ع ۾ وفات ڪيائين. فرانس جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل ٿوريز (Thorez) به مايوسيءَ جي عالم ۾ ١٩٦٢ع ۾ وفات ڪري ويو. مٿين عظيم ڪميونسٽ ليڊرن جي جاءِ نشين يعني اٽلي جي مسٽر لونگو ۽ فرانس جي روچيت (Roeschet) طرفان چين- روس دوستيءَ جون سڀ ڪوششون رائيگان ثابت ٿيون. ٣٠ مارچ ١٩٧١ع تي مسٽر برزنيف (Leonid Brezhnev) روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي چوويهين ڪانگريس جي مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي ۽ ان جو انگريزي ترجمو سال ١٩٧١ع ۾ ماسڪو مان شايع ٿيو. رپورٽ جي صفحه ١٥ تي روس ۽ چين جي تعلقات بابت برزنيف لکي ٿو. "جيتري قدر چين سان اسان جي تعلقات جو قصو آهي ته ان لاءِ ياد ڪرڻ ڪپي ته چيني ليڊرن پنهنجي طرفان هڪ اهڙي نظرياتي پليٽ فارم جو بنياد وڌو

آهي جو بين الاقوامي زندگي ۽ دنيا جي اشتراڪي تحريڪ بابت ليننزم جي اصول جي خلاف آهي. چيني ليڊرن اسان ڪان ويهين ڪانگريس واري لائين ۽ رٽيبل پروگرام جي ترڪ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. چينين اسان جي پارٽي ۽ ملڪ خلاف نه فقط شديد مخالفانه پروپئگنڊا شروع ڪري ڏني پر روس تي پنهنجي سرحدي حقن ڪي به جمايو. ان جو هي نتيجو نڪتو ته ١٩٦١ع جي بهار جي موسم ۾ سرحدي جهڙپون ٿيون." اجا تائين روس ۽ چين جي وچ ۾ اختلاف جاري آهي ۽ ڏينهن ڏينهون ان ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو.

نئين چين اندر مائو انقلابي سڌارا آندا آهن. انهن مان ڪن جو ذڪر محترم پليجي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي پر افسوس جو هڪ وڏي سڌاري جو ذڪر موصوف جي ڪتاب ۾ ڪونه ٿو ملي ۽ اهو آهي چيني سماج ۾ چڪلن ۽ بد پيشه عورتن جو خاتمو. چين ۾ ڳاڙهي بازار جو رواج صدين کان هلندو ايندو هو. شهر شهر جي محلن ۾ ڪانه ڪا هيرا منڊي هوندي هئي. هڪ انگريز سياح انقلاب ڪان اڳ چين جي شهر شنگائي بابت لکي ٿو ته، "ان ۾ ٣٥ هزار عورتون رهنديون هيون جي چند ٽڪن خاطر پنهنجي گوهر- عصمت کي نيلام ڪنديون هيون." مائو جي ڪميونسٽ انقلاب صدين جي هن ملعوني رسم کي جنهن نموني ختم ڪيو، اهو اسان مسلمانن لاءِ عبرت جو سبق آهي. مائو نواب ڪالاباغ وانگي محض هڪ آرڊيننس جاري ڪرڻ تي اڪتفا نه ڪئي مگر ان جي باقاعده سائنٽيفڪ سروي ڪرڻ ڪان پوءِ انسداد فحاشيءَ جو هڪ انسٽيٽيوٽ قائم ڪرايو. ڪيترين ئي عورتن کي انهن جي طبي چڪاس ڪرڻ بعد ڏٺو ويو ته ڪيتريون ئي بدنصيب عورتون سوزاڪ بادفرنگ ۽ پرميل جهڙن موذي مرضن ۾ مبتلا هيون. انهن جي علاج لاءِ اسٽيٽ فنڊ قائم ڪري ڪين اسپتال داخل ڪيو ويو. صحتياب ٿيڻ ڪان پوءِ انهن عورتن جي هسٽري ورتي وئي، معلوم ٿيو ته ڪافي تعداد ۾ حسين عورتون اغوا ٿيل هيون. انڊريس معلوم ڪري ڪين پنهنجن مٽن مائٽن ڏانهن موڪليو ويو. باقي نڌڻڪيون رنون به هيون، انهن جي شادي ڪرائڻ جو بندوبست ٿيو. ڪين سرڪاري خرچ تي هنري تعليم به ڏني وئي، جيئن هو پنهنجو گذران ڪري سگهن. اهڙين تدبيرن اختيار ڪرڻ بعد عورتن کي مارڪسزم جي اصول پٽاندڙ نظرياتي تعليم ڏني وئي ته ذهني طرح سان بد ڪرداري خلاف عورتن ۾ نفرت پيدا ٿئي. ان نموني سان هن بري رسم جي پاڙ پٽي وئي. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو.

(Communist China Today By: Chandrasekhar.P_ 89)

پليجي صاحب جي ڪتاب جو ٻيو اهم نقص هي آهي ته ان

پاڪ- چين دوستي متعلق هڪ اکر بہ ڪونہ لکيو آهي. ان تي افسوس ڪرڻ ڪان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. پاڪستان ۾ مائو جي متعلق ڪو ڪتاب ڇپجي، ان ۾ پاڪ چين دوستيءَ جي ذڪر جو فقدان نهايت ڏکوئيندڙ آهي. چين پاڪستان جو عظيم ۽ مخلص دوست آهي ۽ ڏکئي وقت اسان جي جيڪا مدد ڪئي اٿس، ان لاءِ اسين مائو ۽ سندس ساٿين جا ٿورائتا آهيون. ڪاش پليجي صاحب کي اهڙي توفيق نصيب ٿئي ها.

پنهنجي ڪتاب ۾ مائوزي تنگ جي صلاحيتن کي پليجي صاحب نهايت ٿي خوبين سان بيان ڪيو آهي ۽ ان جو قدر نہ ڪرڻ علمي بدديانتي ٿيندي. ان ڪان سواءِ مائو جي شاعرانہ صلاحيتن متعلق ڪجهہ بہ نہ لکيو ويو آهي. تمام ٿورن ماڻهن کي شايد خبر هجي تہ مائو چيني زبان جو وڏو شاعر بہ آهي. صدر نڪسن ڪيس شاعر سياستدان (Poet Politician) سڏيو آهي. انگريزي زبان ۾ سندس شاعريءَ جي ترجمي جي مطالعي ڪرڻ ڪان پوءِ مون ڏٺو تہ هن جا بعض شعر عظيم بنگالي شاعر رابندرناٿ ٽئگور (پيدائش مئي ١٨٦١ع وفات آگسٽ ١٩٤١ع) جي ڪلام سان مشابهت رکن ٿا. ڊاڪٽر ٽئگور جي بنگالي ۾ شعرن جو مجموعو "مهونا" جي نالي سان شايع ٿيل آهي. ان جو انگريزي ترجمو (Herald of Spring) جي نالي سان ٿيل آهي. مائو جا شعر "مهونا" جي ديوان سان مشابهت رکن ٿا. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ مائو ڊاڪٽر ٽئگور جو مطالعو ڪيو آهي ۽ سندس فڪر مان استفادو بہ ڪيو آهي.

(نوٽ: هي تنقيدي مضمون ماهنامہ رهبر ڊائجسٽ ڊسمبر ١٩٧٢ع ڪان مارچ ١٩٧٣ع تائين چئن قسطن ۾ شايع ڪيل آهي)

رسالہ مهراڻ جو "گرامي نمبر"

سنڌي ادبي بورڊ جي ٽـ ماهي رسالي مهراڻ جو " گرامي نمبر" نهايت ئي شاندار نموني شايع ٿي مارڪيٽ ۾ پهچي ويو آهي. هي نمبر ڪل ٽي سو پنجاهہ صفحن تي مشتمل آهي جيڪو مهراڻ جي سابق ايڊيٽر مرحوم غلام محمد گراميءَ جي ياد ۾ ڪڍيو ويو ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي روايتن موجب ڇپائي بہ اعليٰ درجي جي ٿيل آهي. مهراڻ جي هن نمبر گويا مرحوم گراميءَ کي زنده جاويد بڻائي ڇڏيو ۽ دعويٰ سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ هن کان اڳ ڪنهن بہ شخصيت جي ياد ۾ ان قسم جو ضخيم ۽ بلند پايہ نمبر شايد شايع ئي ڪين ٿيو آهي. ڏسڻ ۾ ايندو تہ مهراڻ جو هي گرامي نمبر هندستان جي مشهور اردو رسالي ماهوار "معارف" اعظم ڳڙهہ جي " مولانا سيد سليمان ندوي نمبر" (شايع شده مئي ١٩٥٥) کان ترتيب ۽ ضخامت جي لحاظ کان ڪڏهن گهٽ نہ آهي. جيتوڻيڪ شخصيت جي لحاظ سان مرحومين جي وچ ۾ آسمان ۽ زمين جو فرق هوندو.

سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان پنهنجي بزرگ اديبن ۽ عالمن جي ياد ۾ هن قسم جي خاص نمبرن جي اجراءَ تي هر سنڌيءَ کي دلي خوشي محسوس ٿيڻي ٿي، بشرطيڪ سنڌ جي مشاهير سان هڪ جهڙو سلوڪ ڪيو وڃي. پر افسوس جو سنڌي ادبي بورڊ جي زعماء هن ڏس ۾ سنڌين جي اعتماد کي سخت مجروح ڪيو. اسين ڏسون پيا تہ بورڊ وارا پنهنجي فڪر وارن اديبن کي تہ وڏي اهميت ڏين ٿا.پر ٻين دانشورن ۽ عالمن کي قطعي طور نظر انداز ڪن ٿا. هي ادبي بورڊ ڪنهن جي ذاتي ملڪيت نہ آهي جو ڪنهن بہ طبقي جي چوڌاري هڪ هٽي ان تي قائم ڪئي وڃي؛ پر بورڊ کي سرڪار گرانٽ ٿي ڏئي ان ڪري اهو قومي ادارو آهي ۽ بورڊ وارن کي ڪڏهن بہ تفريق واري پاليسي اختيار ڪرڻ نہ گهرجي ۽ بلا امتياز هر سنڌي دانشور کي هڪ جيتري اهميت ڏيڻ کپي.

مثال طور جناب غلام محمد گراميءَ جي ياد ۾ تہ مهراڻ جو زير تبصره ضخيم نمبر ڪڍيو ويو، پر بورڊ جي ذميدارن کان اسين پڇون ٿا تہ ڇو مهراڻ جي هن قسم جو نمبر سنڌ جي لاثاني اديب، محقق ۽ دانشور مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ياد ۾ نہ ڪڍيو ويو؟

حالانڪ گرامي صاحب ڊاڪٽر دائود پوٽي جي پيٽ ۾ هڪ عامي شخص هو. گرامي صاحب کي جيڪڏهن ڊاڪٽر صاحب جي علم جي زڪواة ۾ مليل هجي ها ته هو خوش نصيب سمجهڻ ۾ اچي ها. مرحوم مولانا الهورايو بروهي صاحب روايت ڪندو هو ته مولانا آزاد مرحوم هڪ دفعي چيو ته " پوئين صديءَ ۾ سنڌ ۾ هڪڙوئي محقق ۽ دانشور پيدا ٿيو ۽ اهو آهي شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽه صاحب". مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽه صاحب جي علمي عظمت ۽ فضيلت ڏسي مونکي اڪثر هي رمارڪ ياد ايندو آهي جو علامه ذهبي رحمه الله عليه امام ابن تيميه رح متعلق ڏنو هو ۽ اهو رمارڪ ڊاڪٽر صاحب تي به ٺهڪي اچي ٿو. امام ذهبي لکيو ته، " ومارئينا مثله فمارئي مثل نفسة" يعني ته اسان هن جهڙو نه ڏٺو ۽ نه وري هن پاڻ جهڙو ڪو ڏٺو" مشهور عرب شاعر متنبي جو هي شعر ته گويا سنڌ جي دائود پوٽي لاءِ ئي چيل آهي ته:

مضت الدهور فما اتين بمثلة
ولقد اتي فعجزن عن نظرائة

مطلب ته " زمانا گذري ويا پر هن جهڙو پيدا ڪري نه سگهيا ۽ جڏهن هو آيو ته هن جي نظير پيش ڪرڻ لاءِ دنيا عاجز رهي". بقول لطيف:

برو هو پنيور جو آرياڻيءَ اجاريو".

دائود پوٽه جهڙو دانشور سنڌ ۾ ورلي ڪو پيدا ٿيندو، بقول اقبال:

" نه اٿها پهر ڪوئي رومي عجم ڪي لاله زارون سي
وهي آب گل ايران، وهي تبريز هي ساقي"

ڊاڪٽر دائود پوٽه صاحب کي وفات ڪندي ويهه سال گذري ويا پر اسان جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ کي ڪڏهن به هن جي يادگيريءَ نه اچي. نه مهراڻ جو ڪڏهن دائود پوٽه نمبر شايع ٿيو ۽ نه ڪي وري سنڌي ادبي بورڊ پاران هن جا ڪي ڪتاب شايع ٿيا. بورڊ جو موجوده سيڪريٽري مسٽر ظفرالحسن هڪ لائق، مخلص ۽ محب وطن سنڌي آهي. اسان کي اميد آهي ته هو ماضيءَ جي روايت کي ٽوڙي ڪم از ڪم بورڊ جي طرفان شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽه صاحب جي سنڌي ۾ اڳ ڇپيل آتم ڪهاڻي شايع ڪرائيندو. هي ڪتاب هينئر اڻ لڀ آهي ۽ مارڪيٽ ۾ طلب تمام گهڻي اٿس.

انهن ابتدائي گذارشن ڪرڻ بعد هينئر اسين مهراڻ جي گرامي نمبر جو جائزو وٺنداسون.

گرامي ۽ سندس دوست

مهراڻ جي گرامي نمبر ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي موجوده وائيس چانسلير شيخ اياز صاحب جو گراميءَ جي شخصيت بابت ڪو مضمون نہ ڇپيو آهي. هيءَ ڳالهہ نهايت ئي حيرت انگيز ۽ افسوسناڪ آهي. مهراڻ جا پرچا گواهي ڏيندا تہ مرحوم گرامي صاحب شيخ صاحب جي دفاع ۾ ڪيئي صفحا ڪارا ڪيا ۽ پنهنجي مقالي مشرقي شاعريءَ ۾ تہ اياز بابت ايترو ڪجهہ لکي ويو جو شايد اياز بہ پنهنجي حمايت ۾ ان نموني نہ لکي سگهي ها. يونيورسٽيءَ ۾ وائس چانسلري جي عهدي تي مقرري تي پوري پاڪستان توڙي بيروني دنيا ۾ اياز جي خلاف احتجاج ٿيو جنهن ڪري اڻ سڌيءَ طرح اياز کي فائدو بہ پهتو جو هو پوريءَ دنيا ۾ متعارف ٿيو. روزنامہ الحيات بيروت، لنڊن جي ايشيا اخبار ۽ ٽورنٽو (ڪئناڊا) ۾ جناب عارف صاحب شيخ اياز متعلق شذره لکيا ۽ آمريڪا ۾ جناب ڪوڪب صديقي تہ خاص دلچسپي ڏيکاري. اياز صاحب جي مقرري جي خبر هندستان جي مسلم پريس بہ نمايان طور شايع ڪئي هئي. دراصل ان ليول تي احتجاج ڪرڻ جي ڪا ضرورت نہ ڪانہ هئي. اياز جي مقرري خلاف جڏهن طوفان ڪڙو ٿيو تہ مرحوم گرامي صاحب مهراڻ ۾ اياز جي حمايت ۾ زبردست ايڊيٽوريل ۽ سندس تقرري جي آجيان ڪئي هئي. (مهراڻ - جنوري ١٩٧١) پر ان جي باوجود جناب اياز صاحب پنهنجي پراڻي محسن ۽ دوست جي شخصيت بابت هڪ سٽ بہ تحرير نہ ڪئي. گراميءَ کي هن نموني فراموش ڪرڻ اياز کي هرگز نہ جڳائي. ساڳيءَ طرح گرامي نمبر ۾ پير حسام الدين راشدي جو بہ ڪو مضمون نہ ڇپيو. پير صاحب سان بہ مرحوم گراميءَ جا گهرا تعلقات هئا. جيڪڏهن ماهوار سهڻيءَ جي نسيم ڪرل نمبر ۾ نسيم جي شخصيت بابت پير صاحب جو مضمون ڇپجي سگهيو ٿي تہ مهراڻ جي گرامي نمبر ۾ جو ڇپجي نہ سگهيو؟ مهراڻ جي فاضل اسسٽنٽ ايڊيٽر جناب پريو ناشاد بہ گراميءَ بابت هڪ اکر بہ نہ لکيو. جيڪا ڳالهہ مارڪ ڪرڻ جي لائق آهي. اسان کي تہ گراميءَ جي فڪر ۽ نظريہ سان اختلاف آهي، پر هن جي ويجهن دوستن بہ هن کي وساري ڇڏيو.

ڇا گرامي ذات جو بلوچ هو؟

مهراڻ جي گرامي نمبر ۾ جناب راڄ محمد پلي جو هڪ

مضمون شايع ٿيو آهي. ان ۾ مرحوم جي ذات ۽ حسب نسب بابت پلي صاحب لکي ٿو ته " نالو: غلام محمد گرامي بلوچ والد جو نالو جاڙوخان بلوچ" . (ڏسو صفحه ۳)

واضح رهي ته پلي صاحب جو هي لکڻ ته گرامي بلوچ هو. سراسر غلط ۽ بي بنياد آهي. دراصل مرحوم ذات جو لاشاري (جت) هو. گرامي صاحب جو لغاري بلوچن سان ڪوبه تعلق ڪونه هو. ميهڙ ۾ سندس والد مرحوم موچڪو ڊنڊو ڪندو هو. ميهڙ جي رهواسين ۽ اتان جي پار پچي کي خبر آهي ته گرامي مرحوم جا ابا ڏاڏا ذات جا لاشاري هئا ۽ هو موچڪو ڏنڊو ڪندا هئا. چوندا آهن ته ذات تي ڏات نه آهي ۽ موچڪي ڏنڌي ۾ ڪوبه عيب نه آهي. تاريخ ۾ اسان کي ڪيترين ئي شخصيتون ملن ٿيون، جي هيٺين طبقي سان تعلق رکنديون هيون پر عظمت جي چوٽيءَ کي پهتيون هيون. مطالع ڪري ڏٺو وڃي ته اهڙن عظيم ۽ تاريخ ساز انسانن به پنهنجيءَ ذات بدلائڻ جي ڪوشش هرگز نه ڪئي. ذات ته پري جي ڳالهه پر هن پنهنجي ذاتي فعلن کي به ڪونه لڪايو. مثال طور: روسو جا اعترافات پڙهي ڏسو، برٽرانڊرسل توڙي مهاتما گانڌي پنهنجين آتم ڪهاڻين ۾ عجيب ڳالهيون لکيون جي پيا هوند لڪائي ڇڏين ها. مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي ته مرحوم گرامي پاڻ کي لاشاري سڏائڻ ۾ ڇو عيب محسوس ڪندو هو؟ دانشور ته پاڻ کي لڪائڻ جي هرگز ڪوشش نه ڪندا آهن. سنڌ جي ٻين معروف اديبن جهڙوڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان، مسٽرتاج ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي بلوچيت ۾ ڪنهن کي ڪو رتيءَ پر به شڪ نه آهي، پر مرحوم گرامي صاحب هرگز بلوچ نسل سان تعلق نه رکندو هو. مٿين وضاحت گرامي مرحوم جي ذات جي چند ڇاڻ بابت محض تاريخ جي رڪارڊ کي درست ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي، ان مان ڪنهن جي عيب جوئي ڪرڻ هرگز مقصود نه آهي.

ڇا گرامي صاحب مولانا ۽ عربي خواندو هو؟

مهراڻ جي خاص نمبر ۾ مرحوم گرامي صاحب جي شخصيت بابت ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب لکي ٿو ته، " ڪارل مارڪس، برڪلي، هيگل ۽ هيوم تان جو برٽرانڊ رسل به سنڌس علم ۾ هئا. هڪڙو عربي ۽ فارسي خواندو مولوي ۽ جديد فلسفي ۽ سائنس جو ايڏو ابياس اسان لاءِ عجب جهڙي ڳالهه هئي." (صفحو ۷)

جناب گرامي مرحوم جي عالم هجڻ، هن جي عربي داني ۽

جديد فلسفي ۽ سائنس جي اپياس متعلق سيني ترقي پسندن مهراڻ جي هن نمبر ۾ لکيو. جديد فلسفي ۽ سائنس جي موضوعن تي هن ڪوبہ ڪتاب يا جامع آرٽيڪل نہ لکيو، جنهن مان هن جي اپياس جي وسعت بابت ڪا پروڙ پوي. انهن موضوعن متعلق هو پنهنجن نجي محفلن ۾ راءِ ڏيندو هو. جن ماڻهن کي عربي ٻولي يا جديد فلسفي ۽ سائنس جي ڄاڻ نہ هوندي هئي، اهي سندس ملفوظات مان مرعوب ٿي ويندا هئا ۽ ٻين ماڻهن کي ٻڌائيندا رهندا هئا تہ گرامي جهڙو عربي خوانده مولوي جديد فلسفي ۽ سائنس بابت ايتري معلومات رکي ٿو. مون بہ مرحوم بابت ان نموني جون ڳالهيون ٻڌيون هيون.

هڪ دفعي هڪ اهڙو موقعو آيو جو منهن جي مرحوم سان ذاتي ملاقات ٿي. هي سيپٽمبر ٻاهتر جي ڳالهہ آهي. مان گاڏي کاتي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ ڪن ڪتابن خريد ڪرڻ لاءِ ويو هوس. اتي مسٽر غلام رباني (سيڪريٽري ادبي بورڊ) مون کي ڏسي ورتو. پاڻ ٻاهر وڃڻ لاءِ نڪتو هو. مون کي هٿ مان وٺي هڪدم مرحوم گراميءَ وٽ تعارف لاءِ وٺي ويو. رباني صاحب منهنجي متعلق گرامي صاحب کي چوڻ لڳو تہ " هي بکتي صاحب لاڙڪاڻي جو رهواسي آهي. منهنجي هن سان ملاقات اتي جنوريْ ٻاهتر ۾ ٿي جڏهن مان وزير اعظم ۽ سفيرن جي آمد جي موقعي تي بورڊ جا ڪتاب ڪٺي ويو هوس، لاڙڪاڻي جي جن بہ ماڻهن سان مليس تن سيني مان مون کي هن شخص وڌيڪ متاثر ڪيو. تون بہ گهڙي ڪن هن سان ڪچهري ڪر، ۽ خيال سان ڳالهائجانس." ائين چئي رباني صاحب واپس موٽيو.

مرحوم غلام محمد گراميءَ سان هن ملاقات کي غنيمت سمجهي مون هن سان اول عربن جي ادب ۽ شاعريءَ جي موضوع تي ڳالهايو. ڇو جو مان بہ ٻين وانگر ان غلط فهميءَ ۾ مبتلا هوس تہ هو عربيءَ جو وڏو عالم ۽ ڄاڻو آهي. ان ڪان علاوه مرحوم پنهنجي "مشرقي شاعري" واري مقالي ۾ ڪي عربي اشعار بہ نقل ڪيا هئا. مون پاڻ بہ عربن جي ادب ۽ شاعريءَ جو مطالعو ڪيو هو. سبع معلقات (ڪعبي جي پٽ تي ٽنگيل شاعرن جا شعر) جو اپياس مون ابتدا ۾ ڪيو هو. ان ۾ عرب جي جاهليت جي نامور شاعرن جهڙوڪ امراءُ القيس، عمرو بن ڪلثوم ، نابغہ ذبياني، زهير عنتره، اعشي ۽ طرفة بن العبد جا چيل شعر نقل ٿيل آهن. ان ڪان علاوه حماسہ ۽ ديوان متنبي کي بہ پڙهيو هوم، عربن جي شاعري متعلق ابن رشيق قيرواني جو ڪتاب " العمدة" ، بہ مون نهايت ئي شوق ۽ غور سان

پڙهيو هو. ازنسواء نثر ۾ علامہ جا خط جو مشهور ڪتاب " البيان والتبيين" ۽ مقدمہ ابن خلدون بہ رٿيل هئم. ان مان ڪي ڪتاب تہ بي ـ اي جي ڪورس ۾ رکيل هئا. جي پڙهڻا پيم ۽ باقي عربي ڪتاب پاڻ پڙهيم.

عربن جي ادبي ۽ شاعري متعلق مرحوم گراميءَ جي گفتگو ٻڌي مون کي حيراني وٺي وئي. هن کي اهو بہ پتو ڪونہ هو تہ عربي ادب ۾ مخضرمي شاعري ڇا کي چئجي. جيڪي عربي ادب جي شائقين کي خبر آهي تہ مخضرمي شاعر اهي آهن، جن اسلام ۽ ان کان اڳ جاهليت وارو دور ڏٺو هو.

مشهور عرب خاتون شاعر خنساء ۽ ٻيو حضور صلي الله عليه وسلم جن جي هڪ صحابي شاعر حضرت حسان بن ثابت جو شمار مخضرمي شعراءَ مان آهي. ملاحظہ ٿئي استاد احمد حسن زيارت جو ڪتاب." تاريخ الادب العربي" . گرامي سان گفتگو ڪنديءَ تعجب ٿيم تہ موصوف کي عربي نحو جي بہ خبر ڪانہ آهي. هن مشهور نحوين جهڙوڪ ابوالاسد الدولي ۽ سيبويہ جا نالا بہ ڪونہ ٻڌا هيا. ٻيو تہ ٺهيو پر پنهنجي مقالي "مشرقي شاعريءَ" ۾ نقل ڪيل عربي اشعار بہ صحيح اعراب ۽ تلفظ سان پڙهي ڪونہ ٿي سگهيو. ڇا محض ڏاڙهي رکڻ ڪري اهڙا عالم دين ۽ مولانا ڪوٺائڻ جا مستحق آهن؟ جناب غلام محمد گرامي سمجهي ويو تہ اڄ سندس مخاطب ڪراچي هوٽل ۾ ساڻس ڪچهري ڪرڻ وارن مان نہ آهي جيڪي سندس هر صحيح يا غلط ڳالهہ جو داد ڏيندا هئا. ان ڪري عربي ادب ۽ شاعريءَ جي موضوع کي ڇڏي مون کي مرعوب ڪرڻ لاءِ هن ڪميونزم جي فلسفي تي بحث ڇيڙيو. چوڻ لڳو تہ: " ڪميونزم عالم انسانيت جو نظريو آهي ۽ دنيا جا وڏا دانشور جهڙوڪ رسل جهڙا ماڻهو بہ ان کان متاثر آهن" . مون کيس چيو تہ برٽرانڊ رسل مراد اٿو؟ فرمايائين هائو. مون ان تي کيس گذارش ڪئي تہ قبلا! " برٽرانڊرسل کان وڌيڪ تہ مارڪسي فڪر جي ڪنهن بہ عالمانہ نموني سان ترديد نہ ڪئي. رسل ١٩٢٠ع ۾ ماسڪو ويو هو ۽ اتي ٻہ مهينا رهي، لينن، ٽراٽسڪي ۽ گورڪي سان ملاقاتون ڪري واپسيءَ ۾ هڪ ڪتاب (Theory and practice of Bolshiesm) نالي لکيو. ان ۾ تہ ڪميونزم تي سخت تنقيد ٿيل آهي. رسل پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب ۾ هڪ باب بعنوان " مان ڇو ڪميونسٽ نہ آهيان" (Why I am not a Communist) لکيو ۽ ان ۾ تہ مارڪس کي هن (Muddle headed) يعني تہ " غبي ذهن" وارو لقب ڏنو.

گرامي صاحب وري چوڻ لڳو تہ رسل تہ دهريو هو. مون کيس

جواب ڏنو تہ " هر ڪميونسٽ دهريو ٿي سگهي ٿو پر هر دهريو ڪميونسٽ ۽ مارڪسٽ نہ هوندو آهي". جناب گرامي صاحب عينڪ تي هٿ رکي، بحث جو موضوع هندستان ۽ پاڪستان جي سياست تي موڙيو. مرحوم مولانا ابوالڪلام آزاد جو وڏو عقيدتمند ڏسڻ ۾ آيو. فرمائڻ لڳو تہ اوهان مولانا آزاد جو ڪتاب India Wins Freedom) پڙهيو آهي. مون اثبات ۾ جواب ڏيندي چيو تہ " اهو ڪتاب جيتوڻيڪ نهرو ڏانهن منسوب ٿيل آهي، پر ان ۾ مولانا ڪئبينيٽ مشن پلان جي جولاءِ ڇائيتاليهين واري بيان ڪي ذميوار ٺهرايو ۽ لکيو تہ " نهرو جي هن بيان تاريخ جي رخ کي ئي بدلائي ڇڏيو.(It c hanged the course of History) سلسلہ ڪلام جاري رکندي مون عرض ڪيو تہ " ان ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي تہ مولانا آزاد جو ڪتاب برصغير جي سياسي تاريخ ۾ وڏو مقام ٿو رکي، پر هن موضوع تي اصل ڪتاب وي - پي - مينن (V _ P_ Menon) جو لکيل آهي جو ١٩٥٧ع ۾ " هندستان ۾ اقتدار جي منتقلي" The) transfer of power in India) جي نالي سان شايع ٿيو.

آزاد جو ڪتاب ناشر جي بقول پروفيسر همايون ڪبير مولانا کان اردو ۾ ڊڪٽيشن وٺي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ هي ڪتاب مولانا جي وفات کان هڪ سال بعد فيبروري اٺهٺ ۾ پڌرو ٿيو، جنهن تي علمي ۽ سياسي حلقن ۾ ڪافي چميگويون ٿيون. گرامي چوڻ لڳو تہ وي - پي - مينن برابر نهرو جو دوست هو ۽ هن جي ڪابينہ جو وزير هئو.

مون تنهن تي عرض ڪيو تہ اوهان جنهن شخص لاءِ چئو ٿا اهو ڪرشنامينن آهي ۽ نہ وي - پي - مينن. هي وي - پي - مينن تہ چوڌري محمد علي وانگر آفيسر هو ۽ مائونٽ بيٽن جو خاص معتمد عليہ هو. هن ئي صاحب تقسيم جو پلان جوڙيو هو ۽ لارڊ مائونٽ بيٽن جي پريس اتاشي ڪيمبيل جانسن پنهنجي ڪتاب " مشن وٿ مائونٽ بيٽن" ۾ لکيو تہ، " لارڊ مائونٽ بيٽن چوندو هو تہ"وي - پي - مينن سياستدانن کان وڌيڪ سياسي دماغ ٿو رکي." جناب گرامي منهنجو جواب ٻڌي منٽ ٻہ خاموش رهيو. مون کي بہ حيراني وٺي وئي تہ هندستان جي آزاديءَ جي داستان جي جاڻ جي هام هڻڻ واري گرامي صاحب کي اهو بہ پتو ڪونہ آهي تہ وي - پي - مينن ڪير هو؟

هاڻي مان سندس مداحن کان پڇڻ چاهيان ٿو تہ ڇا اهوئي سندس ناليج هو جنهن تي فخر ٿا ڪن. منهنجي هيءَ نشست گرامي صاحب کي هميشہ ياد رهندي هئي. موڪلائڻ وقت مون کي ياڪر پاتي چوڻ لڳو تہ " پروچ آهين وعدو ڪر تہ جڏهن بہ حيدرآباد ايندين

تہ مون سان ملندو رهندين. مون پنهنجي وچن کي سندس موت تائين پاڙيو. جنهن جي مرحوم جي کن ويجهن دوستن مسٽر ناشاد ۽ مظهر جتوئي کي خبر آهي. جناب غلام محمد گرامي ان کان پوءِ مون ڏانهن هڪ تعريفي خط بہ مهراڻ جي پنڌ تي لکيو. جو مون وٽ اجا تائين محفوظ آهي.

گرامي، موت جو فلسفہ ۽ آئن اسٽائن

مهراڻ جي گرامي نمبر ۾ جناب رشيد ڀٽي صاحب مرحوم گراميءَ جو جيڪو هڪ خط جو ٽڪرو نقل ڪيو آهي جو بقول ڀٽي صاحب جي گرامي هن جي والد مولانا عبدالحميد آلوري جي وفات تي لکيو هو. ڀٽي صاحب لکي ٿو تہ، " ان بحث جو اختتام ڪندي خط جي آخر ۾ گرامي صاحب لکيو هو تہ ياءِ رشيد! معاف ڪجانءِ ۽ مان مذهب جي تبليغ نٿو ڪريان، اوهان منهنجي مذهب ۽ مڪتبہ فڪر کي ڄاڻو ٿا. مذهب جي رجعت پسندانہ طرز کان بيزار آهيان. ياد رهي، حيات ما بعد الحيات متعلق مذهبي خيالات وسيع آهن. مان مولانا عبيد الله سنڌي ۽ آئن اسٽائن جي خيال کي وزن ڏيان ٿو، جن جو چوڻ آهي تہ ڪائنات ۽ حيات سدا حيات آهن ۽ رهنديون. انهن جي ارتقا زمان جي حدن کان ٻاهر جاري رهندي. بس." (گرامي نمبر صفحو ١٤٧)

جواب ۾ گذارش ڪندس تہ مولانا عبيد الله سنڌي توڙي آئن اسٽائن ڪٿي بہ ائين ڪونہ لکيو آهي تہ ڪائنات ۽ حيات سدا حيات آهن ۽ رهنديون. حيات ۽ ڪائنات بابت هي غير سائنٽيفڪ نظريو گرامي مرحوم جي پنهنجي دماغي اختراع آهي. هن جي تحريرن پڙهڻ کان پوءِ صاف ظاهر ٿو ٿئي تہ هو پنهنجي دماغ جون گهڙيل ڳالهيون نامور عالمن، فلسفين ۽ سائنسدانن ڏانهن منسوب ڪندو هو ۽ ان نموني رشيد ڀٽي جهڙن ماڻهن کي مرعوب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڪائنات جي سدا حيات هجڻ بابت مرحوم گرامي مشهور سائنسدان آئن اسٽائن تي نسورو بهتان مڙهيو آهي. آئن اسٽائن جي نظريہ اضافيت (Theory of Relativity) مطابق تہ ماده (Matter) فاني ٿيو. هن سلسلي ۾ مون ماهوار برسات جي شيخ اياز نمبر تي تفصيلي تبصرو ڪيو آهي. (سنڌي ڊائجسٽ نومبر ١٩٧٤ع) جڏهن ماده فاني ثابت ٿيو تہ ڪائنات ڪيئن سدا حيات ٿي سگهي ٿي؟ واهہ! گرامي صاحب اوهان جا گهوڙا. نظريہ اضافيت پيش ٿيڻ بعد زندگي ۽ ڪائنات جي وجود بابت سائنس جي دنيا ۾ هڪ عظيم

ترين انقلاب جنم ورتو، جنهن جي خبر نہ مرحوم گرامي کي هئي ۽ نہ مسٽر رشيد يٽي کي ئي آهي. هڪ مغربي فرينچ ماهر طبعيات پروفيسر روڙي صاحب (Roughier) نظريہ اضافيت مان پيدا ٿيل نتيجن تي بحث ڪندي پنهنجي ڪتاب " فلسفو ۽ طبعيات جديد" (Philosophy and the new Physics) ۾ لکي ٿو تہ، " ان طرح ماده اليڪٽرانس ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو، جيڪو لطيف لهرن جي صورت اختيار ڪندي فنا ٿي وڃي ٿو. گويا ماده جو مستقل نقصان ۽ قوت جو ناقابل تلافي انتشار عمل ۾ اچي ٿو. ماده جي سدا حيات رهڻ جي هن همہ گير اصول جي بجاءِ جنهن کي سائنسدانن سائنس جو بنياد قرار ڏنو هو، جنهن جو مقصد ان کي قابل فهم بنائڻ هو، يعني " نہ تہ ڪا چيز وجود ۾ ٿي اچي ۽ نہ وري فنا ٿي ٿئي".

هاڻي اسان کي هي متضاد اصول واضح ڪرڻ کپي تہ، "ڪائي شيءِ وجود ۾ نٿي اچي، هرچيز فنا ٿي ٿئي." دنيا هڪ آخري بربادي جي طرف وڌندي ٿي وڃي ۽ ايٿر جنهن جي باري ۾ ناحق هيءَ دعويٰ ڪئي ويندي هئي تہ اها ڪائنات جو سهارو آهي، ڪائنات جي آخري قبر ثابت ٿي ٿئي."

(Thus matter is resolved into electrons which themselves vanish in etherised undulations, so that there is a final loss of matter, and an uncompensated dissipation of energy. For the universal Principal of invariance which the Lonic natural Philosophers Placed at the basis of Natural Philosophy and which assured its intelligibility, namely, (nothing is created nothing is Lost, (one must now substitute the contray Principle, nothing is created every thing is Lost.) The world marches to wards a final bank ruptcy and the ether of which it has been asserted in vain that it is the matrix of the world, is revealed a being their final tomb. P_ 150 , Translated in to English from french by Morton.)

آئن اسٽائن جي نظريہ جي تشريح اوهان مٿي پڙهي آيا آهيو، ان مطابق هيءَ دنيا ۽ ڪائنات آخري بربادي ڏانهن وڌندي ٿي وڃي ۽ هرچيز فنا ٿي ٿئي ۽ نہ زندگي کي بقا آهي ۽ نہ دنيا ۽ ڪائنات کي.

هاڻي مسٽر رشيد يٽي اسان کي ٻڌائي تہ گرامي‌ءَ جو ڪيس اهو لکڻ تہ ڪائنات ۽ حيات سدا حيات آهن ۽ رهنديون، آئن اسٽائن جهڙي عظيم انسان تي ڪيڏو نہ عظيم بهتان آهي. ڪنهن بہ فلسفي،

عالم ۾ سائنسدان تي ان کان وڌيڪ پيو ظلم ٿي نٿو سگهي تہ ان کي بالڪل غلط نموني کوٽ ڪيو وڃي. جيئن آئن اسٽائن بابت گرامي صاحب افسوسناڪ ڪوشش ڪئي آهي.

حقيقت هي آهي تہ نظريہ اضافيت جي اچڻ بعد زندگي ۽ ڪائنات جي تعبير بابت هڪ وڏو انقلاب آيو ۽ اسان مان هر پڙهيل شخص کي هن سائنسي انقلاب بابت ڄاڻ رکڻ ضروري آهي، ان ڪري لازم آهي تہ هڪ ٻئي سائنسدان جي املهہ ڪتاب مان هڪ حوالو ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪريان. ڊاڪٽر هنري شمٽ (Harry Schmidt) پنهنجي ڪتاب " اضافيت ۽ ڪائنات" (Relativity and universe) ۾ انهن تبديلين جو جائزو ورتو آهي، جيڪي نظريہ اضافيت جي داخل ٿيڻ ڪانپوءِ رونما ٿيا آهن ۽ ڪائنات جي ڪيفيت بابت ڊاڪٽر موصوف وڏي مايوسيءَ جي عالم ۾ لکي ٿو تہ " مفاصلو ۽ وقت بي حقيقت ٿي رهجي ويا، خود حرڪت بي معنيٰ ٿي وئي، اجسام جي شڪل صورت اسان جي نقطہءِ نظر تي موقوف ٿي وئي ۽ ڪائنات جي ابتڙ هميشه هميشه جي لاءِ رخصت ڪئي وئي. افسوس جو اوهان خوبصورت دنيا کي هميشه هڪ شديد ضرب سان برباد ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي هيءَ پڳل ٽٽل ٿي وئي ۽ هن جا ٽڪر منتشر ڪيا ويا آهن. هاڻي اسان انهن ٽڪرن کي فنا جي سپرد ڪري ٿا ڇڏيون ۽ وڏي درد سان هن حسن جو ماتم ٿا ڪريون جيڪو متجي چڪو آهي."

(Space and time sank to shadows, motion it self became meaning less, the shape of bodies, a matter of view point, and the world ether was banished forever.

woe,. woe
thous hast desroyed
the beautiful world.
with violent blow.
Tis shivered tis shattered
The fragments abroad by a
dami _ god scattered
Now we sweep
The wrecks in to nothingness
Fondly we weep
The beauty that is gone.
(P _ 5)

نظريہ اضافيت موجب مفاصلو ۽ وقت بہ حقيقت بڻجي ويا ۽ خود حرڪت ڪا معنيٰ نٿي رکي. سائنسدان ماتم ڪري رهيا آهن تہ هڪ خوبصورت دنيا ڪي آئن اسٽائن برباد ڪري ڇڏيو. سڄي ڪائنات ڀڳل ٽٽل ٿي وئي ۽ ان کي فنا جي سپرد ڪيو ويو ۽ هتي اسان جي ترقي پسند ياڻن جي ٽولي ۾ مرحوم غلام محمد گرامي هن راز جو منڪشف آهي تہ " ڪائنات ۽ حيات سدا حيات آهن ۽ رهنديون" ۽ هي آهي تہ مٿيون جملو آئن اسٽائن جي حوالي سان ڇيو ويو. فياللعجب!

گرامي انگريزيءَ مان بہ اڻ واقف هو

مهراڻ جي گرامي نمبر ۾ مرحوم جي سيني مداحن سندس وسعت علم جي تعريف ڪئي آهي. جناب شمس الدين عرساڻي صاحب ڪيس سقراط دهر جو لقب ڏنو آهي ۽ لکي ٿو تہ " گرامي صاحب سان ڪيترا عالم بہ بحث مباحثہ ڪندا هئا. ڪڏهن اسلام جي مختلف ديني اعتقاد جا مجيل عالم تہ، ڪڏهن وري مختلف صوفيانہ مسلڪ جا داعي. ڪڏهن سياسي حرمت جا پاسبان ۽ آزاد فڪر جا داعي. ڪڏهن انقلابي ۽ وطن دوست نوجوان، تہ ڪڏهن ڪميونسٽ ۽ جهاد پسند. ڪڏهن مصلح ۽ معتدل عالم. ڪڏهن جديد تهذيبي ۽ عالمگيري تحريڪن ۾ وچڙيل فرد، تہ ڪڏهن وري علم و ادب جا حامي ۽ ٻوليءَ جا چاهيندڙ اديب ساڻس ملندا رهندا هئا." (صفحو ۔ ١٦٦)

جنان عرساڻي صاحب کي خبر هوندي تہ سقراط تہ پاڻ زهر جو پيالو رضا خوشيءَ سان پيتو هو ۽ پنهنجي زندگيءَ جي بہ پرواهہ ڪانہ هوندي هئس جو جو دانشور هميشه بهادر ۽ جري ٿيندا آهن.

بہ ٽي سال اڳ سائين جي ايم ـ سيد جي شخصيت متعلق جناب گرامي مرحوم جو هڪ رکيل مقالو جيئني سنڌ وارن پنهنجي ڪنهن رسالي ۾ شايع ڪرايو هو. بس پوءِ تہ گرامي مرحوم کي آنڌ مانڌ ٿي، هڪدم ٻئي ڏينهن ئي عبرت اخبار ۾پنهنجو هڪ ترديدي بيان شايع ڪرايائين ۽ پنهنجي اڳ لکيل مقالي کان بيزاري ڏيکاريائين. منهنجا سڄڻ! سقراط دهر تہ ائين نہ ٿيندا آهن. مون گراميءَ جي ڪچهري پنجاهہ دفعا اٽينڊ ڪئي آهي. هو چڱو مقرر ۽ صحافي هو ۽ بس! مون کي ٻڌايو تہ علم تصوف بابت هن ڪهڙو علمي ڪتاب لکيو آهي؟ پروفيسر نڪلسن صاحب جو ڪتاب " اسلام جا صوفي" (The Mystics of Islam) پڙهي ڏسجي ٿو تہ بي

اختيار هن انگريز محقق کي داد ڏيڻ لاءِ تعريفي ڪلمات نڪرن ٿا. پروفيسر براٿون صاحب " تاريخ ادبيات ايران" . (Aliterary history of Parsia) ۾ صوفي فڪر جي تشريح بابت جو ڪجهہ لکيو . اهو عالمانہ ۽ محققانہ آهي. گرامي صاحب جي اهڙي ڪا نادر تحقيق تہ پيش ڪريو؟ محض اهو چوڻ تہ هو صوفي فڪر جو وڏو ڄاڻو هو، کهڙي معنيٰ ٿو رکي؟ تصوف جا بنيادي ڪتاب جهڙوڪ شيخ قشيري جو ڪتاب " الرسالة" ابو نصر سراج جو ڪتاب " اللمع" سهروردي مرحوم جو ڪتاب " العوارف المعارف" شيخ ابن عربي جو ڪتاب، "فتوحات" وغيره سڀ عربيءَ ۾ لکيل آهن. پروفيسر نڪلسن صاحب پاڻ عربي زبان جو وڏو ماهر ۽ عالم هو. هن پاڻ تصوف بابت اصل عربيءَ جا ناياب نسخا شايع ڪرائي، انهن جي بهترين شرح لکي آهي. جنهن کي علمي دنيا قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿي. برعڪس ان جي اسان جو گرامي صاحب عامي هو، عربي زبان مان، جيئن مون ابتدا ۾ گذارش ڪئي تہ هو قطعا غير واقف هو، تہ پوءِ مون کي ٻڌايو وڃي تہ هو ڪيئن تصوف، علم حديث، علم تفسير، يا علم الفرائض ۾ يدطوليٰ رکندو هو. گرامي صاحب سان منهنجون ڪيتي ملاقاتون ٿيون. پر مون ڪڏهن بہ تصوف بابت هن جي واتان ڪنهن علمي ڪتاب جو ڪو نالو ني نہ ٻڌو.

رهيو سوال، سائنس، فلسفہ، منطق، يا ٻين عصري علوم جو تہ ڪيئن ٿا چئو تہ انهن علمن جو هو ماهر هو؟ ڇا سائنس منطق، فلسفہ، يا معاشيات بابت هن جو ڪوبہ ڪتاب يا علمي مقالو شايع ٿيو؟ جيئن عربي زبان مان اڻ واقفيت ڪري هو تصوف يا ٻين علمن جي ڄاڻ نہ رکندو هو، تيئن انگريزي زبان نہ سمجهڻ ڪري هو دور حاضر جي علمن مان نابلد هو. معاف ڪجو، رڳو اردو ترجمن پڙهڻ سان سائنس ۽ فلسفہ جي علم تي ڪو عبور حاصل ڪونہ ٿو ٿئي. مثال طور فلسفہ جي موضوع تي دور حاضر ۾ وڏ ۾ وڏ ۽ بهترين ڪتاب براٽرانڊ رسل لکيا جيڪي ڪتاب مون پڙهيا، انهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) An out Line of Philosophy
(2) Problems of philsophy
(3) History of Western Philosophy
(4) The wisdom of the west

خالص فلسفہ جي علم بابت هن مصنف جا اجا ٻيا بہ ڪيترا ڪتاب هوندا جي مون نہ پڙهيا. ٻڌايو تہ مٿين ڪتابن جا ڪڏهن اردو ترجما شايع ٿيا، جي مرحوم گراميءَ پڙهيا هجن. موجوده دور ۾

برٽرانڊ رسل کي نہ پڙهڻ وارا فلسفہ جي ڄاڻ جي ڪيئن ٿا دعوي ڪن؟ بحث جو نڪتو هي آهي تہ عصري علوم جي واقفيت لاءِ انگريزي ٻوليءَ تي عبور ضروري آهي. گرامي تہ ننڍڙو ماڻهو هو، پر مولانا سنڌي مرحوم جهڙي تاريخ ساز شخصيت بہ انگريزي مان عدم واقفيت ڪري جديد خيالات کان نابلد هو. ۽ دانشورن ان ڳالهہ جو نوٽيس ورتو آهي. مثال طور هندستان جو سابق وزير اعظم آنجهاني جواهر لال نهرو پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ مولوي عبيد الله سنڌيءَ سان پنهنجي ملاقات جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ " مولوي عبيد الله سان مون ٿوري وقت لاءِ اٽلي ۾ ملاقات ڪئي هئي، هو پراڻي طرز جي سياسي جوڙ توڙ جي معاملي ۾ مون کي هوشيار ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جي ڪيس صلاحيت هئي، پر جديد خيالات سان هن ڪي ڪو تعلق ڪونہ هو."

(Then there was Moulvi Obeidulla _ whom Imet for a short while in Ltaly _ He seemd to me to be clever, but rather in the sense of possesing ability for old style political man at curving. He was not in touch with modern ideas . P _ 151 Jawaharlal Nehru : an autobiography, London. 1955 ED)

مولانا عبيد الله سنڌي، جواهر لال نهروءَ جي الفاظ ۾ جديد خيالات کان ان ڪري غير واقف هو، ڇاڪاڻ تہ ذهانت ۽ قابليت جي باوجود هن کي انگريزي ڪانہ ايندي هئي، تہ پوءِ پڇڻ جي جسارت ڪندس تہ انگريزي نہ ڄاڻڻ هوندي مرحوم گرامي صاحب جديد خيالات تي ڪيئن عبور رکندو هو؟ ڇا گرامي صاحب، مولوي عبيد الله کان بہ علم ۽ فضل ۾ متيرو هو؟ مهراڻ جي هن خاص نمبر ۾ مرحوم جي ڪن مداحن اهين بہ لکيو تہ گرامي صاحب ٽنين، ڇنين بجي رات تائين ڪراچي هوٽل ۾ ڪچهري ڪيون ويٺو هوندو هو ۽ اهو سندس معمول هو. ڏينهن جو مرحوم بورڊ ۾ ملازمت ڪندو هو. پڇڻ وارا پڇي ٿا سگهن تہ اهڙيءَ حالت ۾ گرامي صاحب کي سيربس مطالعي جي ڪيئن سيني علمن جي ڄاڻ رکندو هوندو؟ مطالعي لاءِ تہ باقاعدي شيڊول ٺاهيو آهي. ڊائري تي شائق نوٽ ڪندا آهن فلان ڪتاب فلان تاريخ تي پڙهيم. ماڻهن جو حال هي آهي تہ هو رات جو پنهنجي منزل تنڊ ڦتائي ڇنين ڇنين بجي تائين (سابہ سياري جي رات) مسلسل پڙهندا آهن، نوٽ وٺندا آهن، اهڙا ماڻهو ئي مختلف علمن جي ڄاڻ رکندڙ آهن، ياد رکڻ گهرجي تہ علم وارا ماڻهو پنهنجو قيمتي وقت هوٽلن ۾ گهٽي ويهڻ سان ضايع ڪونہ ڪندا آهن، جيئن مرحوم گراميءَ جو معمول هو.

گرامي ۽ شاهه ولي الله جو فڪر

مهراڻ جي خاص نمبر ۾ جناب سراج الحق ميمڻ صاحب محترم گرامي صاحب متعلق لکي ٿو تہ " اسان جو يار گرامي واقعي قلندر هو. هو انهن عظيم عالمن جي سٽ جو آخري همسفر هو، جن شاهه ولي الله ۽ مولانا عبيد الله سنڌيءَ جي فڪر کي رهنما بڻايو هو. مولانا دين محمد وفائي مرحوم کان پوءِ مولانا گرامي انهيءَ فڪر جو آخري قداور مبلغ هو ۽ اهي سڀ جا سڀ قلندر هنا ۽ پنهنجي سموري زندگي خاموش علمي خدمت ۾ گذاري ويا." (صفحو ١١٢)

جناب سراج ميمڻ صاحب غلط لکيو آهي تہ مرحوم گرامي شاهه ولي الله صاحب جي فڪر کي پنهنجو رهنما بڻايو هو. جناب گرامي صاحب جون سڀ تحريرون منهنجي نظر مان گذريون آهن. هو شاه ولي الله صاحب جي فڪر جي ڪا ڄاڻ نہ رکندو هو. هن پنهنجي قلم جي ذريعي شاهه ولي الله جي فڪر ۽ فلسفي بابت اسان کي ڪجهہ بہ نہ ڏنو آهي. مرحوم مولانا دين محمد وفائي صاحب واقعي هڪ جيد عالم هو. ٿي سگهي ٿو تہ هن کي شاهه صاحب جي فڪر جي ڄاڻ ۽ معلومات هجي، پر اسان وٽ مرحوم وفائي جي هٿن جو ڪو لکيل ڪتاب موجود نہ آهي. افسوس ۽ صد افسوس جو حضرت شاهه ولي الله صاحب جي فڪر ۽ فلسفي کي متعارف ڪرڻ لاءِ جنهن شخص سنڌ ۾ ڪم ڪيو، مسٽر سراج ميمڻ ۽ سندس ساٿين کي ان شخص جي نالي ۽ ڪارنامن جي ڪا خبر بہ نہ آهي.

اهو فاضل شخص پروفيسر غلام حسين جلباڻي صاحب آهي، جو ڪنهن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبہ عربيءَ جو صدر ٿي رهيو آهي. هونءَ تہ جلباڻي صاحب حضرت شاهه ولي الله صاحب بابت پيا بہ ڪي ڪتاب تصنيف ڪيا آهن، پر حال ۾ مون سندس هڪڙو ڪتاب " شاهه ولي الله جي تعليم" پڙهيو ۽ منهنجا چوڏهن طبق روشن ٿي ويا. والله ! حضرت شاهه صاحب جي تعليمات تي اهڙو ڪتاب اڳ اردو يا انگريزي ٻولين ۾ تصنيف نہ ٿيو. حضرت شاهه ولي الله صاحب بابت اڄ کان پنجاهہ سال اڳ لکنوءَ جي ماهوار الفرقان" جو شاهه ولي الله نمبر نڪتو هو. نيز ديوبند جي مشهور عالم مولانا مناظر احسن گيلاني مرحوم " تذڪره شاهه ولي الله" نالي هڪ ڪتاب لکيو هو. پر سچ پڇو تہ پروفيسر جلباڻي صاحب جي هيءَ شاهڪار تصنيف سيني کان گوءِ کڻي وئي ۽ حضرت شاهه ولي الله صاحب جو روح بہ جلباڻي صاحب کي دعائون ڏيندو هوندو.

Soorih Mirani

هي ڪتاب پڙهي منهنجي دل ۾ علمي رشڪ پيدا ٿيو ۽ خواهش ٿيم ته " ڪاش اها تصنيف منهنجي هجي ها".

اها جهالت ۽ بي انصافي آهي . و جنهن شخص حضرت شاهه ولي الله صاحب جي تعليمات بابت اهڙو بي نظير ڪتاب لکيو آهي، ان جو ته تذڪره نه ڪجي، باقي سڄو ڪريڊٽ گرامي مرحوم کي ڏنو وڃي، جنهن شاهه ولي الله بابت هڪ اکر به ڪونه لکيو آهي. حضرت شاهه ولي الله صاحب جي فڪر، فلسفه ۽ تعليم بابت فاضل جلباڻي صاحب جو ڪتاب پڙهي مون کي عربي جو هڪ شعر ياد آيو جو محترم مصنف جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو:

ڪـتـاب قـد حـوئ دررالـمـعـانـي
و بـحـر فـوائـد لـلـمـقـتـيـنـيـة
فـلا تـعـجـب لـهـا تـيـک الـمـعـانـي
فـان الـبـحـر کـل درفـيـة

گرامي ۽ سندس مشرقي شاعري جو مقالو

مهراڻ جي گرامي نمبر ۾ سيني ترقي پسند ليکڪن مشرقي شاعريءَ بابت سندس مقالي جي بي حد تعريف ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ مهراڻ جو فاضل ايڊيٽر جناب امداد حسيني صاحب لکي ٿو ته " مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" جهڙو زبردست مقالو نه رڳو سندس ساري ڄمار جي مطالعي ۽ مشاهدي جو نچوڙ ۽ جديد لکندڙن لاءِ ڏيڍ آهي، پر ساڳي وقت ويرن لاءِ وڏ پڻ آهي. انهيءَ مقالي جو رهيل حصو جيڪو ڪنهن ڪارڻ ڇپجي نه سگهيو ۽ اهڙو ذڪر مقالي جي آخر ۾ مولانا پاڻ به ڪيو آهي ۽ نجي ڪچهرين ۾ به پڻ ڪيو آهي، اهو ڇپجڻ گهرجي." (ايڊيٽوريل صفحه ٨، ٩)

جناب غلام محمد گرامي صاحب جي مٿين مقالي جي ترقي پسندن خود پروپئگندا ڪئي هئي، ايتري قدر جو جناب گرامي مرحوم به پنهنجي تعريف ٻڌي ڦونڊجي پيو. حضرت عمر رضه جو هڪ قول آهي ته "المدح ذبح" يعني واکاڻ ذبح ڪرڻ جي برابر آهي. سندس حلقي جا اٿڻ خوشامندڙيا ڏينهن رات " مشرقي شاعريءَ" جي مقالي جي تعريف ڪندا رهندا هئا. مشهور انگريز ليکڪ جان ڊيفو (Defoe) اهڙن مصاحبن لاءِ ڪهڙو نه چگو چيو آهي ته (Where flattersmeet the Devil goes to dinnes) مٿي عرض ڪيو ويو ته پنهنجي اجائي تعريف ٻڌي مرحوم گراميءَ ۾ ڪبر ۽ نخوت جو

احساس شديد نموني پيدا ٿيو ۽ پنهنجي مقالي جي پاڻ ۾ تعريف ڪرڻ لڳو. مثال طور سنڌ جي هڪ شاعر عبدالڪريم گدائي جو هڪ مجموعہ ڪلام " پکڙا ۽ پنهوار" ١٩٧٥ ۾ شايع ٿيو. ڪتاب جي پيش لفظ ۾ مرحوم گرامي صاحب پنهنجي مقالہ لاءِ لکي ٿو تہ " سنڌي جديد ادب تي ڪفر ۽ الحاد جي جواب ۾ "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" جي عنوان سان هڪ محققانہ ۽ عالمانہ مقالو شايع ٿيو. جنهن جي شايع ٿيڻ شرط مخالفت جو طوفان برپا ٿي ويو. اهو سڀ ڪجهہ ٿيو ويو. جنهن جي رجعت پسند فڪر وارن کان توقع هني. ڪتاب ڇاپيا ويا ۽ سوسو قسطن تي مشتمل ٻہ چار سلسلہ اخبارن ۾ هليا. مقالي جي علمي ۽ ادبي معيار متعلق سنڌ جي جديد توڙي، قديم عالمن ۽ محققن تحسين ۽ آفرين ڪئي. سنڌ جي مشهور مورخ پير حسام الدين راشدي صاحب لکيو تہ " اگر هن قسم جي علمي تحقيق يورپ ۾ ٿئي ها! تہ مقالہ نگار جو هوند اسٽيچو ڪڙو ڪيو وڃي ها!" ان کان پوءِ چند دوستن جي صلاح بيني تہ اهو مقالو اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو وڃي. سنڌي اردوءَ ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو وڃي. افسوس جو اهي سڀ وعدا ۽ دلاسا اُٿين ٿي هوا ۾ ڦوڪون ثابت ٿيا". (١)

ياد رکڻ گهرجي تہ جناب غلام محمد گراميءَ جي نالي سان مشرقي شاعري وارو مقالو سہ ماهي رسالہ مهراڻ (فيبروري مارچ ١٩٦٤) ۾ شايع ٿيو هو. مون هي مقالو نهايت ئي غور خوض سان پڙهيو. پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ اصل ۾ هي مقالا جناب نياز فتحپوري ۽ حضرت جوش مليح آباديءَ جي اردو جي ترقي پسند شاعرن وقت بوقت لکهنؤ جي رسالي" نگار" ۾ لکيا هنا. جيئن ناظرين کي خبر آهي تہ اشتراڪيت جي تبليغ ۽ تعليم لاءِ هندستان جي اردو اديبن ڪامريڊن سجاد ظهير جي قيادت ۾ ١٩٣٥ع ۾ ترقي پسند ادب جو بنياد وڌو هو ۽ ان وقت کان وٺي هنن اشتراڪي نظام جي مخالفن کي رجعت پسند گروهہ جو لقب ڏنو ۽ ان نموني هندستان جي چوٽيءَ جا اديب، عالم ۽ دانشور جهڙوڪ مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم مولانا عبدالماجد دريابادي ۽ ٻين جو شمار بہ رجعت پسند گروه ۾ ٿيڻ لڳو. اردو جي ترقي پسندن، مذهب ۽ الله تعاليٰ جي شان ۾ اسان جي يارن وانگر گستاخيون ۽ بي ادبون ڪيون تہ سندن مخالفت شروع ٿي. ان جي جواب ۾ ترقي پسندن اهو ڪجهہ لکيو، جنهن کي مرحوم گرامي صاحب دهرايو. حقيقت هي آهي تہ مشرقي شاعريءَ جي مقالي لکڻ وارا ٻيا آهن ۽

(١) ڏسو ڪتاب پکڙا ۽ پنهوار از گدائي صفحو ١٠

مرحوم گرامي جي حيثيت محض مرتب ۽ مترجم جي آهي ۽ ٿوري رد و بدل سان ان معيار تي سنڌي شاعريءَ کي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس.

سہ ماهي مهراڻ ۾ هن مقالي شايع ٿيڻ سان ترقي پسندن جي مخالف گروهہ سيد سردار علي شاهہ جي قيادت ۾ مقالي جو علمي ۽ نظرياتي جائزو ورتو ويو ۽ سنڌ جي معروف اديب ۽ شاعر جناب عبدالرزاق راز صاحب ۽ ڀيڻ محترمہ نور شاهين مقالي جي علمي ڪمزورين کي ظاهر ڪيو.

هن موضوع تي اڳ بہ گهڻو ڪجهہ مون کان وڌيڪ فاضلن لکيو، ان ڪري وڌيڪ تنقيد جي ڪا ضرورت ڪانہ آهي. مٿي جناب گرامي صاحب جو حوالو ڏنو ويو، جنهن ۾ هن صاحب شڪايت ڪئي تہ سنڌس " مقالي خلاف ڪتاب ڇاپيا ويا." خبر نہ آهي تہ اهي ڪهڙا ڪتاب ڇاپيا ويا ۽ ڪهڙن مصنفن لکيا؟ البتہ روزاني مهراڻ ۾ تنقيدي سلسلا ضرور شروع ڪيا ويا. جي بہ بدقسمتيءَ سان ڪتابي شڪل ۾ اجا-- تائين شايع نہ ٿيا آهن. مرحوم گرامي صاحب پير حسام الدين راشدي صاحب جو حوالو ڏيندي لکيو تہ، "اگر هن قسم جي علمي تحقيق يورپ ۾ ٿئي ها تہ مقالي نگار جو هوند استنچو ڪڙو ڪيو وڃي ها." پير حسام الدين راشدي صاحب لاءِ چيو ٿو وڃي تہ هو فارسي زبان جو وڏو ڄاڻو ۽ عالم آهي. منهنجي ڪيس هڪڙي استدعا آهي تہ براہ ڪرم موصوف جي مشرقي شاعريءَ جي مقالي کي ٻيهر پڙهن.

ڇا ان ۾ عربن جي متعلق فردوسي جو مشهور شعر مرحوم گرامي صحيح لکيو آهي؟ ۽ ڇا ان شعر جي معنيٰ بہ صحيح لکي اٿس؟ گرامي صاحب نہ فقط فردوسيءَ جو شعر غلط نقل ڪيو آهي پر ان جي معنيٰ بہ غلط ڪئي آهي. مان هتي فردوسيءَ جو اصل شعر معنيٰ سميت لکان ٿو ۽ شعر جو تاريخي پس منظر پڻ بيان ڪندس، ڇو جو مرحوم گرامي جي مقالي شايع ٿيڻ بعد اسان جي ترقي پسند ياٽرن عربن جي خلاف سخت پروپيگنڊا ڪئي ۽ فردوسيءَ جي شعر جو حوالو ڏيندي عربن جي خلاف پنهنجي روايتي نفرت جو اظهار ڪيو. (١)

ان کان پوءِ قوي اميد آهي تہ جناب پير صاحب، گرامي صاحب جي لاءِ استنچو ڪڙو ڪرڻ واري تمنا تان هٿ ڪڍندو، ڇو جو پاڻ فارسي زبان جو ماهر سڏجي ٿو.

---

(١) ملاحظہ ٿئي سراج ميمڻ جي ناول " پڙاڏو سو سڏ" جو پيش لفظ از جمال ابڙو

گرامي ۽ فردوسي جو شعر

عربن بابت فردوسي جو شعر گرامي مرحوم هن طرح نقل ڪيو آهي تہ:

تفو برتو اي چرخ گردان تفو
کہ تخت ڪيان راکنند آرزو

مٿين شعر جو عجيب و غريب ترجمو نقل ڪيو اٿس. شعر جي معنيٰ ڪندي لکي ٿو تہ " اي آسمان ٽڪ هجني جو ڳوهن ڪي کائيندڙ عرب اڄ ايران جي شاهي تخت حاصل ڪرڻ لاءِ آرزو ڪن ٿا." (۱)

سوال آهي تہ مٿين شعر ۾ ڳوهن ڪي کائيندڙ عربن جو ذڪر ڪٿي موجود آهي؟ گرامي مرحوم فردوسي جو نہ فقط شعر غلط نقل ڪيو آهي پر ان جي من گهڙت معنيٰ بہ لکي آهي. مثلا ڳوهہ ڪي فارسي ۾ "سوسمار" چئبو آهي. اهو لفظ تہ شعر ۾ موجود ني نہ آهي تہ پوءِ هي کائيندڙ عرب جا الفاظ ڪٿان آيا؟

صاف ظاهر آهي تہ گرامي صاحب جي فارسي داني ڪچي آهي. عربن جي بابت فردوسيءَ جو هي شعر اصل ۾ هن طرح آهي، جو مولانا شبلي نعماني جي ڪتاب " شعر العجم" حصہ اول صفحہ ۱۲۳ تان ڪورجي ٿو.

"زشير شتر خوردن وسوسمار
عرب را بجائي رسيد است ڪار
کہ تخت کيان راکنند آرزو
تفو برتو اي چرخ گردان تفو"

پيتاني ڏسو تہ مرحوم مٿين شعر جا آخري بہ جملا بہ غلط لکيا آهن جو ".کہ تخت ڪيان جي بجاءِ اڳ ۾ تفو براي چرخ.......... لکي ويهي رهيو. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ان جو نالو تحقيق آهي؟ فردوسي تاريخي پس منظر ۾ ايرانين جي تاريخ لکي رهيو هو" جيڪي نفرت ۽ باهمي دشمني ڪري عربن کي ڏاچيءَ جا کير پياڪو ۽ ڳوهہ کائيندڙ ڪوٺيندا هئا. ان ۾ بہ ڪو شڪ نہ آهي تہ اسلام کان اڳ واري زماني ۾ عرب ابن خلدون جي لکڻ مطابق وچون ۽ ڳوهہ بہ کائيندا هئا. جا رسم اسلام جي آمد کان پوءِ بند ٿي پر ان جي باوجود بہ ايراني ڪين ڳوهہ کائيندڙ ڪوٺيندا هئا. جو جو اهو ڏنڌو سندن ابن ڏاڏن جو هو. ايرانين کي عربن کان ڪيتري نفرت هوندي هني، ان جو واحد مثال خود نبي اڪرم صلي الله

---

(۱) ڏسو سہ ماهي مهراڻ فيبروري، مارچ ۱۹۶۴ صفحہ ۲۰۸

عليه وسلم جن جي زندگيءَ ۾ ملي ٿو. حضور جن اسلام جي پيغام ۽ دعوت لاءِ روم جي بادشاهه هرقل ۽ ايران جي بادشاهه خسرو پرويز ڏانهن خط لکيا هئا. هرقل خط وٺي شرافت جو مظاهره ڪيو ۽ روم ۾ بعض قريشي واپارين کان رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي دعوت ۽ شخصيت متعلق استفسار ڪري مطمئن ٿي ويو ته محمد صلي الله علي وسلم واقعي نبي آهي ۽ عنقريب منهنجي تخت کي به اونڌو ڪندو.

پر ايران جي بادشاهه خسرو کي سخت ڪاوڙ وٺي وئي ۽ قاصد جي موجودگيءَ ۾ خط کي ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري، پنهنجي گورنر بازان کي لکي موڪليو ته محمد صه کي گرفتار ڪري هڪدم ايران جي گادي مدائن ڏانهن موڪليو وڃي. پر خدا جي قدرت ڏسو جو ايران جي هن گستاخ بادشاهه جي حڪم جي تعميل ٿي نه سگهي ڇو جو فورا هو پنهنجي پٽ شيرويه جي هٿان قتل ٿيو. هن هڪڙيئي اهم واقعي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ايرانين کي عربن سان ڪيڏي نه دشمني ۽ نفرت هئي.

بعد ۾ ايرانين عربن کي سخت نقصان پهچايا ۽ عرب هنن جي شرارت ڪري سخت پريشان ۽ نالان ٿيا. خاص طرح ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق رضه جي خلافت دوران ته ايرانين جون زيادتيون روز مره جو معمول بڻجي ويون. مشهور انگريز مورخ وليم ميور(Muir) صاحب پنهنجي ڪتاب "شروعاتي خلافت جي تاريخ" (Annals of early caliphate) ۾ ايرانين بابت حضرت عمر رضه جو هڪ قول نقل ڪري ٿو ته "منهنجي خواهش آهي ته جيڪر اسان جي۽ايرانين جي وچ ۾ باهه جو جبل حائل هجي ها". يعني ته نه هو اسان ڏي لنگهي اچن ۽ نه اسان هنن ڏي وڃي سگهون.

(I wish between ourselves and persia there were a mountain of fire.)

آخر ايرانين ايڏي ته عربن سان ڪونس ڪئي جو حضرت عمر رضه هنن سان جنگ ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيو ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص جي ڪمانڊ هيٺ ايران جي بادشاهه يزد جرد جو خاتمو آندو ويو ۽ هن جو بهادر سپهه سالار رستم، عربن جي هٿان مارجي ويو. ان نموني ايرانين جا غلام عرب، جن جا ابا ڏاڏا ڳوهه ۽ وڇون کائيندا هئا. اهي اسلامي نظريه ڪري متمدن پارسين جي مٿان غالب آيا. انهيءَ تاريخي فتح کي فردوسي يزد جرد جي زباني پنهنجي شاهه نامي ۾ بيان ڪيو آهي ته ڏاچيءَ جو کير پيئندڙ ۽ ڳوهه کائيندڙ عربن کي جاءِ تي پهچڻ کان سواءِ ٻي ڪل ڪرت ئي ڪانهي

جو اهي ڪيان جي تخت حاصل ڪرڻ لاء تمنا ڪن ٿا. اي آسمان ٻه دفعا ٽڪ هجني".

گرامي مرحوم لفظ " ڪيان" جي معنيٰ لکي آهي " ايران جو شاهي تخت" سوال آهي تہ ڪنهن جو تخت، ڪيان جي هيءَ معنيٰ لغت جي مطابق نہ آهي. درحقيقت فارسي لغت ۾ ڪيان جو لفظ ايران جي فقط چئن ٻادشاهن يعني ڪيڪائوس، ڪيقباد، ڪيخسرو ۽ ڪي لهراسپ لاء استعمال ٿيندو آهي.

مون فردوسيءَ جي هن شعر جو تاريخي پس منظر بيان ڪرڻ ضروري سمجهيو، ڇوتہ گراميءَ جي هن مضمون کان پوءِ اسان جي قوم پرست ٻائرن عربن کي بدنام ڪرڻ لاء پنهنجن تحريرن ۾ فردوسيءَ جو اڪثر ذڪر ڪيو آهي. هاڻي ٻڌايو تہ فردوسيءَ جي هن شعر ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟ ايران جي بادشاه يزد جرد اسلامي لشڪر جي سفيرن جي موجودگيءَ ۾ عربن جي. گندين عادتن جو ذڪر ڪيو. سفيرن يزد جرد کي جواب ڏنو تہ " تون سچ ٿو چوين اسين واقعي گندا هئاسون پر الله تعاليٰ اسان ڏي پنهنجو نبي موڪليو، جنهن جي تعليمات تي عمل ڪري اسان پاڪ ٿي هن منزل تي پهتا آهيون."

خود حضرت عمر رضہ جي زندگيءَ جو هڪ واقعو آهي تہ خليفي ٿيڻ بعد هڪ دفعي عرب جي انهن چراگاهن مان هن جو گذر ٿيو، جتي ننڍي هوندي هو اٺ چاريندو هو. ان منزل تي بيهي حضرت عمر رضہ تي رقت طاري ٿي وئي، چوڻ لڳو تہ مان اهوئي اٺ چاريندڙ آهيان پر نبيءَ جي تعليم ڪري اڄ هڪ وڏي سلطنت جو حاڪم آهيان. هي آهي اسلامي انقلاب جو ڪرشمو، اميد تہ اوهانکي هاڻي فردوسيءَ جي شعر جو مطلب سمجهڻ ۾ ايندو جو خود علامہ اقبال مرحوم بہ رسول ڪريم صلعم جن کي خطاب ڪندي پنهنجي هڪ فارسي شعر ۾ چيو آهي تہ "تنهنجوَ اچڻ زندگيءَ جي جواني آهي ۽ تنهنجو جلوو گويا زندگيءَ جي خواب جو تعبير آهي: تو هن دنيا ۾ حياتيءَ جي لاٽ جلائي ۽ غلامن کي حڪمراني سيکاري آهي".

"اي ظهور تو شباب زندگي
جلوت تعبير خواب زندگي
درجهان شمع حيات افروختي
بندگان را خواجگي آموختي

فردوسي جي شعر جو اهوئي تاريخي پس منظر آهي جو ڪوهہ ڪائيندڙ تهذيب کان نا آشنا، بدو ۽ اوٺي عرب اسلام کي قبول ڪري

رسول ڪريم صلعم جي تعليمات تي عمل ڪري ايرانين ۽ ٻين قومن جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري تخت "ڪيان" جا وارث بڻيا ۽ حضرت سلمان فارسي وانگر شهنشاهي ۾ فقيري ڪيائون. تاريخ جو مشهور واقعو آهي جو هڪ غير ملڪي کي ايران جي گادي مدائن ۾ پنهنجي سامان کڻڻ لاءِ مزدور جي ضرورت پئي. پريان هڪ ڦاٽل ڪپڙن واري شخص کي ڏسي ڪيس پڪاري چيائين ته پنهنجي مزدوري وٺي هي منهنجو سامان فلاڻي هنڌ پهچاءِ. مزدور خوشيءَ سان بار پنهنجي ڪلهن تي کڻي مدائن شهر جي گهٽين مان لنگهندو ويو. هن مزدور کي سڀ ماڻهو ڏسي سلام پيا ڪن. غير ملڪي هي ماجرا ڏسي وائڙو ٿي ويو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿي ويس ته هي سامان کڻڻ وارو شخص حقيقت ۾ مدائن جو گورنر حضرت سلمان فارسي آهي. اهڙا ئي ماڻهو تخت "ڪيان" جا وارث بڻيا.

هن اسلامي انقلاب نه فقط جاهل ۽ ڳوٺ ڪائيندڙ عربن جي قسمت بدلائي پر پوريءَ دنيا جي مظلوم انسانن کي سنڌن جابر حڪمرانن کان نجات ڏياري.

غلام محمد گرامي صاحب ۽ سنڌس عقيدت مندن فردوسيءَ جو شاهنامو پوريءَ طرح پڙهيو ئي نه آهي. عربن جي مذمت بابت شاعر ۽ مؤرخ فردوسي جا ڇپيل الفاظ مٿي شعر ۾ نقل ڪيا ويا. فردوسيءَ مسلمان فاتح جرنيل حضرت سعد بن ابي وقاص جي سفير جو ڏنل جواب نقل ڪري ٿو، جنهن ۾ وري هي عرب سفير ايرانين جي مذمت ڪري ٿو ته اوهين ايراني پهلواني سان ڪو واسطو نٿا رکو. توهان ته زالن وانگر رنگ وبو ۽ نقش و نگاري ۾ مصروف آهيو. پٽ پٿيھر پهريو ٿا ۽ ڇت ۽ درن کي سينگارڻ کان سواءِ ٻيو هنر (جنگي وغيره) ڪونه ڄاڻو.

"شمارا بة مردانگي نيست كار
همة چون زنان رنگ و بوي نگار
هنر تان بديباست پيراستن
دگر نقش بام ودر آراستن."

(شاهنامہ از فردوسي)

ڏسڻ ۾ ايندو ته فردوسي شاهنامه ۾ ٻنهي قومن جي تاريخ بيان ڪئي آهي، ڇوته عرب ۽ ايرانين جي وچ ۾، جيئن بيان ڪيم قديم زماني کان دشمني هلندي پئي آئي. الغرض ته گراميءَ جي هن مقالي لکڻ بعد عربن جي مذمت ۾ سڀ ترقي پسند فردوسيءَ کي مثال طور پيش ڪن ٿا. (ملاحظه ٿئي مسٽر سراج ميمڻ جو ڪتاب "پڙاڏو سو سڏ" جو پيش لفظ).

اول تہ جيئن مٿي عرض ڪيو ويو،گرامي مرحوم فردوسي جو شعر ۽ ان جي معنيٰ غلط لکي. ٻيو تہ اسان جي ترقي پسند ياٺرن کي فردوسي جي شعر جي تاريخي پس منظر جي ڄاڻ نہ آهي،جا مٿي بيان ڪني وئي آهي.هيئنر صاف ۽ غير متعصب ذهن لاءِ اعتراض جي ڪابہ گنجائش موجود نہ آهي. ڇا اڃا بہ پير حسام الدين راشدي صاحب گرامي لاءِ اسٽنچو ڪڙو ڪندو؟

ڪتاب شعبدات فارسي

۽ مسٽر سراج الحق ميمڻ

١١ نومبر ١٩٧٥ع واريءَ هلال پاڪستان اخبار ۾ "ڇا هي نشانيون موهن جي دڙي جي رسم الخط جون آهن" جي عنوان سان هيٺين خبر شايع ٿي آهي. ڪراچي ١٠- (اسٽاف رپورٽر)

سنڌ صدين کان جي موضوع تي سڏايل بين الاقوامي سيمينار جي دوران قديم آثارن ۽ ٻوليءَ بابت هڪ اجلاس ۾ سنڌ جي هڪ محقق سراج الحق ايڊيٽر هلال پاڪستان ڪراچي ظاهر ڪيو هو ته مسٽر جي- ايم سيد وٽ هڪ اهڙو پارسي مسودو موجود آهي جنهن جي ڪن اکرن جي شڪل ساڳي موهن جي دڙي (٢٥٠٠ـــ ٣٠٠٠ق م) جي ٻوليءَ واري رسم الخط جي اکرن جهڙي آهي. عالم اها ڳالهه ٻڌي حيرت زده ٿيا هئا. ڇاڪاڻ ته سنڌو ماٿريءَ جي ان ٻوليءَ جو رسم الخط فقط هن صديءَ جي منڍ•ڌاري لڌو ويو هو. سنڌو ماٿري جي زبان جي مطالعي کي سمجهڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ مسٽر جي- ايم سيد اهو اصلي مسودو مسٽر سراج الحق ڏانهن اماڻيو آهي. اهو مسودو جيڪو ڪتاب "شعبدات فارسي" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. ڏيڪاري ٿو ته اهو اٽڪل ڇهه سؤ سال پراڻو آهي ۽ عربيءَ جي ڪنهن آڳاٽي زماني جي ڪتاب جو ترجمو آهي. اهو سنڌ ۾ لکيو ويو هو، جو ته حاشيءَ تي لکيل ڪي نوٽ سنڌي لفظن ۾ به آهن. اهو مسودو جادوني ڦيٽن، طلسم، منتر ۽ ٻومي اچارن بابت آهي. جيڪي مذهبي نيم ملن پاران مختلف تعويذن ۾ استعمال ڪيا ويندا هئا. اهي ڦيٽا اهڙين شڪلين جا آهن جيڪي سنڌو ماٿريءَ جي ٻولي ۽ ٻين پراڻين ٻولين سان مشابهت رکن ٿا. ڪن نشانين جي هيٺان عربي الف ب جا اکر پڻ ڏنا ويا آهن. بهرحال اهو نٿو چئي سگهجي ته اهو مسودو سنڌو ماٿريءَ جي ٻوليءَ تي روشني وجهي ٿو. پر اهو عالمن ۽ تحقيق ڪندڙن جي دلچسپيءَ جو يقينا باعث بڻبو ته هو سنڌ ۾ پراڻين ٻولين جي موجودگي ۽ موئن جي دڙي جي روايت جي تسلسل ۽ ان جي ارتقا تي وڌيڪ کوجنا ڪن. اهي حرف ڪيئن سنڌو ماٿري جي ٻولي يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ سان لاڳاپو رکن ٿا، سو فيصلو ته فقط تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن اهو مسودو تحقيق هيٺ اچي ۽ ڇاپيو وڃي. مسٽر سراج الحق اڄ ڪلهه ان جي اشاعت لاءِ

مسودي تي تحقيق ڪري رهيو آهي. ان مسودي مان عالمن جي دلچسپي لاءِ هڪ صفحي جو عڪس هت شايع ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ قديم نشانيون بہ نظر اچن ٿيون. (هلال پاڪستان ١١ نومبر ١٩٧٥ع آخري صفحو)

ڪتاب "شعبدات فارسي" مان هڪ صفحي جي عڪس کي مون غور سان پڙهيو آهي. منهنجي راءِ آهي تہ انهن نشانين جو موئن جي دڙي جي رسم الخط سان ڪو واسطو نہ آهي. انهن علامتن جي ذريعي سنڌوماتريءَ جي زبان جي مطالعي ۽ ان کي سمجهڻ لاءِ مدد ڪانہ ملندي. مسٽر سراج الحق ميمڻ کي خواہ مخواہ خوش فهمي پيدا ٿي آهي. ان مان ثابت ٿو ٿئي تہ سندس مطالعو ناقص ۽ اڻپورو آهي. مون سائين جي- ايم سيد جو اصل فارسي ڪتاب تہ ڪونہ پڙهيو آهي، ۽ هڪ صفحي جي فوٽو ڪاپي مطالعي بعد هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ مذڪوره ڪتاب "علم سيميا يا اسرار الحروف" بابت لکيل آهي. هي علم تصوف جي گويا هڪ شاخ آهي. صوفي سڳورن سيميا جو لفظ طلسمات مان نقل ڪري پنهنجي مخصوص علم لاءِ گهڙيو آهي. هي عام معنيٰ ۾ مستعمل نہ آهي، پر هڪ خاص علم جو نالو آهي، جنهن ۾ اسرار حروف سان بحث ڪيو وڃي ٿو. صوفين جي هڪ گروهہ جو عقيدو آهي تہ ابتدا کان وٺي اڄ تائين ڪائنات ۾ جيترا قسمين قسمين تغيرات ٿيا آهن ۽ قيامت تائين جيتري قدر انقلابات پيدا ٿيندا، انهن سڀني جو پتو مذڪوره اسرار حروف جي ذريعي لڳائي سگهجي ٿو. ان ڪري صوفياءِ مذڪوره علم ڏانهن مائل رهيا جيئن غيب جون خبرون ٻڌائي پنهنجو ڀرم قائم ڪرائين.

مون علم سيميا يا اسرار الحروف جي مٿين تشريح پنهنجي زبان ۾ نہ پر علامہ ابن خلدون جي الفاظ ۾ ڪئي آهي. حضرت علامه صاحب پنهنجي شاهڪار تصنيف "مقدمه" (Prolegomena) ۾ وڌيڪ انڪشاف ٿو ڪري تہ علم سيميا متعلق ٻن شخصن يعني بوني ۽ ابن عربيءَ ڪيترا ڪتاب لکيا آهن. هن علم جو تعلق جادو ۽ منتر سان بہ آهي تفصيل لاءِ ڏسو مقدمه ابن خلدون حصہ پيو صفحہ ٤٦٣ باب علم سيميا (اسرار الحروف) ۽ صفحو ٤٥٦ باب سحر و طلسمات.

مسٽر سراج ۽ موئن جي دڙي جي ٻولي

موئن جي دڙي جو تصور مسٽر سراج جي لاءِ شعور ۾ بہ

سمايل آهي. سنڌي ٻوليءَ کي هو موئن جي دڙي جي ٻولي تصور ڪري ٿو. سن ١٩٦٤ع ۾ سندس ڪتاب "سنڌي ٻولي" شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب جو ديباچو سراج ۽ سيني ترقي پسندن جي امام مسٽر محمد ابراهيم جويي صاحب لکيو آهي. سراج صاحب جي ڪتاب متعلق جويو صاحب چوي ٿو ته "لائق مصنف هن ڳالهه جي مڃڻ کان به انڪاري آهي ته سنڌي ڪا سنسڪرت جي ڄائي آهي. ان باري ۾ سندس راءِ آهي ته (هاڻوڪي) سنڌي توڙي سنسڪرت (۽ ٻيون اڪثر هند- پاڪستاني ٻوليون) سيني هڪڙي ساڳي اڳاٽي (اوائلي) ٻوليءَ مان نڪتل آهن، جنهن کي ڀڻ هو "سنڌي" سڏي ٿو، پر جنهن لاءِ هو شايد پروٽو سنڌي يا پروٽو انڊڪ (يا پروٽو هند يورپي) لفظ استعمال ڪرڻ وڌيڪ سمجهندو." (صفحو ١٧، ١٨).

سنڌي ٻوليءَ متعلق مسٽر ڀيرومل مهرچند جي راءِ اها آهي ته هن ٻوليءَ جو اصل بنياد سنسڪرت آهي، جتان سنڌي ٻولي ڦٽي نڪتي آهي. مسٽر ڀيرومل جو مشهور ڪتاب "سنڌي ٻولي جي تاريخ" خود مسٽر جويي صاحب سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ڪرايو آهي. سنڌي ٻوليءَ بابت مسٽر ڀيرومل لکي ٿو ته، سنڌي ۽ ٻيون ڏيهي آريه ٻوليون ڄي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتيون آهن، سي بگڙيل پراڪرت ٻوليون آهن، پر انهن کي جيڪڏهن بگڙيل سنسڪرت سڏجي ته به روا آهي، ڇاڪاڻ ته بنياد وري به سنسڪرت اٿن." (صفحو ٧٢، ٧٣، ڇاپو ٽيون).

ڏسڻ ۾ ايندو ته ڀيرومل جي تحقيق جو جويي ۽ سراج وارن ڪو نوٽيس ڪونه ورتو، پر جيئن مٿي عرض ڪيو ويو، هي ڪتاب خود جويي صاحب پاڻ ادبي بورڊ مان شايع ڪرايو. محترم سراج صاحب ۽ مسٽر جويي صاحب کي "سنڌي ٻولي" بابت پنهنجي ڪتاب لکڻ جي ضرورت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" (قديم دور کان سمن جي دور تائين) شايع ٿيڻ بعد محسوس ٿي. ڊاڪٽر صاحب جن جي هيءَ بي نظير تصنيف پهريون دفعو ١٩٦٢ع ۾ شايع ٿي هئي ۽ ان ۾ ثابت ڪيو ويو هو ته عربن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مرڪزيت پيدا ٿي هئي. هن ڪتاب جي منظر عام تي اچڻ سان جويي وارن جي ننڊ ڦٽي پئي ۽ پوءِ ڪين هڪدم موئن جو دڙو ياد پيو ۽ ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب شايع ٿيڻ کان ٻن سالن بعد سراج صاحب ١٩٦٤ع ۾ پنهنجو ڪتاب ڇپرايو. ڪتاب جو نچوڙ پنهنجن لفظن ۾ هن طرح لکي ٿو ته،

"ڄڏهن چار سال کن ٻولين جي تاريخ، سنڌي تمدن ۽ موئن

جي دڙي متعلق ڪجهہ قدر وڏيڪ مطالعو ڪيم تہ حيرت انگيز ڳالهيون نظر آيون. سڀ کان اهم ڳالهہ تہ اها نظر آئي تہ ٻوليءَ جي ماهرن ۽ تاريخدانن سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تمدن سان بالڪل ماٽيجي ماءُ وارو سلوڪ پئي ڪيو آهي. ٻي ڳالهہ جنهن منهنجي ذهن ۾ متڪا (سنڌي متڪا نہ عربي مطرقہ) هڻڻ شروع ڪيا، سا هي آهي تہ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جو مائٽاڻو لاڳاپو تہ آهي پر ائين نہ، جيئن اسان وٽ زبان زد آهي. دراصل ڳالهہ تہ موڙڳوني ابتي آهي. سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي تہ سنسڪرت تي تہ سنڌيءَ جو بہ ان کان وڏو قرض آهي. سنسڪرت تہ هڪ طرح سان سنڌيءَ جي ڄائي آهي. سڌيءَ طرح نہ سهي تہ اڻ سڌيءَ طرح سهي. اهو اهڙو احساس ۽ خيال هو جنهن لاءِ مون سمجهيو تہ دنيا مون کي پاڳل سمجهندي. ان لاءِ ثبوت کان سواءِ ڳالهائڻ وقت وجائڻو ٿيندو. اهو ئي سبب آهي جو مون مونن جي دڙي جي ٻوليءَ ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ جڏهن ان جي پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيس تہ ذري گهٽ مون کي هارٽ اٽيڪ ٿيڻ وارو هو." (سنڌي ٻولي از سراج، عظيم پبليڪيشن حيدرآباد)

سنڌي ٻوليءَ بابت اوهان مسٽر سراج الحق جي تحقيق مٿي پڙهي آهي. اها ايڏي تہ ڪمزور ۽ ڪل جوڳي آهي جو خود هندستان جي هڪ سنڌي اديب سراج صاحب جي تحقيق کي غيرمستند سمجهي رد ڪري ڇڏيو. هن هندو محقق جو حوالو ڏيندي پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب لکي ٿو تہ "ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي جنهن لسانيات ۾ ايم- اي ۽ پي- ايچ- ڊي ڪئي آهي تنهن پنهنجي انگريزي مقالي (Current Trends in Linguistic) ۾ هن ڳالهہ جو افسوس ظاهر ڪيو آهي تہ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۽ پاڪستان ۾ سنڌي زبان بابت جيڪي ڪجهہ لکيو ويو آهي، سو گهڻي ڀاڱي وقت جي تقاضا مطابق نہ آهي ۽ منجهس غيرجانبداري، سلجهيل نگاہ جو زاويو ۽ تنظيم نہ ٿي ملي، ڇو تہ انهن جا ليکڪ تاريخدان ۽ اديب آهن، پر لسانيات کان بي خبر آهن ۽ انهيءَ خيالي دعويٰ ۾ هروڀرو ٻهرو وٺن ٿا تہ سنڌي زبان گهڻ ۾ گهڻ سيني هندستاني زبانن جو سرچشمو آهي. (ص ٢٠٢).

هن باري ۾ ڊاڪٽر خوبچنداڻي، سراج الحق ۽ ليليٰ رچنداڻي تي سخت تنقيد ڪندي لکي ٿو تہ، زبان جي باري ۾ ڪيڏو وڏو غلط تصور قائم ڪيو ويو آهي، سو رچنداڻيءَ (١٩٦٣) ۾ سراج الحق (١٩٦٤) جي ڪتابن ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جن اڻڄاڻائيءَ جي بنياد تي هاڻوڪي سنڌي لفظن کي فنيشن ۽ سميرين جي سرچشمن سان

لاڳاپيل ڏيکاري ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ انهن تي سنڌيءَ جو اثر ٿيو آهي..... لساني انڌي عشق جي اثر هيٺ (Under the spell of language chauvinism) سراج ۽ رچنداڻي سمجهن ٿا تہ اتر هندستان جون زبانون سنڌيءَ مان اپريون آهن." (ملاحظہ ٿئي ڏرتي ڪتابي سلسلو نومبر ۱۹۷۵ع صفحو ۳۶، ڊاڪٽر الانا جي ڪتاب تي پروفيسر جتوئي جي تنقيد)

سراج صاحب جي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ" تي ڊاڪٽر ليمڻ کوبچنداڻي صاحب خوب تنقيد ڪئي آهي. سراج صاحب جي اها دعوى تہ اتر هندستان جون زبانون سنڌيءَ مان اپريون آهن (Language chauvinism) جو بهترين مثال آهي. پنهنجي وطن ۽ ٻوليءَ بابت اها دعوى ڪيو جا مناسب ۽ تاريخي بنيادن تي مبني هجي. ان کي پڙهي غير بہ مطمئن ٿي ويندا ۽ ساراهہ جا ڍڪ پريندا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" کي مطالعو ڪري پنهنجا توڙي پراوا واکاڻ ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندا، برعڪس ان جي سراج صاحب جو ڪتاب گهوڙي ۽ اجائي دعوى کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. تاريخ جو مطالعو ڪندي اسان کي ڪيترن ئي ملڪن جا مثال ملندا. اتان جي ڪن سراج وارن قوم پرست اديبن هر سائنسي تحقيق کي پنهنجي وطن ڏانهن منسوب ڪرڻ جي جاهلانہ ڪوشش ڪئي آهي. مثلا اسان جي دور ۾ روسي اهڙي لباڙ هڻڻ ۾ سڀني کان گوءِ کڻي ويا ۽ اهڙين ڪوڙين دعوائن جو دانشورن هميشہ نوٽيس ورتو آهي. مثال طور برٽرانڊرسل (Bertrand Russel) پنهنجي ڪتاب (New Hopes for a Changing World) ۾ لکي ٿو تہ "موجوده دور جو روس شايد اهڙي پروپئگنڊا ڪرڻ ۾ سڀني کان گوءِ کڻي ويو. اسان کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ (مشهور سائنسدان) ڪوپرنيڪس بہ روسي هو. ڪيپ کان هندستان ڏانهن وڃڻ جو رستو واسڪو ڊيگاما ڳولي نہ لڌو هو، پر اهو ڪم بہ هڪ روسيءَ سرانجام ڏنو هو. ڪشش ثقل جو قاعدو بہ نيوٽن دريافت نہ ڪيو پر هي سائنسي ڪارنامو پڻ روسي ظالم بادشاه "ايوان" جي هڪ حامي جو آهي. ڊارون جا خيالات بہ روسي ذريعن سان آيا، جي ڊارون خبرداريءَ سان مخفي رکيا هئا. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ان قسم جي گفتگو لغو ۽ نامعقول آهي."

(Modern Russia has perhaps carried this process farther than before. We learnt that Copernicus was also a Russian, that it was not Vascoda gama, but a Russian, who discovered the cap route to India, that the law of gravitation

was discovered not by Newton, but by a supporter of Irvan the terrible: and that Drawin,s ideas came from Russian sources which he carefully concealed. This sort of thing is ofcourse absurd.P.68, George Allen Unwinlt. 1960 ED)

ڏسڻ ۾ ايندو تہ مسٽر سراج ميمڻ پاران قوم پرستن جون دعوائون بہ لڳ ڀڳ روسين جهڙيون آهن. موئن جي دڙي جو بهانو بڻائي هو سنڌ، اسان جي ٻولي، علمن ۽ هنرن بابت بہ ساڳي دعوي ڪن ٿا. ڇا واديءِ سنڌ جي تهذيب جو نشان فقط موئن جو دڙو آهي؟ آثار قديم جي ماهرن ۽ تاريخدانن جو رايو آهي تہ موئن جي دڙي ۽ هڙپا (Harpa) جا رهواسي ساڳيءَ تهذيب سان واسطو رکن ٿا. هڙپا پنجاب جي ضلعي ساهيوال ۾ واقع آهي جو موئن جي دڙي کان اٽڪل چار سؤ ميل پري آهي. هن بابت آثار قديمہ جي هڪ ماهر جي راءِ نقل ڪجي ٿي. هو پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ، "(موئن جي دڙي) جي کوٽائي جاري هئي تہ اسٽوپا جي بنياد جي قريب هڪ اهڙي مهر ملي جا شڪل ۽ شباهت ۾ هڙپا جي ان تصويري رسم الخط وارين مهرن وانگر هئي، جيڪي پنجاه سال اڳ اليگزينڊر ڪننگهم (Cunningham) دريافت ڪيون هيون ۽ جن جو ذڪر هن صاحب پنهنجي رپورٽ سنہ ١٩٧٥ع ۾ ڪيو هو." (واديءِ- سنڌ ڪي تهذيب از محمد ادريس صديقي. شايع ٿيل محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان صفحو٣، باب داستان انڪشاف). اهو ئي سبب آهي جو مؤرخن هڙپا ۽ موئن جي دڙي جي باقيات کي هڪڙي ئي سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب سان منسلڪ ڪيو آهي. هندستان جي سابق وزيراعظم آنجهاني جواهرلال نهرو بہ ائين لکيو آهي. هو پنهنجي ڪتاب (The discovery of India) ۾ لکي ٿو:

"The India valley civilization, of which impressive have been discovered at Mohan _ Jo _ Daro in sind, at Harapa in Western Punjab, is the earliest Picture that we have of India,s past. These excavations have revoultionized the conceptions of ancient history.P . 57 . Meridian Book Ist London 1960 ED)

يعني تہ "هندستان جي ماضيءَ جي قديم ترين شڪل اسان سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۾ ملي ٿي، جنهن جا دلڪش باقيات سنڌ جي موئن جي دڙي ۽ الهندي پنجاب ۾ هڙپا منجهہ لڌا آهن. انهن کوجنائن پراڻي تاريخ جي تصور ۾ انقلاب برپا ڪيو."

ياد رهي تہ نهروءَ مٿيون ڪتاب پاڪستان ٺهڻ کان بہ سال اڳ

احمد نگر جيل ۾ لکيو هو. وڌيک اسان کي ٻڌائي ٿو ته هن موئن جي دڙي جو سير ٻه دفعا يعني سن ١٩٣١ع ۽ ١٩٣٦ع ۾ ڪيو.

ثابت ٿي ويو ته موئن جو دڙو ۽ هڙپا هڪ ئي سنڌو ماٿر تهذيب جي پيداوار آهن. هيٺ مان مسٽر سراج پارن قوم پرستن کان هڪ سوال ٿو پڇڻ چاهيان، اهو هي ته آخر ڪهڙو سبب آهي جو هڙپا جي وارثن ته اڄ ڪڏهن نه لکيو آهي ته هڙپا سندن بيت المقدس آهي. ان جي برعکس موئن جي دڙي بابت اوهان جو ٽولو لکي ٿو ته هي جڳهه سنڌ جو بيت المقدس آهي. ڇا اوهان اهڙي شاونزم جي اظهار کان اڳ هڪ لمحه لاءِ سوچيو ته هن قسم جي دل آزار تحريرن ڪري ماٺهو موئن جي دڙي کان نفرت نه ڪندا؟ ڇا اهڙي نموني اوهان تاريخ جي خدمت ڪريو ٿا يا ان کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ لاءِ سانباها ڪيو ٿا؟ هڙپا جي وارثن ته اڄ ڪڏهن ڪونه لکيو ته سندن ٻولي به هڙپا تهذيب سان واسطو رکي ٿي. ان جي برخلاف مسٽر سراج ميمڻ "سنڌي ٻولي" نالي ڪتاب لکي ان کي موئن جي دڙي سان منسوب ڪري حيرت انگيز انڪشاف ڪيو ته اتر هندستان جون سڀ ٻوليون سنڌي ٻوليءَ مان ڦٽيون آهن. هڙپا تهذيب جي وارثن ڊاڪٽر وزير آغا ۽ فيض پارن قوم پرستن سراج وانگر پنهنجي ٻوليءَ بنسبت هن قسم جون مضحکه خيز دعوائون ڪونه ڪيون آهن. ڇو ته هو پنهنجي پر ۾ دانشور آهن ۽ سمجهن ٿا ته اهڙيءَ عقيدت جي اظهار ۾ تاريخ ۽ انسان ذات جي ڪا به خدمت ڪانه ٿيندي.

مسٽر سراج ميمڻ ۽ سنڌيءَ جو رسم الخط

هڪ طرف مسٽر سراج الحق سنڌي ٻوليءَ جي انڌي عشق ۾ وڏي دعويٰ ڪئي آهي ته ٻئي پاسي پنهنجي مٺڙي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ خطرناڪ تجويز لکي آهي. ناظرين کي ياد هوندو ته ١٩٧٣ع ۾ سراج صاحب "هلال پاڪستان" ۾ هڪ ايڊيٽوريل نوٽ لکي گهر ڪئي هئي ته سنڌي ٻوليءَ جي موجوده عربي رسم الخط کي بدلائي رومن رسم الخط اختيار ڪجي. افسوس آهي جو ان قسم جي خطرناڪ تجويز خلاف سنڌ جي ترقي پسندن هڪ لفظ به ڪونه ڪڇيو. "خاموشي علامت- رضا است" جي مصداق سڀئي خاموش رهيا. ڪٿان به ڪو آواز ڪونه ٻڌڻ ۾ آيو فقط "روزاني مهراڻ" ۾ ان جي فاضل ايڊيٽر سيد سردار علي شاهه صاحب "هڪ نئون فتور" جي عنوان سان سراج صاحب جي تجويز جي رد ۾ هڪ احتجاجي ايڊيٽوريل نوٽ سپرد قلم ڪيو هو. عربي رسم الخط جي

تبديليءَ جو محرڪ بہ عرب دشمني تي ڏسڻ ۾ اچي. دراصل هي مسئلو انگريزن کي سنڌ فتح ڪرڻ بعد فوريءَ طور پيش آيو هو. مشهور انگريز مصنف رچرڊ برٽن (Burton) صاحب عربي رسم الخط جي حمايت ڪني هئي، پر ان وقت حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن اسٽئڪ (Štak) ان خيال جو هو تہ سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ لکجي. آخرڪار هن منجهيل مسئلي کي هميشه جي واسطي حل ڪرڻ لاءِ ان وقت سنڌ جي چيف ڪمشنر سربارٽل فريئر (Bartlefrere) هڪ ٻولي ڪاميٽي جي تشڪيل ڪئي هئي، جنهن ۾ چار مسلمان ۽ چار هندو مسٽر ايلس (Ellis) جي چيئر مني هيٺ نامزد ٿيا هئا. هن ڪميٽي آڏو هندو ميمبرن پنهنجي عادت مطابق ديوناگري رسم الخط رائج ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هو ۽ مسلمان ميمبرن عربي لپيءَ جي سفارش ڪئي جنهن تي شديد اختلافات پيدا ٿيڻ ڪري هي مسئلو ايسٽ انڊيا ڪمپني وٽ آخري نبي لاءِ پيش ٿيو هو. ڪمپني بالآخر مسلمانن جي حق ۾ فيصلو ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح جولاءِ ١٨٥٣ع ۾ عربي سنڌي الف- ب جو بنياد پيو ۽ ان نموني گذريل سوا سئو سالن کان عربي رسم الخط ۾ ئي لکجي ۽ هيل تائين بي شمار لٽريچر شايع ٿيو آهي. هندو پنهنجي روايتي تعصب جو مظاهرو ڪندي ڪاميٽيءَ جي فيصلي کان پوءِ بہ ديوناگري رسم الخط جي گهر ڪندا رهيا. پوئين دور ۾ مرحوم و مغفور شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي صاحب هندن جي ارادي کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هتان هندو لڏي وڃي هندستان ويٺا. اتي بہ لپيءَ جي مسئلي تي هندو ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا هئا. هندستان ڏيهہ جي هندو اديب موهن ڪلپنا جو هڪ عبرت انگيز ۽ معلوماتي مضمون بعنوان "هند ۾ سنڌي زبان ۽ لپيءَ جو مسئلو" ماهوار سهڻي جي مارچ ١٩٧٥ع واري اشاعت ۾ ڇپيو هو. اسين اهڙي قيمتي مضمون شايع ڪرڻ لاءِ سهڻي جي فاضل ايڊيٽر جا نهايت ئي شڪر گذار آهيون. سبب هي آهي تہ سنڌ جي قوم پرست اديبن مسٽر جويي جي رهنمائي هيٺ سالن کان پروپئگنڊا ڪئي تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي زبان کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي. ان جي برعڪس هندستان ۾ سنڌي آئيني ۽ سرڪاري قومي زبان تسليم ٿيل آهي. موهن ڪلپنا جو هي مضمون اهڙن اديبن لاءِ منهن ٽوڙ جواب آهي. موهن لکي ٿو تہ، "هن وقت پوريءَ هند ۾ هڪ بہ اهڙو ادبي رسالو نہ آهي، جو باقاعدي ۽ هر مهيني نڪرندو هجي. (ڪونج) آهي پر اها ريگيولر نہ آهي. اتم صاحب (سنڌو سماچار) روزاني جو

ايڊيٽر ٿيو ۽ اتي روزانو اٽڪل سورهن ڪلاڪ ڪم ڪرڻ سبب، گذريل ٻن سالن ۾ "نئين دنيا" ڪڍي نه سگهيو آهي. هينئر ته مهين کان سنڌو سماچار روزانو بند آهي. ان ڪري ممڪن آهي، نئين دنيا وري نڪري. آڪاٽي، رابل ساهت ڌارا، نئين زندگي سالن کان بند آهن. ٻه ماهي ڪويتا سال ۾ ٻه دفعا نڪرندي آهي. گوپي آڏواڻي دهليءَ کان ملاح ڪڍي، پر اها ٻڙيءَ جي عدم موجودگيءَ ۾ ظاهر ٿيڻ کان مجبور آهي. ڪي سنڌو اسٽائيل مخزنون نڪرن ٿيون جن جي نڪرڻ جو نه ڪو مدو آهي ۽ نه انهن جو معيار آهي. اسان جون لکڻيون مهين جا مهينا ايڊيٽر جي ٿيلهي ۾ اشاعت لاءِ منتظر آهن."
موهن ڪلپنا هن مضمون ۾ اڳتي هلي پاڻ اعتراف ٿو ڪري ته "هندستان ۾ سنڌين کي ڪو ڪنکهي به ڪونه."

سنڌي لپيءَ جو مسئلو

هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ بابت موهن ڪلپنا لکي ٿو ته "سنڌين جو هڪ حلقو انگريز ڏانهن ويل آهي. هڪ حلقو سنڌيءَ لاءِ ٻچيل آهي. اتي به لپيءَ جو جهڳڙو آهي. ان ڪري ان کي ڇڏي هندي لپي اختيار ڪئي وڃي. جن پلن پر گمراهه ماڻهن هند سرڪار کان اها تقاضا ڪري اها لپي سنڌين مٿان مڙهي، انهن ۾ ڊاڪٽر چوئٿومل گدواڻي، پروفيسر گهنشام شودساڻي، لال چند امر ڏنو مل (ٽئي خدا وٽ ويل آهن) چنرامداس دولت رام ۽ منگهارام ملڪاڻي جا نالا قابل ذڪر آهن. عربي لپيءَ وارن، سرڪار کان عربيءَ لپيءَ جي حق ۾ تقاضا ڪئي ۽ سرڪار اها به تقاضا قبول ڪئي. ان ڪري سنڌي زبان هتي ٻن لپين ۾ لکي ويندي آهي."
(ماهوار سهڻي ــ مارچ ١٩٧٥ع)

افسوس آهي جو سنڌ ۾ ته عربي رسم الخط قيرائڻ ۾ هندو ناڪامياب ٿيا، پر هندستان ۾ اهي تعصبي پنهنجن ناپاڪ ارادن ۾ ڪامياب ٿيا ۽ هينئر اتي بقول موهن ڪلپنا جي سنڌي ٻن رسم الخطن يعني عربي ۽ ديوناگريءَ ۾ لکجي ٿي. ٻن لپين واري شايد سنڌي زبان ٿي آهي. اوهين پاڻ اندازو لڳايو ته جا ٻولي ٻن رسم الخطن ۾ لکجي ان ۾ ڪهڙو لٽريچر پيدا ٿي سگهي ٿو. اتي ڪيڏو نه فڪري انتشار موجود هوندو. ديوناگريءَ ۾ لکڻ وارا نه لطيف کي پڙهي سگهن، نه سچل، سامي يا شيخ اياز کي. نهايت ارمان جهڙي ڳالهه آهي جو هت سنڌ ۾ روزاني "هلال پاڪستان" جو فاضل ايڊيٽر مسٽر سراج الحق صاحب سنڌي ٻوليءَ جي موجوده عربي رسم

الخط کي بدلائي رومن رسم الخط رائج ڪرڻ ٿو چاهي. جيڪڏهن خدانخواسته سراج صاحب پنهنجي اسڪيم ۾ ڪامياب ٿئي ته ان جو مطلب هي نڪرندو ته گذريل ڏيڍ سؤ سالن کان عربي رسم الخط ۾ شايع ٿيل لٽريچر بيڪار ٿي مڪمل تباهه ٿي ويندو. پوءِ ته نه ڪو لطيف پڙهندو ۽ نه شيخ اياز. ڇا محترم سراج صاحب ان جي مضمرات تي به ڪڏهن سوچيو آهي؟

ترڪيءَ جو دکدائڪ مثال

ياد رهي ته سنڌ ۾ رسم الخط جي تبديليءَ جو اصل سبب عرب دشمني آهي. ترڪن به پنهنجي لپيءَ کي عربن جي مخالفت ڪري ڦيرايو هو. اوهان کي خبر هوندي ته ١٩٢٩ع کان اڳ ترڪي ٻولي، ايراني ۽ عربي الف- ب- ج ۾ لکي ويندي هئي. ترڪيءَ جي آمر مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ هڪ فرمان جي ذريعي عربي رسم الخط ممنوع قرار ڏئي لاطيني رسم الخط جو رواج وڌو. هيءَ ايڏي ته اهم جنوني تبديلي هئي جو خود يورپ جا دانشور ان حرڪت کي ننڍڻ لڳا. مثال طور جڳ مشهور تاريخ دان آنجهاني پروفيسر ٽوائن بي (Arnold Toynbee) پنهنجي ڪتاب "مطالعه تاريخ" (Astudy of History) ۾ ترڪيءَ ۾ رسم الخط جي تبديلي بابت لکي ٿو ته، "هٽلر جي معاصر مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ هڪ باريڪ منصوبي تاهڻ جو ارادو ڪيو هو. ترڪي آمر جو واحد مقصد اهو هو ته پنهنجي هم وطن جي دلين کي موروثي ايراني ڪلچر کان غمناڪ نموني جدا ڪري ڪين مغربي ثقافت جي سانچي ۾ زوري زبردستي وجهجي ۽ (ان سڪيم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ) هن ڪتابن کي ساڙڻ بدران الف- ب- ج کي بدلائي پاڻ کي مقابلي لاءِ پيش ڪيو. (اهو هن طرح) ١٩٢٩ع کان اڳ ۾ سڀ ڪتاب، اخبارون ۽ ان سان گڏو گڏ سڀ قانوني جائز دستاويز لاطيني الفابيٽ ۾ شايع ۽ ڪمپوز ٿيڻ جوڳيون قرار ڏنيون ويون. مذڪوره قانون جي پاس ۽ نفاذ کان پوءِ ترڪي غازيءَ لاءِ سرياڻي بادشاهه يا عرب خليفي جي پيروي ڪرڻ غيرضروري سمجهيو ويو هو. (رسم الخط جي تبديليءَ) فارسي، عربي ۽ ترڪيءَ جو ڪلاسيڪل لٽريچر هاڻي نئين نسل جي پهچ ۽ هٿ چڙهڻ کان مؤثر نموني پري رکيو ويو هو. هاڻي (ترڪي ۾) ڪتابن ساڙڻ جي ڪابه ضرورت محسوس نه ڪئي وئي، ڇاڪاڻ ته جنهن الفابيٽ (الف ب ج) ۾ اهو لٽريچر لکيل هو سا مروج ئي نه رهي. (اڳين رسم الخط ۾ لکيل) ڪتاب الماڙيءَ جي تختن تي سلامتيءَ سان

انهيءَ اعتماد سان پنهنجي سڙيا تہ هاڻي انهن کي ڪن ٿورڙن آثار قديم جي ماهرن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ هٿ نہ لائيندو.

Hitler,s contemporary Mustafa Kemal Ataturak hit upon a more subtle device, The Turkish Dictator, Saim was nothing less than to wrench his fellew country _ men,s minds out of their in herited Irani cultural setting and to force them in to a western cultral mould: and instead of burning the books , he contented him self with chomging the Alfabet from1929 on wards all books and news papers were to printed and all legally valid documents composed in the latin Alfabet. The Passage and enforecement of this law made it unnecessary for the Turkish Ghazi to imitate the sinic emperor or the caliph. The classice of persain, Arabic and Turkish literature had now been effectively placed beyond the reach of rising generation. There was no longer any. Necessity to.burm books when the Alfabet that was key to them hsd been put of currency. They could be safely left to rot on their sheleves in the confidence that they would never be disturbed excepr by negligible hand full of antiquarians." P 591. Oxford Press London 1970 Edition)

ياد رهي تہ پروفيسر ٽوائن بي موجوده دور ۾ دنياءَ - مغرب جو وڏي ۾ وڏو تاريخدان ٿي گذريو آهي. هو ١٨٨٩ع ۾ ڄائو هو ۽ تازو نومبر ١٩٧٥ع ۾ وفات ڪيائين. پروفيسر صاحب رسم الخط جي تبديليءَ بابت ترڪيءَ جي ڊڪٽيٽر اتاترڪ کي خوب بي نقاب ڪيو ۽ صحيح راهه ڏني تہ الفابيٽ جي تبديلي ڪتابن جي ساڙڻ برابر آهي ۽ پراڻي لپيءَ ۾ لکيل ڪتاب فقط الماڙين ۾ سڙي ويندا ۽ ڪين اڏوهي کائي ويندي. ترڪيءَ ۾ ٿيو بہ ائين. ترڪ قوم اتاترڪ جي هن مجنونانہ فعل ڪري ماضيءَ جي لکيل اٺ سون سالن جي لٽريچر کان محروم ٿي. ڇا هن کان وڏيڪ ٻيو ڪو ظلم ٿي سگهي ٿو. اتاترڪ جو مقصد پنهنجي هم وطن کي مغربي تهذيب ۾ رڱڻ هو، پر خود مغرب جي هڪ وڏي عالم ۽ داناءَ شخص مٿي لکيو آهي تہ اهو قدم ڪتابن جي ساڙڻ جيان آهي.

هلال پاڪستان جو فاضل ايڊيٽر مسٽر سراج صاحب بہ اتاترڪ جي پيروي ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي موجوده رسم الخط بدران A B C اختيار ڪرڻ لاءِ خواهش رکي ٿو. هي هڪ خطرناڪ تجويز آهي ۽

ترڪيءَ جي مثال ڪي آڏو رکي ڪاٻي ۽ ساڄي ڏر جي اديبن ڪي ان جو نوٽيس وٺڻ گهرجي. انهن نه ٽنهي جو موجوده لپيءَ جي گڏريل ڏيڍ سؤ ورهين جا لکيل سنڌي ڪتاب المارين ۾ رکيل تختن تي پيا سڙن ۽ انهن کي فقط ڪلاهن ڪلاهن آثار قديمه جا ماهر هٿ لڳائين ۽ ان طرح ايندڙ سنڌي نسل کي خبر نه هجي ته لطيف جو ڪو رسالو آهي، شيخ اياز به "ڪي جو ٻيجل ٻوليو"، وڄيون وسڻ آيون" ۽ ڪپر ٿو ڪن ڪري" جهڙا منظوم ڪتاب لکيا هئا.

جناب سراج الحق صاحب جي ڪتاب "سنڌي ٻولي" جي پڙهڻ سان قاري بظاهر انهن ٿو معلوم ڪري ته موصوف کي سنڌي ٻوليءَ سان بي حد عشق آهي ۽ ان سان گڏو گڏ هو اسان جي زبان جي مروج رسم الخط جي تبديليءَ جي به تمنا رکي ٿو. صاف ظاهر آهي ته موصوف جي ٻوليءَ سان محبت واري دعوي مشڪوڪ ۽ غير معتبر آهي. سراج صاحب جو مطالعو شايد سيني ترقي پسندن جي دل جو آواز آهي، ڇو جو انهن مان ڪنهن هڪڙي اديب به لکت ۾ مسٽر سراج جي نظريات تي تنقيد نه ڪئي آهي.

موئن جو دڙو ۽ ان جو رسم الخط

محترم سراج الحق صاحب کي موئن جي دڙي جي رسم الخط پڙهڻ جو بيحد شوق ۽ تجسس آهي. پر بدقسمتيءَ سان هن ڏس ۾ سندس ڪوششون ڪامياب نه ٿيون. سندس تحقيق جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو جو سائين جي ايم سيد صاحب وٽ علم سيميا بابت ڪنهن صوفيءَ جي لکيل ڪتاب مان اهو انومان ڪديائين ته اهي حروف موئن جي دڙي مان لڌل حروف وانگر آهن. قارئين جي اطلاع لاءِ عرض ڪندس ته موئن جي دڙي جي رسم الخط کي اڃا نه پڙهيو ويو آهي. هن دڙي جي کوٽائيءَ جو ڪم ١٩٢٣ع ۾ ان وقت هند جي آثار قديمه جي سربراه سرجان مارشل جي سربراهي ۾ ٿيو ۽ دڙي بابت مڪمل معلومات سندس ڪتاب "موئن جو دڙو ۽ سنڌ و ماٿري" (Mohen-jo-Daro and Indus Valley civilization) ۾ ملي ٿي. هي ڪتاب ٽن جلدن ۾ سال ١٩٣١ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو هو. گذريل پنجاه سالن کان دڙي جي رسم الخط پڙهڻ جون مسلسل ڪوششون ڪيون ويون، پر افسوس جو آثار قديمه ۽ لسانيات جا سڀ ماهر ناڪامياب ٿيا. قارئين جي معلومات لاءِ مختلف ماڻهن جي هٿان اهڙين ڪوششن جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو. هي حوالا پاڪستان جي محڪمه آثار قديمه جي طرفان هڪ ڇپيل ڪتاب مان پيش ڪجن ٿا

جو پنهنجي موضوع مطابق مستند ڪتاب آهي ۽ مسٽر محمد ادريس صديقي جو لکيل آهي. محترم پير حسام الدين راشدي صاحب جو هڪ تعريفي بيان سرورق تي ڇپيل آهي. پر افسوس جو پير صاحب لفظ "تهذيب" جي صورتخطي غلط لکي آهي. پير صاحب "ذ" جي بدران "ز" لکي آهي يعني (تهزيب) هي لفظ تي دفعا "ز" سان لکيو ويو ان مان صاف ظاهر آهي ته اها پروف جي غلطي نه آهي، پر پير صاحب جن جي پنهنجي غلطي آهي. ان کان علاوه ٻين فاضلن جا بيان پڻ شامل ڪيل آهن، جن تهذيب جي صورتخطي صحيح لکي آهي. يعني "ذ" سان، نه "ز" سان، جيئن پير سائين لکي آهي. جن صاحبن وٽ مذڪوره ڪتاب موجود هجي، اهي پاڻ ڏسي پروڙي منهنجي ڳالهه جي تائيد ڪندا. ڪهڙن محققن موئن جي دڙي جي رسم الخط پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن ڪهڙا نتيجا ڪڍيا.

سندن ذڪر ڪندي صديقي صاحب لکي ٿو ته "انهن محققن مان سرفهرست مسٽر ويڊل (Waddle) جو نالو وٺي سگهجي ٿو، جنهن جو خيال آهي ته سنڌو ماٿريءَ جي رسم الخط کي سميري خط سان بيحد هڪجهڙائي آهي. هن جي راءِ هئي ته موئن جي دڙي جا ماڻهو آريه هئا، تنهن ڪري ويڊل صاحب سنڌو ماٿريءَ جي مهرن جي نشانن جا سميري رسم الخط سان ڀيٽا ڪرڻ بعد هن ۾ ويدن جي عهد جي بزرگن ۽ ديوتائن جا نالا تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر هن جي مطالعي جو طريقو ۽ سندس نتيجا اڻ پورا ۽ تشنه رهجي ويا. ان کان پوءِ سرجان مارشل جو ڪتاب، انڊس وئلي سولائيزيشن، ڇپيو. هن ۾ پروفيسر لينگڊن هڪ نئون نظريو پيش ڪيو ۽ دڙي جي رسم الخط کي برهمي زبان وانگر قرار ڏنو. پر هي نظريو صحيح نه آهي، ڇاڪاڻ ته برهمي ٻولي يقينا فنشي زبان مان مشتق آهي جنهن جو وري سنڌي رسم الخط سان ڪوئي واسطو نه آهي. هڪ ٻئي محقق مسٽر گيش جو خيال آهي ته هي دکني تحريرون آهن ۽ هڪ قديم هندآريائي زبان سان تعلق رکن ٿيون ۽ مهرن تي عام طريقي موجب نالا لکيا ويا آهن. پر گيڊ جو به طرز استدلال سائنسي نه آهي.

سرجان مارشل جي ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ ڊاڪٽر پران ناٿ (Dr: Pran Nath) موئن جي دڙي جي رسم الخط تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.هن هڪ تشريحي تقطيع مرتب ڪئي جن ۾ انهن نشانين کي برهمٽي زبان جي لفظن سان مطابقت ڏني وئي هئي. جيتوڻيڪ هن جي ڪم ڪرڻ جو ڍنگ صحيح هو، ليڪن ناٿ صاحب هن امر کي نظر انداز ڪري ڇڏيو ته اشوڪ جي برهمي ٻولي جي ڪتبن ۽ موئن جي دڙي جي وچ ۾ هزارن سالن جي عرصي جو فرق آهي ۽ انهيءَ

عرصي اندر اهي نشانيون جي شروع ۾ هڪ لفظ يا جملا ٿينديون هيون، اهي حروف ٻٽجي وينديون هيون. ڊاڪٽر پران ناٿ کان پوءِ مصريات جي هڪ ماهر سرفلنڊرس پيٽري (Petry) هن معمي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هن صاحب مذڪوره مهرن جي نشانين ۾ پراڻي مصري زبان جي لفظن پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته اهي مهرون ان وقت جي سرڪاري آفيسرن جون مهرون هيون جن تي نالي جي بجاءِ انهن جا عهدا درج ٿيل آهن. هي نظريو ان ڪري غلط آهي جو موئن جي دڙي ۾ هزارين مهرون مليون آهن ۽ هر مهر جي لکڻي ٻيءَ مهر جي لکڻيءَ کان جدا آهي. ان جي معنيٰ اها نڪتي ته اتي هزارين عهديدار هئا جا ڳالهه قياس ۾ هر گز نه ٿي اچي. سرفلنڊرس کان پوءِ هڪ ٻئي مشرقي علوم جي ماهر هوويسي (Hovesy) هن رسم الخط جو سلسلو ايسٽر ٻيٽن مان لڌل ڪاٺيءَ جي تختن تي لکيل ڪتبن سان وڃي ملايو. ليڪن ايسٽر ٻيٽن جي مختلف ڪتبن جي تاريخ شڪي آهي ۽ ان قسم جون شاهديون ٻه ڪونه ٿيون ملن، جو سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جو ايسٽر ٻيٽن سان هن قسم جو تعلق تسليم ڪجي جو رسم الخط تي اثرانداز ٿي وڃي.

مسٽر جي. آر. هنٽر (Hunter) جي ڪوشش ٻه قدر جي لائق آهي، جنهن موئن جي دڙي جي رسم الخط جو وڏو ڳوڙهو مطالعو ڪيو. ليڪن ڪي اصول جيڪي هن صاحب ابتدائي طور تي مرتب ڪيا هئا، زياده صحيح نه هئا. چنانچه هنٽر صاحب جا نتيجا ٻه غلط نڪتا. هن رسم الخط کي هن صوتياتي قرار ڏنو. هن جي خيال ۾ منڍ ۾ هي خط تصويري هو، پر بعد ۾ هن جو ڊول بدلجي ويو ۽ آخر ۾ هنٽر، لينگڊن صاحب جي نظريي سان اتفاق ڪندي چيو ته سنڌو ماٿريءَ جو رسم الخط برهمي زبان "سان" جيان آهي. (هن خيال کي مٿي ڪوڙو قرار ڏنو ويو) اهڙي طرح اٽليءَ جي هڪ ماهر لسانيات مريگي (Meriggi) چيو ته هي سموريون نشانيون تصويري آهن ۽ هر نشان هڪڙي پوري جملي جي ترجماني پوري ڪري ٿو ۽ هن جي خيال ۾ هيءَ زبان سنسڪرت ڳالهائڻ وارن ماڻهن جي نه آهي. ليڪن مريگي انهن ڪتبن جي زبان نه ٿو ٻڌائي، البته ان جي تشريح ڪري ٿو ۽ مطلب ٻڌائي ٿو. هن جي تحقيق ٻه خامين ۽ غلطين کان پاڪ نه آهي. پروفيسر هروزني (Hrozny) صاحب مٿين خيالن ۽ نظرين جو نهايت ئي ڳوڙهو مطالعو ڪيو هو ۽ سڀني نظرين سان اختلاف ڪندي هيءَ راءِ قائم ڪئي ته سنڌو ماٿريءَ جي زبان "سان" جيڪا هن ڪا هڪجهڙائي رکي ٿي ته اها "حتي" زبان آهي. ليڪن هي نظريو ٻه ڪن ٻي بنياد مفروضن تي قائم ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ

طرح فادر هراس (Heras) موئن جي دڙي جي هن رسم الخط کي قديم تامل زبان ٻڌايو آ ڍي. پر هي نظريو به قياس ۾ نه ٿو اچي سگهي، ڇاڪاڻ ته موجوده تامل ٻولي جنهن کي فادر هراس سنڌي ماتريءَ جي زبان سان ڀيٽايو آهي، اٽڪل پنج سؤ سال بعد مسيح کان زياده قديم نه آهي. هيءَ ڳالهه به قابل غور آهي جو قديم تامل صوتي اعتبار کان ان دراوڙي زبان جي نهايت بدليل صورت آهي جو قبل مسيح جي سنڌو ماتريءَ جي عهد ۾ ڳالهائي ويندي هوندي، ان ڪري ٻنهي جو پاڻ ۾ ميلاپ شڪي آهي.

چند محققين ان کي سنسڪرت سان وڃي ملايو آهي، انهن مان پيش پيش سوامي شنڪرآنند (Shankaranand) آهي، جنهن کي سنڌو ماتريءَ جي زبان جو راز تانترڪ ۾ ملي ٿو ۽ جن جي زبان سنسڪرت آهي. هن صاحب موئن جي دڙي جي رسم الخط جي ڪيترن ئي نشانين جي قديم سڪن ۽ تاريخي دور جي ڪن مهرن تي لڳل نشانات سان مطابقت ڏني آهي. سوامي صاحب پنهنجي نظريه کي ثابت ڪرڻ ۾ ڪل جهڙا دليل پيش ڪيا آهن ۽ هن بنيادي ڳالهه کي ڇاٽي واٽي وسارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌو ماتريءَ جي تهذيب براعظم هندو پاڪستان ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ واري تهذيب آهي. هن خيال سان ڪلڪتي يونيورسٽي جي هڪ پروفيسر بروا(Barua) صاحب به جزوي ترميمن سان اتفاق ڪيو آهي. اهڙي طرح ڊاڪٽر ڪرمارڪر (Karmarkar) صاحب به سنڌو ماتريءَ جي زبان کي سنسڪرت قرار ڏنو، بلڪ ان جي خيال موجب سنڌو ماتري جي تهذيب ويدن واري زماني يا ان کان پوءِ جي تهذيب آهي. ان جي برعڪس مولانا ابوالجلال ندوي جي تحقيق جي اعتبار سان هيءَ رسم الخط عربيءَ مان ڦٽل آهي. مولوي صاحب هتان جي مهرن تي قديم عربي حروف دريافت ڪيا آهن بلڪ ان جي خيال مطابق انهن مهرن تي فقط عربي رسم الخط ۾ حرف لڳل آهن. ان جي ڇٽيندڙ کي به مولانا صاحب عربي ٻڌائي ٿو. هو هي به ٻڌائي ٿو ته مهر جي ڪاريگرن جي مراد تصويرن جي ذريعي عربي زبان جي لکڻ ۽ پڙهڻ جي تعليم ڏيڻي هئي. گويا هي مهرون تعليمي تاش آهن ۽ درسي لوحن جي حيثيت رکن ٿيون.

هي ۽ ان قسم جا ٻيا خيال ايتري ته گهڻائي سان پيش ڪيا ويا جو پڙهڻ وارو موئن جي دڙي جي رسم الخط بابت نظريات ۾ منجهي پوي ٿو. حقيقت هي آهي جو هي مسئلو انهن سيني ڪوشش ۽ تحقيق جي باوجود اڃ به اتي آهي جتي اڄ کان ٽيهه سال اڳ هو ۽ انهن سيني ڪوشش مان ڪا به ڪوشش اهڙي نه ٿي آهي جنهن کي

بغير اعتراض جي ڪٺي مڃي ونجي."

(وادي سنڌ جي تهذيب، محڪمہ آثار قديم پاڪستان صفحہ ٢١٧ڪان ٢٢٢، مڪتبہ نيا راهہ ڪراچي)

موهن جي دڙي جي رسم الخط جي پڙهڻي بابت سمورو احوال توهان مٿي علم الانسان جي هڪ ماهر جي زباني پڙهو آهي. اجا تائين محققن جون سڀئي ڪوششون رائيگان ثابت ٿيون آهن. محترم سراج صاحب رسم الخط جي پڙهڻ ۾ جيڪڏهن ڪامياب ٿئي ٿہ اهو يقينا وڏو تاريخي ڪارنامو ثابت ٿيندو. اسان جو اڪيون ٿڌيون ٿينديون ۽ سڀني سنڌين لاءِ اهو باعث فخر هوندو، ڇو جو دنيا جي هڪ وڏي نامور مؤرخ (ابن خلدون) سنڌ جي تهذيبي عظمت کي پنهنجي تاريخ ۾ بہ بيان ڪيو آهي.

سنڌ جي تهذيبي عظمت ابن خلدون جي نظر ۾

سنڌ ۾ موهن جي دڙي وانگر ٻيا بہ ڪيترائي تهذيبي آثار مِلن ٿا. انهن مان هن خطي جي متمدن هجڻ جي ثابتي ملي ٿي. علامہ ابن خلدون پنهنجي تاريخ جي مقدمه ۾ دنيا کي ڪيترن ئي ولايتن (ملڪن ۾) ورهايو آهي. اسان جي سنڌ سونهاريءَ کي ٽئين معتدل اقليم ۾ جڳهہ ڏني ٿو ۽ ان بنسبت مقدمہ ۾ اجهو هن طرح لکي ٿو تہ:

"رهيا وچ وارا ٽي اقليم، سو ان ۾ رهڻ وارا اخلاق ۽ عادتن ۾، صورت ۽ سيرت ۾، علمن ۽ صنعتن ۾ ۽ ملڪ و رياست ۾ حد اعتدال ۾ آهن. انهن ۾ ئي نبوتون آيون. ۽ شريعتون ڦهليون. اهي ئي سلطنتن ۽ حڪومتن جا مالڪ بڻيا ۽ دنيا جا ملڪ انهن جا ئي مطيع ۽ فرمانبردار رهيا. انهن ۾ ئي علوم ۽ ٻيون صنعتون ايجاد ٿيون. انهن ۾ ئي وڏا ۽ ننڍا شهر آباد ٿيا ۽ انهن ۾ شاندار عمارتون تيار ٿيون ۽ انهن ۾ دانائي ۽ هوش ربا صنعتون ملن ٿيون ۽ انهن ۾ ئي تمام معتدل حالات ڪارفرما آهن. انهن اقليمن (ملڪن) جا رهواسي عرب، رومي، پارسي، بني اسرائيل، يوناني، سنڌي هندي ۽ چيني وغيره آهن." شائقين حضرات جي دلچسپيءَ لاءِ ابن خلدون جي مقدمه مان اصل عربي عبارت نقل ڪجي ٿي:

"وما اهل الاقاليم الثلاثه المستوسطه اهل الاعتدال في خلقهم و خلقهم و سيرهم و ڪافه الاحوال اطبيعيه للاعتماد لديهم من المعاش والمساڪن والصناع والعلوم والرئاسات والملڪ، فڪانت فيهم نبوات واملڪ والدول والشرائع والعلوم والبلدان والامصار.

والمباني والفراسه والصنائع الفائقه والسائر الاحوال المعتدله و اهل هاذالاقليم التي وقضنا عليٰ اخبارهم مثل العرب والروم و فارس وبني اسرائيل واليونان و اهل السند والهند والصين." (مقدم العلامه ابن خلدون، صفحه ٨٥ مطبوعہ مصر).

افسوس جو مولائي شيدائي صاحب پنهنجي ڪتاب "تاريخ تمدن سنڌ" ۾ سنڌ جي عظمت بابت دنيا جي وڏي مؤرخ ابن خلدون جي مٿين راءِ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو.

سنڌين جي تهذيب و تمدن دانشمندي، صنعتن، عمارت سازي ۽ علمن بابت ابن خلدون جي ڇهه سؤ سال اڳ واري راءِ سؤ في صد درست آهي. ان جي ثابتي، موئن جي دڙي، چنهون دڙي ۽ جهڪر دڙي مان لڌل شين مان ملي سگهي ٿي.

مسٽر سراج صاحب ۽ موئن جي دڙي جو رسم الخط

جيئن مون مٿي عرض ڪيو، موئن جي دڙي جي رسم الخط معلوم ڪرڻ لاءِ محترم سراج صاحب جون ڪوششون مبارڪباد جي مستحق آهن. پر هي ڪم ايڏو سولو نہ آهي، جيئن تصور ڪيو ويجي ٿو. ان ۾ بہ وڏيون دقتون آهن. هڪ تہ سراج صاحب لسانيات جو ماهر نہ آهي ۽ ٻيو تہ علم الانسان (Anthro pology) بابت هن کي ڪابہ ڊگري نہ آهي. هن ڪار گران کي ماهرين فن ئي خوش اسلوبي سان پورو ڪري سگهن ٿا ۽ سراج صاحب ۾ اهي لياقتون مفقود آهن. ٻي وڏي مشڪل ڳالهہ اها آهي تہ علم تاريخ جو سلسلو ٽٽل آهي ۽ ان جون ڪڙيون ڪونہ ٿيون ملن. حيرت ٿي لڳي جو سائنسدانن جي خيال مطابق انسان کي ڌرتيءَ تي قدم رکندي لکين سال ٿي ويا. پر جڳ مشهور تاريخدان ۽ عالم پروفيسر ٽوائن بي (Toyanbee) جي لکڻ مطابق انسان جي مدون تاريخ فقط ڇهہ هزار سال پراڻي آهي. پروفيسر صاحب پنهنجي مشهور ڪتاب "مذهب جي متعلق هڪ تاريخدان جي گفت و شنيد (An Historian,s approach to Religion) ۾ اجهو هن نموني لکي ٿو تہ:-

Primitive man lacked this instrument, because the invention of techniques for the taking and keeping of records has been one of the accompaniments of the recent rise of the civilizations with in the last 6,000 Years out of the 6000,000 or 1,000,000 Years of man kind,s existence on the earth uptodate." P .S Oxford Press London 1965 Ed)

علم تاريخ بابت ٽوائن بي وڌيڪ وضاحت ڪندي ساڳئي ڪتاب ۾ اٽليءَ جي مشهور فلسفي ۽ تاريخدان ڪروچي (Croche) جو هڪ قول نقل ڪري ٿو ته، "تاريخ سڄي جي سڄي همعهد ۽ همعصر آهي ۽ ڪابه تاريخ ان ڪان سواءِ ٻي ڪا ٿي نه ٿي سگهي."
(All history is contemporarry history and that no history can be but this." P .6)

جيئن مٿي عرض ڪيو ويو ته علم الانسان جا ماهر اسان کي ٻڌائين ٿا ته حضرت انسان کي پيدا ٿئي لکي ورهه گذري چڪا آهن، پر برٽراندرسل (Bertrand Russel) پنهنجي ڪتاب "سائنس جو معاشري تي اثر." (The impact of Science on Society) ۾ لکي ٿو ته "انساني زندگي کي اٽڪل ڏهه لک سال گذري ويا آهن. هن وٽ لکڻ جو هنر اٽڪل ڇهه هزار سالن کان وٺي موجود آهي ۽ زراعت ان عرصي کان ٿورو اڳ ۾ پر شايد گهڻو اڳ ۾ به نه."
"Man has existed for about a million years. He has possessed writing for about 6000 years, agriculture some what longer, but perhaps not much longer." (P.1)

ٽوائن بي ۽ برٽراندرسل جي ڪتابن مان مٿيان به حوالا پڙهي هرڪو ماڻهو اندازو لڳائي سگهي ٿو ته سنڌ جي قديم تاريخ جي کوجنا ڪرڻ ڪيڏو نه وڏو مشڪل ڪم آهي. بهرحال اسان جي دعا آهي ته شال سراج صاحب پنهنجن ارادن ۾ ڪامياب وڃي ۽ موئن جي دڙي جي رسم الخط پڙهڻ ۾ پنهنجا نتائج جلد ڇپرائي. علمي دنيا ان لاءِ بي حد منتظر آهي.

تاريخ فتوح البلدان بابت سراج صاحب جي راءِ

ماهوار "برسات" ۾ مسٽر سراج الحق جو هڪ ڏگهو انٽرويو شايع ٿيو آهي. موصوف بلاذري جي ڪتاب فتوح البلدان بابت چوي ٿو ته، "توهان اندازو لڳايو ته عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان ٿورو پوءِ جو لکيل بلاذري جو "فتوح البلدان" ڪتاب جيڪو هن وقت ڪيترن ئي محققن جي تحقيق جو بنياد آهي، چنانچه جي ڪيترن ئي واقعن ۽ ڳالهين کي غلط ثابت ڪري، ته ضرورت آهي ته انهن واقعن جي

چندچاڻ ڪني وڃي." (ڏسو برسات شماره مارچ ١٩٧٥) مسٽر سراج الحق صاحب کي اها به خبر ڪانهي آهي ته "فتوح البلدان" ڪتاب ڪڏهن لکيو ويو ۽ ان کي عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان ٿورو پوء جو لفظ استعمال ڪري جند چڏائي ويو. ياد رهي ته "فتوح البلدان" تاريخي ڪتاب جي مصنف جو سچو نالو احمد بن يحييٰ بن جعفر هو ۽ هو البلاذري جي نالي سان مشهور ٿيو هو. سنه ٢٠٣ هجري ۾ بغداد منجهه ڄائو ۽ سن ٢٧٩ هجري ۾ وفات ڪيائين. عربن سنڌ ٩٣ هجري ۾ فتح ڪئي هئي. انهيءَ حساب سان بلاذري جو ڪتاب "فتوح البلدان" سنڌ ۾ عربن جي فتح کان اٽڪل ڏيڍ سئو سال بعد ۾ لکيو ويو. وڌيڪ دلچسپ ڳالهه هي آهي ته مسٽر سراج الحق کي اها به خبر نه آهي ته "فتوح البلدان" ۾ ڪهڙا تاريخي واقعا لکيل آهن. سندس اهو چوڻ ته (بلاذري جو لکيل ڪتاب "فتوح البلدان" چچنامه جي ڪيترن ئي واقعن ۽ ڳالهين کي غلط ثابت ٿو ڪري) مان صاف مراد آهي ته ڪتاب فتوح البلدان رڳو عربن جي سنڌ مٿان ڪاهه ڪرڻ وارن واقعن تي مشتمل آهي. صاف پڌرو آهي ته هن صاحب فتوح البلدان ڪتاب کي پڙهڻ ته ڪجا پر ڏٺو به ڪونه آهي. فتوح البلدان مصنف جي حياتيءَ تائين عرب مسلمانن هٿان فتح ٿيل ملڪن جو جنگي داستان آهي، جهڙوڪ جزيرة العرب، شام، ڪرمان، خراسان وغيره. هن ڪتاب جو هڪ باب سنڌ جي فتح "فتوح السند" جي نالي سان ١٦ صفحن تي مشتمل آهي ۽ ان ۾ سنڌ جي فتح جو ذڪر اچي ٿو. سراج صاحب جو اهو چوڻ بلڪل غلط آهي ته "فتوح البلدان" چچنامه جي ڪيترن ئي واقعن کي غلط ثابت ٿو ڪري. حقيقت هي آهي ته چچنامه ۾ اسلامي فتوحات جو باب ۽ بلاذري جي "فتوح السند" وارو باب هڪ ٻئي سان ٺهڪي ٺهڪي اچن ٿا.

مون "پاڻ فتوح البلدان" جو باب "فتوح السند" ۽ چچنامه جي اسلامي تاريخ واري حصي سان ڀيٽائي پڙهيو آهي ۽ فاضل محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي هن راء سان سو فيصد متفق آهيان. محترم ڊاڪٽر صاحب جن لکن ٿا ته، "فتحنامه عرف (چچنامه) جي اسلامي تاريخ واري حصي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته بلاذري جي باب "فتوح السند" وارو سچو مواد ترتيب وار ان ۾ شامل آهي." (چچنامه سنڌي ترجمو صفحو ١٦)

واضح رهي ته چچنامه جو بنياد ابوالحسن مدائني جي تصنيفن تي آهي ۽ مؤرخ بلاذري به "فتوح البلدان" جو باب "فتوح السند" مدائنـي جي ٻڌايل روايتن تي لکيو آهي.

ان ڪري مسٽر سراج جو اهو چوڻ تہ بلاذري جو "فتوح البلدان" ڇچنامہ جي ڪيترن ئي واقعن ۽ ڳالهين کي غلط ثابت ڪري ٿو، صحيح نہ آهي. هي رمارڪ فقط ٻڌل ڳالهين تي مبني آهي جو پاڻ سراج صاحب "فتوح البلدان" جي باب "فتوح السند" کي ڇچنامہ سان ڀيٽائي مطالعو ڪونہ ڪيو آهي.

ڇا عربن سنڌ جا ڪتبخانہ ساڙيا هئا؟

مسٽر سراج ان ڳالهہ تي افسوس ٿو ڪري تہ ڌارين حملن دوران سنڌ جا ڪتبخانہ تباهہ ٿي ويا. ان سلسلي ۾ عربن جو ذڪر ڪندي موصوف چوي ٿو تہ، "ان لاءِ تاريخي ثبوت موجود آهي تہ عربن هتي ڪتابن جا وڏا ذخيرہ ساڙي ڇڏيا." مان مسٽر سراج کان پرزور تقاضا ٿو ڪريان تہ مهرباني ڪري اهڙو تاريخي ثبوت پيش ڪريو. اسان هندو تاريخدانن جا بہ ڪتاب پڙهيا آهن. سنڌ ۾ عربن هٿان ڪتبخانن ساڙڻ جو الزام هندو مؤرخن بہ ڪونہ لڳايو آهي. انهن تہ پاڻ عربن جي علم دوستي ۽ ترقي پسنديءَ جي تعريف ڪئي آهي. پير حسام الدين راشدي صاحب جي الزامن جي جواب ۾ مون تفصيل سان لکيو آهي.

هندن کان علاوہ مغرب جي وڏن عالمن ۽ مصنفن عربن جي سياسي ۽ ادبي تاريخ لکي آهي. اهي پاڻ عربي زبان جا وڏا ڄاڻو ۽ اسڪالر هئا. انهن بہ عربن جي هٿان ڪتبخانن ساڙڻ جو الزام ڪونہ لڳايو آهي. مغربي مؤرخن تہ عربن جي علم دوستي ۽ فياضي جي بيحد تعريف ڪئي آهي، البتہ انهن اهو ضرور لکيو آهي تہ مفتوح عربن جا قيمتي ڪتبخانہ فاتحن تباهہ ۽ برباد ڪيا هئا. ڇا سراج صاحب اهڙيون تاريخون پڙهيون آهن؟ بغداد ۽ غرناطہ جون عظيم الشان لائبريريون جنهن ظالمانہ نموني تباهہ ڪيون ويون، اهو نهايت ئي دردناڪ باب آهي. بغداد جي ڪتبخاني جي تباهي مشهور فرينچ مؤرخ ۽ عالم ڊاڪٽر گستاوليبان (Leban) جي الفاظ ۾ ٻڌو. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ :

"مغلن ٦٥٦ هجري (١٢٥٨ع) ۾ بغداد تي قبضو ڪيو. شهر ۾ قتل عام ٿي ويو ۽ معتصم بالله آخري عباسي خليفو هلاڪو بادشاهہ جي حڪم سان مارجي ويو ۽ سڄي دولت لٽي وئي. ڪي ڪتاب ساڙيا ويا ۽ دجلہ نديءَ ۾ اڇليا ويا. قطب الدين الحنفي لکي ٿو تہ، هن واقعي کان اڳ ۾ علم و فن جي عاشقن ايتري قدر تہ علمي ذخيرو گڏ ڪيو هو جو جڏهن مغلن مدرسي جي ڪتابن کي

دجلہ درياہ ۾ قٽو ڪيو تہ ڪتابن جي پاڻ ۾ ڳنڍجڻ سبب هڪ پل تيار ٿي وئي هئي، جنهن تي پيدل سوار بخوبي لنگهي ٿي سگهيا ۽ دريا، جو پاڻي بلڪل ڪارو ٿي ويو. ليڪن اهڙن وحشين بہ جن عمارتن ۽ ڪتابن کي ساڙيو، ۽ جيڪا شيءِ اڏو آين، ان کي برباد ڪندا ويا. آخرڪار انهن بہ مغلوب عربن جي تمدن کي قبول ڪيو. خود هلاڪو خان جنهن بغداد کي لٽيو ۽ آخري عباسي خليفي جي لاش کي شهر جي اندر لٽڪايو، عربن جي حيرت انگيز ترقيءَ کان، جا هلاڪو خان جي نظر ۾ هڪ نئين شيءِ هئي، ايتريقدر تہ تعجب ۾ پيو جو هو پاڻ ان جو حامي ۽ محافظ بڻجي پيو. مغلن عربن جي سڪولن ۾ علم حاصل ڪيو. عربن جي مذهب ۽ تمدن کي اختيار ڪيو ۽ سندن عالمن ۽ اهل ڪمال تي پنهنجي مهرباني ۽ عنايت ڪئي. اسين ڏسنداسون تہ انهن ئي مغلن ٿوري وقت اندر هندستان ۾ هڪ وڏي سلطنت قائم ڪئي، جنهن کي اسين عرب سلطنت بہ چئي سگهون ٿا. جاڪاڻ تہ هندستان ۾ عربن جي ئي تمدن ملڪ جي پراڻي تمدن جي جڳهہ ورتي ۽ هن وقت تائين اتي حڪومت ڪئي." (تمدن عرب، صفحہ ١٧٥ از! ليبان ترجمه! سيد علي بلگرامي شعبہ مطبوعات اردو بازار سرگوڌا.)

خدارا غور ڪري ڏسو تہ اهو هلاڪو خان، جنهن عربن جو ايڏو علمي ۽ جاني نقصان ڪيو، بالآخر ڊاڪٽر ليبان جي لکڻين مطابق عربن جي حيرت انگيز ترقي ڏسي خود عرب تمدن جو حامي بڻجي ويو ۽ منگولي مغلن عربن جي يونيورسٽين ۾ علم حاصل ڪيو. هلاڪو جهڙو پٿر دل بہ عربن جي تمدن جو عاشق ٿيو، پر هتي اسان جي سنڌ ۾ هلاڪو خان کان بہ سنگدل انسان رهن ٿا جي عربن جي شديد مخالفت ۾ لطف اندوز ٿين ٿا ۽ انهن علمن جي پروانن تي ڪتبخانن ساڙائڻ جو بي بنياد الزام مڙهين ٿا. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ عربن ٻين قومن جا ڪتبخانا ڪونہ ساڙيا، مگر مغلوب ٿيڻ کان پوءِ عربن جا ئي ڪتبخانا تباهہ ڪيا ويا، جيئن مٿي توهان بغداد جي ڪتبخاني جي تباهي ڊاڪٽر ليبان جي زباني پڙهيو آهي. ٻين غالب قومن نہ فقط بغداد جي ڪتبخاني کي ناس ڪيو، پر اسپين جي غرناطہ واري ڪتبخاني کي بہ نيست و نابود ڪيو ويو هو.

غرناطہ ۾ ڪتابن ساڙڻ جو واقعو

بغداد ۾ المناڪ نموني عربن جي ڪتبخاني ضايع ٿيڻ واري ڪهاڻي کان پوءِ هينئر غرناطہ (اسپين) جو واقعو نقل ڪجي ٿو. ان

بابت پروفيسر آر- اي- نڪلسن (R.A Nicholson) صاحب پنهنجي مشهور ڪتاب "عربن جي ادبي تاريخ" Aliterary History of the Arabs ۾ لکي ٿو تہ. "غرناطہ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ عيسائين تهذيب سوزيءَ جو مظاهرو ڪيو هو. ان ڪري ادبي معاملن بنسبت اسان ٻجي ڄاڻ جيڪا هئڻ کپي اها ناڪافي آهي. (حضرت عمر رضي الله عنه جي حڪم سان سڪندريہ جي ڪتبخاني ساڙائڻ واري مشهور ڪهاڻي). هي هڪ غير معتبر قصو نہ آهي، پر بلڪل هڪ پڪي حقيقت آهي تہ بي رحم پادرين جي لٺ سردار ايڪسي منيز ڪي جيترا بہ عربي مسوده هٿ آيا هنا سي خوشيءَ وچان باهہ ۾ ساڙائي ڇڏيائين. هن جي خواهش هني تہ هڪ ڏينهن اندر (اسپين ۾) مسلمانن جي ست سؤ سالن جي ڪلچر جو رڪارڊ فنا ۽ ناس ڪجي."

"Our information concerning literary matters is scantier than it might have been, on account of the vadnalismn Practiced by christians when they took Granada. it is no dubious legend (like the reputed burning of the Alexandrian library by order of the Caliph Umar) but a well ascertained fact that the ruthless Archbishop imenez made a bon fire of all the Arabic man uscripts on which he could lay his hands. He wished to annihilate the record of seven centuries of Muhammadan culture in a single day.(P. 435, Cambridge University press, 1956 Ed)

قارئين ڪرام کي گذارش ٿو ڪريان تہ خدارا پاڻ فيصلو ڪريو. مسٽر سراج ۽ سندس ترقي پسند عربن جي خلاف ڪتبخانن ساڙائڻ جو بي بنياد الزام مڙهين ٿا. ان جي لاءِ هو ڪنهن بہ تاريخي ثبوت پيش ڪرڻ کان قاصر آهن. پر مٿي مون مغرب جي ٻن نامور شخصيتن جي شاهدي پيش ڪني آهي تہ خود عربن جا ڪتبخانا بي رحميءَ سان فاتحن نظر آتش ڪيا. مان محترم سراج صاحب کي اپيل ٿو ڪريان تہ عربن جي خلاف ڪتاب ساڙڻ جي الزام لڳائڻ کان اڳ ۾ تاريخ جو مطالعو ڪن. محض ٻڌل ڳالهين تي اعتماد ڪرڻ اوهان جهڙي هڪ ذميوار شخص جي شان جي خلاف آهي.

مفتوحن عرب فاتحن جو خير
مقدم ڪيو هو

آخر ۾ مسٽر سراج الحق جي هڪ پيچيل سوال جي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. هو پڇي ٿو ته هتان جي عوام جو عربن ڏانهن ڪهڙو رويو هو؟ سندس ئي الفاظ ۾ "هندومؤرخن چيو ته سنڌ جي ماڻهن عربن سان سخت چڪريون ڪاڏيون ته وري مسلمان مؤرخن لکيو ته نه، سنڌ جا ماڻهو عربن لاءِ ٻانهون کولي بيهي رهيا ۽ يڪدم مسلمان ٿي ويا. حالانڪ ائين ڪونهي."

گذارش آهي ته سراج صاحب جو مٿيون الزام غلط آهي. حقيقت هي آهي ته خود هندو مؤرخن اهو لکيو آهي ته سنڌ جا ماڻهو عربن لاءِ ٻانهون کولي بيهي رهيا. ان سلسلي ۾ مون پير حسام الدين راشدي تي تنقيد ڪندي هندو مؤرخن وي ڊي- مهاجن جي انگريزي ڪتاب "دهلي سلطنت" The Sultanate of Dehli ۽ ڊاڪٽر تارا چند جي ڪتاب "هند واسين جي مختصر تاريخ" (A short History of Indian Peoples) مان حوالا ڏنا آهن." ملاحظه ٿئي (ماهوار رهبر ڊائجسٽ نومبر ١٩٧٥) سراج صاحب اسان کي ٻڌائي ٿو ته سندس مٿين الزامن جي ثابتي لاءِ ڪهڙن هندو مؤرخن ۽ مسلمان مؤرخن ائين لکيو؟ مهرباني ڪري اهڙين تاريخن جا نالا بمع صفحي جي پيش ڪريو. اسان ته هندو مصنفن جا ڪتاب پڙهيا آهن. انهن لکيو آهي ته نه فقط سنڌ ۾ پر جتي ڪٿي ماڻهن عرب مسلمانن کي جيءُ ۾ جايون ڏنيون ۽ انهن جو پرجوش خير مقدم ڪيو، ڇو جو مظلوم، مقهور ۽ مجبور عوام پنهنجن سابق آقائن جي تشدد ۽ ڏاڍ خلاف عربن کي نجات دهنده سمجهيو. مان توهان وانگر بغير ثابتي حوالا لکڻ جو عادي نه آهيان. مفتوح عوام طرفان عربن کي خوش آمديد چوڻ جو ڪجهه مٿي عرض ڪيو ويو، ان جي تصديق هند و پاڪ جي وڏي هندو ڪميونسٽ ليڊر مسٽر ايم- اين- راءِ (M. N. Roy) جي ڪتاب "اسلام جو تاريخي ڪردار" (Historical Role of Islam) مان ٿئي ٿي. هي ممتاز دانشور لکي ٿو ته:

"Every where the saracen invaders were welcome as deliverers by peoples oppressed tyranised and to remented by Byzantine, corrption persian despotism and christian

superstition Fanatically faithfull to the revolutionary teachings of the Prophet, and obediently acting to the noble and eminently practical injuctions of the caliph the saracen invaders easily enlisted the sympathy and support of the peoples they conquered. No invaders can establish an abiding domination over conquerd peoples, except with their active support or tacit toleration."(P- 14,15, lahore)

مسٽر اين - اين- راءِ- جي مٿين تاريخي جملن کي غور سان پڙهي ڏسو. هو صاحب هڪ مشهور هندو ڪميونسٽ ليڊر ٿي گذريو آهي. سندس ڪميونزم جي نظريہ سان اسلام جو بنيادي اختلاف آهي. ان جي باوجود عربن جي انسان دوستي، علمي شغف ۽ مساوات جي ايتري تہ تعريف ڪئي اٿس جو موجوده دور ۾ شايد ڪو مسلمان بہ ان نموني عربن کي خراج عقيدت پيش ڪري نہ سگهندو. دل ٿي چاهي تہ مسٽر راءِ جي ڪتاب جو هڪ حوالو ٻيو بہ سراج صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪريان. هو لکي ٿو تہ، "عرب مسلمانن جي حيرت انگيز جنگي ڪارنامن مان فقط هيءُ ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ انهن تاريخ جي خدمت ۽ انسانيت جي ترقيءَ لاءِ حڪمراني ڪئي هئي."

"The amazing achievements of saracen arms only prove that they were wielded at the service of history for the progress of humanity." (P- 11)

مسٽر سراج الحق، پير حسام الدين راشدي ۽ شيخ اياز وارن جو ذهني استاد جويو صاحب آهي. مسٽر جويي صاحب متعلق سندس هڪ دوست مون کي هڪ دفعي ٻڌايو تہ، Mr: Joyo is an old Royist يعني جويو صاحب مسٽر ايم- اين- راءِ جو پراڻو مقلد آهي. ان ڪري مان مسٽر راءِ جي ڪتاب مان حوالا پيش ڪريان ٿو. اميد تہ مسٽر سراج وارا ان کي مستند سمجهندا ۽ آئنده واسطي عربن جي خلاف ڪوڙي پروپئگنڊا ڪان پرهيز ڪندا. ايم- اين- راءِ عرب مسلمانن کي وڏيڪ هنن جملن ۾ خراج عقيدت پيش ٿو ڪري ۽ هي ممتاز هندو دانشور لکي ٿو تہ، "عربن قيصرن ۽ خسروئن جون عاليشان، مقدس عمارتون محض ان ڪري ڪيرايون، تان تہ انساني علم جي ڪنو تيل خزاني کي انهن جي قريب الوقوع بربادي کان بچائي وٺجي. ۽ ان کي محفوظ ڪري مستقبل جي نسل جي فائدي لاءِ وڏائجي.

"It demolished the holy edifices of the cesars and the

chosroes,only to rescue from their impending ruin the accumulated treasures of human knowledge, preserve and multipy them for the benefit of the posterity."(P- 10)

مسٽر راءِ جا مٿيان الفاظ سونهري حروف سان لکجڻ جهڙا آهن عربن خسرو ٽائيپ حڪمرانن جو خاتمو محض علم جي بچاءُ خاطر ڪيو ۽ هتي اسان جي سنڌ ۾ هن جا مقلد جويي ۽ سراج پارا چئي رهيا آهن تہ عربن جي حملي دوران اسان جا ڪتبخانا تباھ ٿي ويا. ماٺهن عربن جو مقابلو ڪيو هو. ڇا هو پنهنجي استاد ۽ رهبر هندو ڪميونسٽ ڪان بہ وڌيڪ علميت رکن ٿا؟

شاھ لطيف جي شاعري

از: ڊاڪٽر تنوير عباسي

هي ڪتاب ترقي پسندن جي مشهور شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب لکيو آهي، جو شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي وارن ڪراچيءَ مان شايع ڪيو آهي.
ڊاڪٽر صاحب جي زير تبصره ڪتاب جو پهريون تعارف مسٽر سراج ميمڻ هلال پاڪستان ۾ پنهنجي ڪالم "رتيءَ جي رهاڻ" ذريعي ڪرايو هو. اهو ڪو ادبي تبصرو ڪونه هئو، پر هڪ قسم جو اشتهار هو. ان ڪانپوءِ ماهوار برسات ۾ هڪ تجزيو نظر مان گذريو. مسٽر رشيد ڀٽيءَ هلال ۾ برسات جي ڇپيل تبصري بابت ڪجهه لکيو. مون کي ڊاڪٽر صاحب جي هن ڪتاب پڙهڻ جو بيحد شوق جاڳيو.

ڇا شاھ لطيف پورهيتن جو شاعر هو؟

اڳئين مهيني حيدرآباد وڃڻ ٿيو ۽ ڊاڪٽر صاحب جو لطيف جي شاعري بابت لکيل ڪتاب خريد ڪيم ۽ هڪڙي ئي نشست ۾ پڙهي پورو ڪيم . منهنجي خيال ۾ هن ڪتاب جو مرڪزي خيال انهن مضمونن مان ورتل آهي، جي " شعر جي اڀياس جا نوان طريقا" جي عنوان سان مسٽر الهداد ٻوهيي رسالي مهراڻ ۾ لکيا هئا. شاهه لطيف جي فڪر ۽ شاعريءَ بابت هن کان اڳ ۾ به سنڌيءَ ۾ چڱا ڪتاب لکيا ويا هئا، پر ترقي پسندن جي خيال مطابق اهي سڀ رجعت پرستن جا لکيل هئا. شاهه جي شاعري کي ادب جي جديد نظرين جي مطابق پرکڻ لاءِ هوگهڻي وقت کان متمني هئا ۽ آخرڪار، سندن خواهش ڊاڪٽر تنوير جي هٿان پوري ٿي، جنهن ۾ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته " شاهه پورهيتن جو شاعر آهي." صفحو (٣٠) ۾ لفظن ۾ حضرت لطيف " پرولتيرين رووليوشن" جو علمبردار هو. هي ڪو نئون انڪشاف نه آهي. برصغير ۾ ترقي پسندن جي لٽريچر جو جائزو وٺي ڏسبو ته هنن هن ننڍي کنڊ جي وڏن مقبول شاعرن کي پورهيتن ۽ مفلسن جوحامي ۽ اول درجي جو اشتراڪي شاعر ڪوٺيو آهي. مثال طور اسان سيني کي خبر

آهي ته مشهور بنگالي شاعر رابندر ناٿ ٽئگور (پيدائش ١٨٦١ع، وفات ١٩٤١) هڪ خدا پرست صوفي ۽ فلسفي شاعر هو، جو پنهنجي پيءُ ديورندناٿ ٽئگور سان گڏ هماليه جي جبلن ۾ مراقبو ڪندو هو. نثر ۾ سندس ٻن ڪتاب (Sadhna) ۽ (The Religion of man) جي پڙهڻ سان خبر پوي ٿي ته هو ڪيڏو نه خدا پرست ۽ صوفي آهي. پر اسان جي ترقي پسند دوستن ٽئگور کي به پورهيتن جو شاعر ۽ اشتراڪي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سابق مشرقي پاڪستان جو ڪميونسٽ ليڊر مسٽر موني سنگهه ته بنگالي نوجوانن وٽ ٽئگور جو تعارف بحيثيت اشتراڪي شاعر جي ڪرائيندو هو ۽ ان نموني سان صوفي منش ٽئگور کي به ترقي پسندن پنهنجي مارڪسي مقصد لاءِ استعمال ڪيو. ساڳي حالت برصغير جي وڏي اردو شاعر غالب سان به ٿي. غالب مذهبي طور پڪو اثنا عشري شيعو ائمه اهل بيت جو عقيدتمند هو ۽ پاڻ کي رسول ڪريم (صلعم) جي امت مان سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندو هو. هڪ هنڌ چوي ٿو:

" اس کي امت سے هون مين، ميرے رهين کيون کام بند،
واسطے جس شه کے " غالب" گنبذ بے در کهلا"

يعني اي غالب! مان ته ڪونين جي بادشاهه صلي الله عليه وسلم جي امت مان آهيان، جنهن لاءِ معراج جي رات آسمان جا بند دروازا به کلي ويا. پوءِ منهنجا ڪم ڇو بند رهي سگهن ٿا."

پر ان هوندي به اسان ڪيترن ئي رسالن ۽ ڪتابن ۾ پڙهيو ته غالب برصغير جو پهريون ترقي پسند شاعر آهي. ملاحظه ڪيو ڊاڪٽر مالڪ رام ۽ سليم احمد جون تحريرون. غالب ١٨٦٩ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ هندستان ۾ ترقي پسند ادب جو بنياد مشهور ڪميونسٽ ليڊر سجاد ظهير ۽ سندس ساٿين ١٩٣٥ع ۾ وڌو هو ۽ اهڙي طرح اسان جي ترقي پسند ٻانرن غالب مرحوم جي مقبوليت مان ناجائز فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، حقيقت هي آهي ته سموري ڪميونسٽ فڪر جو بنياد استحصال ۽ پرماربت تي آهي.

اقبال جو مثال

علامه اقبال جو مثال وٺي ڏسو. هو هڪ مرد مؤمن، عاشق رسول ۽ اسلامي انقلاب جو علمبردار آهي. اڄ ڪلهه ڪي نادان مذهبي حلقا به دين ۽ سياست جي جدائيءَ لاءِ تبليغ ڪن ٿا. پر ڏسو ته اقبال ڪيڏو نه دين اسلام جي روح کي سمجهيو ۽ پروڙيو آهي.

هو چوي ٿو:

"جلال بادشاهي هو ڪہ جمهوري تماشاهو،
جدا هوءَ دين سياست سي تو ره جاتي هي چنگيزي"

نيز: "عصا نہ هو تو ڪليمي هي ڪار بي بنياد"

علامہ اقبال ترقي پسندن جي پورهيت انقلاب تي وڏي وزندار تنقيد ڪندي چوي ٿو تہ:

"زمامِ ڪار اگر مزدور ڪي هاتهون مين هو پهر ڪيا!
طريق ڪوهڪن مين بهي وهي حيلي هين پرويزي!"

پوري بر صغير ۾ ترقي پسند اديب اقبال کي پنهنجو صفِ اول جو نظرياتي دشمن تصور ڪن ٿا. انهن مان ڪن تہ پنهنجي بغض جو علانيہ اعلان بہ ڪيو، پر گهڻن اديبن اقبال کي بہ انهن پورهيتن جو شاعر ڪوٺيو آهي، جيئن ڊاڪٽر تنوير عباسي شاهہ لطيف بابت انڪشاف ڪيو آهي. مثال طور ١٩٦٩ ۾ لاهور جي انگريزي اخبار "پاڪستان ٽائمس" جي ڪميونسٽ ڪالم نگار زينو (محمد صفدر مير) (Iqbal _ a Theisitic Socialist) جي عنوان سان مضمونن جو هڪ سلسلوشروع ڪيو هو، جنهن ۾ هن اقبال جهڙي مسلمان فلسفي شاعر کي بہ اشتراڪي ۽ پورهيت انقلاب جو علمبردار ثابت ڪيو. علامہ اقبال جي فرزند جسٽس ڊاڪٽر جاويد اقبال زينو کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو. ملاحظہ ٿئي ڊاڪٽر صاحب جو انگريزي ڪتابچو: (Iqbal : Was he a Socialist?) جاويد جو هي ڪتاب پڙهي علامہ مرحوم جي اها دعا ياد پيم جنهن جو وعدو اقبال پنهنجي قبر مان جاويد لاءِ ڪيو هو يعني تہ:

"من از قبرم دعا گويم ترا"

سنڌ جا ترقي پسند ۽ لطيف رح

سنڌ ۾ ترقي پسندن لطيف سان ساڳي روش اختيار ڪئي آهي. لطيف هڪ سچو مسلمان، توحيد پرست ۽ صوفي شاعر هو. حضرت لطيف پنهنجي رسالي جي شروعات الله تعاليٰ جي ثنا ۽ حمد سان ڪري چوي ٿو:

"اول الله عليم اعليٰ عالم جو ڌڻي
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهہ قديم
والي واحد وحده رازق رب رحيم
سو ساراهہ سچو ڌڻي چئي حمد حڪيم
ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جون"

ماهوار برسات ۾ ڪراچي جي هڪ نوجوان ترقي پسند اديب مسٽر انور پيرزادي، ڊاڪٽر تنوير جي ڪتاب جي بي حد تعريف ڪئي آهي ۽ جزوي اختلافات کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب بابت لکيو آهي ته "هن پٽائيءَ جو جديد معروضي (آبجيڪٽو) اڀياس ڪيو آهي جيڪو اڄ کان اڳ ۾ خيرڪو آهي". (ڏسو برسات جلد ۵ شمارو ۹) اڳتي تنوير جو هي مداح لکي ٿو ته، " ڀٽائي جي اهڃاڻ شاعري ۾ خود الله وارو لفظ به اهڃاڻ آهي." هي مثال قارئين جي محض عبرت ۽ حيرت لاءِ نقل ڪيا ويا. پاڻ اندازو لڳايو ته اسان جي ديس جي ترقي پسندن جو لطيف جهڙي هڪ خدا پرست شاعر متعلق ڪيڏو نه دردناڪ رويو آهي، لطيف جو روح به ماتم ڪندو هوندو. هن قسم جي خيالات ظاهر ڪرڻ وارا پنهنجي ئي بي عقلي ۽ اڻ ڄاڻائي جو مظاهرو ڪري رهيا آهن.

" عقل ريءَ عذاب گهڻا سهندينءَ جندڙي"

لطيف جي شاعريءَ بابت تنوير جو اهو لکيل ڪتاب ترقي پسندن ۾ بحث جو موضوع بڻيو، ان ڪري قارئين کي ان کان باخبر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان جيئن ڪتاب جي مندرجات سمجهڻ ۾ دشواري پيش نه اچي، مسٽر انور پيرزادي جي تبصري کان پوءِ مسٽر پٺيءَ هلال پاڪستان ۾انور جي تبصري جي ڪافي حصي کي ساراهيو، البته ٽن چئن معاملن ۾ انور سان اختلاف ظاهر ڪيو، يعني ته تنوير غير جانبداريءَ کان ڪم نه ورتو، لطيف صوفي شاعر هو ۽ مارڪسسٽ نه هو وغيره. جناب پٺيءَ جي اعتراضن جو جواب مسٽر انور ۱۲ ڊسمبر ۱۹۷۶ جي هلال پاڪستان ۾ ڏنو. هي جواب به سخت حيرت انگيز ۽ ڪل جهڙو آهي. مثلاً لطيف جي هن بيت:

" وحده لاشريڪ لــه جان ٿــو چئين ايــن
تان مـڃ محـمـد ڪارڻي نرتون منجهان نينهن
تــان تــون وڃيـو ڪيـئـن نـائين سر ٻين کـي"

جي معنيٰ ڪندي تعبير ڪري ٿو ته " هن بيت تي جيڪڏهن ڪو مسلمان عمل ڪرڻ لڳي ته هوند ڪوبه غريب، ڪنهن به رئيس، وڏيري، سردار يا ڪاموري کي پيرين پوڻ چڱي ڏي. ان ڪري ڀٽائيءَ جو هي بيت جاگيردار دشمن (Anti _ Feudal) قسم جوآهي ۽ اڄ به اوترو ئي نئون آهي، جيترو ارڙهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ هو."

اول ته مسٽر انور کان پڇڻ جي اجازت وٺبي ته اوهان پنهنجي جملي ۾ مسلمان جولفظ ڇو ڪتب آندو؟ سندس خيال مطابق ته لطيف پورهيتن جو شاعر آهي. ٻيو ته هڪ مسلمان جو ايمان الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ حضرت محمد صلعم جن جي رسالت تي

آهي. اوهان پاڻ دعوئي ٿا ڪريو ته لطيف الله جو لفظ اهڙيءَ طور ڪتب آندو. اوهان جي منطق مطابق ته لفظ محمد به اهڙيءَ آهي. اهڙيءَ صورت ۾ لطيف مسلمانن کي ڪيئن خطاب ڪري سگهي ٿو؟ جيڪڏهن غير الله جي آڏو سر نه نوائڻ جي معنيٰ، اوهان وڏيرن ۽ رئيسن جي آڏو غريبن جو پيرين پوڻ وٺو ٿا، ته پوءِ مهرباني ڪري ڪراچيءَ جي گهميل هوا ڪان موڪلائي، حيدرآباد جي اوسي پاسي صاف سٿري هوا جا مزا ماڻيو. ڇو جو دنيا جي هڪ وڏي ماهر سوشالاجسٽ علامه ابن خلدون جو چوڻ آهي ته آب و هوا جو انسان جي ذهانت جي ارتقا تي اثر پوي ٿو.

اوهان کي ته لطيف جا شعر به صحيح نموني ياد نه آهن مثلاً مٿئين شعر ۾ اوهان اصل لفظ "نرتون" کي "نرتئون" لکيو آهي جو غلط آهي. ٻيو ته لطيف جي اصل شعر ۾ "نائين سر ٻين کي" استعمال ٿيل آهي. اوهان سر جي بجاءِ ڪنڌ لکيو آهي جو اصل شعر ۾ موربگو لکيل ئي نه آهي. اوهان لطيف جي مٿئين شعر جي اها معنيٰ ڪئي ٿا ته ان کي پڙهي عمل ڪري ڪوبه غريب، ڪنهن به رئيس، وڏيري، سردار يا ڪاموري کي پيرين نه پوندو. معاف ڪجو! اوهان شايد لطيف جي رسالي کي چڱي طرح ڪونه پڙهيو آهي. هتي ته ڪم موربگو الٽو آهي. اسين ڏسون ٿا ته لطيف جا ڪي اهڙا به بيت آهن جن ۾ پيرين پوڻ ته پري رهيو هو پاڻ کي محبوب جي پيرن جي جتيءَ برابر به ڪونه ٿو سمجهي. ڪٿي حضرت انسان جو ملهه ۽ ڪٿي جتيءَ جي قيمت! مهرباني فرمائي اهڙن شعرن جي به ڪا مارڪسي معنيٰ سمجهايو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته شايد اوهان ماسڪو يونيورسٽيءَ لاءِ لطيف تي پي - ايڇ - ڊي جي ٿيسز پيا لکو. لطيف ٿو چوي:

> "جيهي جي تيهي، ته به ٻانهي ٻاروچن جي،
> حجت هوت پنهونءَ سين مون ڪميٽيءَ ڪيهي
> اصل آريءَ ڄام جي، پلنءَ آءُ پيئي
> هوءَ جا پانن پير ۾، تنهن جتيءَ نه جيهي
> وساري ويهي، تن ڪيچين کي ڪيئن رهان؟"

مارڪسزم جو نظام ته غير طبقاتي سوسائٽي (Classless Society) جو دعويدار آهي ۽ هتي لطيف ته موربگو وڏن سردارن ۽ آريءَ ڄام پارن جاگيردارن يا ٻانهن ۽ ٻانهين جو ذڪر ڪريٿو. اهڙن بيتن کي پڙهي ماڻهو لطيف کي ته بورجوائي نظام جو علمبردار ڪوٺيندا. لطيف جو سوسائٽيءَ ۾ ته هڪ سمو سردار آهي ۽ ٻي گندري ذات جي مهاڻي جيڪا پاڻ هڪ مٿانهين ڪلاس راڻين جي روءِ

جو تصور ڪري ڪنبي ٿي.

" تون سمو آءٌ گندري مون ۾ عيبن جوءِ
پسي راڻين روءِ، متان ماڳر مٽين"

مارڪسي نظام لفظ وڏيري يا وڏيريءَ جو جاني دشمن آهي، پر لطيف ليلا جي زباني وڏيريءَ جو لفظ استعمال ڪري ٿو.

" وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾
دهلين دمايون نفرين ٿي، پل پل پڇياس،
ڏولي ڏيلياس،تيس ڏهاڳڻ ڏيهه ۾."

مختصر ته سڄي رسالي ۾ اهڙا هزارين بيت ملن ٿا. مان دعوي سان چوان ٿو ته لطيف کي جيڪڏهن سندس منشا مطابق پڙهيو وڃي ته سنڌ ۾ هوند ڪوبه مارڪسٽ نه رهي. پر مسٽر انور جي دعوي ملاحظ ڪيو. چوي ٿو ته " خود مارڪسزم جنهن انسانيت پرست ادبي ۽ سياسي هلچل ڪان متاثر هو. پيتاني ايشيا ۾ ان جي اهم ڪڙي هو." (هلال پاڪستان ١٢ ڊسمبر ٧٦)

مسٽر انورکي هڪ سهڻي صلاح ٿي ڏجي غالبًا هو اجا تائين روسي سفارتخاني ۾ ملازم آهي.ڪيس روسين کي مشورو ڏيڻ گهرجي ته مسلمان ملڪن جا رهواسي مارڪس جي " داس ڪئپيٽل" ۾ دلچسپي نٿي نٿا وٺن. ڇو جو بي ديني سان گڏ مارڪس يهودي نسل جو پڻ هو ۽ يهودين خلاف مسلمانن خاص ڪري عربن کي نفرت آهي. عصبيت جي ڪري به روس جي ڪوشش جي باوجود عرب دنيا ۾ ڪابه مارڪسي رياست اجا تائين وجود ۾ نه ڪانه آئي. لطيف مارڪس ڪان اڳ ۾ جدلياتي ماديت جو نظريو پيش ڪيو، ان ڪري روسين کي گهرجي ته داس ڪئپيٽل جي عوض لطيف جي رسالي جو ترجمو ڪيو وڃي. ڇوجو مسلمان سيد زاده هجڻ ڪري ماڻهو سندس ڪلام مان هڪدم متاثر ٿيندا ۽ پوءِ جلد ئي مسلم دنيا ۾ مارڪسي رياستون قائم ٿينديون. ماشاءالله مسٽر انور پيرزادو ته پاڻ انگريزي ۾ ايم - اي - آهي. لطيف جي رسالي جو انگريزي ترجمو هو پاڻ به ڪري سگهي ٿو. منهنجي هن مشوري تي عمل ڪرڻ سان مسٽر پيرزادي کي ماسڪو مان لينن ايوارڊ ملي سگهي ٿو.

"ويهه م منڌ پنيور ۾، ڪر ڪو واڪو وس"

قارئين! اوهان پاڻ انصاف ڪري ڏسو ته هن ترقي پسندن، لطيف جهڙي هڪ صوفي منش درويش جي پيغام کي ڪيڏو نه مسخ ڪيو آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي ڪتاب ۾ پرمٽوڪميونزم (پراڻي ۽ قديم اشتراڪيت) کي جڳهه ڏيني لطيف کي پورهيتن ۽

مسڪين جو شاعر ڪوٺيو آهي. هن فڪر مان تہ مسٽر انور جهڙا ذهن ئي پيدا ٿي سگهن ٿا. ان حالت ۾ انور تي ڊاڪٽر صاحب جي دوست مسٽر رشيد ڀٽيءَ جي تنقيد بي معنيٰ ۽ اجائي آهي. هر اهو شخص جو تنوير جي هن ڪتاب جو مطالعو ڪندو، سو لازمًا انور پيرزادي واري سوچ رکندو. ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر سورلي صاحب ۽ مولانا دين محمد وفائي صاحب، لطيف جي شاعريءَ بابت جو ڪجهہ لکيو آهي، ان کي پڙهي هر شخص باور ڪريٿو تہ لطيف باڪمال اسلامي، صوفي ۽ فلسفي شاعر آهي. فني لحاظ کان انهن مصنفن جا ڪتاب ۽ خود لطيف جو رسالو پڙهي هڪ ذهين شخص تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿئي ٿو تہ لطيف جي شاعري ان معيار تي نهڪي ڦهڪي اچي ٿي جا حضرت نظامي عروضي سمرقندي يا شمس قيس رازي بيان ڪئي آهي. باقي تنوير جو ڪتاب پڙهي لطيفي لات جي معيار ۽ پرک جي ڪا خبر ئي ڪانہ ٿي پوي.

شاعريءَ بابت نظامي عروضي سمرقندي جي راءِ

پنهنجي ڪتاب " شاهہ لطيف جي شاعري" ۾ فاضل مصنف ڊاڪٽر تنوير عباسي مغربي نقادن جي ڪتابن مان حوالا ڏنا آهن ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ شاهہ جي شاعريءَ جي پرک ڪئي آهي. مان انهن مغربي نقادن جي تحقيق بابت بعد ۾ گفتگو ڪندس. هتي شاعريءَ جي فن بابت هڪ وڏي مشرقي نقاد نظامي عروضي سمرقندي جي راءِ ملاحظہ ڪريو. هي اقتباس اردو زبان جي وڏي اديب ۽ نقاد پروفيسر عابد علي " عابد" جي هڪ ڪتاب مان ورتل آهي. پروفيسر صاحب نظامي عروضي سمرقندي بابت چوي ٿو تہ هن شاعر بابت لکيو آهي تہ:

" شاعر کے لیے ضروري هے کہ صاحب ذوق سلیم هو، فکر عالي رکھتا هو طبیعت سلجھي هوئي هو، بصیرت سے بهرياب هو، مشاهدے مین دقت نظر سے کام لے، مختلف علوم مین آگاه هو، اور مختلف فنون پر حاوي، اس کي وجہ یہ هے کہ جس طرح شعر هر علم مین کام آتا هے ،هر علم شعر مین کام آتاهے........ اچھے شاعرکے لیے ضروري هے کہ جواني مین متقدمین کے بیس هزار اشعار یاد کرے اور متاخرین کے دس هزار اور استادون کے دیوان مطالعے مین رکھے ، اور غور کرتا رهے کہ جلیل القدر شعرا ابلاغ و اظهار کے سلسلے مین مشکلات سے کس طرح عهده برا هوتے هین........ علاوه ازین مطلب و معاني مین اسے بصیرت حاصل هو. الفاظ پر عبور هو،

عروض جانتا هو، اور اسے يہ بهي معلوم هو، کہ سرقہ شعري کي کيا نوعيت هے، ترجمہ کسے کهتے هين؟" (اصول انتقاد ادبيات صفحہ ۱۰۴ مجلس ترقي ادب لاهور ۱۹۶۶ ع ايڊيشن)

پيارا ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب! شاعر لاءِ کهڙيون اهم ڳالهيون ضروري آهن؟ ان لاءِ مٿي حضرت نظامي عروضي سمرقندي جي راءِ ڪيڏي نہ جامع، وزندار ۽ حقيقت تي مبني آهي. سچو لطيف جو رسالو مٿين ڪسوٽيءَ مطابق آهي. اوهان پاڻ بہ انصاف ڪندا تہ انکان وڌيڪ هڪ شاعر جي توصيف ٿي نٿي سگهي. اوهان جن مغربي نقادن جا حوالا ڏنا آهن، انهن مان ڪنهن بہ هڪ شاعر بابت ايڏو مدلل بحث نہ ڪيو آهي جيڏو حضرت نظامي صاحب ڪيو آهي. اوهان لٽريچر بابت ڪجهہ مغربي ڪتاب تہ پڙهيا آهن،پر مشرقي لٽريچرکان قطعًا بي بهره آهيو. حالانک لطيف هڪ مشرقي شاعر آهي.

شاعريءَ جي پرک لاءِ ڊاڪٽر صاحب ڪيترن ئي مغربي نقادن جا حوالا ڏنا آهن، جن مان مون بہ گهڻن کي پڙهيو آهي. لازمي آهي تہ شاعريءَ بابت ڪجهہ وڌيڪ مشرقي فاضلن جا رايا پيش ڪجن تان تہ پيٽا ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

شاعر بابت شمس قيس رازي جي راءِ

پروفيسر عابد علي صاحب پنهنجي ساڳي ڪتاب ۾ شاعر بابت شمس قيس رازي جو رايو نقل ڪري ٿو جنهن لکيو آهي تہ " ضروري هے کہ شاعر کو مفردات لغت پر عبور کامل حاصل هو.صحيح اور غلط ترکيبون کي اقسام سے آگاهي حاصل هو، برے شعرا نے ابلاغ و اظهار کے جو طريقے اختيار کئے هين ان پر اسے عبور حاصل هو. کچهہ تاريخ بهي جانتا هو. علم عروض و قوافي سے بهي واقف هو. اچهے اور برے اوزان مين تميز کر سکے........ جب شاعر جليل القدر شعرا کے اساليب ابلاغ و اظهار سے واقف هوگيا اور اس پر شعر گوئي کے رموز و اسرار کهل گئے........ تو اس کي شعر گوئي مقطر پاني کے ايسے چشمے کي طرح هوجائيگي جس نے برے درياؤن سے اور گهري ندیون سے مدد حاصل کي هو........ شاعر کے لے يہ بهي ضروري هے کہ اپنے طريق اظهار اور اسلوب ابلاغ مين مشهور شعرا کے طريقون سے انحراف نہ کرے." (صفحہ ۱۰۴، ۱۰۵)

شاعر بابت شمس قيس رازي جا نڪتا بہ خوب ۽ قابل غور

آهن. حضرت لطيف ۾ اهي سڀ خوبيون ملن ٿيون. ان ڪري سنڌس نالو عظيم شاعرن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. اميد ته ڊاڪٽر تنوير عباسي انهن حوالن کي غور سان پڙهي دل ۾ هنڊائيندو.

مان شاعريءَ بابت مشرقي نقادن جا رايا نقل ڪندس ڇو جو ڊاڪٽر صاحب مولانا دين محمد وفائي کان سواءِ ٻئي ڪنهن مشرقي نقاد جو ڪو حوالو ئي ڪونه ڏنو آهي. علامه آءِ آءِ قاضي صاحب جو ڪتاب حقيقت ۾ مغربي نقطه نگاهه جي ترجماني ڪري ٿو ۽ ان جي ڪن مندرجات سان ڊاڪٽر صاحب صحيح اختلاف ڪيو آهي.

شعر بابت علامه ابن خلدون جي راءِ

ڊاڪٽر تنوير عباسي فقط مغربي عينڪ سان شاعريءَ جو مطالعو ڪيو آهي. ان ڪري سنڌس ڪتاب ۾ بنيادي خاميون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ضروري آهي ته اول شاعريءَ بابت مشرقي فاضلن جا خيالات پيش ڪجن.

شاعريءَ بابت ابن خلدون لکي ٿو ته " جيترو ٿي سگهي جملن ۾ ڏکين ترڪيبن کان پاڻ کي بچائي. جملا اهڙيءَ خوبصورتي سان آڇجن جو الفاظ کان اڳ ۾ ان جي معنيٰ ذهن نشين ٿئي. هڪ شعر ۾ وڌ ۾ وڌ معاني وجهڻ کان به پاسو ڪرڻ گهرجي. ان طرح سمجهڻ ۾ هڪ قسم جي پيچيدگي پيدا ٿئي ٿي. پسنديده ۽ عمده شعر اهو آهي، جنهن جا الفاظ ان جي معنيٰ مطابق هجن ۽ معنيٰ جي پوريءَ طرح ترجماني ڪندي، جيڪڏهن ڪنهن شعر ۾ الفاظ کان زياده معنيٰ پرجي ته ان جو شمار " حشو" ۾ ٿيندو ۽ معنيٰ ڳولڻ لاءِ ذهن کي تڪليف ڏيڻي پوندي ۽ ذوق بلاغت جي ميناج کان محروم رهجي ويندو. شعر ان وقت آسان ٿئي ٿو جڏهن ان جي معنيٰ ان جي الفاظ ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ذهن تي چڙهي شاعر کي غير مانوس الاستعمال الفاظ کان بچڻ کپي ۽ اهڙن لفظن کان بچجي معنيٰ جي صحيح ترجمانيءَ کان قاصر هجن. اهڙيءَ طرح بازاري ۽ متبذل الفاظ کان به پرهيز ڪرڻ ضروري آهي. ان کي هرگز استعمال نه ڪري، ڇاڪاڻ ته هن قسم جا الفاظ قصيدي کي بلاغت جي درجي کان ڪيرائين ٿا ۽ قصيده ۾ شريفانه حيثيت باقي نٿي رهي ۽ قصيدي جي افاديت ختم ٿي وڃي ٿي"

(مقدمه ابن خلدون حصه ٢ صفحه ٥٤٧، ٥٤٨ مترجم مولانا راغب رحماني ڪراچي)

شعر حقيقت ۾ الفاظ ۽ معاني جو نالو آهي، جي ورڻ هڪ

بني سان لازم ملزوم آهن. اهي الفاظ ڪهڙي ڪم جا جنهن ۾ معاني نہ هجي ۽ معاني بغير سهڻي الفاظ جي ڪا وقعت نٿي رهي. لطيف جي شاعريءَ ۾ سهڻا الفاظ معاني سان ڀرپور ملن ٿا ۽ سندس شعر جي معنيٰ الفاظ ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ذهن نشين ٿئي ٿي. لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪا بہ ڏکي ترڪيب ڪانہ ٿي ملي. هن جي زبان بہ بازاري نہ آهي. هن غير مانوس الاستعمال الفاظ ڪم نہ آندا آهن. الغرض تہ هن ابن خلدون جي ڏسيل معيارن تي شعر چيو آهي. ان ڪري عظيم شاعر آهي.

شاعريءَ بابت گفتگو ڪندي حضرت علامہ ابن رشيق جو هڪ املهہ نظم مقدمہ ۾ نقل ڪيو آهي يعني تہ " الله شاعريءَ کي غارت ڪري، جنهن جي بدولت اسان کي قسمين قسمين جاهلن سان واسطو پيو آهي. هي جاهل زود فهم ۽ آسان شعرن تي مشڪل شعرن کي ترجيح ڏين ٿا ۽ نامڪن کي نيڪ ۽ خسيس ڪلام کي قيمتي شيءِ سمجهن ٿا. هو صحيح شعرن کان ناواقف رهن ٿا ۽ جهالت جي ڪري پنهنجي جهالت کي سمجهن نٿا. شعر اهو آهي جو نظم ۾ مناسب هجي، جيتوڻيڪ انواع جي لحاظ کان اهو قسمين قسمين هوندو آهي. شعر اهو آهي جو مطلب جي ادائگيءَ جي انتها کي پهچي. گويا الفاظ هن جو چهرو بڻجن ۽ انهن الفاظ تي سوار ٿيندڙ معاني هن جون اکيون هجن. اهو (شعر) مقصد ۾ ارزوئن جي مطابق هجي، جنهن جي حسن کان پڙهڻ وارا بہ حسين لڳن. بهترين شعر اهو آهي، جنهن کي منظم ڪرڻ بعد تنقيدي نگاهہ سان ڏٺو وڃي، اگرچہ اهو واضح ۽ روشن چو نہ هجي ۽ آخر ۾:

" واذا قـيـــل اطـمـــع الـنـــاس طــرا
واذا ريم اعــــجز الـمـــعــجزيــنــا."

يعني تہ جڏهن اهڙا شعر ٻڌجن ماڻهن ۾ بہ ساڳين شعرن چوڻ جي تحريص پيدا ٿئي. پر جڏهن چوڻ جي ڪوشش ڪن تہ چئي نہ سگهن." (مقدمہ ابن خلدون حصہ ٢ صفحہ ٥٤٨، ٥٤٩)

منهنجا ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب! ذرا غور ڪريو، اوهان جن مغربي نقادن جا حوالا ڏنا، ڇا انهن مان ڪنهن بہ هڪ شعر جي اهڙي جامع وصف بيان ڪئي آهي، جا مٿين شعر ۾ بيان ڪيل آهي؟ واقعي شعر اهو آهي، جنهن کي ٻڌڻ شرط ٻڌندڙ جي دل ۾ ساڳئي قسم جي شعر چوڻ جي تڙپ پيدا ٿئي پر ڪوشش جي باوجود بہ عاجز ٿي وڃي. لطيف جي شاعري بہ ان قسم جي آهي. لطيف جي شعرکي پڙهڻ وارا بہ حسين لڳن ٿا.

شاعريءَ بابت ارسطو جي راءِ

ياد رکڻ گهرجي تہ شاعريءَ بابت پراڻي ۾ پراڻو ڪتاب مشهور يوناني حڪيم ارسطو عيسوي سن کان ۳۳۵ سال اڳ لکيو هو. ان حساب سان هن ڪتاب جي عمر اٽڪل ساڍا ٽيويهہ سئو سال آهي. هن ڪتاب جو اصل نالو پوطيقا (Poetics) آهي. هن ڪتاب جو عربي زبان ۾ ترجمو ٿيو هو ۽ اسپين جي مشهور فلسفي ۽ ارسطو جي عاشق علامہ ابن رشد ان جي تلخيص ڪئي هئي. هن تلخيص جا خاص خاص ٽڪرا پروفيسر شيخو لويس پنهنجي ڪتاب " علم الادب" ۾ جو بيروت مان ڇپيو هو، شامل ڪيا آهن. شاعريءَ جي موضوع تي مغربي دنيا جا اديب ۽ شاعر سيني ارسطوءَ جا خوشہ چين آهن، جنهن ڪي هو پنهنجو رهبر ۽ امام تصور ڪن ٿا. ارسطو جي ڪتاب جو هي عربي ترجمو يورپ جي لاطيني زبانن ۾ منتقل ٿيو. هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو مسٽر هملٽن فائف Hamilton) Fyfe(ڪيو، جو آڪسفورڊ پريس لنڊن مان Aristoteles Art of) Poetry(نالي سان شايع ٿيو. افسوس جو ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ ارسطو جي هن تصنيف جو ڪو حوالو نہ ڏنو آهي. حالانڪ مغربي لٽريچر ۾ مذڪوره ڪتاب جي بنيادي ۽ ڪليدي حيثيت آهي ۽ صدين کان وٺي يورپ جي ادبي فڪر جي رهنمائي ڪري رهيو آهي. مسٽر هملٽن ارسطو جي حوالي سان لکي ٿو تہ، ارسطو وٽ شاعر جي معنيٰ آهي تہ " شاعر جوڙيندڙ ۽ بڻائيندڙ هوندو آهي. شاعر توڙي سائنسدان اظهار جا ساڳيا ذريعا يعني الفاظ ڪتب آڻين ٿا" .

(A Poet is a maker, The author of a Poem and the author of a scientific treatise both use the same means of expressions of words. P _ 1, Oxford Press Lon: 1967 E D)

ڏسو تہ ارسطو وٽ شاعرن جو ڪيڏو نہ مقام آهي، جڏهن تہ ان کان اڳ افلاطون پنهنجي خيالي ريپبلڪ ۾ شاعرن کي ڪا جڳهہ نہ ڏني. ڇو جو افلاطون کي سوسائٽيءَ جي طبقي مان وڌ ۾ وڌ نفرت شاعرن کان هئي. افلاطون جي نگاهہ ۾ شاعر گفتار جا غازي تہ ٿين ٿا پر ڪردار جا غازي نہ آهن. وڏيڪ تہ ارسطو وٽ شاعري نقالي ۽ مصوريءَ جو نالو آهي. بيشڪ لطيف ارسطوءَ جي الفاظ ۾ جوڙيندڙ، بڻائيندڙ ۽ مصور آهي. ان کان وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪوبہ مصور پيدا نہ ٿيو آهي.

سر سارنگ جو هيٺيون بيت پڙهي ڏسو. ان ۾ ڪيتري نہ تصوير

ڪشي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. داد ڏيڻو پوندو ته لطيف ارسطوءَ جي الفاظ ۾ وڏو مصور آهي.

"مند ٿي منڊل وڇيا، ڪي اوهيڙن اوڪ،
ڇاڇر ٿي ڇڻ ۾، ميهون چرن موڪ،
سرهيون ٿيون سنگهاريون، پوپو پائن طوق،
ميها، ڇيڙ، ڦنگيون، ٿين سيني ٿوڪ،
لاهين متان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا."

لطيف وٽ زندگيءَ ڪائنات جي حقيقت بابت هڪ واضح نظريو آهي. سندس ڪلام جو اثر جادوءَ کان به مٿي آهي جو انسان ۾ خدا پرستي، انسان دوستي، حيا، ڪردار، . عدالت، شجاعت ۽ صداقت جا جوهر پيدا ڪري ٿو. هڪ ذهين شخص جي فڪري ۽ ذهني انتشار کي دور ڪريٿو ۽ هر ڪيفيت خوشي، غم هجر توڙي وصال، اميري ۽ غريبي ۾ اسان سان گڏ آهي. لطيف جو ڪلام انسان کي باهمت بڻائي ٿو ۽ پنهنجي نظريه لاءِ قرباني ڪرڻ جي تلقين ڪريٿو. لطيف جو ڪلام اسان کي ڪونڌر بڻائي ٿو ۽ مختلف پهاڙن کي به پيچي ربتي ڪيو ڇڏي.

آڏو تڪر تر، متان روهه رتيون ٿئين

مختصر ته لطيفي لات قومن جي قسمت بدلائي ٿي. غلاميءَ جا زنجير ٽٽي وڃن ٿا. قوم ۾ نفاق جي بدران ٻڌي پيدا ٿئي ٿي. سنگدلي جي جڳهه نرم دلي پيدا ٿئي ٿي، ظلم جبر ۽ استبداد جي پاڙ پٽجي ٿي. خشڪ اکين مان ڳوڙهن جاچشما وهن ٿا. تڪبر ۽ وڏائي بدران نهٺائي پيدا ٿئي ٿي، آخرت جو منظر اکين آڏو ڦري ٿو. انسان ۾ عبوديت جو جذبو پيدا ٿئي ٿو، شرڪ ۽ ڪفر جي بيخ ڪني ٿئي ٿي. عشق رسول پيدا ٿئي ٿو. صلح ۽ جنگ جو فلسفو معلوم ٿئي ٿو. ذوق ۽ تجسس پيدا ٿئي ٿو. انتقام جو جذبو نيست ۽ نابود ٿئي ٿو. هڪ مهذب معاشرو جنم وٺي ٿو، جنهن ۾ ڪوڙ، فريب، مايوسي توڙي منافقت لاءِ ڪا جڳهه نه آهي. لطيف اسان ۾ عزم ۽ استقلال پيدا ڪري ٿو. قرب ۽ همدردي جي تلقين ڪري ٿو. بغض ڪيني ۽ حسد کان پري رهڻ تي زور ڏئي ٿو. لطيف جو رسالو گهڻ جو آواز يعني بانگ درا، ضرب ڪليم ۽ پيغام مشرق آهي. لطيف جي رسالي جي موجودگيءَ ۾ سنڌي زبان کي ڪو ختم نٿو ڪري سگهي. لطيف جو ڪلام ظرف ۽ عزت نفس جو احساس ڏياري ٿو. ٽڙٽپ جي بدران بردباري پيدا ڪري ٿو. اجائي بڪ ڪرڻ کان اجتناب لاءِ چوي ٿو. هن جي ڪلام پڙهڻ کان پوءِ انسان ۾ سنجيدگي پيدا ٿئي ٿي ۽ ماٺهپي ۾ اضافو ٿئي ٿو. لطيف بي غيرتي

جي عوض غيرت سيکاري ٿو. دشمن جي اڏو سربلند ڪرائيٌ ٿو. لطيف اهو غواص آهي جو پاتار ۾ پيهي ماڻڪ ميڙي ٿو. لطيف جي ڪلام کي ياد ڪرڻ وارا بهترين مقرر، منطقي،مناظر ۽ پارليامينٽرين ٿين ٿا. لطيف جو ڪلام غافل ٿيڻ کان بچائي ٿو ۽ هردم انسان بيدار ۽ باخبر رهي ٿو. لطيف جو ڪلام موت جي يادگيري ڏئي ٿو. ان ۾ تصوف جي بهترين تشريح ٿيل آهي، رسالو موجوده دور جو ڪيمياءِ سعادت آهي.

لطيف وڏي پايي جو فلاسفر آهي. هن جي فلاسفي ڪانٽ، هيگل يا برٽرانڊ رسل جهڙي نہ آهي. فلسفہ جي فيلڊ ۾لطيف رازي، غزالي ۽ روميءَ جي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

مان هڪ ڀيري لطيف جي روضي تي حاضري ڏني. سامهون دنيا جي هن عظيم دانشور جي مزار ڏسي رقت طاري ٿي ۽ هيئنر پنهنجي قلبي واردات کي بيان نٿو ڪري سگهان.بي اختيار اکين مان نير وهڻ لڳا ۽ بي اختيار سندس فراق مان سندس ئي هڪ شعر پڙهيم.

" رڻان ٿي راڻا، هند نهاريو ڄجرا
پيني کهہ ڪتن تي، ٿيا پلنگ پراڻا
ڏريا ئي ڏوڙا ٿيا، ور ريءَ وهاڻا
جايون، گل، جبات، وڻ، تو ريءَ ڪوماڻا
مينڌرا! ماڻا تو ريءَ ڪنديس ڪن سين"

لطيف جهڙي عظيم شخص جي شاعريءَ متعلق ڪتاب لکڻ وڏو اعزاز آهي، بشرطيڪ اهڙو ڪتاب سندس فڪر ۽ نظريہ جي مطابق هجي. صوبي ديره جي عباسي خاندان جي چشم و چراغ ڊاڪٽر تنوير صاحب بہ شاهہ جي شاعريءَ متعلق هڪ ڪتاب لکيو آهي. سڀ کان اول هن ڪتاب جي ڪن بنيادي نڪتن جي چند ڇاڻ ڪندس. ڀهريون لطيف جي شاعريءَ جي پرک لاءِ فقط مغربي نقاد ئي ڪافي آهن يا نہ؟ ٻيو تہ انساني تهذيب جي پره ڦٽڻ وقت، انسان جو سمورو سرمايو سيني لاءِ هئو يانہ؟ يعني قديم اشتراڪيت جو معاملو.

شاهہ جي شاعريءَ جي پرک ۽ مغربي نقاد

ڪتاب جي مطالعہ مان ڏسجي ٿو تہ ڊاڪٽر صاحب اڪثر مغربي نقادن جي روشنيءَ ۾ شاهہ کي پرکيو آهي.اهڙو رستو هن ڇو اختيار ڪيو؟ ان جو جواب ڏيندي فاضل مصنف مهاڳ ۾لکي ٿو تہ "

هن ڪتاب تي هڪ اعتراض ٿي سگهي ٿو. اهو هي تہ اڪثر مغربي نقادن جي راين جي روشنيءَ ۾ شاهہ لطيف جي فن کي پرکيو ۽ پروڙيو ويو آهي. جيئن اسان سائنس ۾ اينڊڙ نون نون نظرين، توڙي نين نين کوجنائن مان فائدو حاصل ڪريون ٿا، تيئن ادب ۾ بہ ڪري سگهون ٿا. جيئن مغربي سائنسدانن پراڻا ۽ فرسوده نظريا مٽائي ڇڏيا، تيئن ادب جي باري ۾ بہ آهي. جيئن اسان مغرب جي ايجاد خوردبينيءَ سان گلن، ٻوٽن، توڙي انساني جسم جي باريڪ جوڙجڪ ٿا جاچيون، تيئن ادبي کوجنائن مان فائدو وٺي اسان پنهنجي ادب کي چڱيءَ ريت پرکي، پروڙي ۽ ان مان وڌيڪ حظ حاصل ڪري سگهون ٿا." (صفحہ ۹)

جواب ۾ گذارش ڪندس تہ مغربي نقادن جي روشنيءَ ۾ شاهہ کي پرکڻ تي مون کي ڪو اعتراض نہ آهي. شعر ۽ ادب بابت مون اڪثر مغربي عالمن جا ڪتاب پڙهيا آهن. انهن ڪافي مفيد ڳالهيون بہ لکيون آهن پر انهن ڪتابن ۾ اهڙو مواد بہ ملي ٿو جو اسان جي ادب ۽ شاعريءَ سان ٺهڪي نٿو اچي. ان جو سبب بلڪل ظاهر آهي. جيئن ٽي. ايس. ايلٽ (Eliot) پنهنجي ڪتاب " شاعري ۽ شاعر" (On Poetry and Poets) ۾ لکيو آهي تہ " چاڪاڻ تہ منهنجي خيال ۾ هر قوم وٽ پنهنجي شاعري ضروري هجڻ گهرجي".

(For I think it is important that every people should have its own Poetry. P _ 18)

۽ سڀني ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي شاعري هوندي آهي جا ان قوم (ماڻهن جو مجموعو) جي تهذيب، تمدن، نشست برخواست، عادات و اطوار، تاريخ، ثقافت، طرز معاشرت،مذهب ۽ اقدار جو آئينو ۽ عڪس هوندي آهي. ظاهر آهي تہ اسان جو ڪلچر ۽ تمدن غرضيڪ مٿي ڄاڻايل سڀ خصلتون مغربي قومن کان مميز آهن، انڪري سندن ادب ۽ شاعريءَ جو تنقيدي اصول اسان جي ادب ۽ شاعريءَ سان ڪليءَ طور لاڳو ٿي نٿو سگهي.جيئن مون مٿي عرض ڪيو تہ مغربي عالمن ڪي مفيد ڳالهيون بہ لکيون آهن، جن مان اسين حظ وٺي سگهون ٿا.پر ان لاءِ بہ شرط اهو آهي تہ اسانکي پنهنجي مشرقي شاعري (خاص طرح عربي ۽ فارسي) جي مڪمل ڄاڻ ۽ پروڙ هجي. ڇو جو اسان جي ٻوليءَ جي شاعريءَ تي، عربي ۽ فارسي شاعريءَ جو نمايان اثر رهيو آهي. عربي ۽ فارسي شاعريءَ مان اڻ ڄاڻ شخص رڳو مغربي نقادن جي حوالي سان لطيف جي شاعريءَ کي پرکيندو تہ نتيجي جي لحاظ کان اهو اڌو ڳابرو رهجي ويندو ۽ انصاف کان ڪم وٺي نہ سگهندو. هن امر تي اسان جا ادبي

Soorih Mirani

نقاد اتفاق رکن ٿا.. مثال طور اردو زبان جي وڏي نقاد ۽ اديب پروفيسر عابد علي عابد پنهنجي مشهور ڪتاب " اصول انتقاد ادبيات" ۾ لکيو آهي ته، " جو نقاد عربي اور فارسي سے ناواقف هوگا وه تو جليل القدر شعرا اور ادبا کان مفهوم بهي سمجهنے سے قاصر رهے گا کہ مختلف الفاظ کے صحيح معاني اور متعلقہ دلالتين اسے معلوم نہ هون گي. اس طرح اگر نقاد انگريزي اسلوب انتقاد سے ناواقف هوگا تو اس کي کاوشين بهرحال ناقص هون گي".

هن معاملي بابت اڳتي هلي پروفيسر صاحب وڏو بصيرت افروز بحث ڪيو آهي ۽ نهايت ني سچي ڳالهه لکي آهي. جنهن تي ڊاڪٽر تنوير صاحب ۽ سندس مداحن کي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. لکي ٿو ته، " حقيقت يہ هے کہ کسي زبان کے ادب کو صرف اس نظام نسبتي کے حدود مين رکهہ کر جانچا جا سکتا هے، جو اس ادب کے متعلق معاشرت اور ثقافت سے مربوط هوتا هے، اگر هم کسي زبان کو اس نظام سے علحده کرکے کسي غير قوم يا زبان کے پيمانہ انتقاد سے ناپينگے تو جو نتائج هم مستخرج کرينگے اس مين سے بعض تو بالکل غلط هونگے اور بعض ان نيم حقائق (Half Truths) سے مشابہ هونگے جو جهوٹ سے زياده خطرناک هوتے هين". (صفحہ ٥ مجلس ترقي اردو ادب لاهور ١٩٦٦ع ايڊيشن).

مٿين زرين اصولن جي معيار تي شاهه لطيف جي شاعري بابت ڊاڪٽر صاحب جو ڪتاب پورو نٿو اچي. سندس ڪتاب پڙهڻ سان ظاهر ٿئي ٿو ته هن کي مشرقي شاعري (عربي فارسي) جي ابجد جي به خبر نہ آهي. فقط مغربي عينڪ سان شاهه جي شاعري جي پرک ڪرڻ انصاف جو خون ڪرڻ آهي. ان ڪري اسان جو هي اعتراض ته رڳو مغربي نقادن جي راين تي شاهه جي شاعريءَ کي پرکي نٿو سگهجي، حقيقت تي مبني ۽ ناقابل ترديد آهي.

هڪ ٻيو اعتراض

هن اعتراض کان علاوه هڪ ٻيو اعتراض به پيدا ٿئي ٿو جو اصولي نوعيت جو آهي. يعني ته ڪنهن به شاعر جي شاعريءَ بابت ڪو به ليڪ تيستائين حتمي راءِ ڏيئي نٿو سگهي، جيستائين ان شاعر جي فڪر، نظريه ۽ شعر جي موضوع بابت مصنف کي مڪمل معلومات ۽ مطالعو نہ آهي. مثال طور دور جديد جي هڪ وڏي شاعر علامہ اقبال جي فلسفہ خودي جي ڄاڻ ۽ مطالعي بغير هن جي شاعريءَ تي قلم کڻڻ مفيد نہ ٿيندو. ساڳيءَ طرح لطيف جي فڪر،

سندس شاعريءَ جي موضوع ۽ نظريہ بابت مڪمل علم رکڻ جي بغير، محض لطيف جي شاعريءَ بابت لکڻ مان ڪو مقصد پورو نہ ٿيندو ۽ لاچار اهڙي مصنف کي ڏڏڙ ۾ پير هٽڻا پوندا. شاهہ جي ڪلام پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي تہ هو علم تصوف جو مبلغ آهي ۽ سندس، شمار دنيا جي وڏن صوفي شاعرن مان ٿئي ٿو. لطيف فرمائي ٿو تہ:

" صـوفـيءَ صـاف ڪـيـو، ڏونـي ورق وجود جو
تـهـان پـوءِ ٿـيـو، جيـنـري پـسـڻ پـريـنءَ جو"
يـا: "ڪـيـو مـطـالـعـہ مـون هـو جو ورق وصال جو
تـنـهـن ۾ تـون نـي تـون ٻـي لات نـہ لحظي جيتري"

مطلب تہ شاهہ جو سچو رسالو صوفيانہ ۽ عارفانہ ڪلام سان ڀريل آهي ۽ اها ڳالهہ غير مسلم مصنفين بہ تسليم ڪني آهي: ملاحظہ ٿئي ڊاڪٽر گربخشاڻي جو رسالو جلد ١، لکي ٿو تہ " تصوف، شاهہ جي شعر جي، گويا تاڃي ۽ پيٽو آهي، يا جيڪو تصوف، سندس شاعراني عمارت جو مکيہ پايو چئجي. جيتوٽيڪ، سندس شعر جا مضمون الڳ الڳ آهن، تڏهن بہ تصوف هڪ سر وانگر آهي، جنهن تي اهي مضمون موتين جيان مڙهيل آهن" . اڳتي لکي ٿو تہ " ڪن ڪن سرن ۽ بيتن ۾ تصوف دونهيءَ جيان دکيو پيو آهي، پر ڪن ڪن ۾ تہ پڙکو ڏيو پيٽ ڪيو وڃهي." (صفحہ ٨٤، اداره آواز ادب ١٩٦٧ع ايڊيشن)

هڪ ٻيو غير مسلم انگريز مصنف سورلي صاحب لطيف جي شاعريءَ بابت پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ " شاعريءَ جو سچو لب ولهجہ صوفيانو آهي. جيڪڏهن ائين چئجي تہ شاهہ عبداللطيف کي (مشهور ڊچ فلاسفر) اسپينوزا (Spinoza) وانگر خدائي نشو چڙهيل هو تہ اهڙو بيان غلط نہ ٿيندو.لطيف جي شاعري ڳوڙهيءَ طرح مذهبي آهي ۽ اها ايران جي صوفي شاعرن وانگي اسلامي تصوف جي روح سان ڦوڪيل آهي" . (ڏسو سورلي جو انگريزي ڪتاب شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ صفحہ ٢٥٥ ، آڪسفورڊ پريس ١٩٦٦ع ايڊيشن)

هڪ ٻيو هندو مصنف پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي پنهنجي ڪتاب " شاهہ" ۾ تصوف جي ڄاڻ ۽ مطالعي کي ضروري قرار ڏني ٿو، چو تہ سندس لکڻ مطابق " حقيقي صورت ۾ تصوف، شاهہ جي شاعرانہ عمارت جو مکيہ پايو آهي، تنهن صورت ۾ ان جي بنياد ۽ اتهاس کي ڄاڻڻ ضروري آهي" . (ڏسو ڪتاب مذڪوره صفحہ ٢٤٣ بمبئي ١٩٥١ع ايڊيشن) ساڳئي ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ آڏواڻي صاحب لکي ٿو تہ، "مطلب تہ شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ مڙني صوفيانہ رازن ۽

رمزن، عقيدن ۽ اصولن ڏانهن، نهايت ئي دلپذير نموني ۾ اشارا ايل آهن، جن مان روح کي هڪ عجيب راحت ۽ فيض ٿو رسي" . (صفحه ٢٥٠). رچرڊ برٽن (Burton) صاحب پنهنجي ڪتاب " سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون" ۾ لطيف متعلق مختصر ذڪر ڪيو آهي. سنڌس ڪتاب پهريون ڀيرو لطيف جي وفات کان پوءِ ٺيڪ هڪ سؤ سال بعد ١٨٥١ع ۾ ڇپيو هو. برٽن صاحب لکي ٿو ته " لطيف جي ڏيهه جا ماڻهو کيس ايران جي صوفي شاعر حافظ وانگر تصور ڪندا آهن". (ڏسو سنڌس ڪتاب صفحه ٨٣ آڪسفورڊ پريس ڪراچي ١٨٧٣ع ايڊيشن)

اسان جي پنهنجي مسلمان مصنفن جهڙوڪ مرحوم مير عبدالحسين خان سانگي پنهنجي پارسي ڪتاب " لطائفِ لطيفي"مرحوم مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب " احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي" ۽ مرحوم مولانا دين محمد وفائي پنهنجي ڪتاب "لطف اللطيف" ۾ شاهه جي صوفيانه ۽ عارفانه شاعريءَ بابت گهڻو ڪجهه لکيو آهي. مون انهن مسلمان مصنفن کي نظر انداز ڪري غير مسلم مصنفن جا حوالا ڏنا، جي سڀني اتفاق ٿا ڪن ته شاهه جي سموري شاعري تصوف سان رڱيل آهي ۽ ڪوڙهيءَ طور مذهبي آهي.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته جنهن به شخص کي مذهب ۽ تصوف جي ڄاڻ ۽ مطالعو نه آهي، اهو شاهه جي شاعريءَ بابت لکڻ جو ڪيئن مجاز آهي؟ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ شاهه جي فڪر، فلسفه ۽ شاعري جي اپٽار، پورهيت انقلاب جي آئيني سان ڪئي ۽ ان جي شروعات پرمٽوڪميونزم سان ٿئي ٿي. هن معيار تي منڪسم گورڪي جي مشهور روسي ڪتاب " امڙ" کي ته پرکي سگهجي ٿو پر شاهه جي رسالي ۽ سندس شاعريءَ کي هرگز پرکي نٿو سگهجي.

سائنسي ۽ ادبي کوجنائون

پنهنجي ڪتاب جي حق ۾ وڏيڪ دليل ڏيندي ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو ته " جيئن مغربي سائنسدان پراڻا ۽ فرسوده نظريا مٽائي ڇڏيا، تيئن ادب جي باري ۾ به آهي.جيئن اسان مغرب جي ايجاد خوردبينيءَ سان، گلن ٻوٽن، توڙي انساني جسم جي باريڪ جوڙجڪ ٿا ڄاڃيون، تيئن ادبي کوجنائن مان فائدو وٺي ۽ اسان پنهنجي ادب کي چڱيءَ ريت پرکي پروڙي ۽ ان مان وڏيڪ حظ حاصل ڪري سگهون ٿا."

ڊاڪٽر صاحب جي اها ڳالهہ صحيح آهي تہ مغربي سائنسدانن پراڻا فرسوده نظريا مٽائي ڇڏيا آهن. پر پنهنجي موقف جي وضاحت لاءِ ڪيس اهڙن فرسوده نظرين جا مثال بہ ڏيڻ کپن ها. هر شخص جنهن سائنس جي تاريخ پڙهي آهي، گواهي ڏيندو تہ علم سائنس ۾ جلدي تبديلي ايندي رهي ٿي ۽ هر سائنسدان پنهنجي پيش رو سائنسدانن جي نظرين کي باطل ۽ فرسوده قرار ڏئي ٿو. مثال طور ڪنهن سميءِ سائنسدانن جو نظريو هو تہ زمين هن ڪائنات جي مرڪز ۾ آهي. پر پندرهين صديءَ جي مشهور پولنڊ جي سائنسدان ڪوپرنيشس (Copernicious) ان نظريي کي فرسودو قرا ڏئي ٻڌايو تہ، زمين نہ پر سج ڪائنات جي مرڪز ۾ آهي. پر بعد جي سائنسدان مثلاً گليليو، ليونارڊو ونسي (Vinci) ۽ ڊنمارڪ جي مشهور سائنسدان ٽائڪو براهي (Tycho Brahe) ڪوپرنيشس جي نظريات کي فرسوده ثابت ڪيو. اٿين قصو هلندو آيو تان جو اڻويهين صديءَ ۾ آئن اسٽائن جي نظريہ اضافيت سائنس جي دنيا ۾ وڏو انقلاب پيدا ڪيو ۽ ڪيترين ئي سائنس توڙي فلاسفي جو ٿيئرون پنهنجي موت مري ويون ۽ نيوٽن جو لا آف ڪازيشن توڙي مادي جو پراڻو، غير فاني هجڻ وارو تخيل پرزا پرزا ٿي ويو. اهوئي سبب آهي تہ زمانہ حال جي هڪ وڏي دانشور فلسفي ۽ سائنسدان پروفيسر وائيٽ هيڊ (White head) پنهنجي ڪتاب سائنس ۽ جديد دنيا (Science and Modern World) ۾ لکي ٿو تہ " سائنس دينيات کان بہ وڌيڪ تغير پذير آهي. ڪوبہ سائنسدان اڄ غير مشروط نموني گليليو يا نيوٽن جي حمايت نہ ڪندو. پيو تہ ٺهيو، پر اهڙو سائنسدان ڏهہ سال اڳ پيش ڪيل پنهنجي سيني سائنسي معتقدات جي بہ تائيد ڪرڻ لاءِ تيار نہ رهندو."

(Science is even more changeable than theology. No man of science could subscribe without qualification to Galilo's belief or to Newtons, belief, or to all his scientific beliefs of ten years ago) (P _ 212, Palican 1938 Ed. London)

هيءَ آهي سائنسي نظرين جي تبديلي ۽ فرسوده ٿيڻ جي ڪهاڻي. هيننر مان ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ کان هڪ سوال ٿو پڇان. هو لکي ٿو تہ " جيئن مغربي سائنسدانن پراڻا ۽ فرسوده نظريا مٽائي ڇڏيا، تيئن ادب جي باري ۾ بہ آهي." مٿين مثالن سان مون ثابت ڪيو تہ سائنس جي دنيا ۾ ڪهڙا نظريا آيا ۽ فرسوده ٿي ويا. ان حد تائين تہ ڊاڪٽر صاحب جي ڳالهہ درست آهي. هاڻي مهرباني ڪري اسان کي اوهان ٻڌايو تہ ادب جي ميدان ۾ مغربي اديبن ڪهڙا

اسان جا ادبي نظريا فرسوده ثابت ڪيا. جو شاهه ڪي پرکڻ لاءِ اوهان فقط مغربي نقادن تي انحصار ڪيو آهي. اوهان جن مغربي ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن، انهن ۾ ڪٿي به ائين لکيل ڪونه آهي ته شاعري بابت " فلاڻن فلاڻن" مشرقي عالمن جا نظريا بيڪار ۽ فرسوده ٿي چڪا آهن ۽ انهن جي هينئر ڪا ضرورت نه آهي، هي فقط اوهان جو مفروضو آهي، جنهن جي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ ڪا حقيقت نه آهي. مثال طور لفظ " شاعريءَ" ڪي وٺو، اسان جي مشرقي عالمن لکيو آهي ته شاعري جي ڪا به جامع صحيح تعريف نه آهي. اهائي ساڳي راءِ مغربي عالمن جي پڻ آهي جيئن سورلي صاحب لکي ٿو ته:

(Poetry, Like romance, and rligion, and other terms of the same nature, is a word of vast but undefined meaning. P _ 199)

شيڪسپيئر، خيام، ۽ غالب جي پرک

پنهنجي ڪتاب جي حمايت ۾ وڏيڪ جواز پيش ڪندي تنوير صاحب لکي ٿو ته " شيڪسپيئر، خيام، يا غالب ڪي جهڙيءَ ريت گذريل صديءَ ۾ پرکيو ۽ سمجهيو ويندو هو، انهن شاعرن ڪي اڄ ان کان اماڻن جا نوان طريقا ايجاد ٿي ويا آهن، جي اسان انهن نون طريقن کان اکيون ٻوٽي ڇڏيون ته شاهه لطيف جي ڪيترن ئي خوبين کان بي خبر رهجي وينداسين ۽ سندس شعر ڪي چڱيءَ طرح ماڻي نه سگهنداسين" (صفحه ٩)

هتي به ڊاڪٽر تنوير صاحب ڏکو هنيو آهي. هو اسان ڪي ٻڌائي ته شيڪسپيئر، خيام، يا غالب ڪي اڄ ڪيئن گذريل صديءَ کان مختلف پرکيو وڃي ٿو. مهرباني ڪري شيڪسپيئر، خيام، يا غالب جي فن ۽ شاعري بابت اهڙن نون ڪتابن ۽ مصنفن جا نالا ٻڌايو؟ ظاهر آهي ته اوهان جو جواب نفي ۾ آهي. مثال وٺو شيڪسپيئر بابت سئمل جانسن هڪ ڪتاب پنهنجي مهاڳ ۽ نوٽس سميت ١٩٦٥ع ۾ شايع ڪرايو هو، جنهن کي سوا به سؤ سالن گذرڻ بعد اڄ به انگريزي ادب ۾ وڏي قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. ڊاڪٽر تنوير صاحب ٻڌائي ته شعر جي جديد پرک مطابق شيڪسپيئر بابت ڪهڙو ڪتاب اڄ جي زماني ۾ لکيو ويو، جنهن مطابق جانسن توڙي ٻين مصنفن کان شڪسپيئر کي بقول سندس جي مختلف نموني پرکيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو؟ ساڳيو سوال مان ڪانٽس

عمر خيام توڙي غالب متعلق پڇندس. تنوير ته شايد عمر خيام جو نالو ٻڌو آهي. کيس معلوم هئڻ گهرجي ته عمر خيام جي حياتي، فلاسفي ۽ شاعري بابت ڪافي ڪتاب لکيا ويا آهن، پر سڀ کان جامع ۽ بهترين ڪتاب مرحوم مولانا سيد سليمان ندويءَ جو ڪتاب " حيات عمر خيام" آهي جنهن لاءِ اهل ذوق حضرات جو چوڻ آهي ته ان کان افضل ڪتاب ڪونه لکيو ويو. شايد هن ئي ڪتاب لکڻ تي ايران گورنمنٽ سيد صاحب کي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني هئي. ڊاڪٽر تنوير صاحب اسان کي ٻڌائي ته اڄ عمر خيام کي سيد سليمان ندوي جي ڪتاب کان ڪيئن مختلف نموني سمجهيو ۽ پرکيو وڃي ٿو. مهرباني ڪري اهڙي مصنف جي نالي کان اسان کي آگاهه ڪريو. ظاهر آهي ته هن سوال جو اوهان وٽ ڪو جواب نه آهي. شيڪسپيئر ۽ عمر خيام سان گڏ غالب جي متعلق به اوهان ڏکي کان ڪم ورتو. غالب جي زندگي ۽ شاعريءَ بابت پهريون ڪتاب سندس شاگرد مرحوم مولانا الطاف حسين حالي " يادگار غالب" جي نالي سان لکيو. ٻڌايو ته اڄ بقول اوهان جي ڪٿي غالب کي مختلف نموني ۾ پرکيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو؟ جيئن اوهان شاهه لطيف جي شاعريءَ کي رڳو مغربي نقادن جي حوالي سان پرکيو آهي. ڇا غالب بابت به ڪو اهڙو ڪتاب لکيو ويو آهي؟ ته پوءِ اوهان لطيف جي شاعريءَ بابت پنهنجي ڪتاب ۾ چو تا اهڙي ڳالهه ڪريو.

سچ پچ ته مان تنوير جي ڪتاب جي جواب ڏيڻ لاءِ ان ڪري مجبور ٿيس جو ترقي پسند اديبن پروپئگنڊا ڪئي ته شاهه جي شاعريءَ بابت تنوير جو ڪتاب وڏو مقام رکي ٿو جو ان نموني شاهه کي اڄ تائين ڪنهن به نه پرکيو آهي. پر هيءَ دعويٰ بي بنياد ۽ غلط آهي.

ڇا شعر جي پرک جا طريقا بدليا آهن؟

ڊاڪٽر تنوير صاحب فرمائي ٿو ته " شاعري کي سمجهڻ، ان جو مزو ماڻڻ توڙي ان مان حظ حاصل ڪرڻ جا طريقا اڄ بدلجي ويا آهن." ٻين لفظن ۾ اسان جي مشرقي عالمن ۽ اديبن شاعريءَ جي مفهوم، پرک ۽ ان مان حظ وٺڻ لاءِ جيڪي ڪجهه لکيو، مغربي عالمن جي تحقيق ۽ کوجنائن ان کي بدلائي ڇڏيو. هن سلسلي ۾ مان مٿي لکي آيو آهيان ته ڪنهن به مغربي عالم پاڻ اهڙي دعويٰ ڪڏهن به نه ڪئي آهي. ان ڪري مون ڊاڪٽر صاحب کان سوال ڪيو ته مهرباني ڪري اهڙن مغربي مصنفن ۽ ڪتابن جا حوالا ڏيو، پر ان جي برعڪس مون مطالعو ڪري ڏٺو ته خود مغربي عالمن مشرقي

شاعريءَ کي خود مشرقي اديبن ۽ نقادن جي حوالي سان پرکيو. مثال طور پروفيسر نڪلسن صاحب جو ڪتاب " عربن جي ادبي تاريخ (A Literary History of Arabs) " يا براٿون جي ڪتاب " ايران جي ادبي تاريخ" (A Literary History of Persia) کي پڙهبو ته منهنجي نڪتي جي تصديق ٿيندي. ڊاڪٽر تنوير صاحب کي نڪلسن توڙي براٿون جي علم جي زڪوات ملي ته بہ پاڻ کي خوش نصيب سمجهي. ڊاڪٽر تنوير صاحب مون کي معاف ڪري، لطيف جي شاعريءَ بابت سندس ڪتاب پڙهي پڪ ٿيم ته مغرب جي ذهني غلامي ۾ مبتلا آهي ۽ شاعريءَ بابت جو ڪجهہ گورن لکيو آهي انکي سئو في صد درست سمجهي پنهنجي ڪتاب ۾ نقل ڪيو اٿس. جيتوڻيڪ انهن گورن پنهنجي طرفان مشرقي اديبن جي تنقيد ۽ تحقيق جي باري ۾ هڪ اکر بہ ڪونہ لکيو. پر تنوير ائين ٿو سمجهي تہ شعر جي پرک جا نوان طريقا ايجاد ٿي ويا ۽ پراڻا معيار بدلجي ويا، وارو ڪريو! لطيف کي جديد تحقيق مطابق پرکيو نہ تہ اسان هن جي شاعريءَ جو حظ نہ ماڻي سگهنداسون. منهنجي تنوير کي سهڻي صلاح آهي تہ اوهان فقط سنڌ ۾ پنهنجي ڪتاب جي ڇوٽا تعريف ڪرايو. مهرباني ڪري پنهنجي ڪتاب جون بہ چار ڪاپيون نوبل پرائيز وٺڻ لاءِ اسٽاڪ هوم موڪليو، جت دنيا جا سڀ اديب اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ اوهان جي تحقيق هنن جي لاءِ بہ مشعل راهہ بڻبي تہ شعر جي پرک لاءِ مشرقي اديبن جهڙوڪ ابن رشيق قيرواني يا حضرت نظامي عروضي سمرقندي جو ڪجهہ لکيو آهي اهو بڪواس آهي، مردود ۽ باطل سمجهڻ گهرجي ۽ هن سلسلي ۾ انگريز ليکڪ جي تحقيق سيني دنيا جي سٽريل پولين جهڙوڪ جرمن، فرينچ، اسپينش، روسي، عربي ۽ فارسي لاءِ واجب الاحترام ۽ قابل تقليد آهي.

ڊاڪٽر تنوير صاحب کي مشرقي شاعريءَ جو مطالعو نہ آهي ورنہ کيس خبر پئي ها تہ اڄ ٽي - ايس - ايليٽ وارن شاعريءَ متعلق جو ڪجهہ لکيو آهي، اهو گهڻي ڀاڱي اسان جي قديم دور جي مشرقي اديبن کان ورتل آهي. هن سلسلي ۾ ڪافي بحث ڪري سگهجي ٿو. پر هتي ايتري گنجائش نہ آهي. هڪ ٻن مثالن سان پڙهندڙ حضرات پڻ اندازو ڪري ويندا.

شاعري ابن رشيق ۽ ايليٽ جي نظر ۾

ياد رکڻ گهرجي تہ علامہ ابن رشيق جو اصلي نالو ابن علي الحسن بن ابن رشيق هو. هو افريقا جو باشندو هو. سندس ولادت

٩٩٩ع ۾ ٿي ۽ پنجهٺ سالن جي عمر ۾ سن ١٠٦۴ع ۾ وفات ڪيائين. ان حساب سان سنڌس لاڏاڻي کي نو سو سالن کان به وڌيڪ عرصو گذريو آهي. ابن رشيق جو پيءُ سونارڪو ڌنڌو ڪندو هو ۽ پنهنجي فرزند کي به ساڳئي ڌنڌي سان لڳايائين پر ابن رشيق پنهنجي آبائي ڌنڌي سان گڏ ادب ۽ شاعريءَ جي تحصيل ڪئي ۽ ان سلسلي ۾ افريقا جي دار العلم قيروان هليو ويو. جنهن ڪري کيس ابن رشيق قيرواني ڪري چوندا آهن. ابن رشيق پاڻ شاعر به هو. هن علم ادب بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا هئا. پر انهن سڀني مان سندس مشهور ڪتاب " العمدت في محاسن الشعر و آدابه و نقده" آهي جو شعر جي تحقيق ۽ تنقيد بابت لکيل آهي. ابن رشيق جي ڪتاب " العمدت" جي عظمت لاءِ علامه ابن خلدون جي هڪ ئي شاهدي ڪافي آهي جنهن لکيو آهي ته " فن شعر بابت ابن رشيق جي ڪتاب العمدت کان وڌيڪ درجي جو ٻيو ڪتاب نه لکيو ويو." شاعريءَ جي موضوع بابت ابن رشيق جو هڪ وڏو نظم آهي، جنهن جو آخري شعر آهي ته:

"فاذا قيل اطمع الناس طرا
واذا ريم اعجز المعجزينا"

يعني ته " جڏهن اهڙو شعر چيو وڃي ته سڀ ماڻهو طمع ڪن ته اسين به هوند اهڙوني چئي وجون، مگر جڏهن ڪوشش ڪن ته انهن کي عاجز ڪيو وجهي" . ابن رشيق جو شعر بابت هي امله شعر سڄي جو سڄو ابن خلدون پنهنجي مقدمه ۾ به نقل ڪيو آهي. (ملاحظه ٿئي مقدمه علامه ابن خلدون صفحه ٥٧٦ مطبوعه قاهره مصري نسخو) شعر بابت هي خيال هڪ هزار سال اڳ افريقا جي اونداهي ڪنڊ ۾ رهندڙ سونارڪو ڌنڌو ڪندڙ هڪ مسڪين مسلمان ابن رشيق پيش ڪيو هو. ۽ ساڳيو خيال لفظن جي ڦير گهير سان ويهين صديءَ جي مشهور انگريز اديب ۽ نقاد مسٽر ٽي . ايس . ايلٽ پيش ڪيو، جنهن جي ڪتاب مان ٻيا ڪيترائي حوالا ڊاڪٽر تنوير ڪوريا آهن. ايلٽ پنهنجي ڪتاب (On Poetry and Poets) ۾ اجهو هن طرح لکي ٿو:

(No Poetry, of course, is ever exactly the same speech that the Poet talks and hears: but it has to be in such a relation to the speech of his time that the Listener or reader can say, that is how I should talk if I could talk Poetry. P _ 31)

قارئين! انصاف ڪري ڏسندا ته شاعريءَ بابت ايلٽ جي ڪتاب مان نقل ڪيل آخري جملي کان به ابن رشيق جو جملو وڌيڪ افضل

آهي. ايلٽ جي آخري جملي جو مطلب اهي تہ " شاعريءَ جي پڙندڙ يا پڙهندڙ کي اها تمنا پيدا ٿئي تہ جي هو بہ شاعريءَ ۾ گفتگو ڪرڻ چاهي تہ هوند پاڻ بہ اهڙين ڪلام ڪري جيئن شاعر ڪيو آهي." پڙهندڙ حضرات کان شاعري ٻڌي ان طرز تي گفتگو ڪرڻ جي تمنا ٻنهي اديبن ابن رشيق ۽ ايلٽ وٽ موجود آهي، پر ابن رشيق آخري جملو لکي ايلٽ کي بہ ماري ويو. " اذا ريم اعجز المعجزينا" مگر جڏهن (پڙهندڙ يا ٻڌندڙ ڪوشش ڪن تہ انهن کي عاجز ڪيو وجهي." ان جو نالو آهي آفاقيت. ٻڌايو ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب! ڪٿي آهي اوهانجي ايلٽ جو مقابلو ابن رشيق سان؟ سچ پچ تہ پنهنجي لاکٽي لطيف جي شاعريءَ ان قسم جي آهي جا ابن رشيق بيان ڪئي. صاف ظاهر آهي تہ تنوير جو اهو چوڻ تہ جديد تحقيق جي روشنيءَ ۾ شعر جا طريقا بدلجي ويا، سراسر غلط ۽ بي بنياد آهي. مشرقي شاعريءَ جي پرکڻ ۽ ان جي ماڻ جا نوان طريقا ايجاد نہ ٿيا ۽ نہ وري ان جا طريقا بدليا. البتہ ترقي پسند سڀ اديب تنوير سوڌو پاڻ بدلجي ويا ۽ تاريخ جو فيصلو آهي تہ جي ماڻهو پنهنجي سونهري ورثي کي ڇڏي بدلجي ويندا آهن، انهن کي ڌاريا بہ پنهنجو نہ ڪندا آهن. بقول لطيف:

" هي مہ ڏيئي ٻن، تون وهہ ڪاني نہ مرين
تان جي ملير ڄاڻيون، توسين سنگ نہ ڪن
تون ڪينئن منجهان تن، پاڻ ڪوٺائين مارئي."

هڪ ٻيو مثال

ٽي - ايس ايلٽ پنهنجي ڪتاب ۾ چڱي شعر بابت اسان کي هڪ فطري قانون ڏانهن متوجه ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ "اهو قانون هي آهي تہ شاعريءَ کي اسان جي مروج استعمال ٿيندڙ چاهي ٻڌل روزمره جي ٻوليءَ کان گهڻو پري ڀٽڪي نہ وڃڻ گهرجي."

(The Law that Poetry must not stray too far from the ordinary every day Language which we use and hear. _ P 29)

ٻين لفظن ۾ هر اها شاعري جنهن ۾ روزمره جي ٻولي استعمال ٿيل نہ آهي تہ ان مان ڪو بہ مزو يا حظ محسوس نہ ٿيندو ڇو جو بهترين شعر اهو آهي جو عام فهم هجي ۽ عام فهم تڏهن ٿيندو جڏهن اهڙي شاعري روز مره جي استعمال ٿيل ٻوليءَ ۾ هجي. شيخ اياز صاحب جي شاعريءَ ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ هي عيب آهي جو اها مٿي ڏسيل ايلٽ جي معيار تي پوري نہ ٿي ٿئي. اصل ۾

چگي شعر لاءِ مٿين خوبيءَ جو هجڻ به ابن رشيق پنهنجي ڪتاب " العمدت" ۾ هڪ هزار سال اڳ پيش ڪيو. هو پنهنجي ڪتاب ۾ مهدي جي وزير ابو عبدالله جو هڪ قول نقل ڪري ٿو ته " چڱو شعر اهو آهي جو عام فهم هجي ۽ خاصن کي به پسند اچي".

"وقال ابو عبدالله وزير المهدي خير الشعر مافهمته العامت ورضيته الخاصة" ڏسو "العمدت" صفحه ١٣٣مطبوعه قاهره ١٩٣٤ع ايڊيشن.

تنوير فقط ايلٽ جو ڪتاب پڙهي غلط فهميءَ ۾ پنجي ويو. ۽ اهڙيءَ طرح اسان جي ماضيءَ جي شاندار لٽريچر کي مردود ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ جسارت ڪيائين. شاعري متعلق وڌيڪ مختصرگذارش ڪندي، حضرت علي رضه جو هڪ قول ٿو پيش ڪريان، جو ابن رشيق پنهنجي ڪتاب " العمدت" ۾ نقل ڪيو آهي يعني ته " شاعري ڪنهن قوم جو ميزان آهي. " الشعر ميزان القوم" (صفحه ٧٨) مان چئلينج ٿو ڪريان ته ڇا دنيا جي ڪنهن به لٽريچر ۾ شاعري بابت ههڙي تعريف ملي ٿي؟ ڪيئن ٿا چئو ته شعر کي سمجهڻ ۽ ان مان حظ وٺڻ جا طريقا بدلجي ويا آهن؟

حقيقت هيءَ آهي ته مٿين مثالن سان تنوير جي ڪتاب جو بنياد "منهدم" ٿي ويو. هن پنهنجي ڪتاب جي تاليف جا جيڪي به سبب ٻڌايا، مون هڪ هڪ ڪري ان جو جواب ڏنو. ثابت ٿي ويو ته سندس ڪتاب پڙهڻ سان لطيف جي شاعريءَ جي بلندي اوجهل ٿي ويندي، جو ته هن کي مشرقي شاعريءَ جو ڪو مطالعو نه آهي ۽ نڪي وري لطيفي فڪر جي ڪا ڄاڻ اٿس. ان ڪان پوءِ تنوير جي ڪتاب تي وڌيڪ بحث ڪرڻ جي ڪا ضرورت محسوس نٿي ٿئي. ان جي باوجود ڪتاب ۾ بعض اٽاريل بين نڪتن جو به جواب پيش خدمت آهي.

ڊاڪٽر تنوير صاحب ۽ قديم ڪميونزم جو نظريو

خبر نه آهي ته ڪهڙن سببن ڪري لطيف جهڙي هڪ خدا پرست صوفي شاعر جي شعر جي پرک لاءِ ڊاڪٽر تنوير عباسي قديم اشتراڪي سماج جي مسئلي تي ڪتاب جو آغاز ڪيو. مان مٿي لکي آيو آهيان ته هن معيار تي مشهور روسي اديب گورڪي يا پشڪن جا ڪتاب ته جاچي سگهجن ٿا پر لطيف جي رسالي ۽ شاعريءَ کي انهن اصولن تي هرگز توري نٿو سگهجي. ڊاڪٽر تنوير صاحب لکي ٿو ته: "انساني تهذيب جي پرهه ڦٽڻ وقت، انسان جو

سمورو سرمايو،انسانن لاءِ هو. پوءِ اهو سرمايو جسماني محنت جو نتيجو هجي يا ذهني پورهئي جو ڦل، ان تي ڪنهن بہ هڪ شخص يا ٽولي جو قبضو نہ هو. نہ ذهني پورهئي جي پرماريت هئي، نہ جسماني محنت جو استحصال. ان دور ۾ ڪاڏو خوراڪ، زمين جي پيداوار توڙي هر قسم جو سڪار سڀني سماج لاءِ هوندا هئا. ان سان گڏ ڪيت ۽ ناچ پڻ اجتماعي هئا." (ص ٣)

في الحقيقت مٿي تنوير جي الفاظ ۾ پرمٽو ڪميونزم جو تصور ڪارل مارڪس پنهنجن تحريرن ۾ پيش ڪيو تہ ان وقت ذهين انسانن شديد اعتراض ڪيا هئا. هنن جو چوڻ هو تہ انساني تاريخ ۾ اهين ڪڏهن ڪونہ ٿيو جو ڪاڌ خوراڪ، زمين جي پيداوار توڙي هرقسم جو شڪار سڀني سماج لاءِ هجي. مارڪس هن سوال جي جواب لاءِ هيءَ ٿيري وضع ڪئي تہ قديم انساني سماج ۾ گڏيل ملڪيت جو سسٽم رائج هو. مارڪس اهڙي دور کي (Thesis) ڪوٺي ٿو ۽ پوءِ انفرادي ملڪيت جوچڪر هليو،جو پهرئين دور جو (Antithesis) ڪوٺجي ٿو ۽ ان نموني سان ٽيون دور شروع ٿئي ٿو جنهن کي (Synthesis) ٿو ڪوٺجي.مارڪس پنهنجي سيني ڪتابن ۾ قديم ڪميونسٽ سماج لاءِ لکيو. پر خاص طور پنهنجي ڪتاب -The Philosophy of Pov) erty) ۾ بہ قديم اشتراڪي سماج بابت بحث ٿيل آهي. هي ڪتاب هن پنهنجي زماني جي مشهور فرينچ سوشلسٽ پرڊون (Prodhon) جي جواب ۾ لکيو هو. قديم سماجن جي اشتراڪي هجڻ جي دعويٰ مارڪسي مفڪرين زور شور سان پيش ڪئي. قديم مان هنن جي مراد اڄ کان ڪيترائي هزار سال آهي؛ پر جديد زماني ۾ تاريخ جي علم تي وڏي ۾ وڏي ريسرچ ٿي آهي. هن سلسلي ۾ جڳ مشهور تاريخدان انجهاني پروفيسر ٽوائن بي جون خدمتون ناقابل فراموش آهن، جنهن "تاريخ جو مطالعو" (A study of History) ٻارهن جلدن ۾ لکيو. سندس ڪتاب" مذهب جي متعلق هڪ تاريخدان جي گفت وشنيد (An Historion,s approach toReligion) تاريخ جي مطالعي جي سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي آهي. هن ڪتاب ۾ ٽوائن بي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ " انسان جي مدون تاريخ فقط ڇهہ هزار سال پراڻي آهي. (حوالي لاءِ ڏسو مسٽر سراج ميمڻ تي منهنجي تنقيد ڪتاب "پيلي تي پلڪار") هاڻي انهن ڇهن هزار سالن جي تاريخ ۾ ڪٿي بہ اشتراڪي سماج جو ڪو سراغ ئي ڪونہ ٿو ملي. محققين هيگل ۽ مارڪس جي تاريخ جي هن مادي تصور جو جائزو وٺي ثابت ڪيو تہ مٿي تاريخ جي ٽنهي دورن (Thesis) پوءِ (Antithesis) ۽ (Synthesis) بابت ڪنهن کي بہ شروعات يا پڇاڙيءَ جي ڪا خبر نہ

آهي. هڪ مغربي محقق ڪارل فيڊرن (Karl Federen) پنهنجي عالمانہ ڪتاب " تاريخ جو مادي تصور" (The Materialistic Conception of History) بابت مٿين راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ:

(History proceeds as an unending stream of which no one knows the beginning or the end. It provides no terminus aquo, and thus makes it impossible to determine which of its stages are thesis, Anti thesis or synthesis. P _ 209 , 1939 Ed)

اها بالڪل حقيقت آهي جيئن پروفيسر فيڊرن چوي ٿو تہ: " تاريخ هڪ اڻ کٽندڙ وهڪري جي مثل هلي ٿي جنهن جي منڍ ۽ پڇاڙيءَ جو ڪو پتو ڪونہ ٿو پوي" ۽ ڪهڙو دور ٿيسز، انٽي ٿيسز يا ان جو سنٿيسز آهي. ان ڪري قديم اشتراڪي سماج متعلق مارڪسي مفڪرين جي دعويٰ هڪ گهڙو ۽ تاريخي افسانو آهي جنهن کي تنوير بنان ڪنهن سوچ سمجهہ جي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ڇڏيو. پر قديم اشتراڪي سماج واري بحث کي ختم ڪندي ضروري آهي تہ هن نظريہ جي باني ڪارل مارڪس بابت بہ ڪي اکر قارئين اڳيان پيش ڪيان. اڄوڪي دور ۾ مارڪس جي بلند شخصيت بابت جيتري پروپئگنڊا ٿي آهي ايتري شايد ئي ڪنهن شخصيت لاءِ ٿي هجي. پر حقيقت هي ريت آهي تہ مارڪس همعصر دانشورن جهڙوڪ جان اسٽوئرٽ مل (John Stuart Mill) ۽ ٻين اڳيان علمي ڄامڙو هو ۽ مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ پنهنجي وقت جو وڏ ۾ وڏ غير معروف انسان هو ۽ هيئنئر مرڻ کان سؤ سال بعد دنيا جو عظيم ترين دانشور سڏجي ٿو. ويهين صديءَ جي وڏي دانشور ۽ ممتاز فلسفي آنجهاني برٽراندرسل (Bertrand Russel) پنهنجي ڪتاب (Portraits from Memory) ۾ مارڪس جي شخصيت متعلق جيڪي ڪجهہ لکيو، اهو نهايت ئي بصيرت افروز ۽ دلچسپ آهي. لکي ٿو، تہ " مارڪس جنهن کي اڄ اسين ڏسون ٿا تہ جان اسٽوئرٽ مل جو وڏو بااثر همعصر هو، پر جيتري قدر مان معلوم ڪري سگهيو آهيان تہ "مل" پنهنجي ڪنهن بہ تحرير ۾ مارڪس جو ذڪر بہ نہ ڪيو آهي. بالڪل ٿي سگهي ٿو تہ "مل" مارڪس کي ٻڌو بہ نہ هجي. مارڪس جو ڪميونسٽ منشور " مل" جي ڪتاب " پوليٽيڪل اڪانومي" وانگر ساڳي سال ۾ شايع ٿيو هو. پر تهذيب جي نمائندي کي مارڪس جي ڪتاب جي ڪا ڪل نہ رهي. مون کي تعجب آهي تہ اسان جي اڄوڪي دور ۾ هڪ غير معروف شخص سؤ سال گذرڻ بعد ڪيئن پاڻ کي اسان جي عهد جو سڀ کان بلند يا نمايان شخصيت ثابت

ڪندو".

(Marx whom we can now see to have been the most influential of Mills, contemporaries, is, so far as I have been able to discover, not mentioned in any of Mill's writings, and it is quite probable that Mill never heard of him. The Communist Manifesto was published in the same year as Mill's Political Economy but the men who represented culture did not know of it. I wonder what unknown person in the present day will prove, a hundred years hence, to have been the dominant figure of our time. P 121, 122 Unwin Ltd London 1957 ED)

هي آهن مارڪس جي شخصيت متعلق دنيا جي هڪ عظيم ترين دانشور جا رمارڪ، جنهن جي هڪ افسانوي فلاسفي سان ڊاڪٽر تنوير صاحب لطيف جي شاعريءَ متعلق ڪتاب جي شروعات ڪئي آهي. ڪٿي مارڪس! ۽ ڪٿي لطيف! بقول اقبال:

"پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور شاہین کا جہاں اور"

پنهنجي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر تنوير صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته " ان سموري نظام ۾ سنڌ به سڄيءَ دنيا سان بدلبي رهي. انهن تاريخي تبديلين جي شڪنجن ۾ سنڌ به جڪڙيل رهي. سنڌ تي عربن، ارغونن، ترخانن جي حملن ۽ مغلن جي ڪاهن سنڌي ٻوليءَ کي ڇيهاٽي ڇڏيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ شعر چوڻ وارا سرڪاري ۽ درٻاري سرپرستي نه هجڻ سبب گمنام ٿيندا ويا. پهرين عربي ۽ پوءِ فارسي زبان ۾ شعر چوندڙن جو نانءُ نمود ٿيڻ لڳو. سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعرن قاضي قاضن، شاهه ڪريم بلڙيءَ واري، لطف الله قادري ۽ شاهه عنايت جو ڪلام گم ٿي ويو." (ص ۴ ۽ ۵)

عربن جي حڪومت ۽ سنڌي ٻولي

عربن جي متعلق پنهنجي سنڌ جي ترقي پسند اديبن جون تحريرون پڙهي مون کي ارمان به ٿيندو آهي ۽ کل به ايندي آهي. ڪڏهن ٿا چون فاتح عربن، مفتوحن جا سڪندريه ڪتب خاني وانگر سنڌ ۾ به لائبريريون ساڙيون ۽ مون هن الزام جي ترديد ۾ خود مغربي عالمن ۽ تاريخدانن جا حوالا پيش ڪيا ۽ اسان جي دوستن کي جواب ڏيڻ جي جرئت ني نه ٿي. ملاحظه ٿئي منهنجو ڪتاب "پيلي تي پلڪار" ۽ هاڻي تنوير صاحب چوي ٿو ته عربن سنڌي ٻوليءَ

ڪي ڇپيائي ڇڏيو. مان اوهان ڪان پڇان ٿو تہ عربن جي خلاف هن بي بنياد الزام جي لاءِ اوهان وٽ ڪهڙي ثابتي آهي؟ عربن جي علم دوستيءَ لاءِ مغربي عالمن جهڙوڪ بريفالٽ، هٽي، برٽراندرسل ۽ مشرقي دانشورن مسٽر ـ ايم ـ اين ـ راءِ ۽ جواهر لال نهرو جهڙن دانشورن جون تحريرون پيش ڪري سگهجن ٿيون. ڇا اوهان انهن هڙني مقتدر شخصيتن کان وڌيڪ علم رکو ٿا؟ تنوير صاحب مون کي معاف ڪري، هن کي تہ انگريزي عبارتن جو صحيح سنڌي ترجمو ڪرڻ بہ ڪونہ ٿو اچي، جيئن اوهان اڳتي هلي اهڙا مثال پڙهندا. عربن سنڌي ٻوليءَ کي ڪڏهن بہ نہ ڇپيائيو. هي ڪوڙو الزام آهي، بهتان ۽ سراسر علمي بدديانتي آهي. ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ تنوير سنڌي ڪتاب بہ چڱي طرح ڪونہ پڙهيا آهن ورنہ مٿين الزام جو ڪيس تسلي بخش جواب ملي ها. عربن پنهنجي دور حڪومت ۾ سنڌيءَ سان ڪهڙي هلت ڪئي، ان جو مدلل جواب جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب " سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" ۾ ڏنو آهي. تنوير جي خدمت ۾ حوالو عرض رکان ٿو. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ " هن حقيقت مان ظاهر آهي تہ سرزمين سنڌ ۾ نہ صرف عربيءَ جي اڀياس لاءِ درسگاهون هيون، مگر سنڌي بلڪ هندي زبانن جي مطالعہ لاءِ جوڳو بندوبست ٿيل هو. سنڌ ۾ سنڌي توڙي عربي ٻنهي ٻولين کي وڏي اهميت هئي. ڇو تہ عربن ۽ سنڌين جي گڏيل رهڻي ڪهڻي سبب ٻئي هڪ ٻئي جي ٻولي سمجهندا ۽ ڳالهائيندا هئا. جملي عرب سياحن جو بيان آهي تہ سنڌ ۾ سنڌي توڙي عربي ٻولي،ٻئي رائج هيون. جنهن مان ثابت آهي تہ عرب حڪومت،سنڌي ٻوليءَ کي وڏي اهميت ڏني، ۽ ان جي ترقيءَ ۽ واڌاري جو باقاعدي انتظام ڪيو". (صفحو ۴٣ حيدرآباد ١٩٦٢ع ايڊيشن) عربن جي دور حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڪيئن فروغ ٿيو؟ انلاءِ ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ ساڳئي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ " فتح اسلام بعد جيئن پوءِ تيئن عربي جي معاشري ۾ عربي ٻوليءَ جي اثر هيٺ، سنڌي ٻوليءَ ۾ وڌيڪ مرڪزيت پيدا ٿي. ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت بدلي، ٻوليءَ جي تمدني سرمايہ ۾ واڌارو ٿيو ۽ٻوليءَ جي سٽاءَ، صورتخطي ۽ صرف نحو تي اثر پيو. ملڪ ۾ علمي ترقي سببان، سنڌي ٻولي جا عالم ۽ شاعر پيدا ٿيا. عرب عالمن سنڌي ٻولي، ادب توڙي صورتخطيءَ ۾ دلچسپي ورتي، ان بابت تبادلہ خيالات ڪيو ۽ پنهنجي معلومات پنهنجين تصنيفن ۾ قلمبند ڪئي. سنڌي ٻولي پهريون دفعو عربي صورتخطيءَ ۾ لکجڻ ۾ آئي، جنهن جو اوائلي ۽ نادر مثال انهيءَ سنڌي شاعر جي قصيدي

جو بيت اهي، جيڪو هن يحيٰ يا ان جي پٽ فضل برمڪيءَ جي تعريف ۾ چيو." (ص ٥٠)

فضل برمڪيءَ جي تعريف ۾ اڄ کان ٻارهن سو سال جو اڳ ڇيل سنڌي شاعر جو قصيدو عربي ڪتاب " مجمل التواريخ والقصص" ۾ نقل ٿيل آهي. شعر هن طرح آهي.

" ارهه برهه کنکره کراکري مندره"

هي شعر ٻڌي فضل برمڪي پڇيو ته ڇا ٿو چوي؟ ترجمان ورندي ڏني ته چوي ٿو ته:

" واذالمکارم في آفاقنا ذکرت
فانمابک فيها يضرب به المثل"

" جڏهن اسان جي طرف چڱاين ۽ نيڪين جو ذڪر نڪرندو آهي، تڏهن تنهن جو مثال ڏيندا آهن" مٿيون بيت پير حسام الدين راشدي صاحب به پنهنجي ڪنهن تصنيف ۾ نقل ڪيو آهي. ڊاڪٽر تنوير صاحب دل تي هٿ رکي ٻڌائي ته ڪيس قديم سنڌيءَ جي نموني جا الفاظ به عربي ڪتابن ۾ نٿا ملن؟ صاف ظاهر آهي ته عربن جي دورحڪومت ۾سنڌي ٻوليءَ کي تنوير جي لکڻ مطابق ڇيپاٽيو نه ويو. هي راءِ عدم واقفيت ۽ تعصب تي مبني آهي، جنهن جي ڪوڙي هجڻ لاءِ تاريخ جا صفحا شاهد آهن. تاريخ مان تصديق ٿي ٿئي ته عربن جي دور حڪومت ۾ سنڌي زبان جو فروغ ٿيو، ان ۾ مرڪزيت پيدا ٿي ۽ ان جي صورتخطيءَ جو پڻ بنياد پيو.

ارغون ۽ ترخان دور ۾ سنڌي شاعر

ڊاڪٽر تنوير صاحب ارغوني ۽ ترخاني دور جو به ذڪر ڪيو آهي ته سنڌن دور ۾ به پارسي شاعرن جي همت افزائي ٿي ۽ شاهه ڪريم توڙي لطف الله قادري جو ڪلام گم ٿي ويو. جيڪڏهن انهن شاعرن جو ڪلام گم ٿيو ته اڄ وري ڪيئن دستياب ٿيو؟ بيشڪ ارغونن ۽ ترخانن جي دور حڪومت ۾ سنڌ جي سرڪاري زبان پارسي هئي ۽ پوءِ جيڪڏهن هن سبب ڪري مٿين گهراڻن جي عهد حڪومت ۾ سنڌي ٻولي ڇيپاٽجي وئي ۽ شاعرن جو ڪلام گم ٿي ويو ته پوءِ ڪلهوڙن جي دور حڪومت کي سنڌي زبان جو سونهري دور ڇو ٿو ڪوٺيو وڃي؟ ڪلهوڙن جي وقت ۾ به سنڌ جي سرڪاري زبان پارسي هئي. ۾ اسين ڏسون ٿا ته هن ئي دور ۾ لطيف جهڙي باڪمال شاعر جوظهور ٿيو جوبقول ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي " سندس شاعراڻيءَ خستوريءَ سڀ ولات واسي ڇڏي آهي" . ارغونن جي دور

حڪومت ۾ بہ جيتوڻيڪ پارسي سرڪاري زبان هئي، پر ڊاڪٽر صاحب کي معلوم هجڻ کپي تہ هيءُ ئي مبارڪ دور هو، جنهن ۾ سنڌ جو عظيم شاعر شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو پيدا ٿيو، جو حقيقي معنيٰ ۾ سنڌي زبان جو چاسر (Chaucer) آهي. شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي تحقيق مطابق سنڌ جو هي ناميارو شاعر ٢٠ جنوري ١٥٣٨ع ۾ ڄائو هو. ١٩٣٧ع ۾ علامہ مرحوم ڪافي تحقيق ۽ تدقيق ڪان پوءِ شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام شايع ڪيو آهي. سندس شعر جي خوبين بابت ڊاڪٽر دائود پوٽہ صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ "شاهہ ڪريم سنڌ جي شعر جو وهائو تارو ۽ سنڌ جي شاعرن جي سرتاج سهڻي شاهہ عبداللطيف جو مبشر آهي." (شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام صفحو ٢٨ بمبئي ڇاپو ١٩٣٧ع) سنڌ جي شعر جو هي وهائو تارو ۽ لطيف جو مبشر بہ ارغونن جي دور جو پيداوار آهي. شاهہ ڪريم جو شعر آهي تہ:

"تون چو الله هيڪڙو، وائي ٻي م سڪ،
سچو اکر من ۾ سو ئي لکنو لک"

پوءِ ڪيئن ٿا چئو تہ ارغونن جي دور ۾ سنڌي زبان کي ڇپپائيو ويو. ارغونن جي دور جو ٻيو مشهور سنڌي شاعر قاضي قاضن آهي، جنهن جا ست بيت بيان ڪيا ويا آهن. فرمائي ٿو:

"سي ئي سيل ٿيام پڙهيام جي پاڻ لئي
اکر اڳيان اپري واڳو ٿئي وربام"

مخدوم پير محمد لکوي بہ ارغوني دور جوهڪ سنڌي شاعر ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس هڪ بيت آهي تہ:

"اي صبا واءِ صبوح جا خاطي خير هتاءِ
تون ربپارو رحمان جو ۽ قاصد قربباءِ"

ارغوني دور ۾ ٻيا بہ سنڌي شاعر ملن ٿا. جهڙوڪ مخدوم نوح، لطف الله قادري ۽ عثمان احساني. مخدوم نوح عليہ رحمت چوي ٿو:

"نہ سي جوڳي جوءِ ۾، نہ سي سامي واڻ
ڪاپڙين ڪنواڻ، وڏي ويل پلاڻيا"

لطف الله قادري جو هڪ بيت آهي تہ:

"لاسي لہ ٿيون پار الاهہ جي آئيا
ڪين ڪنياڻون پاڻ سين سچو پہ پنون
وجي تاڪنون منجهہ سير سراءِ سبحان جي"

ارغوني دور جي آخري هڪ شاعر عثمان احسانيءَ جو هڪ

شعر بہ نموني طور نقل ڪجي ٿو. فرمائي ٿو:

"وهاءِ ڙي ويلو ٿي، اٿي بندا جاڳ
جنهن محمدؐ مجيو سدا تن سهاڳ
احساني عثمان چوي پريو تن جو ڀاڳ
ڪلمي جي قرار سين لطفون لهندا لاڳ"

ارغوني دور جي سنڌي شاعرن جو مٿي مختصر جائزو ورتو ويو. ان جي پڙهڻ مان قارئين ڪرام کي خبر پئي ته اسان جي ٻوليءَ جو وهانو تارو ۽ چاسر شاهہ ڪريم توڙي ٻيا نامور شاعر هن ئي دور ۾ پيدا ٿيا. عربن جي دور حڪومت جو بہ ذڪر مٿي ڪيو ويو. جنهيءَ طرح ڊاڪٽر تنوير جي الزام جي ترديد ٿئي ٿي ته پنهنجي خاندانن جي راڄ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڇيپاٽيو ويو. تنوير جو هي ارشاد گرامي بہ غلط آهي ته شاهہ ڪريم يا لطف الله قادري جو ڪلام گم ٿي ويو. هن مان اهو بہ واضح ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب کي سنڌي ادب جي تاريخ جو ڪو مطالعو نہ آهي. بس رڳو ايلٽ، يا ارزاپائونڊ جا ڪتاب پڙهي هو لطيف جي شاعري بابت لکڻ لاءِ ڪلاهن بہ مستحق ٿي نٿو سگهي.

ايلٽ ۽ سورلي جا غلط ترجما

لائق مصنف ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيترن ئي مغربي مصنفن جي ڪتابن مان ترجما نقل ڪيا آهن. پر مون کي هي ڏسي سخت تعجب ۽ افسوس ٿيو جو محترم ڊاڪٽر صاحب اصل ڪتابن جي حوالن سان غلط ترجما نقل ڪيا آهن ۽ انشاءَ الله آئنده صفحات ۾ انهن جي موقع محل تي نشاندهي ڪندو رهندس. صاف ظاهر آهي تہ موصوف جي انگريزي ڪچي آهي. لکي ٿو تہ " پر ٽي . ايس . ايلٽ جي لکڻ موجب هر قوم کي لازمي طور تي پنهنجي شاعري هوندي آهي." (صفحہ ٦) هيٺ حاشيه ۾ ڊاڪٽر صاحب ايلٽ جي "آن پوئٽري اينڊ پوئٽس" جي صفحہ جو حوالو ڏنو آهي. خوش قسمتيءَ سان ايلٽ جو مٿيون ڪتاب منهنجو پڙهيل آهي. سندس ڪتاب مان اصل اقتباس هن ريت آهي تہ:

(For I think it is important that every people should have its own poetry. P _ 18)

ايلٽ جي ڪتاب ۾ مٿيون جملو اڳتي بہ هلي ٿو پر ڊاڪٽر صاحب مٿي اڌ جملي جي معنيٰ لکي آهي سا بہ غلط آهي. مٿين جملي جو صحيح ترجمو هن ريت ٿيندو تہ " ڇاڪاڻ تہ منهنجي خيال

۾ هر قوم کي لازمي طور پنهنجي شاعري هجڻ گهرجي." جڏهن ته ڊاڪٽر صاحب ايلٽ جي جملي جو ترجمو ڪيو آهي" ته " هر قوم کي لازمي طور تي پنهنجي شاعري هوندي آهي" يعني " هجڻ گهرجي" جي عوض " هوندي آهي" ترجمو ڪيو ويو. ايلٽ هڪ دانا ۽ محقق اديب آهي هو ڪيئن اهڙو غير معقول بيان ڪندو ته هر قوم کي لازمي طور پنهنجي شاعري هوندي آهي؟ ڇو جو دنيا ۾ اهڙيون قومون به آهن جن وٽ اڃا تائين پنهنجي شاعري نه ڪانه آهي. ايلٽ صحيح لکيو آهي ته سندس خيال مطابق هر قوم وٽ لازمي طور تي پنهنجي شاعري هجڻ گهرجي. پر اسين ڏسون ٿا پيا ته اڄ جي دنيا ۾ به ڪي قومون پنهنجيءَ شاعريءَ کان محروم آهن. جو انهن لاءِ الميو آهي. ايلٽ جي ڪتاب کان علاوه ڊاڪٽر صاحب سورلي صاحب جي انگريزي ڪتاب " شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" جي صفحه ٢٣٧ مان هڪ عبارت جو ترجمو هن طرح ڪيو آهي ته " سارلي جي لکڻ موجب پنهنجي دور ۾ قائم ٿيل ذهني سامراجيت کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيو." (صفحه ٧) ڊاڪٽر سورلي صاحب جو هي رمارڪ لطيف بابت آهي. سندس ڪتاب ۾ اصل انگريزي عبارت هن ريت لکيل آهي ته:

(The importance of shah Abdul Latif, however, is that he did succeed breaking away to some extent from the prevailing intellectual domination. P _ 237)

جنهن جو وري صحيح ترجمو ٿيندو ته " بهرحال شاهه عبداللطيف جي هي اهميت آهي ته هو مروج ذهني ڪنٽرول يا تسلط کي ڪنهن حد تائين ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ويو" ناظرين پاڻ انصاف ڪري پيئاني ڏسو ته سارلي جي انگريزي عبارت جو ڪيڏو نه غلط ترجمو ڊاڪٽر صاحب ڪيو آهي. انگريزي لفظ (Domination) جو صحيح ترجمو تسلط ياڪنٽرول ٿيندو ۽ ڊاڪٽر صاحب مذڪوره لفظ جي معنيٰ سامراجيت لکي جا بلڪل غلط آهي، ڇو جو سامراجيت لاءِ انگريزي لفظ امپرلزم استعمال ٿيندو آهي. ٻيو ته سورلي صاحب جي نقل ڪيل انگريزي لفظ (To some extent) جو مورڳو ترجمو (ڪنهن حد تائين) حذف ڪيو ويو. اڳتي به قارئين آڏو ترجمي جي غلطين جي نشاندهي ڪندس. سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب انگريزي عبارتن کي صحيح طور پروڙي نه سگهيو. ان نموني ته ڪتاب جي علمي حيثيت به وڌيڪ ختم ٿئي ٿي، ڇو جو جن مغربي نقادن تي انحصار ڪيو ويو، انهن جي ڪتابن مان به غلط ترجما ڪيا ويا آهن. مشرقي نقادن مان ته ڊاڪٽر صاحب بالڪل اڻ

واقف آهي، پر مٿين مثالن مان ظاهر ٿيو ته موصوف مغربي نقادن جي زبان ۽ معنيٰ پرورڻ جي صلاحيت کان به محروم آهي.

"پوچھتے ھیں وہ کہ غالب کون ھے
کوئي بتلائے ھم بتلائیں کیا."

لطيف جي شاعريءَ ۾ عربي ۽ فارسي لفظ

لطيف جي شاعريءَ بابت وڏيڪ وضاحت ڪندي ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته، " هي به روايتون عام آهن ته سائنس هر وقت مولانا روميءَ جي مثنوي هوندي هئي. ان مان ثابت ٿيو ته هو فارسي پڻ ڄاڻندو هو. پر تنهن هوندي به هن پنهنجي بيتن ۾ عربي ۽ فارسي لفظ انهيءَ ڦريل صورت ۾ استعمال ڪيا آهن، جنهن صورت ۾ عام ماڻهو اچاريندا آهن. شاهه لطيف عالمن ۽ وڏسايل طبقن جي غير فطري ۽ متڪلف اچارڻ واري ٻولي ڇڏي عام پسند جي ڳالهايل ٻوليءَ ۾ اچار ڪتب آندا آهن. هن عام ماڻهوءَ سان سنڌس ٻوليءَ ۾ ڳالهايو آهي. سر ليلا چنيسر جو هيءُ بيت پڙهو.

"م ڪر ڊول ڊلو ناتو نماڻيءَ سين،
ڪونهي ڪمينيءَ جو بگر تو بلو،
تنهن جوناءُ نلو، وٺي ويٺي آهيان."

مٿين شعر ۾ اصل لفظ " بغير" بدران ان جي سنڌيءَ ۾ عام رائج بگڙيل صورت "بگر" استعمال ڪئي وئي آهي. غ جو اچار سنڌي ماڻهن کي نٿو اُڪري، تنهن ڪري هو اڃا تائين غ کي " گ" اچاريندا آهن." (ص ٨)

ڊاڪٽر صاحب جو اهو چوڻ آهي ته شاهه پنهنجي بيتن ۾ عربي ۽ فارسي لفظ عام ماڻهن جي اچارن مطابق ڦريل صورت ۾ استعمال ڪيا آهن انڪري اها شاهه لطيف جي عوامي ٻولي ۽ عوامي لهجو-آهي. ان جي ثابتي لاءِ موصوف سر ليلا چنيسر مان مٿيون بيت نقل ڪيو آهي جنهن ۾ عربي لفظ بغير جي بگڙيل صورت بگر ڪم آندل آهي جو ته بقول ڊاڪٽر صاحب غ جو اچار سنڌي ماڻهو گ سان ڪندا آهن. تنوير صاحب جي هيءَ راءِ بلڪل غلط ۽ خلاف حقيقت آهي. لطيف بغير جي بدران بگر جو لفظ شاعرانه صنعت ڪري استعمال ڪيو آهي. اردو شاعريءَ ۾ به اهڙا مثال ملن ٿا. مثلاً مرحوم اڪبر الله آبادي پنهنجي هڪ شعر ۾ انگريزي لفظ " رپورٽ" کي شاعرانه صنعت مطابق ان جي ڦريل صورت " رپٽ" استعمال ڪيو آهي چوي ٿو ته:

" رقيبون نے رپٽ لکھوائي ھے جاجاکے تھانون مين
کہ اکبر نام ليتا ھے خدا کا اس زمانے مين"

لفظن جي بگڙيل صورت شاعرانہ صنعت جي ڪري استعمال ٿيندي آهي، جيئن لطيف ۽ اڪبر جي بيتن مان ان جي ثابتي ملي ٿي. ڊاڪٽر صاحب وڏيڪ فرمائي ٿو تہ لطيف بغير جي عوض ان جي بگڙيل صورت " بگر" ان ڪري استعمال ڪئي ڇو جو " غ جو اچار سنڌي ماڻهن کي نٿو اُڻڙي، تنهن جي ڪري هو اچا تائين غ کي " گ" اچاريندا آهن" . هيءُ بہ ناقص راءِ آهي. جيڪڏهن تنوير جو هي خيال صحيح تسليم ڪجي تہ پوءِ ٻڌايو تہ شاهہ صاحب پنهنجن ٻين بيتن ۾ غ جو اچار ڇو گ سان استعمال نہ ڪيو آهي؟ مثال طور سر سريراڳ ۾ شاهہ هڪڙي هنڌ چوي ٿو تہ:

" غافل ٿي غراب کي اوڙهہ تي آندوءِ"

تنوير جي ٿيئري مطابق تہ مٿين پڙهڻي هن ريت هجڻ کپي " گافل ٿي گراب کي اوڙهہ تي انوءِ" ٻيو مثال وٺي ڏسو. غواص نج عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٽوٻو. لطيف پنهنجي هڪ بيت ۾ غواص جي لفظ کي سندس بگڙيل صورت " گواص" (گ سان) ڪونہ اچاريو آهي. سرسريراڳ ۾ لطيف سائين فرمائي ٿو.

" اي گت غواصن،جيئن سمنڊ سوجهائون،
پيهي منجهہ پاتارجي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرولال هٽن سين"

صاف معلوم ٿيو تہ جناب تنوير صاحب جي ٿيئري ئي غلط آهي. حيرت آهي تہ شاعر هجڻ جي باوجود هن کي ڪل ئي نہ آهي تہ شاعرانہ صنعت جي ڪري بگڙيل الفاظ بہ شعر ۾ ڪم ايندا آهن جيئن لطيف بغير کي بگر ۽ اڪبر الله آبادي " رپورٽ" کي رپٽ طور استعمال ڪيو. جيڪڏهن غ جو اچار سنڌين کي نٿو وڻي ۽ ان جي عوض هو گ کي اچاريندا آهن تہ پوءِ لطيف مٿين بيتن ۾ غ جو صحيح اچار ڇو ڪيو؟ " شاهہ جي عوامي ٻولي ۽ عوامي لهجہ" جي عنوان هيٺ تنوير جو لکيل بيان غلط ۽ حقيقت جي خلاف آهي. شاهہ پنهنجي رسالي ۾ نج سنڌي لفظ بہ ڪم آندا، پر ان جو مطلب هرگز اهو نہ آهي تہ هن عربي ۽ پارسي لفظ ئي ڪم نہ آندا. اسين ڏسون پيا تہ پٽ ڏٺي ڪيترن ئي عربي ۽ پارسي لفظن کي اصل صحيح صورتخطيءَ سان ڪتب آندو آهي. سنڌ جي هڪ لاثاني اديب مرحوم و مغفور حڪيم فتح محمد سيوهاڻي صاحب پنهنجي ڪتاب " آفتاب ادب" ۾ شاهہ جي رسالي مان ڪن ٿورن عربي ۽ فارسي لفظن جي لسٽ ڏني آهي جي هوبهو ٻنهي ٻولين جي صورتخطين ۾

لکيل آهن. (ملاحظ ٿئي مذڪوره ڪتاب صفحو ٩٦ کان ٩٩،ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ٽيون ڇاپو) شاه جي رسالي مان نج عربي لفظ نقل ڪرڻ بعد مرحوم حڪيم صاحب لکي ٿو ته " هاڻي مٿيان لفظ پڙهو ۽ ٻڌايو ته اهي نج سنڌي ٻوليءَ جا آهن؟ ڇا عام ماڻهو مٿين لفظن مان هي لفظ ٻنان سمجهڻ سمجهندا؟ ڇا عام ماڻهو هندو ۽ مسلمان ڳوٺاڻا هي لفظ عام طرح ٻوليءَ ۾ ڪم آڻيندا آهن؟" (ص ٩٧) شاه جي رسالي مان ڪن نج فارسي لفظن جي فهرست نقل ڪرڻ بعد مرحوم حڪيم صاحب وڏيڪ لکي ٿو ته "هنن فارسي لفظن ۾ ڪيترائي لفظ اهڙا آهن، جيڪي عام ماڻهو نه ڳالهائيندا آهن ۽ نه سمجهندا آهن. مثلاً رهنمائي،هر زمان، ناوڪ، رنجوري، بازنده غم گذار،ابر، سلحدار، تشنگي،تنها وغيره وغيره." (ص ٩٨)

ثابت ٿي ويو ته شاه لطيف بابت تنوير جو هي خيال ته " هن پنهنجي بيتن ۾ عربي ۽ فارسي لفظ انهيءَ ڦريل صورت ۾ استعمال ڪيا آهن، جنهن صورت ۾ عام ماڻهو اُچاريندا آهن. شاه لطيف عالمن ۽ ورسايل طبقن جي غير فطري ۽ متڪلف اچارن واري ٻولي ڇڏي، عام پسند جي ۽ ڳالهايل ٻولي ۽ اچار ڪتب آندا" سراسر غلط آهي. ڏسڻ ۾اچي ٿو ته موصوف شاه جي شاعريءَ جو ڳوڙهو اڀياس نه ڪيو آهي.

لطيف جي عوامي ٻولي ۽ لهجي متعلق وڌيڪ لکندي ڊاڪٽر تنوير صاحب رسالي جي سر ليلا چنيسر جو هيٺيون بيت نقل ڪيو آهي:

" چني چنيسر ڄام سين ليلا تون نه لڪاءِ
دوس تنهنجو داسڙو ڪاند وڏياني ڪاءِ
ته ڍولو ڍڪ سنڌياءِ ،عيبن ڪي آڏو اچي"

هن شعر بابت لائق مصنف پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته " مٿين شعر ۾ "دوس" فارسي لفظ دوست جي بگڙيل صورت آهي." (ص ٩) جواب ۾ عرض ته هي به شاعرانه صنعت جي هڪ صنف آهي. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته محترم ڊاڪٽر صاحب لطيف کي چڱيءَ طرح مطالع ڪونه ڪيو آهي،ورنه ڪيس معلوم ٿئي ها ته لطيف پنهنجي بيتن ۾فارسي لفظ دوست به ڪيترين جڳهن تي استعمال ڪيو آهي. جيئن لطيف هڪڙي هنڌ فرمائي ٿو ته:

" ڪي اوڏانهون ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين،
ڪي نه چڙهن چت تي، ڪي نه وسرن مور،
جنن مينهن ڪنڌڙيءَ ٻور، تنن دل وراڪو دوست سين"

ڏسو تہ مٿين شعر ۾ اصل فارسي لفظ دوست استعمال ٿيل آهي. يا لطيف جي هيٺين بيت ۾ بہ لفظ دوست ڪتب آيل آهي:

"سائيم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين"

لطيف جي سر سريراڳ مان هيٺيون بيت ڊاڪٽر صاحب نقل ڪيو آهي:

"مونا ونئن صراف سين پيچي چڏ بازي،
چاندي ڪئنو چلائين رپو روازي،
جت ٿيندو رب قاضي، ات توربندا تجويزسين".

ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ " هن بيت ۾ رواجيءَ جي ج کي ز سان مٽائي سنڌيءَ جي عام ماڻهوءَ واري ڳالهايل صورت "روازي" ڪم آندي وئي آهي. اڄ تائين " رواجي" بدران روازي جو اچار ڳوٺاڻن ۾ هلندو اچي." ص ١٠)

منهنجي گذارش بہ ساڳي آهي تہ مٿين شعر ۾ رواجي لفظ بدران روازي اڪر بہ شاعرانهي صنعت ماتحت محض شعر جي رواني ۽ سلاست قائم ڪرڻ لاءِ آندو ويو آهي. اسان کي لطيف جا پيا ڪيترائي بيت ملن ٿا، جن ۾ "ج" جو اچار ورجايل آهي.

سر حسينيءَ ۾ لطيف سائين فرمائي ٿو،

"جان جيين تان جل ڪانهي جاءِ جلڻ ريءَ،
تتيءَ ٿڌيءَ هل ڪانهہ ويل وهڻ جي."

پيو: "واڪاڪندس ووءِ مون سان جبل ٿو جاڙون ڪري."

ياد رکڻ گهرجي تہ لطيف سائين پنهنجي شعرن ۾ ڪن عربي ۽ فارسي لفظن جي بگڙيل صوت محض شاعرانہ صنعت ۽ سلاست قائم رکڻ لاءِ استعمال ڪئي آهي. جنهن جي شاعريءَ ۾ اجازت آهي نہ تہ ادبي ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ غلط العوام جي زمري ۾ اچن ٿا ۽ اسان جي چوٽي جي اديبن هن قسم جي الفاظ اچارڻ تي ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو آهي.مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي پنهنجي ڪتاب " آفتاب ادب" ۾ لکي ٿو تہ:

" پر همراهہ کي هرماهہ. طفل کي طلف چوڻ بلڪل غلط آهي،چوتہ همراهہ کي هرماهہ، طفل کي طلف فقط عام ۽ اڻ پڙهيل ئي چوندا آهن. پڙهيل هرماهہ ۽ طلف ڪڏهن بہ ڪين چوندا آهن. جيڪي لفظ عام لوڪ يعني اڻ پڙهيل، غلط اچاريندا آهن، انهن کي غلط العوام چئبو،نہ غلط العام. غلط العام لفظ ڪنهن بہ صورت ۾ صحيح ڪونہ چئباءِ انهن لاءِ علمي ۽ ادبي زبان ۾ ڪابہ جاءِ ڪانهي. غلط العوام بازاري لفظ ٿي سگهن ٿا، علمي ۽ ادبي لفظ نٿا ٿي

سگهن". (ص ٥٩)

لطيف جي شاعري عوامي ٻولي ۽ عوامي لهجي ۾ ان ڪري هرگز نہ آهي جو ان ۾ بغير ڪي بگر، دوست ڪي دوس، يا رواجي ڪي روازي اچاربو ويو. لطيف جي شاعريءَ بابت ڊاڪٽر عباسي صاحب جي هيءَ تحقيق غير علمي ۽ رد ڪرڻ جي لائق آهي. ٻر لطيف جي شاعريءَ جي عوامي ٻولي، لهجي ۽ مقبوليت جا ڪي ٻيا اسباب آهن، جن تي ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر سورلي، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي صاحب ۽ مرحوم مولانا دين محمد وفائي صاحب پنهنجن ڪتابن مقدمہ لطيفي، شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ شاهہ، شاهہ جي رسالي جو مطالع ۽ لطف اللطيف ۾ نهايت ئي تفصيل ۽ دلنشين انداز ۾ لکيو آهي. مٿين فاضل مصنفن جي ڪتابن مان قيمتي حوالا آخر ۾ پيش ڪندس.

سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ۽ فارسي الفاظ جو دخل

ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب جي هن ڪتاب پڙهڻ مان معلوم ٿو ٿئي تہ موصوف ڪي سنڌي ٻوليءَ منجهہ فارسي ۽ عربي لفظن کان سخت چڙ آهي ۽ عربي يا فارسي نما سنڌي زبان ڪي هو ورسايل طبقي جي ٻولي تصور ڪري ٿو.جڏهن تہ ٻين ٻولين جي الفاظ ڪي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ سنڌي ٻوليءَ جي خاصيت آهي. ٻوليون هڪ ٻئي تي اثر انداز ضرور ٿين ٿيون ۽ اهو تاريخ جو هڪ قدرتي پروسيس آهي، جنهن ڪي ڪوبہ روڪي نٿو سگهي. ان ڪري عربي يا فارسي لفظ بابت بقول تنوير جي غير متڪلف اچارن جي شڪايت ڪرڻ اجائي هاءِ گهوڙا آهي. علم لسانيات جي ماهرن ڪي خبر آهي تہ دنيا جي ڪابہ ٻولي پنهنجي اصلوڪي حالت ۾ اڄ موجود نہ آهي. خاص طرح فاتح قومن جي ٻولي ۽ ثقافت جو مفتوح قومن جي ٻولي ۽ ادب تي نمايان اثر ٿيو آهي. ذرا انگريزي ادب جي تاريخ جو مطالعو ڪري ڏسو. انگريز انگلو سئڪسان (Anglo _ Saxon) عهد حڪومت جي ادب ڪي انگريزي ادب چوڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن، جن جي بادشاهي انگلينڊ تي ٨٧٠ع تائين هلي هئي. هي سئڪسان اصل ۾ جرمن نسل سان تعلق رکندا هئا. جي وري رومي سلطنت جي زوال بعد انگلينڊ تي قابض رهيا. پروفيسر اي جي. واٽ(Whatt) پنهنجي ڪتاب "انگريزي ادب جي تاريخ (History of English Literature) ۾ لکي ٿو تہ "انگلوسئڪسان ادبي لحاظ کان انگريزي هرگز نہ آهي ۽ ان جي پڙهڻ جي سگهيا لاءِ تڪليف وٺڻ مان ڪنهن بہ قيمت وصول ڪرڻ

جی توقع ني نہ آهي ۽ ان مان ڪوبہ ڪڙ تيل نہ نڪرندو" .
(The Anglo English at all, Saxon in a Literary sense is not and that the trouble of Learning to read it, is out of Proportion to the value to be derived from it. P _ 1)

تنهن ڪان پوءِ پورا ٽي سؤ سال انگلينڊ تي نارمن (Norman) بادشاهن جي حڪومت ٿي. سندن عروج 1066 ع ۾ ٿيو ۽ زوال چوڏهين صدي ڌاري ٿيو. هن وز ۾ انگريزن جي دفتري ٻولي بہ هڪ ڌاري زبان فرينچ رهي. بلڪل ان نموني جيئن سنڌ ۾ ارغونن، ترخانن،مغلن، ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبيءَ ۾ پارسي زبان سرڪاري ٻولي بڻي. ٻنهي نسلن يعني انگريزن ۽ نارمن جي وچ ۾ ٻولي ۽ ادب جي معاملي ۾ ڪشمڪش ٽن صدين تائين جاري رهي ۽ آخرڪار پروفيسر وائٽ جي لفظن ۾ ان جي انتها هڪ مصالحت تي ٿي هني، جنهن مطابق ٻوليءَ جي لحاظ کان انگريزيءَ کي فتح ٿي، پر ان سان گڏ نارمن فرينچ جا هزارها لفظ انگريزي ٻوليءَ ۾ شامل ٿيا. جي ان کي قبول ڪرڻا پيا ۽ ٻئي پاسي وري بحر، وزن يا علم عروض ۾ فرينچ ٻولي کٽي وئي ۽ ان کي ڪاميابي نصيب ٿي. (ملاحظہ ٿئي ڪتاب مذڪوره ص ۹)

بالڪل مٿين مثال مطابق، اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ماضيءَ اندر سرڪاري زبانن، عربي ۽ پارسيءَ جا لفظ دخيل ٿيا. جي لسانيات جي اصولن مطابق اسانجي ٻوليءَ ۽ ادب کي قبول ڪرڻا پيا ۽ اهو تاريخ جو هڪ قدرتي پروسيس آهي، جنهن کي ڪوبہ روڪي نٿو سگهي. ڊاڪٽرتنوير ٻارا جيڪي اديب ۽ شاعر سنڌيءَ ۾ عربي ۽ پارسي لفظن خلاف شور ڪري رهيا آهن چون ٿا تہ اهڙن لفظن جا اچار غير فطري آهن، سي حقيقت ۾ تاريخ جي هڪ مجيل فيصلي کي چيلينج ٿا ڪن،جن مان ڪين ڪا هڙحاصل نہ ٿيندي. ترقي پسند ٽولي کي منهنجي گذارش آهي تہ ٻولي ۽ ادب جي باري ۾ هو ماضيءَجي تاريخي فيصلن جو احترام ڪن. ان ۾ ئي سندن ادبي ڀلائي آهي.

ٽي ـ ايس ـ ايلٽ جو غلط ترجمو

مٿي گذارش ڪئي وئي تہ موزون جڳهن تي فاضل مصنف جي غلط ترجمن جي نشاندهي ڪندو ويندس،ان لاءِ ڪي مثال اوهان پڙهي آيا آهيو. جناب ڊاڪٽر صاحب ايلٽ جي ڪتاب مان حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ، " هن جي نظر ۾ احساس جو اظهار عام طبقن

جي ٻوليءَ ۾ ٿي سگهي ٿو." (صفحہ ١٢) ايلٽ جي ڪتاب ۾ اصل انگريزي عبارت هن طرح آهي:

(Emotion and feeling then are best expressed in the common Language of the People _ that is in the Language common to all classes:P _ 19, Faber Limitted London, 1956 Ed)

صحيح ترجمو هن طرح ٿيندو، "جذبي ۽ احساس جو بهترين اظهار، ماڻهن جي عام ٻوليءَ ۾ ئي ٿي سگهي ٿو يعني ته اهڙي ٻولي جا سڀني طبقن ۾ عام هجي" تنوير صاحب کي عرض ڪندس ته ترجمي ڪرڻ وقت اصل عبارت جو خاص خيال رکي، جيئن مصنف جي پوري منشا ۽ مطلب پڙهندڙن آڏو واضح ٿئي. ڪنهن به هڪ موزون لفظ يا جملي جي معنيٰ کي ترجمي ڪرڻ وقت حذف ڪرڻ ٽي . ايس . ايلٽ جهڙي هڪ بلند پايہ اديب ۽ نقاد سان وڏي بي انصافي آهي.

شاهہ ۽ ورسايل طبقي جي ٻولي

ڊاڪٽر تنوير صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ " شاهہ ان خيال کان سنڌي شاعريءَ ۾ وڏو انقلاب آندو جو پنهنجي وقت جي سرڪار ۽ ان جي ورسايل طبقن جي ٻوليءَ کي ڇڏي ان وقت جي عام ماڻهن جي ٻولي ۽ لهجي ۾ شعر چيو." (صفحہ ١٢)

هتي تنوير صاحب کان هڪ سوال پڇڻ گهران ٿو. ٻڌايو تہ اوهان شاهہ کان اڳ جي دور وارن سنڌي شاعرن بابت ڪهڙي فتويٰ ٿا ڏيو؟ مثال طور شاهہ لطيف جي پڙ ڏاڏي شاهہ ڪريم بلڙي واري متعلق جناب جي ڪهڙيءَ راءِ آهي؟ ڇا هن پنهنجي وقت جي سرڪار، (ارغونن) ۽ ان جي ورسايل طبقي جي ٻولي يعني فارسي ۾ شعر چيو؟ ڇا شاهہ ڪريم ان وقت جي عام ماڻهن جي ٻولي ۽ لهجي ۾شعر نہ چيو؟ مان اڳ بہ لکي آيو آهيان تہ بقول ڊاڪٽر دائود پوٽہ صاحب جي، شاهہ ڪريم سنڌ جي شاعرن جو وهائو تارو ۽ سهڻي شاهہ لطيف جو مبشر آهي. سندس ڪلام جي پڙهڻ مان معلوم ٿيندو تہ هن پنهنجي وقت جي نج يعني عام ماڻهن جي ٻولي ۽ لهجي ۾ شعر چيو. سندس شعر جي ٻوليءَ بابت مرحوم مغفور ڊاڪٽر دائود پوٽہ صاحب لکي ٿو تہ " شاهہ جي بيتن جي ٻولي اڳوڻي نج سنڌي آهي، جا بلڪل صاف ۽ عربي ۽ فارسيءَ جي آميزش کان پاڪ آهي." (ڏسو ڪتاب شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جو ڪلام صفحہ ٢٩ بمبئي ڇاپو) تنوير جي مٿي ڏسيل معيار مطابق تہ شاهہ لطيف کان اڳ شاهہ ڪريم سنڌي شاعريءَ ۾ وڏو انقلاب آندو. ڇو

جو عربي ۽ پارسي جي آميزش کان پاڪ نج سنڌي يعني عام ماڻهن جي ٻولي ۽ لهجي ۾ شعر چيو. پر سنڌي ادب جي تاريخ جو مطالعو ڪريو ته معلوم ٿيندو ته لطيف کان گهڻو اڳ ٻيا به سنڌي شاعر ٿي گذريا آهن، جن وقت جي حاڪمن ۽ بقول تنوير جي پنهنجي وقت جي ورسايل طبقي جي ٻولي يعني فارسي کي ڇڏي نج سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪري وڏي انقلاب کي جنم ڏنو. مون اڳ ارغوني ۽ ترخاني دور جي سنڌي شاعرن جو ذڪر به ڪيو آهي. افسوس جو زماني جي ستم ظريفيءَ ڪري اڄ اسان وٽ ڪيترن ئي قديم شاعرن جا گهڻا بيت ختم معدوم ٿي ويا آهن، پر ڪجهه موجود آهن. انهن کي پڙهي اطمينان ٿئي ٿو ته لطيف جي ظهورکان گهڻو اڳ شاعرن، ان وقت جي عام ماڻهن جي ٻولي ۽ لهجي ۾ شعر چيو آهي. محترم پير حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب "مڪلي نامہ" ۾ هڪ بزرگ سيد علي جو هڪ قيمتي سنڌي بيت نقل ڪيو آهي. هي صاحب ارغوني دور ۾ ٿي گذريو ۽ پير صاحب جي تحقيق مطابق سيد علي جي وفات ٩٨١ هجري ۾ ٿي ۽ ان حساب سان شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري کان به عمر ۾ وڏو هو. سيد عليءَ جو فقط هڪ بيت مليو هن ريت آهي:

"رتن سانگ سڪن جو من کي رويو رهائين
آءٌ ٿي هلان هوت ڏي، هو ٿيون واريو وهارين
وربتيون ورن سين، وينيون گهر گهارين
ڪهندا ٿيون ڪارين، ڪا نہ هلندي هوت ڏي."

پيرصاحب لکي ٿو ته " مٿين ڏوهيڙي کي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ وڏي اهميت آهي. اهو ڏوهيڙو قاضي قاضن جي ئي دور جو آهي." (مڪلي نامہ صفحو ٦٩).

سيد علي پاڻ بقول پير حسام الدين راشدي صاحب جي فارسي، عربي، ۽ سنڌي زبان جو وڏو عالم ۽ اديب هو. ڊاڪٽر تنوير صاحب کي گذارش ڪندس ته مٿين ڏوهيڙي کي غور سان پڙهي. ڇا ان ۾ ڪو به عربي ۽ فارسي جو لفظ ملي ٿو؟ جڏهن ته سيد صاحب پاڻ عربي فارسيءَ جو وڏو عالم هو. هن پنهنجي ٻولين کي تنوير ورسايل طبقي جي ٻولي ڪوني ٿو. صاف ظاهر آهي ته لطيف کان به گهڻو اڳ سنڌي شاعرن عربيءَ ۽ پارسي ڄاڻڻ جي باوجود نج سنڌيءَ ۾ڪلام چيو. سنڌي شاعري ۾ هن قسم جو انقلاب شاهہ کان گهڻو اڳ ٻين سنڌي شاعرن جو آندل آهي. تنوير ان لاءِ فقط شاهہ کي ڪريڊٽ ڏئي ٿو. اهو ڏيکاري ٿو ته هن سنڌي ادب جي تاريخ جو مطالعو چڱيءَ طرح نہ ڪيو آهي.

شاعريءَ ۾ ورسايل ۽ غير ورسايل طبقي جو بحث

حقيقت هي آهي تہ شاعري هڪ اعليٰ فن ۽ خدا جي ڏات آهي ۽ ان ۾ ورسايل ۽ غير ورسايل طبقي جو بحث ڇيڙڻ علمي ۽ ادبي ذوق سان مطابقت نٿو رکي. ڏسڻ ۾ ايندو تہ ورسايل طبقي مان بہ ناليوارا شاعر، اديب، فلسفي، سياستدان، توڙي سائنسدان ملن ٿا، جن تاريخ جو رخ بدلائي ڇڏيو. ڇا اسان اهڙن عظيم انسانن جي تخليقات کان رڳو ان ڪري نفرت ڪريون ٿا ڇو جو بقول ڊاڪٽر تنوير صاحب جي اهي ورسايل طبقي سان تعلق رکندا هئا؟ مثال طور عظيم بنگالي شاعر رابندر ناٿ ٽئگور (Tagore) ورسايل طبقي سان تعلق رکندو هو. ڊاڪٽر صاحب کي خبر هوندي تہ ڊاڪٽر ٽئگور خانداني طور زميندار گهراڻي سان تعلق رکندو هو. ارڙهين صديءَ ڌاران ٽئگور فيملي اوله بنگال ۾ آباد ٿي ۽ ان وقت کان ڪين ٺاڪر بمعنيٰ معزز زميندار ڪوٺيو ويندو آهي. ٺاڪر لفظ وري انگريزيءَ ۾ ڦري ٽئگور ٿيو ۽ ان انگريزي اسم سان موسوم ٿيا. سررابندر ناٿ اُنهيءَ بنگال جي ورسيل طبقي جو چشم و چراغ هو، جو هڪ ئي وقت وڏو شاعر ۽ فلسفي ٿي گذريو آهي. سندس همہ گير شخصيت بابت مسٽر ڪئسرلنگ (Keyserling) جو رمارڪ ناقابل ترديد آهي. جيڪو مسٽر رشبوڪ پنهنجي ڪتاب " هندستان جا عظيم انسان" (Great Men of India) ۾ نقل ڪيو آهي.

(The most Universal, the most encompassing, the most complete human being I have ever met. _ P _ 573)

ٽئگور جهڙو جامع صفات شاعر بہ ورسايل طبقي سان تعلق رکندو هو، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو. ڇا رڳو هن جرم ڪري دنيا ٽئگور جي تحريرن کان نفرت ڪري؟ ڊاڪٽرتنوير کي سوچڻ کپندو هو تہ هن جي لکيل جملي جو اثر ڪهڙن انسانن تي ٿئي ٿو.

برٽراندرسل جو مثال وٺي ڏسو. يورپ جو هي عظيم دانشور، ممتاز فلسفي ۽ ناميارو اديب بہ ورسايل طبقي سان تعلق رکندو هو. هو اٺانوي سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. پاڻ ارڙهن ورهين جي عمر ۾ لکڻ شروع ڪيائين، ان حساب سان سندس تحريري عمر بہ اسي سال هئي. برٽراندرسل پنهنجي ڪتاب " حافظي مان تصوير" (Portraits from Memory) ۾ لکيو آهي تہ هن جو ڏاڏو لارڊ جان رسل (Lord john Russel) بہ دفعا برطانيہ جو وزير اعظم رهيو هو. (ڏسو مٿيون ڪتاب صفحو ١٠٩) لارڊ ۽ ورسايل طبقي جي خاندان مان برٽراند رسل جهڙو شخص پيدا ٿيو، جنهن جديد دور جي فڪري

Soorih Mirani

انقلاب ۽ عقليت پرستي جي رهنمائي ڪئي. تنوير جي لکڻ مان تہ اهو واضح ٿئي ٿو تہ رسل جهڙي شخص جي تحرير ڪان بہ نفرت ڪرڻ گهرجي ڇو جو هو ورسايل طبقي سان واسطو رکندو هو.

ساڳيءَ طرح بغداد جو عباسي خليفو هارون الرشيد ورسايل طبقي جو ماڻهو هو. پر هو شعر و شاعري ۽ ادب جي علم جو وڏو عالم ۽ نقاد هو. علامہ ابن عبدالبر پنهنجي عربي ڪتاب " عقد الفريد" ۾ هارون جي مشهور عرب اديب اصمعي سان ٿيل ادبي گفتگو ڪي نقل ڪيو آهي، جنهن مان هارون جي شاعري ۽ ادب تي عبور جو پتو پوي ٿو. علامہ ابوالفرج اصفهاني، عربن جي شاعري ۽ موسيقي بابت پنهنجي تصنيف " ڪتاب الاغاني" (The Book of songe) هارون جي فرمائش ۽ تعاون سان ڪل ايڪيهن جلدن ۾ لکيو هو. هي ڪتاب اڃا تائين موجود آهي.

مٿي ڪجهہ مثال ڊاڪٽرتنوير جي رد ۾ لکيا ويا آهن معلوم ٿيو تہ ورسايل طبقي جي ماڻهن بہ شاعري، ادب ۽ ٻين علمن جي شعبن ۾ وڏي خدمت ڪئي آهي، جنهن ڪي وساري نٿو سگهجي. جيڪڏهن هن ڏس ۾ ورسايل ۽ غير ورسايل طبقي جو بحث ڇيڙبو تہ اسين ڪيترن ئي جواهرن ڪان محروم ٿي وينداسون. پنهنجي ڪتاب " شاهہ لطيف جي شاعري" ۾ موصوف ورسايل طبقي جو نفرت سان تعارف ڪرايو آهي. جڏهن تہ علم، دانش ۽ شعر و شاعري جي خدمت ورسايل توڙي غير ورسايل، ٻنهي طبقن جي ماڻهن ڪئي آهي ۽ سندس هي چوڻ تہ "شاعري فقط ورسايل طبقي جي ميراث هئي" حقيقت سان مطابقت هرگز نٿو رکي.

ادب جي ميدان ۾ ورسايل يا غير ورسايل طبقن جو بحث مارڪسي فڪر جي غمازي آهي. اسان ڪي چڱيءَ طرح خبر آهي تہ مارڪسٽ ملڪن ۾ آزاديءَ سان سوچيندڙ اديبن ڪي ورسايل طبقي جي نمائندگي ڪرڻ جو الزام ڏنو ويو ۽ ڪين هر قسم جي ذهني اذيت ڏني وئي. ڪتاب " ڊاڪٽر زواگو" جو مصنف آنجهاني پاسٽرنانڪ ان جو عملي ثبوت آهي ۽ تازو سولزهيٽسن جهڙي بيباڪ اديب ڪي بہ ورسايل طبقي جو نمائندو سمجهي روس مان ڪڍيو ويو. سندس جرم فقط اهو هو تہ آزاديءَ سان سوچيندو هو. سرڪار هنجي فڪر تي پابندي وڌي. ڀلا ورسايل طبقي جي ايجنٽ هئڻ جو طعنو بہ ڪنهن ڪي سوچڻ کان روڪي سگهي ٿو؟ ڇو جو مشهور فرينچ فلاسفر ڊيڪارٽ جي بقول " منهنجي هستي سوچڻ جي ڪري آهي.

اسلامي تهذيب ۽ مغربي تهذيب

هڪ مطالعو- هڪ جائزو

مرتب: محمد موسيٰ ڀٽو

صفحا: ۱۲۸ قيمت: ۲۵ روپيا

- جديد معاشري ۾ عورت جي مقام ۽ حيثيت جو جائزو
- سرمائيدار مغربي تهذيب جو پوسٽ مارٽم
- مغربي فڪر الحاد، دهريت، مادرپدر آزادي، سيڪيولرزم، بنا خدا جي ڪائنات جي تخليق تي جامع علمي بحث
- مغربي سوسائٽي جو اندروني کوکلو خانداني ۽ معاشري جائزو
- اسلامي تهذيب جا روشن ۽ نمايان پهلو
- عدل، انصاف، مساوات، آزادي ۽ انساني حقن جي سلسلي ۾ اسلامي تهذيب جو ڪردار
- پنهنجي موضوع تي سنڌي ٻوليءَ ۾ اهم ۽ جامع ڪتاب

سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ

پوسٽ باڪس ۲۵۸- حيدرآباد

جيڪي ڏٺو آهه مون

مصنف: محمد موسيٰ ڀٽو

صفحا: ١٩٢ قيمت: ٢٥ روپيا

- اسلام تي جي ايم سيد جي اعتراضن جو مدلل ۽ شافي جواب
- انسان جي پيدائش جي فلسفي، رسالت، آخرت، قرباني، ڪعبة الله، سوئر جي گوشت وغيره جي مسئلن تي تفصيلي، تحقيق ۽ علمي بحث
- مذهب بابت جي ايم سيد صاحب جي نظرين تي ڀرپور علمي ڪتاب
- اسلام جي تعليمات ۾ پوشيده حڪمتن ۽ فلسفي تي جامع بحث
- اسلامي سزائن ۽ دور جديد جي رياستن ڀاران سزائن جي ڀيٽ ۾ مصنف جو اهڙو ڪتاب، جنهن ۾ دوستانه ماحول ۽ فضا ۾ جي ايم سيد جي نظرين سان بحث ڪيو ويو آهي ۽ احترام کي قائم رکندي سندس عقيدن ۽ خيالن تي ٽيڪاٽپڻي ڪئي ويئي آهي. ڪتاب جي مطالعي کان پوءِ پڙهندڙن جي آڏو جي ايم سيد ۽ مصنف جا دليل واضح ٿي وڃن ٿا ۽ نتيجي تائين پهچڻ ۾ آساني ٿئي ٿي.

سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ

پوسٽ باڪس ٢٥٨- حيدرآباد

Soorih Mirani

جنين لڏي راه

(علامہ محمداسد جي ڪتاب Islam at the Cross road جو ترجمو)

مترجم: محرم علي ٽگڙ

* مغرب جو فڪري ۽ نظرياتي مطالعو
* مغربي دنيا جي اسلام ۽ مسلمانن بابت خيالن جو تجزيو
* مسلم دنيا لاءِ مغرب جي پاليسيءَ تي هڪ نظر
* مسلم امت ڪي مغربي تهذيب ۽ ماديت جي علمبردارن پاران چئلينج ۽ ان جي نوعيت
* مغرب ۾ اسلامي اوسر جي رفتار جو جائزو
* نئين دور جي چئلينج سان منهن ڏيڻ لاءِ مسلمانن لاءِ پروگرام

سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ

حيدر آباد

Soorih Mirani

سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ جا ڪجھ اهم ڪتاب

1	تفسير عثماني. جلد پهريون	حضرت مولانا شبير احمد عثماني محرم علي لنگڙ
2	بهشتي زيور (مڪمل)	حضرت مولانا اشرف علي ٿانوي رح ماستر محمد پريل بيدار مگريو
3	اسلامي فڪر جي جديد تشڪيل	علامہ محمد اقبال رح عبدالغفار سومرو
4	حسن سنڌو حق	علامہ آءِ آءِ قاضي
5	حق جي تلاش	اما غزالي رح محمد رمضان معيري
6	اسلام ، جديد فڪر جي پس منظر ۾ (علامہ آءِ آءِ قاضي جي تقريرن جو مجموعو)	ڊاڪٽر عبدالعزيز عمراڻي
7	سنتين رات	ڊاڪٽر عبدالعزيز عمراڻي
8	اسلام اسانکي ڇا ڏنو؟	پروفيسر عبدالغني فاروق عبدالهادي ٽيبو
9	شيخ اياز جا آخري ڏھ سال	محمد موسيٰ ڀٽو
10	مسلمانن لاءِ نبوي تحفو	ڊاڪٽر محمد عبدالحئي رح
11	شيعہ فڪر جو تاريخي ارتقا	سيد موسيٰ الموسوي عبدالهادي ٽيبو
12	محسن اعظم ﷺ ۽ محسنين رضہ	فقير سيد وحيد الدين رشيد احمد لاکو
13	ٻري جن ٻاري (جديد دور جي پس منظر ۾ حق جي مشاهدي تي مشتمل اهم مضمون)	محمد موسيٰ ڀٽو
14	پريان سنڌو پيچرو (امام غزاليءَ جي ڪتاب احياءِ العلوم جو خلاصو)	محمد حنيف ندوي محمد رمضان معيري
15	عورت ـ قديم ۽ جديد تهذيبن ۽ اسلام جي پس منظر ۾	محمد موسيٰ ڀٽو
16	واري سپ ورق (حق جي پيغام ۽ مشاهدي بابت مضمونن جو اهم مجموعو)	محمد موسيٰ ڀٽو
17	ترقي پسند فڪر جو تنقيدي مطالعو	قربان بگٽي ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري

Soorih Mirani

نالو : صاحب خان ميراڻي

ولد : بهادر علي

ادبي نالو : سورهه ميراڻي

جنم : 08.04.1975

جنم هنڌ : ڳوٺ ڪبڙو، تعلق

رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.

حال ائڊريس : غريب آباد محل

نئون ديرو، تعلقو رتوديرو.

تعليم : M.A سنڌي

ڪرت : اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آف سنڌ پوليس

<u>اڻ ڇپيل ڪتاب</u>

ڌرتيءَ جا رکوالا (ٻارن لاءِ ناول) ١٩٩٥ ع

سائر سهس ڳجن (شاعري) 2021 ع

بره منجهارا بوند (شاعري) 2022 ع

صاحب ديوان سنڌي شاعر (تحقيق) اڻ مڪمل

موبائل نمبر : 0344 – 3919786

0300 – 3404488

اي ميل : sahibkhanmirani0@gmail.com

سوره سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان سوره ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488